A COMPREHENSIVE

SINDHI DICTIONARY

OF CLASSICAL & CURRENT SINDHI

VOI. IV (س ـ ک)

COMPILED
UNDER THE SINDHI ADABI BOARD'S DICTIONARY PROJECT

DIRECTED BY
N. A. BALOCH

-

REVISED BY
GHULAM MUSTAFA QASMI

Gul Hayat Institute

SINDHI ADABI BOARD
HYDERABAD/JAM SHORO
SIND
PAKISTAN
1985

جامع

سنڌي لغات

[ادبي توڙي عام مروج سنڌي ٻوليءَ جي]

جلد چوٿون (س ـ ک)

سعي و اهتمام سنڌي ادبي بورڊ

مرتبہ
ڈاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

نظر ثاني
علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي

Gul Hayat Institute

سنڌي ادبي بورڊ
جامشورو/حيدرآباد
پاڪستان

١٤٠٥ھ

جيتوڻيڪ سنڌي لغات لکڻ جو سلسلو هڪ سو سال اڳ، ۱۸ صديءَ جي وچ ڌاري شروع ٿيو، تنهن هوندي به باوجود ڪيترين ئي مخلصانه ڪوششن جي، سواءِ ڪن خاص لفظن تي مخصوص لغتن جي، سنڌي ٻوليءَ جي سنڌي لغات، جنهن ۾ مجموعي طور رائج ٻوليءَ جا مڪمل لفظ ڏنل هجن ۽ معنائون پڻ سنڌيءَ ۾ لکيل هجن، هن کان اڳ لکجي شايع ٿي نه سگهي آهي. ان ڏس ۾ هيءَ پهرين جامع سنڌي لغات آهي، جا سنڌي ادبي بورڊ طرفان هينئر پيش ٿي رهي آهي.

هن لغات جي لفظن جو ذخيرو هيٺين سرچشمن مان گڏ ڪيو ويو آهي:

(الف) ڇپيل ڪتاب،

(ب) اهي جملي ڇپيل لغاتون، جن جو سنڌي لفظن جي معنيٰ سان واسطو آهي،

(ج) ادب ۽ لغت جي اڻڇپيل قلمي ڪتابن جو ذخيرو، ۽

(د) اٽلڪيل عوامي ادب ۽ عام رائج سنڌي ٻوليءَ جا اڪر ۽ زنده جاويد ذخيرا، جنهن لاءِ سڄيءَ سنڌ جي هر ضلعي جي مکيه پاڳن ۾ مڪاني ماڻهو مقرر ڪيا ويا، انهيءَ لاءِ ته پنهنجي ٿَرَ جي ٻوليءَ جا الفاظ ۽ اصطلاح هٿ ڪري ڏين.

مٿين سلسلي ۾ هيءُ خاص احتياط پڻ رکيو ويو آهي ته جيئن سنڌي ٻولي جي مڙني مکيه محاورن يعني ته لاڙ، سري، ٿر، ڪاڇي، ڪاري، ڪچ ۽ لسٻيلي جي مخصوص ٻولين جا انوکا عام لفظ ۽ اصطلاح، هن لغات ۾ شامل ڪري سگهجن.

Gul Hayat Institute

نج سنڌي لفظن کان سواءِ عربي ۽ فارسي لفظن جو پڻ ڪافي وڏو ذخيرو سنڌي ٻوليءَ ۾ شامل ٿي چڪو آهي، ان کي پڻ هن لغات ۾ ڪماحقه داخل ڪيو ويو آهي، انهيءَ لاءِ ته هيءَ لغات سڀني طبقن لاءِ ڪارآمد ٿي سگهي.

مطلب ته هيءَ پنهنجي نوع جي پهرين سنڌي لغات آهي، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي هڪ جڏهي ذخيري کي شامل ڪيو ويو آهي ۽ هر لفظ جي عام توڙي اصطلاحي معنيٰ کي، شاهدن ۽ مثالن سان کولي ورجايو ويو آهي.

جامع

سنڌي لغات

[ادبي توڙي عام مروج سنڌي ٻوليءَ جي]

جلد چوٿون (س ـ ک)

بسعي و اهتمام سنڌي ادبي بورڊ

-

مرتبه

ڈاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

-

نظر ثاني

علامه غلام مصطفيٰ قاسمي

Gul Hayat Institute

سنڌي ادبي بورڊ
جامشورو/حيدرآباد
سنڌ
پاڪستان
۱۴۰۵هـ

[چاپو پهريون]　　سال ۱۹۸۵ع　　[تعداد چار هزار]

[سنڌي ادبي بورڊ جا سڀ حق ۽ واسطا قائم]

قيمت: ستر روپيا

Gul Hayat Institute

هي ڪتاب مئنيجر ميان الله بچائي يوسف زئي سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس، ٽڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ چاپيو، ۽ محمد حسين ترڪ، قائم مقام سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، بورڊ جي آفيس مان شايع ڪيو.

بسم الله الرحمن الرحيم

پيش لفظ

الله تعالىٰ جلشانه جا لک لک ٿورا جو سنڌي ادبي بورڊ طرفان جامع سنڌي لغات جو چوٿون جلد شايع ٿي رهيو آهي، جنهن ۾ "س" کان "ڪ" تائين حرف سمايل آهن. هن جامع سنڌي لغات جو ٽيون جلد پوٽن ٽن سالن جي محنت سان پورو ڪري ۱۹۸۴ع ۾ ٿي شايع ڪيو ويو هو ته هي چوٿون جلد وري هڪ سال اندر ئي ۱۹۸۵ع ۾ شايع ڪيو پيو وڃي.

ڪنهن به ٻولي جي لغات جو ڪم نهايت اهم هوندو آهي. تنهنڪري هي جلد اسان پنهنجي سنڌي ادبي بورڊ پريس مان نهايت خبرداري ۽ احتياط سان ڇپائيندا آيا آهيون. تنهن هوندي به هي چوٿون ۽ڏو جلد سخت محنت ڪري هڪ سال اندر ئي ڇاپي شايع ڪيو ويو آهي.

هن جامع سنڌي لغات جي سڄي اسڪيم جو نگران اعليٰ سنڌي زبان جو ماهر محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هو، جنهن جي رهبريءَ هيٺ سڄي لغات تيار ٿي آهي. پر ٽئين جلد وانگر هن چوٿين جلد جي بنيادي متن تي به نظرثاني ڪرڻ ۽ پروفن ڏسڻ جو ڪم برڪ عالم ۽ ماهر لسانيات علامه غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب، چيئرمن سنڌي ادبي بورڊ، جن سرانجام ڏنو آهي. اهوئي سبب آهي جو ٽئين جلد وانگر هن چوٿين جلد تي به محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان صاحب ۽ علامه غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جن جا اسمائي گرامي ڏنا ويا آهن.

قوي اميد آهي ته انشاءالله تعالىٰ هن جامع سنڌي لغات جو پنجون جلد (جيڪو آخري جلد هوندو) سو به جيترو جلد ٿي سگهيو اوترو جلد مهربان پڙهندڙن جي ساميون پيش ڪنداسين.

Gul Hayat Institute

محمد حسين تڙڪ
قائم مقام سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

جامشورو
۱۴- اپريل ۱۹۸۵ع

جامع

سنڌي لغات

[ادبي توڙي عام مروج سنڌي ٻوليءَ جي]

جلد چوٿون (س ـ ڪ)

بسعي و اهتمام سنڌي ادبي بورڊ

-

مرتبه

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

-

نظر ثاني

علامه غلام مصطفيٰ قاسمي

Gul Hayat Institute

سنڌي ادبي بورڊ

جامشورو/حيدرآباد

سنڌ

پاڪستان

۱۴۰۵هـ

س

س: سنڌي الف، ب جو اٺاويهون اکر- عربي، جو ٻارهون. فارسي، جو ٻندرهون اکر- (آچار سِيْنْ)- علم نجوم ۾ سج لاءِ ڪر ايندڙ. ابجد موجب عدد ٦٠.

● سِ: [سن. سَيَہ = هنجو] ضمير غائب واحِدَ جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندڙ ۽ مالڪي جي معنيٰ ڏيکاريندڙ. ٻچاڙي "سَنِيدَس = هنجو = پُٽُس = هُنجو = پُٽُ". پاڻَس = هُنجو = پاءُ".

● سُ: [سن. سُو = اتر] چڪائي، جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندڙ "اڳياڙي". اتر- اعليٰ- سُٹو- عمدو. سهڻو. جيئن "سُتڙ = چڱو تڙ، سُلڇٹو = چڱن لڇڻ وارو وغيره". اڇو. ليڪ. لهايت- سي انت. (سنسڪرت ۾ ٻنهنجي ٻنهنجي جاءِ تي عبادت، پروسي، اجازت، مشڪل، ترقي، سهوليت، خوبي، سهڻائي، خوبصورتي، ليکي، پلائي ۽ ڪنهن هنڌ زياد تي ۽ گهٽائي جي معنيٰ ڏيکاريندڙ. جيئن "سُقل = چڱي قل وارو. سُباسُ = خوشبوء وارو وغيره.")

● سَا: ظرف. (ف). ڪهڙو. وانگر. اڪثر لفظن جي ٻچاڙي، ۾ اچيُ مشابهت ڏيکاريندڙ اکر. جيئن: "آيسا = هن جهڙو، سُرمہ سا = سرمہ واريون وغيره" (ث). گرامر ۾ ضمير جواب موصول- آها- آهائي- ساڳي.

"جا لَڪَنِ لوسائي، سا سهج چڙهڻ ي سسئي" (شاهہ).

(ذ. صفت). ڪٽ جو هڪ انگ- هڪ سَو.

● سَاب: ظرف. (سن. ساڪَلْيَہ = ڪاميابي) پورو- سڌ- سجايو- برصواب- قبول- حاصل. ڪارگر- مجرّب. مؤثر- اثرائتو- ڪارائتو. سچو. حقيقي. دَستياب. وصولُ ٿيل- آيل- وڻيل.

- سَابِ پَوَنْ: سجايو ٿيڻ- فائدي وارو ٿيڻ- قبول پوڻ- وڻڻ- پسند پوڻ.

● سَابَرُ ۽ سَابَرَ: ذ. جانور جو هڪ قسم- سالبر- سامبر (هـ. سانبر).

● سَابَر سَنگِيُ: ث. هڪ پسارڪو وڪر.

● سابِقُ: [ع. سَبَقَ = هو اڳيان ويو، هن ڪَسَرَ يا گوءِ ڪنئي، هن شَهَرَ ڏني] اڳيون- اڳوٽو- جهولو- ڪڏ ريل- آڳاٽو- پراٽو- اڳوڻڪو- اصلوڪو- اصلي- پهريون- اوّلُ.

- سابِقاً: ظرف. اڳئين وقت ۾- هن کان اڳ- اڳي- پهرياٽين.

- سابِقَ دَسْتُورُ: ظرف. اڳئين وانگر- قديم دستور موجب.

- سابِقُ آلذِڪْرِ: ذ. اڳ بيان ڪيل.

● سابِقِيُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو- ساڪي.

● سابِكِيُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو- سابِقِيُ.

Gul Hayat Institute

● ساڻو چانوَرَ ¦ ذ. [ملايو ساڳو. مر. سابو] ڪجيءَ جي وڻ جي ڳپ مان ٺاهيل چانور- ساڻو داڻا- ساڳو چانور.

● ساڻو داڻا ¦ ذ. سابو چانور- سيگو چانور- ساگو چالور.

● ساڻيانُ ¦ ظرف. جاڻي واڻي- ديدَه دانستَه- ظاهر ظهور- ڪليو ڪلايو. سچ پچ- ساڻيانُ.

● ساڻا ¦ اسم خاص. هڪ ذات جو ٺالو.

● ساڻانڪهيُ ¦ ساڻانڪهيونُ (ل) ¦ ث. آڪَ جي ڦڏڻ جو ڳانو- سَهيڙَبُ.

● ساڻڪو ¦ ساڻڪا (ث) ¦ ذ. (آواز)- ڇهڪ جي ڏَڪَ جو آواز- شَٽڪو.

● ساڻهريُ ¦ ساڻهريونُ (ث): ث. زال- عورت.

● ساڻِ ¦ ظرف. ساڻِ.

- ساڻِ ٿوَنُ ¦ ساڻِ ٿوڻ.

● ساڻائيُ ¦ ساڻائيونُ (ڪ) ¦ ث. اجر جو وقت. پرهه ڦٽي- ٻاڪ- صبح.

● ساڻيانُ ¦ ساڻيونُ ¦ صفت. تصديق ڪيل- ثابت ڪيل- چڪاسيل- پڪو پڪَ- بحال ڪيل- سچو- برحق- راست. پورو- ٺيڪُ- صحيح- درست- سچ- رَءَ- ڪرو- چوڪو- حقي- صادق- سئون سڏو. خَلاصي. خالص- لڄ- شڌ. (ظرف). ظاهر ظهور- ڪليو ڪلايو- ڏنو و ٺنو- پڌري پٽ.

● ساتارِ ¦ ث. وَلِ جو هڪ قسم (وڻ تي چڙهندڙ، مٽي جي ورن مثل ساوا سنهڙا پن، پاڙ گجرن جهڙي، جنهن جي ڪل مان رسا و تڄن).

● ساتاڙو ¦ ساتاڙا ¦ ذ. شاديءَ بعد ڏن يا ستن ڏينهن ڪالهوءِ گهوٽ ڪنوار جو موڻي ڪنواريتن ۾ اچڻ جي هڪ رسم- سَتاواڙو- ستاڙو.

● ساتانَو ¦ ساتانا ¦ ذ. [سن. سپتن=ست+آنَ] هڪ هندڪي رسم- سانوڻ مهيني جي ٻارهين تاريخ ڪنهن ٿانءَ ۾ ستن قسمن جو اناج ڳڏ پوکڻ ۽ وري ٻڌي مهيني جي ٻارهين تاريخ درياهه ۾ آڇلائڻ جو ڪم.

● ساتاهو ¦ ساتاها ¦ ذ. ستن مهڻن جو حَمَلُ.

● ساتائُو ¦ ساتائُو: ذ. آٺر قطب وارو واءُ. (ڪ) سَٽائو واءُ.

● ساتو ¦ ساتا (ڪ) ¦ ذ. ستن ڏينهن تائين ماني نه کائڻ جو مذهبي. بڪ- لنگهڻ. ورت- روزو. بَڪ هڙتال.

- ساتو ڪرَنُ ¦ ستن ڏينهن ماني نه کائڻ- بک هڙتال ڪرڻ.

● ساتيڙو ¦ ساتيڙا (ث) ¦ ذ. ستن مهينن جواوهر.

- ساتيڙا ڏَڪَڻ ٻي اچنُ ¦ مُنجهيُ ٻوَنُ.

● ساتُ ¦ ساتَ: ذ. [سن. سَهيت- سارُٽ=ساٽ] اُٺن جي قطار- قافلو- ساڳو- سڳر- سوداگريءَ جو مال يا لَدُو. جماعت- انجمن- سوسائٽي- سنگت- ياري- جوڳ- جوڙ- ڳنڍ- اتفاق- ميلاپ- ايڪو- رفاقت- سنگت- شرڪت. لڳاحُ. پاسو- ساڻ- گڏ- همراه- سميت- سان- وٽ. اينڊ ڪوٽ- جُٻو- وڏو چولو.

- ساتُ پَرَنُ ¦ سمر کڻڻ- سوداگريءَ جو سامان کڻڻ (ٻيڙيءَ يا قافلي ۾).

- ساتُ لَٽَنُ: سنگت ٽُٽڻ- وڇڙڻ- جدا ٿيڻ- گڏ نه رهڻ.

- ساتُ ڏِيَنُ ¦ مصيبت ۾ مددگار ٿيڻ- همراه ٿيڻ- مدد ڪرڻ- رفاقت ڪرڻ

- ساتَرُ ¦ ساٽرَ ¦ ذ. ساٿ وارو سنگتي- آدارُ.

- ساتُ رَهَنُ ¦ گڏ رهڻ- همراه رهڻ- سنگ ۾ رهڻ.

- ساتوڙيُ ¦ ساتوڙِيُ: ذ. صفت. ساٿ وارو. ساٿ ڪري واپار وغيره لاءِ ويندڙ- قافلي وارو. واپاري.

- ساتُ هُجَنُ ¦ گڏ هجڻ- همراه هجڻ- شريڪ هجڻ.

● ساتَ ¦ ساٽَنُ ¦ ث. [ع. ساعت= گهڙي] گهڙي- پلڪ- پل- ڪين- لمحو- تمام ٿورو وقت- ساعت.

● ساتَنارِيُ ¦ ساٽَنارِيُ: صفت. [سن. سارتَ= ساٿ] ڪچهري- چوپاري- سنگت. مجلس- جماعت-

Gul Hayat Institute

سيڻا ـ سماج ـ مندلي ـ پنگت ـ انجمن ـ ميڙ ـ ٽولي ـ گروهه.

● سائٹر ۽ سائٹرون: ث. [ع. صَعْتَر] پساركي وكر جو هك قسم ـ دوا طور كم ايندڙ هك ٻوٽي جو ناڙو. (٢ قسم ١ ـ جبلي ٢ ـ بَري). دوا ـ علاج ـ دارون ـ سُٽي.

● سائٹريه ۽ سائٹريَن (ك): ث. صفت. ماڻهوءَ كان ٿاهه نه كائيندڙ پكري.

● سائٹ گرم: ذ. هك مرض جو نالو ـ اونهاري جو زڪام.

● سائٹن: مصدر. گڏ رهڻ ـ گهارڻ.

● سائو ۽ سائٹا: ذ. سمر ـ آذرقو ـ آبكو. توشو. مرهم.

● سائي ۽ سائٹي: ذ. صفت. [سن. سارٿي = پيڙو]. سات ڏيندڙ ـ سنگتي ـ دوست ـ همراه ـ يار ـ گانڍڙ ـ جليس ـ محبت ركندڙ. شامل ـ شريك ـ پيڙو ـ ٻيلي ـ مدد گار ـ پرجهلو ـ رفيق.

● سات ۽ سائون (ك ـ ل ـ ت): ث. گهر ـ ماڪ ـ آلاڻ ـ مات.

ـ سائيجن: مصدر. ماڪ هڻ پسڻ ـ ماكجڻ ـ ٻيجڻ ـ آسائجڻ ـ پسڻ ـ آلو ٽيڻ.

● سات ۽ سات (ل): ذ. سَوڻ ـ ساڻ:

"ٻها ڪٽيون سات كري، ٻهون پرڻايو"
(مهيري).

ـ سات سَوَن ۽ سات سَوَن: ذ. ساڻ سَوڻ.

● سائارن (ك): مصدر. ٽڪ ڀڃڻ ـ آرام كرڻ. آهسته آهسته هلڻ چلڻ. سائاڻ.

● سائاڙو (ث): ذ. واهو. واهو پيارن.

● سائاڻن: مصدر. آهستي آهستي هلڻ ـ چُرڻ ـ ٽُرڻ. پورهئي كان پوءِ "وري ڏيهر آرام كرڻ. فرحت كرڻ ـ وسرام وٺڻ. سكر ٽيڻ ـ بيماريءَ مان اٿڻ.

● سائاٹو ۽ سائاٹا (ت): ذ. بيماريءَ جي ستَ ـ موتن جو وار (كنهن وڇڙندڙ بيماريءَ سبب).

ـ سائاڻي وَجَن: ذ ڪ جهلي وڃڻ ـ سهي وڃڻ.

● سائڙيو ۽ سائڙيا: ذ. صفت. راند ۾ وارو هلائيندڙ ـ پرجهلو ـ حمايتي ـ رفيق ـ هم صلاح.

ـ سائڙيو گاڏڙيو ۽ سائڙيا گاڏڙيا: ذ. هك ٻئي جو پرجهلو ـ رفيق ـ همراه ـ حمايتي ـ ساٿي. هم صلاحو ـ ها ۾ ها ملائيندڙ. دلال ـ وچ وارو ـ ڏوتو ـ ٻچاڙو ـ وچ ڪٽائو.

ـ سائڙيو گاڙيو ۽ سائڙيا گاڙيا: ذ. صفت. سائڙيو گاڏڙيو. (شكار تان ورتل اصطلاح، هكڙا اڳيان ستيندا هلن، ٻيا گز كمان كنهو هلن، تتر يا پكي اڏاسو نه آهي تہ ستيو نه آهي. (بلبل)).

ـ سائڙيو گاڙيو ٽيمَن: هم صلاح ٽيڻ ـ گهٽ وڌ ۾ مدد كرڻ ـ ها ۾ ها ملائڻ.

● سائڪيي ۽ سائڪيون: ث. ٻڙيءَ جو هك عضوو ـ مڙهه كي ٻڌل نوڙيءَ جو ٽڪر.

● سائڻ: مصدر. گذارڻ ـ گهارڻ ـ لباهڻ ـ وهائڻ. لنگهڻ ـ صرف كرڻ ـ كپائڻ. كم آڻڻ. نبيرڻ. پورو كرڻ (وقت).

● سائو ۽ سائٹا: ذ. [سن. ساهٽيم > ستَ = مٽا سٽا] عيوض ـ بدلو ـ بَدو ـ بدر. وارڦير ـ اٽل پٽل ـ مٽا سٽا ـ وارو وٽي ـ ڏي وٺ ـ بدل سدل. وڏو واپار ـ سَودو ـ سنو ـ ليكو ـ مقاطعو. هوڏ ـ بول ـ شرط ـ شرطي معاملو. جيئن:

"سائو سوره سر جو، ركي ٻين ٻر"
(محمد كٽياڻ).

تَكَ ـ تَل ـ اٽكل. سنائيءَ جو هك قسم. جلين يا مالپوڙن ٿاهڻ لاءِ گوهيل اٽو. پوٽيءَ جو هك قسم (پاري جي كشتي ٿاهڻ ۾ كم ايندڙ). چوپائي مال جي بيماريءَ جو هك قسم. سائو (سائٹرو). كنهن وٽ يا ڏاس وغيره كي سڏ جو لكڻ ـ ٽڪ ـ بالٹو ـ ڏڪ ـ چڑي ـ چهو ـ چهبڪ ـ چمڪ. لڙي هٽ كان پوءِ بچيل بج كي زمين ۾ داخل كرڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ چهٻڪ (ت). ڏولڪو ـ ڏكر ـ ڏنبو ـ ڏكو (راند كرڻ جو). ڏاس، ميلس يا ٻهر جي

Gul Hayat Institute

ولگرن سڌ جي حالت (ت ـ ل). زيور جو هڪ قسم ـ پيرن ۾ پائڻ جو زيور ـ پازيب.
ـ سائا هڻڻ (سائرا هڻڻ) (ت): ٻاهه ۾ سڙي ويل پاڻ ۾ رک کي مڊو ڪرڻ.
ـ سائو ڏيڻ (ت): پڪين کان بچ لڪائڻ.
ـ سائوڪرڻ (سائيرو ڪرڻ) (ت): شڪار لاءِ تترن کي جهنگ مان آڻرڻ. (شڪار جو محاورو).
● سائور: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. (اڪثر حيدرآباد لاڙڪاڻه ۽ اتر سرحد سنڌ ۾).
● سائوڙو: ذ. ڏڪ ڏڪ. (ٻيلا). ڏر ۾ ول جو هڪ قسم (گول پن؛ زمين تي پکڙندڙ؛ خاص طرح آٽ ڪائيس) سڏيو.
● سائوڪ ۽ سائوڪ (ڪ): ذ. صفت. مار ڪائڻ کان پوءِ به ڪم نه ڪندڙ ـ نيئر ـ ضدي.
● سائوڪڙ ۽ سائوڪڙ (ت): ذ. صفت. ٽلهو ـ متارو ـ تندرست.
● سائي ۽ سائي: ذ. صفت. ڇڻي وڪڻندڙ. (اسم خاص) هڪ ذات جو نالو ـ صبح پوڻا. (ث. سائياڻي ۽ سائياڻيون).
● سائيو ۽ سائيا (ت): ذ. سائي.
● سائيڪو ۽ سائيڪا: ذ. ڪوهه ـ چاهه.
"جين سائيڪا سنجهاڻ سي ڏڻي ڪيڙئي ڪانهن"
(شاهه)
(ث). ذ. پيان ـ پيانو ـ پيلانگو ـ پيسانگو (ل).
● ساڻ ۽ ساڻ: ذ. ٺهڻو مهورت. سوڻ ـ سڳڻ ـ سڳڻ ـ شگون ـ ساڻ. (شاديءَ ۾) سينگار جي هڪ رسم. حيلو ـ تحويز ـ اٽڪل. ٻاراڻي بيماريءَ ۾ ورتل ٻار کي ڪيل مالش يا سوڻ.
ـ ساڻ سڳڻ ۽ ساڻ سڳڻ: ذ. شاديءَ جي موقعي يا ٻئي ڪنهن خوشيءَ جي موقعي تي مقرر ڪيل رسم ـ ساڻ سوڻ.
ـ ساڻ سوڻ ۽ ساڻ سوڻ: ذ. ساڻ سڳڻ.
ـ ساڻ ڪرڻ: شاديءَ جي موقعي يا ٻئي ڪنهن خوشيءَ جي موقعي تي مقرر ڪيل رسمن کي عمل ۾ آڻڻ ـ سوڻ ڪرڻ ـ سڳڻ ڪرڻ. ڪاڪڙي جي خرابيءَ کي هٽ هڻڻ. مالش ڪرڻ.
● ساڻڻ: مصدر. سڳڻ ساڻ ڪرڻ ـ ساڻڻ. روءِ مقابل ٽيڻ ـ وڙهائڻ ـ سهڻ ـ برداشت ڪرڻ ـ لوڙڻ ـ پوڳڻ. ٽڪا ڏڻ.
ـ ساڻرائيڻ (ت): مصدر. ٽڪا ڏيارڻ ـ ٽڪائڻ.
ـ ساڻو ۽ ساڻ (ت: د. ٽڪا ڏيندڙ ـ ويڪسينيٽر.
● ساڻي ۽ ساڻي: صفت. سڻي يا بار وارو ـ باربرداري وارو ـ باري ـ لاڏو (آڻ).
"سجن ساڻي آڻ جيئڻن؛ مڇي ماس ڪن؛ توڙي وس چرن؛ تہ به رت نہ رتيءَ جيترو"
(گرهوڙي).
● ساڻيڪو ۽ ساڻيڪا: صفت. [سن سَٺ = سڻ] اٽڪل سڻ ـ اندازا سڻ ـ سڻ ڪن. ڏر ۾ ڪوهن جو هڪ قسم؛ سڻ پُرهَ آونها. ڪوهه ـ ساڻيڪو.
ـ ساڻيڪا سَنڀَڻ: ساڻيڪي ڪوهه مان پاڻيءَ جا ٻوڪا پري ڪيڻ.
● ساڻيار ۽ ساڻيار (ت): ذ. پوسل واريءَ جاءِ تي وڻن جي پاڙن مان ليندڙ هڪ قسم جو جيت ـ ساڻو.
● ساڻرُس ۽ ساڻرُسَ: ذ. صفت. [سن. سا = چگو + پُرش = مرد] سنو ماڻهو. چگو ماڻهو ـ نيڪ مرد ـ ست پُرش ـ ساڌو (سامي) وَرُ ـ مڙس ـ پتار ـ ڪائڌ (مهيري). داناءُ ـ نيڪ ـ سياڻو ـ ڏاهو ـ سمجهو. ساڻرش.
ـ ساڻرُش ۽ ساڻرُشَ: ذ. صفت. ساڻرُس.
● ساڻو ۽ ساڻا: ذ. (هـ). پاڻيءَ ۾ گپ ۾ رهندڙ ڪينئن جو هڪ قسم ـ ڪيچوئو ـ سانپو. (سياري جي اوائل ۾ وڻن جي پاڙن مان پوسل ۾ ليندڙ دوائن ۾ ڪم ايندڙ). ساڻار.
● ساڄ ۽ ساڄ: ذ. [ف. ساز = سامان. سن. سَج = سينگار] سامان ـ ٽپڙ ـ اسباب.
"سج سيو ٽي صحي سنواري"
(شاهه).
ساز. ٺاهه ٺوهه ـ سڳڻ ـ ساڻ ـ سات. ٻيڙيءَ جو سامان ۽ وسلا؛ جهڙوڪ: ڪوهاڙ؛ اولاڙ؛ ونجهه وغيره. (سر سريراگ ـ گر). آڻ جي سينگار جا ٽپڙ (ث). [سن. شاڪهه] ساڳ جي ڪاٺي.

Gul Hayat Institute

● ساجِدُ ۽ ساجِدَ: د. صفت. [ع. سَجَدَ = هو نَمِيو] ڪريل ـ ڏنل ـ ليڌل ـ نِمِيل ـ نمندڙ. سجدو ڪندڙ.

● ساجِدِيُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. (بلوچ قوم جو هڪ قبيلو).

● ساجَنُ ۽ ساجَنَ: ذ. [سن. سُهَ جَنَ = پنهنجو ماڻهو] عاشق ـ پرين ـ سُپرين ـ مَحب ـ دل گهريو ـ پياروـ پيار ڪندڙ ـ پريتم ـ معشوق ـ من موهن ـ دلبر ـ جاني ـ محبوب ـ ڌڻ ـ دلدار. سجڻ ـ دوست ـ يار. خاوند ـ مڙس ـ ڪانڊ ـ پتار. سائين ـ مالڪ. خداوند ـ پروردگار ـ صاحب ـ ڪرتار.

● ساجَنَاه: اسم خاص. تعلقي ٿندي الهيار ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ساجَنَ واهُ: اسم خاص. تعلقي ڏل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ساجُ ۽ ساجَ: ذ. [سن. سَجّ = سينگارڻ] گهوڙي يا اٺ جو سنڄ ـ ساجُ. رَجُ ـ اوزار. سَجهُ ـ وَجهه ـ وارو. پڙيءَ جا هيڻيان پ پاسا ـ ساڙ (ڪ).

"متو واهڻ ڪن ڪري: سبو انين ساج"
(شاهه ڪريم).

سچو ـ سَڻئون ـ درست. چڱو ـ سٺو (هـ. ساجُ).

● ساجَنُ ۽ ساجَنَ: ذ. (هـ). سجڻ ـ دوست.

● ساجو ۽ ساجا: ذ. صفت. [سن. (۱) ساڌ = چڱو (۲) سن. سَجّ = تيار ڪرڻ] سڻئون ـ سڌو ـ ساجي پاسي واروـ سُٻتو ـ سچو ـ جيڏو پاسو. سَرند ـ آسودو ـ ستابو ـ سڌر ـ سکيو ـ سجي مانيءِ وارو ـ شاهوڪار ـ دولتمند ـ ونهيون ـ پاڪيو ـ سائو ـ ڏَناتُ ـ پلیار ـ آباد ـ مالامال. ڏوڪيل ـ پورو ڪيل ـ ماني ڪاڌل. تندرست ـ نوانو ـ سجر (مهراڻ). تيار ـ سبريل ـ هوشيار. سهنجو ـ سوڪو ـ ستارو ـ موچارو ـ ٽلهو. قابو ـ پختو (سر سريراڳ ـ گر) (ناڪٽن جو اصطلاح ۾) سڏائو واهُ.

ـ ساجائيُ ۽ ساجائِيُونَ: ث. دنيا داري ـ تونگري ـ شاهوڪاري ـ ڏاڍاني. چڱيلائي ـ چاڪائي ـ نندرستي.

ـ ساجَڙُ ۽ ساجَڙَ: ذ. صفت. ساجي هٿ سان ڪم ايندڙ. (ضد. ڪاهَڙُ ۽ ڪاهَڙَ).

ـ ساجوُ ٽِيڻُ: شاهوڪار ٽيڻ ـ سکيو ٽيڻ ـ آسودو ٽيڻ. تندرست ٽيڻ.

ـ ساجوُ ڏڪيڻُ: ذ. سَر ڏڪڻ (واءُ). (منجهند ڪان سڃ لڏي).

ـ ساجوُ واءُ: ذ. درياءُ جي وهڪري ڪي سامهون واءُ (ڏڪڻ اوپر جي سيڊ ۾ سامهون لڳندڙ واءُ).

ـ ساجِي ڀانهَنُ هُٿَنُ: مددگار هٿ ـ صلاحو هٿ ـ وڊيڪ ويساهه وارو هٿ.

● ساجِيُ ۽ ساجِيهُونُ: ظرف. چڱيءَ طرح ـ چڱيان ـ پليءِ پت ـ خوب ـ ٺيڪ طرح ـ دوستيءِ سان. پوري پوري ـ خاص طرح. (ث). آسودائي ـ سرندائي ـ شاهوڪاري ـ سُک ـ ڏنواني. وَجهُ ـ وقت ـ وارَ ـ ولُ ـ اوسَرُ ـ سَجهُ ـ ٽيڻُ ـ موقعو ـ سٺو ـ سانگو ـ ڏَتُ.

ـ ساجِيُ لڳَنُ: (فائدي وارو) وَجهه ملڻ ـ موقعو ملڻ ـ جهت لڳڻ ـ سٺو ٽيڻ ـ وارو اچڻ ـ سَجهُ ملڻ.

● ساجُهه ۽ ساجَهه: ذ. وَجهه ـ وارو ـ سهج ـ سهنج ـ ٽيڻُ ـ موقعو ـ سٺو.

● ساجهُرِ: ظرف. سويل ـ سوير ـ سويرو ـ سويلو. آڪاڻو. جلدي ـ سيکهو ـ تکڙو ـ بنا دير ـ جهت پت. صبح جي وقت.

ـ ساجهُر سَڏجهو هِڪُ ڪَرَنُ (ت): ڪهڙو ڪم ڪرڻ ـ وڊي تڪليف وڻڻ.

● ساجارو ۽ ساجارا: ذ. صفت. [سن. سَت جيا = ست = چڱو + جُڃا = جاڻ] سُڃاڻپ وارو ـ سڃاڻو ـ سُڃاڻندڙ. جاڻو ـ سڃاڻو ـ واقف ڪار ـ مُهاڪرو ـ سَهِيُ ـ ملاقاتي ـ ملڻو. دوست ـ يار ـ سنگتي ـ ساٿي ـ سجڻ ـ گهٽڪرو ـ حبيب ـ رفيق. ث. ساجارِيُ ۽ ساجارِيُونُ):

"ائين چوندي ڪير تہ آءٌ ساجاريُ سجڻين".

● ساجاڻِ ۽ ساجاڻِيُونُ (ث): ث. سانڍجڻ ـ رڌ پڇاڻ.

● ساجاهَہ ع ساجاهُونُ: ث. [سن. سَتْجِجا = ست = چگو + جِجا = جاڻ] ساڃاهہ - ساڳاهہ - سمجهہ، حَيائُ - لَجَ - شرم - ڪائي - مرم. هوش - پرک - حوصلو - حواس - اوساڻ - راءِ - خيال. ياءُ - ارٿ - معنيٰ - مطلب. لحاظ - پاسيرائي. حدا شناسي - معرفت - سڃاڻپ - واقفيت - ساڃاڻ - ادب.

● ساجاڻ ع ساجاڻُونُ: ث. [سن. سَتْجِجا = سمجهہ] سڃاڻپ - ڏيٺ - واقفيت. سڌ - سماءُ. معرفت - خدا شناسي.

- ساجاڻُو ع ساجاڻُو: ذ. صفت. ساڃاهہ وارو - سمجهہ وارو - ڏاهو.

- ساجَنُ ع ساجڻُونُ: ث. رڌ پچاءُ جو ڪمُ ساڻ ٿئي (ت).

- ساجيٽُو ع ساجيٽا: ذ. رڌ پچاءُ جي جاءِ - رنڌڻو - هور چيخالو - رسوئي گهر.

● ساجهَہ ع ساجهُونُ: ث. [سن. سَتْجِجا = سمجهہ] سمجهہ - ڄاڻ - عقل. شناخت - واقفيت - پروڙ - پڇاڻ. امتياز - ساڳاهہ. وَسُ - اختيار - مرضي. ڏاهپ - اڳ چيتي - دور انديشي. حَيائُ - شرم - لج - مرم - ڪائي. ادب - لحاظ - مروت - لوڙ.

- ساجهہ مانُ لِڪَرَنُ: بي حيا ٿيڻ - بي شرم ٿيڻ - بي غيرت ٿيڻ - هوش و حواس کان لڪرڻ.

● ساجهَنِ ع ساجهڻُونُ (ث): ث. رڌ پچاءُ جو ڪمُ - ساڃاڻ - سانجڻ - سانجيوڻِ (ت).

- ساجيهيٽُو ع ساجيهيٽا: ذ. رڌ پچاءُ جي ڪمُ جو هنڌ - رنڌڻو - رسوئي گهر - ساجيٽو.

● ساچيُ ع ساچيُونُ: ث. سچي - سَچ واري - ڪري - راست:

"ساچيُ ٽيانُ سينگڙِيُ، رنمل هاڻ ڪري"
(شاهہ)

- ساچي ٽيئنُ: سچي ٽيڻ.

● ساحَتُ: ذ. ث. (ع) اڱڻ - آڱور - آڪنڊ.

● ساحِرُ ع ساحِرَ: ذ. صفت. [ع. سَحَرَ = هن جادو ڪيو] سحر ڪندڙ - جادو ڪندڙ - جادوگر - فسون ساز. [ث. ساحِرَہُ]

- ساحِريُ ع ساحِريُونُ: ث. جادوگري - جادو - فسون سازيُ.

● ساحِلُ ع ساحِلَ: ذ. [ع] درياءُ يا سمنڊ جو ڪنارو - ڪپ - ڪنڊي - پر - پاسو - ڪنڌو.

● ساخْتَ ع ساخْتُونُ: ث. (ف) بناوٽ - ٺاهَپ - گهڙت - گهاڙ - گهاڙيتو - اڏاوت. بيهڪ - ترڪيب.

- ساخْتَہ: صفت. بنايل - گهڙيل - ٺاهيل. مصنوعي - ڪوڙو - نقلي. جيئن "خود ساختہ" وغيره".

● سَادَ: اسم خاص. هڪ ذات جو ٺالو. (اڪثر لاڙ ڪاڇ ۾).

● سَادات ع سَادَاتَ: ذ. [ع. ساد = هو سردار ٿيو] سيّد جو جمع - خ تون جنت فاطمہ رضي الله عنها جو اولادُ - شهزادو - سردار. سيّد قوم.

● سَادِ ڪُوفِي: دوا طور ڪم ايندڙ هڪ قسم جي گاهہ جي پاڙ - ڪَلِ گاهہ جي پاڙ - ناگر موٿ جي پاڙ.

● سَادِ نُجُ: ذ. دوا طور ڪم ايندڙ پٿر جو هڪ قسم.

● سَادو ع سَادا: ذ. صفت. [ف. سَادَہ = سادوُ] هلڪو - ڪمتر - گهٽ - آڇو ٽڙ - گهٽ قيمت وارو - حقير. وچولو - پورو ٻنو - درميانو. اڻ سينگاريل - پسو - ٻٽو - ٻوڪو - سڪٽو. رُکو (ڪاڏو). صاف دِلُ - سٿون سِدو - صاف - چٽو - ٻدرو. آسان - سولو - سليس - سهنجو. سَرل - سچو - سيرُ چَلُ. چڙو - مفرد - اڪيلو - نيرو - ڪورو - غير مرڪب - خالص - شُدّ. وسوڙيل - هالو پولو - پورڙو - جَتُ آناڙي - بي ڏوهو - نيهِڪَيَتُ.

- سَاداڻِ ع ساداڻُونُ: ث. سادگي - سادائي.

- ساداڻِيُ ع ساداڻِيُونُ: ث. سادگي - صفائي - سٿرائي. هلڪائي - پورڙائي - بيوقوفي. اڇاڙائي.

- سادِ ڪِيُ ع سادِ ڪِيُونُ: ث. صفائي - سٿرائي - اڇائي - پورڙائي - وسوڙي. صاف دلي - سچائي.

- سادو سُودوُ ع سادا سُودا: ذ. صفت. هلڪو سلڪو - پورو ٻنو - وچولو - موافق - گهٽ قيمت وارو.

Gul Hayat Institute

= سادو قُولُ: ذ. صفت. اڇو - آجرو - صاف - سفيد.
= سادو وياجُ: ذ. رياضي جي علم ۾ وياج جي حسابن جو هڪ قسم - نيرو وياجُ.
= سادِيُ ۽ سادِيُونُ: ث. سادو جو مؤنث. نادانيءَ جهڙي - جنڪيُ.
= سادِي بوريُ: ذ. راند جو هڪ قسم (درجو ٻيو قديم).
= سادِي صُورَت: ث. علم رياضي موجب اٿور جي حسابن جو هڪ نمونو (جنهن ۾ چيد يا انس ڪي هڪ جهڙائي ۽ آٿي، پيڇل انگن ۾ نند وڌائي جي تميز ڪرائي سگهجي).
● سادَهُ: صفت. (ف) سادو.
= سادَهُ دِلُ: ذ. صفت. [ف. ساده + دل] صاف دِل - ايماندار - ڀالو ڀولو.
= سادَهُ دِلِي ۽ سادَهُ دِلِيُونُ: ث. صاف دِلِيُ - بي رِيائي. بي وقوفي.
= سادَهُ رُو ۽ سادَهُ رُو: ذ. صفت. [ف. ساده + رُو = مُنهن] صفا منهن وارو - نيڪ طبيعت.
= سادَهُ طَوُر: ظرف. [ف. ساده + طور = نمونو] ناهه ٿوهه ڪانسواءِ - سادِي نموني.
= سادَه لَوحُ: ذ. صفت. [ف. ساده + لوح = ڦرهي (طبيعت)] ڀالو ڀولو. بي وقوف - نادانُ.
= سادَهُ لوحِيُ: ث. ڀالائي - ڀولائي. بيوقوفي - نادانيءَ.
= سادَهُ مِزاجُ ۽ سادَهُ مِزاجَ: ذ. صفت. [ف. ساده + ع. مزاج = طبيعت] صاف مزاج - سادي طبيعت وارو.
= سادَهُ مِزاجِيُ: ث. صاف دِلِيُ - بي رِيائي - بي تڪلفي - سادِگي.
= سادَهُ وَضعُ: ظرف. [ف. ساده + ع. وضع = طريقو] سادَه طور.
● سادَهَ ۽ ساڏَ: ذ. صفت. [سن. ساڏُ = ڏرمي ماڻهو] ڏرمي ماڻهو - ڏارمڪ - فقير - ساڏو. پڳٽ - پوڄاري - عابد. مُتَقِيُ - پرهيزگار - ليک. مهاتما - سَنت - جوگي - درويش - ڏرمشٽ - سنياسي - راهب - ديندارُ - خدا ترسُ - دينائيتو. پوِتَرُ - پاڪُ - مقدس - ڏرماتما - نمازي - عارف. چڱو مڙس - اشراف. سَڪَرُ.
= ساڏائُو ۽ ساڏائا: ذ. صفت. فقيرائو - درويشائو.
= ساڏ پَڏِيُ: ث. صوفين يا ساڏَنُ جي ساهه پڏڻ جي هڪ جاءِ.
= ساڏ پَڏِي: ث. سُڻي سمجهه. مَتَ جو مذهب جي طرف لاڙو.
= ساڏَپائيُ ۽ ساڏ پائِيُونُ: ث. فقيرپائي - درويشي.
= ساڏُپاڏَ ٽِيڻَنُ: آجو آجورو ٽيڻ. آجو پاجو ٽيڻ. بي ڏوهي ٽيڻ.
= ساڏ پَنڌُو ۽ ساڏ پَنڌا: ذ. ساڏ پِيُ - درويشيُ. ساڏن جي خاصيت - ساڏَن جو ڪر. پاڪائي - ديندارِيُ - خدا ترسي.
= ساڏُ پَوَنُ: پُڄِيُ وَڃُ (ڪ): وِيُرَ جو صفا لهي وڃڻ. پاڻِيُ سُڪِيُ وَڃَنُ.
= ساڏُڪو ۽ ساڏُڪا: ڏ. صفت. ساڏن جو.
= ساڏ ٽِيُ ۽ ساڏ ٽِيُونُ: ث. ساڏُو جو مؤنث.
● ساڏارَنُ ساڏارنَ: ذ. صفت. [سَنُ. ساڏارَنُ] عام - رواجي - هالو - هلندڙ - عام جام - مَعمُولِيُ - سادو - هلکو - ٻورو ٻنو. (ظرف). روز مَرَه - هميشه - روزانو - روز ٻروز - وچولو - وچٽرو.
● ساڏارَنُ: مصدر. سنوت ۾ آڻڻ - هڪجهڙائي ڪرڻ - سڌو ڪرڻ. سڌارڻ. پيڪيڙڻ (پاڻ، پنجهو وغيره).
● ساڏانُ ۽ ساڏانَ: ذ. [سن. ساوڌان = خبردار] سَچو آحوالُ - نتيجو.
= ساڏانُ ٽِيڻَنُ (ف): ڪپي وڃڻ - انتها ٽيڻ.
= ساڏانِ ۽ ساڏانِيُونُ: ث. صاف دِلِيُ - پڏر. پڏرو - چوگان.
= ساڏائِيُ ۽ ساڏائِيُونُ: ث. ساڏانِ.
● ساڏَرَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● ساڏَرَ ۽ ساڏ رونُ (ت): ث. همت. مدد.
= ساڏَرَ ڪَرَنُ: همت ڏِيارَنُ. مدد ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

= ساڏَڪُ ۽ ساڏَڪَ: ذ. صفت. [سن. ساڌَ= پورو ڪرڻ] ڪاميابي، جو ـ ڪاميابي آئيندڙ.

● ساڏَنُ ۽ ساڏَنَ: ذ. [سن. ساڌَن=] وسيلو ـ ذريعو. رستو ـ واهر. سامان.

● ساڏَنا ۽ ساڏَنائُنُ: ث. [سن. ساڌَنا> ساڌَ=پورو ڪرڻ] بندگي ـ عبادت ـ پڄتي ـ پوجا ـ پرستش. آپسنا ـ شيوا. عادت ـ هيرَ ـ نيهر ـ غذا ـ چالُ ـ دستور ـ رواج ـ رسمر. استعمال ـ اپياس ـ محاورو ـ مشق. عمل ـ ورتاءُ. عزت ـ تعظيم ـ سينمانُ.

● ساڏَنُ: مصدر. [سن. ساڌ=پورو ڪرڻ] (دستور). علائيندو رهڻ. ڪري ڏيکارڻ ـ عمل ڪرڻ ـ مشق ڪرڻ. ڪَرَنُ (وڪالت، جُوئا، طبابت، بندگي وغيره). بَجا آڻڻ. پُڄائڻ ـ نباهڻ ـ ادا ڪرڻ ـ پورو ڪرڻ ـ پارڻ ـ تعميل ۾ آڻڻ ـ راس ڪرڻ ـ سڏو ڪرڻ ـ رسائڻ ـ نبهرڻ ـ سنئون ڪرڻ. وَس ۾ آڻڻ. سيکارڻ ـ هيرائڻ. عادت وجهڻ. اصلاح ڪرڻ. روڪڻ. برقرار رکڻ. ڏمکائڻ ـ ڏنارڻ ـ دَبائڻ ـ سُوٽڻ (ڪ). ڳسائڻ ـ نڱائڻ ـ ماڻان ڪرڻ. ڪم نه ڪاهي ڏيڻ ـ ڳهلَ يا ڍَرَ ڪرڻ (ٺ). خواهه مخواهه رُلائڻ. اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر حيدرآباد ۾).

● ساڏَنُو: اسم خاص. تعلقي سانگهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ساڏُو ۽ ساڏا (ل): ذ. صفت. [ف. سادَه= سادو] سادو.

= ساڏُو پَنڊُ: ذ. گهوڙي جي پنڊ جو هڪ نمونو (ٽيون ڪتاب قديم، ص ۶).

● ساڏُو ۽ ساڏُوُ: ذ. صفت. [سن. ساڌُ> ساڌُو=درويش] پورو ـ برابر. تمام سنو ـ چڱو ـ سَلُوڪُ. گٽائيتو. ايماندارُ. عزت وارو. صحيح الخيالُ. پوتر ـ پاڪ ـ صاف. معصوم ـ بي گناهه. فقير ـ درويش ـ مهاتما ـ سنت ـ سنياسيُ ـ ڪاپڙي ـ ويراڳي ـ جوگي ـ ساڌ ـ سَتُ پُرُشُ. پرهيزُگارُ. دِنداورُ. ڀالو پولو ـ سادي دِل وارو. قرض ڏيندڙ. غاصب. (ث. ساڌِڻِيُ ۽ ساڌِڻِيونُ).

= ساڏُو بَڻجڻُ: درويش ٿيڻ. فقير ٿيڻ. سنئون سڌو ماڻهو ٿيڻ.

= ساڏُوڻُو ۽ ساڏُوڻا: ذ. صفت. ساڌن وارو ـ ساڌاڻو.

● ساڏَ ۽ ساڏُونُ (ل): ث. مشهوري ـ ناموس ـ ناموَرِيُ ـ ساراهَ ـ واکاڻ.

● ساڏو ۽ ساڏا: ظرف. صفت. [سن. سَوادَ=] سنئون ـ سڌو. سنواتو. سوادي ـ مزيدار.

= ساڏائِيُ ۽ ساڏائِيونُ: ث. سڌائي ـ سَنوَتَ.

● ساڏُورَ: ذ. وَڻ جو هڪ قسم. "جيئن هڪ ڪُجهارت." نالو (ملاح) "ليلان راجَ ۾ وَجُ وَنُ (ساڏور) ڪٽي" (اسم خاص). ٽَر ۾ رهندڙ ڪُرَنُ جي هڪ ذات جو نالو.

● سَاڏُورَسُ: اسم خاص. تعلقي ننگر پارکر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

= ساڏُوهِيُ ۽ ساڏُوهِيونُ: ث. جارجي وڻ جو هڪ قسم. سفيد پيرن سان ـ ساڏوئي.

● ساڏُوئِيُ ۽ ساڏُوئِيونُ: ث. جار جو قسم جنهن جا ننڍا پيرون ٿين ـ ساڏوهِي.

● سَايُ ۽ سايَ: ذ. [سن. سَارُڌ. سَن. سان+ارڌ=آڌ] آڌُ ـ ڪنهن نمبر سان گڏيل آڌُ.

● سَايو ۽ سَايا: ذ. صفت. اڌيڪو ـ آڌ (وڌيڪ). جيئن "سايا ٽهي=ٽي سجا ۽ چوٽين جو آڌُ" وغيره.

= سايي سٺ: ۷۰ ـ سَتَير. "ست سڪان سَر ڪري ڇهه ڇڇهريون ٻارهن تيرهن پندرهن سترهن سينگارج سايي سٺ سَئِيد چئي پوري پڄائج" ۷+۶+۱۲+۱۳+۱۵=۱۷۰=۷۰ (شاهه).

= سايي ويهه: ٽيهه يعني ته سايِ=ڏهاڪو.

● سَايائِيُ: (ت): مصدر. محڪم ڪَرَنُ.

● سَايِيُ ۽ سَلُوڻِيُ ۽ سَايِيونُ سَلُوڻِيونُ (ل): ث. لوڻ سوائي وڌهڻ جي حالت ـ چَهراڻ.

● سَارَ ۽ سَارُونُ ث. ڪنهن به (مادي) چوپائي جانور جو مخصوص عضوو ـ ڏڪيءَ جو مخصوص عضوو. ڪنهن خاص موسم ۾ مادِيُ وهت جو نر وَهت لاءِ تانگهائ ـ چاٽو ـ وَڙُ ـ ميهُرَ. چوپڻ

راند ۾ ڪر ايندڙ ساري - ڳوٺ - سُهرو. ڪاري جي پيڙي، جو هڪ رسو - ڪَپيءَ واروواجهه (ڪ). سارين جي پوک (ت). گلن جي پرت سان هڪ ريشمي چنبي (ث). [سن. سُهر = ياد ڪرڻ] سيارَ - يادگيري. سَکهَ - طاقت - بل - زور.

"مون کي ماءُ مجاز، پچاري جيئن پچيو،
هتن چڏي هاج، ويئي سار سندن مان."

● سارُ ع سارَ: ذ. [سن. سار = مطلب] تتُ - تاتپرج - اختصار - خلاصو - مطلب - مولُ - مايو. نچوڙ - مغز - جوهر - تنت. رسُ - عِطرُ - عَرقُ - گَبرُ - مالُ - گودو. آصل - سؤرُوپُ. قاب - پچو - گَبُ. مٺ - شانتي - ٺهر - آرام. امن - سامت - قرار - سانتَ - ٺانهر. امن امان - سُکُ - ڪُشل - جميعت. (صفت) نج - خالص. چگو - سٺو. "جيئن، سارُ سَمُونُ = چگو وقت".

● سارات ع ساراتُونُ (ت): ث. سالهي جي زالَ.

● ساراڻو ع ساراڻا: ذ. آڻ مهل تاجيءَ جي ڏاڻن جي وچانُ لنگهندڙ بيد جي ڇيڙَ.

● ساراڻيُ ع ساراڻيُونُ (ت): ث. ميهنهن جي قرجڻ جي حالت.

● سارا هَڏِيُ: اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ساراهيُ: مصدر. [سن. شَنَسُ = ساراه ڪرڻ] تعريف ڪرڻ - ٿنا ڪرڻ - حمد ڪرڻ - واکاڻ - صفت ڳائڻ - آستتيُ ڪرڻ - وڏائي ڪرڻ - جَسُ ڪرڻ. ڳائڻ. ساک پرڻ. شاباس ڏيڻ. سُڦارش ڪرڻ - (هـ. سراهنا).

= ساراهَ ع ساراهُونُ: ث. تعريف - توصيف - ٿنا - صفت - واکاڻ - حمد - آستتي. تحسين - آفرين - شاباس - واهه واهه. ساک.

● سارِبانُ ع سارِبانَ: ذ. صفت. [سن. سارڤن = س = سان + رڤ = گاڏي] آنَ هلائيندڙ - اوني - جَتُ - شُتر سُوارُ - ساروانُ - سَرواڻ.

● سارِتيُ ع سارتيُ: ذ. صفت. [سن. سارَتي] رٿ هڪليندڙ - سُوارُ.

● سارِجَنٽُ ع سارِجنٽَ: ذ. [انگ. Sergeant] رنگروٽ سپاهين کي سيکارينڊڙ صوبيدارُ.

● سارِڏا ع سارڏائُونُ (ث): ث. قدرتي سمجهه - ذات - گُڻ. تنبوري ۾ هيٺ تندن قابو ڪرڻ جو هنڊ.

● سارڏَڙو: اسم خاص. ڪارونجهر ٽڪر تي هڪ تيرٿ جو هنڊ.

● سارڏُو ع سارڏُو: ذ. [سن. شارڏُول = شينهن] شينهن - چيتو - پينٿَر. جيئن "سَنگُ، ڪُنيهر، سارڏُو، ڪيهر، ليٽ، مزار، اسد، چيتا، شيرَ هَيُ، اينڈل ناءِ نرواپ" (ڈهس). (صفت). سورمو - سورهيو - بهار - سوروير - وِيرُ - پهلوانُ - دليير - جوڌو - جانٻو - قوي - جُنگ.

● سارسُ ع سارَس: ذ. پکيءَ جو هڪ قسم - ڳهه پکي. ڪونج هنس [هـ. سارس = ڪُونُجَ].

● سارِسانُونُ: ذ. اناج جو هڪ قسم - سانئون - ڏُٽ - سانُوڪ (ت).

● سارِسُوت: اسم خاص. ٽر ۾ رهندڙ هندن جي هڪ ذات جو نالو.

● سارِنگُ ع سارِنگَ: ذ. صفت. [سن. سارَنگ > شارَنگُ = رنگسارنگي، پتاپتي] چڪمرو - پتاپتي - رنگارنگي - قلقلبو - ٽيلي وارو - ڏيڪائتو - پيڪيدارُ - ديداري - چمڪيلي. چمڪو - روشني. جهڙ - ميگهه - جهڙالو - سَلهار - چَمر. آبر - ڪڪر - بادل. جهڙالي موسم - جهڙ وارو ڏينهن. وَسَ - مينهن - بارش - برسات - مينهوگي. جهڙي ڪڙي. پاڻي. انڊلڪ - قوس قزح - ڏنڪ. سانون مهيني جو نالو. راڳ يا سُر جو هڪ قسم - هڪ راڳڻيءَ جو نالو (جو ٻن پهرن جو گائجي). ڏکڻ ڏکن وارو هرڻ. ڪوئل - ڪوئل جي ڪُوڪ. مورُ - مورَ جي ڪوڪَ. پپيهو. ڪُونجُ جو هڪ قسم. ماکيءَ جي وڏي مک (راڻي). نانگ - نانگ جو هڪ قسم. شينهن - شيهر - هاڻي. زال يا عورت. وڻ. گهيٽو. چڻي - لنديءَ ڏوبَ چڻي. پهراڻ. ڪپڙو - وارُ. پهٽ جو گل. گل - قولُ. هڪ ساز جو نالو - چنگ. هڪ گهه جو نالو. هڪ هيرو.

Gul Hayat Institute

سون. هڪ ڪمان. صَنْدل ـ چَنْدَن. ڪافور. سيج پلنگ. هڪ ملڪ جو نالو. ٻاڻ ڏارڻ وارو ـ پکيوان جو هڪ صفاتي نالو (سامي). هڪ قسم جي جهنگلي ٻوٽي ـ پُرتُ ـ بکڙو (ت). ول جو هڪ قسم (بج گول، ڪنڊن وارو) ـ ڪنڊي (ث). (اسم خاص) هڪ ذات جو نالو.

● سارَنگيي ۾ سارَنگيُون: ث. [سن. سارنگي = هڪ ساز] ساز جو هڪ قسم ـ سِتارَ جو هڪ قسم ـ سُرندي جو هڪ قسم.

● سارَنگِهَيار: اسم خاص. تعلقي چاڇري م هڪ ديهه جو نالو.

● سارَنُ ۾ سارَنَ (ث): ذ. ڪوهَه مان ڪوس پري ڪيڏ وقت اهو هڏ جتي، ڪوسَ ٻاهر ڪيڏ وقت وهڻ بيهارجن. ڪوهَه مان ٻاٽي ڪيڏ جو رسو. (اسم خاص). تعلقي ڏيپلي م هڪ ديهه جو نالو.

● سارَنُ: مصدر. [سن. سمرڻ = ياد ڪرڻ] ياد ڪرڻ ـ دِل تي آڻڻ ـ يادگيري ڪرڻ. سَڪ اچڻ ـ سجهڻ ـ هرڻ. سنيالڻ ـ جاچڻ. ڪٽڻ ـ ليکو ڪرڻ ـ ڪٽڻ ـ حساب ڪرڻ. پيٽڻ ـ برابري ڪرڻ ـ چڪاسڻ ـ ٽڪرائڻ ـ مقابلو ڪرائڻ ـ پُورائڻ ـ لائي ڏسڻ ـ مشابهت ڪرڻ. امتحان وٺڻ ـ سوجهڻ ـ پرکڻ ـ جاچڻ. سنيالڻ ـ سانيڻ ـ سَولو ڪرڻ. سهڻ ـ (ٻاڻ م) سمجهڻ (طاقت). طاقت يا توفيق رکڻ. ٽنگ ڪرڻ ـ سلڻ ـ سَل ڪيڏ.

ـ سارَ ۾ سارُون: ث. يادگيري ـ سَنيُارَ ـ سانيُرَ ـ سَمَڪَ ـ ساروڻي ـ هرُ ـ سُرت. حُبُ ـ سِڪَ ـ تانگهه ـ چِيڪ ـ طَلَبَ ـ ڪپ ـ تاتَ. سُجاڻي ـ سَرجيتائي ـ شناخت ـ سُچيتِي ـ جاڳ (نند مان). سُرت ـ سَمُجهَ. حِساب ـ ليکو ـ ڳاڻيٽو ـ ڳڻ ـ ڳڻپ ـ تخمينو ـ انداز. سُڌ ـ سَماءُ ـ خبر. مهرباني ـ لطف. ٽنگ ـ سَل. مادِي جانور جو خصوصاً ڪُتڻون جو مخصوص عضوو.

ـ سارانِ ۾ سارائُون: ث. سارَ.

ـ سارَ ٽيڻ: يادگيري ٻوڙ ـ هرُڻ ـ دل تي اچڻ. محسوس ٽيڻ. نند مان جاڳڻ ـ سُجاڻي ٽيڻ ـ سنيال ٽيڻ ـ جاڳ ٽيڻ. (زالَ ڪي) ويم جو وقت ويجهو ٽيڻ.

ـ سارَپَ ۾ سارَپُون: ث. يادگيري ـ سارَ.

ـ سارَ سَنيُارَ ۾ سارُوُن سَنيُارُون: ث. يادگيري ـ سَنيُارَ ـ سنيال ـ تات ـ خبرداري ـ پرکوڙ ـ سَمَڪَ ـ ساروڻي ـ هرُ ـ شناختَ. فڪر ـ ڳڻتي. ڳوڻا ڦولها.

ـ سارَ لَهڻ: سنيال وٺڻ ـ خبرَ وٺڻ ـ سڌ وٺڻ. سنيال ڪرڻ ـ خبر ڪرڻ ـ يادگيري ٽيڻ ـ سُجاڳي اچڻ. مدد ڪرڻ ـ سَهارو ڏيڻ. نگاهه رکڻ.

ـ سَارونَنَا ۾ سَارونَا (ڪ): ذ. صفت. سارَ وارو ـ ڄاڻ وارو ـ سمجهو ـ سياڻو.

ـ سارُوڻيُ ۾ سَارُوڻيُون: ث. يادگيري ـ سنيار ـ سانيرَ ـ سارَ ـ سَمَڪَ. سُجاڳي ـ جاڳ. نالو ـ ناموسَ. يادگار.

● سَارِڻو ۾ سَارِڻا: ذ. متارو گوشت ـ متارو ماسُ ـ ٽلهو مَاهُ.

● سَارو ۾ سَارا: ذ. صفت. [سن. سَرُوَ = سڀ] سڀ ـ ڪُل ـ سربستو ـ سمورو ـ سڄو ـ سَمَنڊ و ـ ثابت ـ سيوئي ـ سڄوئي ـ سالم ـ سلامت ـ مڙيوئي ـ جملو ـ صفاتي طرح مرڪبات م ڪم اچي ڪهڻائي جي معنيٰ ڏيڪاريندڙ جيئن:

"گهوڙو سارو، سيو سارو".

ـ سَاراڻِ: ث. سارائي ـ سالميت. سڀ هجڻ جي حالت. دُرستي. خاتمو ـ پورائي.

ـ سَارائيُ ۾ سَارائِيُون: سَاراڻِ.

ـ سَارو جِسمُ ۾ آ ڪِيُونُ ٽِيڻُ: سڄو جسم ڦٽجي پوڻ ـ بدن تي ٽيرن جا نشان ٽيڻ.

ـ سَارو لَهَ هَٽَڻُ (ث): هلندي ڇڏي لهه هٽڻ ـ رَسائي نه هٽڻ.

● سَارُو ۾ سَارُو: ظرف. (آلهي) جهڙو ـ وانگر ـ طرح ـ ساڳيو ـ گهاڻ ـ جيهو ـ جنسي ـ آچارُ ـ برابر ـ مثل ـ ساڪيات ـ موجب ـ موافق ـ پٽاندر ـ آهر ـ هوندَ.

● سَارِوانُ ۾ سَارِوانَ: ذ. صفت. [سن. سارڻ: مس = سان + رتْ = گاڏي] اٺ هڪلينڊڙ ـ اوني ـ جت ـ ڪاهو ـ شتربان ـ ساربان.

ـ سَارِوانِيءُ ۽ سَارِوانِيُونُ: ث. شُتربانی.
● سارو سَنکھ رُ: اسم خاص. سنڌ جي قديم روايت هڪ مشهور پاڳيو جنهن وٽ هر قسم جو مال موجود هو.
● سارَهَ ۽ سارَهُونُ: ث. [سن. شَتَسُ= ساراه] ساراهڻ. (هـ. سَراهَنا).
● سارِهورِيُ: اسم خاص. تعلقي شهداد پور ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● ساريُ ۽ ساريُونُ: ث. [سن. شالِيُ= سارِيُ. ف. شالي] آنُ جو هڪ قسم (وڏي پاڻيءَ ۾ پنڊا ٿيندڙ). اڇي ۽ ڪاڙهي رنگ جو آنُ- چانور کوپي سميت- تهه سميت چانور. [سن. سارِه=سُهرو] "شطراج، چوپڙ، نوٽس، چلهر وغيره". راندين ۾ ڪم ايندڙ داڙو- ڪوٽ- مهرو- داڻي. سَرسيُ- زياد تي- چاڻي- چاندي- جيت- ڪاميابي- فتح. اجازت. (صفت). تيار- هوشيار- خبردار. ث. صفت. سڄي- سربستي- ثابت مڪمل.
ـ ساريُ سَر ٿيڻَ: نصيب زور ٿيڻ- پاڳوارو ٿيڻ.
ـ ساريُ سَر هُجڻَ: نصيب زور هجڻ.
ـ ساريُ ڪَرڻَ: ڪامياب ٿيڻ- ڪنڊُ- سَرسي ڪرڻ. مَلهَ ۾ تن ڇڻن کي سانڊه دَسڻُ (ت).
ـ ساريُ ڪنڊُ: گوءِ ڪٽڻ. ڪٽر ڪٽڻ. چوپڙ راند ۾ مخالف جي ساري کي مارڻ.
ـ ساريالُ: ث. سارين جو- سارين وارو- سارين جي (هوڪ يا زمين).
● ساريتيُ: ث. آها چوپائيُ جا قرجيُ سارَ يعني آرُ تي ڏهڻ ڏئي.
● ساريُڪو ۽ ساريُڪا: ذ. صفت. ظرف. [سن. سَدرُڪش] جهڙو- وانگر- طرح- ساڳيو- جيهو- جنسي. آچار. مثل- برابر- مَثُ- ساڪيات.
● ساريُڪو ۽ ساريُڪا (ڪ): ذ. صفت. ظرف. ساريڪو.
● ساريُونُ: ث. [سن. شالِي] اناج جو هڪ قسم- چانورن جو فصل.

● ساڙَنُهَ (ت): ث. هر ڏينهن جي حالت- ساڻاءُ.
● ساڙَنُ: مصدر. ٻارڻ- جلائڻ- ڪامائڻ. رکڻ ڪرڻ- خاڪ ڪرڻ. ڳارڻ- سُڪائڻ- ڪومائڻ- سُڪسائڻ. (حرص) جاڳائڻ- ڪجائڻ- چڙ ڏيارڻ- پڙڪائڻ. خار ڏيارڻ- ڏنگڻ.
ـ ساڙ ۽ ساڙَ: ذ. جلُ- جلڪو- باهه- ڪام- ٻارُ- ساڙو- تپش. ايرڪا- حسد- ريس- هُوسَ- بغض- دشمني- ويرُ- جلن- پَوسَر. سوزُ. سخت مند جو تاءُ. حسد جو ساڙو. سيءِ جو سختي سببان وڻ، ٻوٽي جو سڙڻ. گهوڙن جي بيماري- گرمي، سردي ۽ مچر يا ڏنگ جي چڪ ٻاڻ سبب گهوڙي جي بدن جو سڙڻ- اکين جي وڻن جو ڪوٽيڻ، ٿوري ڇڪ سان اڇ جي وارن جو ٽُٽڻ. لڏ جو ڳاڙهاڻ تي مائل ٽين ۽ ڪنهن گهيڙ گهٽ مان چيلهه ڏنگي ڪري ڏڪائي متي چڙهڻ- هڪ لا علاج مرض. سُورُ- دردُ- ايذاءُ- ٻيڙا- رَنجُ. سڙيل ماسُ. مردارُ. ٻريل هنڌ- جليل هنڌ. جانورن کي هڪ بيماريءَ جو نالو. گهوڙي کي ايندڙ هڪ بخارُ. (صفت). ڪنو- سڙيلُ- گندو- باسيُ- پُٽو.
ـ ساڙُ ٿيڻَ (ت): ڪجيءَ جو محاورو- ڪجين ڪجين جو خراب ٿي هيٺ ڪرڻ. حسد ٿيڻ. بدن ۾ ساڙو ٿيڻ.
ـ ساڙَ ڏيارَنُ: چڙ ڏيارڻ- ڪجائڻ- پڙڪائڻ. (حرص). جاڳائڻ- خار ڏيارڻ- چيڙڻ- چيڙائڻ. ڪُڙائڻ- پوسرائڻ.
ـ ساڙَ سَڙيو ۽ ساڙَ سَڙيا: ذ. صفت. ساڙَ ۾ سڙيل- حاسد- ويري- ريسارو- بغضي. ساڙ ولدو- اندر رڌو.
ـ ساڙُ ڪَرَنُ: ڪجيءَ جو ٻوٽن، وڻن وغيره کي ساڙي ڇڏڻ. ساڙُ ٿيڻ.
ـ ساڙو ۽ ساڙا: ذ. جلڪو- جلُ- ٻچُ- ساڙُ- جَرَ- جلَڻ- حَسَد- ايرڪا- ڪام. بغض- پيائي. گرميُ- تپش- سوز. ٻيشاب جي هڪ بيماري. سيءُ جو ساڙُ.

Gul Hayat Institute

ـ ساڙو وڃهڻ: گاريون ڏيڻ ـ بدسخن گالهائڻ ـ واهيات بڪڻ. بيجاءِ طور ڪم آڻڻ ـ بيجاءِ هلت ڪرڻ.
ـ ساڙونڌو ۽ ساڙونڌا: ذ. صفت. ساڙ سڙيل ـ اندر رڙو ـ حاسد ـ بغضي ـ وبري.
ـ ساڙي ڪاڏو ۽ ساڙي ڪاڏا: ذ. صفت. حاسد ـ ريساروـ ڪام ڪاڏو ـ آبر ڪائو. شڪي ـ بدگمان.
● ساڙو ۽ ساڙا (ث): ذ. زال جو پياءُ ـ سالو. (ث. ساڙي ۽ ساڙيون). [هـ. سالا + سالو]
● ساڙهه ۽ ساڙهون (ت): ث. خريف جي آباد ي خصوصاً جونءَ ۽ ڀاجمر جي فصل راهڻ وقت جانئي يا سرهه لاءِ ڏنل هر جي اوڙ (جي سيئي هروپرو پورو چوت ۾ هوندين آهن).
● ساڙهو ۽ ساڙهما: ذ. ڏهائيءَ جو ٽاڻءُ. پاڪيو. جيئن "ڪي ڏوهي ۽ ڏوهه ڪي ساڙهي ۽ سانگهيڙيون".
ـ ساڙهي ۽ ساڙهيون: ث. ساڙهي جو مونث. سوڙهي منهن واري دڪي (ت). [سن. شاڻڪا = ساڙهي] عورت جي پوشاڪ لاءِ ڪپڙي جي ڏگهي چادر ـ ڏگهي ڏوتي ـ ساڙي. (هـ. ساڙهي).
● ساڙي ۽ ساڙيون: ث. ساڙهي.
● ساڙيهه ۽ ساڙيهر: ذ. [سن. سوديش = ديس] وطن ـ ڏيهه ـ ديس ـ ساڻيهه.
● ساڙ: صفت. [ف. ساختن = ٺاهڻ] جوڙيندڙ ـ ٺاهيندڙ ـ بنائيندڙ ـ تيار ڪندڙ. مرڪبات ۾ ڪم ايندڙ، جيئن "دندان ساز، ڪارساز، گهوڙي ساز وغيره".
● سازڪ ۽ سازڪ: ذ. [سازڪ. ساختن = ٺاهڻ، سن. سَج: سماج] سامان ـ اسباب ـ ٽپڙ ٽاڙي ـ جيئن "پيڙيءَ جو سازڪ، گهوڙي جو ساز وغيره". وڃائڻ جو اوزار ـ ساجڪ (سازن جا ٽالا: ستار ـ سارنگي، سُرندو، دَفَ، ڪمانچو، چنگ، سر منڊل، توتارو، رباب، بين، بگواز، بينسري، طائوس واري، ڊڪڙ، طنبورو، ڪرناءِ، شرناءِ، باجو، وڻاڻ، وغيره). اوزار (جنگ جا هٿيار وغيره). وسيلو ـ ذريعو. [ف. ساختن = ٺاهڻ ـ سلوڪ ـ صلح ـ لاڳاپو. بڌي ـ سازش ـ منصوبو.

ـ سازڪ بازڪ ۽ سازَ بازَ: ذ. صفت. [ف. ساز + باز > باختن = ڪيڏڻ] خوش پوشاڪ ـ ٺهڪڙو ـ ڦهڪڙو ـ پورو ـ سر ـ سڀهڙو ـ سنجاڻو ـ ٺيڪ ٺاڪ ـ ٺاهوڪو ـ سنجيلو ـ سنجورو ـ مڪيو چڪيو ـ سينجيو ڪٽنجيو. منصوبو ـ سازش.
ـ سازڪ بازڪ ڪرڻ: همراز ٿيڻ ـ ميل ميلاپ ڪرڻ ـ منصوبو رڌڻ.
ـ ساز سنوارڻ: طلب پورا ڪرڻ ـ مرادون پائڻ ـ ڪامياب بنائڻ ـ سوپارو ڪرڻ:
"صاحبان سپ سندام ساز سنوار"
(فاضل شاهه).
ـ سازڪار ۽ سازڪارَ: ذ. صفت. ظرف. [ف. ساز + ڪار = وارو] ٺاهه ۾ سهائيندڙ. مطابقت ۾ موافق. مبارڪ ـ راست ـ مصلح.
ـ سازٻڌه: ذ. سازن وڃائڻ وارو. ٺاهيل ـ (شڪل وغيره).
ـ سازوار ۽ سازڪوار: ذ. صفت. ظرف. موافق. سازگار.
ـ سازوسامان: ذ. مال و اسباب ـ ٽپڙ ٽاڙي.
ـ سازي ۽ سازيءُ: ذ. ڪلولت ـ ڪلاوٽ ـ مُطرب ـ گوئيو ـ سازيندڙ ـ موسيقار.
ـ سازيندڙ ۽ سازيندر: ذ. سازي ـ ساز وڃائيندڙ.
● سازش ۽ سازشون: ث. (ف) آندروني ملت ـ بڌي ـ منصوبو ـ ٺاهه ـ رٿ ـ سيٽ. قانون جي خلاف صلاح مشورو. وڪوڙ. اٽڪل ـ ڪند ـ چند ـ چالاڪي ـ ڪيڏ.
ـ سازشي ۽ سازشيءُ: ذ. صفت. وڪوڙ وجهندڙ ـ سازش ڪندڙ ـ منصوبائي ـ بغاوتي ـ دولابي ـ دغاباز ـ فريبي.
● ساس ۽ ساسَ: ذ. [سن. شُواسَ = ساه] ساهه ـ جان ـ پران ـ پساهه ـ دَمُ ـ جيءُ. حياتي ـ جند ـ زندگي ـ جياپو. ڇوٽا ـ عمر ـ جمار. جيوتي ـ گذران. [هـ. ساس = ساهه].
ـ ساس سهيلا: ذ. سولو موت ـ آسان موت.
ـ ساسيهن سڪالو ٽيهڻ: سولائي سان مري وڃڻ.

Gul Hayat Institute

ـ سَاسِيءُ ع سَاسِيُ: ذ. صفت. ساهوارو ـ جَانڌارُ.

● سَاسَائِيڻُ: مصدر. [سن. سَہ = سهڻ] سَهڻسَائڻ ـ سهڻ ـ برداشت ڪرڻ. (ساسائيو ـ ساسائيندو ـ ساسائيل).

● سَاسِيتَرُ (ڻ): ذ. سَوڻَ ـ ساڻَ ـ سَڳڻ (شادي غمي يا پوڃا جي وقت جا).

● سَاسَرِ ع سَاسَروُنُ: سَاسَرِيُونُ: ث. (انگ. Saucer] چينيءَ جي نندي ٿالهي ـ پليٽ (ڪوپ سان سر).

● سَاسِينَا ع سَاسِينَائُونُ: ث. سيکٽ ـ گوشمالي ـ سزا ـ مار. تنبيهَ ـ جڏَ ـ جهڪَ ـ چڙبَ ـ دَبَاءُ ـ جهڙپَ.

ـ سَاسِينَائُونُ ڏِيڻُ: مار ڏيڻ ـ سزا ڏيڻ ـ سيکٽ ڏيڻ ـ گوشمالي ڪرڻ ـ تنبيهه ڪرڻ ـ جڏ ڪرڻ ـ لاڪ لاهڻ. جهڙپ ـ جهڪڻ ـ چڙپڻ ـ دَبائڻ ـ چوڪ ڪرڻ.

● سَاسُو ع سَاسُو (ڻ): ث. (زال يا مڙس) جي ماءُ ـ سَسُ.

ـ سَاسُو سِيءُراڻيو: ذ. شاديءَ جي پئي ڏينهن تي ڪنوارتن طرفان گهوٽيتن کي ڏنل ڪاڏو.

● سَاسُولِيُ: اسم خاص. بروهي قومِ جي هڪ قبيلي جو نالو.

● سَاعَتَ ع سَاعَتُونُ: ث. ڪ ڪلاڪ جو عرصو ـ هڪ گهڙي پلڪ ـ منٽ ـ پَل ـ دَمَ ـ گهڙي ـ لحظو ـ ڪين ـ ويرم. وقت ڏيڪارڻ جو هڪ اوزار ـ واچ ـ گهڙي ـ نندو گهڙيال. بخت ـ نصيب ـ پاڳ. وَجهَ ـ چانس.

ـ سَاعَتُ بَسَاعَتُ: طرف. هر گهڙي ـ لحظي ـ بہ لحظي ـ گهڙي گهڙي.

ـ سَاعَتُ هُڻُنُ: بخت هڻڻ ـ پاڳ هڻڻ.

ـ سَاعِيرُ ع سَاعِيرَ: ذ. [سن. شاعر] شاعر ـ ڪوي.

● سَاعِيُ ع سَاعِيُ: ذ. صفت. [ع. سَعَيَ] ڪوشش ڪندڙ ـ سعيو ڪندڙ. ڊُڪَ ڊوڙ ڪندڙ.

● سَاغَرُ ع سَاغَرَ: ذ. (ف) شراب پيڻ جو پيالو ـ جام. پيالو ـ ڪتورو ـ وٽو ـ جمن.

ـ سَاغَرُ هَلَنُ: شراب جو ڊوُر هلڻ.

ـ سَاغَرِيُ ع سَاغَرِيُ: ذ. صفت. پيالي جو.

● سَافُرُو ع سَافُرَا (ل ـ ڪ): ذ. صفت. ڪنهن ڪم ڪان سواءِ ـ واندو اڪيلو. پيڙهيءَ وغيره جي بدعت ڪان آجو ماڻهو. ٻي روزائتو (ڪ).

● سَافِيلُ ع سَافِيلَ: صفت. هيٺيون ـ هيٺاهون ـ هيٺاهون حصو. ڪمينو.

● سَاقُو ع سَاقَا (ڻ): ذ. صافو.

● سَاقِطُ ع سَاقِطَ: ذ. صفت. [ع. سَقَطَ: هو ڪريو. ڪرندڙ ـ ڪريل. گهٽ. نڪمو.

ـ سَاقِطُ ٿِيڻُ: ڪرڻ (حمل).

ـ سَاقِطُ ڪَرَڻُ: ڪيرائڻ (پيار يا حمل).

علم عروض شعر جو بحر يا وزن ڪيرائڻ.

● سَاقِيُ ع سَاقِيُ: صفت. [ع. سَقَيَ = هن پياريو] محفل ۾ شراب ورهائيندڙ ـ مئي ورهائيندڙ ـ شراب پيارينڊڙ. مرشد. سخي. معشوق ـ محبوبُ ـ صنم.

● سَاكُ ع سَاكَ: ذ. [سَن. سَو = پنهنجو] لڳ لاڳاپو ـ متاچاري ـ سڳائي ـ مائٽي ـ عزيزي ـ عزازت ـ قرابت ـ رشتيداري ـ سڱي ـ پائپي ـ برادَري ـ لاڳاپو ـ ناتو ـ ڳانڍاپو ـ سَنبَنڌُ ـ تعلق ـ نسبت. مشهور راجا سالیواهن کان شروع ٿيندڙ سَنُ ـ شاک.

● ساكا: ذ. ڪاڻهين (وڻيل ڪاڻهين) جا سڳا جي ويڙهي سيڙهي مڙان پڌجن. (ن).

● سَاكَارُ: مصدر. ڏيهي حساب موجب جاري ڪيل هنڌيءَ جا پٺسا پرڻ (ضد. ناكارُ).

● سَاكَارُو ع سَاكَارَا (لس): ذ. صفت. ساک پت وارو. شاهوڪارُ:

"واحد وريامن ۾ تون آهين سدا ساكارو"

(صاحبڏنو. ڪتاب ٻيلاين جا پول).

● سَاكِيتُ ع سَاكِيتَ: صفت. [ع. سَكَتَ = هن ماڻ ڪئي] چپ ـ خاموش ـ ماڻ ـ سانت. مائيٽو ـ چپ چاپُ.

Gul Hayat Institute

● ساڪَرُ ۽ ساڪَرَ: ذ. لَسو پٿر ـ رُهيڙي ـ مورَمُ. ڪري ـ ڦٽيوُنُ. سنهي پٿريءَ واري زمين.
● ساڪَرَ ۽ ساڪَروُنُ (ث): ث. مصريءَ جو سنگ ـ مصري.
● ساڪِرو: اسم خاص. ضلعي ٺٽي ۾ هڪ تعلقي جو نالو. تعلقي جوهيءَ ۾ هڪ ديهَ جو نالو.
ـ ساڪِرائيُ: ذ. صفت. ساڪِري جو. آڻ جو هڪ بٽُ. (ميرپور ساڪري جي طرف جو (رنگ ڪارو) لَسڻ اڇو ٽڻي، قد جو ڇوٽو پر هلڻ ۾ تڪو "ساڪرو آڪرو").
● ساڪُرُو: ذ. صفت. ڪتو ۽ ڪڙو سَوادُ (ڪ). رنگ جو هڪ قسم.
● ساڪَريو (ت): ذ. پَرٿي جي هڪ رسم جو نالو. (مڱڻي کانپوءِ گهوٽيتا، ڪنواريتن جي گهر وچي ڪپڙا ۽ زيور چوڪريءَ کي ڏين، انهن ڪپڙن ۾ ويجهن عزيزن لاءِ ڪپڙو هٿ، ان جي عيوض ڪنواريتن طرفان هڪ ڪي پنهان هڪ رپيو روڪڙ ملڻ ـ هڪ خوشيءَ جو موقعو).
● ساڪِريو وِڇُونُ (ث): ذ. وڇونءَ جو هڪ قسم ـ ڪاري رنگ جو وِڇُونُ.
● ساڪُڙ ۽ ساڪُڙُونُ: ث. مهنهن جي پيرن ۾ وجهڻ جي سنگهر ـ زنجير.
● ساڪِڙِ ساڪِڙِ ڪَرَنُ (ت): تڪڙو هلڻ ـ آپهرو هلڻ ـ جلدي وڃڻ يا اچڻ.
● ساڪُڙُ ۽ ساڪُڙَ: ذ. وڻيل ڏاڳو. (ت) آسري لئي جو قَرُ، چمڙي رڳن جي ڪم ايندڙ.
ـ ساڪُڙُ وِجهَنُ: چمڙي رڳن لاءِ ٿاهيل مصالح ۾ ساڪڙ يا لئي جو قَرُ وِجهَنُ.
● ساڪَڙو: ظرف. صبح جو (سوير).
● ساڪِنُ ۽ ساڪِنَ: ذ. صفت. [ع. سَڪَنُ = هو آرامي هو] بيحس و حرڪت ـ بنا چرپر ـ بيئل ـ قائم. رهاڪو ـ رهواسي ـ ويٺل ـ رهندڙ ـ مقيم ـ باشندو. علم نحو جي هڪ اصطلاح موجب هڪ هنڌ بيٺل اکر ـ اهو اکر جنهن تي ڪا حرڪت نه هلڪ جزم يا سڪون هجي. جيئن "رَنگُ، شِينهنُ ۾ نُ، ي، نُ، نُ اکر".
● ساڪُنُ ۽ ساڪُنَ (ل): ذ. پسارڪي وڪر جو هڪ قسم. ڪپڙن کي رنگ ڏيڻ جي مصالح جو هڪ قسم ـ ساڪُڙُ.
● ساڪَ ۽ ساڪُونُ: ث. [سن. ساڪَشِيه: س ـ سان + اڪش = اک] اکين ڏٺي احوال جي گواهي ـ سچائي جي ثابتي ـ واڌا ـ شاهدي ـ گواهي ـ ثابتي ـ پرماڻ. قسمِ ڳالهه ـ شبد پرماڻ ـ قسم ـ سُنهُ ـ ويساهه. ناماچارُ ـ نالو ـ ناموس ـ آبرو ـ عوت ـ مان ـ آبُ ـ سَنمان. نيڪنامي ـ ايمانداري ـ سچائي ـ سُچتائي ـ ڪارپت ـ اعتبارُ ـ ويساهُ ـ پت ـ هٿ. شاباس ـ سُجرائي ـ جَسُ ـ پَرمُ. رُت ـ موسم. روشني ـ سوجهرو ـ پاڪ.
ـ ساڪاٽو ۽ ساڪاٽا (ل): ذ. صفت. ساڪائتو.
ـ ساڪائيتو ۽ ساڪائيتا: ذ. صفت. ساک وارو. مانوارو ـ شانوارو ـ شاناڻتو ـ معزز ـ سچيو ـ آبرو وارو ـ معتبر ـ مالائتو ـ اشراف. سوچارو ـ چڱو ـ خاصو. ستياوان ـ ايماندارُ ـ سُچيو. اعتباري. هٿيڪو. سڪَرُ.
ـ ساڪَ پَتِ ۽ ساڪُونُ پَتُونُ: ساڪُونُ پَتِيُونُ: ث. اعتبار ـ ويساهه ـ قسم ـ سُنهُنُ.
ـ ساڪَ پَرَنُ: سچائي جي ثابتي ڏيڻ ـ ايماندارِي جو ثبوت ڏيڻ. ڪنهن جي ايمان شاهدي ڏيڻ. اعتبار ڏيڻ. سُنهن کڻڻ ـ قسم کڻڻ.
ـ ساڪَ ڪَيدَنُ: نالو ڪيڻ ـ ناموس ڪيڻ ـ مشهور ٿيڻ ـ نامياروٿيڻ.
ـ ساڪِنائيُ ۽ ساڪِنائِيُونُ (ڪ): ث. شاهدي ـ گواهه. ثابتي ـ خاطري ـ ويساهه ـ پڪ.
ـ ساڪِنيُ: ث. شاهدي. ڪا حقيقت.
ـ ساڪيُ ۽ ساڪِيُ: ذ. سڀاڪ ڏيندڙ ـ ساک پريندڙ شاهد ـ گواهه ـ اوگاهه:
"ڪاڙيندي ڪوڙها، ست ساڪي ٽيندءِ سامهان."
"وِڇُونُ جي رات وُڻيون، تن جو ساڪي سچ."
(شاهه)
مسلمانن جي عقيدي موجب السانن جي ڪلهن تي ويهي سندن اعمال لکندڙ ٻه ملائڪ ڪراماً ڪاتبين (غريب اللغات). (ث). شاهدي ـ گواهي. ثابتي ـ نشاني.

Gul Hayat Institute

= ساکیما ع ساکیائون: ث. شاهدي ـ گواهي. ساکڻ.
= ساکيي ُ پُوت ُ: ذ. پرماتما (سامي).
= ساکيي ُ پتيي ُ: ظرف. ساک پت سان ـ اعتبار سان ـ ايمانداري ء سان ُ.
● ساکاڻي ُ (ت): اسم خاص. چاندين جي هڪ ذات جو نالو.
● ساکرِ ع ساکرون (ل): ث. چڱيلائي ـ تندرستي ـ نمرائي. آرام.
● ساکيرو ُ (ت): ذ. مينهن کان فراغت ـ ڦڪرائي.
● ساکيڑو ع ساکيڑا: ذ. چمڙي ء جي بيماري ء جو هڪ قسم ـ پُٽار ـ پُربُر ـ آرائيون ـ داڻ ِ داڻ ِ ـ ٽڏ ِ ي ُ.
● ساکو: اسم خاص. تعلقي ميرپور ساکري م هڪ ديهه جو نالو.
= ساکيي ُ ع ساکيئون ُ: ث. آکاڻي ـ ڳالهه ـ قصو ـ کهاڻي ـ فسانو ـ کيت ـ کهات ـ نقل ـ نظير ـ مثال ـ حڪايت ـ داستان ـ بيان ـ ورتانت. تاريخ ـ کيفيت. جيئن "جنم ساکي ُ = سوانح عُمُري ُ". بيت جي سيٽ ـ مصرع ـ ڪَلِي ُ ـ انترو ـ بَند ُ. بيت ـ ڪوِتا ـ شعر ـ غزل ـ نظم ـ چَنْد ُ ـ راڳ ُ ـ گانو ـ گيت ـ بچن ـ شبد.
● ساکيات ُ: ظرف. [سن. ساکْشات ُ = هوبهو] روبرو ـ سامهون ـ سنمک ـ حاضر ـ موجود. هُوبَهو ـ جهڙو ـ وانگر ـ سُڌ بُڌ ـ ساگيو ـ جنسي. پورو پورو ـ ٺيڪ ـ برابر ـ ڪرو ـ درست.
● ساکيئا (ث): ذ. پرت جو هڪ قسم.
● ساگ ُ ع ساگ (ث): ذ. بوڙ ُ ـ ساگ ُ.
● ساگر ُ ع ساگر: ذ. [سن. ساگر ُ = سمنڊ] اٿاهه پاڻي ـ سمنڊ ـ سموند ـ عميق ـ بحر ـ ڪارو. وڏو سمنڊ ـ بحر اعظم. درياءُ ـ سائنڌر ُ ـ ميهراڻ.
● ساگر ِ: صفت. پورو.
● ساگيراڻي ُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. (اڪثر حيدرآباد م).
● ساگيڑيا (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● ساگڻ ُ (ث): مصدر. ڪرين کي ڪوه تي پاڻي پيارڻ.
● ساگو ع ساگا: صفت. ساگيو. سڳو.
"ساهڙ ساڳن ري ء سري، ساگا ساهڙ سان،
وسن تنهن وصال سچن، پاڳن سندا پاڻ"
(خان زئي ـ سهڻي).
مال جو ولر ـ گلو (ث).
● ساگو داڙو ع ساگو داڙا: ذ. سيگو چانور ـ صابو داڙا.
● ساگ ِ ع ساگ ُون ُ: ث. ڇڪ ِ ـ تاڻ ـ ڪشش ـ طلب ـ (عشق جي).
● ساگ ُ ع ساگ ُ: ذ. [سن. شاک = ڪائي. ف. ساگوان < ساج] هڪ وڻ جو قسم، عمارتي ڪاٺ وغيره جي ڪم ايندڙ. ساگوان. ڀڪو. سائي پاڄي ـ سبزي ـ پالڪ ـ بَڪَر ُ ـ ترڪاري. گوشت ـ ماهه ـ ماس ُ ـ مَانُس ُ ـ ساگو ـ قطار.
= ساگاڻي ُ ع ساگاڻي ُ: ذ. ساگ ُ وِڪندڙ ـ ساگ ُ وارو.
= ساگ ُ سُوا: ث. هڪ قسم جي سائي پاڄي ـ سوئن جي پاڄي.
= ساگ ُ وَن ُ: ذ. ساگ ُ جو وَن ُ.
● ساگاڻ ُ: مصدر. سمجهڻ ـ پجهڻ ـ پروڙڻ.
● ساگاهيي ُ ع ساگاهيئون ُ: ث. پاڻي ماپڻ جي ونجهي ـ پاڻي ڪڍڻ لاءِ بانس جي سنهي ڪاٺي.
● ساگ ُڻ ُ: مصدر. مال کي آهستي آهستي تولين ۾ پاڻي پيارڻ.
= ساگ ُ ع ساگ ُون ُ: ث. مال کي ترتيب وار جهلي جهلي پاڻي پيارڻ جي حالت.
● ساگو ع ساگا (ث ـ ل): ذ. انن ء گڏهن جي قطار ـ سات ـ قافلو ـ ولر. (ت). ساگيو ـ اهوئي ـ جنسي ـ هُوبَهو. اصلي رهاڪو ـ هتي جا.
ع ساگوٽو ع ساگوٽا: ذ. سن. ساورشيه = ساگيو] اهو ساگيو ـ ساگيو ـ جنسي ـ هُوبَهُو ـ سُڌ بُڌ ـ ساگيوئي ـ ساکيات ـ اهڙوئي ـ لڳتر ـ سڌُوپ ـ آپيد ـ هڪجهڙو ـ برابري ـ اصلي ـ عين ـ نِس ُ ـ پورو پورو ـ تَڻ ِ.
● ساگيو ع ساگيا: ذ. صفت. [سن. ساورشيه = ساگيو] ڏسو ساگوٽو.

Gul Hayat Institute

ـ ساڳيائيءُ ۽ سا ڳيايُون: ث. هڪجهڙائي ـ سَمْتا ـ مشابهت ـ برابري ـ ساڳوڻائي ـ اپيد پائي ـ سرو پائي.

● ساڳهَرَ ۽ ساڳهروُنءُ: ث. [سن. گُرهَ = زال] گهر جون زالون ۽ پار ـ آل اولاد ـ پَروارءُ ـ اَڪَهه ـ عيالءُ ـ قبيلو ـ ڪُٹُنبءُ ـ ٽبَرَ ـ ڪيورءُ. نَسل ـ ڪُل ـ ونس ـ گهراڻو ـ خاندان ـ خان مان. زال ـ جوءِ ـ پتني ـ اِستِريءُ ـ وَنيءُ ـ آهليه ـ گهرواري.

● ساڳاتو ۽ ساڳاتا: ذ. سگٽو ـ سنگتي ـ رفيق]

● ساڳاهو ۽ ساڳاپا: ذ. ميٽا چاري ـ مائٽي سڳائي ـ عزيزي ـ عزازت ـ ڳانڍاپو ـ تعلق ـ نسبت ـ رشتيداري ـ قرابت ـ سُهَنْڊءُ ـ دوستي.

● ساڳاهيڻ: مصدر. [سن. سَنْجيجا = س = چگو + جيجا = جاڻ] ساڃاهڻ ـ ساڃاهه ڪرڻ ـ خيال ڪرڻ ـ حوصلو ڏارڻ ـ خبردار ٿيڻ ـ سنڀالڻ ـ چيتڻ ـ هوش رکڻ. سمجهڻ ـ پروڙڻ ـ ور جهڻ ـ ٻُروُجهڻ ـ پُڇجهڻ ـ لکڻ ـ سَرجهڻ. ليکڻ ـ چاڻڻ. ڏيان ڏيڻ ـ ٻڌڻ. ادب ڪرڻ. لحاظ ڪرڻ ـ پرواه ڪرڻ. رهڻ ـ گذارڻ. گهٽ ٿيڻ ـ تخفيف ڪرڻ ـ پت سان مٽو لڳڻ ـ باز اچڻ. ڪنڌرو يا نرم ٿيڻ. سنگ گهرڻ (ت). ڪير لاهڻ تي آماده ڪرڻ.

ـ ساڳاهه ۽ ساڳاهُونءُ: ث. ڪٽنبيءُ ـ فڪر. سنڀال ـ تات. خبرداري ـ پر گهور ـ پرچار ـ پرداخت. خيال ـ ڏيان ـ سالڳو ـ پرواه ـ لک ـ چيت. ڏاهپ ـ سرت ـ سمجهه ـ حوصلو. عاقبت انديشيءُ ـ اڳ چيتي. جتن تاکيد ـ چتاءُ. اختيار. گهُرَ ـ چِڪَ ـ طَلَبَ (سڳب جي) (ت). پيچ گهٽڻ.

ـ ساڳاهيتو ۽ ساڳاهيتا: ذ. صفت. سياڻو ـ گهٽو ـ گاڙو ـ سَتَمَانءُ ـ دِگهي نظر رکندڙ ـ دير گهه درشن ـ دور انديشءُ ـ سياڻپ جو ـ پکو پختو ـ سيانڻو. خبردارءُ ـ سچيت ـ سُجاڳءُ ـ ساوِڌانءُ.

ـ ساڳاهيجَنءُ: ڪير ڏيندڙ جانور جو ڪير لاهيڻ ـ سگوئيجڻ (ت).

ـ ساڳاهو ۽ ساڳاها: ذ. صفت. خبردارءُ ـ هوشيار ـ سچيت ـ ساوِڌان. سياڻو ـ گاڙو ـ متمانءُ ـ دِگهي نظر رکندڙ ـ دِير گهه ـ سمجهو ـ درشءُ ـ دوراندپيشءُ ـ سياڻپَ جو ـ پکو ـ سيانڻو.

● ساڳائيڻءُ: مصدر. [سن. سَنْجيجا = س = چگو + جيجا = جاڻ] سمجهڻ ـ سڃاڻڻ ـ سَهي ڪرڻ. ٽٽن ۾ ڪير لاهڻ (سگوئيڻ) (ڪ). ڏڏل پکري جي ٽٽن ۾ ڪير اچڻ.

● ساڳيرو: اسم خاص. تعلقي ميرپور خاص ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ساڳُ واڳُ ۽ ساڳ واڳ: ذ. معتبر ماڻهو ـ ڏسڻو وائسڻو.

● ساڳُو واڳُو ۽ ساڳا واڳا: ذ. معتبر ماڻهو ـ ڏسڻو وائسڻو.

● سالَ ۽ سالُونءُ: ث. [ف. شال] شالَ ـ ريشمي چادر.

● سالءُ ۽ سالَ: ذ. [ف. سال] ورهيه ـ سمت ـ سلـ ـ ۱۲ مهنا ـ سج جي ڏوري جي چرار جي برج حمل جي پهرين نقطي کان شروع ٿي برج حوت جي پڇاڙي جي نقطي تي ختم ٿيندڙ حالت. عمارتي ڪاڪ جو وڻ ـ ڪاڏوڙي وارو وڻ. (صفت). صاف (آن). نج ـ نجو ـ صاف ـ شُدّ ـ لبارءُ. سنو ـ آڇُتو ـ نرمل. آصيلءُ ـ چِنڊءُ. ڪرءُ ـ تڪو ـ سچو ـ چوکو ـ ٽنگسالي. پاڪءُ ـ پوِتّرءُ ـ پاڪدامن. صفا ـ نسورو (ڪوڙ). سنو ـ سالم ـ چگو ـ عمدو ـ موچارو ـ آڇو. خوبءُ ـ پورو.

ـ سالانءُ: ظرف. سالياڻو ـ سالَ جو ـ سالَ وارو ـ سال بَسالءُ.

ـ سالءُ بَسالءُ: ذ. صفت. هر سالءُ ـ هر ڪنهن ورهيه ـ هر پارهين مهينن ـ پاراهو.

ـ سالءُ تمامءُ: ذ. پويون سالءُ ـ اخير سالءُ.

ـ سالِيتَمامِيءُ ۽ سالِيتَمامِيُونءُ: ث. پارهن ماهي رپورٽ ـ سالَ جي ڪارگذاري ـ سالَ جي آخر جي ياداشت.

ـ سالءُ پهوسُتَهَ: ذ. پوئين ۾ پويون سالءُ.

ـ سالءُ خُورءُدَهءُ: ذ. جهونو ـ پوڙهو ـ وڏو ـ ٻڍو. پراڻو ـ فرسوده. تجربڪار.

Gul Hayat Institute

= سالُ شَمْسِي: ذ. سج جي گردش تي مقرر ٿيل سال.
= سالُ قَمَرِيُ: ذ. چنڊ جي گردش تي مقرر ٿيل سال.
= سالُ گُذَشْتَهُ: گذريل سال- پويون سال.
= سالِيگِرهُ ع سالِيگِرَهُونُ: ث. جنڪ جو ڏينهن- جنم جو ڏينهن- پيدا ٿيڻ جو ڏينهن.
= سالُ گَشْتِيُ: ذ. هڪ سال نه، پوءِ سال- هڪ سال ڇڏي پئي سال- هيڪو پئي سال.
= سالنَامُو ع سالنَامَا: ذ. ڪئليندر. جنتري. اخبار يا رسالي جو سالانه نمبر.
= سالَوارُ: ظرف. هر سال- سالانه.
= سالَها: ظرف. ڪيئن سال- سالن لاءِ- ڪي ورهه- ڪجهه مدت- ڪي ڏينهن آڳاڻو- زمانو.
= سالَها سال: ذ.ف. هر سال- هر مند- ڪيتروئي عرصو- گهڻا سال- مدت دراز.
= سالُونُ سال: ظرف. هر سال- ورهيارو.
= سالِيانو ع سالِيانا: ذ. صفت. (ف). سال جو- پارهن ماهو- ورهيارو. هر سالُ- سال بَسالُ. (ث. سالِيانِيُ ع سالِيانِيُونُ)
● سالاتُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● سالارِ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي گڙهي ياسين ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● سالارُ ع سالارَ: ذ. (ف) سپهه سالارُ- اڳواڻ- رهنما- سردارُ- ليڈر- آفيسر- هادِيُ- رهبر- پيشوا- سروَرُ- مڪيه- ڪماني- ڏرو- پردانُ- مهندارُ. ڪپتان- مڪيه اڳواڻ- اڳرو.
= سالارِ جنگ: ذ. جنگ جو سپهه سالارُ.
= سالارِ قافِلَهُ: ذ. قافلي جو اڳواڻ.
= سالارِ قَومُ: ذ. قوم جو اڳواڻ يا سرڪردو.
● سالارُ: اسم خاص. گياهه جو هڪ قسم. دوا طور ڪم ايندڙ پسارڪو وڪر.
● سالاراڻيُ: اسم خاص. مري بلوچن جو هڪ قبيلو.
● سالارُو ع سالارا: ذ. سنهي ڪپڙي جو هڪ قسم- شربتائين ململ- شَبْنَمَا- شَبْنَمُ. آبشار. (ضد. جالارو):

"سسئي سيڻي سير ڪيا جالارا جبل جا،
سالارا سَرَ ڪري، وَئي آڪاري وِيرَ"
(آخوند).

(اسم خاص) تعلقي هالا ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● سالاري: اسم خاص. تعلقي خيرپور ناٿن شاهه ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● سالارِي لُلُرُ: اسم خاص. گاهه جو هڪ قسم، جو مارو ماڻهو پاڇيءَ طور ڪم آڻين.
● سالاهِنُ: مصدر. ساراهڻ.
● سالِيتُ (سالِيٽر): ذ. [الگ: لوڻ Salt] جلاب طور ڪم ايندڙ اڇي رنگ تي هڪ قسم جو لُوڻ.
● سالَرُ: اسم خاص. گاهه جو هڪ قسم.
● سالِيرَنُ (ث): مصدر. جوش ڏيارڻ تي سامت ۾ اڇي، وري ڪم تي تيار ٿيڻ.
● سالِيكُ ع سالِكَ: ذ. [ع. سَلَكَ] حال جي زور تي طريقت جون منزلون طئي ڪندڙ صوفي- درويش- خدا دوست- پهتل شخص- عابد- مقدس- مهاتما- ولي- اولياء. پابند شرع- عالم. اديب. سنت- پوجاري. ساڌ- ٻڌ جهڙو- سنت جهڙو- ساڌ ڪو. سلوڪ وارو- سلوڪ ڪندڙ. مسافر- سيلاني- پانڌياڙو- راهي- واٽهڙو- راهرو. (صفت). سياڻو- ڏاهو- گنهير- سمجهو. وڏي عمر وارو. سگهڙ (اسم خاص). مرزا قربان علي بيگ دهلويءَ جو تخلص.
● سالِنگْرامُ ع سالِنگْرامَ: ذ. [سن. سال = ساڪ + گرام = هند] ساڪ جي گهڻن وڻن وار هنڌ. [سن. شالهه گرام] هڪ جبل جو نالو، جنهن تي هڪ قسم جو پٿر ٿئي، جنهن کي هندو ويشنو جي مورتي ڪري پوجين.
● سالِيرُ ع سالِيرَ: ذ. [ع. سَلَمَ = هن سلامتي ڏني]. سلامت- صحيح سلامت- بچيل- محفوظ- سوگهو- هٿيڪو. برابر- ٺيڪ. ٺيڪو- پختو. ڪامل- پورو- مڪمل- سجو- سارو- سمورو- سپ- مڙوئي- جملو- ڪُل- سيوئي. سٿو- سجر-

Gul Hayat Institute

سڻو پرو ـ سينو پرو. تمازو ـ تدوانو ـ تندرست ـ چگو ـ پاو ـ نرويو ـ اروگ ـ ٽنگسالي ـ کرو. کڙاکڙي ـ شڊ ـ بي عيب. سليم ـ صاف دل ـ شريف.

● سالُ مَکانُ: اسم خاص. ڪوٽڙيءَ کان ستن ميان جي مفاصلي تي هڪ ڳوٺ، جنهن جي آبادي جو مدار ٽئن باران جي پاڻيءَ تي مدار رکندڙ.

● سالِنوُ ع سالِنا: ذ. ترکاري ـ پاجي ـ هوڙ ـ گوشت.

● سالو ع مالا: ذ. [سن. شالَهہ] زال جو پاءُ ـ جوءِ جو پاءُ. (ث. سالي ع سالِيُونُ) ذ. صفت. سال جو. عدد جي ٻڌيان اڳي صفت جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندڙ لفظ "دو سالو = ٻن سالن جو، ڇو سالو = ڇهن سالن جو".

ـ سالاتُ ع سالاتَ: ذ. سالي جو پت ـ سالاج.

ـ سالاجُ ع سالاجَ: ذ. سالاتُ ـ سالي جو پت.

● سالُوُ ع سالُوُ: ذ. گاڙهي رنگ جو تمام سنهو ۽ عمدو ڪپڙو ـ عورتن جي اوڍڻ جي ڇوتي (هـ. سالُو = سنهڙو عمدو ڪپڙو). ڪوهه ڪوٽ جي موقعي تي پاڻي اڇڻ وقت ان جي پاسن کان ڏنل هڪ قسم جي منجي.

ـ سالُورُ ع سالُورَ: ذ. [ف. شال] ڪپڙي جو هڪ قسم ـ شال جهڙو اڻيل ـ نفيس ڪپڙو ـ گاڙهي رنگ تي ريشمي ڪپڙي جو هڪ قسم ـ سالُورو. ريشمي وڳو. [هـ. سالو + ر]. ڏاهو ـ سڀتيو.

ـ سالُو وُ ع سالُورا: ذ. سالورو. ساج ـ ساز. سڳڻ ـ ساڻ. سک ـ سهنج. گاهه جو هڪ قسم.

و سالُونڙوُ ع سالُونڙا (ث). ذ. رڳيل ڪپڙو ـ سال.

● سامرَ ع سامُونُ: ث. [سن. شرام > شامن = راضي ڪرڻ] لڄ. امانت. پناهه ـ اجهو ـ اوٽ. بچاءُ ـ رکيا ـ سرن ـ حفاظت ـ پناهه ـ اڙ. حمايت ـ تلهداري. ڏمو ـ عيوضو ـ بدلو. صدقو. پيش. لوهي اوزارن جي ٻچاڙيءَ ۾ لوهه جو ويڙهيل ٿلهو يا ڇلو.

ـ سامرَ پَرُتَنُ: ڪنهن ماڻهوءَ کي ٻئي جي حفاظت ۾ ڏيڻ يا سپرد ڪرڻ.

ـ سامرَ پَوَنُ: لاهر لڳڻ ـ پناهه وٺڻ ـ حمايت حاصل ڪرڻ ـ اجهي هيٺ رهڻ. امانت هجڻ ـ پاڇي ۾ پوڻ. پيش پوڻ.

ـ سامرَ جهلَنُ: اجهو ڏيڻ ـ پناهه ۾ آڻڻ.

ـ سامرَ ڏِيَنُ: پناهه ڏيڻ ـ اجهو ڏيڻ.

● سامُرُ: اسم خاص. حضرت نُوح جو وڏو پٽ. رستم پهلوان جو ڏاڏو.

● ساماروُ: اسم خاص. تعلقي جيمس‌آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● سامانُ ع سامانَ: ذ. [ف] مال ـ شيءِ ـ ٽوڪ ـ وٽ ـ توشو ـ مڈي ـ اسبابُ ـ ٽپڙ. ملڪيت ـ مالي ـ راس ـ تٽ ـ جائداد ـ املاڪ. ساجُ. آراستگي. اوزار ـ هٿيار. شيءِ شڪل. مصالح. سامگري. حد ـ سنڊ و ـ سرحد. ارادو ـ مقصد. گڻ ـ خاصيت.

ـ سامانُ پَتَنُ: ڪنهن شيءِ جي ظاهر ٿيڻ جا آثار نمايان ٿيڻ. تيار ڪرڻ ـ ٽپڙ گول ڪرڻ.

ـ سامانِ حَرَبُ: ذ. [ف. سامان + ع. حرب = لڙائي] لڙائيءَ جو سامان.

ـ سامانَ ۾ اچَنُ: هوش سنيالڻ ـ غصو هٽڻ ـ ٺڏو ٿيڻ.

● سامانو ع سامانا: ظرف. هٿيڪو. برقرار ـ ٽيڪ ٽاڪ. (ذ). تياري ـ سانباهو ـ سڀيت ـ لالچ. مال ـ مڈي ـ شيءِ شڪل. ملڪيت ـ املاڪ ـ مالڪيات ـ راس ـ تٽ. جائداد. خبر ـ نياپو.

● سامائنُ: مصدر. بالغ ٿيڻ ـ وڏو ٿيڻ ـ سامائجڻ (چوڪريءَ جو). جهلڻ ـ سانڀڻ ـ سانڍڻ (ل).

ـ سامائو ع سامائا: ذ. بالغ ٽيل. نالي وارو. (اسم خاص). ماڻهوءَ جو هڪ نالو.

ـ سامائجَنُ: مصدر. بلوغت کي پهچڻ ـ بالغ ٿيڻ ـ ساڳيا هجڻ ـ وهي کي رسڻ ـ نوجوان ٿيڻ ـ وڏو ٿيڻ ـ ڏوهه ۾ اچڻ. پچڻ ـ راس ٿيڻ ـ تيار ٿيڻ. سمجهه واري عمر ۾ اچڻ.

ـ سامايلُ ع سامايلَ: ذ. بالغ ٽيل ـ وهي چڙهيل ـ ڏوهه چڙهيل ـ جوانيءَ ۾ آيل. سمجهه ۽ پرک واري عمر ۾ آيل. رسيل ـ پور ۾ آيل.

ـ سامايلُ وِياءُ: بالغ ڏيءُ يا پي مائٽياڻي.

Gul Hayat Institute

● سُپِيرُ ۽ سُپِيرَ: ذ. دالاءُ - عقلمند.

● سُپِيرَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● سُپِيرو ۽ سُپِيرا: ذ. [سن. سُپِيگ: سُ=چڱو+پگ=قدم] پير سُڃاڻندڙ - پيري - پيرايُو - ياڪي.

● سِپِيا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● سَپِيهلُ ۽ سَپِيهَلَ: ذ. سج - آفتاب - سورج.

● سِجُ: ث. شڪل. انداز. سينگار - آرائش. خوبصورتي.

= سَجُ ڏَجُ: صورت - شڪل. هار سينگار - زيب و زينت.

● سَجُ ۽ سَجَ (ث): ذ. وَجهُ - بُل. سنوت - سڌائي.

= سِجُ ۽ سِجَ: ذ. [سن. سُورِيَ=سيج. ع. سِراج] سورج - آفتاب - شمس - آدِتيہ - آدتيہ - سُورِيہ - سِجُ - مِهر.

= سِجَ آپَرَڻِي: ظرف. سيج لڪڻ وقت - صبح جو - صبح مهل - ڏينهن شروع ٿيڻ وقت.

= سِجُ ٻُڏَنُ: سِجُ لهڻ - سورج غروب ٿيڻ.

= سِجُ بِنِ سُڻِنُ ۾ هُجَنُ: پوري منجهند هڻڻ - ٽاڪ منجهند هڻڻ.

= سِجُ تَرِيُ هِيٺُ لِڪائيڻُ: ڪليل يا ٻدري ڳالهه کي لڪائيڻ جي اجائي ڪوشش ڪرڻ.

= سِجَ چَنَڊَ وانگُرُ نِيکُرَنُ: مقرر وقت تي لڪڻ.

= سِجَ سانُ: ظرف. صبح جو - سِجَ آپرڻ ٽي وقت.

= سِجُ سُورِجُ: اسم خاص. هندن جو هڪ ودو ڏينهن ڦڪڻ جي مهني ۾ ايندڙ.

= سِجُ ڪاهار تهي آڇنُ: منجهندُ ٿيڻ.

= سِجَ کهي پِيٺَرَ هٽَنُ: سيج لهڻ کان اڳي رات جي ماني کائڻ.

= سِجَ کهي پَٽَرَ هٽيءُ کائيندءُ: رات جي ماني سويل کائڻ.

Gul Hayat Institute

= سِجَ گِرَهَنُ: سج ونڻ جي حالت - سج جي ڏرتي ۽ چند جي وچ ۾ اچي وڃڻ جي حالت. کسوفُ.

= سِجُ لاڙائُو ٿيڻُ: سج لهڻ وارو ٿيڻ.

= سِجَ لٿي: ظرف. شام جو - سج لهن بعد - سانجهي مهل - مغرب مهل.

= سِجُ لٿُوائيڻُ: فائدي ملڻ جي جاءِ ٿيڻ - فائدو پَوَڻُ.

= سِجُ لهَڻُ: گِلارو ٿيڻ. بي مانو ٿيڻ. بي غيرت ٿيڻ. بيڪار ٿيڻ. بي همت ٿيڻ.

● سُجات: صفت. [سن. سُ = چڱو + جات = ذات] سڀي کهراڻي جو - چڱي کنب جو - چڱيءَ ذات وارو. خاندالي - کلين - اصيل - پَلو - آٿر - رَفيعُ. امير لوک. سُجاتيو.

= سُجاتِيوُ ۽ سُجاتِي: ذ. صفت. ڏسو سُجات. سڀي کهراڻي جو. آٿر کهراڻي جو.

● سِجاتوُ ۽ سِجاتا: ذ. سجات وڻ جي تاندورن مان ٺهيل نوڙي - سِجاد و - پينڊو. (ث). سِٽي جو هڪ قسم.

= سِجاتِي جوُ سَگهُ: مٽي جو سور وغيره لاهڻ لاءِ سجاتي مان ٺاهيل ۽ ڏمر کيل سگهو.

● سَجاتِيُ ۽ سَجاتِيُ: ظرف. هڪ ذات وارو - ذات پائي - هر قوم - مت مائٽ - شريڪ - سيالُ.

● سَجّادَهُ: ذ. (ع). جاءِ نماز - مُصَلّو. درويشن يا پيرن جي گادي - آسڻ - وهڻ جي جاءِ.

= سَجّادَهُ نَشينُ: ڪنهن پير يا بزرگ جي گاديءَ تي وهڻ وارو.

= سَجّادَهُ نَشينُ ٿيڻُ: پير جي گاديءَ تي وهڻ - خلافت ونڻ.

● سِجادوُ ۽ سِجادا: ذ. ڏسو سجاتو.

● سَجاروُ ۽ سُجارا: ذ. صفت. هوشيار - اکابر - سياڻو - ڏاهو - دانا - عقل وارو - هوشيارَ ڏُڪَ - زِيرَڪُ - سَهوجهُ - سڌو هرو - پهچاڻ - سمجهُو - فهميد و - پڌوان - گياني. دو راندیش - جهان ديدو.

● سُجارِيُ ۽ سُجارِيُونُ: ث. هرلڏڪائي.

● سجافُ ۽ سِجافَ: ذ. (ع). حاشيو. سنجافُ.

● سُجاڪُ ۽ سُجاڪَ: ذ. بيماريءَ جو هڪ قسم - پرسيل - سوزاڪ.

● سُجاڪوُ ۽ سُجاڪا: ذ. صفت. [سن. جاگر] سجاڳ - جاڳيل - سجاڳو - بيدارُ. خبردارُ - باخبر - هوشيار - چوڪسُ. چيتي وارو.

= سُجاڪائيُ ۽ سُجاڪائيُونُ: ث. جاڳ - سُجاڳي - جاڳرتا - سُجاڳ - بيداري. چوڪسي - خبرداري - هوشياري - سجاڳائي.

= سَجاڪِيُ ۽ سُجاڪِيُ: ذ. صفت. سُجاڳ - هوشيار.

● سُجاڳُ: ذ. صفت. [سن. سُ = چڱو + جاگر = جاڳڻ] هوشيار - جاڳيل - بيدار - خبردار - سُجاڳو. هوشيار - باخبر - چوڪس. چيتي وارو. چالاڪ - ڦرت - تيز. سُڄيت - آگاهه.

= سُجاڳائيُ ۽ سُجاڳائيُونُ: ث. سجاڳي - جاڳرتا - جاڳ - بيداري. هوشياري - خبرداري - چوڪسي.

= سُجاڳُ ٿيڻُ: جاڳڻ - نند يا بي خبريءَ مان هوشيار ٿيڻ. خبردار ٿيڻ.

= سُجاڳُ ڪَرَڻُ: ٻئي کي نند مان خبردار ڪرڻ - ڪنهن خاص حقيقت کان واقف ڪرڻ - آگاهه ڪرڻ.

= سُجاڳوُ ۽ سُجاڳا: ذ. سجاڳ - هوشيار - بيدارُ.

= سُجاڳِيُ ۽ سُجاڳِيُونُ: ث. خبرداري - سجاڳائي - جاڳرت - جاڳ - بيداري. هوشياري - چوڪسي. ليکهباليُ. سُڄيتائي.

= سُجاڳِيُ ٿيڻُ: نند مان هوشيار ٿيڻ - اکيون کولڻ.

سُجاڳوُ ۽ سُجاڳا: ذ. سويلَ. سانجهي واري روشني. صبح جو آجالو.

= سُجاڳِي: ظرف. سويلي - ساجهر.

● سُجانُ ۽ سُجانَ: [سن. سُ = چڱو + جڃا = جاڻڻ] عالمُ - گيانيُ - واقفڪارُ - پُڌيوانُ. جاڻو - سمجهو - سياڻو. داناءُ - هوشيارُ - عاقل. زِيرَڪُ - چالاڪُ - چاتر - عيارُ. پهلوان.

Gul Hayat Institute

● سِجاوَتُو: اسم خاص. هو ڪ جو هڪ مسمّا سجاتو.
= سِجاوَتِيءُ: [سن. سوريہ = سج] سج اپرڻ وقت هوندڙ مٽي جو سور.
= سِجاوَتپي جو سڳو وَڻائيڙ: اڌ مٽي جي سور لاءِ سيٽيءَ جو ڏاڳو وڻائڻ.
= سِجاوَتِيءُ سُورُ: سج اپرڻي جو درد = سج اپرڻ وقت مٽي ۾ پولڊڙ سُورُ.
= سِجاوَلُ: اسم خاص. تعلقي ميرو خان ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
= سُجاوَلُ: اسم خاص. تعلقي سُجاوَل ۾ هڪ ديهہ جو نالو = ضلع ٺٽہ ۾ تعلقي ۽ شهر جو نالو.
● سِجاهِيڻُ: مصدر. مارڻ = سزا ڏيڻ.
= سِجاهَ ۽ سِجاهُونُ: ث. مار = ڪُٽ = سزا.
= سِجاهَہ ڏِيڻُ: مار ڏيڻ = چٻيٽ ڏيڻ.
= سِجاهَہ ڪِيڏَنُ: مار ڏيڻ.
● سَجائڻُ: مصدر. [سن. سَجّ = سينگارڻ] سينگارڻ = زيبدارُ بنائڻ = ناهڻ. پائڻ = پهرائڻ.
= سَجاوَتَ ۽ سَجاوَتُونُ: ث. آرائش = زيب = زيبائش = ناهه ٺوه = سينگار = بناوٽ = قرينو = بناءُ. جوڙجڪ = انتظام. ترتيب.
● سَجائيُ: اسم خاص. تعلقي ڏيپلي ۾ هڪ ديهہ جو نالو. ٽر ۾ هڪ ڏهر جو نالو.
● سَجائيُ ۽ سَجائِيُونُ (ث): ث. اٽ جي وڏي تنگ ۾ ڏاس جا وڏا جهاڀا. ٽڙا.
● سُجائيُ ۽ سُجائِيُونُ: ث. ڪمائتي = فائديمند = مفيد.
● سَجائِيو ۽ سجائِيا (ث): ذ. پاڪي = آسترو.
● سَجايو سَجايا: ذ. صفت. [سن. سُ = چڱو + جاءِ = هنڌ] چڱي جاءِ وارو = سڪارتو = سڪيارتو = سود مند = فائديوارو = واڌاري وارو = لڦي وارو = لاپائتو = ڪنجائشي = فيض وارو = پلي وارو = مفيد = ڪمائتو = ڪارائتو = ڪتبائتو = ڪرَوَندُ = سُڪَمو = سارٿڪُ = ڪَمَ جو = ڪارَ جو = مُجرَبُ.
● سَجّايو ۽ سَجّايا (ث): ذ. پاڪي = آسترو.
● سَجيدو ۽ سَجيدا: ذ. [ع. سجده =] خُدا جي اڳيان مٽي جهڪائڻ جي حالت = بندگي = نيوڙت = ڏنڀوت = ضعفُ ڪَمال. پيشوا.
= سَجيدَهُ سهوَ: لمازم پل چوڪٽيڻ جو سجده.
= سَجيدَهُ شُڪرُ: خدا تعاليٰ جي شڪر گذاري جو سَجده.
= سَجيدَهُ ڪَرَنُ: سر جهڪائڻ = مٿو ٽيڪڻ. امر مڃڻ.
= سَجيدَهُ گناهُ ۽ سَجيدَهُ گناهَ: سجدي ڪرڻ جي جاءِ = مٽي ٽيڪڻ جو هنڌ.
= سَجيدَهُ گذارُ ۽ سَجيدَهُ گُذارَ: ذ. سَجيدَهُ ڪندڙ.
● سُجُرو ۽ سُجُرا (ث): ذ. شجرو = نسب نامو = حسب نسب = ونساولي = پيڙهي = ڪُتب جو سلسلو. سَنَدَ.
● سَجَرُ ۽ سُجَرَ (ث): ذ. ڪنديءَ جي ڪاڻيءَ جو ڏانڊو = ڪُونيٽُ.
● سُجرِيو ۽ سُجرِيا (ث): ذ. چٽي جو ڏانڊو.
● سَجعَ ۽ سَجعُونُ: ث. (ع). خوش الحان ٻڪين جي لات. ٻن جملن جي ڇاڙيءَ ۾ هڪجهڙن لفظن هڻ وارو هڪ قسم جو نثر. موزون ڪلام = مقفيٰ.
● سَجِڪَنُ (ل): مصدر. محفوظ رکڻ. سنڀالڻ.
= سَجِڪو ۽ سَجِڪا: ذ. صفت. رکائتو = هٿيڪو = زبان ٽيڻ ڪان بي ڏيو. (ضد. آجِڪو).
● سَجِڪنُ (ل): [سن. سجن =] پرڻ = سڻ. ڇڻ. ويڙهجڻ = جنبڻ. سَجِنُ = سَجِهائيڻُ
"سنجهي ۽ صبوح سورن ٿي سَجِڪيُونُ"
(شاعر).
= سَجِڪو ۽ سَجِڪا (ل): ذ. صفت. پَريَلُ = چڪار ٽيل. ڏاوَلُ = رَچِيَلُ. دنيادارُ = تونگر = شاهوڪارُ = مايا وَندُ = جوپ.
● سَجيڪو ۽ سَجيڪا: ذ. بي آرام.
● سِجلائيڙُ: مصدر. بندوبست ڪرڻ = ناهي ڪرڻ = ترتيبائتو ڪرڻ = قرينو تي آڻڻ = باقاعدي ناهڻ = سَجائڻ = سڌارڻ = سَنوارڻُ.

Gul Hayat Institute

ـ سجِلَ ۽ سجِلُون : ث. صفت. ڪنهن ۾ ڪم ڪرڻ جو طريقو يا ڍنگ ـ سليقو ـ اسلوب ـ شعور. طرز ـ طرح. سڄائي ـ صفائي ـ هوشيدائي ـ سيونڀ ـ ڏاهپ ـ بندوبست ـ پرهند ـ جوڙجڪ. ترتيب. تصوير.

ـ سِجِيل ۽ سَجَلَ : ذ. صفت. عمده. نفيس ـ نازڪ. ٺيڪ ـ معقول.

ـ سِجِلائتو ۽ سِجِلائيتا : ذ. صفت. تجويزائتو ـ ڏاهائتو ـ باترتيب ـ سڄائتو ـ سلسلي وارو ـ قرينسي وارو. ورجائتو. سنجيلو.

ـ سِجِلائي ۽ سجِلائيون : ث. صفت. سڄائي ـ صفائي ـ هوشيدائي ـ سيونڀ ـ سليقو ـ اسلوب ـ شعور. طرز ـ طرح. هوشياري. خوبي. چالاڪي. دانائي. (گنگا جو ڪتب ص. ۳).

ـ سِجِيلو ۽ سِجِلا : ذ. صفت. ورجائتو ـ سنجيلو ـ سِجِيل ـ خوش اسلوب ـ طرزائي ـ سليقي مند ـ هوشيدو ـ باشعور.

● سَجَنَ ۽ سَجَنَ : ذ. پيارو ـ وٽندڙ ـ سڄڻ ـ محبوب. (ث. سَجَني ۽ سَجَنيون).

● سَجَنُ : مصدر. [سن. سَجّنا = سينگارڻ] سينگارڻ ـ ڏاهڻ ـ سنوارڻ ـ سڏارڻ. ڪپڙا ڍڪائڻ. ڳهڻا پهرائڻ. هٿي تي ڀالڪي رکڻ. هٿيڪو رکڻ.

● سِجَنُ (ث): مصدر. رڌجڻ ـ پچڻ. اندر ۾ ڪاوڙجڻ. ٻاهر ڳالهائڻ نه ڏيڻ.

● سُجُودُ ۽ سُجُودَ : ذ. [ع. سَجَدَ. هن سجدو ڪيو] سلام ـ تعظيم ـ ڏنڊوت ـ پوڄا. خدمت گذاري. گاڏ غلامي.

ـ سُجُودُ پَرَنُ : سجدو ڪرڻ ـ ڏنڊوت ڪرڻ ـ سَر جهڪائڻ ـ پوڄا ڪرڻ. غلاميءَ جو دَمُ پرڻ. خدمت گذار ٿيڻ.

● سُجُودِي : امر خاص. مڪران ۾ هوڪ تي گذران ڪندڙ هڪ قوم.

● سَجوڙِي ۽ سَجوڙِيون (ل): ث. خدا حافظ ـ اللّٰه واهي ـ موڪلائيءَ جو ڪلمو. جيئن: "ادا سائين! هاڻي سجوڙي". ٻيڙو پار ـ ڪاميابي ـ سوپ.

ـ سَجوڙِي ٽِيَنُ : ٻيڙو پار ٿيڻ ـ ڪاميابي ٿيڻ ـ سوپ ٿيڻ.

ـ سَجوڙِي ڪَرَنُ : ڪاميابي ڪرڻ ـ ڪم ڏاهڻ.

● سَجوڪو ۽ سَجوڪا : ذ. صفت. سولو ـ بنا جوکپي ـ آسان. (ضد. اجوکو). ث. (سجوکي ۽ سَجوڪِيون).

ـ سَجوڪائي ۽ سَجوڪائِيون : ث. سولائي ـ آساني ـ بي جوکائي. (ضد. اجوکائي).

● سَجِي ۽ سَجِيي (ل). ذ. صفت. ڪهڙو ـ زياده ـ وڏيڪ.

● سَجي ۽ سَجِيون : ث. ٻاهر تي پچايل گوشت جي ران يا ٽڪر. سربستو سجو چيلو گندلي ۾ وجهي پاڻ تي پچايل ـ بلوچڪي دعوت جو خاص طعام. "ڪنڊ ڪوٽ جي سجي مشهور".

● سَجِيهُ ۽ سَجِيهَ : ذ. صفت. ڪهڙو ـ وڏيڪ ـ زياده ـ سنوالو.

● سَجِيهُو ۽ سَجِيهُا : ذ. صفت. ٿورو ڪهڙو ـ ٿورو وڏيڪ ـ ٿورو وڏو.

● سِجُ ۽ سِجَ : ذ. [سن. سوريه = سِجُ] سِجُ ـ شمس ـ آفتاب ـ سورج.

● سُجاڳُ ۽ سُجاڳ : ذ. صفت. [سن. سجاگر: سُ = چڱي طرح + جاگر = جاڳڻ] جاڳيل ـ خبردار ـ بيدار ـ هوشيار.

ـ سُجاڳائي ۽ سُجاڳائِيون : ث. خبرداري ـ بيداري.

ـ سُجاڳِي ۽ سُجاڳِيون : ث. خبرداري ـ بيداري.

● سُجاڻُ ۽ سُجاڻَ : ذ. [سن. سُجِجا: سُ = چڱو + جِجا = جاڻڻ] هوشيار. چڱي جاڻ وارو ـ جاڻو ـ سُجان ـ سياڻو ـ عقلمند ـ هوشيار ـ عاقل. ڏاهو ـ دانائ ـ سمجهو ـ دانشمند ـ سڏپرو ـ چڱو ـ واقفڪار ـ متمان ـ زِيرَڪُ ـ عقل جو ـ عقلي ـ عقول ـ پڌيوان. عزت وارو. سچار. چاتر ـ چالاڪ. عيار. مدبر. مهربان. سنو. گڻائتو. عارف.

Gul Hayat Institute

● سُڃائيڻ: مصدر. [سن. شُو يَتي > شُو = وڌڻ] آڦارڻ - آپارڻ - سوج ڪرائڻ - ٿوڪڻ - ٿوڙائڻ. (هـ. سُڃاڻا).

● سُڃائي ۽ سُڃائيون: ث. چڱائي - پلائي - خير - سڃڻائي. اڪين جي ٻيائي. سالميت.

● سُڃيت ۽ سُڃيتَ: ذ. سڃي پاسي وارو هنڌ ڏڏانڊ.

● سُڃَرُ: ذ. صفت. تازو - تير - نه ڪوسو ۽ نه ٽڏو - پوروپُنو. تازو توانو - نيرو يو - چڱو. صاف. جهجهي جسم وارو.

● سُڃِرائي ۽ سُڃرائيون: ث. تازگي - تراوت. تندرستي - چڱيلائي.

● سُڃَڻُ ۽ سُڃڻَ: ذ. [سن. سجَنُ = دل گهريو]. دل گهريو - دلبر - محبوب - دلدار - گهرو دوست - ساجن - ديولڻ - معشوق - پرين - يارُ. خاوند - شوهر - مڙس - گهوٽ - وَرُ. عاشق. همدرد - وفادارُ ساٿي - خيرخواه - غمخوار - حاڻائي - ڏکَ ونڊيندڙ. نيڪ ماڻهو. سردارُ - حاڪم - اميرُ - نواب - راءِ. خداوند - پروردگار. گهڻ گهرو. وفادارُ. رام - ڪرتار (ذ. صفت). اخلاق وارو. عزت وارو. (اسم خاص). تعلقي ٽنڊي باڪي ۽ تعلقي ڊگهڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

= سُڃيٽائي ۽ سُڃيٽائيون: ث. سُڃٽائي - سُڃاڻپ - اخلاق مندي - گهٽگهرائي - غمخواري - دل گهرائي.

= سُڃٽيائي ۽ سُڃٽائيون: ث. سڃٽائي.

● سُڃٽيو ۽ سُڃٽيا: ذ. سُڃيٽائي. دل گهرائي - گهٽگهرائي.

● سڃڻُ (ل): مصدر. تيار ڪرڻ - سنياهڻ.

"پُڇيج پوءِ پريتڙون، پهرين سرُ سُڃي"
(شاهه).

● سُڃَڻُ: مصدر. [سن. شُوَت > شُو = وڌڻ] ڏڪ يا ڦٽ جو ٿورڻ - ٿورجڻ - آماسجڻ - آياسڻ - آڦرجڻ - پرجڻ - سوج چڙهڻ - آپري اچڻ. (هـ. سوجنا). ٿوڪجڻ - ڪاوڙجڻ - منهن ۾ شور وجهڻ - ڦندجڻ. (سن. ڪريه) [سن. شُدّ يَت = صاف] ٻڌجڻ - ٻڌڻ - سٽڻ.

"ڪُن ڪلاچي پارَ ڏي، سَڏُ نه سُڃي"
سهجڻ - خبر هڻڻ.

● سُڃَڻُ پارُ: اسم خاص. تعلقي چاچري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● سڃو ۽ سَڃا: ذ. [سن. سَج = تيار ڪرڻ] ثابت - سمورو - سارو. پورو - سپ - مڙيئي - سمڌو. ڪُلُ - سلامت - سيائي - سالم - مڙيوئي - جملہ. سربستو - پيرائتو. (ذ. صفت). وارو - سڃي پاسي وارو - ساجو. (هـ. سجا).

= سَڃا ڪَيڻُ: سڃو انگ لهڻ - صحيح عدد ڪيڻ.

= سَڃو چورو (ث): ذ. اهو چوڪرُ جنهن جي ماءُ مري ويل هجي.

= سَڃو سارو ۽ سَڃا ساراُ: ذ. صفت. سَپُ - داڻاءُ. اڪين وارو.

= سَڃو سونُ ٽيڻُ: ڏاڍو سڃار ٽيڻ - پڪو ديندارُ ٽيڻ.

= سَڃي آنگيڙيءَ ظرف. سڃي لڳين - تندرست.

= سُڃيُ آڪي قَرُ ڪَڻُ: فائدي جو سودو ٽيڻ.

● سُڃيُ ۽ سُڃيون: ث. پلائي - خيرخواهي - مدد. پلو - فائدو. هر ڏيڻ وقت ساجو پاسو. (ضد. ڪهي). (هيسر. سڃي = روبرو) روبرو - حاضريءَ ۾ ٻيهل.

"سو مون هٿان نه ٿئي، جيڪي تو جڳاءِ،
تو سڃيون، تو سنديون سيڪن تو هين ساءِ"
(شاهه).

= سُڃيُ ڪَرَڻُ: فائدو ڪرڻ - پلائي ڪرڻ. راز کولڻ - ڳجهارت پيڃڻ. توڙ تائين رسائڻ - پورو ڪرڻ.

= سُڃيُ وَهَڻُ: ڪنهن سان چڱا پير کڻڻ. ڪنهن سان پلو ڪرڻ - آسان ڪرڻ ۾ مدد ڪرڻ.

"سُڃيُ وَهي سيڪو، ۽ ڪهي وهن خان".

= سُڃيءَ ۾ هڻڻ: ڪنهن جي پلائي ۾ هڻڻ - پلو ڇاهڻ - ڪنهن جو پلو گهرڻ - ڪنهن جو گهٽگهرو هڻڻ.

● سُڃهُ ۽ سَڃهَ: ذ. وَجهُ - وقت - وارُ - وَلُ - آوَسَرُ - وارو - فرصت - داءُ - ساجي - ٽڻ -

Gul Hayat Institute

موقعو ـ سانگو ـ ڏَتُ. سهولت ـ سَولائي ـ سهنجائي. ڦيرو. ڪيڏ ـ آپاءُ ـ حيلو وسيلو ـ مٽو ڪٽو. لهنوڏو ـ ريت ـ ٽمل ـ طرح ـ انڪل سٽڪل ـ فن فريب ـ تجويز ـ بلو. ڊَنگُ ـ انڪل ـ لَلُ ـ هُنر. مصلحت.

ـ سَجَهاتيءُ ۽ سَجَهاتيءُونُ (ل)؛ ث. سولي ـ وجهه واري ـ وجهائتي.

ـ سَجَهائيتو ۽ سَجَهائيتا: ذ. صفت. وَجهائيتو ـ مهلائتو ـ وقتائتو ـ ساڃو ـ موقعائيتو ـ ٽڻ وارو ـ سانگائيتو. سڌو ـ پورو. موقعو ڪولينڊڻ ـ ٽڻ ڪولينڊڻ.

ـ سَجهُه ڏِيَڻُ: وارو ڏيڻ ـ موقعو ڏيڻ ـ بل ڏيڻ.

سَجهُه لڳَڻُ: وَجهُه لڳڻ ـ داءُ لڳڻ. ڪم آسان ٿيڻ.

ـ سَجهُه وَجهه ڏورَڻُ: داءُ پيچ گهڙڻ ـ انڪلون رڙڻ. صلاحونُ پچائڻ.

● سُجهه ۽ سُجهونُ (ل): ث. هٿ واري حالت ـ هوند.

● سُجهاڪو ۽ سُجهاڪا (ل): ذ. صبح ـ فجر ـ روشني.

ـ سيجهاهه ۽ سيجَهاهُونُ (ث): ث. سزا ـ سيڪت.

ـ سيجهاهه ڏِيَڻُ: سزا ڏِيَڻُ: سيڪت ڏيڻ.

● سَجهائِڻُ (ل): مصدر. پوري ٽڪ ٻڌڻ. سَجهائيتو ڏَڪُ هڻڻ ـ سَڏائتو ڏَڪُ هڻڻ.

● سيجهائِڻُ: مصدر. [پرا. سيجهئي. سن. سيڌ = رڌڻ] ٻارڻ ـ ساڙڻ ـ جلائڻ ـ پچائڻ. آبارڻ ـ ڏيئي ٻاهه تي ٽهڪائڻ ـ سيڪڻ. فنا ڪرڻ ـ چڪچور ڪرڻ ـ پورو ڪرڻ ـ ختم ڪرڻ. ني طاقت بنائڻ. بس ڪري ڇڏڻ.

"صورت تنهنجي سوين سيجهايا"
(منڌار).

ڪارڻ ـ جهجائڻ ـ جهورڻ ـ رڌڻ.

"جي سيجهائي تہ پڻ سيڪي سسئي"
(شاهه).

پرائڻ ـ حاصل ڪرڻ ـ وصُول ڪرڻ ـ هٿ ڪرڻ ـ قبضي ڪرڻ ـ پائڻ ـ ميلڻ ـ وَڻڻ ـ وڻڻ ـ ڪٽڻ ـ لهڻ. فائدو ڪرڻ ـ ڪمائڻ.

● سُجهائِڻُ: مصدر. [سن سُوچ = خبر ٿيڻ] معلوم ڪرائڻ ـ واقفيت ڪرائڻ.

● سَجهائيوُ ۽ سَجهائيا: ذ. حَجامت ۾ ڪم ايندڙ اوزارُ ـ پاڪي (ث).

● سُجهنَڊو ۽ سُجهنَڊا (ل): ذ. [سن. سُوجَس = سوجهرو] روشني ـ نُور ـ سوجهرو ـ جوت ـ شعاءُ ـ پرڪاش ـ سهائي ـ آجالو ـ آهاءُ. پرهه ڦٽي ـ فجر. ڏيئو ـ بتي. سوير. يڪدم. (ظرف). نظر ۾ ـ خيال ۾. خبر.

● سَجهنَڻُ: مصدر. سَرَنُ ـ سولو ٿيڻ ـ پوروٿيڻ.

● سيجهنَڻُ (ل): مصدر. [سن. سيڌ = رڌڻ] ڪامڻ ـ سڙڻ ـ ڇڻ. رَجهنَڻ. ٿهڪڻ ـ آپرڪڻ ـ آپرڻ ـ آپامڻ. جوش ۾ هٿڻ. بيماريءَ ۾ ڏکويل هڻڻ ـ تڪليف ۾ اچڻ. پيرائڻ ـ ميلڻ ـ حاصل ٿيڻ. ڪٽڻ ـ وڻڻ ـ ڪمائڻ ـ فائدو ڪرڻ. هٿ ڪرڻ ـ واصل ٿيڻ. نرم ٿيڻ ـ رڃڻ ـ پٽڙو ٿيڻ ـ پتلو ٿيڻ. ايذائجڻ ـ سُور ۾ پرجڻ ـ ڏکوئجڻ.

ـ سيجهيءُ وَجَنُ. پوروٽي وڃڻ ـ ڪمزور ٿيڻ ـ ڏاڍو ٿڪجي پوڻ. ختم ٿي وڃڻ ـ بس ٿي وڃڻ.

● سُجهَنُ: مصدر. [سن. سُوچ = خبر ٿيڻ] ياسُ ـ خيال ۾ اچڻ ـ دل تي تَري اچڻ ـ هُرڻ ـ سمجهه ۾ اچڻ ـ نظر ۾ اچڻ ـ سَمَڪَ ۾ اچڻ ـ پائنجڻ ـ سارڻ ـ سمرڻ. دل سان لڳڻ. حاضر ٿيڻ ـ فرض ڪرڻ ـ سمجهڻ. خبر هجڻ ـ علم هجڻ ـ معلوم هجڻ ـ محسوس ڪرڻ ـ محسوس هڻڻ. لپڻ ـ حاصل ٿيڻ. جرئت رکڻ.

● سَجهوڪ ۽ سَجهوڪ: ذ. سهڻو ـ سهولت. آسرو ـ آميد. سنو ڪم. چڱائي. مَزو.

ـ سَجهيءُ: ذ. صفت. زياده ـ وڌيڪ ـ سَرُسُ ـ جهجهو. آتم ـ اعليٰ ـ بالا ـ اوچو ـ وڏو ـ مٿيون. بيشُ ـ آتَرُ ـ بهترُ ـ اڳ. اڳرو ـ عمدو ـ فائق. پَوتَرُ ـ سُريشٹُ. سهانگو. (ظرف). اڳا ۾ ـ واڌو ـ گهٽي قدر ـ نهايت.

Gul Hayat Institute

ـ سَجهيءُ پچائيڻُ: گهٽو پچائڻ. شيءُ خ پچائڻ.
● سَڃَ ۽ سُڃَڻُ: ث. [سن. سَجيا: س = سان + جيا = جاڻ] نسبت ـ واسطو ـ لاڳاپو ـ تعلق.
"جاڻي ڇهي جن توسين سورَ سڃن ڪي"
(شاهه).
اشارو ـ ڏس ـ هٿ. چٽاءُ. چڪَ.
ـ سَڃَ ڪرڻُ: ڏيکارڻ ـ سامهون ڪرڻ ـ آڻڻ.
ـ سُڃَڻُ ڪرڻُ: نسبت جو اهڃاڻ ڏيڻ. سڏ ڏيڻ ـ وراڻي ڏيڻ.
● سُڃَ ۽ سُڃَڻُ: ث. [سن. شونيَ = سُڃَ] اجاڙ ـ ويراني ـ پينگ ـ تباهي ـ آرَءُ ـ رڻ. هيڪل ـ وسوڙاڻي ـ رَدي ـ خارج. اجايو ـ نڪمو. واڌ ڪائي ـ فراغت ـ پالهاڻي ـ فرصت. سُنَ ـ خالُ. ڏڪارُ ـ بُڪَ.
"سُڃَ وَسندي تنڪي، جوش جلايا جي"
(شاهه).
ـ سُڃَ ڪرڻُ: ويراني ڪرڻ ـ برهادي ڪرڻ ـ پٽ ڪرڻ ـ ڪٽائڻ ـ ڪپائڻ.
ـ سُڃَ واڪا ڪرڻُ: ويراني هڻڻ.
ـ سُڃَهرُ ۽ سُڃهرَ: ذ. سُڃو هنڌ ـ ويران هنڌ ـ بيابان ـ غير آباد زمين.
ـ سُڃَهرو ۽ سُڃهرا: ذ. سُڃَ ـ ويراني ـ بياباني.
● سُڃاپَڻُ: مصدر. [سن. سَجيا: سَ = سان + جيا = جاڻڻ] سڃاڻڻ ـ اوڪيڻ ـ سوهڻ. سُڃاڻپي ڏسڻ. شاملیت ڏسڻ. سڃڻ ـ ليکڻ ـ قدر شناسيءُ ڪرڻ. حق شناسي ڏيڪارڻ.
ـ سُڃاڻَ ۽ سُڃاڻُون: ث. واقفيت ـ جاڻ پڃاڻَ ـ مهاڪڙو ـ ڏيڻَ ـ منهن مقابلو. سهيڙو ـ اوڪار ـ ارچو ـ اوڪائي.
ـ سُڃاڻپَ ۽ سُڃاڻپُون: ث. واقفيت ـ جاڻ پڃاڻَ ـ ڏيڻ ويڻ ـ منهن مقابلو.
ـ سُڃاڻو ۽ سُڃاڻُو: ذ. واقف ڪار ـ جاڻ پڃاڻ وارو ـ ارچيوان ـ سهي ـ ڏڻل. مهاڪڙو ـ سهيڙو ـ ارچو.
ـ سُڃاڻيجيءُ سيڪَ ميلَڻُ: جوڪي هلت ٿيڻ.
ـ سُڃاڻي سيڪَ ڏيَڻُ: لياقت آهر درجو عطا ڪرڻ.
● سُڃَڻُ: مصدر. [سن. سَنْدَنُ] آڇڻ ـ نذرانو ڏيڻ. ڏيڻ ـ بخشڻ ـ عطا ڪرڻ ـ صلاح ڪرڻ. شسٽ ٻڌڻ ـ نشان ڪرڻ.
"سيرَ جو سڃيو سڃڻين ٻنگا ٻاڻ پري"
(شاهه).
تڪَڻُ ـ ڪشڻ ـ بندوق مڏي ڪرڻ ـ اولارڻ ـ الهاڙڻ ـ هڻڻ جو ارادو ڪرڻ. سامهون ڪرڻ ـ آهَڪَ ڪرڻ ـ وارائڻ. لڳائڻ.
"تون پارس آءٌ لوهُ، جي سڃين تہ سون ٿيان"
(شاهه).
ڏسڻ ـ ڏيکارڻ ـ اشارو ڪرڻ ـ سڱڻ. ٻڌائڻ ـ سلڻ ـ ظاهر ڪرڻ. چٽاءُ ڏيڻ. سونهو ٿيڻ. هروليَ پيڃڻ. ملائڻ ـ اڪيون ملائڻ. نسبت رکڻ ـ واسطو رکڻ. دل تي رکڻ. ارٿ ـ گهُورڻ.
● سُڃو ۽ سُڃا: ذ. صفت. [سن. شُونيَ = سُڃَ ـ پينگ] پينگيو ـ ڪنگال ـ سکڻو ـ مسڪين ـ مفلس ـ ٻکيو ـ محتاج ـ جوڪو ـ ويران ٿيل. برباد ـ آجرَ ـ ڦٽل ـ ويران ـ آريج. اڻ وسيل ـ نيرجنَ ـ نرمنش. اڪيلو. آداس. (ذ). بياباني ـ صحرا ـ رڻ پٽ ـ بَرُ.
ـ سُڃائيُ ۽ سُڃائيُون: ث. ڪنگالپڻو ـ پينگيائي ـ مفلسي ـ مسڪيني ـ ٻکيائي ـ ڪوٽ ـ محتاجي ـ جوڪائي ـ آجاڙ ـ سُڃَ ـ ويراني ـ برهادي. بياباني. ڪنجوسائي ـ سرچوڻائي ـ سوسَ ـ سُڃَ ـ ڪسيڻپائي ـ ٽيڙُ ٽڪلو. ٽڪ ٽنيڻ. آداسائي.
ـ سُڃو سَڪيٽُو هُجَڻُ: پينگيو هجڻ ـ تمام غريب هجڻ ـ ڪنگال هڻڻ.
ـ سُڃَ وَسڻُ: اسم خاص. سامي فقيرن جي ٻن منزلن وارو هنڌ ـ سکو پت ۽ جاگرت جو وڃ.
(سامي جا سلوڪ ۲۲۵).

Gul Hayat Institute

- سَچَهارَ ع سَچَهاروُنُ (ل): ث. ویرانی - غیرآبادي - سُنُ.
● سَچُ ع سَچَ: ذ. صفت. [پرا. سَچّو. سن. سَتْیَ < ست = سچائي] حق - برحق - سچ پچ - ستیتا - یتارتتا - راستي - صداقت. صحیح - سَتُ - راست. سچائي - سچارائي - سچاڻ - سچي گالهه. برابر - پورو - بجا - تحقیق - بیشک. لازمي - برقرار. صاف - پاک - نجو - خالص - نج - روشن - چمکندڙ. کلمهٔ تصدیق - ها - واقعي - نیک - درست. یقیناً - حقیقتاً. ساڻیان - صداقت - کرو - چوکو. هوبهو - ساڳیو. (ضد. کوڙ). (هـ. سالچ). گرم موسم - مٹي ۽ چون جا مهینا. بلورن راند ۾ کنیل گیلُ - کڈ وغیره.
● سُچُ ع سُچَ: چندي راند ۾ کوئیل لنیڊي کڈ - گیدِ (ت). بُبو. بُبي جي پینڈ.
● سَچارُ ع سَچارَ: ذ. سچ گالهائیندڙ - سچو - حق گو - راست گو. ستِ - سچائتو - برحق - یتارتُ - برحال - ساڻیان - پورو - نیک - صحیح - درست - کَرو - رَهُ - ٹنگسالي - چوکو. حقیقي - سپتیو - ستواديِ. ساکائتو - ستیاوان - ایماندار. صاف دل - راسیخُ - نِسْکَپَتُ. کارپت وارو. سچیت - سُرلو.
- سَچارائيُ ع سَچارائیُونُ: ث. سچائي - سپتیائي - ایمانداري - راستبازي - سَچُ.
- سَچاروُ ع سَچارا: ذ. صفت. سچار - سچو.
- سَچائيُ: کلمهٔ تصدیق. سَچُ - تحقیق - واقعي.
- سَچائیتوُ ع سَچائیتا: ذ. سچو - سچار - سچاروُ.
- سَچائيُ ع سَچائیُونُ: ث. سچ - ستیتا - یتارتتا - راستي - وادِ تا - صداقت - سَتُ - حق - سچاڻ - حقیقت. ایمانداري - سپتیائي. صفائي - سڻائي. برابري. اصلیت.
- سَچائيُ ڈیکارَنُ: ایمانداري ڈیکارڻ - سچو رهڻ. محبت کرڻ.
- سَچائيُ کَرَنُ: ایمانداري کرڻ.
- سَچُ ٹیَنُ: برابر هڻڻ - صاف هڻڻ.
- سَچُ پَچُ: کلمهٔ تصدیق - سچ مچ - سَچُ. واقعي - هوبهو - بلکل. بیشک - بنا شبهه. صحیح.
- سَچُ چَوَنُ: صاف گالهه چوڻ. کوڙ نه کرڻ. حق چوڻ.
- سَچُ سَچُ: کلمهٔ تصدیق. صحیح - درست - بیشک - ٹیک.
- سَچُ کِ: کلمهٔ تصدیق. تحقیق - بیشک.
- سَچو ع سَچا: ذ. صفت. صادق - سَرلو - راسخ - صاف دل - سچیت - راست - پورو - کرو - سپتیو. نیک - درست - برحق - یتارتُ - ساڻیان - سوڈیت. نمک حلالُ - حلالي. سچارو - سَچائیتو. ایمانداُرُ. وفاداُرُ. ٹنگسالي - واسیتو - حقیقي - سچو پچو - آصیل - تز - چوکو - چند - ٹیٹ. راست باز. نج - خالص - نبار - بنا کوٹ. نِسْکَپَتَ - پروسي جهڑو - انجام جو پورو - سرڈالو. قائمِ - پکو - پختو - آچَلُ - ثابت قدم - قائمِ مزاج. سئو - سهڻو - عادِل - انصاف پسند. پورو پنو - سڌائو - چنگو خاصو (طبیعت جو) موچارو. رهندو. واجبي. برثوابُ. برابر - حقائتو.
- سَچُو (ت): وسریل گاڻهه ٻڌائڻ وقت جملہ جي اڳ استعمال ٿیندڙ لفظ.
- سَچُو پَچُو ع سَچا پَچا: ذ. برابر - اهو ساڳیو. حقیقي - اصلي.
- سچو موتيُ ع سَچا موتيُ: سِپَ مان نکتل موتي - اصلي موتي.
- سَچیُ ع سَچیُونُ: ث. صحیح گالهه - سچ - ستیتا - راستي - حقیقت. دوست - همراه. ناتو - واسطو - تعلق - گهرائپ - دوستي. هک ڏیوي جو ٻالو - اندر جي زال.
- سَچیُ پَچیُ: واقعي - برابر ائین. حقیقي.
- سَچیُ کَرَنُ: ٻاڌ - قبول کرڻ - سلڻ - اقرار کرڻ - هائوکار کرڻ - مڃڻ - حقیقت کرڻ.
● سَچانا: اسم خاص. باز جو هک قسم - سیچانا.
● سَچُدالنَنُدُ: روح القدس - پوِتر آتما - برهما - خدا تعالیٰ. جانِ - آتما - روح - روحاني وجود.
● سَچُدیہوَ: اسم خاص. هندن جي هک ذات جو ٻالو.

Gul Hayat Institute

● سُچرُ ۽ سُچَرَ: ذ. [سن. س + چگي طرح + چرُ = چرڻ] گهٽو ڪائيندڙ - ٻيٽ پري ڪائيندڙ - چاروڪڙ - وڏو ٿوتو - بکيو. هيچي - بڪ مٿو - پالنٽ ٻيو - ڏانتي - درندو. همیشه چرچر ڪندڙ. چتو ڪندڙ. (ضد. ڏچر).

● سُچلُ: صفت. [سن.] چرندڙ - قرندڙ - گهمندڙ. تڪو - تيز. اصل اصل - ٺيڪ چرڻ جي طاقت. قرڻ گهرڻ جي طاقت يا سگهه. هارجيت جي جڙ.

● سَچُلو ۽ سَچُلا: ذ. صفت. ڪمائتو - ڪارائتو.

● سَچُو: اسم خاص. تعلقي ڏکڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● سَچُو: ذ. [سن. سچو = دوست] گهرو دوست. سياڻ جو ميمبر. وزير. خوشي - سک. سچل سرمست جو تخلص.

● سُچيتُ ۽ سُچيتَ: ذ. صفت. خودي وارو - مغرور - بي پرواه - هٺيلو. خبردارُ - هوشيار - دانشمند - محسوس - اثر پذير - نظر پذير - آگاه - سريتو - سرتياڻ تو - چيتائيتو - هوشائتو. ڏاهو - عقلمند - عاقل - داناءُ - سياڻو - ساگو واگو - سويتو - واقفڪار - سڃاڻ - ڄاڻو - سمجهو - حوصلائتو - متمان. ڏيان ڏيندڙ - ساوِڌانُ - سُتو جهه - هڪ چتو - يڪمنو - قانع - خوش. سجاگ. چالاڪ - تيزفهم - ڦڙت.

- سُچيتائيُ ۽ سُچيتائيپُونُ: ث. خبرداري - هوشياري. ڏاهپ - سياڻپ - عقلمندي - دانائي - سمجهه - پروڙ - آگاهي - سُرتَ - چيتو - ڏيان - هوش - سچيتي - خيالُ - حوصلو - ساگاهه - سيتائي. جتن. چتاءُ - تاکيد. سُجاڳي. ڦڙتائي.

- سُچيتيُ ۽ سُچيتيپُونُ: ث. هوشياري - خبرداري - دانائي - سمجهه - پروڙ - سُچيتائي.

● سچيڙنُو ڪلهوڙو: اسم خاص. تعلقي لاڙڪاڻي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● سچيُ لاڙيُ: اسم خاص. سائي ڪي رنگ تي هڪ پوٽي جو قسم، اڻن جو ڪاڇ، سندس ڪائين مان ڪار ٺهندڙ.

● سُچيلو ۽ سُچيلَ: ذ. باز جو هڪ قسم، تلورن ۽ ڪولجن جو شڪار ڪندڙ.

● سَحابُ ۽ سَحَابَ: ذ. ڪکر - بادل - ابر - گهٽا - ميگهه.

● سَحْبانُ: اسم خاص. عرب جي مشهور فصيح ۽ بليغ شاعر جو نالو، گفتگو ۾ ساڳيو لفظ ٻيهر استعمال نه ڪندڙ.

● سَحَرُ: ث. صبح - فجر - ڏُڪي. آسرُ. خيرات جو وقت. روز روشن - نور جو تڙڪو.

● سَحَرُ خَيْزُ ۽ سَحَرُ خَيْزَ: ذ. صبح جو سويل اٿندڙ.

- سَحَرِيُ: روزي رکڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ ڪاڏو.

● سِحرُ ۽ سِحرَ: ذ. (ع.) جادو - طلسم - افسون - ساحري - ڏوهُ - سَنَڌُ - مَنترُ - ڪامڻ - چيتڪ. حرفت - چَلُ. هُنر.

- سِحرُ بَيَانُ: ذ. صفت. فصيح بيان - جادو جو بيان. شاعر. سڱي ۽ اثر وارو تقرير ڪندڙ.

- سِحرُ سَاسِريُ: سامري جادوگر جو علم (جنهن جي زور تي هو حضرت جبرئيل عليه‌السلام کي سُڃاڻي ڳالهائيندڙ سونو ڪابو ٺاهي سگهيو ۽ حضرت موسيٰ جي برخلاف بني اسرائيل کي تعليم ڏني).

● سَخا ۽ سَخائُونُ: ث. فياضي - بخشش - دان - خيرات.

- سَخاوَتَ ۽ سَخاوَتُونُ: ث. سخا - بخشش - دان - خيرات - فياضي - ادارتا - فراخ دلي - دريا هه دلي - ڪشاده دلي. هٿ ڦاڙي.

- سَخا ڪَرَنُ: خيرات ڪرڻ.

- سَخْتُ ۽ سَخْتَ: ذ. صفت. (ف). ڏاڍو - ستاڻو - محڪم - مضبوط. ڪٺن - مشڪل. سوٽ. اوکو - اهنڌ - لال و لو - اهنجو - ڏهيرو - ڏلنب - ڏهيلو - تنگ. جبرو - هيبتناڪ - سَهاوَت. بلڪل صحيح - بلڪل تاکيدي - خوب چوڪس. زوراور - زبردست. تاعدي جو پابند - سپراڙو - جبرالو - دست دراز - غضب ناڪ - ڪنور -

بي رحم ـ سنگدل. بدمزاج. بخيل ـ کنجوس. ٽلهو. (ضد. نرم) (آصفيه). (ظرف). بي حد ـ نهايت ـ ازحد ـ گهڻو.

ـ سَخْتُ او پالا سير تهي آچڻُ: سخت سزا ملڻ ـ چينپ ڏيڻ ـ ڏاڍا ڏک ڏاکڙا سهڻ ـ وڏين مصيبتن ۾ مبتلا ٿيڻ.

ـ سَخْتُ جانِ: ذ. صفت. بي مهر ـ سنگدل. جنهن جي جان مشڪل سان نڪري.

ـ سَخْتُ جانيُ: ث. زحمت ڪشي ـ جفاڪشي ـ برداشت جو مادو.

ـ سَخت دِلِ: ذ. صفت. سنگين دِل ـ پٿردِل ـ بي رحم ـ ڪٺور.

ـ سَخْتُ دِليُ: ث. بي رحمي ـ بي مهري ـ سنگدلي ـ ڪٺورائي. ظلم ـ سختي.

ـ سَخْتُ زَميُنْ: ڪي سٽي واري زمين. مشڪل بحر ـ قافيه ـ ردني وغيره.

ـ سَخْتيُ ۽ سَخْتيُونْ: ث. ڪرڙائي ـ ڏاڍائي ـ سختائي ـ مضبوطائي ـ مضبوطي. دشواري. تندي ـ تيزي. بي رحمي ـ ڪٺورائي. ڏاکڙو ـ مصيبت ـ ڏک ڏوجهرو ـ تڪليف ـ اهنج ـ درد ـ ڏکُ ـ ظلم ـ زيادتي. سنگدلي ـ چوڪسي. تنگي. افلاس ـ سڃائي. بدبختي.

ـ سَخْتيُ ڪَرَنْ: ظلم ڪرڻ ـ زيادتي ڪرڻ. تنبيهه ڪرڻ.

ـ سَخْتيُون ساپِ ٿيڻُ: تڪليفون اجايون لهڻ وڃڻ ـ محنتن جو ڦل ملڻ ـ پورهيو ساب پوڻ.

● سُخْتَرَ ۽ سُخْتَرَ: ذ. بوٽ يا جتيءَ ۾ اندر پير جي بچاءَ لاءِ ايل چمڙو ٽنگ ـ پتاوو (ت).

● سُخُنُ ۽ سُخْنَ: ذ. (ف) واڻي ـ ڪهڻي ـ چوڻي ـ ناطقه ـ واڪ ـ آلاءُ ـ واڻي ـ ڪلام. ڳالهه ـ گفتار ـ ذڪر ـ گفتگو. تقرير ـ وياڪيان. ٻولي ـ زبان ـ باڪا ـ ٻاشا. وعدو ـ انجام ـ قول ـ اقرار ـ عهد ـ وچن ـ ڏَتُ ـ ٻَتُ ـ پرتگيا ـ ٻرنُ ـ قسم ـ ٻولُ ـ زبانَ. شعر ـ نظم ـ مقوله. بدسخن ـ بدشد ـ گار.

ـ سُخُنُ آفيرينُ: ڪلام ٻڌا ڪندڙ ـ خدا تعالي.

ـ سُخُنُ آوَرُ ۽ سُخُنُ اَوَرَ: ذ. [ف. سُخُنُ + آوَرْدَنْ = آڻڻ] تقرير ڪندڙ. خوش بيان ـ خوش گفتار ـ زبان آور ـ شيرين گو ـ فصيح ـ بليغ.

ـ سُخُنُ پَرُوَرُ ۽ سُخُنُ پَرُوَرَ: ذ. [ف. سُخُنُ + پَرْوَرْدَنْ = پالڻ] ٻنهنجي ڳالهه کي وزن ڏيڻ وارو. تعصبي ـ هٿيلو ـ ضدي.

ـ سُخُنُ پَرُوَريُ ۽ سُخُنُ پَرُوَريُونْ: ث. تعصب ـ هٺ ڏرمي ـ ضد.

ـ سُخُنُ چيُنْ: ذ. صفت. [ف. سُخُنُ + چيدن = چونڊڻ] لائي چائي ڪندڙ ـ چٽاپور ـ چغل خور ـ چغل. چاتر ـ چالاک.

ـ سُخُنُ چيُنيُ ۽ سُخُنُ چيُنيُونْ: ث. چغلي ـ چغلپائي ـ لائي چائي.

ـ سُخُنُ دانُ ۽ سُخُنُدانَ: ذ. [ف. سُخُنُ + دانستن = جاڻ] شعر چوندڙ ـ شاعر ـ ناظم ـ سخن گو.

ـ سُخُنُدانيُ ۽ سُخُنُدانيُونْ: ث. شاعري ـ خوش بياني ـ فصاحت.

ـ سُخُنُ ڈيَنْ: انجام ڏيڻ ـ اقرار ڏيڻ ـ وعدو ڏيڻ. گار ڏيڻ ـ خراب الفاظ ڪيڻ.

ـ سُخُنُ رَسُ: [ف. سُخُنُ + رسيدن = پهچڻ] ڳالهه سمجهندڙ ۽ سوچيندڙ ـ هوشيار ـ سمجهدارُ ـ تيز فهم.

ـ سُخُنُ سازُ ۽ سُخُن سازَ: ذ. [ف. سُخُنُ + ساختن = ٺاهڻ] شاعر ـ سُخن گو ـ خوش تقرير ـ فصيح. مڪارُ ـ عيارُ.

ـ سُخُنُ سازيُ ۽ سُخُنُ سازيُونْ: شاعري. جوڙ ٽوڙ ـ دنيا سازي ـ لساني.

ـ سُخُنُ سَنُجُ ۽ سُخُنُ سَنُجَ: ذ. [ف. سُخُنُ + سنج = ماپيندڙ] شاعر ـ ڪويُ ـ ناظم ـ سخن گو.

ـ سُخُنُ شُناسُ: ذ. [ف. سُخُنُ + شناختن = سڃاڻڻ] ڳالهين جو جوهري ـ سخن جو قدردان. ڪلام کي سمجهندڙ.

ـ سُخُنُ شناسيُ: ث. ڪلام کي سمجهڻ جو فهم. سخن جي قدرداني.

Gul Hayat Institute

- سُخَنُ طَرازُ ع سُخَن طَرازَ: ذ. شاعر - کَوِيُ.
- سُخَنُ طَرازِيُ: ث. شاعري.
- سُخَنُ فَهمُ: ڪالهه سمجهندڙ ۽ سوچيندڙ - هوشيار - سمجهدارُ - تيز فهم.
- سُخَنُ فَهمِيُ: ث. سخن کي سمجهڻ جو فهم.
- سُخَنُ کي سينگار وَٽائِيُ: نظم ۾ رنگيني پيدا ڪرڻ - شعر ۾ صنايع - بدائع استعمال ڪرڻ. ڪلام ۾ نازڪ خيالي ڏيکارڻ.
- سُخَنُ گُوُ ع سُخَنُ گُوُ: ذ. [ف. سُخَنُ + گفتن = ڳالهائڻ] شاعر. فصيح - خوش بيان - خوش گفتار.
- سُخَنُ مِلڻُ: گاريون ملڻ.
- سُخَنُ وَرُ ع سُخَنُ وَرَ: ذ. [ف. سُخَنُ + وَرُ] شاعر - ڪوي. فصيح - خوش بيان - خوش گفتار - ناظم.
- سُخَنُ وَرِيُ: شاعري. خوش بياني - فصاحت.
- سَخِيُ ع سَخِيُ: ذ. (ع) ڏاتار - فياض - ادار چِتُ - فراخ دل - دريا دل - ڪشاده دل - داني ارش - دلوارو - خدا جي نالي تي ڏيندڙ - سخاوت ڪندڙ هٿ ڦاڙ. مولائي. داتا - ڪريم.
- سَدَّ ع سَدّوُنُ: ث. (ع). روڪ - آڙ - آڏ. اوٽ - پردو - بن شين جي وچ ۾ حائل شيءِ.
- سَدَّ بابُ: ڪنهن ڳالهه تي قطعاً روڪ.
- سَدَّ بابُ ڪَرَنُ: روڪڻ - بند ڪرڻ.
- سَدَّ راهَ: رستي جي روڪ.
- سَدَّ راهَ ٿِيڻُ: روڪ ٿيڻ - مزاحم ٿيڻ - آڏ ٿيڻ - حائل ٿيڻ. وچ ۾ اڙ ٿيڻ.
- سَدَّ سِڪَنڈَرُ: اسم خاص. ترڪستان علائقي ۾ سڪندر جي ٺهرايل هڪ ديوار.
- سَدَّ يَاجُوجُ: اسم خاص. سَدَّ سِڪَندرُ.
- سَدِ: ظرف. [سن. سدا = سدائين] سدائين - هميشه.
- سِيدُ ع سِيدَ: ذ. سَنگر جو هڪ قسم، رنگ ڪاڙهيرو، منهن تمام سنهو، پاسن وارا ڦنگ سنها، وچ سنهو ۽ ڏاڪو، ڏيکڻ هڪ ڪان ڇهن فوٽن تائين.
- سِيدِ ع سِيدُونُ: ث. سنوت - سڏائي. ٻاکائي.
- سَدا: ظرف. [سن. سدا = سدائين] سدائين - مدام - نِتُ - هر وقت - ٻارو هي - سرودا - دائم - جُڳ جُڳ. لاڳيتو - مُسلسل - ڪنديل.
- سَدا بَهارُ: فقيرن جي هڪ سَيُن جا الفاظ - هميشه سرسبز رهندڙ - سدا سائو - مدامي بهارُ - بي خيزان - نتير - دائمي ٽڙيل ڦُل.
- سَدا سُهاڳ: ڦل جو هڪ قسم. ڪنهن عورت جو مڙس جيئرو هڻڻ.
- سَدا سُهاڳِنُ ع سَدا سُهاڳِيُونُ: ث. زنده مڙس واري عورت. ڦل جو هڪ قسم.
- سَدا سُهاڳِيُ ع سَدا سُهاڳِيُونُ: ث. هميشه خوش. هميشه مڙس واري.
- سَدا سُهڻُو ع سَدا سُهڻا: حسين - حسن وارو. محبوب - معشوق.
- سَدا قَلُ ع سَدا قَلَ: ذ. هميشه قر ڏيندڙ وڻ - سال بسال قر ڏيندڙ وڻ.
- سَدا گُلابُ: ذ. گلاب جي ڦل جو هڪ قسم، ٻارهوئي ٽڻندڙ. خوشبودار سگدامي سارين جو هڪ قسم. جوئار جو هڪ قسم.
- سَدا لَعَلُ: ذ. چانورن جو هڪ قسم.
- سَدا مُدا: ظرف. هميشه - سدائين - ٻارهوئي.
- سَدا وَرَتُ ع سَدا وِرَتُ: ذ. روزانه غريبن ۾ ورهائجندڙ خيرات - لنگر - خيرات - سخاوت.
- سَدائِينُ: ظرف. سَدا - هميشه - نِتُ - اٿين - هر دم - دائم - مدام.
- سَدائِينُ سَرُ سَرِ ٿِيڻُ: هر وقت سوڀارو ٿيڻ - سدا ڪامياب ٿيڻ - سدائين فتحمندي حاصل ڪرڻ. هميشه بخت وارو هڻڻ.
- سُدابُ ع سُدابَ: ذ. هڪ ٻوٽي جو قسم.
- سَدا تُورو ع سَدا تُورا: ذ. چڱن لڇڻ وارو - ڪيل مُڪ - سهاجهڙو - هردل عزيز - حليم - چٽيوان - سدورو.
- سَدُ آچارُ ع سَدُ آچارَ: ذ. [سن. سداچاره. سَت = سنو + آچار = هلت] سني چلت - چڱي فضيلت - وڻندڙ چال - نيڪ لڇڻ.

Gul Hayat Institute

ـ سَدُ آچارِيُ ۽ سَدُ آچارِيُ: ذ. صفت. ايڪ اڇڻ وارو ـ سڻي هلت وارو ـ سڻي چلت وارو ـ چڱي ورتاءُ وارو ـ اشراف.

● سَدادُ ۽ سَدادَ: ذ. سچائي ـ صدق. سنوت.

● سَداوَتَ ۽ سَداوَتُونُ: ث. محبت. دوستي. (ضد. عداوت).

● سِدْرَةَ الْمُنْتَهيٰ: اسر خاص. ستين آسمان تي پير جو هڪ وڻ. حضرت جبرئيل جو مقام. بهشت جو هڪ وڻ.

● سُدَرْشَنُ ۽ سُدَرْشَنَ: ذ. صفت. [سن. سُ = چڱو + درشن = ديدار] سهڻو ـ خوبصورت ـ حسين.

ـ سُدَرْشَنُ چَڪرُ: اسر خاص. ڪرشن مهراج جي هڪ هٿيار جو نالو.

● سِدِروكوُ ۽ سِدِروكا: ذ. سمجهو ـ ڏاهو ـ عقل وارو.

● سَدِكارِ ۽ سَدِكارُونُ: ث. سٽي طعام ڪائڻ بعد پاڻي پيڻ ڪري ٿيل آرس.

● سُدُ گاسِيُ: سُڳداسي.

● سَدِ گُنُ ۽ سَدِ گُنَ: ذ. صفت. [سن. سَتِ گُنَ: سَتُ + گُن = خاصيت] اهل هنر ـ صاحب هنر ـ عمدين صفتن جو شوقين. چڱو ـ سڻو ـ اوگهو ـ سوچارو ـ نيڪ.

● سَدورو ۽ سَدورا: ذ. صفت. سياڻو ـ بختاور ـ وڏو پاڳو ـ پاڳن پيريو ـ لاکيٽو ـ خوش قسمت ـ خوش نصيب. شبِ ـ سڳورو ـ مبارڪ. چٽيوان ـ فرمانبردار ـ چشمي وارو ـ آگياوان ـ آگياڪاري ـ چياڪترُ ـ لياز مند ـ تابعدار. ساٿهوءَ جو نالو. (ث. سَدورِيُ ۽ سَدورِيُونُ).

● سَدورِيُ: اسر خاص. هڪ جبل جو نالو. زال جو نالو. مالڏاڻي (عام).

● سَدُو مَدِيُ: ظرف. سدائين ـ هميشه.

● سَدِيرُو ۽ سَدِيرا: ذ. منگر مڇ جو هڪ قسم، رنگ سفيد، هڪ اڇا، قد هڪ ڪان ۽ فوٽ، ڪائڻ ۾ لذيذ ـ سِڌُ جو پچو.

ـ سَدِيشُ ۽ سَدِيشَ: ذ. صفت. [سن. سدِيش = ساڳيو ملڪ] ساڳيو ملڪ ـ اهوئي ملڪ ـ پنهنجو ملڪ. پاڙو. (ذ. صفت). اڳئين ڪان ويجهو ـ اڳيون. (ظرف). اڪل موجب.

ـ سَدِيشِيُ: صفت. ساڳئي ملڪ جو ـ هم وطني ـ پنهنجي ديس جو ـ ديسواسيُ ـ پالڌيهي ـ ملڪي ـ هم وطن.

● سَدِيُوَ: ظرف. [سن. سَدا = سائين] همیشه ـ سدائين ـ روز ـ هاروهي ـ نيتُ ـ اٽيهي ـ سَدا ـ سَر وِدا.

● سَدَ ۽ سَدُونُ: ث. خواهش ـ ذوق ـ چاهه ـ دل ـ مرضي ـ تمنا ـ آرزو ـ منشا ـ ڪامنا ـ اڇا ـ گهرَ ـ پسندي ـ سَنڪلپُ ـ واسنا. ارادو ـ نيت. دل جي مراد ـ مقصد ـ منورتُ. چاڻي ـ خيالُ ـ لاءُ. حرص ـ طمع ـ لالچ ـ ڪاوڙ ـ ڏڪ ـ رَنڇُ. دَهاءُ.

ـ سَدارو ۽ سَدارا: ذ. صفت. سَدوارو ـ خواهان ـ خواهشمند ـ شائق ـ سَدائتو ـ اڇاوانُ.

ـ سَدائِتو ۽ سَدائِتا: ذ. صفت. خواهان ـ سدار ـ خواهشمند ـ شايق ـ اڇاوانُ ـ آرزومند ـ مرضي وارو. (ث. سَدائِتيُ ۽ سَدائِتِيُونُ).

ـ سَدَرِيو ۽ سَدَرِيا: ذ. صفت. خواهشمند ـ آرزومند ـ خواهان ـ سدائيتو ـ اڇاوانُ. سڪٽي خواهش ڪندڙ ـ ڪنجوسُ. (ث. سَدَرِيُ ۽ سَدَرِيُونُ).

ـ سَدَ ڪَرَنُ: مرضي ڏيڪارڻ. دل ٽيڻ.

● سِدُ: صفت. ظرف. راس ـ پورو ـ حاصل ـ ختر. پورن ـ سَمَاپتَ ـ رسيَلُ ـ ڪامل ـ سالم. ٺهرايل ـ درست ـ مباح ـ روا ـ جائز ـ بحالُ. سچارُ ـ سچو ـ سٽيو. وفادارُ ـ حلالي ـ ايمالدارُ. مضبوط ـ پڪو ـ ڏاڍو. صحيح ـ سالم ـ تندرست ـ چڱو پلو. تيار ـ سينگاريل سڄ ـ تحقيق ـ ساڃيان. ث. پورائي ـ سامرٿائي.

● سِدُ ۽ سِدَ: ذ. [سن. سِدُ = سنت] مهاتما ـ پيرُ ـ وَلي ـ اولياءُ ـ رشي ـ ڏرماتما. فاضل ـ عالم. ساڌو ـ سنت ـ جوڳي عابد ـ زاهد ـ عارف. غيب جو علم ڄاڻندڙ. جادوگر ـ ساحر ـ سنوت ـ

سيڈائي- هکجهڙائي- هموارى. (ذ. صفت). مقدس- پاک- پوتر- معصوم- گناهن کان پاک.
= سيڈائنو ع سيڈائنا: ذ. صفت. سنت جو- اولياء جو- بزرگ جو- مهاتما جو- ولي ع جو. کرامتي- اسراري- اڏيوت- عجيب- حيرت جهڙو.
= سيڈائيي ع سيڈائيئون: ث. جادوء جو علم- کامڻ- جوتش- جادوگري.
= سيڈ ٿيئن: حاصل ٿيڻ (سامي جا سلوک ۲۲۵).
= سيڈ ڏيئن: ڇڻ- حال تي هلڻ (۳۰۱۴).
= سيڈ ڪرڻ: پورو ڪرڻ- ختم ڪرڻ. پهچائڻ- ساڏڻ- رسائڻ- پڄائڻ. تمام ڪرڻ- سرانجام ڪرڻ- راس ڪرڻ- ڀيرڻ- سمپورن ڪرڻ. حاصل ڪرڻ. مقدس ڪرڻ- هٿ لڳائڻ. کاميابي حاصل ڪرڻ. بحال ڪرڻ- پڪو ڪرڻ. سيڈو پند ڪرڻ- وڇون ڪڻ.
= سيڈ واڪ وڃن: پيش خبري- اڳڪٿي- پيشن گوئي.
= سيڈي ع سيڈيئون: ث. هک قسم جو جوڳ- جوگي فقيرن جو زهد. ڪرامت- سمرٿي- طاقت. کاميابي- فتح- سوڀ. جيڻ- برصوابي- ڪرامت. سيڈي- ڪرتارت. نعمت- پدارٿ. سوباسو- عبادت يا خدمت جو ڦل يا ميوو. جادوئي اثر. مڪمل صفائي.
● سڌ ع سڌون: ث. [من. شد=صفا ڪرڻ] خبر- علم- معلومات- آگاهي- ڄاڻ- ڪل- ڳر- سمائ- سمڪ- پروڙ. خيال- ڏيان- ذهن- سمجهه- ادراڪ- سرت- عقل- وديان- گيان. خبرچار- سماچار- ڳالهه- واءُ ساءُ- حقيقت- واقفيت- احوال. ويچار- سوچ- توجهه- غور- تدبير- فڪر. هوشياري- چترائي- چستي- چالاڪ- سجاڳي- سرچيتائي- شناخت- سڃيتي. چوڪسي. جوش. هيراس. حواس- اندري. اوسان.
= سڌ ٻڌ: ث. واقفيت- خبرچار. هوش و حواس- عقل شعور (ظرف). گويا- جڏ. صورت نموني وغيره ۾ هکجهڙو- پورو پورو- تڏ- هوبهو- عين ٻين- ساکيات.
= سڌ نه رهڻ: کاڌ خبر نه رهڻ- هوش حواس ۾ نه رهڻ.
= سڌ ٻڌ وڃڻ: خبرچار وڃڻ- خبرگيري ڪرڻ- حال احوال وڃڻ.
= سڌ ٻڌ هڻڻ: خبر هڃڻ- علم هڃڻ- واقفيت هڃڻ- حرف شناسي هڃڻ. هوبهو هڻڻ- عين ٻين هڻڻ.
= سڌ تي ٻڌ هڻڻ: حالت ۾ مائي رڌ رڌڻ.
= سڌ ٻڌ: ظرف. سچ ۾ پچ- واقعي. هوبهو- اصل ان جهڙو. عين ٻين- تڏ- ساکيات- پورو پورو. جڏ- گويا. جائي- حقي.
= سڌ ڏيئن: احوال ڏيڻ- خبرچار ٻڌائڻ- جواب ڏيڻ. ملڻ.
= سڌ رکڻ: خبر رکڻ- خيال رکڻ- ڏيان رکڻ.
= سڌ لهڻ: جاچڻ- خبرچار لهڻ- سمائ لهڻ. پيرو ڪرڻ- معلوم ڪرڻ. هٿ ڪرڻ- تحقيقات ڪرڻ. ڳولڻ- ڦولڻ- دريافت ڪرڻ- چڪاس ڪرڻ. هٿ ڪرڻ. خبرداري ڪرڻ- ۾ گهور لهڻ- پرداخت ڪرڻ. سيکت ڏيڻ- خبر وڃڻ.
= سڌ وڃڻ: خبر وڃڻ- خبر رکڻ- خبرگيري ڪرڻ. ڏيان رکڻ. سيکت وڃڻ- سڌ لهڻ- هاڃ وڃڻ.
= سڌ پائيتو ع سڌ پائيتا: ذ. صفت. آگاهه- سريتو- سرتيتائيتو- هوشائتو- سمجهو- سمسان- حوصلائيتو- سوبتو- سياڳو واڳو- سياڻو- سچيت- داناءُ- ڏاهو- عاقل. هوشيار- باهوش. پرهيزگار- ڪريائتو- نيمتو- ري ٻيڌيل. سالم- ديرينو- گنيءُ- ڏيرجوان. مشهور- عالم آشڪار- معروف.
● سڌ ع سڌ: ذ. صفت. [سن. شڌ=پاک ڪرڻ] شڌ- نج- نجو- صاف- نبار- سئو- ٽيٽ- اڇتو- نيرمل- خالص- سچو- اصيل- چند. ڪرو- تيکو- سچو- چوکو- ٽنگسالي. پوتر- پاکدامن- پاک. ڪچي گوشت جو وڏو چاڻو- ٻو ٽاڙ- پوت- سئو- ڪنڊو. صحيح- درست. سوڏو.
● سيڈا: اسم خاص. هک ذات جو نالو.

Gul Hayat Institute

● سُڈا ٹورو ع سُڈا ٹورا: ذ. صفت. سلجهڻو- خوش اطوار- شائستو- گڻ وارو- چڱي سياڻ واروسياڻو- نيڪ خصلت- نيڪ عادت- لڪڻ وارو. تربيت پذيرُ. چٽيوانُ. حليمُ. سَراوَنڈو. هر دلعزيز- سڀاجهڙو- ڪيل مڪ- وڻندڙ- موهنُ. سُڀاجهڙو (پار). (ضد. ڪُڈا تورو).

● سيڈارَنُ: مصدر. [سن. سيڈَن. گب. سڈاوونُ=] لڏڻ- گذر ڪرڻ- وفات ڪرڻ- وصال ڪرڻ- مري وڃڻ. روانو ٿيڻ- رخصت ڪرڻ- وڃڻ- آهڻ- هلڻ- پدارجڻ- ڇڏي وڃڻ- سفر تي نڪرڻ.

"سنجهي ساڻ سيڈاريو، پنهون پچان ٻوءِ ٿي"
(شاهه).

● سُڈارَنُ: مصدر. [سن. شُڌَ=صاف ڪرڻ] سنوارڻ- درست ڪرڻ- مرمت ڪرڻ. ٺاهڻ- بنائڻ- جوڙڻ. ملائڻ- پيٽڻ- مقابلو ڪرڻ- ترتيب سان رکڻ- بندوبست ڪرڻ- سوڌڻ- اصلاح آڻڻ- درستي ڪرڻ- چٽڻ- سارڻ. مُلهه وڌائڻ. فائدو وڻڻ. بيماريءَ مان آپڙڻ. سزا ڏيڻ- وَرُ ڏيڻ. مڪمل ڪرڻ.

- سُڈارُ ع سڈارَ: ذ. سڈارو- اصلاح- ترقي- بندوبست- جوڙجڪ- ٺاهُ- هرپند- سنو. قاعدو- قانونُ- نيمُ- دستور العمل- ٺاهه نوهه- سنوار- ضابطو. (ذ. صفت). ٺاهيندڙ- سڈاريندڙ.

- سُڈارَڪُ ع سُڈارَڪَ: ذ. سُڈارو ڪندڙ- ترقي پسند- اصلاح پسند.

- سُڈارُ ڪَرَنُ: خبرداري ڪرڻ- پرگهور لهڻ- سنڀال ڪرڻ- ٿوڙڻ- پرداخت ڪرڻ. اصلاح آڻڻ- ترقي ڪرڻ. ٺاهه نوهه ڪرڻ- بندوبست ڪرڻ. جوڙجڪ ڪرڻ.

- سُڈارو ع سُڈارا: ذ. اصلاح- ترقي- سڈارَ- بهتري- جوڙجڪ- ڦيرو- واڌارو- سنوارُ. تمدن- سڀيتا- تهذيب- اخلاق. چڱو ڪر- سنو ڪر.

- سُڈاري جو پُڇ پَڏَنُ: هروپرو نصيحت ڪرڻ- اجايو پاڻ کي چڱو مڙس سڏائڻ.

● سُڈان (ث): ذ. ڪڪ ۽ چانورن جو آنُ.

● سيڈانُتُ ع سيڈانُتَ: ذ. [سن. سڈالت=] اصول- متو- عقيدو. انومان- نتيجو- حاصل مطلب. بيان- مطلب. چيهُ- ٻيجو- پچاڻي- نچوڙ. الت- ختم- آخرُ- تمامي. سماپتي- قَلُ- پاڇي. پرنام. دليل ڪانپوءِ ثابت ڪيل سچ.

● سيڈَنُ: مصدر. روانو ٿيڻ.

"سنجهو ٽاڻن کين کي، صبح سڏاڻا".

● سُڈائيُ: مصدر. سڏَ ڪرڻ- خواهش ڪرڻ- سڏارو ڪرڻ.

● سڏايا: اسم خاص. هڪ ذات جو ڪالو.

● سيڈ ٻالوُ ع سيڈَ ٻالا: ذ. ڪَرائيءَ ۾ ٿيڻ جو هڪ زڪالو زيور.

● سڏَرُ ع سڏَرَ: ذ. صفت. [سن. س = چڱو + ڈر = آڌار] جبرو- جالنو- قوي- جُٽ. جهالو- پڪو- جاڏو- ڏڍتو متو- ٻڍو- جٽو- زڪو- ستر وڏو- دڻسو- مُٽڪو- ڏڍگُ- مستارو- ڏَمتالُ- پختو- ستاڻو- مضبوط- پَرپريو- مُشٽنڈو- پهلوان- بهادر. گهٽو- غني- شاهوڪار- دولتمند- دولتوند- دلياداُ- تولگر- سڪر. چڙهيل- مچي مانيءَ واروسڏرندو- ستابو- آسودو. چڱو- سنو. ٽلهو- ٽوٽان- قوڦانگ.

- سُڏُرائيُ ع سُڏُرائيونُ: ث. مضبوطائي. شاهوڪاري- اميري- تونگري- دلياداري.

● سُڏُرَنُ: مصدر. سنورڻ- ترقي ٿيڻ- اصلاح ٿيڻ- سڏارو ٿيڻ- چٽڻ. چڱو ٿيڻ- نيڪ ٿيڻ- سنو ٿيڻ. رستي تي اچڻ- سڌو اچڻ. تيار هجڻ. بيماريءَ ۾ اپڙڻ. اگهه چڙهڻ. سڳر ٿيڻ. درست ٿيڻ- نيڪ ٿيڻ. صحيح هڻڻ.

- سُڏُرِيَلُ ع سُڏُرِيَلَ: ذ. صفت. سلجهڻو- خوش اطوار- سڌا تورو- نيڪ- سڪر- شائستو- لائق- وڙائتو- تهذيب يافته. درستي ڪيل- اصلاح ڪيل- سنواريل. ڦيرو ڪاڌل.

● سيڈُرِيُ (ثمر): ث. ٻَڻ جو تَڏو.

● سيڈِ موُ ع سيڈِ ما(ث): ذ. پُڄندي وارو. مددگار.

● سيڈَنُ (ث): مصدر. [سن. سڌ = ٻُڌو] راس ٿيڻ- پُڄڻ.

Gul Hayat Institute

● سيڏو ۽ سيدا: ذ. [سن. سدّ] سنڻون ـ سوڏو ـ سَو لو ـ سَرَ لُ. سامهون ـ هڪ لُوهَه ـ تَت ـ وهندي. راست باز ـ صاف دل ـ کرو ـ سچو. سڌي وهنوار وارو. ٺيڪ ـ برابر. (هـ. سيدهـ).
ـ سيڏائي ۽ سيڏائيپُڻ: ث. سنوت ـ سوڏائي ـ سيڏ ٽپ ـ سنوائي ـ سيڏاڻ ـ راستبازي ـ سَولائي. سڌائي. سچائي ـ ايمانداري.
ـ سيڏائي وڃڻ: ناهه جون ڳالهيون ڪرڻ ـ عقل واريون ڳالهيون ڪرڻ ـ ناهه ڪرڻ.
ـ سيڏو ڪرڻ: سنڻون ڪرڻ ـ رستي تي آڻڻ ـ چئي هم ڪرڻ ـ حڪم موجب ڪرڻ ـ سڏارڻ. سيڪت ڏيڻ.
ـ سيڏي ۽ سيڏيپُڻ: ث. سنڻين. ٺيڪ ـ برابر ـ درست.
ـ سيڏي پُڏائيڻ: سَوَلي راهَه ڏَسڻ ـ ٿوس جواب ڏيڻ ـ اڻ وٽندڙ ڳالهه ٻڌائڻ.
ـ سيڏي راهَه: سَولو رستو ـ حق جي واٽ ـ صراط المستقيم ـ ٺيڪ راهه.
ـ سيڏيءَ طَرَح: سولي ريت ـ آهستگيءَ سان.
ـ سڌ پُڻ ٻڌائيڻ: صاف صاف چَوَڻ ـ سچ چَوَڻ.
● سڏُوهوٿا: اسم خاص. هڪ ذات جو ٿالو.
● سڏُوجا: اسم خاص. تعلقي سوري هم هڪ ديهه جو ٿالو.
● سڏوڙ: اسم خاص. تعلقي عمرڪوٽ هم هڪ ديهه جو ٿالو.
● سڏوئي: اسم خاص. تعلقي ڏيپلي هم هڪ ديهه جو ٿالو.
● سُڏِيُ ۽ سُڏِيُون: ث. گوشت جي مُشڪ ـ سُڏيدي ـ هوتي. سهائي ـ سهائو پڪ.
● سُڏِيان ۽ سُڏِيانَ: ذ. مسئلو ـ ٿهراءُ ـ رٽ. جاميٽريءَ جو سبق.
● سيڏِي ۽ سيڏِيُون: ث. [سن. سيدّ] ڪاميابي. حاصلات. يوگ ڪرڻ سبب اڻ طاقتن مان مليل هڪڙي طاقت. پووائي.

● سُڏِيُ ۽ سُڏَ: ذ. صفت. [سن. سڌير = س = چگو + ڏيرُ = سياڻو] ڏيرجوان ـ صابر ـ آراميل ـ صَبرائتو ـ ڪمندڙ ـ ڏيرائتو ـ برد بار. ڏاهو ـ اڪابر ـ سياڻو ـ سڃيت ـ سمجهو ـ عاقل ـ خبردار ـ هوشيار ـ هلندڙ ـ تڳندڙ ـ جڳ ڪندڙ. جبرو ـ بلي ـ سگهارو ـ سٽاڻو ـ قوي ـ زور پريو. (ظرف). خاطر جمع ـ سامت هم. سجاڳ.
● سڏَ ۽ سدّ: ذ. [سن. شَبْدَ = ڳالهائڻ ـ ڳالهه] (هـ. سدو). ڪوٽ ـ دعوت ـ ٻڌاڻو ـ نيٽيدَ ـ سڏهندَ ـ ڪاليدَ. ملاقات. طلب ـ پُڪار. آواز ـ هرلاءُ ـ واڪو ـ رڙ ـ ڪُوڪ ـ دانهن ـ نعرو.
ـ سڏَ تي آڻڻ: وقت تي واهر ڪرڻ.
ـ سڏَ پَنڊَ: سڏ ڪرڻ جيترو مفاصلو ـ اڪل اڌ ميل ڪَنَ ـ ٿورو مفاصلو.
ـ سڏَ پَنڊَ هُڻڻ: ٿورو مفاصلو هڻڻ.
ـ سڏَ ڏِيڻ: شادي جي موقعي تي واڄ يا برادر کي دعوت ڏيڻ. ٿوتو. ڏامو يا ڪوٽ ڏيڻ ـ ڪائيڻ ـ نيٽيڊَ ڏيڻ. جواب ڏيڻ ـ سڏ جو سڏ ڏيڻ. مدد ڪرڻ ـ سهارو ڪرڻ ـ وڃائڻ ـ سهائتا ڪرائڻ ـ همراهي ڪرائڻ ـ حمايت ڪرڻ ـ واهر ڪرڻ ـ پٺپرائي ڪرڻ. چتائڻ.
● سڏَ ڏِيئِي وَڃڻ: ڪم پورو ڪرائڻ ـ ڪنڌ ڏ ڪيائڻ.
ـ سڏَ سڏُوءُ ۽ سڏَ سڏُوءِ: هڪل هوڙ. ڪم ڪارُ.
ـ سڏَ هم سڏَ ڏِيڻ: مهل سير ڪم اچڻ ـ هڪل سان حاضر رهڻ.
ـ سڏَ وَهيٽُو ۽ سڏَ وَهيٽا: ذ. ڪوٽ تي حاضر ٿيڻ وارو. همراهُ ـ مدد گارُ ـ واهرو ـ حمايتي ـ تلهدارُ.
ـ سڏَ هَنڊَ: سڏَ ڏيڻ ـ دعوت ڏيڻ ـ ڪاليڻ ـ ڪوٽ ڏيڻ. خبر پهچائڻ.
● سڏائيڻ: مصدر. ڪوائڻ ـ ڪهرائڻ ـ سڏڪرائڻ ـ طلب ڪرڻ. چوائڻ ـ آکائڻ.
● سڏَرِيُ ۽ سڏَرِيُون: ث. تلوار جي ٻٽ.

Gul Hayat Institute

● سَڏڪَڻُ: مصدر. [سن. سٌفنڈَ = سڏڪا پرڻ] ڏسڪڻ ـ روئڻ کان اڳي ۽ ٻوءِ ٽڪا ٽڪا آيا ساهه کڻڻ ـ نيساڏا پرڻ ـ ڦٽڪڻ.

ـ سَڏڪَارَ ۽ سَڏڪاروُنُ: ث. روئڻ جو آواز ـ سَڏڪو ـ ڏسڪو.

ـ سَڏڪو ۽ سَڏڪا: ذ. روئڻ جو آواز ـ ڦٽڪو ـ ڏسڪو ـ ڏسڪارَ ـ سَڏڪارَ.

ـ سَڏڪو پَرَنُ: ڏسڪڻ مهل ٽڪو ساهه کڻڻ ـ ڦٽڪڻ ـ سَڏڪَڻ.

● سَڏُ: مصدر. کوڻ گهرائڻ ـ سڏائڻ ـ پڪارڻ ـ طلب ڪرڻ ـ هڪل ڪرڻ. دعوت ڏيڻ ـ مالي چوڻ ـ ڊامڻ ـ چوَڻ ـ آکڻ. ڀاڄتي آڻڻ.

● سَڏِڻِيُ ۽ سَڏِڻِيُونُ: ث. ابتي ترار ـ ڏينهري ترارَ.

● سَڏو ۽ سَڏا: ذ. سَڏُ ـ کوڻَ ـ گُهرَ.

ـ سڏو ٿِيڻُ: سَڏُ ٿيڻ ـ کوڻ ٿيڻ ـ شادي جي دعوت ملڻ. موت جو پيغام اچڻ. طلب ٿيڻ.

ـ سَڏِي تي آڇَنُ: پيغام تي اچڻ ـ شادي جي دعوت تي اچڻ.

● سُڏو ۽ سُڏا: ذ. صفت. ننڍي منهن وارو.

● سَڏوهو ۽ سَڏوها: ذ. سٻتو ڏاهو وارو پاسو.

● سُڏِيُ ۽ سُڏِيُونُ: ث. سهائي ـ سهائوپڻ.

● سُڏِيتُ ۽ سُڏِيتَ: ذ. صفت. صحيح ـ سچو. پورو برابر.

● سَڊُولُ سَڊُولَ: ذ. صفت. سهڻي شڪل وارو ـ ڊولائتو ـ ٺاهوڪو ـ سهڻي هاڻي وارو ـ خوبصورت ـ خوش وضع ـ موزون. وٽندڙ ـ سهڻو ـ بيهڪ وارو. سهڻو ٺاهيل ـ خوش اسلوب. (هـ. سُڊُولَ).

ـ سَڊُولو ۽ سَڊُولاَ: ذ. صفت. بيهڪ وارو ـ ڊولائتو ـ ٺاهوڪو. خوش اسلوب. خوش اندام ـ حسين ـ سهڻو ـ موچارو.

● سُڊَالُ ۽ سُڊَالَ: ذ. صفت. نيڪ عادت. سٻتو ـ سياڻو. (ث. سُڊَالَ ۽ سُڊَالَ).

● سَڊَنُ (ل): مصدر. دِل جهلي اڇڻ ـ ڪاهه ڪرڻ.

● سَرُ: اسم خاص. تعلقي جاتي هڪ ديهه جو نالو.

● سَرُ: ظرف. سڌو ـ سامهون (سر اولهه = سڌو اولهه جي طرف). مٿي ـ چوٽيءَ تي (سَردار = سوليءَ تي). مٿان ـ اڀو (سَرِ ڪاپار = ٽيڪ مٿان منجهند). تي ـ وقت (سَرِ مَجلس = مجلس جي وقت). (ذ) مٿو ـ سِرُ. چوٽي ـ ڪاميابي. وڏو ـ مُکُ. (انگ Sir) سائين ـ مالڪ ـ حضور ـ جناب ـ حاڪم.

ـ سَرِ اِجلاَسَ: ظرف. ڪنهن اجلاس جي موقعي تي ـ ڪورٽ هم ـ درٻار هم ـ حضور هم ـ پري ڪچهري هم ـ فيصلي جي جاءِ هم ـ حاڪم جي روبرو.

ـ سَرا پَاءِ: ظرف. مٿي کان پيرن تاءِ ـ ننهن کان چوٽي تاءِ ـ سڄو سمورو ـ اول کان آخر تاءِ ـ سمورو ـ سربستو. فن شعر هم. تعريف ـ حُليه. خلعت.

ـ سَرُ آنجامُ: ظرف. پورو ـ مڪمل. شئي ـ شڪل ـ مصالح ـ سامگري. نتيجو ـ اختتام.

ـ سَرُ آنجامُ ڪَرَنُ: بندوبست ڪرڻ ـ راس ڪرڻ ـ پورو ڪرڻ ـ خستم ڪرڻ. گهر سنڀالڻ. انتظام ڪرڻ. سميٽڻ ـ اڪلائڻ ـ نبيرڻ ـ سمورو ڪرڻ ـ سڌ ڪرڻ ـ سمپورن ڪرڻ ـ پڄائڻ. وس رکڻ.

ـ سَرُ آنجامِيُ ۽ سَرُ آنجامِيُونُ: ث. سماپتي ـ پڄاڻي ـ تمامي ـ پڄاڙي ـ انت ـ انتها ـ ٽوڙ ـ چيڙو ـ خاتمو ـ ڇيهو.

ـ سَرِ بَازارِ: ظرف. بازار هم ـ عام رستي تي ـ ظاهر ظهور ـ اعلانيه. سڌ ـ سنڌون.

ـ سَرِ بَامِ: ظرف. ڪوٽيءَ جي ڪڍ يا ڇت تي ـ جاءِ تي ـ ظاهر ظهور ـ اعلانيه.

ـ سَرُ بَسُتو ۽ سَرُ بَسُتا: ذ. پورو ـ مڪمل ـ سمورو ـ سڄو ـ سارو. سڀ ـ ڪُل ـ سيوئي ـ سڄو ـ ثابت ـ سلامت ـ سالم. پوشيده ـ مخفي.

ـ سَرُ بَسَرُ: برابر. بالڪل ـ اول کان آخر تاءِ ـ سراسر.

Gul Hayat Institute

= سَرُ بِيكَفُ: ظرف. سر تريءَ تي - مرڻ لاءِ تيارُ.
= سَرُ بُلَنْدُ: ظرف. ممتاز - معزز - اعليٰ - اقبالمند - بختاورُ.
= سَرُ بُلَنْدُ كَرَنُ: ممتاز فرمائڻ - درجو وڌائڻ - عزت بخشڻ.
= سَرُ بُلَنْدِي ۽ سَرُ بُلَنْدِيُونُ: ث. اقبالمندي - عزت. فتحرُ
= سَرُ بَمُهُرُ: صفت. مهر لڳل - قفل لڳل - بند - سيل مهر ٿيل.
= سَرُ تَنَاپَا: ظرف. مٿي کان پير تاءِ - لنهن کان چوٽي تاءِ - اول کان آخر تاءِ.
= سَرُ ٿِيَنُ: فتح ٿيڻ. مڪمل ٿيڻ - پورو ٿيڻ.
= سَرُ پَرَسُتُ ۽ سَرُ پَرَسُتُ: ذ. صفت. حامي - مدد گار - نگهبان - محافظ. ميزبان.
= سَرُ پَنُجُ: ذ. پينچن جو سردارُ - ميرمجلس - صدر - پريزيڊنٽ.
= سَرُ پوشُ ۽ سَرُ پوشَ: ذ. ٽالهي وغيره جو ڍڪُ - دستر خوان جو ڪپڙو.
= سَرُ جوشُ: ذ. صفت. جوش سان ڪم ڪندڙ - اورچ - ڪوشش ڪندڙ. ڪارڪن. محنتي.
= سَرُ جوشِي ۽ سَرُ جوشِيُونُ: ث. محنت - سعيو - ادم - ڪوشش - ڪشالو - اورچائي - ان ورچائي - آديوگ - ثابت قدمي.
= سَرِ حَلُقَهُ: جماعت جو سردارُ - مهندارُ.
= سَرُ خُوش ۽ سَرُ خُوشُ: ذ. صفت. مسرور. شراب ۾ مست.
= سَرُ خُوشِي ۽ سَرُ خُوشِيُونُ: سُرور. شراب جو نشو.
= سَرُ خَيلُ ۽ سَرُ خَيلَ: ذ. قبيلي جو سردارُ - ڪنهن ٽوليءَ جو سردارُ - خالدان جو سردارُ. امير - سالار - آفيسر.
= سَرِ دَسُتُ: ظرف. في الحال - هاڻي - هن وقت. فوراً. موجود - حاضر.
= سَرِ دَفُتَرُ: دفتر جو سردارُ - هيڊ ڪلارڪ ڪان وڏو عهديدارُ - دفتردارُ.
= سَرُ زَنَشُ: ث. ملامت - ڏڪار - ٽڪار - ڳهت وڏَ ڳالهائڻ.
= سَرُ زورُ ۽ سَرُ زورَ: ذ. ڏاڍو - زور آورُ - سرڪش. اراولدو - وڏنڪو - شتر بي مهارُ - ٻاڻ مرادو - ٻاڻ زورو - آڇلو - بي ڇيو - بي فرمان - نٽر - هوڏي - اڻوٽو - شدتي. نجس. ڪاهي - زرچو - زرجو - اهنڌ. فسادي.
= سَرُ سَلَنُ: مٿي ۾ ٽنگ ڪرڻ. متو ڪپائڻ.
= سَرُ قلم كَرَنُ: سر جدا ڪرڻ - قتل ڪرڻ.
= سَرُ كَرَنُ: فتح ڪرڻ - جيتڻ - شڪست ڏيڻ. شروع ڪرڻ - آباد ڪرڻ - خوش ڪرڻ. مڪمل ڪرڻ. داغ ڏيَنُ. فير ڪرڻ. دڪائڻ.
= سَرُ كوبِيُ ۽ سَرُ كوبِيُونُ: ث. گوشمالي - سزا - مارَ.
= سَرُ لڙائيُ: سر جي بازي کيڏڻ.
= سَرُ گِرانِيُ ۽ سَرُ گِرانِيُونُ: ث. مٿي جو بار. تڪليف. مٿي جو سورُ.
= سَرِ گَرُدانُ: ظرف. منجهيل - حيران - پريشان - واڙو. ڪڪ - بيزار. ايچنبو.
= سَرُ گَرُدالِيُ ۽ سَرُ گَرُدانِيُونُ: ث. حيراني - پريشاني - آوارگي - رولو - مونجهارو - جنجل. دقت - تشويش - فڪر. بيزاري. بچتائي.
= سَرَ مَغُزِي: تمام گهٽو فڪر. بڪ بڪ. بڪواس - بي فائده مغزلي.
= سَرِ نَمِيائڻُ: آڻ ميڙ - پيش پوڻ. سجدو ڪرڻ.
= سَرِ نَوُ: ذ. ظرف نئون - جديد - هاڻوڪو - تازو آيل - تازو ٺهيل. نئين سر - وريُ - ٻيهر - ٻيو دفعو.
= سَرِ لِيوِشتَ ۽ سَرِ لِيوِشتُونُ: ث. نراڙ جو لکيو - تقدير جو لکيو - نصيب - قسمت - پاڳ. حڪم ازلي - قضا.
= سَرُ وَجَنُ: مسان تائين جنازي سان گڏ وڃڻ. مصيبت ۾ ڪاسن. خاتمو ٿيڻ.
= سَرُ هُجَنُ: فتح پائڻ. حاڪم ٿيڻ. مٿانهون هجڻ - افضل هجڻ. سچو هجڻ. تيار هجڻ - ملڻ (گهوڙي جو گهوڙيءَ سان).

Gul Hayat Institute

● سَرَ ۽ سَروڻ: ث. [سن. سير=سيرڻ] موتين جي مالها - تسبيح جي موتين جو سڳو - قناکن جي لڙهي يا ٻاڦو - ڪَنَ جي پَرت جو هڪ قسم (ڪ). آڻ جي بغل جي وچوارو وڏيل گوشت.

● سَرّ ۽ سَرِيُون: ث. [سن. سير=سيرڻ] ڪچ ڪوڏين جي جهالر واري اوڇيدار چني.

● سَرُ ۽ سَرَ: ذ. [سن. شرّ=ڪاني جو قسم] ٻوڙي جو ڏکو پَنُ - ڪانهه جو ڏکو پَنُ. ٻاڻ - تير - ٽينگر - ٻيلو - ڪمان - ڪان - ڪرڪ - لوري - سر جي ڪاني مان ٺهيل تيرُ. تيرانداز. ٽاوڪَ - خندق. [سن. سرس=] تلاءُ - تالاب - حوض - چشمو. ڏنڊ - ڏَنڊُ - ڪهيڙ - ڏورو - لادي. ٽانڪي - ڪاڻ. ترائي - تراءُ - ڪڏ. ٻاڻي. ڪير جي ٻيڙيءَ جو مٿيون تهه. زمالو - دليا - جهان - سنسار. دنيا جو دستورُ. گهنج - وَرُ. ڪاڇ جو وَڪَڙُ - گهُنجُ. چنهنب - ڪُنڊَ - چيڙو - ڏارَ - اڳ - آگر. ارادو - منشا - لاڙو - گهُرَ - خواهش - عشق - آرزو. زور آور - طاقتور. تامَ جو طاقتورُ ٻتو. هنڌ - جاءِ. عورت جو شرم گاهه.

= سَرُ مَٽَڻُ: جاءِ ڳولڻ - هنڌ هٿ ڪرڻ (ڪارايل ۹۰۹)

"سو سُرمٿي هنجڙي، جتي پرين سنداس".

● سِرَ ۽ سِروُڻُ: ث. [سن. شيلا = سِرَ] ميٽيءَ جي ٺهيل ڪچي يا پڪي چڪي - ميٽيءَ جو چورس يا ڪعب ٽڪر فرش وغيره ۾ ڪم ايندڙ. مالي ڇڻڻ لاءِ ٺيڪر جو ٽڪو. دائو - ڇج. تيلو - سَلو. ڀينگهي جي ڪاڻي، جنهن ۾ ڪهوڙي ۽ ٽنگون پَون. سَرَ جي ڪالي جي ڪلن واري ڪُٽ.

= سِرَ بَنَڊُ ۽ سِرَ بَنَڊَ: ذ. سرون ناهيندڙ - سيرون وڇندڙ.

= سِرَ سِرَ ڪهي لَهَ ميڙَڻُ: عمارت ڪري ڇڻ - محل ويران ٿيڻ - شهر غرق ٿيڻ. تباهي ٿيڻ - ويراني ٿيڻ.

● سِرِ: ظرف. ڏي - وٺ. ڏانهن - تي - آتي - مٿي - ۾. اڳيرو - اڳتي. ويجهو - لڳ - پر ۾ (ڇڻڻ). مان. بابت.

● سِرُ ۽ سِرَ: ذ. [سن. شرس > شره = مٿو] بدن جو هڪ عضوو - مٿو - سِرِي - سيسي - منڊي. ڪمال - چيهه. ابتدا - شروعات.

● سِرُّ ۽ سِرُّ: ذ. [ع. سرّ= اسرار] ڳجهه - راز - پيد - مَنجهه - الت. وِڇُ - سُرُ - پهٻتُ - پوشيدگي. حيرت. خوشي.

= سِرُ آڏائيڻُ: سرُ قلم ڪرڻ - سيسي لاهڻ.

= سِرَ افڪَنَڊَ گيُ: نياز - تواضع. سَجدو.

= سِرُ بَچائيڻُ: خطري جو ڇاءُ ڪرڻ - حياتي جي سلامتي جي ڪوشش ڪرڻ.

= سِرَ بَخَٽَ جوُ خيهرُ هُنَڻُ: جان مال جو خير هڻڻ.

= سِرُ بَدَرُ ڪَرائيڻُ: مٿو ڪوڙائڻ - گنجو ٿيڻ - نوڙهو ٿيڻ - روڏو ٿيڻ.

= سِرَ تانُ بلا ٽارَڻُ: ڪنهن مصيبت کان نجات حاصل ڪرڻ - جنهه ڇڏائڻ.

= سِرُ تيرِيُ تهي جهلَڻُ يا رَکَڻُ: ڪنهن به جو ڪي سهڻ لاءِ تيار رهڻ.

= سِرَ تهي اچَڻُ: قريب ڇڻڻ - نزديڪ هجڻ. مٿان اچڻ.

= سِرَ تهي ٻَوَڻُ: مٿان بوجو پوڻ - ذميداري پوڻ. آفت پوڻ.

= سِرَ تهي رَکَڻُ يا ڪَرَڻُ: ڀاڻ تي هموار ڪرڻ.

= سِرَ تهي سَهَڻُ: برداشت ڪرڻ.

= سِرَ تهي سَهرا ٻَڌَڻُ: ڪهوٽ ٿيڻ - شادي ڪرڻ. ڪنهن ڪم ۾ فتح حاصل ڪرڻ.

= سِرَ تهي سَهرا هُنَڻُ: سِرَ تي سهرا ٻڌڻ - ڪهوٽ ٿيڻ. ذميدار هڻڻ. فتح حاصل ڪرڻ.

= سِرَ تهي ڪَفَنُ ٻَڌَڻُ: هر وقت مرڻ لاءِ تيار رهڻ - مرڻ کان پوءِ جو سامان سات رکڻ.

= سِرَ تهي وَڃيو ٻَوَڻُ: ڪنڌ تي وڄي ڪڙڪڻ - بارُ بنجڻ. ڪنهن کان مفت ڪاڏو ڀيتو حاصل ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

= سيرَ تهي وَڃائيڻ: بارُ کڻڻ ـ ذميداري کڻڻ ـ جوابداري کڻڻ.
= سيرَ تهي هٿُ ڦيرَڻُ: پيار ڪرڻ ـ قُرب ڏيڻ ـ دلاسو ڏيڻ ـ مهرباني ۽ سان پيش اچڻ.
= سيرَ جوُ سينهوُن: آڏر ڏيندڙ ـ سات ڏيندڙ. سيرَ جيءُ سٽَ ۽ سيرَ جيُونُ سٽَيُونُ: ث. خود قربالي. انتها درجي جي ڪوشش.
= سيرَ جيءُ سٽَ ڏيڻُ: حياتي جو ڪي ۽ وجهڻ. جو ڪائتو ڪر ڪرڻ.
= سيرَ جيءُ لڱَڻُ: پنهنجي حياتيءَ جو اولو هجڻ ـ پنهنجي ساهه جو خطرو هجڻ.
= سيرُ جهڪائيڻُ: ڪنڌ هيٺ ڪرڻ. شريف ٿي رهڻ. شرم يا غيرت کان گردن جهڪائڻ. ميڙ ـ تسليم ڪرڻ ـ فرمانبردار رهڻ.
= سيرُ جهڪَڻُ: شرمنده ٿيڻ ـ سيرُ جهڪائڻ.
= سيرُ چيڀَڻُ: ميٽ ۽ سينڊر ڳڏي ڪنوار جي سيرَ تي چيڀَ ڏيڻ.
= سيرَ چڙهَڻُ: روبرو يا مقابل ٿيڻ ـ سَنمڪ ٿيڻ. منهن مقابل ٿيڻ.
= سيرُ ڏيڻُ: قربان ٿيڻ ـ نثار ٿيڻ ـ جان جو ڪي ۽ وجهڻ ـ فدا ٿيڻ ـ جان ڏيڻ لاءِ تيار ٿيڻ ـ خون ڏيڻ ـ موت ۽ وڃڻ ـ مرڻ.
= سيرُ زوُ سَهائيڻُ: سيرُ تيريءَ تي کڻي بيهڻ ـ جان جي بازي لڳائڻ. برهه جو بار مٿي تي کڻڻ ـ محبت جي ميدان ۾ قدم رکڻ.
= سيرَ سانُ: ظرف. پاڻ سان گڏ ـ جان سان ـ ساهه سان.
= سيرَ سانُ ڪَفَنُ بَنَڌَنُ: جان جو ڪي ۽ وجهڻ ـ مرڻ لاءِ آماده ٿيڻ ـ سيرَ جي بازي ڪرڻ.
= سيرَ سان لڱَڻُ: ڪنهن وڏي تڪليف ۾ اچي ڦاسڻ ـ ڏکيو وقت ڏسڻ.
= سيرُ سَلامَتُ هُجَنُ: جان برقرار هڻ.
= سيرُ فِدا ڪَرَنُ: ڪنهن لاءِ جان ڏيڻ.
= سيرُ ڦِٽوُ ۽ سيرَ ڦِٽا: ذ. صفت. بي آرام ـ سُک ڦِٽو ـ بي تاب ـ تيرتيرو ـ ڦٽڪيو ـ چاولو ـ چيترو ـ کيچلو.

= سيرُ قَلَمُ ٿيَنُ: سيسي لهڻ ـ قتل ٿيڻ ـ خون ٿيڻ.
= سيرُ قَلَمُ ڪَرَنُ: مارڻ ـ خون ڪرڻ ـ قتل ڪرڻ ـ سيسي لاهڻ.
= سيرُ کائيڻُ: اجايو مغز هڻائڻ ـ مٿو کائڻ ـ مغز کائڻ ـ گهٽو ڳالهائڻ ـ بي فائدو بڪواس ڪرڻ. ڇڇ ڪرڻ ـ تنگ ڪرڻ ـ ستائڻ.
= سيرُ کپائيڻُ: پاڻ کي اجائي مصيبت ۾ وجهڻ ـ ڪنهن ڪم ۾ فڪر ڪرڻ ـ ڪنهن سخت ڪم ۾ مصروف رهڻ. دِق ڪرڻ ـ ڪڪ ڪرڻ ـ بيزار ڪرڻ ـ اڪائڻ. مٿو هڻڻ. سمجهائڻ ـ ڪوشش ڪرڻ.
= سيرَ ۾ خاڪِ وِجهَڻُ: ماتم ڪرڻ ـ روئڻ ـ غمگين ٿيڻ. افسوس ڪرڻ.
= سيرَ مٿيرو ۽ سيرَ مٿيرا: ذ. صفت. تڙ وارو ـ مٿي ميرو. جنبي.
= سيرَ وَڻيءُ: ث. آهو آجورو جو زمين تي ڪم ڪرڻ جي عيوض مٺي (مانهوءَ کي هڪ اڻُ ۾ بن ڏڪڻ جي برابر سمجهيو ويندو آهي).
● سُرُ ۽ سُرَ: ذ. [سن. سُوَرَ = آواز] سُريلو آواز. علم موسيقيءَ مطابق آواز جي هيٺاهين ۽ مٿاهين، ستن درجن ۾ ورهايل آهي: (١) دل مان نڪرندڙ آواز مور جهڙو (٢) هيٺ مان نڪرندڙ آواز ٻيهي جهڙو (٣) چاتيءَ مان نڪرندڙ آواز رِڍَ جهڙو (٤) معدي مان نڪرندڙ آواز ڪُڪڙ جهڙو (٥) ڳلي مان نڪرندڙ آواز ڪوئل جهڙو (٦) ڳلي مان نڪرندڙ آواز ڏيڏر جهڙو (٧) دماغ مان نڪرندڙ آواز هاڻيءَ جهڙو. مٿو آواز ـ آلاپ ـ تنوار. ڏَنَ ـ لئي. رڙ ـ ڪُوڪ ـ دانهن ـ چيڪ ـ ٽوڪو ـ ڪاڪاءُ. گلو ـ نيڙي. آواز جو ڍنگ ـ لمونو ـ طرز. خبر ـ علم ـ جاڻ. حقيقت ـ مطلب. خيال ـ ڏيان ـ غور ـ نالو ـ مشهوري. مالڪ ـ آقا ڏيوتا. اشارو ـ نام ـ ڪجهه ـ انت.
= سُرائيتوُ ۽ سُرائتا: ذ. صفت. سُر وارو. ڏسڻ جهڙو. ڪمائتو. چڱي حال وارو. چڱو ـ سٺو.

Gul Hayat Institute

= سُرَ پائيءُ ٽيڻ: هڪ صلاحو ٽيڻ - رازدار ٽيڻ.
= سُرَ جهالائڻو ۽ سُرَ جهالائڻ: ذ. گالهه کي ٽيڪو ڏيندڙ - تائيد ڪندڙ. راز ڄاڻندڙ.
= سُرَ جهلو ٽيڻ: ٽيڪو ڏيڻ - پٺيراڻي ڪرڻ.
= سُرُ ڏيڻ: ڪنهن خبر ڏيڻ - مخفي اطلاع ڏيڻ - راز بيان ڪرڻ.
= سُرَ سان سُرُ ميلائڻ: هم هم ميلائڻ. فسادن ۾ مددگار هجڻ.
= سُرُ ڪامودُ: شاهه جي رسالي جي هڪ سُرَ جو نالو. تماچي ۽ نوريءَ جي آکاڻي وارو.
= سُرُ ڪَلْيانُ: شاهه جي رسالي جي هڪ سُرَ جو نالو.
= سُرُ لَهڻ: الت لهڻ - ڳجهه معلوم ڪرڻ.
"شريعت جو سُرُ لهي، تن تيائين تار".
= سُرُ ميلائڻ: هارموني وغيره جي سُرَ سان ٻئي ساز جو سُر ميلائڻ - وڄت سان تان ميلائڻ. هم هم ڪرڻ - پاسو جهلڻ - گالهه کي ٽيڪو ڏيڻ - پٺيراڻي ڪرڻ.
= سُرَ وِڙيا: موسيقيءَ جو علم - راڳ جو علم.
● سَرا ۽ سَرائُونُ: ث. گهر - جاءِ - حويلي - مڪان. مسافرن جي رهڻ جي جاءِ - مسافر خالو - مهمان سراءِ.
● سَرابُ: ذ. ڪلر يا واريامي زمين. ان ۾هرن مهل پاڻيءَ جو ڏيکاءُ ڏيندڙ رُڃَ. ڏوڪو - معدوم - نابود.
● سِرابُ ۽ سِيرابَ: ذ. [سن. سوراپن = ڪَيْفُ] نشو - ڪيف - خمار - ڪَهَرَ. ڊپ - ڊِڄ - خوف - پَرُ - ڏَرُ - اُدڪو.
"سپ نہ ماري سَپَ جو سِرابُ ماري".
● سَراپَنُ: مصدر. [سن. شاپ = پِنْ] بددُعا ڏيڻ - پِنْ - پاراتو ڏيڻ. (هـ. سراپنا).
= سِرابُ ۽ سِيرابَ: ذ. بددُعا - پاراتو - لعنت - پِٽَ - غضب.
= سِرابِجَنُ: لعنت پوڻ - پاراتا جهلڻ - پڄڻ - بددُعا ملڻ - هڇا ٿيڻ. ڊِڄڻ - ڏهڻ - ڏکڻ - خوف ۾ پرجڻ.

● سِراجُ ۽ سِراجَ: ذ. [ع. سراج = ڏِيئو] ڏيو - چراغ. روشني - سوجهرو. آفتابُ - سج - خورشيد.
● سُراچو ۽ سُراچا: ذ. صفت. نمڪين - لوڻ وارو - سلوڻو. (ث. سُراچي ۽ سُراچِيُونُ).
= سِرا ديهو: اسمِ خاص. ٽري جهنگلي ٻُوٽيءَ جو هڪ قسم.
● سَرادُ ۽ سَرادَ: ذ. [سن. شرادّ = بزرگن جي شيوا] مئي جي مانيءَ - ختمو - مٽل جي روح کي ثواب پهچائڻ لاءِ ٻالڻ کي ڪارائڻ جي رسم.
● سَرادارُ ۽ سَرادار: ذ. صفت. موچارو.
● سَرارو ۽ سَرارا: ذ. صفت. سِڏوئي سِڏو - سِڏو واڙو - سنڌون سِڏو.
● سِرارو ۽ سِرارا: ذ. [سن. شِلا = سِرَ + رو = وارو] پٿر - روهي - سِرَ. [سن. سُرُ = سُرڻ] وڪ - پرانگهه - چوڪرو - چپول - ڏُڪُ - پڇ - ڏوڙ - سِراڙو - سِراڙهو.
● سِراڙو ۽ سِراڙا: ذ. وڪ - پرانگهه - پيلانگهه.
"جي ساهڙ جون سولهيون سير سراڙو تن کي".
(شاهه).
پاڇ - تيزي - تکائي - ڏوڙ - چپولُ - چوڪرو - سنڌون رستو - ميدان. وهت جو پنڌ.
● سَراڙِي: اسمِ خاص. تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● سَرازُ ۽ سَرازَ: ذ. چمڙي تي سون يا چالديءَ جي مڙهت ڪندڙ. سوچي - سوچي. وڏو هنرمند - پڙ ڪاريگر.
= سَرازِ ڪو ۽ سَرازِ ڪا: ذ. صفت. سرازن جو - سوچڪو - موچڪو.
● سَرازَ: اسمِ خاص. هڪ ذات جو نالو.
● سَراسَرُ: ظرف. (ف). سر بسر - يڪ لخت - سڄوئي - نپٽ - اصل - بلڪل - محض - مورُ - پٽيءَ - تمام. منڊ کان چيڙي تاءِ - ابتدا کان انتها تاءِ.
= سَراسِريءُ ۽ سَراسر يُونُ: ث. مختلف ۽ گهٽ وڌ اسمن جو هڪ جيترو ورهاڱو - هڪ جيتري ورهاست - معمولي - سرسري - رواجي - ساڌارڻ -

Gul Hayat Institute

وِچُونُ - وَهَهُ - مختصر - ترجيي . نسبت . واجبي حصو - حصي رسد - حصي پاگي . ارمان - انداز - مقدارُ - پيشاني جو هڪ زيور . جلدي .

● سَرا سيمَهُ : صفت . (ف) حيران - پريشان - وائڙو - سوگو . گهبرايل - بيقرارُ . متعجب - هڪو بڪو .

- سَرا سيمَگيُ : ث . پريشاني - حيراني - بدحواسي .

● سُراغُ ≈ سُراغَ : ذ . (ع) ڳولا - جاچ - پيرو - تلاش - جستجو - کوج . نشان - ڏس - پتو .

- سُراغُ رَسانُ ≈ سراغُ رَسانَ : ذ . [ف . سراغ + رسان > رسيدن = پهچڻ] پتو لڳائيندڙ - تلاش ڪندڙ .

- سُراغُ وَٽُ : پتو لڳائيندڙ - تلاش ڪرڻ .

- سُراغيُ ≈ سُراغيَ : ذ . کوجي - جاسوس - ڳولائو .

● سُراڱُ ≈ سُراڱَ : ذ . ساز جو هڪ نالو .

- سُراڱيُ ≈ سُراڱيَ : ذ . سُراڱَ جو ساز وڄائيندڙ .

● سِرامَنُ (ث) : اسم خاص . سانوڻ .

● سَرامو ≈ سِراما : ذ . جانور جي مٿي جو چمڙو جُٽيءَ جي سِري وارو چمڙُ .

● سَرانُ : اسم خاص . هڪ ذات جو نالو .

● سَرانَدا : اسم خاص . رياست لس بيلي ۾ هڪ ديهه جو نالو .

● سَرانَديپُ : اسم خاص . (هندستان جي ڏکڻ ۾ سمونڊ ۾ ٻيٽ جو قديم نالو - جزيره لنکا .

● سرانگَ ≈ سَرانگَنُ : ث . ٻوانگ - وڏيُ وکَ - ٻاهانگ .

● سَرانيُ ≈ سَرانيُونُ (ث) : ث . ڪاني - سرائي .

● سِراڻِ ≈ سِراڻُونُ : ث . [سن . شاڻ = سيراڻ] هٿيارن کي تيز ڪرڻ جو ڦرلڏو پٿر - روهي . (ھ . سان) ڪاهيل زمين جو سيرو - اوڙو .

- سِراڻيُ ≈ سِراڻيُ : ذ . سِراڻ هلائڻ وارو - اوزارن کي صاف ۽ تکو ڪندڙ - صيقلگير - تيارو . مرشد - ڪامل - گرو .

"اڄ آڳڙيا آئيا، سُوڌا سِراڻي"
(شاهه).

● سِراڻُ ≈ سِراڻ : ذ . سانوڻ جو مهنو .

● سِراڻو ≈ سِراڻا : ذ . [سن . شرس = سيرُ] ڪنڊالو (لس) - وهاڻو - تکيو - طول - سيراندي . ٽيڪ - جهلو - سهارو .

● سَراوانُ : اسم خاص . هڪ ذات جو نالو ، ۱۲ ٻاڙا : (۱) احمد زئي (۲) التزئي (۳) بنگل زئي (۴) ديناري (۵) گرگناڙي (۶) ڪڙد (۷) قمبراڻي (۸) لهڙي (۹) لنگر (۱۰) رئيساڻي (۱۱) رديدني (۱۲) سمبلاڻي . (سينز ۱۹۳۱ع) .

● سراوَکُ ≈ سراوَکَ : ذ . جين يا ٻڌ ڌرم جو پيروڪارُ . ڪانءُ - زاغُ .

● سَراو نڈو ≈ سَراونڈا : ذ . صفت . مڙندڙ - مڙڻو . لچڪيدارُ - ملايم - نرم . پرمتڙيو - منهن ڪٽرو .

● سَراءَ ≈ سَراهُونُ : ث . [ف . سَراء = مسافرخانو] جاءِ - جڳهه - ماڳ - مڪان . سراء - مسافرخانو .

"سُڃو سَراهَن ۾ اڏيسون ڀيون آهين،
پسيو پياڪن کي دکويسون دانهين"
(نواب جانعلي) .

مڏي - ناکو .

● سُراهيجَنُ : مصدر . سرهو ٿيڻ - واسجڻ .

● سَراهيڻ : مصدر . واکاڻڻ - ساراهڻ - جسُ ڳائڻ - صفت ڳائڻ . شاباس ڏيڻ - آسُشتيُ ڪرڻ - وڏائي ڪرڻ - آفرين ڏيڻ . سفارش ڪرڻ - پارت ڪرڻ - حوالي ڪرڻ - سؤلهه ڪرڻ - پرتو ڪرڻ - پرتڻ .

● سَراهيُ ≈ سَراهيُونُ : ث . خوشي - سَرهائي - دلاسو . مبارڪ .

"ڏاڍون سَراهيُونُ تن کي منجهائي تربا" .

- سَراهيُ ڏيڪارَنُ : اميد ڏيڪارڻ . مبارڪ ڏيڻ . خوشخبري ڏيڻ . خوشي ظاهر ڪرڻ .

● سيراهيُ ≈ سيراهيُونُ : ث . ڏکڻ جو سوراخ ڪيڻ لاءِ لوهه اوزارُ - سياري (ت) .

● سَراءُ : اسم خاص . تعلقي ٻني عاقل ۾ هڪ ديهه جو نالو .

Gul Hayat Institute

= سَراءِ ۽ سَرائُونُ: ث. گهر - جاءِ - هنڌ - ماڳ - مڪان. مسافرن جي رهڻ جي جاءِ - مهمان خالو. حويلي. جهان. مڏي - ناڪو.
= سِرائيڻُ: مصدر. [سن. سِر = سُرڻ] سورڻ - هاري ڪرڻ - هٿائڻ. سنياڻڻ.
● سَرائيُ ۽ سرائيُونُ: ث. [سن. شلاڪا = سرائي] سُرمي پائڻ جي ڪاٺي. گاڏي جي ڦيٿن واري ڪاٺ يا لوهه جي لٺ. نار جي چڪر ۾ آيل ڪاٺي. ڪنهن به ڦيٿن واري گاڏي، موٽر وغيره جي ڦيٿن جي لٺ. مڇي مارڻ لاءِ ميربحرن جي هڪ اوزار جي ڪاٺي. بخيو - ٽاڪو - ٽوپو - ڪُٽ.
= سَرائيُ بارُ: ذ. آٽ جي لڏ جو اهو بار، جو آپو سنئون ٻيهي.
= سَرائيُ هڻڻُ: ٽاڪڻ - ٽانڪڻ - ٽوپڻ - ٽوپو ڏيڻ - ڪُٽ هڻڻ - بخيو هڻڻ - بخيو - سيبڻُ. پٿريءَ جي مريض جي آلت جي سوراخ ۾ پٿري ڪيڻ لاءِ سَرائي گهيڙڻ.
● سِرائيُ ۽ سِرائيُونُ: ث. سلائي - ٽوپو. اسم خاص. هڪ ذات جو ڏاڙو. سري جا رهاڪو. سنڌ جي ڪنهن چڪي مڙس جو لقب. لماڻو - سياڻو - فهميدو - سنڪرُ.
= سِرائيڪوُ ۽ سِرائيڪا: ذ. صفت. سرائيءَ جو.
● سِرائيڪيُ ۽ سِرائيڪيُونُ: ث. سنڌي مسلمانن جي هڪ قديم ٻولي.
= سِرائيُ هڻڻُ: ٽوپو ڏيڻ - بخيو هڻڻ - سلائي ڪرڻ.
● سَرايَتُ ۽ سَرايَتُونُ: ث. (ع). تاثير - اثر.
= سَرايَتُ ڪَرَڻُ: رَچڻ - گهڙڻ - اندر ۾ وهڻ - اندر ۾ گهڙڻ - جذب ٿيڻ. اثر ڪرڻ - تاثير ڪرڻ. ڪن به ٻن شين جو هڪ ٻئي ۾ ملي وڃڻ.
● سَرايوُ ۽ سَرايا (ث): ذ. ڪيوڙ جو چمڪو - چمڪاٽ.
● سَرٻُ ۽ سَرٻَ (ث): ذ. صفت. [سن. سَرُوَ = سپ] سپ - ڪُسُل - سجو - سمڌو - سارو - مڙيوئي - سمورو - سر بستو - پورو. هرڪو - هرهڪ - سيڪو - جيڪو سو.
= سَرٻَ سُوڻهارِيُ ۽ سَرٻَ سُوڻهارِيُونُ: ث. تمام سهڻي - موچاري - حسين.
= سَرُ بَڪُ ۽ سُرُ بَڪَ: ذ. سڀ ۾ حاضر.
= سَرُ بَنڪُ ۽ سَرُ بَنڪَ: ذ. صفت. سڀني انگن وارو - گهڻن رستن وارو.
● سَرُ بارِيُ ۽ سَرُ بارِيُ: ذ. [ف. سر = متو + بار = بوجهه] وهت جي ٻهي پاسن کان وڏَلُ بارُ. ٻهي پاسن کان بار کڻندڙ وهت.
● سَرُ بَرُ ۽ سَرُ بَرَ: ذ. [ف. سَر = متو + بر > بُردن = کڻڻ] اڳواڻ - مهندار. (ظرف). قبول. ذمي.
= سَرِ بَرِ ڪَرَڻُ: ذمي ڪرڻ - حوالي ڪرڻ. قبول ڪرڻ - مڃڻ - قبولڻ - آڇڻ - ها ڪرڻ.
● سَرُ بَراهُ ۽ سَرُ بَراهَ: ذ. [ف. سر + به = سان + راه = رستو] انتظام ڪندڙ - منتظم - ڪارڪن - ڪارگذار. اڳواڻ - ليڊر.
= سَرُ بَراهِيڪارُ ۽ سَرُ بَراهِيڪارَ: ذ. [ف. سر + براه + ڪار = ڪر] ڪاروبار هلائيندڙ - منتظم - ڪار پردازُ - ڪم هلائيندڙ - منيب.
= سَرِ بَراهِيُ ۽ سَرِ بَراهِيُونُ: ث. انتظام - بندوبست - نظم و نسق - جوڙجڪ - اهتمام. همت - سرفرازي. عزت - مان.
● سَرُ بَراهِيُ ڪَرَڻُ: عزت لهڻ. چڱو ڪم ڪرڻ. نالو ڪيڻ. گوءِ ڪڍڻ. اڳواڻي ڪرڻ.
● سِرَ بَنڊُ ۽ سِرَ بَنڊَ: ذ. سيرون وجهندڙ - سيرون ناهيندڙ.
● سَرُ بَنڪِيُ ۽ سَرُ بَنڪِيُ: ذ. هر شيءِ کي ڪائي ويندڙ، گهت ذات وارا فقير. حرام ۽ حلال جي تميز نه ڪندڙ.
● سَرُ بَتُ ۽ سَرُ بَتَ: ذ. ڪاڏڙ شيءِ يا اڏ رڌل ڪاڏو.
● سُرُ هاتُ ۽ سُرُ هاتَ: ذ. لڪل سنهون آواز - گڏ و چڙ آواز. ٽُڻ ٽُڻ. قُس قُس. ڪڙڪ.

Gul Hayat Institute

ـ سُرْ ٹَاتْ ڪَرَڻُ: پَٽ پَٽ ڪرڻ ـ آواز ڪرڻ. هوريان ڳالهائڻ.
● سُرْ ٻُرْ ۽ سُرْ ٻُرُونْ: آهستي گفتگو ـ گوش گفتار ـ سُس قُس. سُرٻُر ـ گفتگو.
ـ سُرْ ٻُرْ ڪَرَڻُ: سُس قُس ڪرڻ ـ ڪَن ۾ ڳالهه ٻڌائڻ. هوريان هوريان ڳالهائڻ.
● سَرْ ٻَنْڪ ۽ سَرْ ٻَنْڪَ: ذ. سيبني الڪن وارو ـ ويڪ. هر جا حاضر ناظر.
● سُرْ ٻُرْ ۽ سُرْ ٻُرُونْ: ث. ڪَن جي ڳالهه ـ آهستي ڳالهه ـ سُسُ قُسُ.
ـ سُرْ ٻُرْ ڪَرَڻُ: تمام هوريان ڳالهائڻ.
● سَرْ تابيُ ۽ سَرْ تابيُونْ: ث. (ف). نافرماني ـ سرڪشي ـ حڪم عدولي ـ بغاوت. نمڪ حرامي.
● سَرْ تاجُ ۽ سَرْ تاجَ: ذ. سڀي جو چيت ـ سردار ـ رئيس ـ وڏيرو ـ پرڌان ـ مکي ـ دڳيدارُ. آقا ـ خاوند ـ مالڪ. پتي ـ شوهر ـ سڄڻ. سوامي. سائين ـ حضرت. اڳواڻ ـ رهبر. ڇڪو سڄڻ. وڏي درجي وارو. حاڪم.
● سَرْ تاجُ بَنائِڻُ: ڪنهن کي پنهنجو فخر سمجهڻ ـ خاندداني باعزت وارو تصور ڪرڻ. سردار بنائڻ.
● سُرِ تانُ: اسم خاص. ٿر ۾ رهندڙ راجپوتن جي هڪ ذات جو نالو.
● سَرْ تَنُ ۽ سَرْ تَنَ: ذ. البار ـ سَتَ ـ ڪَنڌُ ـ ديهُ ـ ڪوڙ ـ ڪُندُ ـ موجودات ـ ڪيچ ـ دَلَ. سامان سڙو ـ رَسَد ـ سيڏ و سامان ـ سامگري. جنگي اسباب ـ باروت ـ هٿيار پنهوار.
● سُرْ تَنُ: مصدر. [سن. سُمر = ياد ڪرڻ] سمجهڻ ـ خوش ڪرڻ ـ سنيالڻ.
ـ سُرْ تِ ۽ سُرْ تُونْ: ث. [سن. سُمرَتي] سمجهه ـ عقل ـ هوش ـ سُرجهه ـ بوجهه ـ شعور ـ يادگيري. ڄاڻ ـ خبر ـ سڌ ـ سماءُ ـ سُرَ ـ ڪَلَ ـ سَمَڪ ـ وِدِيا ـ علم. ڏيان ـ خيال ـ توجهه ـ ساوِڌاني ـ سوچ ـ ياد ـ حافظو ـ چيتو ـ ياداشت ـ هوشياري ـ سمرٿي ـ هنئين گهر ـ ذِهن. سنيال ـ تات ـ هرڪهور ـ پرداخت ـ سارَ ـ سنيار. پروڙ ـ امتياز. دريافت. ڳڻتي ـ فڪر.
ـ سُرْ تِ اچَنُ: هوش اچڻ. ڄاڻ پوڻ.
ـ سُرْ تِ چَڏَڻُ: افعال بگاڙڻ ـ بد عادت بنجڻ.
ـ سُرْ تِ ۾ هُجَڻُ: هوش ۾ هجڻ ـ هوشيار هجڻ.
ـ سُرْ تِ نَہ رَهَنُ: هوش نه هڻ. عقل نه هڻ. وساري چڏڻ ـ پُلائي چڏڻ ـ ياد نه رهڻ ـ خيال تان لهي وڃڻ ـ نِراد ر ڪرڻ. بد حواس ٿيڻ. موڪو ٿيڻ. وِسو ٿيڻ.
ـ سُرِ تو ۽ سُرِ تا: ذ. صفت. سچيت ـ ساوڌانُ ـ هوشيار ـ خبردار ـ سجاڳ.
ـ سُرْ تِ وَڌائِڻُ: سليقو بنائڻ ـ سليقه دار ڪرڻ.
ـ سُرْ تيوُ ۽ سُرْ تيا: ذ. عاقل ـ سمجهدار ـ سُرتو.
ـ سُرْ تيائيتوُ ۽ سُرْ تيائيتا: ذ. صفت. چيتائتو ـ هوشائتو ـ سمجهو ـ متمان ـ حوصلائتو ـ سوبتو ـ ساگو واگو. سياڻو ـ سچيت ـ ڏاهو ـ سُڄاڻ. داناءُ. نمتو ـ ري پيتل ـ هوشيار ـ باهوش. سالم. هرهيزي ـ هرهيزگار ـ ڪِريائتو. ديرينو ـ گنيير ـ ڏيرجوان ـ زِيرَڪُ ـ چتر ـ سڌو هرو. خبردار ـ سُجاڳ ـ سياڻو ـ عقل مند ـ سرتيو.
ـ سُرْ تيو ۽ سُرْ تيا: ذ. صفت. سرت وارو ـ داناءُ ـ عقلمند ـ چالاڪ. سچيت ـ هوشيار ـ سمجهو. ان هڏير ـ نظر پذير ـ آگاه ـ متمان ـ سُرتيائتو.
● سَرْ تو ۽ سَرْ تا: ذ. [سن. سِر = سَرَنُ] جيڏو ـ هم عمر. برابر ـ مثل ـ مٽ ـ هَمْسَر. شريڪ ـ ثاني ـ جوڙياڪ. هڪ جيترو ـ هڪ جهڙو ـ هڪ جيڏو ـ سَرِ يڪو. هم وزن ـ تُلُ ـ سمان ـ سنئين ڪاني ـ سَساوي. سنگتي ـ يار ـ دوست (ذ. صفت). قابل ـ لائق. (ث. سَرتيي ۽ سُرْ تيونْ = ساهيڙي ـ سهيلي).
● سُرْ تا: لٿوڙي.
"سرتا ساريو سوڪري، جرهاڙي جاڙاءُ"
(تاريخ سنڌ ادب ـ ١٨٦).
● سَرْ تيا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● سَرْ تيلَ ۽ سَرْ تيلونْ: ث. سوڙين کي ٻڌڻ لاءِ ڪم ايندڙ رنگين رسي.

Gul Hayat Institute

● سَرَتُ ۽ سَرْتَ: ذ. اڪ جو ڪٽر- ذرو- تنڪو- ڪٽو. مال کي رسي ٻڌڻ جي جاءِ تي پيل گاٺ. هڪ بيماري.
● سَرِتُ ۽ سَرِتَ: ذ. سُچَرُ- سَتَرُ. خوش.
● سُرِتَڙِ ۽ سُرِتَڙُونُ: ث. رسي کي ڳنڍ ڏيڻ جو هڪ نمونو- (ل) سرڪڻ ڦاهي- لوپي. ڳنڍ.
● سِرِتَڙِ ۽ سِرِتَڙُونُ (ل): ث. سرڪڻ ڦاهيُ- لوپي.
● سِرِتو ۽ سِرِتا (ث): ذ. پاڇهريءَ جو ننڍو سنگ.
● سِرِتِيُ ۽ سِرِتِيُونُ (ل): ث. پاڇهر يا جوئر جو ننهو سنگ- سنگ جي ٽڪري.
● سُرِتِيُ ۽ سُرِتِيُونُ (ث): ث. چَونڙي جي چوٽي. دلي جي ڇڇي.
● سَرْٽِيفِڪِيٽُ ۽ سَرْٽِيفِڪِيٽَ: ذ. [انگ. Certificate] سند- پروانو. رضانامو. ڪارگذاري جي چٺي. هلت چلت جو پرزو. خوشنودي.
● سَرْپُ ۽ سَرْپَ: ذ. سَپُ- نانگ- ٻلا. ازدها- اجگر. ڪينہ ورُ.
● سَرْپارا: اسم خاص. بروهي بلوچن جو هڪ قبيلو.
● سَرْپَٽُ ۽ سَرْپَٽُونُ: ث. گهوڙي جي ڊوڙ جو هڪ نمونو.
- سَرْپَٽُ ڊوڙُ: تمام تيکو پڇڻ- تيکو ڊوڙڻ.
● سَرْپَرُ ۽ سَرْپَرُونُ: ث. سُس ڦُس- پُٽ پُٽ- پٽڪو- ٻاهور- پٽڪار- جهونگار- ڪنن جي ڳالهه- پٽڪات- چوڪو. آهسته ڳالهه- ڪجهه ٻڌڻ. ڪُرڪو- ڪينجهڪو- رُٽڪو. سُرڪو- چُرڪو.
- سَرْپَرُ ڪَرَڻُ: آهسته ڳالهه ٻولهه ڪرڻ. جاءِ ڏيڻ لاءِ سوڙها ٿي وڃڻ- ڪجهه سرڻُ.
● سَرْپَرَسْتُ ۽ سَرْپَرَسْتَ: ذ. مددگار- نگهبان- خبرگير- محافظ- حامي.
- سَرْپَرَسْتِي ۽ سَرْپَرَسْتِيُونُ: ث. نگهباني- حمايت- مددگاري.
● سَرْپَرَهُ: اسم خاص. بلوچ قوم جو هڪ قبيلو.
● سَرْپَنْچُ ۽ سَرْپَنْچَ: ذ. ميئر مجلس- صدر- سياهتي- پريزيڊنٽ- ٽياڪر- امين- ثالث- مڌيستُ. مهندار.
● سَرِپُورُ ۽ سَرِپُورَ: ظرف. تمام تيز- تيز رفتار.
● سُرْپُ وِ ياپُ: ظرف. سپ ۽ ماضر.
● سَرْپَيچُ ۽ سَرْپَيچَ: ذ. بادشاهن، نوابن، اميرن جي پڳ ۽ موتين جي لڙي.
● سَرْجُ: اسم خاص. راڳ ۽ وجت جي ستن قسمن مان هڪ قسم. هندڪي وجت جو چوٽون سُر.
● سَرْجامَ ۽ سَرْجامُونُ (ل): ث. اوپر- پيدائش- نيسر- واڌ. (مومل مينڊرو ص ٨٧).
● سَرْجامِيُ ۽ سَرْجامِيُونُ: ث. تياري- ناهڻ ٽوهڻ- سرانجامي- پوائي.
● سَرْجَنُ ۽ سَرْجَنَ: ذ. (انگ. Surgen) جراحت ڪندڙ- آپريشن ڪندڙ- ڊاڪٽر.
● سُرْجَنُ ۽ سُرْجَنَ: ذ. (سن). معزز ماڻهو- پلي مانس- شريف.
● سُرْجَنُ هارُ: اسم خاص. سن. پيدا ڪرڻ وارو- خالق. مالڪ- خدا.
● سِرْجَنُ: مصدر. [سن. سُرج = خلقڻ] آسرڻ- آپرڻ- پيدا ٿيڻ- ڪين مان ڪي ٿيڻ. وڃڻ. وڌڻ. جمڻ.
"سِرجي تہ سُور، ساماڻي تہ سُک وِيا"
(شاهہ).
- سِرْجَنْهارُ ۽ سِرْجَنْهارَ: ذ. خلقيندڙ- پيدا ڪندڙ- پالينڊڙ- آپائيندڙ- خالق- مالڪ پرماتما.
● سَرْجَنُ: مصدر. تيار ڪرڻ.
● سُرِجَنُ: مصدر. جيتن ڪان ڪاڇي وڃڻ- ڪينٽون لڳڻ- آڏوهي ڪاٽڻ. پورو ٿيڻ. خراب ٿي وڃڻ.
● سُرِجِيٽُو ۽ سُرِجِيٽا: ذ. سُرنديڙ جيت (وچون، بلا وغيره).
● سُرِجِيُ ۽ سُرِجِيُ: ذ. صفت. سُرجيت- خبردار.

Gul Hayat Institute

● سُرْجيِتُ ۽ سُرْجيِتَ ۽ ذ. سجاڳ ـ باهوش ـ بيدار. سُرتيو ـ آگاهه ـ واقف. جيئرو ـ حيات.
ـ سُرْجيِتائي ۽ سُرْجيِتائيپُ : ث. سجاڳي ـ بيداري. هوش ـ سُرتيائي. آگاهي ـ واقفيت. اطمينان ـ فڪر ـ غور.
ـ سُرْجيِتُ ٿيڻ : سجاڳ ٿيڻ ـ هوشيار ٿيڻ. واقف ٿيڻ ـ آگاهه ٿيڻ.
● سُرْجيِوَنُ ۽ سُرْجيِوَن : ذ. صفت. [سن. سير = سُرَنُ + جيون = حياتي] سرسبز ـ شاداب. زرخيز. روح افزا ـ روح بخش ـ جان بخش ـ حيات بخش ـ فرحت بخش. مضبوط ـ لازوال.
● سُرْجيِوَنُ پُوتيِ : ث. هڪ قسم جي فرحت بخش ۽ زندگي بخش پوٽيءَ جو نالو.
● سُرْجيِوَنُ پَهاڙُ : ذ. سَرجيون پوٽيءَ وارو جبل. فرحت بخش ۽ سرسبز جبل.
● سيرُ ڄڻُ (ڪ) : مصدر. ڪير، گهه وغيره جو جمڻ. پيدا ٿيڻ ـ نهڻ ـ بنجڻ. (هـ. سرجنا).
● سُرْجهڻُ : مصدر. [سن. سُ = چڱي طرح = جُڇا = ڄاڻڻ] سمجهڻ ـ پروڙڻ ـ ڄاڻڻ ـ مغز مر وهاڻ ـ پرجهڻ ـ لڪڻ ـ پُڇهڻ ـ پُروُجهڻ ـ معلوم ٿيڻ ـ آگاهه ٿيڻ ـ خيال مر اچڻ.
ـ سُرْجهُ ۽ سُرْجهَ : ذ. صفت. آزاد ـ ڄاڻو ـ سمجهو.
ـ سُرْجهُ ۽ سُرْجها : ذ. سڃاڻ ـ سمجهه ـ زيرڪ ـ چتر ـ سڏ پرو ـ متمان ـ آزاد سمجهه.
● سُرْچيڑُ ۽ سُرْچيڑا : ذ. پڪيءَ جو هڪ قسم جو وڻ جي ڏارين ڀان پنهنجو آڪيرو ٺاهي.
● سُرْچشمو ۽ سُرْچشما : ذ. (ف). پاڻي نڪرڻ جي بنياد جو هنڌ ـ منبع. آبشار.
● سُرْچڻُ : مصدر. پرچڻ ـ پرپڻ ـ ريجهڻ ـ راضي ڪرڻ ـ خوش ٿيڻ ـ راس ٿيڻ ـ مان ڪرڻ ـ سانت ڪرڻ. سامت مر اچڻ.
ـ سُرْچاءُ ۽ سُرْچاوَ : ذ. پرچاءُ ـ ٺاهه ـ صلح ـ سُلوڪ ـ راضي نامو.
ـ سُرْچاءُ ٿيڻُ : ٺاهه ٿيڻ ـ صلح ٿيڻ ـ رضانامو ٿيڻ.
ـ سُرْچاءُ ڪرڻُ : ٺاهه ڪرڻ ـ صلح ڪرڻ ـ رضانامو ڪرڻ.
ـ سُرْڇائيڻُ : ڏارڻ ـ سانت ڪرائڻ ـ ڏُهائيڻ ـ ڀهائڻ ـ ٺاهي ڇڏڻ ـ صلح ڪرائڻ. جهيڑو لاهڻ. ٿهڪائڻ ـ ملائڻ. ڪيڏائڻ ـ ڪڏائڻ. هيرڻ ـ موافقت ڏيڪارڻ.
● سُرْڇيهو ۽ سُرْڇيهُ : ذ. هڪ قسم جو پکي.
● سُرْڇو ۽ سُرْڇا : ذ. سائو ـ آباد ـ سرسبز. سڏو. سڏائو ـ سولو.
● سُرَڇيِ ۽ سُرَڇيِپُ : ث. صفت. ڪاهه واري جوه. (ضد. آرَڇيِ).
● سُرْحالُ ۽ سُرْحالَ : ذ. صفت. خوشي ـ راضي ـ نهال ـ سرهو ـ پرسن ـ سکي. آسودو. آڇَڪُ. فرحتِ مر ـ سزي مر. وندرِيَلُ ـ پرڀيل ـ رِيُڏَلُ ـ رِيُڄهيلُ. بختاور ـ پاڳوارو. شَبِ ـ چڱو.
● سُرْحدِ ۽ سُرْحدُونُ : ث. سَنڊو ـ دلگ ـ حد. پاسو ـ پر. ڪناروَ. انتها. (اسم خاص). تعلقي ڪهوڪي مر هڪ ديهه جو نالو.
● سُرْحلَ : اسم خاص. تعلقي نوشهري مر هڪ ديهه جو نالو.
● سُرُخ ۽ سُرُخَ : ذ. صفت. [ف. سُرخ = ڳاڙهو] هڪ رنگ جو قسم ـ ڳاڙهو ـ لالُ ـ آحُمَرُ ـ رَتو. تنبوءَ جي وڇين ڪائي ـ چوبَ. ماسي جو انون حيصو.
ـ سُرخِ خانِ ۽ سُرخخانُونُ : ث. ڳاڙهاڻ ـ لالاڻ ـ رتاڻ.
سُرْخائيِ ۽ سُرْخائيِپُ : ث. ڳاڙهاڻ ـ رَتائي ـ لالاڻ ـ رتاڻ ـ سُرخِ خانِ ـ ڳاڙهائي ـ ڳاڙهَپَ.
ـ سُرُخُ ٿيڻُ : ڳاڙهو ٿيڻ ـ لال ٿيڻ. ڪاوڙ مر لال ٿيڻ ـ غصي مر اچڻ. ميوي جو پڪڻ. نشهي مر پُر ٿيڻ.
ـ سُرْخُرُو ۽ سُرْخُرُوُ : ذ. صفت. [ف. سرخ + رُوُ = مُنهن] لال منهن وارو. آبرو وارو ـ مانائتو ـ عزت وارو ـ مُعزّز. مقبول ـ اڳهيل. عزيز. نامور. فتحمند ـ ڪامياب. فخر ڪرڻ وارو. ليرنجو ـ بي حيا ـ بي شرم.

Gul Hyat Institute

= سُرُخُرُو ٹيڻُ : ماڻ وڃائڻ جي کوشش ڪرڻ- آڇ ٻوڙ. خوش ٿيڻ. ڪامياب ٿيڻ. وعدو وفا ڪرڻ.

= سُرُخُرُو رَهڻُ : سچو رهڻ- ٻورو رهڻ. عزت سان رهڻ.

= سُرُخُرُوئيُ ۽ سُرُخُرُوئيُون : ث. عزت- شان- مان- آبرو- مانُ مٺُ- ناموس- سٽمانُ- آبُ. سيمُ- ستُ- درجو- ساک- پتَ- پدُوي- معتبري.

= سُرُخ ڪرڻ : ڳاڙهو ڪرڻ- لال ڪرڻ.

= سُرُخو ۽ سُرُخا : ذ. ڪميونسٽ پارٽي سان تعلق رکندڙ- ڪميونسٽ- ڏهريو. سفيد رنگ جو گهوڙو. ذ. صفت. ڳاڙهو- لالُ- سُرُخُ.

= سُرُخيُ ۽ سُرُخيُون : ث. ڳاڙهاڻ- لال رنگت. هڪي سيرَ جي ميٽي. عورتن جي ستن سينگارن مان هڪ- لالي. خونُ- لهُو.

● سُرُخا : اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. ڪميونسٽ.

● سُرُخابُ ۽ سُرُخابَ : ذ. ڏنڊ جي هڪيءَ جو هڪ قسم، بدڪ جنس مان، رنبي جيڏو، رنگ ميٿائُون. (ث. سُرُخابيُ ۽ سُرُخابيُون).

● سَرْخَمُ ۽ سَرْخَمَ : ذ. ٻروٽ- چاٽي- سرجس.

● سُرُخو ۽ سُرُخا : ذ. گهوڙي جو هڪ قسم، رنگ اڇو، بٽَ تي ٿورا چيٽَ. (ث. سُرُخيُ ۽ سُرُخيُون). (صفت). سرخي رنگ (حقيقي رنگ اڇاڻ تي مائل). جو گهوڙو جنهن جا ڪٿين قسم: ١- شربتي سرخو (ڳاڙهيرو سرخو) ٢- نيرو سرخو ٣- سياهه سرخو ٤- ڪلزار سرخو ٥- عنبرد سرخو يعني پنج ڪليان سرخو.

● سُرُخيُ ۽ سُرُخيُون : ث. مضمون جو سرو- عنوان. گهوڙيءَ جو هڪ قسم. عورتن جي سينگار جو هڪ قسم- لالي.

● سَرْدُ ۽ سَرْدٌ : ذ. [سن. شَرَدَ = ٺڏو] ٺڏو- ٺريل- سيل. آلو- گهميل- آڏوڪو. رڪو- نيرو سوهيو. ٻيجان. سست- ڍيلو. بي لطف- بي مزي- بي رونق. بزدل- نامرد.

= سَرْدُ ڪَرَنُ : ٺارڻ- ٺڏو ڪرڻ. غصو ڏيرو ڪرڻ.

= سَرْدُ گَرْمُ : صفت. موافق- ٻورو ٻنو.

= سَرْدُ مِزاجُ : ظرف. سَرْدَ دلُ- سُسْتُ. بي مَرّوت.

= سَرْدُ مِهْرُ : صفت. بي مِهر- بي رحم- بي محبت بي مَرّوت. بي ڏيان- بي وفا. سخت دلُ- ڪٺورُ- ظالم.

= سَرْدُ مِهْرِيُ ۽ سَرْدُ مِهْرِيُون : ث. بي وفائي- بي مَرّوتي. سنگدلي. بي پرواهي.

= سَرْدِيُ ۽ سَرْدِيُون : ث. ٺڏ- ٺار- سيءُ- ٻاروُ- برد- سيٺل- خنڪي. زڪام. ريزش- نزلو- لهيس. سياري جي سنڈ- سيارو.

" ١. سَردي ساليمُ نہ رهان، گرمي ٿيان گذاو"
" ٢. سَردي ساليمُ نہ رهان، ڪوسي سهان ڪانہ" (شاهه).

= سَرْدِيُ گَرْمِيُ ۽ سَرْدِيُون گَرْمِيُون : ث. ڏک سک- تڪليف- مشڪلات.

= سَرْدِيُ گَرْمِيُ ڪانُ بچڻُ : گرم سرد هوا کان پاسو ڪرڻ. تڪليف کان آزاد رهڻ- مشڪلات کان بچڻ.

= سَرْدِيُ لڳڻُ : سيءُ لڳڻ- ٺار پوڻ. لهيس ٿيڻ.

= سَرْدِيُن هُجڻَ : سڪرات ۾ هجڻ.

= سَرْدِيُ هُجڻُ : نزلو زڪام ٿيڻ- سيءُ هُجڻُ.

● سَرْدارُ ۽ سَرْدارَ : ذ. اڳواڻ- امير- دڪيدارُ- سَرْوَرُ- صدر- مکي- منهه منيُ- پربوڙس- ٻيل- وڏيرو- چوڌري- پرڌانُ. حاڪم- آفيسر- والي. پالڊپ- راج ڏئي- امام- هادي- پيشوا. رسول ڪريم صلعم جن جو لقب.

= سَرْدارِيُ ۽ سَرْدارِيُون : ث. اڳواڻي- دڪيداري- اميري- حاڪمي- افسر- حڪومت. وڏيرهائي- رئيس ٻڌو. بزرگي. رهبري.

● سَرْدَرُ ۽ سَرْدَرَ : ذ. پٺ جي ٽيڪ لاءِ در جي مٿان رکيل ڪاٺي- سَرْدَرو.

Gul Hayat Institute

= سَرُد رو ۽ سَرُدَرا: ذ. سَرُدَرُ.
● سَرُدَرَ خَتِي: اسم خاص. خاص ميوات تي عائد ڪيل هڪ قسم جي ڊَل.
● سَرُدو ۽ سَرُدا: ذ. هنڌائي جو هڪ قسم- شردو. (ذ. صفت). ميناج وارو- ميٺو.
● سَرڌا ۽ سَرِڌانُون: ث. [سن. شَرُدّا= ايمان] ويساهه - يقين - پروسو - عقيدو- اعتبار. دين ڌرم - الجام - وچن. حُبّ. خوشي.
= سَرِڌالو ۽ سَرِڌالُو: ذ. صفت. سچو- وفادار. ايمانوارو - ايماندار. پروسي جهڙو. وچن تي پورو.
= سَرُڌاوان ۽ سَرُڌاوانَ: ذ. ايمانوارو. وفادار.
= سَرُڌوان ۽ سَرُڌوانَ: ذ. صفت. وفادار. ديندار. ايمان وارو. سرڌالو- پروسي جهڙو. انجام جو پورو.
● سِرِڏَرَ ۽ سِرِڏَروُن (ث): ث. دروازي جي چوڻڪ جي متين ڪاٺي- سَرُدَرُ.
● سَرُر: ث. آتشبازي جي سڙڻ جو آواز.
● سَرِڙاٽ ۽ سَرِڙاٽَ: ذ. سوسات - تڪڙي هلڻ جو آواز. تڪڙي گفتگو جو آواز. سَرُڙو- گار.
● سَرِڙاٽَ: ذ. سنهون آواز. بدن ۾ ڪنهن جيت جي سُرُ سُرُ.
● سَرِڙِ بَرِڙِ: ظرف. تڙ تڪڙ- جهت پت- امالڪ.
= سَرِڙ بَرِڙِ ڪَرَڻُ: تڪڙ ڪرڻ- جلدائي ڪرڻ.
● سَرِڙِڪو ۽ سَرِڙِڪا (ث): ذ. اوچتو نڪري وڃڻ وقت، ٽيل آواز- تيزيءَ سان نڪرڻ وقت آواز.
● سَرِڙڻُ: مصدر. تلوار وغيره ميان سان چڪڻ- باهر ڪيڻ - چڪڻ - رسڪائڻ. چلڻ.
= سَرِڙو ۽ سَرِڙا: ذ. تلوارڪشي. دَبَ- دَبڙاٽَ. گار.
= سَرِڙو ڀَنَائيُ: دَبائڻ- وڙهڻ.
● سُرڙو ۽ سِرِڙا: ذ. مينهن جو غبار. سَرڙاٽُ. (ذ. صفت). چنل نڪ وارو.
● سِرِڙبو ۽ سِرِڙيا: ذ. صفت. اڪيلي سر ڪمائيندڙ. جوڙي ڪالسواءِ هاري- هٿاهينُ.
● سَرِزَدُ: ظرف. اتفاق- واقعو- حادثو- ڪالهه. ڪاوڙيل- چڙيل- غصي- ناراض- رَنجُ. ظاهر- نمودار.
= سَرِزَدُ ٿيڻُ: ظاهر ٿيڻ- نمودار ٿيڻ- ظهور ۾ اچڻ.
● سَرُ زَمينَ ۽ سَرُ زمينُونُ: ث. ڌرتي- پٽ- زمين. ملڪ- ولايت- ديس- اقليم- خيطو. سطح. جاءِ- هنڌ- تڏو. جاءِ واردات- واقعي جو هنڌ- اصل جاءِ. بنياد- ڪارڻ- سبب- دليلُ.
● سَرُسائيڻُ: مصدر. [سن. سَرَسَ: سُ= چڪي طرح + رس = پهچڻ] گهٽو ڪرڻ- جهجهو ڪرڻ- وڌيڪ ڪرڻ- زياده ڪرڻ. ويجهائڻ- اضافو ڪرڻ. چاڙهڻ- تاليوارو ڪرڻ- ترقي ڪرائڻ- اڳرو ڪرڻ- چاڙهو ڪرڻ- واڌارو ڪرڻ. مشهور ڪرڻ.
= سَرُسُ ۽ سَرُسَ: ذ. صفت. سواهو- وڌيڪ- سُنوالو- زياده- سَنجيڏُ- سرسو- گهٽو- هيڪاندو- جهجهو- بَهُونُ- ميٺو- وافر- الاهي. اتم- اوچو- بالي- اعلي. پلارو- چوڪو- خاصو- فائق- نهايت چڱو- عمدو- سريشٽ- سٺو- بهتر. بهشُ- وڏو. مٿيون- برتر. چڱي رَسَ وارو- هَڏَ ۾ پيرُيل. (اڪ). ث. سَرُسي ۽ سَرُسيُونُ).
= سَرُسائيُ ۽ سَرُسائيُونُ: ث. گهٽائي- واڌ- جهجهاڻ- سرسيُ. سبرسالي- سُڪرُ. واڌارو- اضافو. آچائي- فضيلت. جوهر- خوبي- خاصيت- گهيائي- آتمتا- گڻ- شرف. سَبڦَتَ- پرڪاسُ. فوقيت- وڏائي- بالادستي.
= سَرُسُ سَاوِيُ ڪَرَڻُ: بازي ڪڍڻ- شهه ڏيڻ- زور ٻڌڻ- وڌيڪ ڪامياب ٿيڻ.
= سَرُسو ۽ سَرُسا: ذ. واڌ- واڌارو- سَرُسيُ- زيادتي- گهٽائي.
"ڏيئي وِيا آڏولَ ڪي سورن جو سرسو" (شاهه).
سَوايو- سَرُسُ- وڌيڪ.

Gul Hayat Institute

= سَرُسيُ ۽ سَرُسيُونُ: ث. صفت. زيادتي- گهٽائي- سوائي- سنوالي- جهجهائي. زيادتي- اڳرائي. ظلم- زبردستي. ڏڪ- ڏاڍ. ترقي. پلائي. خوبي- خاصيت- آڇائي- گٽيپائي- گڻ- جوهر- فضيلت- آتر- فوقيت- شرف. واڌ- واڌارو- چاڙو- وراڻ. ڦورو- مهرباني. كاميابي- فتح- سوپ.

= سَرُسيرو ۽ سَرُسيرا: ذ. صفت. كجهه وڌيڪ- ٿورو گهڻو- ڪچ جهڙو- ٿورو زياده- الٽ كجهه واڌ.

= سَرسيُ ڪرڻُ: گوء كڍڻ- سوپ ڪرڻ- ڪسر ڪڍڻ- بازي كڍڻ- شهه ڏيڻ- مات ڪرڻ- ٻئي كي هارائڻ. منهن متي كڍڻ. اڳرو ٿيڻ.

= سَرُسيُ لَهڻُ: سرس ٿيڻ. اڳرائي ڪرڻ. گوء كڍڻ- سبقت حاصل ٿيڻ.

● سَرَسُ ۽ سَرَسَ (ث): ذ. سَرِيُهڻَ جو ون

= سيرسُ: ذ. [سن. شريش=] هڪ قسم جو ڪوٺر جهڙو پسارڪو وڪر- ڪاڪ ڪنڊ لاء ڪم ايندڙ دوا- ٽنيڻ. گهوڙي ۽ ڳائي مال جي وڳڻ مان ٿهندڙ دوا.

● سَرُسَ ۽ سَرُسُونُ: ث. ڪنهن به ڳالهه جي ٿوري خبر- ڪڙڪ. ڪل- خبر- علم- ڄاڻ.

● سَرِسامُ: ذ. (ف) مغز جي بيماريء جو هڪ قسم- مغز جي پردن جي سوج واري بيماري. دماغ جي خرابي- مغز جو خلل. بدگماني- شڪ- وهم.

● سَرُسَاتَ ۽ سَرُساتُونُ: ث. مصالح- كاڌي وغيره تيار ڪرڻ لاء گهربل شيون. سيڌو ساڌو- سيڌو سامان- سَمَرُ- توشو- رَسَدُ. گاهُ- چارو.

● سَرُسَبزُ: ذ. صفت. (ف) سائو- هميشه سائو- هريو- شاداب- بهاري وارو- هريو پريو- خوش بهار. فتح مند- كامياب. تازو توانو- خوش. پريو پاڳيو- آباد- وَڏِيلُ- ويجهيل- ڦاٽ. سينگار- گلكاري. سكيو- آسودو.

= سَرُسَبزُ ٿيڻَ: تازو توانو ٿيڻ- شاداب ٿيڻ- خوش خورم ٿيڻ. ڪرسي نشين ٿيڻ- قابل پذيرائي ٿيڻ- شهرت حاصل ڪرڻ. آسودو ٿيڻ.

= سَرُسَبزُ هُجَنُ: تازو توانو هجڻ- خوش هجڻ. عزت وارو هجڻ- زيب زينت حاصل هڻڻ.

● سَرُسُيَرُ ۽ سَرُسُيَرَ: ذ. صفت. سائو- آباد. ساڇو. سياڪو. سيٽاڻو. فرخنده- سكيو- ستابو- آسودو.

● سَرُسَتيو ۽ سَرُسَتا: ذ. چالبازي- كيڏ- الكل (ٻيلا).

● سَرُسَتيُ ۽ سَرُسَتيُونُ: ث. خود قرباني- آپ ڀليدانُ- پاڻ صدقو.

● سَرُسَرُ: ث. هوا جو تيز آواز- زوزٽ- سرڙاٽ. سردي سبب هڪ نموليجي حالت- ڏڪڻي.

● سَرُسُرُ ۽ سُرُسُرُ: ث. خارش- كِرُڻهينُ- كِرسِرو- تيرتير. كن جي گهالهه- پٽڪو- جنبش. بت تي كنهن جيت جو سُرڪو.

= سُرُسُرُ ڪرڻُ: هري گهالهڻ- بدن تي كنهن جيت جو سرڪڻ.

● سُرُسُرُو: ذ. اناج كي كائيندڙ جيت- سُرڙو.

● سَرُسَرِيُ: صفت. آسان- سولو- سهنجو- سڌو ڪو- سڌرو- سليس. ٿورو- گهٽ- ذرو- خيرڪو- قليل. آرامي- سكي- آسودو. هلو- سنهون- هلكو- كمزور- مختصر- مجمل طور. جلدي- تكڙو- جهٽ پٽ. بي پرواه. اچاتو. بي مقصد. ترچيو. معمولي. بي ترتيب- ذري كٽان ذري كٽان. دليلي. عدالت خفيه.

= سَرُسَرِيُ نَظَرُ: مٽاچري نگاهه.

● سَرُسِلو ۽ سَرُسِلا (ث): ذ. [ع. سلسلة] بندوبست- جوڙجڪ- ٺهراءُ- ٺاهُ- پرٻنڌ- سڌو ڪڙائي- چالاكي. تياري. شوق- چاهُ. شروعات- ابتدا- منڊ.

● سَرُسِيٽو ۽ سَرُسِيٽا: ذ. سوچ- ٽوٽر (١٣٠).

● سَرُسَوَتِ: اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو.

● سَرُسوتيُ: اسم خاص. هڪ ديويء جو نالو. برهما جي زال. سڀني عملن ۽ ننن جي موجد.

Gul Hayat Institute

علميت جي ديوي - وِدِيا جي ديوي. فضيلت جي ديوي (هندن جي عقيدي موجب) - پگوتي. الهه آباد جي ويجهڙائي ۾ وهندو هڪ درياءَ جو نالو.

● سَرِشارُ ۽ سَرِشارَ: ظرف. [ف. سَر=متو+ شار>شو ريدن=وهڻ] مخمور - مست - خماريل - مٽ ۾ مست - مؤج ۾ - متوالو - نشه ۾ چور - غرور يا جواني ۾ مست. لبريز - پريل - سالا سال - منهان منهن - پرپور.

= سَرِشاريُ ۽ سَرُشاريُون: ث. مستي - بيخودي - نشو.

● سَرِشٹ ۽ سَرِشٹُون: ث. [سن. سريشت> سرج=خلق] خلقت - جوڙجڪ - پيدائش - طينت. ليچر. خو - مزاج - طبيعت - عادت - خصلت - خمير - فطرت. جسم - وجود.

● سَرِشٹو ۽ سرِشٹا: ذ. نظام - ستاءُ - ناهڪ - بندوبست - جوڙجڪ - طريقو - دول - نمونو - ڍنگ - سجل - ڪرم - قاعدو - ريت - ترڪيب - دستور. جڳت - جهان - دنيا - خلقت. تواريخ. داخلا. دفتر. ڪارگذاري. ڪاغذ پت.

= سَرِشتيُ ۽ سَرِشتيُون: ث. خلقت - پيدائش. ڪائنات.

● سَرِشٹيدارُ ۽ سَرِشٹيدارَ: ذ. جج جو حاضري زيردست - منجسٽريٽ جو زيردست عملدار.

● سيرُشيتُ ۽ سيرُشيتُون: ث. [سن. سريشت> سرج=خلق] دنيا - جهان - جڳ - جڳت - سنسار - لوڪ - وِسْ - عالم - ڪائنات. زمانو - سَمو. زمين - پرٿوي. خلقت - مخلوقات. سَرُ - دنياداري - جهانداري - لوڪ چار. لوڪ - دليا جا مانهو. دليوي معاملو - سنساري جهڳڙو.

= سيرُشيتُ ڪَرُتا: خلقت جوڙيندڙ - خالق.

● سيرُشٹيُ ۽ سيرُشيٽيُون: ث. [سن. سيرشتي= دنيا] خلقت - ڪائنات - دليا - جهان - خدائي - جڳت. قدرت جي جوڙ - مخلوق - خلق الله. هستي - موجودات.

● سَرِشڪُ ۽ سَرِشيکَ: ذ. (ف). قطرو - ڪوڙهو - اشڪ - آلمو.

● سَرُطانُ: اسم خاص. (ع). آسمان جي چوٽين برج جو نالو - ڪرڪ راس - ڪرڪ گهيرو. هڪ آبي جيت - پاڻي واتڙو - ڪيڪڙو. هڪ بيماريءَ جو نالو.

= سَرُطانُ بَحرِيُ: ذ. مڇيءَ جو هڪ قسم. ٿلي ٿورُ. ۽ قسم: هڪ بحري، ٻيو بري، هن کي ساڙي دوائن ۾ ڪم آڻين.

= سَرُطانُ نَهرِيُ: هي سَرطان، نهري جي شڪل تي ٿيندو آهي، پر نهري جي پٺ تي سُٹي هڏي ته پاڻي ڪير وانگر نڪرندو آهي. هڪ پساريڪو وڪر، جو دوا طور ڪم اچي.

● سُرُطانَ: اسم خاص. تر ۾ رهندڙ ٽڪرن جي هڪ ذات جو نالو.

● سَرِطانپُور: اسم خاص. تعلقي هالا ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● سُرُعَتُ ۽ سُرُعَتُون: ث. (ع). جلدائي - تيزي - تڪڙ - شتابي. ڦڙتائي - چالاڪي.

● سَرفِرازُ: ظرف. [ف. سَر + افراز> افراشتن = ڪڍو ڪرڻ] منهن مٿي - سرخرو - اعليٰ - بلند - اوچو - وڏو - چنديو. معزز - ممتاز. ترقي يافته. خوش - پهرايل - نوازيل - مان ڏنل - عزت ڏنل.

= سَرُفِرازُ ڪَرَنُ: اوڄ تي رسائڻ - بلندي ڏيڻ - وڌائڻ - چاڙهڻ - ترقي ڪرائڻ. نوازش ڪرڻ - چنڊڻ. وڏي عزت ڪرڻ - عزت بخشڻ - درجو عطا ڪرڻ. نهال ڪرڻ - خوش ڪرڻ.

= سَرُفِرازُ هُئَنُ: ترقي يافته هڻ. عزت وارو هڻ - ممتاز هڻ.

= سَرُفِرازِيُ ۽ سَرُفِرازِيُون: ث. بلندي - اوڄ وڏائي. شان - بزرگي. ترقي - اضافو. عزت. ناموري - ميل جول. بهادري.

● سَرُفِيرو ۽ سَرُفِيرا: ذ. صفت. [ف. سر + فرو = هيٺ [ڪنڊ هيٺ - لاجواب - فڪرمند.

● سَرِفُو: اسم خاص. تعلقي سکر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● سَرُقُو ۽ سَرُقا (ث): ذ. ٽورو خرچ - قناعت - بچت - پاڇي - سرفو.

Gul Hayat Institute

● سَرُ ڦوکو: اسم خاص. دوا طور ڪم ايندڙ هڪ ٻساريکو وڪر، چرائتي جي اڻن جهڙو هڪ ساڻو ڳاهُ، سواد ڪڙو ۽ تيکو، خاصيت گرم. (هـ. سَرُ ڦوکو).

● سَرُ ڪَ ۽ سَرُ ڪُنُ: ث. ڪهوڙي جي واڳ ـ ڏوري ـ رسي ـ نوڙي.

ـ سِرُ ڪَ ساهِيُ ۽ سِرُ ڪَ ساهِيُونُ: ث. هڪ قسم جي ڪُنڊ ـ سُرڪڻ ڦاهي ـ سُرڪٽي ـ ڦاهي ـ ڦاسي ـ ڦٽه و ـ ڦاڙه و.

ـ سُرُ ڪَتسائِيُ ۽ سُرُ ڪَتسائِيُونُ: ث. سِرڪ ساهي ـ سرڪٽي ـ ڦاسي ـ ڦاهي ـ ڦندو ـ ڦاڙو.

ـ سَرُ ڪَتاڪو ۽ سَرُ ڪَتاڪا: ذ. رَسيءَ جو ڦاهو.

● سَرُ ڪارِ ۽ سَرِ ڪارُونُ: ث. [ف. سَر = مٿو + ڪار > ڪردن = ڪرڻ] حڪومت ـ راج ـ گورنمينٽ. رياست. تخت ـ مَسنَدَ ـ سنگاسَنُ. آقا ـ مالڪ ـ سردارُ. گهر جي مالڪياڻيءَ جي عزت جو خطاب. دربار شاهي ـ عدالت ـ ڪچهري ـ بارگاهه ـ دنيوي ڪاروبار. سموري دولت، تن، مَن ۽ دَنُ.

"سَمُوري سرڪار، نيٽي رکج ناهيم" (شاهه).

ـ سَرُ ڪارِي ۽ سَرُ ڪارِيُ: صفت. حڪومت جو ـ سرڪار جو ـ گورنمنٽي ـ شاهي ـ حضوري ـ ڪاڪماڻو. رياستي.

ـ سَرُ ڪارِيُ ڪاغَذُ: گورنمنٽي پَنو ـ اسٽامپ وغيره.

ـ سَرُ ڪارِيُ وَظيفو: سرڪار جي طرفان ملندڙ رقم ـ پينشن.

● سَرُ ڪارِيُ ۽ سَرُ ڪارِيُونُ (ث): ث. تاجي جي تندن کي ڏار ڪرڻ جي هڪ ڪاڻي.

● سَرُ ڪاڻِيُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● سَرُ ڪَرُدو ۽ سَرُ ڪَرُدا: ذ. [ف. سَر = مٿو + ڪرده = ڪيل] اڳوان ـ ليڊر ـ دڳيدار ـ سردار ـ ڏهندار. مکي ـ وڏيرو ـ منيب ـ رئيس. حاڪم ـ پرڌان. مکيه ـ وڏو ـ خاص. پالدَپُ. ڏرو ـ هادي ـ رهبر. قابل ـ چالاڪ ـ هوشيار.

● سَرُ ڪَرِيُ: اسم خاص. بگٽي بلوچن جو هڪ قبيلو.

● سَرُ ڪَسُ ۽ سَرُ ڪَسُونُ: ث. [سن. سَرُ سَنشِيمَنَ = سرڪس] جسماني ڪرتبن جو تماشو.

● سَرِ ڪَشُ: ذ. صفت. [ف. سَر + ڪَش > ڪشيدن = ڇڪڻ] حڪم عدولي ڪندڙ ـ باغي ـ نافرمان ـ راڄ دوهو ـ سر زور ـ عاق ـ سَر ڦيريو. آراولدو ـ وَڙڪو ـ شتر بي مهار. بد معاش. فسادِيُ ـ جهڳڙالو ـ خلليي. مغرور. گهگهيُرُ ـ هوڏي. نمڪ حرام. بي وفا. هلڪڙو.

ـ سَرُ ڪَشِيُ ۽ سَرُ ڪَشِيُونُ: ث. بغاوت ـ نافرماني ـ راڄ دوهي. برابري ـ بد معاشي. بي وفائي. نمڪ حرامي. حرامزائي ـ لچائي. فتنو ـ بلوو ـ بغاوٽ ـ فساد. وڏائي ـ هَٽُ. حُجت.

● سَرِ ڪِلُ ۽ سَرِ ڪِلَ: [الگ Circle] حلقو ـ دائرو ـ ڻ يا چڻ تهن مان ناهيل تعلقي جو پاڳو. نيڍو ٽڪر. صوبو.

● سَرُ ڪَلِيانُ ۽ سَرُ ڪَلِيانَ: ذ. حقي جو هڪ قسم. هڪ قسم جي سُلفي. گهوڙي کي ڏيڻ وارو الياڻ. گڏهه جي آلت جو اصطلاحي نالو.

ـ سَرُ ڪَنبِيُ (پيلو) اسم خاص. هڪ قسم جي گل جو نالو.

● سُرُ ڪَنِ ۽ سُرِ ڪَنُونُ: ث. هڪ قسم جي سرڪنڊ ڳڻيد ـ ڦاهيُ ـ سرڪڻ ڦاهي ـ دام.

ـ سُرُ ڪَنِ ڦاهيُ ۽ سُرُ ڪَنُ ڦاهيُونُ: ث. سُرُ ڪَنِ.

● سُرُ ڪَنُ: مصدر. [سن. سير = سيرَنُ] تيرڪڻ ـ ڦسڪڻ ـ ڪسڪڻ ـ گسڪڻ. رڙهڻ. هيٺ ڪيرڻ. چُرڻ ـ سُرڻ. هلڻ ـ گهمڻ ـ ڦرڻ. روانو ٿيڻ ـ پڄي وڃڻ.

ـ سُرِ ڪَ ۽ سُرُ ڪُونُ: ث. ڪِسڪَ ـ تيرڪَ. گِسڪو ـ جُنبُشُ ـ لوڏو.

ـ سُرُ ڪاتُ ۽ سُرِ ڪاتَ: ذ. چُرُ ڪو ـ ڪسڪو. چُرُ پُرُ ـ سُرُ ڪو ـ جنبش ـ لوڏو.

Gul Hayat Institute

ـ سُرْکارُ ۽ سُرْکارَ: ذ. سُرْکاتُ.
ـ سُرْکائِڻُ: ڪا شيءِ آهستي ڪڍي وڃڻ ـ کسڪائڻ. چُرڪائڻ ـ چُرچُر ڪرائڻ.
ـ سُرْکائِيندڙُ ۽ سُرْکائِيندَڙَ: ذ. صفت. کسڪائي وينڌڙ ـ چوري ڪندڙ.
ـ سُرْکو ۽ سُرْکا: ذ. سُرْکات ـ کِسکو. چُرپُر ـ سُرپُر.
● سُرْکَنُ: مصدر. ڏتارجڻ ـ لالچجڻ ـ حرصجڻ ـ موهجڻ ـ هرکجڻ ـ برغلائجڻ. چڪجڻ ـ کِهلجڻ. سُرْکون ڏيڻ ـ کِيت ڏيڻ ـ ڏُڪ پيرڻ. ڏرڙات ڪري ايڻ.
ـ سُرْڪَ ۽ سُرْڪُونُ: ث. کِيت ـ ڏُڪَ. چُڪو ـ ٻُٽو ـ لَٽَ ـ چَرون ـ ذرو ـ ٽورو.
ـ سُرْڪِي ۽ سُرْڪِيُونُ: ث. سُرڪ ـ ڏُڪ ـ چُڪو.
ـ سُرْڪِي پِيرَنُ: سُرڪ پرڻ ـ ڏُڪ پرڻ ـ ٽورو ڏيڻ.
ـ سُرْڪِي پِيارَنُ: ڏُڪ پيارڻ. زهر ڏيڻ. قسم کڻائڻ. خوار ڪرڻ.
● سُرْکو ۽ سُرْکا: ذ. انگورن، داک وغيره مان ٺهيل رَسُ ـ دوا طور استعمال ٿيندڙ هڪ وکر.
● سُرْکِيُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● سَرَکِيُ: اسم خاص. تعلقي ٽل م هڪ ديهه جو نالو.
● سَرَکِيُولَرُ ۽ سَرَکِيُولَرَ: ذ. [انگ Circular] سَرڪاري هدايت نامو ـ گشتي حڪم يا چٺي. اشتهار يا اڌ نامو.
● سَرَڪُ ۽ سَرْڪَ (ث): ذ. ڏاس جي ڏاڪڻ کي ويڙهڻ لاءِ ايڏائي فوٽ ڊگهو ڪاٺ جو ٽڪر ـ اِٽيُ.
● سَرْڪُ ۽ سَرْڪَ: ذ. صفت. برڪ ـ چولبد ـ بسنديده ـ جوڙ. اتم.
"لوهو لال لڳڻ جو چاکڻ منجهان چڪ،
تنهان ٻوءِ سَرْڪُ ڪَٽيءَ وادوڙن ٻم"
(خان زئي).

● سِيرْکُ ۽ سِيرْکَ: ذ. جادو ـ طلسم ـ مَنڊُ.
● سَرْکائِيُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● سِيرْکَنَ: اسم خاص. هڪ خوشبودار وڻ جو نالو، جنهن جا ڇوڙا، ڪائيون، پَنَ، ڦاڙ ڪم اچن (۱- ڦاڙ، چوپ چيني ۲- پن، ڪمال پت ۳- ڦر، جاڦر ۴- ڇوڙو، دال چيني ۵. ڪائي سِرْکَنَ).
● سِيرْکَنْبُ ۽ سِيرْکَنَبُ: ذ. [سن. شري = لچمي + ڪنب = ڪنڌر] هڪ قسم جو سرهو ڪاٺ ـ چندن ـ صندل ـ رِکَتِچَنْدن. (ث) چوڻي.
"آکون، ڀاکون، سيرڪنب شاخون،
ٻن چوڪا چندن ڪولر"
(شاهه).
● سِيرْکَنَ (ڪ): مصدر. هرکڻ ـ لالچڻ ـ ڦيلجڻ ـ
● سَرَکو ۽ سَرَکا: ذ. صفت. جهڙو ـ والگر ـ طرح ـ گهاءِ ـ جيهو ـ جنسي. موافق. آچارُ ـ برابر ـ مثل ـ ساکيات. هڪجيڏو ـ جيئُسُ ـ جيڏو ـ نظير ـ ثاني ـ مَٽ. هڪ جهڙو ـ مشابهت رکندڙ ـ برابر. ساڳئي قسم جو. سنئون ـ ليول م ـ هورو ـ ساڳي سنوت تي. انڪل ـ قريباً ـ ڪنهن جي شان وڏائ ـ سَرَ ـ ساڳئي قسم جو.
● سَرْکِيُ ۽ سَرْکِيُونُ: ث. اڳيان، ڦيان ٽوڙي وڇتهي هڪ جيتري بار سان پريل گاڏي. کَتَ جي اِيُسَ. (اسم خاص). هڪ ذات جو نالو. گهوڙي.
● سَرَکِياڙِيُ ۽ سَرَکِياڙِيُونُ (ث): ث. ظرف. سراسَري.
● سَرْکِيلُ ۽ سَرْکِيلَ: ذ. سريڪو ـ هڪ جهڙو. پائيچاري ـ برادري.
● سَرَکاٽِيُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● سَرْکائِيُ: مصدر. هارَنُ.
● سَرْگِرانُ ۽ سَرْگِرانَ: ذ. [ف. سر + گران = گرو] خفا ـ ناراض ـ ڪشيده خاطر. مغرور ـ متڪبر. خمار آلوده ـ مخمور.
ـ سَرْگِرانِي ۽ سَرْگِرانِيُونُ: ث. خمار. مٿي جو ڏورُ. ڪشيدگي ـ رنجيدگي. غم ـ افسوس. افسردگي.

Gul Hayat Institute

● سَرِ کَرُدانُ ۽ سَرِ کَرُدانَ ؛ ذ. [ف. سر + گردان > گردیدن = قِرِنُ] حیران ـ پریشان ـ شدر. بتلیل ـ ویچون. گهمندڙ ـ رولو.
= سَرِ کَرُدانُ هُنُ: پریشان هئڻ. قربان هئڻ ـ صدقي هئڻ.
● سَرُ کَرُمُ: ذ. [ف. سَر + گرم] جوشائتو ـ گرم جوش ـ پرجوش ـ اتساهي ـ شوق مند ـ آجَمي ـ آجَمائتو ـ نيهي ـ سَعيائتو ـ تبکو. چالاک. محنتي.
= سَرُ کَرُمي ۽ سَرُ کَرُمِيُونُ: ث. جوش ـ اتساهه ـ شوق ـ سعيو. خفت ـ جنون. تيزي ـ کوشش بليغ. آمادگي. چالاکي. آجَر ـ اَدر. پڙکي ـ فَلَکَ ـ ڏَنَ.
● سَرُ گُذَشْتَ ۽ سَرُ گُذَشْتُونُ ؛ ث. [ف. سَر + گذشت > گذشتن = گذرڻ] اتفاق ـ قضا ـ حادثو ـ سهاس ـ جوکي جو ڪر ـ واقعو ـ ماجرا. قصو ـ ڳالهه ـ آکاڻي ـ کهاڻي ـ ڪٿا ـ افسانو ـ احوال ـ داستان. جانبازي ـ وَرِتانت. ڳالهه ـ چرتر. پچاڙي ـ جنم ساکي ـ جيوني ـ سوانح عمري.
● سَرُ گَس ۽ سَرُ گَسُونُ: ث. جسماني ڪرتبن جو تماشو. ميڙ ـ سرگشت ـ جلوس ـ سواري ـ جَج.
= سَرُ گَسُ کَيَڻُ ؛ جلوس ڪيڻ ـ سواري ڪيڻ ـ جَج ڪرڻ يا ڪيڻ.
● سَرُ گَلُ جو سُورُ: اسم خاص. ڪيرٽر جبل ۾ هڪ لَکَ جو نالو.
● سَرُ گَمُ ۽ سَرُ گَمَ ؛ ذ. [سن. سرگم = سَتن سُرَن جو لاڙهه چاڙهه] آواز جي ستن پَدن تي سُرَ ۽ لَئِي جو اُتار ۽ چاڙهه. آواز جي لاهي ۽ چاڙهيءَ جا ستَ ڏاڪا. راڳ جي ڪروت مثلاً: (۱) سا (۲) رِي (۳) گَ (۴) مَ (۵) پَ (۶) ڌَ (۷) نِي. جنهن ۾ [(۱) سا = سهرج (۲) رِي = رِکَبُ (۳) گَ = گندارُ (۴) مَ = مَدَمُ (۵) پَ = پنجم (۶) ڌَ = ڌيوَتُ (۷) نِي = نکاد].
= سَرُ گَمَ سِکائِيُ ؛ صلاحون سکائڻ ـ ڪتيون پڌائڻ. سِڌ يون پڌائڻ.
● سَرُ گَئُ ۽ سَرُ گَئَ: ذ. صفت. گئن وارو. شڪل وارو. ساڪار.
● سَرُ گوشي ۽ سَرُ گوشِيُونُ ؛ ث. [ف. سَر + گوش = ڪن] ڪن جي ڳالهه ـ سُس ڦُس.
= سَرُ گوشي کَرَڻُ: ڪن ۾ آهسته آهسته ڳالهائڻ ـ آهسته گفتگو ڪرڻ.
● سَرُ گِيرُ ۽ سَرُ گِيرُ ؛ ذ. [ف. سر + گير > گرفتن = ونڻ ـ پکڙڻ] گهوڙن کي ٿيندڙ هڪ بيماريءَ جو قسم ـ زڪام، نزلي، لپس، سردي، لڏ (هاڻي بيمارڻ سان ٿئي).
● سَرَ گَپ ۽ سَرَ گَپُونُ: ث. رسي.
= سَرَ گَپ کَيَڻُ: آزاد ڪرڻ.
= سَرَ گِيءِ ۽ سَرِ گِيُونُ: ث. ڪتي جي ڪچيءَ ۾ ٻيل رسو.
● سَرَ گَپ ۽ سَرَ گَپُونُ (ک) ؛ ث. پنهنجي ڦر کي ڏارائي ڇڏيندڙ ڇوهائي ـ سُمهير.
= سَرَ گَپ هُجَڻُ: ڦر تي هجڻ.
● سَرُ گَپ ۽ سَرَ گَپ: ذ. [سن. سُوَرگ = بهشت] بهشت ـ سُورڳ ـ فردوس ـ جنت. عدن جو بهشتي باغ. فرحت ـ خوشي ـ آرام. پَرمَ آنند. عيش. پي دنيا. آسمان ـ فَلَکُ (ذ. صفت). چگو ـ خوشبودارُ. ونڪٽ ـ اندرلوڪ. (ه. سَرَ گَ).
= سَرُ گَواسُ ۽ سَرُ گَواسَ: ذ. موت ـ رحلت ـ رضا.
= سَرَ گَواسِي ۽ سَرُ گَواسِيُ: ذ. صفت. بهشتي ـ جنتي ـ فردوسي ـ سُوگي ـ سُورگباشي ـ جنت ۾ رهندڙ ـ فردوس مڪاني. مغفور ـ فوتي ـ مرحوم ـ مُئل. (ث. سَرَ گَواسِيڻ ۽ سَرُ گَواسِيُونُ).
= سَرُ گَواسِي ٿِيڻُ: انتقال ڪرڻ ـ مرڻ. بهشت ۾ وڃڻ.
= سَرُ گِيُ ۽ سَرُ گِيُ ؛ ذ. ث. بهشتي ـ جنتي ـ فردوسي ـ سُورگي ـ سَرُ گواسي. آسمائي ـ آڪاسي. فوتي ـ مُئل ـ گذريل. مغفور ـ مرحوم.
● سَرُ گِوُ ؛ اسم خاص. تعلقي ٻني عاقل ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● سَرُ لُ ۽ سَرُ لَ: ذ. ۲۰ کان ۳۰ مهٽن جي جمار وارو گهوڙو ـ کيرو ـ وچيرو ـ لنڊ و قَرُ.

● سَرَ لُ ۽ سَرِلَ : ذ. [سن. شُرَل = سرلو- سکيو- سهنجو- سُوکو- سادو- ٻالو پولو- صاف.
= سَرُل زِبانُ : ذ. صفت. ڳالهائڻ جو چٽو- چٽرو- فصيح- زبان جو تکو. تکڙو ڳالهائيندڙ.
● سَرُلاٽِ ۽ سَرُلاٽُونُ : ث. بلوچستان جي مشهور ٽڪرين جو نالو.
● سَرُلو ۽ سَرُلا : ذ. [سن. سرنيو+سرلو] هَوا- واءُ- هير- ٺڏي هَوا. ٻاڦي. مينهن- مينهوگي- مينهن جي موسم- رُهي وارو وقت- جهڙ- ملارُ. رکو ڪاڏو (ذ. صفت). جهت ٻڌلڏڙ- جلد سڌندڙ- ڪنن جو تکو- تيز. صاف- چٽو- ظاهر- ٻڌرو. ساده- صاف دل. سٿون سيڌو. سچو- ايماندار. نمڪ حلال- وفادار. جٽ- ڪيڏنگو- الاڙي.
= سَرُلائيُ ۽ سَرُلائيُونُ : ث. سادگي. بودلائي- پورڙائي- بوگهلائي. سوڪائي- سولائي. تکائي- تيزائي- جلدائي. چٽائي (ٻڌڻ جي).
● سَرُليُ ۽ سَرُليُونُ : ث. ڪنن جي ٻاڙي ۽ ڦليءَ جهڙي شڪل جي ٻاڻ جو ڪهه.
● سَرُما : ث. (ف) مياروَ- سردي جي موسم.
● سيرُمالُ ۽ سيرُمال (ث): ذ. آٿ تي تاکين کي ٻڌي قابو ڪرڻ وارو رسو.
● سَرَمالِهيُ : اسم خاص. ٿر ۾ رهندڙ برهمڻن جي هڪ ذات جو نالو.
● سُرُمائيُ : ث. سمند جي هيڪ مڃيءَ جو قسم. (گور) ۽ (ڪرڪٽ).
● سَرُمايو ۽ سَرُمايا : ذ. [ف. سَرُمايَه = دولت] ڌنُ- دولت- پونجي- زر- ملڪيت. مور- اصل زر- موڙي. فند.
= سَرُمايَه دارُ ۽ سَرُمايَه دارَ : ذ. ملڪيت وارو- دنيادار- دولتمند.
● سَرمَدُ : ذ. صفت. [ع. سَرَمَدٌ = بقادارُ] دائم- قائم- هميشه- پيوسته- رهڻ وارو- دائمي- غيرفاني. قادر لايزالُ- جنهن جي ابتدا انتها نه هجي. خدا تعالىٰ. سَرميل- سردارُ. دهليءَ جي هڪ مجذوب ولي الله جو تخلص يا لقب.
● سَرُمَسُتُ ۽ سَرُمَسُتَ : ذ. [ف. سر+مست] متوالو. مدهوش- مخمور- نشي ۾ چور- بدمست. اسم خاص. سنڌ جي هڪ صوفي شاعر "سچل" جو لقب.
● سَرُمَنَڊَلُ ۽ سَرُمَنَڊَلَ : ذ. هڪ ساز جو قسم- مورچنگ- وات چنگ. سَو تارن وارو هڪ ساز (ه. سَرُمَنَڊَلُ).
"سَرُ مَنَڊَلُ جي ساز منجهان سانبو چا سمجهي".
● سُرُمو ۽ سُرُما : ذ. اکين ۾ ٻاڻ جو ڪاري رنگ جو هڪ پٿر- سوئيرو- الجن.
"سرمون سياهي جو رڻ کي رهاءِ"
(شاهه).
(ذ. صفت). سنهون- باريڪ. اڇي چانديءَ جو سنهون پورهون لڙهيُونُ- مقيش- مُڪو (ه. سَلما). وارَ جي نوڪَ جيترو- تمام ٿورڙو- ذرڙو.
= سُرُمائيُ ۽ سُرُمائيُ : ث. ذ. صفت. سُرُمي جي رنگ جهڙو- پُسورهڙو- ڪَوئرَسيرو- ڪَڪيرو- ڪيڙو.
= سُرُمَه تَسُخيرُ : سرمو قابو ڪرَڻُ وارو.
= سُرُمو ٻاڻيُ : اکين ۾ سُرُمو وجهڻ. اکيون ٻڌڻ- چمڪڻ- ٽهڪڻ- ڏيهي ڏيڻ.
= سُرُمگينُ : ف. سرمو ٻيل- سُرُمي وارو- ڪجلو.
= سُرُمو ڪارو : ٽڪر جي ڪاڻين مان ڪاري رنگ تي چمڪندڙ پٿر مان ٺهيل سُرُمو.
= سُرُمو ڪَرَنُ : پيهڻ- زبون ڪرڻ- ناس ڪرڻ.
= سُرُمو وِجهَنُ : گمراهه ڪرڻ- الڏو ڪرڻ. چالاڪي ڪرڻ.
= سُرُميدانيُ ۽ سُرُميدانيُونُ : ث. سُرُمي وجهي رکڻ جي شيءِ- آلڙو.
= سُرُميدائيُ ۽ سرميدَٽيُونُ : ث. سُرُميدانيُ.
● سَرُمورائيُ : اسم خاص. پتافي بلوچن جو هڪ قبيلو.
● سَرمورو ۽ سَرمورا : ذ. صفت. مور جي ڪچيءَ جهڙي ڪچيءَ سان.

Gul Hayat Institute

"پاروچا پيا گهڻا منهنجو ساجن سَرمورو" (مبارک).

● سَرَمِيلُ ع سَرْمِيلَ: ذ. سردار- اڳوان- منهندار.

● سَرَنْ: اسم خاص. هاڙهي جبل (بلوچستان) جي پاڙ وٽ هنگلاج غار ويجهو چند ٽنڊين غارن جو ٽالو، هندن جي عقيدي مطابق هڪ ديوي جي تلاءَ جو هنڌ، عقيدتاً. ۽ هنجڻ جي جاءِ.

● سَرَنِ: ث. [سن. شَرَنَ = پناهه] پناهه- اجهو- آسرو- اوٽ- آسري جي جاءِ- پناهه جي جاءِ. شامَ. حفاظت- بچاءُ- رکيا- پناروَ- آڙ. حمايت- جتهلو (ظرف). حوالهي- آسري.

- سَرَنِ ۾ آڻڻُ: ڪنهن جي پناهه ۾ وڃڻ- اجهو وٺڻ- بچاءُ وٺڻ- پناري پوڻ.

- سَرَناگَتَ ع سَرَناگَتُونْ: ث. [سن. سرن + آگت = آيل] سَامَ- آجهو- پناروَ- دامن.

- سَرَناگَتَ ع سَرَناگَتَ: ذ. سامَ ايل- آجهي ۾ آيل- پناهگير- شرنارٿي.

- سَرَنِ دَرْياءَ: ظرف. درياهه داخل- درياهه حوالي- درياهه جي لڌر.

● سَرَنِ: ث. [سن. سُمَرْتي = ياد گيري] هوش- يادگيري- خبرداري.

● سَرَنامو ع سَرَنامَا: [ف. سَر + نام = لکت] خطَ جي سٽان ليکيلُ پٽو- ائڊريس. نالو- اسم. پاريٽو- نشان- ڏَسُ. خطابُ- لقب. عنوان. منڊ- مهڙ. فهرست.

● سَرْناءَ: ع سَرْنائيُونْ: ث. سُوئرَ جي ناسَ.

● سَرْنائي ع سَرْنائيُونْ: ث. [سن. سُوَنْ = آواز ڪرڻ] توتاريءَ جو هڪ قسم- شهنائي- توتاري- شرناءَ. لڙ- بانسري. سُرلي. تُرِيُ.

- سَرْنايو ع سَرْنايا: ذ. صفت. توتاريءَ وارو- شرنائي، شرناءَ وَڄائيندڙ.

● سَرَنْجيڙِيُ: اسم خاص. تعلقي جوهي ۾ هڪ ديهه جو ٽالو.

● سَرَنْڊَ ع سَرَنْدَ: ذ. پُڄتُ وارو- پهچندي وارو- سرلدي وارو. ملڪيت وارو- پهسي وارو- شاهوڪارُ. اميرُ.

- سَرَنْڊو ع سَرَنْڊا: ذ. شاهوڪارُ- دنيادارُ.

- سَرَنْڊَنَا ع سَرَنْڊِنائُونْ: ث. طاقت- سڪهه.

- سَرَنْڊَنَاتُ ع سَرَنْڊِناتَ: ذ. شاهوڪارُ- پهچندي وارو.

- سَرَنْڊِيُ ع سَرَنْڊِيُونْ: ث. هُونڊَ- آسودگي. وَسُ- پهچندي- هلندي. وسيلو- ذريعو- آپاءُ. سمرٿي- لياقت- لائقي. فوقيت. جمعيت. وسعت. اختياري.

- سَرَنْڊِياتُ ع سَرَنْڊِياتَ: ذ. پهچندي وارو. ملڪيت وارو- هوندي سرندي وارو.

- سَرَنْڊِيارُ ع سَرَنْڊِيار (ل): ذ. شاهوڪار. پهچندي وارو- هلندي وارو.

- سَرَنْڊِيءُ وارو ع سَرَنْڊِيءَ وارا: ذ. صفت. هوند وارو- وَسعتمنڊُ- سَرلدو. فوقيت وارو. جمعيت وارو. پهچندي وارو- هلنديءَ وارو. وسيلي وارو- اپاءَ وارو.

- سَرَنْڊِيُون ڪَرَنُ: پنهنجي مرضي موجب هلڻ. پئي جو لحاظ نه رکڻ.

● سَرَنْڊائيُ: اسم خاص. آسٽريليا جي هڪ عجيب پکيءَ جو ٽالو، قد ٽنڊو ڪڙ جيڏو، رنگ پورو يا خاڪي، ڳچي، ڪنب، پُڇ ڳاڙهو يا ڪهنبو.

● سَرَنْڊِ ڪَنْڊِ ع سَرَنْڊِ ڳنڊِيُونْ: ث. بيماريءَ جو هڪ قسم- نڊي ڦوپ.

● سُرْنڊو ع سُرْنَڊا: [سن. سُوَرَ = آواز] هڪ قسم جو ڪهٽين تنڊن وارو ساز. ولائتي سارنگي. چوڙتارو.

- سُرْنَڊائيُ ع سُرْنَڊائيُ: ذ. سُرْنڊو وڄائيندڙ. جنتر نوازُ.

- سُرَنْڊو وَڄائيُ: ريهرسَلُ- ريهرسَل. هدايت ڪرڻ- چَوَنُ- آڪڻ. آزمون ليزاوِ ون ڪرڻ.

● سِرِلنگ ع سِرِلنگُونْ (ث): ث. [سن. سُرلگا =] وينديُ ۾ ٻيل موتين جي قطارَ.

● سُرِنگ ع سُرُنگُونْ: ث. [سن. سرلگا =] نقب- سوراخ- ٽنگ.

● سُرَنگ ۽ سُرَنگَ: ذ. صفت. [سن. سُ= سئو+ف. رنگ] سڻي رنگ وارو- سُرخ رنگ وارو.

● سُرَنگارُ ۽ سُرَنگارَ (ث): ذ. سهنگارُ.

● سُرَنيگُون: ذ. [ف. سَر+ نگون = مڙيل] شرمنده- خجل. آبتو.

● سِرِنگهَ ۽ سَرِنگهُونُ: ث. [سن. سُرَنگا=چُرَ] زمين جي الدر کوٽيل چُرَ- غار- کندَ- چُرَ- وڏو ڏرڙُ- گُرُ- رُکهه- ڏورو- جبل الدر پيچرو- بهرو- گجهو رستو- چور رستو- غفا- لَمُجُورُ- بُخارو. کات. کاڻ. ٽکر ٽاکڻ جي لوهي سيخ- چنجور. لانگ جو هڪ قسم، چِتَ ڪري، ۽ سنهي، تکو هلندڙ. (ه. سِرِنگَ).

- سِرِنگهِ کَرَڻُ: چُرَ کوڻڻ- زير زمين رستو ٺاهڻ. ٻاڙ کائيڻُ. اکوڙڻ- ٻاڙ پٽڻ- بيخ کيڏڻ. جڙَ کيڏڻ. الدران ٽي اندران کات هڻڻ. منصوبو سيڙڻ.

- سِرِنگهِ هَٽڻُ: زمين اندران رستو ٺاهڻ- کوڻڻ. بغاوت ڪرڻ.

- سُرِنگهيڙو ۽ سُرِنگهيڙا: ذ. سنهو سوراخ- ٽنگ.

● سِرِنگهُو ۽ سِرِنگها: ذ. ٽر ملڪ ۾ هڪ قسم جو وَنُ.

● سُرَنگو ۽ سَرَنگا: ذ. صفت. چٽي آواز وارو.

=سَرُلِيواهُ: اسم خاص. تعلقي ڪنڊ ڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● سَرِنَوِشتَ ۽ سَرلَوِشتُونُ: ث. [ف. سَر+ نوشت> نوشتن = لکڻ] نصيب- ليکيو- قسمت- تقدير- پاڪ- قضا- انگ.

● سَرَنهُ ۽ سَرَنهَ: ذ. جبل جو هڪ جالور.

● سِرِنهَ: ث. [سن. شريش يا سر شپ=] هڪ تيلي بج جو قسم. هڪ قسم جي ٻوڪ.

● سَرِنهُنُ ۽ سَرِنهُنُ: ذ. هڪ قسم جو وڻ- سَرِنهُ.

● سُرُنهَنُ ۽ سُرُنهَنَ: ذ. مهيڙ- ڪليي.

● سَرَنُ ۽ سَرَنُونُ (ث): ث. [سن. شَرَنُ] پناهه جي جاءِ- بچاءُ جي جاءِ- دارالامان. پناهه- آسرو- پروسو- تکيو. (ظرف). وَسِ- دامن- ذِمهي.

- سُرُڻائيڻُ: امانت ۾ ڏيڻ- اجهي ۾ ڏيڻ- پناهه ۾ ڏيڻ- حوالي ڪرڻ (پرٽائڻ).

- سَرَنِ ٻَوَنُ: سار ٻوڙ- اجهو وڻڻ.

- سَرَنِ وَنَنُ: پناهه وڻڻ- آسرو وڻڻ.

- سَرِڻِيُ ۽ سَرِڻِيُونُ: ث. امانت- اجهو- اوٽ- پناهه.

- سَرِڻِيوُ ۽ سَرِڻِيا: ذ. صفت. پيش پوندڙ- پناهه وٺندڙ.

● سَرَنُ: مصدر. [سن. سرڻ] تيار هڻڻ يا ٽيڻ- راس ٽيڻ- سِڌِ ٽيڻ- پورو ٽيڻ- سمهورن ٽيڻ. ختم ٽيل. التظام رکڻ- ڪم ٽيڻُ. سَتَ چڏڻ. جڳائڻ. آپرڻ- پيدا ٽيڻ. گذارو ٽيڻ.

"منهنجي ڪانءِ سري ٽي هوت بنان".

ملڻ- حاصل ٽيڻ.

● سِرَنِ ۽ سِرَنُونُ> سِرَڻِيُونُ: ث. ليکيءَ جو هڪ قسم- هيلِ (ت)- چيلِ.

● سُرُنُ: مصدر. [سن. سِر= چُرڻ] چُرڻ- وڏڻ- سرڪڻ. کسڪڻ- گسڪڻ- تيرڪڻ- رسڪڻ. اڪٻتي وڏڻ. ريڙهيون پائڻ- بانيڙا ڏيڻ- گسرڻ. هري هري خارش ٽيڻ- سُرسُر ٽيڻ. استدعا ڪرڻ. هڻڻ.

- سُرُنُو ۽ سُرُنا: ذ. سرلدڙ- چرندڙ. هڪ قسم جو جيت- ڪينهو. سرلدڙ ساهوارو. خارش- ڪيرنهن- ڪيرسيرو- سُرسُر. سياندڙي. چپن سُڄي ٻوڙ جي هڪ بيماري.

● سَرَنِ واءُ: ذ. اٺ جي چيلهه سڪي وڃڻ جي هڪ بيماري. گهوڙي جي هڪ بيماري- چيلهه جي ڪمزوريءَ سبب چيلهه ڏکائڻ. (نالي جو سبب: سرڻ پکي ساري، ڪوتريءَ ۾ وجهي، ڏهن ڏينهن ساٿيءَ ۾ ٽهڪائي، جڏهن باقي ٽي ٻاڻ ٻاڻي بچي تڏهن ٻاڻي موافق ٻاجهريءَ

Gul Hayat Institute

جو الو مٽلي گھوڙي کي کاراٽيو. ٻه يا ٽي سرٽيون کاراٽيون).

● سَرٽيءُ ۽ سَرٽيونُ (ل): ث. گھر جي سنهي کائي ـ ٽينڊ. مقرري.

● سَرُوَ: ذ. صفت. [سن. سَرَوُ > سَرْبَ = سڀ] سڀ ـ ڪل ـ سڄوئي ـ مڙيوئي ـ سارو ـ جملہ ـ سَمَنڊو ـ هرهڪ ـ سمورو. واڌو ـ زياده ـ سرس ـ اڃان ٻه ـ گھٽو ـ وڌيڪ.

ـ سَرُوَ پُومِيءُ ۽ سَرُوَ پُومِيءُ: ذ. صفت. ڪائنات جو ـ سارِيءَ جو ـ سڀ جو ـ عام ـ عالمگير ـ سَرُوَ پُومَڪُ ـ سَرُوَ ديپسِيءُ ـ سَرُوَ ساڌارڻ ـ سَرُوَ گَتَ. سڄو ـ سمورو ـ سارو ـ جملہ ـ وِشو ـ ڪشاده خيال ـ بي تعصب.

ـ سَرُوس: صفت. سڀڪي ـ گھڻو ـ زياده ـ وڌيڪ ـ سَروَس.

ـ سَرُوَ ساڌارڻُ: سڄو ـ سارو جملہ ـ سمورو ـ ڪُل.

ـ سَرُوَ سَرُ ۽ سَرُوَ سَرَ: ذ. صفت. سڄوئي ـ سمورو ـ ڪل ـ تمام ـ سڀ ـ سڀوئي ـ سَمَنڊو. (ظرف). بلڪل ـ پٽيءَ ـ مور ـ لڀ ـ اصل.

ـ سَرُوَ سَڪتِيوانُ: ذ. صفت. [سن. سَرُو + شڪتي = طاقت] سڀ ڪان طاقت وَرُ ـ قادِرُ مُطلق ـ خدا تعاليٰ ـ ڏاڍي ـ رب ـ الله تعاليٰ.

ـ سَرُوَ سَڪتِيوانُ: سڀني تي طاقت مند ـ خدا تعاليٰ.

ـ سَرُوَ گَرُ: ذ. [سن. سَرُو + گر = جاڻڻ] جاڻڻهار ـ عالِم مطلق ـ هَمَہ دانُ.

ـ سَرُوَ سَڪُھتِيوانُ: ذ. سَرُوَ سَڪتِيوانُ.

ـ سَرُوَ سَتِيءُ: ذ. صفت. عالمگير ـ ڪائنات جو ـ سارِيءَ وِسَ جو ـ سڀ جو ـ عامُ ـ پُومَڪُ ـ سروَ ديسي ـ سَرُوَ ساڌارڻ.

ـ سَرُوَ وِياپِيءُ: ذ. صفت. هرهنڌ حاضر ناظر ـ هر جاءِ حاضر. هر شئي ۾ سمايل.

● سَرُوءُ ۽ سَرُوءُ (ل): ذ. [سن. سرڪه = شراب] شراب جو هڪ قسم ـ شرابُ.

"سيسيءُ سڀي گھرن جي واڇيندڙ وچ ۾، آو ڪي ٻيو ٻڌن، سَرُوءُ جن سنباهيو" (شاهه).

نشو ـ ڪيف ـ خمار. پيالو ـ قدح. سَرُوَ ـ ڏُڪُ. شوق. محبت ـ سڪ. رستو. نشان. مٽو. قافلو ـ لڏو.

ـ سَرُوءُ سَڏُباهيڻُ: شرابُ تيار ڪرڻ ـ داروڻ چڪائڻ.

● سَرُوءُ ۽ سَرُوَ: ذ. هڪ ڏِگھي، سڌي ۽ سھڻي وڻ جو نالو.

ـ سَرُوَ وَقدُ: صفت. ظرف. ڏِگھي ۽ سڌي قد وارو ـ قداوَرُ ـ خوش قامت.

● سَرَوُ: ث. هڪ موسم جو نالو ـ خزان.

● سِرو ۽ سِرا: ذ. [سن. شيرَشُ. ف. سَر = مٿو] مٿيون ٻاسو. مٿو ـ سيسيءُ. وهاڻو ـ تڪيو ـ سِراڻو. شروع ـ ابتدا ـ اول ـ آغاز ـ مُنڊ. ڇيڙو ـ حد ـ ڇاڙي ـ انتها. رقمن جي جوڙ لکڻ جو هنڌ. (اسم خاص). سنڌ جي اترئين پاڳي جو نالو.

ـ سِرِي وار: ڏکڻ سري شهر واري جبل جو نالو.

● سِروءُ: ڪائي ـ ٻالس جي سنهي ڇيت.

● سُرُو ۽ سُرا: ذ. جيت جو هڪ قسم، ان ڪائي وغيره کي ڪائيندڙ ـ گھُنڊُ. جيتن جو ڪاڪل يا ڇاڙيل الاڇ وغيره. (ذ. صفت). جلدي وڌندڙ. (ضد. ڪُرو). ڄاڻ ـ واقفيت.

ـ سُرو ڏِيڻُ: خبر ڏيڻ ـ واقف ڪرڻ.

● سَرُواڳَ ۽ سَرُواڳُونُ: ث. [ف. سَر + واڳ = رسو] گھوڙي جي مٿي ڪان وري ايندڙ رَسِيءُ ـ دَهالي واري رَسِيءُ.

ـ سَرُواڳَ ڪاهِيڻُ: واڳ ڪان وڌي گھوڙي کي ڪاهي هلڻ.

● سَرُوانِيءُ: اسم خاص. بروهين جو هڪ قبيلو. قلات جي اتر طرف سراوان ۾ رهندڙ.

● سَرواڻَ: اسم خاص. ڪاري ۾ رهندڙ ماڻهن جي هڪ ذات.

● سَرواڻُ ۽ سَرُواڻَ: ذ. [ف. ساربان = سُوارُ] اڳواڻ ـ اڳوان ـ نڙ هَرَ ـ مهندارُ ـ قافلہ ڏٺي ـ ساروان ـ جَتُ (ڪ) هرڻ.

Gul Hayat Institute

● سَرُواڻيُ: اسم خاص. مزاري بلوچن جو هڪ قبيلو، رستمانين جي شاخَ.
● سَرُواهُ ۽ سَرُواهَ: ذ. قربان.
"ساهه سير سَرُواهَ سائين آءُ ڪريان توتان لڳار"
(سالڳي).
● سرُواهيُ ۽ سَرُواهيُونُ: ث. سڌاءِ منهن واري تلوار- تلوار- شمشير- صمصام. ظرف. [سن. سَرُو=سپ] رواجي- معمولي- عام- اهڙو جهڙو- هورو پنو. ساڌارڻ. ريل پيل- عام جام. (اسم خاص). ماروارڙ رياست ۾ ابو جبل کان ڏيهه ڪوهه مفاصلي تي هڪ ڳوٺ جو نالو.
● سَرُواڻيُ ۽ سَرُواڻيُونُ: ث. تلوار جو هڪ قسم، ننهي ڪاسن کان وهندڙ ڦلي واري.
● سَرُوبَدرِ: ث. مٽاسٽا- وٽو. وارڦير. اٽل ڦٽل. عيوض- بَدو- سٽو.
● سَرُوتو ۽ سَرُوتا (ث): ذ. صفت. [سن. شُرُوتا > شُروَ=پڌڻ] پڌ لڌڙ- سڌندڙ- سامع مجلس.
● سَرُوتُ ۽ سَروتَ (ل): ذ. صفت. سخت- سوتُ.
● سِروتِ: ث. [سن. شلا=سِرَ] سِرون- ٽوڙا وغيره. سِرو ساهنگو.
"جو ورلهه وِهائي سو سِرَوتِ"
(شاهه).
● سُرُوتَ ۽ سُرُوتُونُ: ث. مضبوط ڪائي. ڪمائتي ڪالي.
● سِروٽو ۽ سِروڙا: ذ. [سن. شيلا=سِرَ] سِرَ جو ٽڪر- جِنڊُ- ٽوڙ.
● سِروٽيُ ۽ سِروٽيُونُ: ث. درياهه ۾ وڏي ڦاٽي جي ڪَنَ مٿان ڦاٽيءَ جو گولُ چڪرَ- اونهي هنڌ وهندڙ ڦاٽيءَ جو لينگهَ.
● سُرُوپُ ۽ سُرُوڀَ: ذ. صفت. [سن. سروپ. سَ+سان+رُوپ=شڪل] چهرو- مهانڊو- روءَ- منهن جو ٻنو- ڏيک- شڪل- روپ- صورت. ڍڱُ- آڪارُ- لمولو. حالت. درجو. [سن. سُرُوپُ: سُ=سٽو+روپ=شڪل] حسين- سهڻو- شڪيل- جميل- سن مهڻو- خوبصورت- سندر- خوشرنگ. پرماتما- ڏڻي تعاليٰ. (ظرف)- برابر- مثل- سَمان. [سن. سُوَ=ڀاڻ+روپ=شڪل] ڀاڻ سڃاڻڻ جو ڪر- خود شناسيُ.
● سُرُوڀا ۽ سُرُوڀائُونُ: ث. [ف. سَر+پا=مٿي کان پيرن تائين] خلعت- عزت جي پوشاڪ- مرتبي جو وڳو، لباسُ.
● سُرُوجُ ۽ سُرُوجَ: ذ. [ف. سرود=آواز] سرود. آوازُ. ڳالهائڻ جو نمونو يا ڍنگ. سُرُ. وضع- طرز. صدا. الحان- هاڪَ- ٻڙلاءُ- تنوار- ٻولي- ڪوڪَ. ڪلو. واڪ- واڻي. حڪم- فرمان- ارشاد.
● سَروجُ ۽ سَروجَ: ذ. [سن. سروجُ=] ڀاڻي ۾ ٻيدا ٽيل ڏانڊي- ڀاڻيءَ ۾ چاول ٻڌڻ جو ڦل. نيلوفر.
● سِروجهيُ ۽ سِروجهيُونُ: ث. آڌَ جو هڪ سنج، اندران ڳوڻ ۽ باهران ٽپڙ سوتلي سان ڳنڍيل.
● سُرُودُ ۽ سُرُودَ: ذ. ساز جو هڪ قسم- سُرندو. ستار. سر منڊل. بين- باجو- واجو. گانو- راڳ- نغمو- لات- گيتُ- گيتُ- بيتُ- شعر. سُر- مٺو آوازُ- ترالو- آلاپ. ڳائڻ وڄائڻ. ڳالهه- سخن.
= سُرُودُ آميزُ: ذ. صفت. مٺو- سريلو- وڻندڙ- موهيندڙ.
= سُرُودِيُ ۽ سُرُودِيُ: ذ. سُرود وَڄائيندڙ- سُرندائي. منگتو.
● سَرُورُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● سَرُوَرُ ۽ سَرُوَرُ: ذ. سردار- سرڪردو- اڳوان- مهندارُ- پيشوا- وڏو- پرڌانُ. حاڪم- دِڳپداوُ. ليدر. ڏڙو. هادي- رهبر. بادشاهه. امير. حضورجن جو لقب. (سَخيُ سَرُوَرُ: ديري غازي خان جي اولهه وارن جبلن ۾ بلوچن جو هڪ مشهور پير).
= سَرُورَ جو سڏُ: ڪنهن آميد پوري ٽيڙ تي سَرُورَ جي ياد ۾ ڪوٺايل ڀاڙي جي ماني جو ميڙُ.

Gul Hayat Institute

= سَرُوَرِ کائنات: ذ. سردارِ عالم - حضرت رسول کريم صلعم جن جو لقب.

= سَرُوَرُ کَرَنُ: شادي يا کنهن مراد پڄڻ جي موقعي تي ميندي ۽ سائي سونڌ ڪرڻ، گهوٽ جي ماءُ يا وڏيءَ طرفان ڪڇيءَ ۾ ڪپڙو ۽ پائي ويهڻ ۽ ٻين عورتن طرفان پير سَرور جي شان ۾ سهرن ڳائڻ جي رسم ادا ڪرڻ - هڪ مشرڪانه بدعت پوري ڪرڻ.

= سَرُوَرِي: ث. سرداري - مهنداري.

● سُرُورُ: ذ. (ع). خوشي - فرحت - راحت - لذت - مزو - لطف - موج - حظ - جشن - آلند - هَرَش. هلڪو نشو - ڪيف - خمار. وندر. ذوق. شادي.

● سِرِوِرِ: سِرِوِرِيُون (ل): ث. ڪيهه - ڪهستر - ڪاوڙ - ڊيل - جلهائي - سِلَ - ڪسر - سستي - ڪهيل. مشغولي - لنيو ڪر - خسيس ڪر. اجائي وقت وڃائڻ واري حالت.

= سِرِوِرِ کَرَنُ: خسيس يا معمولي ڪم يا ڪاهه ۾ وقت وڃائڻ.

● سِرِوِرُو: سِرِوِرا (ل): ذ. جانور جي اوجهريءَ جو هڪ حصو - اوجهريءَ جي ٽوپي.

● سَرُوَرِي: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● سِرُوڙُو: اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● سَرُوزُ: سَرُوزَ: ذ. [ف. سُرود = ساز] سُرود - ساز.

● سَرِوِسُ: سَرِوِسُون: ث. [انگ. Service] ملازمت - نوڪري - خدمت.

= سَرُوِسُ بُڪُ: سَرُوِسُ بُڪَ: ذ. نوڪريءَ جو ڪتابُ، موڪل ۽ اضافو وغيره ڏيکارينڌڙ.

● سَرُوڪارُ: ظرف. (ف). واسطو - مطلب. تعلق - لاڳاپو - ميل ميلاپ - ڪم - معاملو.

= سَرُوڪارُ رَکَنُ: مطلب رکڻ - غرض رکڻ - واسطو رکڻ - لاڳاپو رکڻ. دوستي رکڻ.

● سَرُوَمَٹِيُ: سَرُوَمَٹِيُ: ذ. [سن. شِرومَٹھ = اڳوان] مهندار - اڳواڻ - پيشوا سردار - رئيس. ڏڙو. هادي - رهبر. مکي. وڏو - پردان. حاڪم. درڳيدارُ.

● سَرُوَنُ: سَرُوَنَ: ذ. ڪَنُ. پُڏڻي - سُٽڻي.

● سِرِوُنُ: ذ. ٽورو ست ڪنڀ ۾ ل.

● سُرُونَ: سُرُونُونُ: ث. صفت. طاقت واري - وڏندڙ.

● سَرُوَنُدُ: سَرُوَنُد: ذ. اميدوار.

● سَرُوَنُدُ: سَرُوَنُدَ: ذ. رلبي جو مٽو.

● سَرُوٹُنکُو: سَرُوٹُنکا (ث): ذ. سهڻو - وڻندڙ.

● سَرُوٹُنُو: سَرُوٹُنا (ث): ذ. چٽو واڇو.

● سَرُوٹُو: سَرُوٹا (ث): ذ. ڪالهائينڌڙ - آلاڻو - وَکيتا. تقرير ڪندڙ - وياڪياڻي - مقرر. ٻڌندڙ.

● سَرُوٹُو: سَرُوٹا (ث): ذ. صفت. لوڻ وارو (ڪاڏو) - سلوٽو.

● سِرُوٹِيُ: سِرُوٹِيُون (ث): ث. شاديءَ جو ٻيغام.

● سَرُوَرَ (ث): ظرف. برابر - هڪ جيترو.

● سَرُوَرُ: سَرُوَرَ (ث): [سن. سرس = تلاءُ] تلاءُ - لنڊي - ٽالڪي. ڍنڍ. حوض - ڇهڇو - ڪانڌو.

= سَرُوَرِيُ (ث): ذ. تلاءُ.

● سَرُوهِيُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● سِرُوهِيُ: اسم خاص. تعلقي ڪمبٽ (رياست خيرپور) ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● سَرُوٹُو: سَرُوٹا (ث): ذ. مٽ مان پائي پرڻ لاءِ ڏار ڪڍون - ڏونگهو. شاديءَ جو سجو ڪم.

● سَرُوِي: ث. [انگ. Survey = جاچڻ] ٻڌيءَ جي ماپ.

● سَروپہرُ ۽ سَرُوپہرَ: ذ. [الگ] ٻڌائش ڪندڙ. پبلڪ ورڪس ڪاتي جو ٽيڪيدو عملدارُ.

● سَرِھَہ: ذ. [سن. سرشپ=سَر هَہ] ربيع ۾ ٽيندڙ فصل ۽ تيلي ٻج. بي رياڻي - سچ - سچائي. همدردي - پريت.

● سَرِھُہ ۽ سَرِھَہ: ذ. [ف. سرشن=] هڪ ڪاڙهي جو قسم، جنهنجو ٻئو دوا طور ڪم ايندڙ.

● سِرِھُہ ۽ سِرِھَہ: ذ. وڻ جو هڪ قسم- سَرِيُنهنُ.

● سُرُھا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● سُرُھاتُ ۽ سُرُھاتَ (ل): ذ. ماکوڙي يا جيت جو سُرُڪاتُ. خارش - سُرڙاٽُ - سرڪو. سُسُ ڦُسُ - ڪن جي ڳالهه.

● سَرِھارِيُ: اسم خاص. تعلقي شهدادپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● سَرُھاڙو ۽ سِرِھاڙ: ذ. يڪي ڊوڙ- ميدان.

● سَرُھالُ ۽ سَرُھالَ (ل): ذ. [سن. سَهَرش؛ سَ=سان + هرش=خوشي] تندرست - سَڏرُ - عمر ۾ وڏو.

● سُرِھاموٽ: اسم خاص. هڪ قسم جو گاهه.

● سَرُھاڻو ۽ سَرُھاٽا: ذ. صفت. ڏکيل - پوشيده.

- سَرُھاڻو پہرُ ۽ سَرُھاٽا پہرَ: ذ. ڏکيل يا جُٽيءَ ۾ ويل ٽپهرُ.

● سَرُھاڻي: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● سَرُھَلُ: اسم خاص. تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● سَرُھَلَ ۽ سَرُھَلُون: ث. مڇيءَ جو هڪ قسم.

● سَرَھُنُ ۽ سَرَھَنُ: ذ. ڪاڙهي جو هڪ قسم - حلال جانور جو هڪ قسم.

● سَرِھَنُ: ث. [سن. سرشپ = سرنهه] هڪ قسم جي تيلي ٻج واري ٻوٽ. هڪ تيلي ٻيج.

- سَرِھَنُ جيترا داڻا ڪَرَنُ: سٺا ڏرا ڪرڻ. سخت تڪليف ڏيڻ.

● سَرَھُنُ: ظرف. غالباً - سَڄُ.

● سَرَھَنڊِيُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو- امام احمد رباڻي سرهندي جو اولاد.

● سَرُھَنگُ ۽ سَرُھَنگَ: ذ. فوج جو آفيسر- ڪپتان. ڪوتارُ. نگهبان. بهادر - پهلوان - شجاع.

● سَرُھَنُ: مصدر. جاڳڻ - حفاظت ڪرڻ.

● سِرَھَنُ: مصدر. بند ڪرڻ - پورڻ - پوٽڻ. محڪم ونڻ. هٽڻ - پري ٽيڻ - سُرَنُ - سِرَنُ - چر پر ڪرڻ.

- سِرُھيُ وِيهَنُ: سنياڻي ويهڻ - پاسو ڪري وِهَنُ.

● سُرُھَٽُو ۽ سُرُھٽا: ذ. سرندڙ جيت (وڇون، ٽانگ وغيره). سُرُٽو. هڪ قسم جي بيماري.

● سَرُھو ۽ سَرُھا: ذ. صفت. [سن. سهرش: سَ=سان + هَرش=خوشي] خوش- اهال - ارسن- ممنون - راضي. آسودو- سُکي. پريل - رِيُجهيلُ - آچَڪُ، بختاوَرُ. تازو. (اسم خاص). مَرد جو ناڙو. جهنگ جو هڪ جانور.

- سَرُھائيُ ۽ سَرُھائِيُونُ: ث. خوشي - راحت- جَشنَنُ - مُوجَ. لطف - فرحت - لذت - مزو. پوڳ. ٻُلاسُ. وندر. ذوق. تازگي. چڪيلائي.

- سَرُھيجَنُ: خوش ٽيمَنُ.

● سِرُھو ۽ سِيرھا: ذ. مڇيءَ جو هڪ قسم- ڪَنڊِرُ مڇي، تورَ هڪ آنهي تائين رلڪ اچو، ٻوٽ موڪرو، ڇڙي سنهي.

● سُرَھو ۽ سُرَھا: ذ. صفت. [سن. سُرَپ= خوشبوء] خوشبودارُ - سُگَنڌُ - سگندو. وٽندڙ.

"مونکي مورنہ وسريا سُرُھا ويڻ سندن"
(اشرف).

سنو. پختو. آثر وارو. (ذ). عطر - عنبر - تيل قليل- خوشبوء وغيره.

"گهرَ سَهارا گهوريا، سُرُھا مون نہ سُهاءِ"
(شاهه).

پاڻيءَ تي ٽيندڙ هڪ ٻوٽيءَ جو قسم.

- سُرَھاڻِ ۽ سُرَھائُونُ: ث. خوشبوء- سُرُھائي - هُڳاءُ - هيڪارُ - سُگَنڌ - واسُ. عطر - قليل.

Gul Hayat Institute

ـ سُرَهائيءُ ۽ سُرَهائيُونءُ: ث. سُرَهاڻِ ـ خوشبوءِ.
ـ سُرَهائيءُ ۽ سُرَهائيُونءُ: ث. سُرَهاڻِ ـ هُڳاءُ. خوشبوءِ ـ سُڳنڌ.
ـ سُرَهو ڪَرَڻُ: خوشبوءدار بنائڻ. ڪنهن جو ڪفن دفن ڪرڻ.
ـ سَرَهيءُ ۽ سَرَهيُونءُ: ث. صفت. خوشبوءِ واري. (ث). خوشي. فائدو.
ـ سَرَهيءُ جيڙِيءُ: هڪ خوشبوءِ دار مصالح ۽ بيج جو قسم. هڪ ٻيارڪو وڪر.
ـ سَرَهيءُ ڪَرَڻُ: چگي ڪرڻ ـ اعتبار جوگو ڪم ڪرڻ.
ـ سُرَهيءُ مَرُ: دوا طور ڪم ايندڙ هڪ ٻيارڪو وڪر.
ـ سُرَهيوءُ ۽ سُرَهيا (ل): ذ. صفت. سُرهو ـ خوشبوءِ دار. مٺي پاڻيءَ جي مڇيءَ جو هڪ قسم. (جا اڪثر پاڻيءَ ۾ پيٽي ڦڙڪندي، جڏ مڇيءَ جو چغل، جنهن مان ميربحرن کي خبر پوندي تہ هت مڇي آهي).
● سَرِهُونءُ (ل): ث. چيٽو. واڇي جو آواز.
● سَرِهيءُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● سُرَهيا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● سَرَهيارِيءُ: اسم خاص. تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
● سَرَهيالءُ ۽ سَرَهيالَ: (ک): ذ. صفت. وڏو.
● سَرَهيَلءُ ۽ سَرَهيَلَ: ذ. وڻ جو هڪ قسم ـ سَرنهن.
● سِرِهيوءُ ۽ سِرِهيا: ذ. مڇيءَ جو هڪ قسم، چيلر ڪارڙا، ست پَرَ يا ڪَنبي، وات لنڊڙو، قد انچ ڪان ٿوٽ تاءِ.
● سُرَهيوءُ ۽ سُرَهيا: ذ. [سن. سُرَبِ] عطر وڪڻندڙ ـ عطار. سگيون ۽ اڳٽ ٺاهيندڙ ـ سُرَهو ـ مرهياڙي.
● سَرَءُ: اسم خاص. [سن. شَرَد = سَرءُ] سال جي چئن سُندن مان هڪ سُنهہ جو نالو ـ خزان.
ـ سَرَءُ جو تَپُ: ذ. ملیريا جي بيماري ـ موسمي بخار ـ مچرن کان آيل تَپُ.
● سَرِي: حرف جر. کان سواءِ.
"ڪانہ هلندي ڪهڙ ڏي ساهيڙين سَرِي."
● سَرِيءُ ۽ سَرِيُونءُ: ث. [سن. سرا] لڙهي ـ مالها ـ تسبيح.
"سائي شال ڪُلهن ۾،
سامي سونَ سَرِيءُ"
(شاهہ).
گهوڙيِ جي ڪنڌ وٽان ٻَڌڻ لاءِ چمڙي جو ٽُڪر ـ سَرَواڳي. نارَ جو هڪ عضوو ـ ٽنيين ملائڻ لاءِ انهن کي لڳل ڪاٺ جي ڪِلِي. ٻيڙي جي پاڇل جي اڳئين پاسي ۾ لڳل ڪاٺي. پاڻيءَ جي ڪَسي. زالن جي مٿي جو ڪپڙو ـ هوتي ـ چُني ـ لنڊڙو ٻوچڙ ـ رڙو. مڙهي جو وچ ـ ڪاٺي. وڻن جي قطار. ڪڇيءَ جي گوشي جي تند. پاڻيءَ تي پئدا ٿيندڙ هڪ ٻوٽي جو قسم. پاڻيءَ جي ٻکيءَ جو هڪ قسم. تيز ـ تيکي.
● سَرِّيءُ: اسم خاص. تعلقي حيدرآباد ۾ هڪ ديهہ جو نالو. (ث). گهوڙيِ جي سنجن جو سگو (جو جنوئي ۾ وڇهي هيٺ گاشي جي ٻڌيءَ ۾ ٻڌجيس تہ ڪنڌ نمائي هلي). (ت).
● سَرِيءُ: اسم خاص. [سن. شريس = پاڪ] وشنو جي زال لڪشمي جو هڪ نالو. دولت ۽ اقبال جي ديوي. ڇهن راڳن مان ڇوٽين نمبر راڳ جو نالو. هندو مرد کي نالي اڳيان عزت جو لقب ـ حضور ـ جناب يا مسٽر جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندڙ لفظ.
ـ سُرِيءُ آسامِيءُ: ظرف. جڳي جڏي تي ـ اڪيلي تي.
ـ سِرِيُمَتءُ ۽ سِرِيُمَتَ: ذ. صفت. سياڪو ـ بختاور ـ وَڏَ پاڪو ـ لاکيٽو ـ پاڪن پريو ـ خوش نصيب.
ـ سِرِيُمَتيءُ ۽ سِرِيُمَتيُونءُ: ث. زالن لاءِ عزت جو لقب. (صفت). سياڪي ـ پاڪوند ـ بختاور ـ لاکيٽي ـ پاڪن پري ـ خوش نصيب.

Gul Hayat Institute

● سَرِيُراگ: اسم خاص. هڪ راڻي جو نالو. ڇهن راڳڻ مان چوٿون نمبر راڳ (۱- گوري ۲- پوربي ۳- گورا ۴- ترون ۵- مالسري ۶- جيٺسيري) تمثيلي تصوير مطابق، هڪ سهڻو جوان، سفيد پوشاڪ، ڪڇيءَ ۾ لعلن بلورن جي مالا ۽ هٿ ۾ ڪنول ڪل.

● سَوَا : صفت. پرا. سَوايه. [سن. سَپادھ : سَ = سان + پاد = چوٽون] هڪ سچو ۽ ٻئي جو چوٽون حصو - ڪٽيل جو هڪ انگ.

= سَوائُونُ ؛ ذ. ظرف. هڪ سچو ۽ ٻئي جي چوٽين ٻِتي.

= سَوائُونِ ۽ سَوائُوڏِيُونُ ؛ ث. ظرف. هڪ سچو ۽ ٻئي جي چوٽين ٻِتي واري حالت - سَوائِيُ.

= سَوائُونُو ۽ سَوائُوٽا : ذ. ظرف. هڪ سچو ۽ ٻئي جي چوٽين ٻِتيءَ واري حالت وارو.

= سَوائِيُ ۽ سَوائِيُونُ : ث. ظرف. چوٽون حصو - وڌيڪ - زياده - ڪجهه وڌيڪ - ٿورو سَرسُ - لَٻ ڪن زياده - جُڪو جاستي. چوٽون حصو. پنگ جي پريل ٻالي ڪان وڌيڪ ڇُڪو.

= سَوائِيُنُ : ظرف. سوا جي عام صورت - مر. "اڳي ڪٽڪ جو مڙ سوائين ٽين رُپئي ملندو هو".

= سَوايُو ۽ سَوايا ؛ ذ. صفت. چوٽون گڏيل - چوٽون حصو وڌيڪ گڏيل. وڌيڪ - گهڻو - جهجهو - گهڻ - بَهُونُ - جال - سَرسُ. پيالو. سُڪاريو - سڪيو ٿيو - آسودو ٿيو.

● سوا ؛ حرف جر (ع) عِلاوه - سَواءِ - بِيجَڙُ - بغير - جُدا - ڪان - ڪانسواءِ. (صفت). زياده - گهڻو. فالتو - بيڪانو - واندو - بيڪار.

● سُوا ۽ سُوائُونُ (ل) ؛ ث. صفت. [سن. سُو = چڱو] تازي وِياڻَل چوپائِيُ "مينهن، ڏڳي، ريڍ، بڪري وغيره" - سُٽا - ڪير وارو وهت. (ث): ذ. فائدو - نفعو - لابُ - پِراپتُ - فيض. هڪ قسم جي خوشبوءِ دار پاڻي.

● سَواتِيُ ۽ سَواتِيُونُ ؛ ث. اسم. سيپ ڪي وڻندڙ مِينهن جي بُوند

● سُواتَ ۽ سُواتُونُ ؛ ث. [سن. سُ = چڱو + وات = وات] سٺو رستو - سٺون رستو - سڌو رستو - چڱي راهه - چڱي وات - سُولي وات. هدايت وارو رستو.

= سُوانُو ۽ سُوانا (ل) : ذ. سٺين راهه سان هلندڙ - چڱيءَ وات وارو - سُٺي رستي وارو - سٺين رستي جو - سٺين رستي وارو. سٺون سڌو - پرهيزگار - حق پرست.

● سَوادُ ۽ سَوادَ : ذ. [سن. سُواء = ذائقو] ذائقو - چکاءُ. مزو - لذت - لست - فرحت - لاءُ - لطف - رَسُ - رسنا. جَتَ - جسڪو - چشڪو - چکي - چَسُ. ميلاج - ميناس - ميڙاڻ. شوق. جَت - بانس - ڏپ - بُوءِ - ڏَپُ. سگند - خوشبوءِ. خوشي - مزو - فرحت - آرام - راحت - وِڏر - آنند - قرار - سَوُج. پريت - محبت - پيار - قُرب - سُوهڻ - لاڙو. اخلاص.

= سَوادُ آجَنُ ؛ مزو اچڻ - ذائقو اچڻ - لطف اچڻ - چشڪو اچڻ - ساءُ اچڻ - چَسُ اچڻ.

= سَوادُ خورُ ۽ سَوادَ خُورَ : ذ. صفت. [سن. سواد + ف. خور > خوردن = کائڻ] چشڪيباز - مزو وڻندڙ - چشون ڪولينڊڙ - چشڪا وڻندڙ - ذائقا ڪولينڊڙ.

= سوادِيُ ۽ سَوادِيُ : صفت. مزيدار - ذائقيدار - ڪاميگور - سُٺو - سلوڻو - مزيدار - ذائقيدار - ڪاميگور -

Gul Hayat Institute

چشائتو - سيجل - ليٽ ٿار - لذيذ - لذتي - چشڪيدار - رس پريو - شيرين - سواد وارو. دل قرار - وٺندڙ.

● سُوادِي ع سُوادِيُون (ت): ث. ڪورين جو تندن صاف ڪرڻ جو اوزار - برش جو هڪ قسم.

● سُواڏائِي ع سُواڏائِيُون: ث. خوشخبري - چڱي خبر - مُبارڪ - واڌائي - مُبارڪي - ڪيئر - مُبارڪي - چڱي اوسه - ليڪ خبر.

● سَواڏ ع سواڏَ: ذ. [سن. سواد = ذائقو] سواد - مزو - لطف - چسڪو - چشڪو - لذت - چش - رَسُ - چَهُرَ - لاءُ - ساءُ - چائِي.

- سَواڏِي ع سَواڏِي: ذ. سوادي - ذائقيدار - چسڪيوارو - چشڪيدار - لذت وارو - لذتي - ذائقي وارو.

● سُوار ع سُوارَ: ذ. (ف) سُواري ڪندڙ - چڙهيل - چاڙهُو - هسوار - گهوڙي سُوار. پوليس جو سپاهي. پوڙهه جي سيڑهه ۾ پٽڻ رسو. (ذ. صفت). جاڳو - خبردار - هوشيار.

- سُوار ٿيڻ: چڙهڻ - سواري ڪرڻ. رخصت ڪرڻ - موڪلائڻ - روانو ٿيڻ - الوداع ڪرڻ - موڪلاڻي ڪرڻ - آسهڻ. چالو ٿيڻ. شروع ٿيڻ. جماع ڪرڻ.

- سُوار ڪرڻ: چاڙهڻ - سواري ڪرائڻ. رخصت ڪرڻ - موڪل ڏيڻ - روانو ڪرڻ - الوداع ڪرڻ. شروع ڪرڻ.

- سُوار هُجڻ: تيار هجڻ - چڙهيل هجڻ - موڪلائڻ وارو هجڻ - رخصت ٿي وڃڻ وارو هجڻ - آسهڻ وارو هجڻ. قابض هجڻ - ڪنهن تي ضابطو هڻڻ - مسلط هڻڻ.

- سُوارِي ع سُوارِيُون: ث. وهت تي چڙهڻ واري حالت - چڙهي - هسواري - چاڙهيڪو - چڙهه - چاڙهه. آڌالو - سامان سڙو - سَڌي - اسباب - ڏاڌاپو - ڊنبلو - چاڪر چُوڪر - ڊنگل - عملو. جلوس. سرڪس. چڙهڻ لاءِ ڪا گاڏي يا وهت وغيره.

- سُوارِي آچڻ: جلوس اچڻ - سرڪس اچڻ.

- سُوارِي ڪرڻ: چڙهڻ - سُوار هجڻ - سوار ٿيڻ. "ڪنهن وهت تي".

- سُوارِي هُجڻ: چڙهيءَ لاءِ ڪو وهت وغيره هجڻ.

● سُوارَت ع سُوارَتَ: ذ. [سن. سُوارتْ: س > سُو = پنهنجو + ارتْ = مطلب] خود مطلبي - پاڻ مطلبي - خود غرضي - غرض مندي - ذاتي غرض - پنهنجو مطلب - خود مطلب. لاپ - فائدو - نفعو - پراپت - سُنافعو - مطلب. فضول خرچي - ايڊ لگو خرچ - بيجا خرچ - آجايو خرچ - بي فائدو خرچ.

- سُوارَتُ سَرُ لامْ: ذ. اِسم ضمير مشترڪ.

- سُوارَتِي ع سُوارَتِي: ذ. خود غرض - خود مطلب - پاڻ پَروُ - آپ سُوارتي - آپ مطلب - مطلبي - ذاتي غرض وارو.

● سوارَڻ: مصدر. سجائڻ - سينگارڻ - ناهه نوهه ڪرڻ - جوڙجڪ ڪرڻ - قرينو سان رکڻ - انتظام سان رکڻ - بنائڻ. سالدور ڪرڻ - سنپال ڪرڻ - سنڀالڻ - سنڀارڻ.

- سَوارَ ع سَوارُونْ: ث. سڌار - سڌارو "استاد جي مار، پار جي سنوار".

● سَوارَڻِي ع سَوارَڻِيُون: ث. سجاوٽ - بناوٽ - ناهه نوهه - سينگار - سينگارڻي - جوڙجڪ - انتظام. سنپال - سالدور.

● سَوارو: ظرف. [سن. ويلا] سويل - سويلو - سويلي - ساجهر - سويرو - سوير.

"چالڪي سر چڙهي ويا ساڻي سوارا"
(شاهه).

جلد ئي - جهٽ پٽ - يڪدم - نهه ڦهه - سڌت - سُٽت ئي - بنا دير جي.

- سَوارِي (ڻ): ظرف. سڀاڻي - ٻئي ڏينهن.

● سَوارِي ع سَوارِيُون (ت): ث. ڪورين جو تندن کي سنوارڻ لاءِ برش جهڙو هڪ اوزار.

● سَوازُو: ظرف. سڀي نموني ۾ - چڱي طرح.

- سَوازُو هَلڻ: سڀي نموني هلڻ - سڌو هلڻ - سڌين رستي سان هلڻ - ڊنگ سان هلڻ.

Gul Hayat Institute

● سِواسُ ۽ سِواسَ: ذ. [سن. بشوس = ساهه کٹڻ] جيءُ - پساهُ - ساهه - دَم - جان - پرانُ - ساسُ - جياپو - زندگي - حياتي - پراڻ. اطمينان - پرو سو - آسرو - خاطري - پڪ - يقين. سُکون - آرام - قرار - راحت - فرحت - چئين.

● سِواسائِپ ۽ سِواسائِيُون: ث. (ک - ل): مينهن وسڻ بعد ٽيل وائکاڻي - اوساکرائي - واڌوکرائي - صفائي - چٽائي - ظاهرائي - پڌرائي.

● سُواگَتَ ۽ سُواگَتوُنُ: ث. [سن. سُواگت: س = چڱو + آگت = آيو] مرحبا - آفرين - جَس - شاباس - شابس.

● سُوالُ ۽ سُوالَ: ذ. [ع. سأل = هُن پڇيو] پڇا - دريافت - گهُرَ - التماس - عرض - مانگ. پرشن - حُجت - تکرار - بحث. گالهه - مسئلو - حقيقت - بيان. عقيده - ويساهه. شُبهو - شَڪ - شُبهو. التجا - آزي - درخواست.

- سُوالُ ٹاهِڻُ: پڇاگاڇا جي تياري ڪرڻ - چڪاس جو مسوده ٽاهڻ. ڪو مسئلو تيار ڪرڻ.

- سُوالُ جَوابُ ۽ سُوالَ جَوابَ: پُڇا - پڇاگاڇا - پڇاڻو - حساب ڪتاب. ردبدل - بحث - تکرار - حجت - ڏڙو - ترديد.

- سوالُ جَوابُ ڪَرَڻُ: پڇاگاڇا ڪرڻ - بحث ڪرڻ - پڇاڻو وڻڻ - حساب ڪتاب وڻڻ. ردبدل ڪرڻ - ڏڙو ڪرڻ.

- سُوالُ حَلُ ڪَرَڻُ: مسئلو حل ڪرڻ - مسئلو ڪي ظاهر ڪرڻ - سمجهاڻي ڏيڻ - سُنجهيل گالهه ڪي کولڻ. ڪو عقده کولڻ. مشڪلات لاهڻ - تڪليفون پري ڪرڻ - مصيبتون هٽائڻ.

- سُوالُ ڏِيَڻُ: ڪورٽ ۾ دعويٰ پيش ڪرڻ - عرض ڪرڻ - درخواست ڏيڻ. ڪنهن سوال ڪي حل ٿيڻ واسطي پيش ڪرڻ. پڇا ڪرڻ - پڇاڻو وڻڻ - پڇاگاڇا ڪرڻ.

- سُوالُ سَمجايبوُ ڪَرَڻُ: عرض اگهاڻڻ - مطلب پورو ڪرڻ - دل جي مراد پڄائڻ - مراد پوري ڪرڻ. مشڪلاتون آسان ڪرڻ - تڪليفون لاهڻ - اهنج ايذاءُ دور ڪرڻ.

- سُوالُ ڪَرَڻُ: پڇڻ - پڇا گاڇا ڪرڻ - بچاڻو وڻڻ. گهرڻ - منگڻ - منگڻ - خيرات پائڻ. گهُر ڪرڻ - طلب ڪرڻ. منٽ ڪرڻ - عرض ڪرڻ - درخواست ڪرڻ - التجا ڪرڻ. امتحان وڻڻ - آزمائڻ - آزمائش ڪرڻ - جانچڻ جولچڻ - پريکشا وڻڻ. شڪ آڻارڻ - شبهو ڪرڻ - گمان آڻڻ. اعتراض وڻڻ - ردقد ڏيڻ. ترديد ڪرڻ.

- سُوالُ وِ جهَڻُ: گهُرڻ - التجا ڪرڻ - درخواست ڪرڻ. سوال رد ڪرڻ - نامنظور ڪرڻ - انڪار ڪرڻ.

- سُوالِيُ ۽ سُوالِيُ: ذ. صفت. پينو - گدا - گداگر - فقير - سوال ڪندڙ - گهُرجاڻو - سوال وارو - عرضدار - سائل - منگتو - منگڻو - گهرلدڙ - بيڪاري. ضرورتمند - حاجتمند - حاجتي. پڇائيندڙ - پُڇاڻو - پُڇندڙ. درخواست ڪندڙ - عرضدار.

- سُوالِيُ ڪي خَيراتِيُ نَہ جِڏَڻُ: سخاوت ۾ ڪاهه ڪوتاهي نه ڪرڻ - سيڪنهن ڪي سَڻ گهريون مرادون ڏيڻ - سيڪنهن جون گهرجون پوريون ڪرڻ - سيڪنهن فقير ڪي خيرات ڏيڻ.

● سُوالُو ۽ سُوالاَ: ذ. سولو - آسان - سهنجو. سهانگو - سستو - ٿوري ملهه وارو.

● سُوامِيُ ۽ سُوامِيُ: ذ. صفت. [سن. سُوامي = بزرگ]. جوگي - سنياسي - درويش - گوسائين. وڏو - بزرگ. مالڪ - ڏڻي - وارث. حاڪم - بادشاهه - شاهه - راجا - شهنشاهه. خاوند - مڙس - آقا - گهر وارو - ميان. عاشق - پياڙو - محبوب - مُحبُ - دل وارو. مرشد - پيرُ - پيشوا - رهبر - اسامر. حضور - جناب اعليٰ - قبلا - حضرت - معتبر - چڱو مڙس - عزت وارو - سڳورو. (اسم خاص). وِشنو جو هڪ صفاتي نالو.

● سُوانْجيزُو ۽ سُوانْجيزا: ذ. اسم خاص. هڪ پوٽي جو نالو. هڪ وڻ جو قسم. هڪ ڦل جو قسم.

● سُوانْجو ۽ سُوانْجا: ذ. ويڙ ڪان پوءِ استعمال ٿيندڙ هڪ دوا - پٽيهو پُڙو وِيَرُ جو.

● سَوانِيح ۽ سَوانحُونُ: ث. [ع. سانح ۽ سَوانِح = واقعو] ماجرا - واقعو - واردات - رُوئداد -

Gul Hayat Institute

احوال ـ حال ـ حالت. قصو ـ گالهه ـ بيان. نتيجو ـ پڇاڙي ـ انتها ـ آخر ـ حد ـ ڇيڙو ـ ڇيهه.

ـ سَوانِحَ عُمَيريُ ۽ سَوانِحَ عُمَيريُونُ: ث. [ع. سوانح + عمر] ڪنهن ماڻهوءَ جي زندگي جو حال ـ حياتي جو واقعو ـ حياتيءَ جي ڪهاڻي ـ حياتي جو بيان ـ جنم ساکيُ ـ جيئُوَن چرترُ ـ چيوني. حياتيءَ جو سرگذشت، تذڪره.

ـ سَوانِحَ نِگارُ ۽ سَوانِحَ نِگارَ: ذ. [ع. سوانح + ف. نگار > نگاريدن = لکڻ] واقعو لکندڙ ـ وقائع نگار ـ افسانه نگار ـ ڪهاڻي نويس. اخبار نويس. نامه نگار.

● سَوائِيُ: ذ. اسم خاص. سوراٹي بلوچن جو هڪ قبيلو (ت).

● سَواهَ: [سن. سُواها = آهوتي ڏيڻ وقت جو آواز] آهوتي ڏيڻ وقت ڪيل آواز. ناس ـ نابود.

● سَواهَرُوُ ۽ سَواهَرُوُ: ذ. [سن. واهرو] ڇڪو مددگار ـ ڇڪو حمايتي.

● سَواهِيليُ: ث. اسم خاص. هڪ قوم.

ـ سَواءِ: حرف جر. بيهان ـ ڌاران ـ ٻاجهون ـ ري ـ تنهن ڪان ـ بغير ـ بگهر. جُدا ـ ڌارُ ـ علاوه ـ الڳ.

● سُواءُ ۽ سَواءِ: ذ. صفت. [سُ + واءُ]. ڇڪو واءُ ـ سٺائو واءُ ـ سُٺو واءُ ـ سولو واءُ ـ سُڪار. خير ـ ڄاڻ ـ معلومات ـ علم.

● سُوائِيُ ۽ سُوائِيُونُ: ث. [سُ + وائي =] ڇڪي ٻولي ـ ڇڪي گفتگو ـ وٽندڙ گالهه ٻولهه ـ مٺي گفتگو ـ خوش ڪلامي. ۽ سُوائي: ذ. سٺي گفتگو ڪندڙ. ڇڪيءَ ٻوليءَ وارو ـ سٺي گفتگو وارو ـ وٽندڙ گالهه ٻولهه وارو ـ سُوائيو. سخي ـ داتا.

ـ سُوائيو ۽ سُوائيا: ذ. [سن. سُ + ڇڪي + وارتا = وائي]. وٽندڙ گفتگو ڪندڙ ـ مٺا وچن ٻولينڊڙ ـ خوش آواز ـ وٽندڙ وائي ڪندڙ ـ خوش ڪلام. سُڪيو ـ آسودو ـ سُڪاريو.

● سَوايو: اسم خاص. (سوايو = وڏيڪ) نالو ماڻهوءَ جو.

● سُوباسُو ۽ سُوباسا: ذ. فائدو ـ نفعو ـ لاڀ ـ لاهو ـ ڪتيو ـ پراپت ـ وَڻاءُ ـ وَڻپ ـ فيض. گُڻ ـ خاصيت. ٿورو ـ مهرباني ـ احسان ـ ڪرم ـ لائق. فتح ـ ڪاميابي ـ سوپ. جيت ـ ڪتَ ـ ڪامراني ـ برصوابي ـ جَٽَ ـ ڪرتارٿ ـ ڪرم سڌي.

● سُوبَتُ ۽ سُوبَتَ: ذ. اسم خاص. پت پيدا ڪندڙ هڪ ڪنهن جو نالو يا قسم ـ بُوجيريُ گَدَرُ.

● سوبَدُو ۽ سوبَدا (ڪ): ذ. فرحتي ـ آسائشي ـ قراري. خبردار ـ هوشيار ـ سُجاڳ. تحمل ـ ٽائيٽ ـ قرار ـ ڏيرج ـ صبر ـ ڪالڌ.

ـ سُوبَدُو ٿيڻَ (ڪ. ڪ): فرحت ڪرڻ ـ آسائش ڪرڻ ـ ڏيرج ڪرڻ ـ بُردباري ڪرڻ.

● سُوبَرِ ۽ سُوبَرِيُونُ (ت): "ڏوبَر" حوضُ. سُڪُ ـ چَٽَن ـ آسودگي ـ خوشي ـ راحت ـ ڏَعَ.

● سُوبِڑُو ۽ سُوبِڑا (ت): ذ. ڪينو ٽيل ڪاڏو.

● سوبَلُو ۽ سوبَلا (ڪ): ذ. صبر وارو ـ سانتيڪو ـ مائيٽو ـ چُپُ وارو ـ ڪانڌ وارو ـ تحملي ـ ٺرد بار ـ ديرينو. فهميدو ـ سمجهو.

● سُوپا ۽ سُوپائُونُ: ث. [سن. شوپا = سونهن = چمڪو] سوپيا ـ سونهن ـ حُسن ـ شوپا ـ مهٽائي ـ ڏاڇا ـ خوبصورتي ـ خوبروئي. چمڪو ـ جلڪو ـ چمڪات ـ تيج ـ تجلو ـ تجلي.

● سُوپارَ (ڪ): ث. اسم خاص. ڪاري ۾ رهندڙ ماڻهن جي هڪ ذات جو نالو.

● سُوپارِي ۽ سُوپارِيُونُ: ث. سنڌ جي گهوڙين جو هڪ مشهور نسل.

● سُوپَرَ ۽ سُوپَروُنُ (ل): ث. ڏڪي ـ حمل واري ـ پيٽ واري ـ ڪَرپ واري ـ گربَوَنتي ـ پيٽ سان. "هميشه گهوڙي وهٽ سان ڪرم ايندڙ".

● سُوپَنُ: مصدر. [سن. شوپَن] حسين ڪرڻ ـ سونهن ڏيڻ ـ سينگارڻ ـ زيباوَرُ ڪرڻ ـ زينت وارو ڪرڻ ـ سوپياوان ڪرڻ. چمڪڻ ـ چلڪڻ ـ تجلي ڪرڻ ـ چمڪار ڪرڻ. فتح ڪرڻ ـ ڪٽڻ ـ

Gul Hayat Institute

جيتڻ ـ ڪامراني حاصل ڪرڻ. ملهائڻ. سَر ڪرڻ ـ حُڪم وارو ٿيڻ ـ سوپ ڪرڻ ـ قابض ٿيڻ. مرڪ هڻڻ ـ جڳائڻ ـ ٺهڻ ـ شايان هڻڻ.

ـ سُوپَ ۾ سُوپيُونُ: ث. [سن. شوپا = چمڪو] فتح ـ جيت ـ جئه ـ جئڪار ـ ڪتَ ـ سَرسي ـ ڪاميابي ـ ڪامراني. واڪاڻ ـ ساراهه ـ تعريف ـ تحسين ـ واهه واهه ـ آفرين ـ ساڪ ـ شاباس ـ جَسُ. مُهَرَ ـ بهادريءَ جو ڪم.

ـ سوُپا ۾ سوُپا: ذ. سوپارو ـ سُرخرو ـ فتح مند ـ ڪامران ـ ڪامياب.

ـ سوُپارو ۾ سوُپارا: ذ. سوپ وارو ـ فتح مند ـ ڪامران ـ ڪامياب ـ فتح وارو ـ فتحياب ـ فاتح ـ ڪٽهار ـ ڪٽيات ـ ڪٽهڙيات ـ جيتائتو ـ رڻ جيت. سهڙو ـ ڊولائتو ـ سوچارو ـ سوپياوان ـ زيبائتو ـ شڪيل ـ چڱو ـ خاصو ـ سُٻو ـ عمدو. (اسم خاص). هڪ ماڻهوءَ جو نالو ـ سوپو.

ـ سوُپائيتو ۾ سوُپائيتا: ذ. سوپارو ـ فتحمند ـ سوپ وارو ـ ڪٽندڙ.

ـ سوُپَ ڪٽَنُ: ڪاميابي حاصل ڪرڻ ـ فتحمند ٿيڻ ـ جيتڻ. ناڪامي جي موقعي تي يا ڪنهن پُڌري ڪم ڪرڻ وقت، ڪنهن لاءِ طنز طور استعمال ٿيندڙ اصطلاح.

ـ سوُپِنا ۾ سوُپِنائيُونُ (ت): ث. فتح ـ سوپ ـ جيت ـ ڪٽَ ـ فتحمندي ـ ڪامراني.

ـ سوُپُو ۾ سوُپا (ل): ذ. فتحمند ـ ڪامران ـ ڪٽهار ـ ڪٽيندڙ ـ فاتح ـ رَنُ جيت ـ فتحياب ـ فتح وارو. سردار ـ مهندار ـ ڏرو ـ اڳوان. (اسم خاص). هڪ ماڻهوءَ جو نالو.

ـ سوُپِنِيڪُ ۾ سوُپِنِيڪَ: ذ. صفت. سوپياوان ـ سوپياوا ـ سوپيا وارو ـ سُونهن وارو ـ سهڻو ـ وٺندڙ ـ خوبصورت ـ حسين ـ سهڻو ـ موهڻو.

ـ سوُپِيُ ۾ سوُپِيُونُ: ث. صفت. حسين ـ چمڪندڙ ـ جلو ـ پدار ـ جهرڪندڙ ـ حسن ولد ـ تجليدار ـ ڏاڍا ڏار ـ روشن روءُ ـ مٽيادار ـ سهڻي ـ سَلُوڪَ ـ وٺندڙ ـ مَن موهن ـ موهني ـ سوپياوان ـ سوڻهن واري. سوپ واري ـ فتحمند ـ جيتيندڙ. بختاور ـ پاڳوان ـ پاڳ واري ـ سَدوري. مڙس وٽ مقبول عورت ـ مڙس جي چاڪلي عورت. بَندي ـ بانهي.

"توکي سوپي ٽي نه سار" (شاهه).

ـ سوُپِيا ۾ سوُپِيائُونُ: ث. سولهن ـ سهڻائي ـ حُسن ـ خوبصورتي ـ حُسن و جمال ـ زينت. ملوڪت ـ چڱائي ـ مٺيان ـ ديدَ ـ ڏيک ويک ـ صفائي ـ وٽ ـ سينگار ـ زيب ـ ناهه نوهه ـ رونق ـ ٽَٽُ ـ ڊانڊس ـ آراستگي ـ آرائش ـ ليزاڪت ـ بيهڪ ـ ناهُ. آهاءُ ـ تجلو ـ جلوو ـ جهلڪو ـ روشنائي ـ ڏَجا ـ بِراجُ ـ تيج ـ ڪِرالتي ـ پڙڪي ـ پرتاب ـ ڏما ـ پيڪر ـ تجمل. عزت ـ آبروُ ـ حُرمت ـ مان ـ شان ـ آبُ.

ـ سوُپِياوانُ ۾ سوُپِياوانَ: ذ. صفت. سولهن وارو ـ سهڻو ـ حسين ـ سَلُوڪُ ـ ناهوڪو ـ عمدو ـ سُندر ـ خوبصورت ـ صورتمند ـ سوچارو ـ خوشنما. شالدار ـ شانائتو ـ آبائتو ـ رونقدار ـ جلويدار ـ چمڪندڙ ـ ڏاڍا وارو. عمدر ـ سٻو ـ خاصو.

● سُوتُ ۾ سُوتَ: ذ. [سن. سَتَ] آقما ـ روح. تمام ٿورو ذرو. انچ جو ڏهون حصو.

● سُوتُ ٻِيَ ٽَيَ مِلنُ: ڪجهه به حاصل نه ٿيڻ ـ ذرو ٻه نه ملڻ.

● سُوتارُ ۾ سُوتارَ (ٽ): ذ. [من. سُوتَر + ڌار = ڪاٽ رکندڙ] ڪاٽ رکندڙ ـ وايدو ـ سُوڻهڙ ـ سُوٽار ـ ڏَڪ.

● سُوتِيرُ ۾ سُوتِير: ذ. صفت. [من. سُوتر] حڪم نامو ـ حڪم ـ آڳيا ـ فرمان. نصيحت ـ اپديش ـ وِياڪِيان ـ هدايت.

● سُوتَرارِيوُ ۾ سُوتَرارِيا (ٽ): ذ. ڪاٺيءَ کي ڇهڻ مان وڌيندڙ ـ ڪاٺ ڪٽو ـ ڪي ـ دڪان ـ ڪي (ت).

● سُوتِيراڙُ ۾ سُوتِيراڙَ (ٽ): ذ. [من. سُوتار] وايدو ـ ڏ ڪ ـ ڪاٺ جو ڪم ڪندڙ ـ سُوڻهڙ ـ سُوتارُ.

● سُوتڪُ ۾ سُوتَڪَ: ذ. [من. سُ = ڇڻڻ، ناپاڪائي جيڪا جمڻ سبب گهر ۾ پيدا ٿئي]

عورت جو ڇڻيءَ کان اڳ وارو وقت ـ عورت جو ٻار ڄڻڻ ۽ مٽي پاڻي ڏيڻ جو وچ وارو وقت ـ چيلو. ڪنهن گهر ۾ قضيه بعد ڏينهن وارو عرصو. سج ۽ چند گرهڻ.

ـ سُوتَڪِيجَنُ: ناپاڪ ٿيڻ ـ پليت ٿيڻ ـ پليد ٿيڻ ـ ڇُوٻجَنُ.

ـ سُوتَڪِيُ ۽ سُوتِڪِيُ: ذ. صفت. ناپاڪ ـ پليت ـ پليد ـ آپوَتَرُ. ۽ سُوتِڪِيُون: ث. صفت. تنگ ـ سوڙهي (شلوار).

● سُوتلِيُ ۽ سُوتلِيُون: ث. [سن. سُوتر = ڏاڪو] مٽيءَ جو ڏاڪو.

● سُوتَنتَرُ ۽ سُوتَنتَرَ: ذ. صفت. [سن. سُوَنتر]. آزاد ـ ڇُٽل ـ ڇوٽڪاري وارو ـ رِهاـ خودمختيار ـ ڇڏواڪ ـ سُئواڌِينُ. بي پرواهه ـ بي ڪاڙيو ـ ڇڏُئي پلاند ـ لاغرض ـ رضا راڄو. هُونڊ وارو ـ بنهنجي وارو ـ سُکيو ـ آسودو.

ـ سُوتَنتَرتا: ۽ سُوتَنتَرتائُون: ث. آزادي ـ ڇڏواڪي ـ رِهائي ـ ڇوٽڪارو ـ سُکتي ـ بي محتاجي ـ بي پرواهي ـ لاغرضي ـ بي ڪاڙي ـ رُوءِ سُڌائي.

● سوتُو ۽ سوتا (ڪ): ذ. سِپَ ـ سيپني. پار کي سُٽي ٻيا ڻ جو ڏوئيڙو.

● سُوتُو پُوتُو ۽ سُوتا پُوتا: ظرف. ڪافي ـ پورو ـ برابر ـ ٺڪ ـ دُرست ـ واجب ـ بر صواب. سئون سڌو. پورو پُنو ـ وِچولو ـ درميان ـ قدر آهَرُ.

ـ سُوتُه يُوتُو هُئَنُ: لاچار پورو ٿيڻ ـ مشڪل سان ڪافي ٿيڻ.

● سُوتيارو: اسم خاص. تعلقي ـ ڪرانبر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● سُوتيرو ۽ سُوتِيرا (ت): ذ. ڇڙو ـ سولو ـ آسان ـ سهنجو. مٺو ـ چڱو ـ موچارو.

● سُوتيڑِيُ ۽ سُوتيڑِيُون (ث): ث. پرت جو هڪ قسم ـ تندن جي وچ ۾ ڪپهه پرت.

● سُوتِيُ (ل): مصدر. [سن. ستنيڪار؛ ست = سچ + ڪِر = ڪرڻ]. خريد ڪرڻ لاءِ ڪا به شيءِ والارڻ سُودي ۾ ڪنهن شيءِ جي سچي قيمت ڏيڻ بدران ڪجهه رقم پيشگي طور ڏيڻ ـ اڳوات ڪجهه رقم ميڙائڻ ـ سوڦي ڏيڻ ـ شاهي ڏيڻ (ت).

ـ سُوتِيُ ۽ سُوتِيُون: ث. سودي ڀڪي ڪرڻ لاءِ ڏنل اڳرات رقم ـ بيانو ـ پيشگي ـ شاهي (ت).

● سُوڏيُو ۽ سُوڏيا (ث): ذ. ڏاڻهُ رکڻ لاءِ لوڙيءَ جو سينهو ـ سُينهِيُ ـ سُوڙِي ـ سُوڙو (راء).

● سُوتُ ۽ سُوتَ: ذ. صفت. [سن. شُلِشتَ = چمڪيل] خشڪ ـ ڪڙَڪُ ـ سُڪل ـ ٿوٽُ. سخت ـ ڏاڍو ـ مضبوط ـ سيٽاڻو. آوکو ـ مشڪل ـ ڏکيو ـ آڙانگو ـ آهنجو ـ ٻَکو ـ تجربڪار "ماڻهو". ڪُهڙُ ـ آهندو ـ ڪرپڙو.

ـ سُوتاڻِ ۽ سُوتاڻُون: ث. سُڪل هجڻ واري حالت ـ خشڪي ـ لوڻائي. سختي ـ ڏاڍائي ـ مضبوطي ـ مضبوطائي.

ـ سُوتائِيُ ۽ سُوتائِيُون: ث. سُوتاڻ.

● سُوتُ (سُوتَرُ) ۽ سُوتَ (سُوتَرَ): ذ. چاچي جو پٽ ـ زال جو مڙس جي لاءِ رسمي نالو. (ث. سَوُٽ).

● سُوَتُ ۽ سُوَتَ: ذ. صفت. [سن. س = چگو + وَتُ = وٽيل] مضبوط وٽيل ـ سخت ـ ڏاڍو. آنُ.

● سُوٽُ ۽ سُوٽَ: ذ. [انگ. Suit = وڳو] ڪپڙن جو جوڙو. انگريزي پتلون.

ـ سُوٽُ ڪُوٽ ۽ سُوٽ ڪُوٽَ: ذ. [انگ. Coat+Suit] مڪمل انگريزي دريس ـ مڪمل سوٽ ـ فل سوٽ.

ـ سُوٽُ ڪيسُ ۽ سُوٽَ ڪيسَ: ذ. [انگ. Case+Suit = خالو] ڪپڙن رکڻ لاءِ چمڙي جو ٽيلهو ـ چمڙي جي پيٽي ـ چمڙي جو بڪس.

ـ سُوٽيلُ ۽ سُوٽيلَ (ت): ذ. سُوٽ پاتل.

● سُوتارُ ۽ سُوتارَ: ذ. [هـ. سُوتار = وايو] وايو ـ ڪتڻ ـ ڪاٽ جو ڪم ڪندڙ ـ سُوٽهر.

Sul Nayat Institute

● سُوتاريُو ≈ سُوتاريا (ث): ذ. هڪ پکيءَ جو قسم ـ ڪاڪ ڪٽو ـ ڏکان پکي.

● سُوتُرو ≈ سُوتُرا: ذ. هُرلي، اٽ يا لار جو اصطلاح ـ اري ۽ ان سان لاڳو "قرهيءَ" کي ڏنل ساڃيو نشان ـ ڪاسو.

● سُوٗتَل (سُوٗتَرَل) ≈ سُوتَلُون (سُوٗتَرَلُون) (ت): ث. مالهه جي ڇهَ لاءِ ڪم ايندڙ هڪ ڪاٺي.

● سُوٗتَن (سُوٗتَرَن): مصدر. ڏُهڙڻ (ڏُرهڙڻ) ـ رڳڙي لاهڻ. مهٽڻ ـ ڪُهڻ ـ گهرڙڻ ـ مَلڻ ـ مالش ڪرڻ ـ رڳڙڻ ـ زور سان اڏ ڪرڻ ـ زور ڏيڻ ـ گَسائڻ. ڏمڪائڻ ـ ڏمڪي چاڙهڻ ـ دب ڪيڻ ـ چنبو ڪيڻ ـ ڳالهائڻ ـ دَهاڙڻ ـ هيسائڻ ـ هيسڻ ـ دڙڪا ڏيڻ. مِهٽا ڏيڻ ـ طعنا ڏيڻ ـ اورانيا ڏيڻ. چِڪِي ڏيڻ ـ جِهِيي ڏيڻ ـ چِهِيي ڏيڻ ـ چِڪ ڏيڻ ـ سَٽ ڏيڻ.

ـ سُوتَ (سُوٗتَرَ) ≈ سُوٗتُون (سُوتَرُون): ث. ڏُهڙ (ڏُرهڙ) چِڪ ـ جِهِيي ـ چِڪِي ـ چِهِي ـ سَٽ ـ ڪَش ـ تاڻ. ڏُوهَه ـ اڏ. چَنبُ ـ ڏينب ـ ڳالهائ ـ ڏمڪي ـ چينب ـ تڙي ـ دَڙڪو ـ ٽِڪو ـ چڑب ـ دهنامو. درد ـ سُور ـ ايذاءُ ـ سيني يا ڇاتيءَ ۾ اوچتو سُورُ جي لات. مِهٽو ـ طعنو ـ ڏوراپو ـ اورانيو.

ـ سُوٗنا سَهَن (سُوتَرا سَهَن): مهٽا سهڻ ـ ڏوراپا سهڻ.

ـ سُوٗنائِن (سُوٗتَرائِن) (ت): آڏ ڏيارڻ ـ مهڏائڻ ـ سَلاڻ.

ـ سُوتِيپُو ≈ سُوٗتِيپا (ت): ذ. مهٽو ـ طعنو ـ ڏوراپو ـ اورانيو.

ـ سُوٗتَ ڏِيَن (سُوٗتَر ڏيڻ) (ت): ڏُوهه ڏيڻ ـ آڏ ڏيڻ ـ مهٽڻ ـ مَلڻ ـ رڳڙڻ ـ گَسائڻ ـ گهڪو ڏيارڻ ـ گهٽو ڪيائڻ.

ـ سُوتُو (سُوتَرو) ≈ سُوتا (سُوتَرا): ذ. مهٽو ـ ڏوراپو.

ـ سُوٗتو هڻَنُ (سُوتَرو هڻَنُ): ڏوراپو ڏيڻ ـ مهٽو ڏيڻ ـ طعنو هڻڻ.

≈ سُوٗتَنُ: مصدر. حقي يا ٻيڙيءَ جو دم هڻڻ ـ چڪڻ.

ـ سُوٗتَ ≈ سُوٗتُونُ: ث. حقي يا ٻيڙيءَ جو دم ـ سُوتو. وات سان اندر چڪ.

ـ سُوٗتُو ≈ سُوٗتا (ل): ذ. چيلم، حقي يا ٻيڙيءَ وغيره جو دم ـ ڪَشُ ـ چڪ ـ وزم.

ـ سُوتُونُ سُنبَغ ٽِيَنَ (ل): عورتن جو اصطلاح ـ ٽڪجي ٿوڻ.

ـ سُوٗتو هڻَنُ: دم هڻڻ ـ وزم هڻڻ ـ چڪ ڏيڻ "ٻيڙيءَ وغيره جي".

● سُوتُو ≈ سُوتا (ت): ذ. [سن. سُوٗتر = ڏنڊو ـ ڏڪو ـ لٺ ـ سُوٗنٽو ـ هانڊو.

● سُوتِي ≈ سُوتِيُونُ (ت): ث. نندي لٺ ـ ڇڙهي ـ سونٽي ـ هانڊو. ڏنڊي ـ ڏڪي. لَکڻ ـ لکڙي.

ـ سُوٗتِيءِ ڪُٽَ ≈ سُوٗتِيءِ ڪُٽُونُ (ت): ث. لاچاري ـ مجبوري ـ زبردستي. تڪليف. ڪهٽي سوٗتيءِ ڪُٽَ بعد ڪم ڪيو اٿس". "ڪهٽي سوٗتيءِ ڪُٽَ بعد ڪم ٿيو آهي وغيره".

● سُوٗتو (ت): ظرف. سَويرو ـ جلدي ـ بنا دير جي ـ ماجهر ـ سويهلو.

● سُوٗتهَڙُ ≈ سُوٗتهَڙَ (ث): ذ. وايو ـ ڏڪڻ ـ سُوٗتار. (اسم خاص). ٽر ۾ رهندڙ هندن جي هڪ ذات.

ـ سُوٗتهَڙڪُو ≈ سُوٗتهَڙِڪا (ث): ث. وايڪي ـ ڏڪاڪو.

● سُوٗتهَل: اسم خاص. هندن جي هڪ ذات.

● سُوٗتِيُ (سُوٗتُرِيُ) ≈ سُوٗتِيُ (سُوٗتُرِيُ): صفت. [سن. سُوٗتر = سُٽ] سُٽ جو ـ سُٽ مان ٺهيل ـ ڪپهه جي ڏاڻن مان ٺهيل.

ـ سُوٗتِيُ ڪَپڙُو (سوٗتُرِيُ ڪپڙو) ≈ سُوٗتِيُ (سُوٗتُرِيُ ڪپڙا): سُٽ مان ٺهيل ڪپڙو ـ ڪپهه جي ڏاڻن مان ٺهيل ڪپڙو.

● سُوٗنِيُ (سُوٗتِيرِيُ) ≈ سُوٗتِيسُونُ (سُوٗتِيرِيُون) (ت): ث. رٽ ـ تجويز. ڪُجهو منصوبو ـ سيٽ ـ سازش. ڦڙو ـ جهڪڙو ـ فساد.

Gul Hayat Institute

گھٹپي ـ رَڈي ـ گوهي . نقصان ـ چهو ـ ٹوٹو . قاهي ـ قندو ـ قامي ـ گهوگهو .

ـ سُوْنبي آڈن (سُوْنبري آڈن) : قاسائڻ جا طريقا اختيار ڪرڻ ـ ڪجهو منصوبو سِٽڻ ـ سازشون سِٽڻ .

ـ سُوْنبي سِٽڻ (سُوْنبري سِٽڻ) (ت) : سازش سِٽڻ ـ بڇڙي نيت رکڻ ـ بد ارادو ڪرڻ ـ برو خيال ڏارڻ .

● سُوْنبي ۽ سُوْنبيون (ت) : ث . مقصد ـ گديا . رَڪَ .

ـ سُوْنبي سڙيو ۽ سُوْنبي سڙيا (ت) : ذ . ڏُهرو ـ آپرو ـ ضعيف ـ لينجهه ـ هيٺو ـ ناتوان ـ لاچار ـ بي ستو ـ ڪم طاقت . بيمار ـ روگي ـ آگهو ـ ناچگو ـ لڏو ـ مريض ـ ڏُجهارو .

ـ سُوْنٹهين ٹهڻ (سُوْنٹرئين ٹهڻ) (ت) : ذ . ڳالهين ۾ ٹهڻ ـ سرچڻ ـ پرچڻ ـ ريجهڻ ـ ٹهي وڃڻ ـ ملي وڃڻ ـ رضامند ڪرڻ ـ پرچاءُ ڪرڻ ـ راضا ويڙ ڪرڻ .

ـ سُوْنٹهين ٹهيل هُجَڻ (سُوْنٹرئين ٹهيل هجڻ) : همراز هجڻ ـ هڪ ڳالهه ۾ هجڻ ـ پرتل هجڻ ـ سرچيل هجڻ ـ ريڍل هجڻ . رضامند هجڻ .

● سُوْنڻ (ل) : مصدر . [سن . سُپَشنمي ڪرُو] سمجهاڻ ـ واقفيت ڪرڻ ـ پَڌاڻ ـ سَهيِ ڪرڻ . ڪولڻ ـ لهڻ . مڪمارو ڪرڻ .

ـ سُوْنَ ۽ سُوْنُون (ل) : ث . سمجهاپ ـ واقفيت ـ جاڻ پڇاڻ . عيب ـ وڍ ـ گهٽتائي ـ اوڻائي ـ پُوڙائي ـ ڪَميِ .

ـ سُوْنائيتو ۽ سُوْنائيتا : ذ . صفت . مڪياري ـ وٽنديءَ تي ـ پسنديءَ تي . سوڻي وارو ـ سوڻي هٿيڪو . (ظرف) . ٺيڪ ـ برابر ـ صحيح ـ دُرست ـ بجا ـ واجب ـ لازمي ـ لازم ـ رَوا .

ـ سوڻائيتيِ ۽ سُوْنائيتيون (ت) : ث . ذمه ڪيل ـ پاڻ تي جوابداري کنيل ـ ذميداريءَ سان .

ـ سُوْنائن : سمجهاپ ڪرائڻ ـ واقفيت ڪرائڻ ـ پڇاڻ ڪرائڻ ـ جاڻ ڪرائڻ . ڳولڻ ـ ڏولڻ . چونڊڻ ـ چونڊ ڪرڻ . سمجهائڻ ـ ڏيان ۾ وهارڻ . ذمه ڪٽڻ ـ پَڙَ ڪٽڻ ـ ضامن پوڻ ـ سونهن ڪٽڻ ـ ذميواري ڪٽڻ ـ ذميداري ڪٽڻ .

ـ سُوْنيرو ۽ سُوْنيرا : ذ . ذميداريءَ جهڙو ـ امانتي ـ ذمي وارو ـ جوابداريءَ جهڙو ـ ضامن جهڙو . ايماندار ـ سچيو ـ سچو ـ ليڪ نيت . وفادار .

ـ سُوْنڻو ۽ سُوْنا : ذ . ذمو ـ ذميداري ـ جوابداري ـ ضامنگير ـ ضمانت ـ بارو ـ سئو . الجام ـ اقرار ـ وعدو ـ قول ـ پيرن ـ وَچن ـ ٻول ـ پيرتسگيا . واقف ڪار ـ سُڃاڻو ـ سَهيِ ـ سهپو ـ چاڻو ـ واقفيت وارو .

ـ سُوْنا سَهائِنْ : ذمه ڪٽڻ ـ جوابداري قبول ڪرائڻ ـ ذميداري مڃائڻ ـ ضمانت ڪٽائڻ .

ـ سُوْنڻو ڪٽڻ : ذمو ڪٽڻ ـ جوابداري ڪٽڻ .

● سُوْپارَڻ : مصدر . سُپارڻ ـ پارت ڪرڻ ـ سونپڻ ـ حوالي ڪرڻ ـ جوابداريءَ هيٺ ڏيڻ ـ ذمي هيٺ ڪرڻ ـ ضمانت ۾ ڏيڻ .

ـ سُوْپ ۽ سُوْپُون (ڪ) : ث . سنيال ـ خاطري ـ پرداخت ـ نگهباني ـ نگهداشت ـ چوڪسي ـ جالچ . ڏاهپ ـ سياڻپ ـ هوشياري ـ چالاڪي ـ انڪل بازي . پارت ـ سپارت . ضمانت ـ جوابداري .

● سُوْپارو ۽ سُوْپارا : ذ . مردالي ڪجهي عضوي جو سئو ـ ٿوپڻ ـ سئو ـ ٿوپ .

● سُوْپاريِ ۽ سُوْپاريُون : ث . [سن شتر = سَو + ف . پا = پير] هڪ وڻ جو ڦل ـ پسارڪو وَڪر . هڪ جيت جو قسم : سنهي ، ڏگهي ، هڪ سئو پيرن سان ـ سوپيري .

● سُوْپيرو ۽ سُوْپيرا (ت) : ذ . سُڌرو ـ پَڇو .

● سُوْپڙ ڪنو ۽ سُوْپڙ ڪنا (ث) : ذ . ڏگهن ڪنن وارو .

● سُوْپڙيو ۽ سُوْپڙيا : ذ . صفت . سياهي . پٽيوالو . محافظ ـ نگهبان . پهريدار . چيڙاڪ ـ چڙتو (ت) .

● سُوْپڱيِ ۽ سُوْپڱيُون (ث) : ث . [سن . شتر = سَو + پنگ = پير] هڪ سُرندڙ جيت جو قسم ـ سو پيري .

● سُوْپَنڑ : مصدر . [سن . سَمر = سان + ارپ = ڏيڻ] سونپڻ ـ حوالي ڪرڻ ـ سُپرد ڪرڻ ـ

Gul Hayat Institute

ذمي ڪرڻ ـ جوابداريءَ ۾ ڏيڻ ـ سونپي ۾ ڏيڻ. بخشش ڪرڻ ـ عنايت ڪرڻ ـ بخشڻ.

● سَوُ٘هُ ع سَوُ٘هَا: ذ. نند جو جهوڪو ـ ڏوڪو نندڙي ـ ٽوري نند ـ جهٽڪو ـ ڏنڪي.

● سَوُ٘هِيرِي ع سَوُ٘هِيرُ٘نُ: ث. [سن. شتر = سؤ + پگ = پير] هڪ سؤ پيرن واري جيت جو هڪ قسم ـ ڪَنُ٘ سوپاري.

● سُوُ٘جَ ع سُوُ٘جُ٘نُ٘ (ت): ث. [سن. شَوچ = صفائي] هندن وٽ مقعد ڌوئڻ لاءِ محاورو ـ طهارت، صفائي (هندن جي).

● سُوُ٘جاڳُ٘ ع سُوُ٘جاڳَا (ت): [سن. س = سان + آت = ستي + جُوُ٘ل = چمڪڻ] سوجهرو ـ سوجهاڪو ـ روشني. ڪنهن بہ داڳيني جي سموري تور ـ باردائي سُوڏي مال جي تور. سماچار ـ سُڌ ـ واءُ سڃاڻ ـ خبر چار ـ سَڏاءُ ـ اطلاع.

● سُوُ٘جِنِيُ٘ ع سُوُ٘جِنِيُ٘نُ٘: ث. بستري تي چادر ـ پلنگ پوش.

● سُوُ٘جوُ٘ ع سُوُ٘جا: ذ. هڪ واڌ ڪو اوزار ـ هڪ قسم جو ڪاٺ چيرڻ جو اوزار ـ گول ڪاراڻي ـ گول ڪرت. زِبانو.

● سُوُ٘جِيُ٘ ع سُوُ٘جِيُ٘نُ٘: ث. هڪ قسم جو ٿلهو اڏو ـ ڪڪ جو مغز ـ سُهڄي (ت).

● سُوُ٘جَ ع سُوُ٘جُ٘نُ٘: ث. [سن. شوتَ = ٽوڙ] ٽوٽر ـ آڙ ـ ڦُندَ ـ آماس.

ـ سُوُ٘جَ جَڙهَنُ٘: ٽوٽر چڙهڻ ـ آڙ ٽيڻ ـ ڦُندي وڃڻ ـ سُڄي پوڻ ـ آماس ٽيڻ.

ـ سُوُ٘جِ لهَنُ٘: آڙ لهڻ ـ ٽوٽر لهڻ.

● سُوُ٘جهہ ع سُوُ٘جهُونُ٘: ث. [سن. شَوچ = صفائي] طهارت ـ سوچ ـ وٽ ـ اِستنجا ـ مَسَڻو.

● سُوُ٘جهاڪوُ ع سُوُ٘جهاڪا (ل ـ ث): ذ. [من. س = سان + آت = ستي + جُوُ٘ل = چمڪڻ] روشنائي ـ سوجهرو ـ آجالو ـ سوجهاڪو ـ سُجهند و ـ تجلو ـ سُهائي ـ سُهاڻي ـ تُورُ٘ ـ چمڪو ـ روشني.

ـ سُوُ٘جَهاڳُ٘ ع سُوُ٘جَهاڳَا (ت): ذ. سوجهاڪو.

● سُوُ٘جهرُو٘ ع سُوُ٘جهرا: ذ. [سن. س = سان + آت = ستي + جُوُ٘ل = چمڪڻ] روشني ـ روشنائي ـ سجهندو ـ آجالو ـ نُور ـ جوت ـ شعاعُ٘ ـ پرڪاش ـ سوجهاڪو ـ سوجهاگو ـ آهاڻ ـ سهائي ـ چتائي ـ پڌرائي ـ ظاهرائي ـ صفائي. فجر ـ پرهہ ڦٽي ـ پاڪ ـ صبح. هوشياري. سوپ ـ ڪاميابي.

ـ سُوُ٘جهرُو٘ ڪَرُ٘نُ٘: روشنائي ڪرڻ ـ سوپ ڪرڻ ـ فتح ڪرڻ.

● سُوُ٘جَهيڙ ع سُوُ٘جَهيڙيُ٘نُ٘ (ت): ث. سَوَلي وات ـ سَوَلي راهہ ـ سولو رستو ـ سڌائي راهہ.

● سُوُ٘جهڙ بارالِيُ٘: اسم خاص. تعلقي ميهڙ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

● سُوُ٘جَهُ٘نُ٘: مصدر. [سن. سُوچ = خبر پوڻ] ڏسڻ ـ پسڻ ـ نهارڻ ـ نگاهہ ڪرڻ. سمجهڻ ـ ويچارڻ ـ سوچڻ ـ خيال ڪرڻ. ڌيان ڏيڻ ـ هوش ڪرڻ ـ عقل ڪرڻ ـ حواس هلائڻ. ڳولڻ ـ ڦولڻ ـ نهارڻ ـ ڍُنڍَنُ٘ ـ هٿوراڙيُ٘نُ٘ ڏيڻ ـ چڪاسڻ ـ تلاش ڪرڻ ـ ڦلورڻ ـ ڪوجهڻ ـ ڪوجنا ڪرڻ ـ ڏورڻ ـ سولجهڻ ـ دريافت ڪرڻ ـ پوڻ ـ اچا ڪرڻ. لهڻ ـ هٿ ڪرڻ. ياد ڪرڻ ـ سنياڻڻ ـ يادگيري ڪرڻ ـ يادِ گيرُو ڪرڻ ـ دماغ ۾ هوڻ. صاف ڪرڻ ـ چٽو ڪرڻ ـ پڌرو ڪرڻ ـ ظاهر ڪرڻ ـ عيان ڪرڻ ـ واقف ڪرڻ ـ سچاڻو ڪرڻ ـ چاڻو ڪرڻ ـ واقف ڪار ڪرڻ ـ سَهِيُ٘ ڪرڻ.

ـ سُوُ٘جهہ ع سُوُ٘جهُونُ٘: ث. جوت ـ نظر ـ بينائي ـ بصارت ـ نيرت ـ نگاهہ ـ ڏسڻ ـ ديد. عقل ـ اِدراڪ ـ سمجهہ ـ پوجهہ ـ حواس. انديشو ـ خيال ـ ويچار. ڳول ـ چڪاس ـ جانچ ـ ڪوجنا ـ ڪوج ـ نهار. انتظام ـ بندوبست ـ جوڙڪ. مطلب ـ مراد ـ مقصد ـ اِرادو ـ نيت. ڍنگ ـ طريقو ـ طرز ـ لموندو ـ طورُ٘ ـ ريت ـ طرح.

ـ سُوُ٘جهہ پوجهہ: ث. عقل و فهم ـ دوراندیشي ـ اڳ پوءِ جو خيال.

● سوجهہ ع سوجهيُ٘نُ٘: ث. [سن. شَوُ٘چ = صفائي] سوچ ـ طهارت.

Gul Hayat Institute

● سُوجَهَا ۽ سُوجهائيُونُ (ت)؛ ث. [سن. سُوچ = خبر پوڻ] واقفيت - سُڌ - سمجهاڻ - جاڻ - خبر - معلومات. جستجو - ڳولا - کوجنا - کوجه - جانچ - پڙتال.

- سُوجَهَا پَوَڻُ؛ خبر پوڻ - جاڻ پوڻ - سُڌ پوڻ - معلوم هڻڻ - اطلاع هڻڻ.

- سُوجهائيُ (ت)؛ واقف ڪرڻ - جاڻ ڏيڻ - سُڌ ڏيڻ - اطلاع ڏيڻ - خبر ڏيڻ - سماءُ ڪرڻ - سماچار ڏيڻ.

- سُوجهُو ۽ سُوجَهَا: ذ. واقف ڪار - ڄاڻو - واقف - سڃاڻو - سڃاڻپ وارو. خبردار - هوشيار - سڃاڪ - چالاڪ - تيز فهم. سُوجهيندڙ - جستجو ڪندڙ. ڪم نظر - ٽوري نظر وارو - جهانپو - جهڪو.

- سُوجهيُ ۽ سُوجهيُونُ؛ ث. سماءُ - خبر - سُڌ - جاڻ - آگاهي - علم - واقفيت - اطلاع - پاس - ادراڪ - هوش - ٻوجهه - امتياز - گيان - پُرجهه - ويدنا - معلوميت - معلومات. هوشياري - سياڻپ - تيز فهمي - سگهڙائي - عقلمندي - چالاڪي - سمجهه - عقل - ڏيان - فهم - زيرڪي - ٻُڌ - ذهن.

- سوجهي ڪيڻُ: ڳولي ڪيڻ - ڏونڍي ڪيڻ - ڳولي هٿ ڪرڻ.

● سوجا: اسم خاص. رياست خيرپور ۾ رهندڙ مسلمانن جي هڪ ذات.

- سُوجاڻيُ (لس)؛ ث. سڃاڻپ جي چنڊي جا الهيءَ کي ٻڌندا جو بادشاه جو ماريل هوندو تہ متان پويان ڪومون پاڻ ۾ وڙهن.

● سُوچ ۽ سُوچيُونُ؛ ث. [سن. شَوچ = صفائي] إستنجا - طهارت - صفائي - سُتڪو.

- سُوچا ۽ سوچائُونُ؛ ث. [سن. شَوچ = صفائي] صفائي - سوچ.

- سُوچ ڪرَڻُ (ل)؛ طهارت ڪرڻ - صفائي ڪرڻ - إستنجا ڪرڻ - سُتڪو ڪرڻ.

● سُوچاڪيُ ۽ سُوچاڪيُونُ (ل)؛ ث. ماڪوڙي جهڙو لنڊڙو ڪنڊڙ جيت - ڏڪڻهائي (ت) - ڏڪرائي. سيڪوئي.

● سُوچَڻُ: مصدر. [سن. سُوچ = خبر پوڻ]. ويچارڻ - خيال ڪرڻ - ڏيان ڪرڻ - فڪر ڪرڻ - غور ڪرڻ - چنتا ڪرڻ - قياس ڪرڻ - گهٽ ڪرڻ. سمجهڻ - پُرجهڻ - پروڙڻ - ٻوجهڻ - ذهن نشين ڪرڻ - دماغ ۾ وهارڻ - مغز ۾ وهارڻ - هنڌائڻ. انديشو ڪرڻ - گهٽي ڪرڻ - اوسيڙو ڪرڻ - انتظار ڪرڻ - منتظر رهڻ. جانچڻ جولچڻ - گهٽ گوٽڻ - خبرداري ڪرڻ - ٽورڻ تڪڻ. مراقبہ ۾ وڃڻ - مراقبہ ڪرڻ - ڏيان لڳائڻ.

- سُوچَ ۽ سُوچُونُ: ث. ويچار - خيال غور - فڪر - ڏيان. گهٽ - گهٽپ - ڏيان - خوض - راء - قياس - ساڃهه - ڪٽ - آڻسٽو. فڪر - گهٽي - توجهه - چنتا - اونو - اوسيڙو - انتظار - انتظاري. غم - الم - رنج - ارمان - ڏک - شوڪ - ساتم. خبرداري - هوشياري - سُجاڪي. جالچ جونچ - گهٽ گهوٽ - تور تڪ - سنيال. تخمينو - انداز - شمار - حساب.

- سُوچينا ۽ سُوچيٽائُونُ: ث. خيال - ويچار - سوچ - غور - ڏيان - گهٽي. خبر اطلاع - سُڌ - سماءُ - سماچار - جاڻ.

- سُوچَ ڪرَڻُ؛ فڪر ڪرڻ - چنتا ڪرڻ - انديشو ڪرڻ - اوسيڙو ڪرڻ - خيال ڪرڻ - ويچار ڪرڻ - ڏيان ڪرڻ - گهٽ گهوٽ ڪرڻ - جانچ جونچ ڪرڻ. غم کائڻ - ڏک ڪرڻ.

- سُوچَ ۾ رَهڻُ: خيال ۾ مصروف هجڻ - فڪر ۾ غلطان هجڻ - اوسيڙي ۾ هجڻ. انتظار ۾ رهڻ. غم ۾ رهڻ - ڏک ۾ رهڻ - ماتم ۾ هجڻ - المدارُ هجڻ.

- سُوچَ ۾ وِهڻُ؛ خيال ۾ وهڻ - ويچار ۾ وهڻ - ڏيان ۾ هجڻ.

- سُوچَ ۾ هُجَڻُ: فڪر ۾ هجڻ - خيال ۾ هجڻ - سوچڻ - ذڪر ڪرڻ - اوسيڙو ڪرڻ - انتظار ڪرڻ - منتظر ڪرڻ.

- سُوچَ وِيچارُ ۽ سُوچَ وِيچارَ: ذ. فڪر و تامل - غور و فڪر - ٻهڻ ڏهڻ - ڏيان - غور - سوچَ سمجهه - خيال - جانچ جونچ - ڏيٺ ويٺ.

- سُوچَ ويچارڪرڻ: خيال ڪرڻ - فڪر ڪرڻ - سوچڻ.

Gul Hayat Institute

= سُوچيءُ پَتُرُ ۽ سُوچيءُ پَتُرَ ؛ ذ. فهرست - يادداشت. تيريءُ - هٿ جو نقشو- هٿ جون ريکائون. هٿ جون ليکون.

= سُوچي سَمجهيءُ ؛ ظرف. ڏسي وائسي - جانچي جونچي - چاڻي پُڇهي - ڏيان سان - خوض سان - غور سان - دماغ سان.

= سُوچيءُ گَنُ ۽ سوچي گَنَ (ت)؛ ذ. سياڻو- ڏاهو - عقلمند - داناءُ - هوشيار - سوچيندڙ - عاقل - هوشيار- ڏيان وارو- فکرمند. جاچيندڙ- جوچيندڙ- ڏسندڙ وائسيندڙ- خيال ڪنهڙ- ڳڻ ڳوت ڪندڙ.

● سُوچيءُ ۽ سُوچيءُ : ذ. [سن. سوچي = چيندڙ] چيندڙ- آر (لوهه جو چُهنبيارو سوچکو اوزار) سوئو- سُئي - لوهه جي چهنبياري سيخ. جُتين جوڪر ڪندڙ- جُتيون ٺاهيندڙ- سرازُ- موچي - ماڙيچو. سبندڙ - درزي. (اسم خاص) هندن جي هڪ ذات.

= سُوچيڪوءُ ۽ سُوچيڪا : ذ. صفت. سوچيءَ جو- سوچيءَ وارو- موچکو - سَرازکو.

= سُوچيائُو ۽ سُوچياٽا ؛ ذ. صفت. سوچکو.

● سُوچُ ۽ سُوچَ (ت)؛ ذ. صفت. [سن. شُدّ = پاڪ] صاف - پاڪ - شفاف - آوجل - نيرمل - پوتر - صفا - اُجلو - اڇو - نج - شُدّ.

● سُوخُتَ ۽ سُوخُتُونُ : ث. [ف. سوخت > سوختن = سڙڻ] سوزش - ساڙو - جَلن - پَچَ - ڪام - پَچَرَ - جَرَ - تَوَ - سيڪ.

= سُوخُتَ ڪَرَنُ ؛ جلائڻ - ساڙڻ - پچائڻ - ڪاماڻ - پچرائڻ - سوزش ڪرڻ.

= سُوخُتگيُ ۽ سُوخُتگيُونُ : ث. سوزش - ساڙو - جَلن - جَرَ - پَچ - ڪام. تڪليف - ڏکيائي - مشڪلات - اهنج - ڏجهه - ڏجهائي - ڏنجهه - رنج - صدمو - غم - الم. ڪلفت - بيائي - فراق - لفاق - وڇوڙو - جُدائي - ڦيٽاڙو.

= سُوخُتنيُ ۽ سُوخُتنيُ ؛ صفت. ساڙڻ جهڙو- ساڙڻ جي لائق. بيڪار- خراب.

= سُوخيتَ ۽ سُوخته ؛ ذ. صفت. سڙيل - جليل - ڪاميل - ڪل - اڇيل - ٻاهه وارو- ٻاهه لڳل - سوزشي - ساڙي وارو. مصيبت زده - ڏجهارو.

= سُوخيتيُ ۽ سُوخيتيُونُ ؛ ث. ڪلفت - بيائي- نفاق - وڇوڙو. رنج - تڪليف - غم - مصيبت - هلاڪت. (صفت). ساڙڻ جي قابل - جلائڻ جي لائق - ساڙڻ جوڳو.

● سُودِ ۽ سُودِيُونُ (ت)؛ ث. واسطو - لاڳاپو- تعلق - نسبت - رشتو- ڳانڍاپو- جوڙ- ميلاپ. ڪم- ڪار - ڪاج - ڏندو - ڪرت - مشغولي.

● سودُ ۽ سودَ (ث)؛ ذ. وڻ جو پورو ٽڻ.

● سُودُ ۽ سُودَ : ذ. (ف). وياج. فائدو - نفعو- ميتي - آپت - ڪٽيو - پراپت - لاپ - آپراسو - لاهو- وڻاءُ - سوباسو - وَڌُ - منافع - بهتري - پلائي - چڱائي. خوبي - عمدگي - سڻائي.

= سُودُ خُورُ ۽ سُودَ خُورَ ؛ ذ. [ف. سود + خور > خوردن = ڪائڻ] وياج وٺندڙ - وياج ڪائيندڙ- وياج خور. لاپ خور - نفعو وٺندڙ.

= سُودَ دَرُ سُودُ : ذ. [ف. سُودْ + در = م + سود] وياج تي وياج - ڪڍيل وياج.

= سودُ ڏيئُ : وياج ڏيڻ. منافعو ڏيڻ - نفعو ڏيڻ - فائدو ڏيڻ - لاپ ڏيڻ.

= سُودُ ڪائيُ : وياج ڪائڻ - لاپ ڪائڻ - منافعو وٺڻ.

= سُودُ لَڳائيُ : وياج مڙهڻ - وياج چاڙهڻ. نفعو رکڻ - لاپ رکڻ - منافعو رکڻ.

= سُودُ مَنَدُ ۽ سُودُ مَنَدَ : ذ. [ف. سود + مند = وارو] فائدي وارو - مُفيد - نفعي وارو - فائدي مند - وڻاءُ وارو - واڌاري وارو. لاهائيتو - سجايو - سڪيارتو.

= سُودُ وَنَنُ : وياج وٺڻ. نفعو وٺڻ - لاپ وٺڻ - منافع وٺڻ.

= سُودُ هئنُ ؛ فائدو ٽيڻ - نفعو ٽيڻ. هٿ اچڻ- حاصل ٽيڻ - پراپت ٽيڻ - موصول هڻڻ.

● سَودا ۽ سَوداتُونُ ؛ ث. [ع. سَوْدا = ف. ڪاريُ]. اجاين خيالن اچائڻ جي بيماري - سوداءُ - جنونُ - ديوانگي - چريائي - خَبطُ - ٻاڪلپڻو- ماليخوليا. رت سڙي ڳهائي ٽيڻ واري هڪ بيماري- ڪارو بلغم. خيال - ڏيان - ڏُنُ - غم - انديشو -

فكر ـ گڏتي. اوسيڙو ـ انتظار. عشق ـ پريت ـ محبت ـ پيار ـ موهه ـ قرب ـ سينهه. (اسم خاص). انساني جسم جي هڪ طبيعت جو نالو. هندستان جو شاعر مرزا.

ـ سَوْدا ثَيِيَنْ: ماليخوليا ٿيڻ ـ جنون ٿيڻ ـ ديوانگي ٿيڻ ـ فكر ٿيڻ ـ چريائي ٿيڻ ـ پاگلپڻو ٿيڻ. گڏتي ٿيڻ. اوسيڙو ٿيڻ ـ انتظار ٿيڻ ـ اندیشو ٿيڻ ـ خيال ٿيڻ ـ ويچار ٿيڻ.

ـ سَوْدا كَرَنْ: گڏتي كرڻ ـ فكر كرڻ ـ خيال كرڻ ـ پَهه پچائڻ ـ ويچار كرڻ.

ـ سَوْدا لڳَنْ: خفقان ٿيڻ ـ جنون ٿيڻ ـ سوداءُ ٿيڻ ـ ماليخوليا ٿيڻ. ويچار ٿيڻ ـ خيال ٿيڻ ـ اندیشو ٿيڻ.

ـ سَوْداوِيْ ≈ سَوْداوِيْ: ذ. صفت. سودا متعلق ـ سودائي. مغموم ـ غمگين ـ ڏكارو ـ رنجيدهه ـ ڏكويل ـ ڏُجهارو. سوداءُ جي طبيعت وارو.

ـ سَوداوِيْ مِزاجْ ≈ سَوْداوِيْ مِزاجَ: ذ. [ع. سَوْدا + مزاج = طبيعت] خفقاني ـ چريو ـ سودائي ـ جنوني ـ ديوانو ـ پاگل. فكرمند ـ گڏتيءَ وارو.

ـ سَوْدا هُنَنْ: ديوانگي هڻڻ ـ چريائي هڻڻ ـ ماليخوليا هڻڻ ـ خفقان هجڻ. ويچار هجڻ ـ خيال هجڻ ـ فكر هجڻ ـ اندیشو هجڻ. عشق هڻڻ.

ـ سَوْداءُ ≈ سَوْداءَ: ذ. چريائي ـ سودا ـ ديوانگي ـ مغز جي خرابي ـ ماليخوليا ـ دماغي خرابي. خفو ـ آجايا خيال ـ پَهه ـ پُور ـ ريچڪ. هڪ بيماريءَ جو قسم.

ـ سَوْدائِيْ ≈ سَوْدائِيْ: ذ. صفت. سوداءُ وارو ـ هوراڻو ـ خيال كندڙ ـ سَوكڙ ـ ديوانو ـ چريو ـ باولو ـ پاگل ـ مجنون ـ مستانو ـ مست. خفقاني ـ خبطي ـ ماليخوليا وارو ـ پَهه وارو. مايوس ـ غمگين ـ ڏكارو ـ مَلُول. احمق ـ بيوقوف ـ چٽ ـ چريٽ ـ چسو ـ نادان.

ـ سَوْدائِيْ بَنْجَنْ: ديوانو ٿيڻ ـ چريو ٿيڻ ـ باولو ٿيڻ ـ خفقاني ٿيڻ ـ هوراڻو ٿيڻ. عاشق و شيدائي ٿيڻ.

● سَوْداگَرَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● سَوْداگَرْ ≈ سَوْداگَرَ: ذ. [ف. سَوْدا = سامان سڙو + گر = وارو] واپاري ـ تاجر ـ تجارت كندڙ ـ واپار كندڙ.

● سُوْدْ بُوْدْ (ت): ظرف. هُو بَهُو ـ اصل اهڙو ـ ساڳيو ـ هڪ جهڙو ـ نيس پيس ـ همشكل.

● سُوْدَرَ: اسم خاص. [سن. شودر] هندن ۾ هڪ گهٽ ذات ـ نيچ قوم. (سُوْدَرْ ≈ سُوْدَرَ: سودر ذات جو ماڻهو).

● سُوْدِرا: اسم خاص. ٽر ۾ رهندڙ مينگهواڙن جي هڪ ذات (راءِ).

● سُوْدَنْ: مصدر. [ف. سَودا = گڏل شيءِ] خريد كرڻ ـ وٺڻ ـ خريدڻ ـ گهينهڻ ـ سودو وٺڻ ـ خريداري كرڻ. پسن سان وٺڻ. مُلهه چكائڻ ـ قيمت پچڻ.

ـ سَوْداگَرْ ≈ سَوْداگَرَ: ذ. واپاري ـ تاجر ـ وٽجارو ـ تجارتي ـ واپار كندڙ ـ وچائٽ ـ ونجارو.

ـ سَوْداگَرزادْ ≈ سَوْداگَرزادا: ذ. سوداگر جو پٽ ـ واپاريءَ جو پٽ.

ـ سَوْداگَرِيْ ≈ سَوْداگَرِيُونْ: ث. وٽجهه ـ واپار ـ خريد و فروخت ـ تجارت ـ سود و سلف ـ ڏنڊو ـ كيرت ـ وچائتي ≈ سوداگري: ذ. صفت. سوداگر سان تعلق ركندڙ ـ واپاري ـ تجارتي.

ـ سَوْداگَرِيْ كَرَنْ: واپار كرڻ ـ تجارت كرڻ ـ وٽج كرڻ ـ كاروبار كرڻ ـ خريد و فروخت كرڻ ـ ڏيتي ليتي كرڻ ـ مال جي ڏي وٺ كرڻ ـ مال جي آمدني روانگي كرڻ.

ـ سَوْداگِرِيْ مالْ ≈ سَوْداگِرِيْ مالَ: ذ. وڪري جو اسباب ـ فروخت كرڻ جون شيون ـ مال اسباب ـ ٽپو ٽاڙي ـ تجارت جون شيون.

ـ سَوْدو ≈ سَوْدا: ذ. واپار ـ وٽج ـ تجارت ـ سوداگري ـ خريد و فروخت ـ خريداري ـ وڪر ٻكر. ڏنڊو ـ كيرت ـ پيشو ـ كم. وڪر ـ شيءِ ـ ٽوڪ.

ـ سَوْدو بَحالُ ثَيِيَنْ: خريد و فروخت جو معاهدو طئي ٿيڻ ـ مقصد حاصل ٿيڻ ـ مُراد ون پُڄڻ ـ سو پارو ٿيڻ ـ كاميابي ٿيڻ ـ فتحمند ٿيڻ.

Gul Hayat Institute

= سَوْدُو پاڈو ۽ سَوْدا پاڈا: وٹجهہ واپار - تجارت - خريد و فروخت - مال جي ڏي وَٺ.
= سَوْدُو سَلَفُ ۽ سَوْدُو سَلَفَ: ذ. ريزڪي سيڈو - ريزڪي سامان. ڪائڻ پيئڻ جي شئي - خريد ڪيل بازاري شئي. سَوْدُو - سودو پاڈو - سيڈو پاڈو. وٹجهہ واپار.
= سَوْدُو ڪَرَڻُ: واپار ڪرڻ - تجارت ڪرڻ - خريداري ڪرڻ - سودا گري ڪرڻ. متائڻ - ڏي وٺ ڪرڻ.
= سُودِيشُ ۽ سُودِيشَ: ذ. [سن. سُوَ = پنهنجو + ديش = ملڪ] پنهنجو ملڪ - وطن.
= سُودَيْشِي ۽ سُودَيْشِيُ: ذ. صفت. ديسي - مُلڪي - پنهنجي ملڪ جو - وطني - پنهنجي ديس سان واسطو رکندڙ - ڪوڙائي (ضد. اوديشيُ).
= سُودِيشِي ڪَپڙو: ذ. ديسي ڪپڙو - ملڪي ڪپڙو - پنهنجي ملڪ اندر ٺهيل ڪپڙو.
● سُوَرِ ۽ سُوَرِيُونُ (ث): ث. چيرُ - خال - پورُ - وٹي - گهپُ - گهپو - ڦوٽ.
● سُوَرَ: اسم خاص. رياست خيرپور ۾ رهندڙ ماڻهن جي هڪ ذات. هندن جي هڪ اچوت ذات جو نالو. (سُوَڙ ۽ سُوَدَرُ: ذ. سُودَرُ).
● سُوَڌَنُ (ل - ہيلہ): مصدر. [سن. شوڌن > شدُ ڌ = صفا ڪرڻ] صفا ڪرڻ - پاڪ ڪرڻ - صفائي ڪرڻ سوئيڻ - چونڊڻ. اصلاح ڪرڻ - درست ڪرڻ - ٺيڪ ڪرڻ - بجا ڪرڻ - صحيح ڪرڻ - غلطي ڪيڻ - چڪون ڪيڻ - ٺاهڻ - بنائڻ - سنئون ڪرڻ - ورو ڪڍ ڪيڻ - ڏنگ ڪيڻ. آرسته ڪرڻ - سينگارڻ - سنوارڻ. چڪاسڻ - سهي ڪرڻ - جانچڻ. ڳولڻ - تلاش ڪرڻ - ليهارڻ - ديوليڻ - ڦولهڻ - وڙول ڏيڻ. ڦهلائڻ - پکيڙڻ - وڌيڙڻ. شمار ڪرڻ - حساب لڳائڻ - ڪٹڻ - تخمينو ڪرڻ - الداز ڪرڻ - ڪٹ ڪرڻ. پير چُولي ڪير ۾ سوڏي ڪارائڻ.
= سُوَڌَ ۽ سُوَڌُونُ: ث. سڌائي - سنوت - ٺيڪائي - درستي - اصلاح. ٺاهپ - جوڙ - آراستگي - سنوار. صفائي - پاڪائي. سوڌ - ڳولا - تلاش. اندازو - ڪٹ - تخمينو.
= سُوَڌائِيُ ۽ سُوَڌائِيُونُ: ث. سنوارپ - سڌائپ - برابري - پورائي - سنوت - ٺيڪائي. سنوارڻ جي مزدوري.
= سُوَڌائِڻُ: صفا ڪرائڻ - آچو ڪرائڻ. درست ڪرائڻ - سُڌارڻ - ٺيڪ ڪرائڻ - سنوارائڻ - صحيح ڪرائڻ.
= سُوَڌائِيُ ۽ سُوَڌائِيُونُ: ث. سنوت - سڌائي - پورائي - برابري - ٺيڪائي - سُوڌاڻ - درستي - اصلاح. هڪجهڙائي. سپتائي - سچائي.
= سُوَڌَرِيو ۽ سُوَڌَرِياُ: ذ. درست ڪندڙ - صحيح ڪندڙ - سڌارينڌڙ - ٺيڪ ڪندڙ - سُوڌينڌڙ - سنوارينڌڙ - اصلاح آڻيندڙ. ٺاهيندڙ - بنائيندڙ - جوڙيندڙ - خلقيندڙ - آپائيندڙ - رَچيندڙ - صفا ڪندڙ - صفائي ڪندڙ - آچو ڪندڙ - آجرو ڪندڙ - پاڪ ڪندڙ - پوٽر ڪندڙ.
= سُوَڌَ سَنْوارُ ۽ سُوَڌَوُنُ سَنْوارَوُنُ: ث. اصلاح - سُڌارو - درستي - ٺيڪائي - سنوار. ٺاهه ٺوهه - جوڙجڪ - گهڙپچ - رَچنا. صفائي - اجائي - آجرائي - آوجرائي - اوجلائي - پاڪائي.
= سُوَڌَلُ ۽ سُوَڌَلَ (ل): ذ. سيڈو - سنئون - سُوڌو - درست - بجا - صحيح - ٺيڪ. سچو - سپتيو - ايماندار - سچار.
= سُوَڌُو ۽ سُوَڌا: ذ. سيڈو - سنئون - سنئون سيڈو. سُٻتو. آپو - ڪڙو. ٺيڪ - برابر - درست - صحيح - پورو. بجا. ايماندار - سچو - صاف دل. صاف گو - بي رياءُ - سُٻتيو - راستباز - سچار. سولو - سڌرو - سريکو - پورو پورو. سادو - ساده دل. سهٹو - حسين - جميل - خوبصورت. هوشيار - قابل - ڏاهو - داناءُ - عاقل - سياڻو - سمجهو - سمجهه وارو.

جفاڪش ـ محنتي ـ چست ـ چالاڪ. پاڪ ـ صاف ـ نج ـ پوتر ـ چند ـ اڇو ـ اُجرو ـ اُجلو ـ اوجل ـ نجو ـ صفا. (حرف جر). سان ـ گڏ ـ سميت ـ جُملہ ـ ڪنو ـ مليل. تائين ـ هيستائين ـ جيستائين.

ـ سُوڏِيُ ۽ سُوڏِيُون: ث. سڏي ـ سنئين ـ اُپي ـ ڪڙي. درست ـ ٺيڪ ـ بجا ـ پوري ـ صحيح. (حرف جر). سان ـ گڏ.

ـ سُوڏِي ڏَڪَ تهي اڇَنُ: سنئين راهہ تي اڇڻ ـ گمراهي ڇڏڻ. سڇار ٿيڻ. حق پرستي اختيار ڪرڻ.

ـ سُوڏِيُ هَلَنُ: وهنوار ۾ ٺيڪ هلڻ ـ ڏي وٺ ۾ پورو هلڻ ـ رسم رواج ۾ ٺيڪ هلڻ.

● سُوڏُ پُوڏُ ۽ سُوڏُ پُوڏَ (ث): ذ. هوبهُو ـ ساڳيو ـ بجنسي ـ اصل اُن جهڙو ـ مشابهتي ـ نيس نيس.

● سُوُڏَرِيو ۽ سُوُڏَرِيا: ذ. [سن. سُ = چڱو + ڏريہ = رکڻ] دوست ڪندڙ ـ صحيح ڪندڙ ـ سنواريندڙ ـ اصلاح آڻيندڙ ـ ٺيڪ ڪندڙ ـ سُڌاريندڙ. ناهيندڙ ـ بنائيندڙ ـ جوڙيندڙ ـ خلقيندڙ ـ آباڻيندڙ ـ رچيندڙ. صاف ڪندڙ ـ اُجرو ڪندڙ ـ پاڪ ڪندڙ ـ پوتر ڪندڙ.

● سُوُڏِيتُ ۽ سُوُڏَيتَ (ت): ذ. تحقيق ـ پڪائي ـ سچائي ـ خامري ـ پڪ. ڪوجنا ـ ريسرچ ـ اِيجادُ.

● سُوڏو ۽ سُوڏا: ذ. ڪيڪڙي جو هڪ قسم.

● سُوڏا: ث. [الڳ. Soda = ڪار] ڪپڙن ڌوئڻ جي ڪار. پيٽ جي سُور جي لاءِ ڪرايندڙ هڪ تيز پاڻيءَ جو قسم. اريٽيڊ واٽر جو هڪ قسم. اسم خاص. سنڌ ۾ رهندڙ مسلمانن جي هڪ ذات.

ـ سُوڏا واٽَرُ: ذ. هڪ تيز پاڻيءَ جو قسم ـ سوڏا مان ٺاهيل ولايتي پاڻي.

● سُوڏاپُورُ: اسم خاص. تعلقي جيمس‌آباد ۾ ڪوٽ غلام‌محمد ۾ هڪ ديهہ. جو نالو.

● سُوڏاچار: اسم خاص. ٽر ۾ چيلهہ ڪان پنج ميل ڏکڻ طرف هڪ سرڪاري ناڪو.

● سُوڏاڻِيُ: اسم خاص. بلوچن جي هڪ ذات.

ـ سُوڏاڻِيُ ٽِيڻُ: لُڇُ ٽيڻ ـ بدمعاش ٽيڻ ـ اڙپنگ ٽيڻ. خوني ٽيڻ.

● سُوڏائِيُ: اسم خاص. ڪاري جي حصي ۾ رهندڙ ماڻهن جي هڪ ذات.

● سُوڏَرَ: اسم خاص. ٽر ۾ رهندڙ مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

● سُوڏِرُا: اسم خاص. خيرپور رياست ۾ رهندڙ مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

● سُوڏَڪِيُ: اسم خاص. تعلقي ڪوني يا ٽنڊي محمدخان ۽ تعلقي ميرپورخاص ۾ ديهن جا نالا.

● سُوڏَلَ ۽ سُوڏِلُونُ: ث. هڪ قسم جي لنڊڙي پيتي.

● سُوڏَلِ (ث): ث. ماتا جي بيماريءَ جو هڪ قسم (جنهن ۾ ماتا جا چٽا سڄي بدن تي ٽي هون).

● سُوڏَلُ ۽ سُوڏَلَ (ل): ذ. صفت. سوڏو ـ دوست ـ محبوب ـ يار ـ دلبر ـ سنگتي ـ سڄڻ ـ همسفر ـ پرين ـ پيارو ـ دل گهربو ـ معشوق ـ پريتم ـ پيتم ـ ساجن لالڻ ـ ديولبو ـ جاني. (اسم خاص). سوڏا تو ۾ جو هڪ فرد. سُومل جو مڙس. ميندرو ـ "راڻو سوڏو" ـ سومل راڻي جي ڪهاڻي جو هيرو.

ـ سُوڏُو ۽ سُوڏا: سوڏل.

● سُوڏِيُ: اسم خاص. تعلقي ڪشمور ۾ هڪ ديهہ. جو نالو.

● سُوَرَ ۽ سُوَرَ: ذ. [سن. سَوڪَر = سُوئَر] هڪ پليت جالور جو نالو ـ اگهوري ـ سُوئَرُ ـ سرو ـ سروُن ـ خنزير ـ حرامزاده ـ بدمعاش ـ شرير ـ لُچو ـ لُچ. حرڪتي ـ ڏِلڪو. گار طور استعمال ٿيندڙ لفظ. (ل)، ذ. صفت. [سن. س = چڱو + وَرُ = مڙس] پاڪيو ـ مڙد ـ سُڪيو ماڻهو ـ شاهوڪار ـ آسودو ـ خوشحال.

● سُوُرَ ۽ سُوُرونُ: ث. قرآن شريف جو هڪ پاڳو يا ٽُڪر ـ سُورة ـ سورت ـ سُوڙه (ل). (اسم خاص). ڪوهستان ۾ رهندڙ ماڻهن جي هڪ ذات جو نالو. تعلقي ديري محبت يا ماتاليءَ ۾ هڪ ديهہ. جو نالو.

Gul Hayat Institute

● سُورَ ۽ سُوءَ : ذ. [سن. سُوريہ = سج] سج - سورج - آفتاب - خورشيد - سيج. پنڌت - (ذ - صفت). نايڪ - پهلوان - غازي - بهادر - شجاع - ويرُ - رستم - دلير - شير - قوي. عالم - فاضل - داناءُ - ڏاهو - سياڻو - عاقل - عقلمند. [سن. شُول = تڪليف] تڪليف - درد - اهنج - ڏُک - پيڙا - رنج. جاکوڙ - ڪشالو - ڪشت. افسوس - ارمان - غم - الم. هار جهڻ وقت عورت کي ايندڙ ايذاءُ. بلڪل سُهڻو - گُلُ.

- سُورانِيجَنُ : سور ٿيڻ - سور ٿيڻ - اهنج اچڻ - ايذاءُ ٿيڻ - رنج ۾ هڻڻ - تمام گهڻو درد ٿيڻ - ڏکوئيندڙ - دردمند هڻڻ - سورائڻ - سورن ۾ اچي وڃڻ - مصيبت ۾ اچي وڃڻ. ڏکويل هجڻ - دلگير ٿيڻ - غمناڪ هجڻ - ملول ٿيڻ - ڏک جهڙو هجڻ - رنجيدهه هجڻ - غمگين ٿيڻ. پريشان ٿيڻ.

- سُورانِيُ : سورانجڻ. وَکَوَ ڪاٽڻ - ٻل ڪاٽڻ - ٻل ڏيڻ - ڦيرا ڪاٽڻ.

- سُورانِيَلُ ۽ سُورانِيَلَ (ت): ذ. سورانيو دردمند - ايذائيل - دردي - رنجيدهه - غمگين - ملول - ڏکويل.

- سُورانِيَلُ سُنهُنُ : ذ - صفت. غمگين شڪل - اداس - ملول ڏک پريو - ڏُجهارو - رُوٺهارڪو - رُٺلو.

- سُورانِيَلُ سُنهُنُ هُنُنُ : غمگين ڏسڻ ۾ اچڻ.

- سُورائُو ۽ سُورائا : ذ. صفت. سور وارو. درد وارو - ڏک وارو - ڏکارو.

- سُورائِيتُو ۽ سُورائِيتا : ذ - صفت. سوريتو - غمگين - دردِيلو - سُور وارو - ڏک وارو - درد وارو. (ث. سُورائِيتي ۽ سُورائِيتِيُونُ).

- سُورايَلُ ۽ سُورايَلَ (ل): ذ. دردن وارو - ڏکن وارو - سُوريتو - دردِيلو.

- سُورُ تَرَکُ : ڏک ڏسڻ - سور سهڻ - درد پسڻ.

- سُورَ تِيمَنُ : "ويم جا" سُور ٿيڻ "ويم جو وقت" ويجهو اچڻ - درد شروع ٿيڻ - ويم جو خيال ٿيڻ - عورت جو هار جهڻ جو ٽائيم ويجهو اچڻ - هٿ پير لهڻ جو وقت اچڻ.

- سُورُ ٿِيمَنُ : درد ٿيڻ - ايذاءُ اچڻ - تڪليف ٿيڻ.

- سُورُ پِيتَنُ : محنت ڪرڻ - ڪشالا ڪرڻ - جاکوڙا ڪرڻ - مشڪلاتون سهڻ - مصيبتون سهڻ - ڏاکڙا ڪيڏڻ - رُٺا پٽڻ.

- سُورَ پَچارَ ۽ سُورَ پَچارونُ : ث. ڏکن جون ڳالهيون - سورن جون ڳالهيون. عشق جي ماجرا.

- سُورُ پَچورُ ۽ سُورَ پَچورونُ : ث. سُورَ پچار.

- سُورُ پَوَنُ (ت): درد جاڳڻ. خيال ٿيڻ - ريجهڪ اچڻ - جُوجڪي اچڻ - پُور پوڻ. لالچ رکڻ - طمع رکڻ - لوڀ رکڻ.

- سُورُ پِيئَنُ : ڪاوڙ جهلڻ - غم سهڻ - تڪليف برداشت ڪرڻ - مصيبت سهڻ - تڪليف سهڻ. غم متائڻ.

- سُورُ رِجَنُ (ت): دردمند ٿيڻ - ڏکارو ٿيڻ - ڏجهاروٿيڻ - غمگين ٿيڻ - دردي ٿيڻ - سُورانتو هجڻ.

- سُورُ ڏَکاءُ (ت): ذ. سُورج ڏکاءُ - مُئل ماڻهو جي قبر تي ڏينهن ساڏهه وڃي ختمو درود ڪرڻ جي رسم - قل.

- سُورُ سِرانْدِيُ ٿِيَنُ : ڏک آڏو ٿيڻ - مصيبت ۾ ڦاسڻ - غم ۾ گرفتار ٿيڻ. مشڪلاتن ۾ پوڻ - دردن ۾ ڦاسڻ.

- سُورَ طَبِيبُ ۽ سُورَ طَبِيبَ : ذ. سور لاهڻ وارو - درد دفع ڪرڻ وارو.

- سُورَنُ ۽ سُورَنَ (ل): ذ. چوپائي مال کي ويامڻ وقت ايذاءُ اچڻ - درد ٿيڻ - سُور لڳڻ - تڪليف آهڻ.

- سُورَنُنُ : حرف جر. سور جي ڪري - سور سبب - ڏک وچان.

- سُورِياٿِيُ ۽ سُورِياٿِيُونُ (ل): ث. هار چڙهائڻ واري - دائي - آيا.

- سُورِيتُو ۽ سُورِيتا : ذ. صفت. سورائتو - درد وارو - دردي - غم وارو - غمگين - ڏک وارو - ڏکارو - دردِيلو - ڏکويل - مضطر - ڏجهارو - سُوريو.

Gul-Hayat Institute

- سُورِيو ۽ سُورِيا (ل): ذ. صفت. سُورَ وارو - سوريتو سوراڻتو.
● سُورا: اسم خاص. ڪاري هِ رهندڙ مائڻن جي هڪ ذات جو نالو.
● سُورائِي (ل - ڪ): اسم خاص. هڪ گاهه جو قسم.
● سُوراجُ ۽ سُوراجَ: ذ. [سن سَوراجيه: سُوَ - پنهنجو + راجيه = راج] پنهنجو راج - آپشاهي - خود حڪومت - خود مختياري - سيلف گورنمينٽ - ڏيهي راج - آزاد حڪومت - سوراج.
- سُوراجُ ۽ سُوراجَ: ذ. سوراج.
● سُوراچَنڊ: اسم خاص. تعلقي ننگرهارڪر هِ هڪ ديهه جو نالو.
● سُوراخُ ۽ سُوراخَ: ذ. [ف. سوراخ = ٽنگ] ٽنگ - ڪُڙڪ - سَلُ - ڇيد. روزن - رخنه - دَرَزَ - دَرُ - ڏرو - گهپو. سوري - پورُ - خال. مقعد - گدياڻ.
- سُوراخُ پَرَنُ: ٽنگ پرڻ - درز پرڻ - ڇيد پرڻ - خال پرڻ.
- سُوراخيدارُ ۽ سُوراخِدارَ: ذ. [ف. سوراخ + دار = وارو] ٽنگ وارو - دروازو.
- سُوراخُ ڪَرَنُ: ٽنگ ڪرڻ - ڇيد ڪرڻ.
● سُورارو ۽ سُورارا (ث): ذ. صفت. بختاور - خوش نصيب - بخت وارو - سدورو - پاڳن پريو - سدا ٿورو - سياڻو - نيڪ بخت.
● سُوراڪَ ۽ سُوراڪُونُ: ث. (ع). سنڊو درياءَ هِ هلندڙ هڪ قديم زماني جي پيڙي.
● سُورانگَنَ ۽ سُورانگنُونُ (ل): ث. سُوڙ - رضائي - لِحافَ.
● سُورانگهَنُ: مصدر. اورانگهڻ سان گڏ استعمال ٿيندڙ لفظ - ورانگهڻ مٽان وِڪ پرڻ. "چڪيم چگائي سُورانگهي سُوريءَ تان" (شاهه).
* سُوراڻِي: اسم خاص. بلوچن جو هڪ قبيلو.
● سُورَبَ ۽ سُورَبُونُ: اسم خاص. هڪ ٻُوٽيءَ جي ميراڻجهڙي رنگ تي ناڙي مُرڻي هِ ڪم ايندڙ.

* سُورَبِيرُ ۽ سُورَبِيرَ: ذ. صفت. [سن. سوريه = بهادر] سُورو - سُورَ - بهادر - سُورمو - بانڪو - قوي - دلير - ورنهه - پهلوان - ويرو - برجستو.
● سُورَتَ ۽ سُورَتُونُ: ث. (ع. سُوره) قرآن شريف جو ڪوبه باب يا حصو - سُورة - سُورَ.
● سُورَتُ: اسم خاص. [سن. سوراشٽر] هڪ علائقي هِ شهر جو نالو، انگريزن جي اوائلي واپار جي اوائلي ڪوٺيءَ وارو شهر.
● سُورِ تِي ۽ سُورِ تِيُونُ (ل): ث. (پورچوگيز = سورتَ) شرط - لاٽري - قسمت آزمائي. (اسم خاص). هڪ گاهه ۽ گل جو قسم.
● سُورِنُ: ث. اسم خاص. [سن. سوراشٽر = (۱) نالو هڪ راڳڻي جو (۲) نالو هڪ عورت جو] هڪ راڳڻيءَ جو نالو - سينگهه راڳ جي هڪ شاخ. راءِ ڏياچ جي زال - هڪ قديم راڻيءَ جو نالو. اولهه پارت هِ هڪ علائقي جو نالو. سُورت. ث. صفت. سُهڻي - حَسين - خوبصورت.
- سُورِنِيو ۽ سُورِنِيا: ذ. سورٺ سُرَ جي ڳائڻ وارا. مڱٺهار - ڀنو - فقير - گداگر - منگتو - بيڪاري.
● سُورَجُ ۽ سُورَجَ: ذ. [سن. سُورُيه = سج] سج - شمس - آفتاب - خورشيد. آس - سج جي روشني - تيڙڪو - ڪاڙهو. (اسم خاص). هڪ گل جو قسم، سورج مُکي.
- سُورَجُ بَنَسِي: اسم خاص. [سن. سوريه + ونش = اولاد] سج جو اولاد سڏائيندڙ. راجپوتن جو هڪ فرقو - راجپوتن جو سورج کهيراڻو - سورج ولسي.
- سُورَجَ سَنَسارُ: ذ. [سن. سوريه + سنسار = جهان] نظام شمسي - سورج منڊل.
- سُورَجُ سَنَڪيرات: ذ. [سن. سوريه + سم = گڏ + ڪرم = هلڻ] سج جي هڪ برج مان ٻي برج هِ وڃڻ واري حالت - تحويل آفتاب.

Gul Hayat Institute

= سُورَجُ گرهَنُ ؛ ث. [سن. سوريه + گرهن = گرفتاري - پڪڙ] سج گرهڻ - ڪسوف - گرفتگيءَ آفتاب - سج جي جهلڻ جي حالت.

= سُورَجُ گُلُ ؛ ذ. [سن. سوريه + ف. گل] گل جو هڪ قسم - سورج منبل.

= سُورَجُ مُکِيُ ؛ اسم خاص. گل جو هڪ قسم - سورج گُل - سورج منبل - هڪ قسم جو همیشه سج ڏانهن منهن ڪندڙ گُل. ٽري پرت جو هڪ نمونو، سورج مکي گل جي نموني تي.

= سُورَجُ مُکِيُ گَجُ (ث) ؛ ذ. هڪ قسم جو پرت پريل گج، صرف ٽِڪَڻ ءِ پرت جي گلڪارين سان.

= سُورَجُ مَنڈَلُ ؛ ذ. شمسي ڏنهه - شمسي پردو - دائرو - پيڙُ - نظام شمسي - سورج سمپردايه - سج جي چوڌاري ڦرندڙ گرهَ. گل جو هڪ قسم. سورج مُکي - سورج گل.

= سُورَجُ مَنڈَلِيُ ؛ ث. سورج منبل - نظام شمسي.

= سُورُجُ وَنُ ۽ سُورَجَ وَنَ ؛ ذ. سج جهڙو سهڻو - ڏاڍا وارو - چمڪندڙ - تجليدار - پيڪيدار.

= سُورَجَ وَنُسِيُ ؛ ذ. [سن. سوريه + ونش = اولاد] سج جو اولاد. هندن جو هڪ مکيه گهراڻو - سورج ونسي. ۽ سُورُجُ ونسي ؛ ذ. صفت. لاهين - آندو.

= سُورَجُ وِلاسُ ؛ اسم خاص. هندن جي هڪ بادشاهي گهراڻي جو نالو.

= سُورَجُ وَنسِيُ ؛ ذ. سورج وَنسِيُ خاندان جو راجا. سورج بنسيُ.

● سُورِجا ؛ اسم خاص. هڪ گل جو قسم - سُورجاڻ جو گُلُ.

● سُورِجاڻِ ؛ اسم خاص. هڪ قسم جو پساريڪو وڪر.

● سُورِجاڻِيُ ؛ اسم خاص. ڪتيئر ٽبر جبل ۾ هڪ ٽِڪُ جو نالو. تعلقي گولين يا ٽنبڊي محمد خان تعلقي سجاول ۾ ديهن جا نالا.

● سُورُ داسُ ۽ سُورِ داسَ ؛ ذ. صفت. لاهين - الله وٺ - نابينا - اکين کان ويڻل. (اسم خاص). هڪ انڌي هندو شاعر ۽ گوَيي جو نالو - پڳت سُورداس.

● سُورَشَ ۽ سُورَشُونُ ؛ ث. [ف. شورش < شوريدن = بغاوت ڪرڻ]. شورش - ڦڙڦوٽ - ڇڪ - گوڙ - ڏمچر - هَنبَسُ - هُلَڙ - لڙ - شور - مالڏاڙو - مانڊاڻ.

● سُورَگَ ۽ سُورَگَ ؛ ذ. سن. سُورَگ = بهشت] ديوتائن جي رهڻ جي جاءِ - اندرلوڪ. جنت - بهشت - فردوس - سرگ. آڪاس - پهريون آسمان. ٻيو جهان - هُو دنيا.

● سُورِ گَرُ ؛ اسم خاص. ڪوهستان ۾ هڪ ٽِڪُ جو نالو.

● سُورَگَ ۽ سُورَگَ ؛ ذ. [سن. سُورَگ = بهشت]. بهشت - سرگ - سُورگ - فردوس - جنت.

= سُورَگَ پِتا ؛ ذ. [سن. سُورگ + هند. پتا = پيءُ] بهشت جو پيءُ - نڊ ڏسڻ جهڙي هستي جو مظهر.

● سُورَ سُوءَ ۽ سُورِما ؛ ذ. صفت. [سن. شُورَ = پهلوان - بهادر - غازي - سورهيه - سُورو - سُورَ - جوڌو - شجاع - رستم - دلير - بَلبيُ - پلوان - ڪوپو - گوڏو - پلياڙو - قوي - همتوان - ويڙهو.

= سُورِماڙُ ۽ سُورِماڙا ؛ ذ. صفت. سورمي جو - سورمي وارو - بهادر جو - پهلوان جو - بهادراڙو.

= سُورِمائيُ ۽ سُورِمائِيُونُ ؛ ث. پهلواني - بهادري - همٿ - پلواني - دليري - جُونجهارپَ.

● سُورَنُيَ ۽ سُورَنُيُونُ (ل) ؛ ث. مزو - لطف - ساءُ - رَسُ - رَسنا - چش - چشکو - وِنڊنا.

● سُورَنجان ؛ اسم خاص. (هـ). هڪ دوا جو قسم.

= سُورَنجان شِيرِيُن ؛ ث. سورنجان جو هڪ قسم.

● سُورَنُ ؛ مصدر. [سن. سِر = سَرنُ]. چورڻ - هڪ هنڌان ڪٽي ٻئي هنڌ رکڻ - سيرڻ - هلائڻ - سَرڪائڻ - ريڙهڻ - هٽائڻ - کسڪائڻ - ترڪائڻ -

Gul Hayat Institute

ريڑهو ڈهارڻ ـ کسکو کارائڻ مٽي ڪرڻ (وٽ بٽيءَ جي) ـ چاڑهڻ ـ کشڻ. ٻوهارڻ ـ ٻهارڻ ـ صاف ڪرڻ ـ چنبڙڻ ـ ميڙڻ ـ گڏ ڪرڻ ـ صفائي ڪرڻ. مٽو ڪوڙڻ ـ حجامت ڪرائڻ. اوزار ـ پاڪي.

ـ سُورَ ۽ سُوروُنْ: ث. حرڪت ـ چُرپُر ـ تحرڪ ـ جنبش ـ وڌو ـ لوڏو. ريڑهو ـ کسکو ـ کسکو ـ ٿورَ ـ سيرو.

ـ سُورَنِ ۽ سُورِٽِيُونْ (ل): ث. وارن لاهڻ جو اوزار ـ پاڪي ـ اُسترو.

● سُورُڻِ: ث. [سن. سورَڻ] پاڃيءَ جو هڪ قسم. هڪ ول جو قسم.

● سُورُوْ ۽ سُوَرا: (ل ـ ث): ذ. سُٻتو ـ ساڃو ـ پاسو ـ سنڌون پاسو ـ سُوڌو پاسو ـ ساڃو هٿ.

● سُورُوُ ۽ سُوُرا: ذ. صفت. [سن. شُوُرُ = پهلوان] بهادر ـ بَلِيُ ـ پهلوان ـ جوڌو ـ جونجهارُ ـ سورهيه ـ سورمو ـ دليو ـ وِيُرُ ـ طاقت وارو ـ غازي ـ ويڙهو ـ جُوان ـ بلوان ـ بلياروـ قوي ـ جُنگ ـ راڻوڙ ـ همٿوان ـ همٿيريو. الدو ـ لابين ـ نابينا ـ سورداس.

● سُورَهَ ۽ سُورَهُنْ: ث. (ع) قرآن شريف جي ۱۱۴ باب مان هڪ باب ـ سورت ـ سُوڙهه.

ـ سُوُرَهَ اخْلاصُ: اسم خاص. قرآن شريف جي هڪ سورت ـ قُل هو اللّٰه واري سورت.

ـ سُورَهَ تَبارَكُ: اسم خاص. قرآن شريف جي هڪ عزت واري سورت جو نالو ـ ۲۹ پاري جي شروع واري سورت.

ـ سُورَهَ اِسراءِ: اسم خاص. قرآن مجيد جي ۱۵ پاري جي سورت جو نالو.

ـ سُورَهَ لُوُرُ: اسم خاص. قرآن شريف جي ۱۸ پاري ۾ مؤمن صورت جي بعد ۾ آيل سورت جو نالو، مدينه منور ۾ نازل ٿيل.

ـ سُورَهَ يٰسينْ: اسم خاص. قرآن شريف جي هڪ مشهور سورت جو نالو ـ مرڻ وقت بيمار ماڻهو کي پڙهي ٻڌائڻ واري سورت.

● سُوُرِهُ ۽ سُوُرِهَ: ذ. صفت. [سن. شُوُرَ = پهلوان] بهادر ـ سورمون. وِيُر ـ پهلوان ـ هيئاتو ـ دليو ـ دِل وارو ـ جونجهارُ ـ طاقت وارو ـ سورهيه ـ جوڌو ـ غازي ـ ويڙهو ـ ڪُوهو ـ ڪُوڙو ـ سُور وِيُرُ ـ مڙس ماڻهو ـ جُرئت وارو ـ چاتيءَ وارو ـ همٿيريو ـ همٿ وان ـ همٿي ـ بي ڊپو ـ بلوان ـ بَلِيُ ـ بلياروـ.

ـ سُورِهاڙو ۽ سُورِهاڙا: ذ. صفت. پهلوالي وارو ـ پهلوان جو ـ سُورهيه جو ـ بهادراڙو ـ دليريءَ جو ـ همٿ وارو ـ سورمائو.

ـ سُورِهائِيُ ۽ سُورِهائِيُونْ: ث. دليري ـ پهلواني ـ بهادري ـ شجاعت ـ مڙسي ـ بَلُ. طاقت ـ همٿ ـ همت ـ سُورهيائي ـ سورمائي ـ شهه زورائي ـ بي ڊپائي ـ جگر. رڻ آستاهي ـ بَراکِيرُ.

ـ سُورِهيهَ ۽ سُوُرِهيَهَ: ذ. بهادر ـ دليسر ـ پهلوان ـ همٿ پريو ـ همت وارو ـ جوڌو ـ جانڙو ـ قوي ـ ويرُ ـ شير مرد ـ بلوان ـ بَلِيُ ـ بلياروـ سورمُون.

ـ سُورِهيائِيُ ۽ سُوُرِهيائِيُونْ: ث. بهادري ـ دليري ـ سورمائي ـ پهلوالي ـ مڙسي ـ همٿ ـ بلواني ـ جونجهارپ ـ سُورِمتا ـ شجاعت ـ سُورِهيائپ.

● سورَ هَنْڌِيُ: اسم خاص. تعلقي گوني يا ٽنڊي محمد خان ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● سورهَنْ: صفت. [سن. شودَش = سورهن] ڪٽڻ جو هڪ انگ ـ چهن ايڪن ۾ هڪ ڏهاڪي وارو هڪ انگ ۱۶.

ـ سورَهَنْ آنا: ظرف. بالڪل ـ ٺيڪ ـ پورو ـ مڪمل.

ـ سورَهَنْ آنا سچ هُئڻُ: بالڪل سچ هئڻ.

ـ سورَهَنْ آنا هُئڻُ: ٺيڪ هئڻ ـ سچ هئڻ ـ تحقيق هجڻ ـ پڪ هجڻ ـ خاطري هجڻ.

ـ سورَهَنْ سَنَڪارَ: ذ. هندن جون ڏرمي ريتون ۽ رسمون ـ مذهبي رواج.

ـ سورَهَنْ سينگارَ: ذ. هندستان جي عورتن جا سورهن قسمن جي زيب ۽ زينت جا ساڌن ـ عورت جي سينگار جون سورهن شيون (تفصيل: ڏسو. سينگار).

Gul Hayat Institute

= سورهو: ذ. وڏهي ڪان ٿورو ٽلهو سٽ.
= سورَهُونُ: ذ. صفت. درجي ۾ سورهون- سورهن سان پڇاڙيءَ وارو- ۱۵ ڪان پوءِ ايندڙ نمبر وارو. (ث. سورهيُن).
● سُورَ هَنڌِي: اسم خاص. تعلقي ديري محبت ۽ ماڻليءَ ۾ هڪ ڏيهه جو نالو.
● سورهيو: ذ. سورهن آنڌ حرامي.
● سورِيءُ ۽ سورِيُونُ (ت): ث. [سن. شُول= ڏاهي. درد] قاسي- ڏاهي- سُولِيُ- ڏنڊو- ڏاگهه- دام. صليب. موت جي سزا- قتلام- مَوتُ. بيماريءَ جو هڪ قسم- ڪاڪوس ۾ رَتُ- پُورُ- پڇش- پيچ- رَتُ پُور. (اسم خاص). هڪ گل جو نالو. افغانن جي هڪ ذات جو نالو. "شير شاهه سوري". هڪ دال جو قسم- مَسُور- مُهُر- سُهَرِيُ.
= سُورِيءَ تپي نِينڊَ آچَنُ: ڪٿي نه هجڻ- ڪوبه آلڪو نه هجڻ- بي انتظار هجڻ- بنان اوسيڙي جي هجڻ- ڪوبه فڪر نه هجڻ- بي اولائي هجڻ.
= سُورِيُ پَوَنُ (ت): پيت ۾ ورڻيُ پوڻ- ساڙُ اچڻ- حسد ٿيڻ- بغض ٿيڻ- ڪينو ٿيڻ- جلڻ ٿيڻ- پچر ٿيڻ- پچ ٿيڻ.
= سُورِيءَ چاڙهَنُ: قاسي ڏيڻ- ڏاهي چاڙهڻ- گهيرڻ- ڏنگڻ- لتاڪڻ. صليب تي چاڙهڻ. موت جي سزا ڏيڻ. مصيبت ۾ آڻڻ.
= سُورِيءِ مانُ ڪَنڊُو ٿيڻُ: مهالگو ٿيڻ- اڻ لپ ٿيڻ.
● سورِيچا: اسم خاص. سَزاري بلوچن جو هڪ قبيلو.
● سُورِيُندَلُ ۽ سُورِيندَلَ (ل): ذ. [من. سير= چرڻ] سُوريندڙ- ريڙهيندڙ- ريڙهو ڪندڙ- سُيرو ڪندڙ.
● سُورِينگهه (ڪ): هڪ گاهه جو نالو.
● سوَرُ ۽ سَوَرُونُ: ث. [سن. (۱) سَ= سان+ رو= ڪهه (۲) سيوَ= سيڻ+ رو= ڪهه] رِليءَ جو هڪ قسم- ٽُلهي ۽ ڪهه ٻيل رَلي- رضائي- پٽرائي- پٽرڻي- چيري.
= سَوَرِ آهَرِ پيرَ ڀِ ڪهارَنُ: پيدائش آهر خرچ ڪرڻ- آپت سارو ڪپت ڪرڻ- ڪمائي سارو خرچ ڪرڻ.
= سَوَرِ ساروُ پيرُ ڪَنڊَنُ: آپت سارو خرچ ڪرڻ- پچندي ۽ آهر خرچ ڪرڻ.
= سَوَرِ ۾ چُهينڊِڙِيُونُ پائيڙُ: زال جو محتاج ٿيڻ- زال جو مچو ٿيڻ. زال کي منٽ ڪرڻ.
● سُوڙُ ۽ سُوڙُ (ڪ): ذ. پٽر جو هڪ قسم.
● سُوڙانُ (ت): ذ. پيُر جا ڪنڌا.
● سوڙاهَ: اسم خاص. تعلقي ڪشمور ۾ هڪ ڏيهه جو نالو.
● سُوڙو ۽ سوڙا: ذ. صفت. سوڙهو- تنگ. پريشان- عاجز.
"سوين اچي سموند ۾ ٽيا سيٽايا سوڙا"
(شاهه).
● سُوَڙُو ۽ سُوَڙا: ذ. صفت. [سن. سُ= چڱو+ وَره= آسيس] وڙائتو- وڙ وارو- چڱن وڙن وارو- ڪٽائتو- ڪُٽائتو- ڪٽوان- سالهه وارو- سُرت وارو- سمجهه وارو- حيا وارو- شرم وارو- لڄ وارو. مهربان. نيڪبخت- پاڳوارو- پاڳوان- پاڳيو- سَس وَرُو. غيرتمند- غيور.
● سُوڙُو ۽ سُوڙا (ڪچ): ذ. طوطو- سِئُو- چَٽون. (اسم خاص). اولهه آتر جي هَوا.
● سُوڙَهَ ۽ سُوڙَهُونُ: ث [سن. سنڪٽ= تنگي- مشڪلات] تنگي- سنگوڙ- ڪُهت. ڳاهت- تڙپڙ- پيهَ. تنگدستي- سقيم حالت- پسي جي سوڙهه- لاچاري حالت- ڪهتائي- ٿورائي- ڪوتاهي- تنگ دلي- تنگ حالي. مشڪلات- ڏکيائي- تڪليف- مصيبت- پريشاني. مهانگائي- ڏُڪارُ- ڏُڪَرُ- افلاس. گهرج- ڪاپو- محتاجي- ضرورت- ڪپ. مونجهه- مونجهائي- دل تي بار ٿيڻ واري حالت.
= سُوڙَهاڪَ ۽ سُوڙَهاڪُونُ: ث. جاءِ جي تنگي- سوڙهه. ڳاهتائي- ڳاهه. اڻ لالڪهو-

Gul Hayat Institute

● شايِستگي ۽ شايِسْتگيُون: ث. درستي - تهذيب - قابليت - لياقت - خوش خلقي - اخلاق - آدميت - انسانيت.
● شايع: ذ. صفت. (ع. شاع = ظاهر ڪرڻ) پڌرو - ظاهر - ڪليل. ڳجهه ڪوليو - پڌرو ڪيو - ڦٽڪ ڦاڙيو. جاري ڪيو.
● شايِق ۽ شايَقَ: ذ. صفت. (ع). شوقين - خواهشمند - چاهُو - سڏائتو - خواهانَ - اچاوان - خواهن - آڪنڊير - آنڌر.
● شَبُ: ث. (ف). سج لهڻ کان سج آپرڻ وارو عرصو - رات - رَيْن - رَجِنِي - لَيل - تنگي - تامِني.
- شَبِ باشُ: ذ. صفت. (ف. شب + باش > بودن = هئڻ) رات رهندڙ - رهڻ وارو - رات بَسر ڪندڙ.
- شَبِ باشي: ث. رات گذرڻ جي حالت - رات جو قيام.
- شَبِ بَخَيْرُ: جملو. (ف. شب + ب = سان + خير = چڱو) رات جي دعا - رات خير سان گذري.
- شَبِ بَراتِ ۽ شَبِ بَراتُون: ث. خوشيءَ جي رات. (ماه شعبان جي ١٥ تاريخ رات، جنهن ۾ ملائڪ رزق ۽ عمر، اللهه جي حڪم سان لکندا آهن.
- شَبِ بيدارُ: ذ. صفت. (ف. شب + بيدار = سجاڳ) رات جو اٿندڙ - رات جو جاڳندڙ - سڄي رات عبادت ڪندڙ.
- شَبِ بيداري: ث. رات جو جاڳڻ جي حالت - سڄي رات عبادت ڪرڻ واري حالت.
- شَبِ تارُ: ث. آنڌائي رات - ڪاري رات.
- شَبِ تاريڪ: ث. (ف. شب + تاريڪ = اولداهو) انڌيري رات - اونداهي رات - ڪاري رات.

Gul Hayat Institute

= شَبِ خُوابِيْ: ث. [ف. شب + خوابي > خواب > خفتن = سمهڻ] رات جو سمهڻ جي حالت. رات جو سمهڻ وقت پائل پوشاڪ.

= شَبْخورُ ~ شَبْخورَ: ذ. صفت. [ف. شب + خور > خوردن = کائڻ] رات جو نہ ڏسندڙ- رات جو انڌو. گھوڙن جو اصطلاح. رات جو نہ ڏسندڙ (گھوڙو).

= شَبِ خُونْ: ذ. [ف. شب + خون = رت] رات جي وقت ڪيل خُون- رات جو قتل. رات جو حملو- راتاھو.

= شَبِ روزْ: ظرف. [ف. شب + روز = ڏينھن] رات ڏينھن- ليل وَ نھار.

= شَبِسْتانْ ~ شَبِسْتانَ: ذ. [ف. شب + آستان = جاءِ- ھنڌ] رات ڪٹڻ جي جاءِ- رات جو سمهڻ جي جاءِ. خلوت گاھ- خواب گاھ.

= شَبِ قَدْرْ: ث. [ف. شب + ع. قدر = وڏائي] عزت ۽ عظمت واري رات- سگھوري رات. قرآن شريف نازل ٿيڻ واري رات (رمضان شريف جي ٢٧ تاريخ جي رات).

= شَبْ کُورْ ~ شَبْ کُورَ: ذ. صفت. [ف. شب + کور = انڌو] رات جو نہ ڏسي سگھندڙ- رات جو انڌو.

= شَبْ کُورِيْ: ث. رات جو نہ ڏسي سگھڻ جي حالت- رات الڏائي.

= شَبْ گُونْ: ذ. [ف. شب + گون = رنگ وارو] رات جي رنگ وارو- ڪارو.

= شَبِ وِصالْ: ث. [ف. شب + ع. وصال > وَصل = ملڻ] معشوق سان ملڻ واري رات- سھاڳ جي رات- ملاقات جي رات. اھا رات جنھن ۾ ڪنھن عارف باللہ جو لاڏاٽو ٿيو ھجي.

= شَبِ وَصْلْ: ث. شبِ وِصال.

● شَبْ ~ شَبَ: ذ. ڪُجھ- پردو- پيد- مَنجھہ- اڌ- راز- سِرُ- پھيتُ- وِچُ. ٻلوڙو- چِڪَ- اونو- ڏَڪُ- اوت. عزت- آبرو- سَنڀاڻ.

= شَبْ رَکَنْ: راز لڪائڻ- ڪجھ ظاھر نہ ڪرڻ- پردو رکڻ- ڏَڪُ رکڻ.

= شَبْ کَرَنْ: شب رکڻ- پردو رکڻ- ڏَڪُ رکڻ.

= شَبَ ۾ رَکَنْ: ڪجھ ۾ رکڻ- لڪائڻ- پردو ڏيڻ- ڪنھن راز کي لڪائڻ- ڏَڪ ڏيڻ- راز کي راز ۾ رکڻ (لڪايل ڳالھ).

● شَبابْ ~ شَبابَ: ذ. [ف. ع. شَبْ = جوان ٿيڻ] ھر ڪنھن شيءِ جي ابتدا- آغاز- شروعات. جواني جو زمانو- جوانيِ- جوبن- گيروبن- لاساريِ.

● شَبانْ ~ شَبانَ: ذ. صفت. (ف). ڏڻ جو راکو- ڏاڙو- ڏار- ڏَراڙْ.

● شَباھَتْ ~ شَباھَتُونْ: ث. [ف. شباھت > ع. شبھہ = جھڙوبنائڻ] شڪل- شبيھہ- صورت. رونق- روپ. مشابھت- مطابقت- ھڪجھڙائي.

● شَبْدْ ~ شَبَدْ: ذ. (سن. شَبَدْ = چوٽي) آواز- صدا. سُر. اکر- لفظ. جملو. چَوَڪي- چَوَڪَ- چيل شعر. شعر جو ٽڪر- ھاواٽي- ھاڻي- بيت- ڏوھيڙو. راڳ. ڇند- ڪيرتن وغيره. نصيحت واري چوٽي- ٻول- وچن- آھديش- ھند- نصيحت. نڪتہ شعر ۾ بيان ڪيل.

= شَبْدْ ارتْ: ذ. بيت جو مطلب- شعر جو مطلب.

= شَبْدْ چِيدْ: ذ. شعر جي ترڪيب.

= شَبْدْ ساڌَنْ: ذ. لفظن جو بنياد- ڌاتو- صرف- اشتقاق.

= شَبْدْ کوشْ: ذ. لفظن جي معنيٰ جو ڪتاب- لُغت- ڊڪشنري.

● شَبْکُوْ ~ شَبْکا: ذ. سوئارن جي اصطلاح ۾ سون تي آڪر جو ڪم- ڪُھن تي چَل جو ڪم. سون کي جامٽريءَ جي شڪلين ۾ ورھاست ڪرڻ. انھن ۾ چتسالي ۽ جو ڪم.

= شَبْکِيدارْ ~ شَبْکِيدارَ: ذ. صفت. ڇڇڻي وارو سھڙو- مزيدار- وٽندڙ.

● شَبْكُورَ: اسم خاص. (ع). هڪ ذات جولالو.
● شِبْلِيُ: اسم خاص. (ع). هڪ مشهور عالم جو لالو.
● شَبْنَمُ ۽ شَبْنَمُونُ: ث. [ف. شَبْ = رات + نَمُ = آلاڻ] ماڪَ - وِلَهُ - اوس - مات. ڪپڙي جو هڪ قسم - شَبْنَمُ - مَلمل.
● شَبْنِما: ذ. ڪپڙي جو هڪ قسم.
● شَبُّو: ذ. (ف). گل جو هڪ قسم (Tuberose).
● شُبهُ ۽ شُبا: ذ. (ع. شُبْهَهُ = شَڪُ) شَڪُ - گمان - شُبهه. وهم - وَسوَسو - پِرم - سنسو - لاويساهي - ڇِڪتائي - شُبهو.
● شُبْهَهُ: ذ. شڪ.
- شُبْهَهُ ڪَرَنُ: شڪ آڻڻ - بدگماني ڪرڻ - گمان آڻڻ.
- شُبْهَهُ هُنَنُ: گمان هڻڻ - شَڪ هُڻڻ - بي ويساهي هڻڻ.
- شُبْهُو ۽ شُبْهَا: ذ. (ع) گمان - شَڪُ - وَهم - شبو - شُبْهَهُ.
● شَبِيهُ ۽ شَبِيهُونُ: ث. (ع. شبيه > شبه = جهڙو بنائڻ) شَڪل - صورت - آڪارَ - رُوپُ - مُهالُدو. ڍُول. نمولو - وَنَگُ - دستور - وڏي - گهاڙ. چِٽُ - تصوير.
● شَپُ ۽ شَپَ: ذ. (سن. شَپ = سڏو) چڱو - سڏو - سَعِيدُ. سهڻو - مرغوب - وٺندڙ - من مهڻو - بهترين - شاندار. روشن - چمڪندڙ. قسمت وارو - نصيبُدار - خوش.
● شتَ (ڪ): ظرف. (ف. شايد = مبادا) شايد - مبادا - متان.
● شِتابُ ۽ شِتابَ: ظرف. (ف). تڪڙو - جلد - جلدي - يڪدم - لَڙ ۾ - تڪڙ ۾ - لَهَهُ قَهَهُ - ترت - جهتَ پَتَ - فوراً. (ث. ذ). تَعجِيلُ - تڪڙ - اُهرائي. آترويلا - تاهوتَ - سگهائي - سيگهه - جلدائيُ.
- شِتابِيُ ۽ شِتابِيُونُ: ث. اُهرائيُ - تڪڙ - تَعجِيلَ - تيزيُ - جلدائي - چوٽ - سيگهه - قوتائيُ. گهبراهٽ. بي صبري - اضطرابي.
● شَتاهَ ۽ شَتاهُونُ (ت): ث. چالاڪ عورت.
● شُتُرُ ۽ شُتُرَ: ذ. (ف). اُٺُ - ڏاڪهو - ڪرهو - لهڙو - توڏو - مَيو - جَمل - چانگهو.
- شُتُرُبانُ ۽ شُتُرْبانَ: ذ. (ف. شتر + بان - وان = وارو) اُٺ وارو - اوني. اُٺ جو نگهبان. اُٺ هلائيندڙ - ساربان.
- شُتُرُبانيُ ۽ شُتُرَبانيُونُ: ث. اُٺ هلائڻ جو ڪم - ساربانيُ.
- شُتُرَ بِي مَهارِ: ذ. صفت. مهارن ڪانسواءِ اُٺ - ناڪيلي ڪانسواءِ اُٺ. آزاد - خود مختيار. پنهنجي مرضيءَ تي هلندڙ.
- شُتُرُ بِي مَهارِ هُنَنُ: اُٺ جو مَهار ڪانسواءِ هُجڻ - بنا ناڪيلي جي اُٺ هُجڻ. چڙواڳ - هجڻ - آزاد هجڻ - چَوڻ چائڻ وارو نه هُجڻ.
- شُتُرُ سُوارُ ۽ شُتُرَ سُوارَ: ذ. صفت. اُٺ جو سوار - اُٺ هلائيندڙ - جَتُ.
- شُتُرُ مُرْغُ: ذ. (ف. شتر + مرغ = پکي) پکيءَ جو هڪ قسم - اُٺ پکي. آفريڪا ۽ عربستان جي رڻ ۾ رهندڙ هڪ وڏو پکي. (هي پکي اصل عربستان ۽ آفريڪا جو رهاڪو آهي اهو لالو هن ڪري مليو اٿس جو هُو شڪل قد ۽ پيرن ۾ اُٺ جهڙو آهي. ٢- اُٺ والگر گرم ۽ واريائي بيابان ۾ گذاري ٿو. ڇهن ڪان نَوَن فوٽن تائين ڏکهو ٿئي ٿو. هن جا ڪنب تمار سهڻا ۽ قيمتي آهن ۽ ٻوٻين ۾ ڪم اينداآهن).
- شُتُرُوانُ ۽ شُتُروانَ: ذ. شتربان.
- شُتِيرو ۽ شُتِيرا (ت): ذ. صفت. اُٺ جهڙو. بي حياءُ - بي شرم - بي ڏِيدو - اڪين اچو. (ذ). ڏاند جو هڪ قسم - وڏن ۽ ڪُنڊين سيگن وارو ڏاند.
● شَتِيرُو ۽ شَتِيرُو: ذ. صفت. (سن. شَتْرُهُ = دشمن) دشمن - وِيرِيُ - رپ - ورودي - ڏُجڻ.
● شَتَكو ۽ شَتَكا (ڪ): ذ. ڪٿي اڇ وچ - ڊوڙ ڊُڪَ - ڊوڙ پاڇ.

● شَبْ: صفت. (ف). جلد ـ شِتاب ـ جهت ـ يكدر.
ـ شَبْ شَبْ: ظرف. جهت پَت ـ يكدر.
● شُبْ ۽ شَبَ (ل): ذ. مُنْهُن ـ هوت ـ شَكل.
● شَباكو ۽ شَباكا (ل): ذ. هكيءَ جو هك قسم.
● شَپيڑَنْ (ك): مصدر. سُكَنْ ـ كومائجڻ. سُسَنْ. هيسجَنْ.
● شَبْ شَبْ: ذ. (آواز) آواز جو هك قسم ـ ڦهه ڦهه. كنهن شيءَ سان لاڳيتو ڏكن هڻڻ جو آواز.
● شَپُكو ۽ شَپُكا: ذ. (آواز) كنهن شيءَ كيرڻ يا لڳڻ جو آواز ـ ڦهكو ـ ٽپكو ـ ٽهكو.
● شَپَنْ (ك): مصدر. ٽَپڻ ـ ناهڻ.
● شُپو (كاچو ـ جوهي): ذ. صفت. نياڳو ـ منحوس.
● شُجاعْ ۽ شُجاعَ: ذ. صفت. (ع. شجاع > شَجَعَ = بهادر ٿيڻ) بهادر ـ پهلوان ـ سورمون ـ سورهيه ـ دلير ـ بَلوان.
شُجاعَتَ ۽ شُجاعَتُونْ: ث. دليري ـ بهادري ـ سورهيائِيْ ـ مڙسيْ ـ مردانگيْ.
● شَجَرْ ۽ شَجَرَ: ذ. (ع) دَرَخْتْ ـ وَڻ.
ـ شَجَرْ پَرَسْتْ ۽ شَجَرْ پَرَسْتَ: ذ. صفت. (ع. شجر + ف. پرست > پرستيدن = پوجڻ) وڻ جو پُوجاريْ.
● شُجْراهْ: اسم خاص. (سن. سورج + راء > سج + راء) هك ذات جو نالو.
● شُجِراهُ: اسم خاص. تعلقي ٽُل ۾ هك ديهه جو نالو. هك ذات جو نالو.
● شُجْرو ۽ شُجْرا: ذ. (ع. شُجْرَهْ = نسب جو لفظ) لسبي وڻ. نسب نامو ـ وَڏاوَلِيْ ـ حَسَب نَسَب. پيڙهي ـ بنياد.
● شَخْ ۽ شَخَ (ك): ذ. (ع. شَكْ) شَكْ ـ گمان ـ وهم.
● شَخْصْ ۽ شَخْصَ: ذ. (ع. شخص ۽ اشخاص > شخص = وڏيل هڏ) وجود انسان جو ـ ماڻهو ـ بَشر ـ مَردْ ـ آدميْ ـ پُرش ـ آسامي ـ جڏو ـ بَهر ـ والگي ـ ڏُر.
ـ شَخْصِيْ ۽ شَخْصِيْ: صفت. شخص جو ـ ماڻهوءَ جو ـ آدميْ جو. هك ماڻهوءَ لاءِ. سندس ـ ذاتيْ ـ وجودِيْ ـ ديهكْ ـ بدنيْ ـ اِسميْ.
ـ شَخْصِيَّتَ ۽ شَخْصِيَّتُونْ: ث. انسانيت ـ ماڻهپائِيْ ـ آدميت. كيوليهَ ـ فرديَّت ـ وَحْدَت ـ وِيكتي. ذاتيات. اشرافت ـ خوبيْ ـ سُيلائِيْ ـ گُڻ. عزت ـ شان ـ وقعت ـ وقارْ ـ پَتِ.
ـ شَخْصِيْ حَيثِيَتَ م: ظرف. ذاتيْ وسعتَ ـ پهنجيْ پُهچَ ـ پِڇندِيْ.
● شَدَّ ۽ شَدُّونْ: ث. (ع. شَدّ = سخت كرڻ) مضبوطيْ ـ سختيْ ـ ڏاياڻِيْ. قوت ـ طاقت ـ بَل. (لفظ جي) هڏ تي زور ـ دباءُ ـ تاكيد لفظي آچار جو هك قسم. كنهن لفظ م هك جهڙن بن اكرن جو لاڳيتو اچڻ كريْ، ٻڌي اكر هكٻئي م ضَمِّ كري مٽان ڏَليل نيشاليْ. جيئن: "حُقُقُو = حُقُّو، شُدّداد = شَدّاد. وغيره".
ريت ـ رواج ـ رسم ـ چال ـ واهپو (ك). جيئن ڦ، ٻهراڙيءَ م مٽي آگهاڙي كرڻ جي "شَدَ" ٿي كالهي.
ـ شَدَّ مَدَّ سَانْ: ظرف. (ع. شَدّ + مَدّ = ڏڪو كرڻ) تاكيد سان ـ لفظ تي زور ڏيڻ سان. صاف طرح.
ـ شَدَّ مَدَّ سَانْ گالهائِيْ: چڱي زور يا فلك سان گالهائڻ.
ـ شَدَّ و مَدَّ: ث. ڏاڍو ڏوم ـ ڏاڍ ـ شان شوكت.
● شُدّ (ت): ذ. (سن. شُدّ = صاف) صفا ـ نج ـ شُدْ. ثابت. مقرر.
ـ شُدّ كَرَنْ: ثابت كَرَنْ.
● شَدّادْ: اسم خاص. (ع) خُدائيءَ جي دعويٰ كندڙ هك مشهور كافر بادشاهه جو نالو (جنهن بهشت ٺهرايو هو).
● شُدائِيْ: مصدر. هري هري ٻئي جي دل وڻڻ ـ رهڻ ـ ريجهڻ ـ رچڻ ـ ڏَتڻ ـ ڏاڙتاوڻ ـ چترائڻ ـ

Gul Hayat Institute

هِرکائن - قَسلائن - بگیڑن. رمز سان ٹُنبن. آڈو اشارو کرن. (زال جو) ست ٹوڑن.

● شِدّتَ ع شِدّتُونْ؛ ث. (ع. شدت. شدّ = سختي کرن) زور - دباءُ - سختي - ڏاڍائي. تيزي. زبردستي - زوري - زيادتي. جوش - غلبو - قوت. تيسُو - نڙائيُ - ضد - تکرار - معاملو - ڏوڙ - ڏيهائي - ريڑهه. ريڑهه. هوڏ - شرط. حجت. مناظرو - بحث. هٿُ - بٽائور - تکبّر.

- شِدّتيُ ع شِدّتيونْ؛ ذ. صفت. شدت کندڙ - ضدي - هوڏِيُ - تکراري - ٽينڙُ - اصراري - ڏڌائيُ - مُدعي - حُجتي - ڏوڏي - بحثي. الولو - نجسُ - کدي - نرجو - اهنڌ. گهيگيرُ (وِهٽُ) - لِکڙُ (مرض).

● شُدّنبيُ؛ صفت. فعل. (ف. شدلي > شُدن = ٿيڻ) ٿيڻو - ٿيڻ جهڙو - ٿيڻ جوڳو - ٿي سگهي ٿو - ممکن. (ث). هجڻ واري گالهه - اتفاق - گالهه - واقعو - حادثو - ماجرا.

● شيدوُ ع شيدا؛ ذ. (ع. شيده) ضد - هوڏ - شرط.

- شيدو پَڪَ؛ ضد پڪ. هوڏ رکڻ - شرط رکڻ

- شيدو کَرَنْ؛ ضد کرڻ. هوڏ کرڻ - شيدَت کَرَنْ.

- شيدوُ مُدوُ ع شيدامُدا؛ ذ. ضدُ - سَختيُ - جوش - ريڑهه ريڑهه - شيدَت.

● شُدَهُ شُدَهْ؛ ظرف. (ف). آهستہ آهستہ - رفته رفته.

● شَدِيدُ؛ صفت. (ع. شِدّ) سخت. ڪٺن - مشڪل - دشوار.

- شديد شَريرُ ع شَديدَ شَريرْ؛ ذ. صفت. سخت شرارت کندڙ.

● شُدّ؛ صفت. (سن. شُدْ = پاڪ) پاڪ - صاف - بيداغ - پوتر - سچو - ليڇُ - خالص - نرمل - نبار - سنو - نيٺ - ليجو.

- شُدّتا؛ ث. صفائيُ - پاڪائيُ - بيداغيُ - پَوَتيريُ. سچائي - لڄائيُ.

- شُدّتِيُ ع شُدّتِيونْ؛ ث. پاڪائي - صفائي - سُٽائي - آزادي. سچائي - برابري. هڪ جهڙائي. پاڪ کرڻ (آرين ميواتي راجپوتن کي شدي کيو).

- شُدّتِيُ کَرَنْ: مصدر. پاڪ کرڻ - پوتر کرڻ - صفائي کرڻ (غير هندن کي هندو کرڻ).

● شُدّهُ ع شُدّهَ (ل)؛ ذ. مٺائي جو هڪ قسم (اکثر لٽڻ ۾ ڪم ايندڙ سائي رنگ جو موتي).

● شَرَ؛ اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● شرّ ع شَرّ: ذ. (ع. شَرّ = خراب ٿيڻ) بُرائي - خرابي - بُڇڙائي - بَدِي. شرارت - بدمعاشي - لُچائي. جهڪڙو - ٽونٽو - فسادي - جهيڙو.

● شيرُ ع شِيرَ؛ ذ. (ف). جِنّ - پُوت - ديوُ - عڪس خيال - درسن - رويا. شِرُ.

- شيرُ ڦاڙَنْ؛ راز پُڌائن - ڪُجهه ظاهر کرڻ. ڪرامتون ڏيکارڻ. اجايون گالهيون پڌائن - اجايون کهاڙيون چوڻ.

- شيرُ ڪُڌائينْ: شيطان گيري، جهڙا ڪم ڪرڻ - شرارت کرڻ.

- شيرُ مَچائينْ؛ شرارت مچائن - اجايو جهڪڙو کرڻ - بي فائدو شور کرڻ.

● شَرابُ ع شَرابَ: ذ. [ع. شراب > شرب = پيئڻ] نشيدار عرق - انگورن جو چڪايل رَسُ - مَيَ - مَدُ - شراف - دارُون.

- شَرابُ پِئوُ ع شَرابُ پِتا: ذ. خُمار - نشو - مَتي مَستي.

- شَرابُ پِيَنْ: خمار ٿيڻ لاءِ نشيدار عرق پيئڻ - نشو واهرائن - مَيَ نوشي کرڻ.

- شَرابُ خانوُ ع شَرابَ خانا: ذ. [ع. شراب + ف. خانه = جاءِ] شراب پيئڻ جي جاءِ - مَيخانو. شراب وڪڻ جي جاءِ - ڪلال خانو - ڪٽو. شراب ٺهڻ جي جاءِ - بَٽِي.

- شَرابُ خورُ ع شَرابَ خورَ؛ [ع. شراب + خور > خوردن = پيئڻ] ذ. صفت. شراب پيئندڙ - شرابي.

- شَرابُ خُمّارُ ع شَرابُ خُمّارَ؛ ذ. صفت. شراب پيئندڙ - شَرابي - مَيخوار.

= شَرابُ خورِي ۽ شَرابُ خور يُونُ: ث. شراب پيئڻ جي حالت - مَٽهي لوشي - شراب نوشي.
= شَرابِ طَهُورُ: ذ. [ع. شراب + طهور > طَهَرَ = صاف ٿيڻ] پاڪ ۽ صاف شراب (جو بهشت ۾ جنتين کي ملندو).
= شَرابُ سِينْڊِي: جو ڪَتل، ڇُهارن، ڪٺ جي داڻن، ان جي ڦاڙ، ۽ جي ڇوڏن ۽ ٻين وٽن جي شين مان ڪاڍي ٺاهيندا آهن.
= شرابُ داڪِيو سِينْڊِي: شراب سنڌي، جو ٻه ڀيرا باهه تي ڪاڙهيو وڃي. "شراب داڪيو سنڌي"، يعني ڪاڙهيو باهه تي ٻه ڀيرا.
= شَرابِي ۽ شَرابِي: ذ. صفت. شراب پيئندڙ - شراب خور - مئي نوش - نَشئي - ڪٿي - متوالو - مخمور - سرمست.
= شَرابُورُ: ذ. صفت. [ع. شراب = پيئڻ جي شيء + ور = وارو] ڀِڄل - ٻُسيل.
● شرابِي: اسم خاص. ڪراچي ايريا ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● شِراڏ ۽ شِيراڏ: ذ. (س). هندو قوم ۾ هڪ رسم (ٻدي واري مهيني ۾ مٽلن عزيزن جي ياد ۾ برهمڻ کي ڪاڏو ڪارائيندا آهن).
● شراڏِيو: اسم خاص. گاهه جو هڪ قسم (مري ويل ماڻهو جي ٻارهي تي هن گاهه مٿان چانور رکي ڪانگن کي کارائين).
● شَرارُ ۽ شَرارَ: ذ. (ع) باهه جي ڇيڻي - آلو. ٽالدو - چٽنگ - شَرَرُ.
= شَرارو ۽ شَرارا: ذ. (ع. شراره) ٽالدو - شرَرُ - شرارُ.
● شَرارَتَ ۽ شَرارَتُونُ: ث. (ع. شرارت > شر = خراب ٿيڻ) بدي - بُرائِي - بُڇڙائِي - بد ذاتي - شيطانت - خبيثائِي - حرامزاد ڪي - بدمعاشِي - ڪيچل - مسخري - حرڪت - چترائي - لچائِي - ڪوڇڻائِي. خَلَر - نقصان.
= شَرارَتَ ڪَرَنُ: بدي ڪرڻ - بُرائِي ڪرڻ. حرڪت ڪرڻ - مسخري ڪرڻ - ڇيڙڻ.
= شَرارَتِي ۽ شَرارَتِي: ذ. صفت. ڇڙائي ڪندڙ - ڇڙو - بُرائِي وارو - خَبيثُ - حرامزادو - بدمعاش. شرارت ڪندڙ - لچو - حرڪتي - مَسْتِيخور - شريرُ.
● شِراسَتَ ۽ شِراسْتُونُ (ت): ث. (ع. شرارت مان بگڙيل) شرارت.
● شَرَفُ (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● شَرافُ ۽ شَرافَ: ذ. صفت. سون چاندي ۽ جو واپاري - صراف - شاهوڪارُ (ت): ذ. صفت. لائق - شريف - اشراف.
● شَرافَتَ ۽ شَرافَتُونُ: ث. (ع. شرافت > شَرَفَ = مٿي ٿيڻ) انسانيت - آدميت - چڱمڙسِي. اصليت - بزرگي - چڱائِي - پَلمانْسِي. اشرافت.
● شَراڪَتَ ۽ شَراڪَتُونُ: ث (ع. شراڪت > شَرِڪ = حصو ڪرڻ) ميلاپ - گڏ جائي - شاملات - اتفاق - ٻدي - يَڪْمُشْتِي. پتي - حصيداري - پائيواري - پائِٽي.
= شَراڪَتَ ڪَرَنُ: ميلاپ ڪرڻ - ملاوت ڪرڻ. ٻدي ڪرڻ - اتفاق ڪرڻ. گڏجڻ. مائتي ڪرڻ. يَڪْمُشْتِي ڪرڻ - پتي ڪنڌڻ - حصيداري ڪرڻ.
= شَراڪَتَ ناموُ ۽ شَراڪَتَ ناما: ذ. (ع. شراڪت + ف. نامه = ڪاڪيل شئي) پائيوار نامو - حصي پتيء جو ڪاغذ - ڪنهن گڏيل ملڪيت يا پائيواريء بابت اقرار نامو.
= شَراڪَتِي ۽ شَراڪَتِيونُ: ث. شاملات - پائيوارِي - پائِٽي - حصيداري. ۽. شراڪتي: ذ. صفت. پائيوار - حصيدار - شامِل - گڏيل - ملهيل - گڏيل.
● شِراڪَجَنُ (ت): مصدر. ڪاوڙجڻ - غصي ٿيڻ - ڏ مرجڻ. رَنج ٿيڻ.
● شَرائِطُ: ذ. (ع. شَرط جو جمع) قَول - اقرار - انجام.
● شربت ۽ شربت: ذ. (ف. شربت > ع. شرب = پيئڻ) پيئڻ جي شيء. پيڻ جو منو پاڻي - پيج. ڪنڊ جي چاهَ.

Gul Hayat Institute

- شَرْبَتُ اِيارَنْ: مينو پاڻي پيارڻ - خوشيءَ جي موقعي تي وات مينو ڪرائڻ.
- شَرْبَتِي ۽ شَرْبَتِيُ: ذ. صفت. مينڱ وارو - مينو - لذيذ. رلڳ جو هڪ قسم.
● شَرْبُو ۽ شَرْبا (ت): ذ. (ف. شوروه) شوروو - رَسُ.
● شَرَتَ ۽ شَرَتُونُ (ت): ث. فريب - ٺڳي - دغا. ڪوڙ - ڪوٽ - بَيْمالِيُ.
● شَرَتاڪَ ۽ شَرَتاڪُونُ (ڪ): ث. سَنيهونُ لَڪُڻ - چَمَڪ.
● شَرْتِيُ: ذ. (سن. شروتـه) آڪاس واڻيءَ رستي آيل قانون - الهامي قاعدو.
● شَرَتڪُو ۽ شَرَتَڪا (ڪ): ذ. (آواز) آواز جو هڪ قسم - ٻرن جو آواز - آهٽ - شهڪو
● شِرِجَنُ: مصدر. ڪاوڙجڻ - غصي ۾ اچڻ - ڏمرجڻ. رُسڻ.
● شَرْحَ ۽ شَرْحُونُ: ث. (ع. شَرح > شَرَحَ = ڪوڙ) سمجهاڻي - معنيٰ - ارٿ - مطلب - حاشِيَهُ - تفسير - ٽيڪا - نِروارِيُ - سمجهوتو - پاشِيَدُ - تَشريحَ. بيان - اظهار - وياڪيا. واد - ٽيڪا - وَڌيتَ. مقرر اڳهه - پيتو - مجرائِيُ. دستخط - وِڪاءُ. پٽ پيرڻ جي حالت (ڪنهن هُنڊيءَ وغيره جي). ٻڌ چو اقرار.
- شَرَحَ كَرَنُ: مفصل بيان ڪرڻ - ڪولي لکڻ - تشريح لکڻ - معنيٰ ڪرڻ.
- شَرَحَ لِيکَنُ: پٽ پيرڻ (هنڊي جي) - سفارش لکڻ - تصديق ڪرڻ - وِڪاءُ ڀائڻ. سمن يا نوٽيس تي تعميل ڪندڙ عملدار جي تصديق.
- شَرَحِيُ ۽ شَرَحِيُ: ذ. صفت. ضامن جوڳو (وارنٽ).
● شَرْدُو ۽ شَرْدا: ذ. ميوي جو هڪ قسم.
● شَرْدّا ۽ شَرْدّانُونُ: ث. (سن. شَرْدّا = عقيدت) اعتماد - ايمان - اعتقاد - يقين - وساه - پروسو. توفيق - شڪتي - اِچا. عزت - آدر - قدرداني - خاطر تواضع.
- شَرْدّالُو ۽ شَرْدّالُوُ: ذ. صفت. ايمان وارو - اعتقاد رکندڙ - يقين وارو.

● شَرَرَ: ذ. (ع). باهه جي چنگ - آلو - تاندو.
● شِرْڙُ ۽ شِرْڙَ: ذ. جنن، پوتن ۽ جادوگرن جي اسرارن بنسبت آڪاڻيون - يهوديون آڪاڻيون - اجايون ڳالهيون.
- شِرْڙُ ڦاڙُنُ: جنن ۽ پوتن جون واهيات ڳالهيون ڪرڻ.
- شِرْڙِيُ ۽ شِرْڙِيُ: ذ. صفت. جنن ۽ پوتن جون ڳالهيون ڪندڙ. لچو - هرڪتي - لڇڻ - اڻڪلي. شرارتي.
● شُرُڙُ ۽ شُرُڙَ (ت): ذ. صفت. شرارتي - لُڇ - فسادي - ويڙهو.
- شُرُڙِيُ ۽ شُرُڙِيُ: ذ. صفت. شرارتي - لُڇ - فسادي - ويڙهو.
● شَرْڙاتُ ۽ شَرْڙاتَ: ذ. (سن. شَرآڻا = شرڙاٽ) آواز جو هڪ قسم - زور سان ڪرندڙ آواز. هُل - ڪوڙ - واجو - پڙاڏو.
● شَرْطُ ۽ شَرْطُونُ: ث. (ع. شرط = ڪنهن جي مڃان ڪنهن معاهدي مطابق ڪا شئي مڙهڻ) هوڏ - بازِيُ - داءُ - ڪوءَ. مقابلو.
- شَرْطَ بَڌَنُ: بازِيُ لڳائڻ - هوڏ ڪرڻ. داءُ لڳائڻ.
- شَرْطَ پُڄائِنُ: ڏوڙ پڄائڻ - بازي لڳائڻ.
- شَرْطَ جو گهوڙوُ: ذ. ڏوڙ جو گهوڙو - بازي جو گهوڙو.
- شَرْطَ جو مَيدانُ: ذ. (گهوڙن جي) ڏوڙ جو ميدان.
- شَرْطَ رَڪَنُ: بازِيُ رکڻ - داءُ رکڻ - هوڏ هڻڻ.
- شَرْطُ مارَنُ: گوءَ ڪڍي وڃڻ.
- شَرْطَ هَنَنُ: بازي رکڻ - داءُ هڻڻ.
- شَرْطِيُ ۽ شَرْطِيُ: ذ. صفت. بازيءَ جو.
● شَرْطَ: ظرف. (ع) سان. سَهل - وقت. جملي ۾ شرطيه يا وقت جي معنيٰ ڏيڪاريندڙ لفظ. جيئن: "وڃ شرط، اچ شرط وغيره". علم نحو موجب جملي ۾ پيدا ٿيل اهڙي معنيٰ جنهن جي ڪري، هڪڙي جملي جو ٻئي سان تعلق رهي (علم نحو).

Gul Hayat Institute

● شَرْطُ ۽ شَرْطَ : (ع) انجام ـ قول ـ اقرار ـ عهد ـ پيمان ـ وعدو. ڪوڙ ـ دروغ .
ـ شَرْطُ بَڌڻُ: اقرار ڪرڻ ـ عهد ڪرڻ ـ قول ڪرڻ .
ـ شَرْطُ رَکڻُ: انجام رکڻ ـ قول ڪرڻ .
ـ شَرْطَ مارڻُ: انجام تان ڦيرُ وڃڻ ـ انجام شڪني ڪرڻ .
ـ شَرْطِيُ ۽ شَرْطِيُ: ذ. صفت. اقراري ـ هول جو ٺهرايل .
ـ شَرْطَنِيهُ: ذ. اهو جملو، جنهن ۾ شرط هجي ۽ منجهس حرف شرط جو ڪم آيل هجي. جيئن: "جيڪڏهين اهو ڪم ڪندين، تہ نقصان پهچندءِ".
● شَرْطاکِيُ ۽ شَرْطاکِيُ : ذ. صفت. ٺڳبُ ـ دغاباز ـ فريبي ـ ڪپتي ـ ٺڳباز ـ واهيات ڳالهيون ڪندڙ.
● شَرْعَ ۽ شَرْعُونُ: ث. (ع. شرع = تجويز ڪرڻ) تجويز ٿيل رستو ـ سڌو رستو ـ سنئين وات. خدا تعاليٰ جي حڪم تي هلڻ جي وات. حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جو ٺهرايل قاعدو ـ اسلامي قانون ـ قرآنيُ طريقو. آئين ـ دستور ـ قانون ـ شريعت. دين ـ مذهب. اعتقاد .
ـ شَرْعاً: ظرف. شرع موجب ـ اسلامي قانون موجب ـ شرعي طرح ـ محمدي قانون موجب .
ـ شَرْعَ تي هلڻُ: شريعت تي هلڻ ـ سنئين وات تي هلڻ ـ دين اسلام جي پيروي ڪرڻ .
ـ شَرْعَ مُحمدِيُ: ث. قانون محمدي ـ قانون اسلامي ـ دين اسلام جو طريقو.
ـ شَرْعَ ۾ شَرْمُ ڪَرَڻُ: جائز ڪم ڪان شرم ڪرڻ .
ـ شَرْعِيُ ۽ شَرْعِيُ: صفت. شريعت مطابق ـ قانون اسلام موافق. رهندو ـ حلال ـ حقائتو ـ جائز ـ روا ـ حقي ـ باقاعدي ـ قانونيُ .
ـ شَرْعِيُ ڪَرَڻُ (ت) حجامن جي اصطلاح ۾ وار ڪن جي ساڻ جي سنوت تاءِ ڪوڙي ٻڌڻ ڪرڻ .

● شَرَفُ ۽ شَرَفَ ؛ ذ. (ع شَرَفَ = عزت وارو ٿيڻ) درجو ـ فوقيت ـ ترجيح . بزرگي ـ پلائي . بلندي . عزت ـ شان ـ مان ـ آبروُ ـ فخر ـ جس .
ـ شَرَفِ خِدْمَتُ: ذ. خدمت ۾ حاضر رهڻ جو فخر .
ـ شَرَفُ ڏِيَڻُ ؛ روڪ وڻائڻ ـ درجو ڏيڻ ـ عزت ڪرڻ .
ـ شَرَفُ هُجَڻُ: بزرگي يا فخر حاصل ٿيڻ ـ عزت مڻ .
ـ شَرَفُ ياب ۽ شَرَفُ ياب: ذ. صفت. (ع. شرف + ف. ياب > يافتن = لهڻ) عزت وارو ـ معزز .
● شَرَقُ ۽ شَرْقَ: ذ. (ع. شَرَقَ = آپرڻ) هڪ طرف جو نالو ـ سج آپرڻ وارو طرف ـ اپرلدو ـ مشرق ـ پورب .
ـ شَرَقِيُ ۽ شَرْقِيُ: صفت. مشرق جو ـ پوربي ـ مشرقي .
ـ شَرْقِيُ زِبانَ ۽ شَرْقِيُ زِبانُونُ: ث. آپرلدي ملڪن جي ماڻهن جي ٻوليُ. مثل: عربي، چيني، فارسي، سنسڪرت وغيره .
● شِرْكُ ۽ شِرْكَ: ذ. (ع. شرک = حصا ڪرڻ ـ ورهائڻ) خدا جي ذات پاڪ ۾ ڪنهن کي شريڪ ڪرڻ جي حالت ـ بُت پرستي ـ ڪُفر. پائيواري .
ـ شِرْكَتُ ۽ شِرْكَتُونُ: ث. (ع). شراڪت ـ شموليت ـ ساڻُ ـ همراهي ـ شاملات ـ پڪمُشتي .
ـ شِرْكُ جَلِيُ: ذ. ظاهري شرڪ، جهڙوڪ بُت پرستي وغيره .
ـ شِرْكُ جُوُ وَرْقُ وارڻُ ؛ دل جي ڦرهي تان شِرڪ جا لفظ ميساري ڇڏڻ ـ شرڪ جي پڇرچڏڻ ـ خدا تعاليٰ جي وحدانيت تي ثابت قدم رهڻ ـ خدا کي ڪنهن سان بہ شريڪ نہ سمجهڻ. جيئن: "شِرْكُ جو سِڪ صُفحو ورق واري هيڪڙائي هنن ڏَسي ڏيکار" (فاضل شاهہ)
ـ شِرْكُ خَفِيُ: ذ. ڳُجهو شِرڪ ـ پوشيده شِرڪ، جهڙوڪ مطلب جي پورائيءَ لاءِ ڪنهن ماڻهوءَ کي وسيلو وڻڻ.

Gul Hayat Institute

= شَرِ كَتَ ع شَرِ كَتُونْ (ت): ث. عجيب شيء - عمدي شيء. ٹئين نمولي جي چيز.
● شَرْ گُوْ ع شَرْ گَا (ت)؛ ذ. صفت. پَٽَڙو - پاڻيءَ جهڙو - ڪينگهو - آنگهو. بي سواد.
● شَرَمْ ع شَرَمَ؛ ذ. (ف). حَيائ - لَڄَ - مَرَمْ - ليهه - ڦِڪائي. جيئن:
"شَرَم صُبْحَ وچ سرتين ايندءِ"
(شاهه).
ندامت. غيرت. حجاب - لحاظ - خيال - ديد. جيئن:
"هن کي ڪنهن ماڻهوءَ جو شرم نه ٿيو". شرم جي گاله - بدنامي. پاڪدامني - سَتْر - اوگهڙ.
= شَرَمائِتو ع شَرَمائِتا؛ ذ. صفت. حيائ وارو - حيائ دار - شرم وارو - لڄارو - ٽهٽو. محبوب - محجُوبْ - پاڪدامن.
= شَرَمائِجَنْ: مصدر. شرم و حيائ محسوس ڪرڻ - لڄي ٿيڻ - شرمندو ٿيڻ - ڦِڪو ٿيڻ.
= شَرَمائِنْ: مصدر. ڦِڪو ٿيڻ - لڄي ٿيڻ - شرمندو ٿيڻ - شرم ڪرڻ - حيائ ڪرڻ. شرمندو ڪرڻ - لڄارو ڪرڻ - ذليل ڪرڻ.
= شَرَمائُو ع شَرَمائُو: ذ. صفت. حيادار - لڄارو - شرميلو.
= شَرَمَ پُوڻِي ع شَرَمَ پُوڻِيُون؛ ث. شرم واري پوڻي - ڪُنوار پُوڻِي. پُوڻيءَ جو هڪ قسم (جنهن کي هٿ لائڻ سان ڪومائجي وڃي) - لاجونتي.
= شَرَمْ پَرْچائِنْ: شرمساريءَ کي ڪَمْ ڪرڻ جون گالهيون ڪرڻ - شرمندگي کي قبول ڪرڻ. ڦِڪائي وڌرائڻ.
= شَرَمَ جِي گَالِهه: ث. لَڄَ جي گالهه - غيرت جي گالهه - افسوس جي گالهه.
= شَرَمَ جِي مُورَتَ؛ ث. حيائ سان پريل صورت. حيائ وارو - پاڪدامن.
= شَرَمْ حَضُورِي؛ ذ. اڪيئن جو شرم - منهن ڏسڻ جو ديد - منهن سامهون لحاظ.
= شَرَمْ رَکَنْ؛ لڄَ رَکَنْ - غيرت بچائڻ. پَتِ رکڻ.
= شَرَمَسارْ ع شَرَمْسارَ: ذ. صفت. شرم وارو - شرمنده - حيا وارو - لڄي - ڦِڪو.
= شَرَمْسارْ ٿِيَنْ؛ ڦِڪو ٿيڻ - لڄي ٿيڻ - شرمنده ٿيڻ.
= شَرَمْسارِيْ ع شَرَمْسارِيُونْ؛ ث. شرمنده ٿيڻ جي حالت - شرمندگيْ - لَڄَ - شرم - حيائ - ڦِڪائيْ.
= شَرَمْ کَرَنْ؛ حيائ ڪرڻ - حجابْ ڪرڻ - لحاظ ڪرڻ - عار ڪرڻ - خيال ڪرڻ.
= شَرَمْ گاهَهْ ع شَرَمَ گاهَهْ؛ ذ. شرم واري جاءِ - مرد خواهه زال جي اوگهڙ.
= شَرَمَ مَ خِيانَتَ کَرَنْ: پرائي عورت سان زبردستي ڪرڻ.
= شَرَمْناکْ ع شَرَمْناکَ؛ ذ. صفت. شرم جهڙو - لَڄَ وارو - حيا جو.
= شَرَمِنْدِگِيْ ع شَرَمِنْدِگِيُونْ؛ ث. شرمساري - لڄ شرم - ڦِڪائي. بدنامي - خواري - ندامت. اپمان - هَتَڪَ عزت. بي عزتيْ. غيرت.
= شَرَمِنْدُوْ ع شَرَمِنْدا؛ ذ. صفت. شرمايل - شرمسارْ - شرمناڪ - لڄي - ڦِڪو. نادم - پشيمان. غيرت مند. احسان مند - مَمْنُون.
= شَرَمِنْدَهْ: ذ. صفت. شرمندو.
= شَرَمِنْدَهْ کَرَنْ؛ ڦِڪو ڪرڻ - لڄي ڪرڻ. شرمسار ڪرڻ - ذليل ڪرڻ.
= شَرَمِنْدَه هُجَنْ: ڦِڪو هُجَنْ. ممنون هُجڻ - احسان مند هُجَنْ.
= شَرَمِيْ ع شَرَمِيْ؛ ذ. صفت. شرم وارو - حيا وارو - لڄ جو.
= شَرَمِيلُوْ ع شَرَمِيلا: ذ. صفت. شرم وارو - شرمندو - لڄارو - حيا دارْ - ڦِڪو. مُنْهان چِرو - محبوب.
● شِرِمْ ع شِرِمْ: ذ. چار - سرڪٽي - قاندو - ڦاهِيْ. سخت پورهيو - ٻوجهه - ڪَهه - هَڄُٽي - جاکوڙ - ڪشالو - محنت - درد سَرِيْ. وير جا سُور. ٽَڪ - لڪ - چوڪڙو - ماندگيْ.

● شِرِمالِيءُ (ث): اسر خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو.

● شَرَنَ ۽ شَرَنَ: ذ. (من. شَرَنَ = بچاءُ، اجهو) بچاءُ - اجهو - اوٽ - سلامتي - پناه - ڏڪ.
- شَرَنَ پَوَنَ: سامر پوڻ - پناه ۽ اچڻ - حفاظت ۽ اچڻ - اجهي ۽ اچڻ.

● شَرَناءِ ۽ شَرَنائِيُونَ: ث. (ف. شَهْنائِي > ع. صرناء = توتاري) ساز جو هڪ قسم - تُوتاري - سرلائِي - شَرَنائِي - شَرَنَهَ.
- شَرَنائِي ۽ شَرَنائِيُونَ: ث. شرناء.
- شَرَنايو ۽ شَرَنايا: ذ. صفت. شرناء وڄائيندڙ - تُوتاري وڄائيندڙ - لنگهو.
- شَرَ لُهِ ۽ شَرَنُهُونَ (س): ث. شَرَناء.

● شَرَوَ ۽ شَرا: ذ. (ع. شَرَعَ = اظهار ٿيڻ) انصاف - فيصلو - نيبيرو (ت ڪ) جيئن:
"هيڏي شهر پنهور ۾ شروناتورو".
هُل - فساد - جهگڙو - جنجال - کِٽرا ڪ (ل-ڪ). شُمار - ڪُٽپ (ڪ).
- شَرو شُمارَ نہ هُجَنَ: تمام گهڻو هجڻ - حد کان زياده هجڻ.

● شِرواهَ: اسر خاص. تعلقي ميرپور خاص ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● شِروتا ۽ شِروتا: ذ. صفت. (من). بدندڙ - سُڌندڙ.

● شُروعَ: ذ. (ع. شَرَعَ = شروع ڪرڻ، داخل ٿيڻ) ابتدا - اول - شروعات - منڊ - آغاز - آرنپ - پهرئين. (صفت). هلندڙ - چالو - رائج - هالو - هليل.
- شُرُوعات ۽ شُرُوعاتُونَ: ث. ابتدا - آرنپ - شروع - سُڌڪ - منهن - اوائل. اڳياڙي.
- شُرُوعَ ڪَرَنَ: ابتدا ڪرڻ - آرنپ ڪرڻ - آغاز ڪرڻ. چالو ڪرڻ - جاري ڪرڻ - هرپاڪرڻ - ڪڍو ڪرڻ. لڳڻ.
- شُرُوعَ کانَ: ظرف. اول کان - ابتدا کان - پهرئين کان - منڊ کان - اوائلي - ابتدائي.
- شُرُوعُ هُئَنَ: آغاز هجڻ - ابتدا هجڻ - جاري هئڻ. چالو هئڻ - هلندڙ هئڻ.

● شُرُوسَٹِيءُ: ث. (من). عزت يا مان جو هڪ لقب.

● شُرُووُ ۽ شَرُوا: ذ. (ف. شورها = رَسُ) رَسُ - رَهو - سُوپُ - صُوفُ (پوڙ يا ميوي وغيره جو) عرق - رُبُ - چاش.

● شِرِيءُ: ذ. (من. شِرِيءُ = پاڪ) سڪ - سَمهڊا - اقبال - هرڪت. (صفت). پاڪ وارو - برڪت وارو - بزرگ - مان وارو. لقب طور ڪم ايندڙ، جيئن: "شِرِيءُ ڪرشن، شِرِيءُ فلاڻو وغيره". سِريءُ. (اسر خاص). (هندن ۾) لَڪْشميءُ ديويءَ جو نالو - وشنوءَ جي زال - لڇمي. (ث) پاڪ جي ديويءُ.
- شِرِيءُ ڪَرَنُ: گهٽي دست اندازي ڪري بگاڙڻ.

● شِرِيانَ ۽ شِرِيانِيُونَ: ث. (ع) بدن ڪي رت پهچائيندڙ نَلِيءُ - رت واهڻ - نار - لَبُضَ - رَڳ.

● شَرِيرُ ۽ شَرِيرَ: ذ. (من. شَرِيرُ = بدن) بدن - جسم - سَرِيرُ - جثو - بُٽ - ديهه - جان. (ع. شرّ) شرارت ڪندڙ - شرارتيءُ - حرڪتي - لُچُ - بدمعاش. فسادي - جهيڙاڪ - خَلِيءُ - چغلخور. خراب - بُڇڙو - پاپيءُ - بدڪار - خَبِيثُ.
- شَرِيرَ جو ڏيو بَرَنُ: اندر جو سوجهرو ٿيڻ - اندر اجرو ٿيڻ - دل صاف ٿيڻ - قلب جي صفائي حاصل ٿيڻ.

● شَرِيرُڪَ ۽ شَرِيرُڪَ: ذ. صفت. شاريرُڪ - جسماني - بدنيءُ - ديهه ڌاريءُ.

● شَرِيعَتَ ۽ شَرِيعَتُونَ: ث. (ع. شَرَعَ = داخل ٿيڻ) سڌو رستو - سنئين وات. طريقو - وات. اسلامي قاعدو - قانون الاهي - قرآني آئين - ديني قانون - قاعدو - قانون - نيم. انصاف - داد - نياءُ. درويشن جي اصطلاح ۾ سُلوڪ جو پهريون درجو (جنهن ۾ خدا تعالىٰ جي حڪم ۽ محمدي شريعت تي هلڻو آهي) ناسوت.

Gul Hayat Institute

● شَرِيفُ ۴ شَرِيفَ ؛ ذ. صفت. (ع. شريف < شَرَفَ = اوچو ٹيو) وڏي رُتبي وارو- عزت وارو- بزرگ- پلارو. آڏر- اعليٰ- رفيع. پوتر- پاڪ- مقدس. وَڏَ گهراڻو- خانداني- ڪُلائتو- اشراف- اصيل. چڱو مڙس- سَڪَرُ.

- شَرِيفَہ ؛ ث. شريف عورت- عزت واري عورت.

● شَرِيفائيُ ؛ اسم خاص. تعلقي قنبر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● شَرِيفَ پُورُ ؛ اسم خاص. تعلقي رتي ديري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● شَرِيڪُ ۴ شَرِيڪَ ؛ ذ. صفت. (ع. شريك < شَرَكَ- پاڳيوار ٿيڻ- شامل- مليل- گڏيل- شرڪت ڪيل- حصيدار- پائيوار- پَتيارُ- پائينيُ ۾ ساڻي- همراهه- مددگار- رفيق- هڪ ئي نيات يا فرقي جو ماڻهو- عزيز- ميٽُ- مائٽ.

- شَرِيڪاڻُ ۴ شَرِيڪاڻا ؛ ذ. صفت. شريڪ جو. گڏجو- پائيواريءَ جو- گڏيل حصي جو- ساڳئي مائٽي ميٽيءَ جو- ساڳئي نيات جو.

- شَرِيڪاڻُ قُوڪُ ڪَٽَنُ : عزيزن يا دوستن جو احسان يا ٽورو ڪٽڻ.

- شَرِيڪَتَ ۴ شَرِيڪَتَنُ ؛ ث. ميٽي مائٽي- عزازت- برادري- پائيپي. پائيواري- حصي داري- برابري- مساوات. همسري. جوڙ :

" سرتيون شريڪت آئون ڪيئن آ ڳن مي ڪريان "
(شاهه).

- شَرِيڪُ ڪَرَنُ : شامل ڪرڻ- گڏڻ- ملائڻ- ڳنيڻ. حصيدار بنائڻ- پائيوار ڪرڻ.

- شَرِيڪُ هُئَنُ : شامل هڻ- ساڻ هڻ- گڏ هڻ- پتي دار هڻ- حصي دار هڻ. مددگار هڻ.

- شَرِيڪِيُ ۴ شَرِيڪِيَنُ ؛ ث. شراڪت- لاڳاپو- نسبت- تعلق. پائيواري- حصي داري. مائٽي- عزازت- متاچاري- ناتو- سڳائي. برابري- هڪجهڙائي.

● شُڙُهُ ۴ شُڙُهَا ؛ ذ. (ف. شوربا = رَسُ) پتڙي شيءِ ڪي ٻيٺ جو آواز.

● شِسْتَ ۴ شِسْتُنُ ؛ ث. (ف). هدف- نشان- چشت (تير جو). آڳونو- آگر.

- شِسْتَ بَتَنُ ؛ لشان ٻڌڻ- چست ٻڌڻ.

● شَسْتَرُ ۴ شَسْتَرَ ؛ ذ. (سن). هٿيار- اوزار- اسلح. هٿيار جو هڪ قسم. تلوار- خنجر- نيمچو.

- شَسْتَرْدارِيُ ۴ شَسْتَرْدارِيُ ؛ ذ. صفت. هٿياربند- سلاح دار- مُسلح.

- شَسْتَرشالا ۴ شَسْتَرشالائُنُ : ث. هٿيارخالو- سلاح خالو- باروٽ خالو. توبخانو.

- شَسْتَرَ هِيُنُ ؛ ذ. صفت. بي هٿيار- هٿين ٽاهو- خالي هٿن.

● شُسْتَهَ ؛ صفت. (ف. شسته < شَسْتَنُ = ڌوئڻ) ڌوتل- صفا- پاڪ- خالص.

- شُسْتَگِي ۴ شُسْتَگِيُنُ : ث. صفائي. پاڪائي. لفظن جي پختگي- سلامت.

● شَشُ : صفت. (ف. شش = ڇهه) هڪ تعداد- ڇهه. (سن). چند- چندرما. سَسُ.

- شَشُ پَهْلُو ۴ شَشُ پَهْلُو : ذ. صفت. (ف. شش + پهلو = پاسو) ڇهن پاسن وارو- ڇهه پاسو- ڇهه ڪنڊو- مُسدس.

- شَشُ جِهَتَ : ذ. صفت. (ف. شش + جهت = طرف) ڇهن طرفن وارو. (ذ). سڄو ئي جهان- سڄي دنيا.

- شَشُ دانگُ ۴ شَشُ دانگَ : ذ. (ف. شش + دانگ = طرف) ڇهه طرف- ڇهه پاسا. سڄي دنيا.

- شَشُ دَرُ ۴ شَشُ دَرَ : ذ. صفت. (ف. شش + در = دروازو) ڇهن درن وارو مڪان.

(صفت). حيران- پريشان- وَيُرانُ- موڪو- واڙو.

- شَشْماهِي ۴ شَشْماهِيُنُ ؛ ث. (ف. شش + ماه = مهينو) ڇهن مهنن جي- ڇهه ماهي- اڌ سال جي.

- شَشُ وَ پَنْجَ ؛ ذ. (ف. شش + پنج = پنج) سوچ وچار- پريشانيُ- فڪر- انديشه. انتظار.

- شَشُ و پَنْجَ م هُئَنُ ؛ سخت مونجهه ۾ هڻڻ.

● شِشُ ۴ شِشَ : ذ. (سن. شش = شاگرد) شاگرد- چيلو- مريد- سِکُ.

● شُشْ ع شُشَ (ت): ذ. صفت. بي وقوف - بي عقل - پُوڪ - چُجُ.

● شِشْتاچارْ ع شِشْتاچارَ: ذ. (سن) سئيون عادتون - لڇڻ. انسانيت - ماڻهپو. انسان ذات - بني آدم.

● شَشْدَرْ ع شَشْدَرَ: ذ. صفت. (ف. شَش = ڇهه + در) حيران - پريشان - وائڙو - مُنجهيل - بَتيلِيلَ - ويچُونْ - چَتُ - موڪو - ٻِهَتُ. بي خبر - بي حواس.

- شَشْدَرْ هُڻڻْ: حيران و پريشان هڻڻ - حيرت ۾ وڌڻ.

● شُشْڪارَنْ: مصدر. (سن. شُش = ڦُڦڙ + ف. ڪار = ڪر) ڦوڪي وارو آواز ڪڍڻ. شُشْ شُشْ ڪرڻ (ريڍن، ٻڪرين وغيره کي). جانورن کي هڪلڻ يا سڏڻ جو آواز ڪڍڻ.

- شُشْڪارْ ع شُشْڪارُونْ: ث. ٻچ.

- شُشْڪارَ ڪَرَنْ: ٻچ ڪڍڻ.

● شَشْڪانِيُ ع شَشْڪانِيُونْ (ڪ): ث. بندوق جو هڪ قسم - ٻري مارو ڪنڊڙ - ميرخاني بندوق.

● شِشِيُ قَمْرِيُ ع شِشِيُ قَمْرِيُ: ذ. صفت. (ع. شَمْس = سج + قمر = چنڊ) قَمَرُ - شَمْسِيُ قَمَرِيُ - سج ۽ چنڊ جو - دولابي - ڪوڙو - ڪُپتيو - بي ايمان - بي پتيو - دغا خور - خيانتي - ويساهه گهاتڪ. (ذ. ث) بي ايمانيءَ جو لفعو - تغلب - خيانت - خورد بُردُ - وڍي - رشوت - لَبُ - ڳڙو.

● شَطْرَنْج ع شَطْرَنْجُونْ: ث. (ف. چَتُر لڱ = دِلجي و لدر > چَتُرَلڱ = چار طرف (فوج جا) يعني هاٿين + گهوڙن + گاڏين + پيادل سپاهين جا. شش رَنگ = ڇهه رلگ - ڇهه سُهرا - ڇهن رلگن جون مڪيه ساريون، مثلاً بادشاهه، وزير، گهوڙو، هاٿي، آٽ ۽ پياده). هڪ مشهور ويڙهي جي راند جو نالو. (هيءَ مشهور راند جنهن کي عربن، ايرانين وٽان سکيو ۽ پوءِ دنيا ۾ مشهور ڪيو - اندلس مان هي راند يورپ ۾ پکڙي. عرب مورخ مسعودي (سنه ۹۵۰ع) پهريون عالم هو جنهن هن راند جي تاريخ تي روشني وڌي، عربن جي تحقيق موجب هي راند ڏاهر لالي شخص ايجاد ڪئي. هن نالي مان سمجهجي ٿو ته هي راند سنڌ ۾ ايجاد ٿي. بقول فردوسي، ايرانين هي راند هندستان مان سکي. سنڌ هندستان جو نزديڪ پاڳو آهي جنهنڪري غالباً ايرانين اها راند سنڌ مان سکي هوندي.

- شَطْرَنْج باز: ذ. صفت. (ف. شطرنج + باز > باختن = کيڏڻ) شطرنج راند کيڏندڙ - شاطر.

- شَطْرَنْج بازِيُ: ث. شَطرنج جي راند. شطرنج راند ڪرڻ جي حالت.

- شَطْرَنْج پَکيڙَنْ: وڌيون رِٽُون ۽ اميدون ڪرڻ. وڏو منصوبو ٺاهڻ.

- شَطْرَنْجِيُ ع شَطْرَنْجِيُونْ: ث. فراسيءَ جو هڪ قسم. شطرنج راند جي چورس رنگن جي ڪپڙي والگر فراسي.

● شِعارُ ع شِعارَ: ذ. (ع. شعار > شعر = ڄاڻ) عادتون - اخلاق - لڇڻ.

● شُعاعُ ع شُعاعَ: ذ. (ع. شعاع > پکڙجڻ) روشني جي ڪرڻن جي پکڙجڻ واري حالت. روشنائي - روشني - جوت - سهائو - سوجهرو. جهلڪ - تجلّو - آب و تاب - چمڪ. سيج جا ڪرڻا - اوازُو.

● شَعْبانْ: اسم خاص. (ع). گناهن ۽ ثوابن کي جدا ڪرڻ جي وقت واري هڪ مسلماني مهيني جو نالو - اسلامي يا هجري سال جو اٺون مهينو - شَعْبانُ المُعَظَّم.

● شُعْبَدَهْ: ذ. (ع. شعبده > شعبذ = هٿ جي چالاڪي ڏيکارڻ) جادو يا مڪر جي بازي - دوکي بازي - فريب - مڪاري. هٿ جي صفائي - هٿ ڪاٽ - نظربندي.

- شُعْبَدَهْ باز ع شَعْبَدَه باز: ذ. صفت. (ع. شعبذه + باز > باختن = کيڏڻ) جادوگر. دوکي باز - مَڪارُ. مداري - بازيگر.

= شَعْبَدَهُ بازِيْ ۞ شَعْبَدَهُ بازِيُونْ: ث. جادوگرِيْ. بازيگرِيْ. دغا بازي - مكاري - چالاكي. نظربَندِيْ.

= شَعْبَدَهُ ڈيكارَنْ: جادوڈيكارن - تماشوڈيكارن.

= شَعْبَدَهُ گَرْ: ذ. صفت. (ع. شعبذ + ف. گر = ناهيندڙ) جادوگر. بازيگر - مداريْ. مَكارُ - فريبي.

● شَعْبَهْ: ذ. (ع. شعبة > شعب = گڈ ڪرڻ) گروه - فرقو - ٽولو. شاخ - ٽڪرو - حصو. ڪنهن نهر مان نڪتل شاخ.

● شَعَرْ ۞ شَعْرْ: ذ. (ع. شعر > شَعَرَ = چاڻڻ) جَانَ - جَاڻَپ - دريافت. لڏيو بيت - پَدْ - ڏوهيڙو - بوت.

= شعر خوالي ۞ شعر خوانيون: ث. (ع. شعر + ف. خوالي > خوان > خواندن = پڙهڻ) شعر پڙهڻ جي حالت - شعر گوئي.

= شَعْرُ گُوئِيْ ۞ شَعْرُ گوئيُونْ: ث. (ع. شعر + ف. گوئي > گو > گفتن = چَوَنْ) شعر چوڻ جي حالت - شاعري.

● شُعْلُوْ ۞ شُعْلاَ: ذ. (ع. شعلة > شَعَلَ = ٻرڻ) چمڪو - روشني - جوت. باھ جي لاٽ - آلو - پَتْيَتْ - پَيَرْ - جِيبِي. باھ جو مَچ - آگ - باھ - آتش.

= شُعْلَهْ خُوْ ۞ شُعْلَهْ خَوْ: ذ. صفت. (ع. شعلة + ف. خو = طبعيت) تيز مزاج - تيزخُوْ - بَدْ مزاج.

= شُعْلَهْ رُوْ: ذ. صفت. (ع. شعلة + ف. رُو = منهن) سهڻيءَ شڪل وارو - نهايت خوبصورت - حَسِيْنُ.

● شَعُوْرْ: ذ. (ع. شعور > شعر = چاڻڻ) سمجهه - عقل - ٻڌ - چاڻ. دانش - سمجهه - واقفيت - شناخت. اخلاق - لڇڻ - لَلْ - عادت - افعال - تَميزَ - فَضِيلَت - چيهڙ - آڻڻ وهڻ - شعورُ - ادب انداز - نِشِسْتِ - برخاست - سليقو.

● شُعَيْبْ: اسم خاص. (ع) هڪ پيغمبر جو نالو.

● شِغَالْ ۞ شِغَالَ: ذ. (ف) جانور جو هڪ قسم - گدڙ - سِيال.

● شُغُلْ ۞ شُغُلَ: ذ. (ع. شُغُلْ > شُغَلَ = رُڌل رهڻ) سَٽهولي - ڪَمَ - ڪَارُ - ڏندو - نوڪري - ڪرت - وڃندي - وِرونهن - وِنْدِرَ. تماشو - راڳ - ڪيل - بازي - راند - روند. مجلس (راڳ وغيره جي).

= شُغُلْ ڪَرَنْ: ڀاڻ ڪي وندرائڻ - مشغولي ڪرڻ - ڪيل تماشو ڪرڻ - گائڻ و ڄائڻ. ڪَتَبُ آڻڻ - رُنْيالِڻ.

● شَفَا ۞ شِفَائُونْ: ث. (ع. شفا > = صحت جو سڌرڻ) بيماريءَ مان آڻڻ جي حالت - صحت يابي - سڪرائي. - نمرائي - تندرستي - چڱيلائِيْ - افاقو. چونڪارو - چونڪو. بِلو - آپاءُ - تدارڪ - چاڙو آوُ ڪِيد - علاج. دوا - دارُون.

= شِفاخانُو ۞ شَفَاخَانَا: ذ. صفت. (ع. شفا + ف. خانه = جاءِ) بيمارن جي علاج جي جاءِ - علاج گهر - دواخانو - دارالشفا - هاسپيٽل - اسپتال - مطب.

= شَفَا ڏِيَنْ: صحت بخشڻ - تندرستي عطا ڪرڻ - چڱيلائي ڏيڻ - آرام بخشڻ.

= شَفَايَابْ ۞ شَفَايَابَ: ذ. صفت. (ع. + ف. ياب > يافتن = لهڻ) بيماري مان آڻيل - چڱو ڀلو - نمرو - خوش - سڪرُ - كاركرتو.

= شَفَايَابِيْ ۞ شَفَايَابِيُونْ: ث. چڱيلائي - صحتيابي - سڪرائِيْ.

● شَفَاعَتَ ۞ شَفَاعَتُونْ: ث. (ع. شفاعت > شَفَعَ = سفارش ڪرڻ) گناهن جي معافي جي سفارش - پارت - پرائِنا. چونڪارو.

= شَفَاعَتَ ڪَرَنْ: چونڪارو ڪرڻ - بَخشڻ معافي ڏيڻ.

● شَفَّافْ ۞ شَفَّافَ: ذ. صفت. (ع. شفاف > سنهو ۽ سهڻو ٿيڻ) نهايت صاف - صاف - چٽو - نِرمَلُ - اوجَلُ - بِكندڙ - كُلِتوُ. جنهن مان آر پار ڏسي سگهجي - پاردرشڪ - تَرْپارشرو.

= شَفَّافِيْ ۞ شَفَّافِيْ: ذ. صفت. صاف ٿيل نِرمَلُ - شفاف - اوجَلُ - بِكندڙ - كُلِتوُ. پاردرشڪ - ترپارشرُوْ.

● شَفْتالُوْ ۞ شَفْتالُوْ: ذ. (ف). ميوي جو هڪ قسم - تازو آلو بخارو - بادام.

Gul Hayat Institute

● شُفْعُ ۽ شُفْعِ : ذ. (ع) ٻاڙي جو حقُ- سياندڙي جو حقُ- حق شفع.
- شُفْعِي ۽ شُفْعِيُ : ذ. صفت. ٻاڙي جو حق ادا ڪندڙ.
● شفَقُ ۽ شَفَقَ : ذ. (ع) سج لهڻ ۽ اپرڻ وقت ظاهر ٿيل گاڙهاڻ. سنڌيا- سنڌجها- سُنهن اونداهي.
● شَفَقَتَ ۽ شَفَقَتُونُ : ث. (ع. شفقت > اشْفَقَ = مهربان ٿيڻ) پلائي- مهرباني- وڏڙ- مَهر- ٿورو- لائق. رحم- ڪرم- ٻاجهه- ترس- همدردي- دَيا. سُنهن ڪاڻ- پرچائي- اعزا پرسي- غمخواري. محبت- پيار- قُرب.
● شَفُوِيَهُ : ذ. (ع). علم نحو جي اصطلاح موجب چپن مان نڪرندڙ آواز وارا اکر. جيئن: "ب، ف، م، و" (علم نحو).
● شفيعُ ۽ شفيعَ : ذ. صفت. (ع. شفيع > شَفَعَ = سفارش ڪرڻ) گناهن جي سفارش ڪندڙ شفاعت ڪندڙ- ڇوٽڪارو ڪندڙ- شافعي.
- شَفِيعُ اُلاُمَمُ : ذ. صفت. (ع. شفيع + اُمت ۽ اُمم = اُمتون) اُمت جي شفا ڪندڙ. (اسم خاص). حضرت پيغمبر صلي الله عليه و سلم جن جو لقب.
- شَفِيعُ محشَرُ : ذ. صفت. (ع. شفيع + محشر > حَشَرَ = گڏ ٿيڻ) محشر ۾ شفاعت ڪندڙ. (اسم خاص). رسول مقبول صلعم جن جو لقب.
● شَفِيعُ آباد : اسم خاص. تعلقي ڳوٺڪيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● شَفِيعُ مُحمدُ : اسم خاص. تعلقي سنجهوري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● شفيقُ ۽ شَفِيقَ : ذ. صفت. (ع). خدا جي خوف ڪان متاثر ٿي. مهرباني ڪندڙ- پَلو ڪندڙ- مهربان. عنايت ڪندڙ. رحم ڪندڙ- رحمي- ٻاجهارو- ڪريم- دَيال- مشفق- همدرد.
● شَقَّ ۽ شَقِّ : ذ. صفت. (ع. شَقّ > شَقَ = ڪٽڻ- چيرڻ) ڦاڙل- چيربل. (ذ). ڦاڙ- چيرُ- شيگاف.
- شَقُ اُلقَمَرُ : ذ. صفت. (ع. شق + ال = جو + قمر = چنڊ) چنڊ جو چيرُ حضور ٻاڪ جن جو چنڊ چيرجڻ جو هڪ معجزو.
- شَقِّ ثِيَنُ : ڦاڙَنُ- چيرجڻ.
● شِقَرُو ۽ شِقرَا (لس) : ذ. (حقيقت ۾ مادي مگر مذڪر طور استعمال ٿيندڙ) (ع. ف. صقر) پيلين اکين وارو مشهور شڪاري پکي. "چيڪ" جي مادي.
● شَقِي ۽ شَقِيُ : ذ. صفت. (ع). بَدنصيبُ- ڪمبخت- بد بخت- نياڪو.
● شَكَ ۽ شُكُونُ : ث. (من. شَنڪُرُ) ڪيلي- ڪيرِي. بَنڊُ. جيئن:
"تون ڪِنُ ۽ وجهين تن ڪي سومرا شَكُونُ" (شاهه).
● شَكَ ۽ شَكَ : ذ. (ع. شَكّ". سن. شَنْكا = گمان) شبهو- گمان- انديشو- آدڪو- وهم- سنسو- پرم- وَسواسُ- خيال- ڊپُ- فڪر- پراڏو ڊِنڪرُ (ڪ). شرم. حيا- لج (ت).
- شكائيتو ۽ شَكائِيتا : ذ. صفت. شڪ جهڙو- شڪ وارو- شڪ جو- شڪ ڪندڙ- شڪيُ- وهمي- وَسواسيُ- وِسُوسيو- سنديهي- ڊپائتو- گمانيُ.
- شَكَ پَوَنُ : گمان پَوَنُ- وهم پَوَنُ.
- شَكُجَنُ : مصدر. گمانجڻ- وهمجڻ- وسواس ٿيڻ. دل رکڻ- پائڻيُ.
- شَكَ رَفع كَرَنُ : گمان متائڻ- شُبهه دور ڪرڻ- وهم وڃائڻ.
- شَكَ شُبُهُ ۽ شَكَ شُبا : ذ. (ع. شك + ف. شبه = انديشو) وَهم- گمان- شُبهَ. انديشو- ڊپ. پرم- سنسو.
- شَكَ كَيَنُ : وهم ڪيَنُ- شُبهَ دور ڪرڻ.
- شَكَ كَرَنُ : گمان ڪَرَنُ- شُبهَ آڻڻ. انديشو ڪرڻ- ڊپ ڪرڻ.
- شَكَ وِجهَنْ : گمان پيدا ڪرڻ- وهم وجهڻ- شبهَ پيدا ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

ـ شَكيءُ ۽ شَكبيءُ: ذ. صفت. شڪ ڪندڙ- شَڪ ڪائڻ- وهم آڻيندڙ- وهمي- پرمي- سَنسئي- وِسُوِسائي- گماني. اڻ وِسَهُو- بي اعتبار- بي ويساهو. شرمندو- ٿڪو- لڄي (ت).

ـ شَكيءُ ٿيڻُ: شڪ وارو ٿيڻ- شڪائڻ ٿيڻ- وهم آڻڻ- وهم ٿيڻ- وسوامي ٿيڻ- وسوسيو ٿيڻ- پرمي ٿيڻ. شرمساو ٿيڻ- لڄي ٿيڻ (ت).

● شِكارُ ۽ شِكارَ: ذ. (ف). جانورن يا پکين کي ڦاسائڻ يا ماڻڻ جو ڪم- مارَ- ٻڪُ- سودَ. ماريل يا ڦاسايل جانور يا پکي وغيره- صيد- آهيڙو. وَجهُ- بُلُ- ٻيچو.

ـ شِكارُ ٿيڻُ: ڪنهن جانور جو مارجي وڃڻ. دام ۾ ڦاسڻ. عاشق ٿيڻ.

ـ شِكارُ ڪَرائيڻُ (ت): سوئر کي ٻڌي ڪُٽن کان مارائڻ.

ـ شِكارُ كَرڻُ: ڪنهن جانور يا حيوان کي مارڻ يا ڦاسائڻ. دام ۾ آڻڻ- قابو ڪرڻ- ڦندي ۾ ڦاسائڻ. ڏوکي سان مارڻ. عاشق بنائڻ.

ـ شِكارُ گاهُ ۽ شِكارَ گاهَ: ذ. (ف. شڪار+ گاهه = جاءِ- هنڌ) شڪار ڪرڻ جي جاءِ- صيد گاهه.

ـ شِكارُ ماهيءُ: ث. (ف. شڪار+ ماهي = مڇي) مڇيءَ جي شڪار ٿيڻ جي جاءِ- مڇيءَ ڦاسائڻ جي جاءِ- مڇيءَ جي ميار.

ـ شِكارُ هٿُ لڳَڻُ: شڪار حاصل هڻڻ- پکي يا حيوان جو شڪار جي دام ۾ ڦاسڻ- ڦندي ۾ ڦاسڻ- قابو ٿيڻ. آساميءَ هٿَ اچڻ- مراد جهڙو ڪم ملڻ.

ـ شِكارِيءُ ۽ شِكارِيءُ: ذ. صفت. شڪار ڪندڙ- شڪارباز (ماڻهو، ڪتو، جانور وغيره). پنڪي- سَهتر- چُهڻڙو- ڏ ڏيرُ.

ـ شِكارِيءُ ڪُتو ۽ شِكارِيءُ ڪُتا: ذ. صفت. شڪار ڪندڙ ڪُتو. تازي ڪُتو.

● شِكارپُورُ: اسم خاص. سنڌ جي هڪ مشهور شهر جو نالو (هاڻوڪي شڪارپور ۾ اڳي دائود پوٽن جو شڪارگاهه هو ۽ ڪوٽ لکي ۽ ڪجهه ٻيا پَر وارا ڪوٽ وسيل هئا. سنه ۱۶۱۷ع ۾ لکيءَ جي سَهرن کي دائود پوٽن شڪست ڏني، الهيءَ سوپ جي يادگيريءَ قائم ڪرڻ لاءِ اهو شهر ٻڌائون جو ڏاڻي جي انڊر هوندو هو). تعلقي شڪارپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● شِكارِيءُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● شِكافُ ۽ شِكافَ: ذ. (ف. شِگاف = چيرُ) چيرُ- قاڙُ- شِگاف.

● شَكائيءُ: مصدر. (ع. شَكّ: سن. شَنْكا) شڪ ۾ آڻڻ- گمان ۾ آڻڻ- وَسوِسي ۾ وجهڻ.

● شِكايَتَ ۽ شِكايَتُونُ: ث. (ع. شكاية < شَكَوَ = گلا ڪرڻ) گلا- شڪوه- بَدي- غيبتَ- عَيبُ جوئيءُ. ڏُڪ- مرض- بيماري- تڪليف. فرياد- داد خواهي- ڏوراپو- دانهن.

● شِكايَتَ كَرڻُ: گلا ڪرڻ- شڪوه ڪرڻ. مصيبت بيان ڪرڻ. فرياد ڪرڻ- دانهن ڪرڻ.

ـ شِكايَتَ هُنَڻُ: گلا هُنَڻ- بُرائي هُنڻ- شڪوه هڻڻ- بَدي هڻڻ. مرض هڻڻ- بيماري هڻڻ- تڪليف هڻڻ. دانهن هڻڻ- فرياد هڻڻ.

ـ شِكايَتيءُ ۽ شِكايَتيءُ: ذ. صفت. گلا ڪندڙ- شڪوه ڪندڙ. دانهن ڪندڙ- فرياديءُ. بيمارُ.

● شَكَتيءُ ۽ شَكَتيمُونُ: ث. (سن. شَكتي = طاقت) طاقت- توفيق- وسعت- وِتُ- سَگهه- بَل- زور- قوت- سمرٿي. پڇندي- دڳو- وَسُ- دَسترسي- پهچ- اختياري- هلندي. قابليت- صَلاحيت- جوڳائي.

ـ شَكَتيمُوانُ ۽ شَكَتيمُوانَ: ذ. صفت. زوردار- طاقت وارو- بَلوان- قوّت وارو- سگهارو- سگهائتو. سڌاڻو- ڪرارو- بَلوانُ- پراڪرميءَ پڇندييءَ وارو- پهچ وارو- هلندييءَ وارو- جبرو- زبردست.

● شَكَرِ ۽ شَكَرُونُ: ث. (سن. شَرڪرَ. ف. شڪرَ: ع. سَكَرُ) ميٺي شيءِ- ميٺاڻ- ڪنڊ.

Gul Hayat Institute

- شَڪَرُ پارهُ ؛ ذ. (ف. شڪر+پاره=ٽڪرو) مٺائي جو هڪ قسم - بيسنُ ۽ ڪنڊ مان ٺهيل ٽڪي.
- شَڪَرِي ٽُوتُ ؛ ذ. ميوي جو هڪ قسم - ٽُوتَ.
- شَڪَرُ دَهَنُ : ذ. (ف. شڪر+دهن=وات) مٺو وات - ڪنڊ جهڙو وات. (ذ. صفت). مٺو ڳالهائينڌڙ - مٺ ڳالهائو.
- شَڪَرُ رَنْجِي ۽ شَڪَرُ رَنْجِيُونُ ؛ ث. (ف. شڪر+رنجي > رنجيدن=ڏکوئڻ) اڻ بڻ - معمولي رَنْجش.
- شَڪَرُ لَبُ ۽ شَڪَرُ لَبَ ؛ ذ. (ف. شڪر+لب=چپ) مٺو چپ - ڪنڊ وارو چپ. (صفت). چپن مان مٺو ڳالهائيندڙ - مٺ ڳالهائو.
● شُڪْرُ ۽ شُڪْرَ ؛ ذ. (ع. شُڪْر > شَڪَر=احسان مڃڻ) احسان - مهرباني - لائق - ٿورو - شڪرانو - سپاس.
- شُڪْرانُو ۽ شُڪْرانا ؛ ذ. مهرباني - احسان - منت - ٿورو - شڪريو.
- شُڪْرانو ادا ڪَرَڻُ ؛ احسان مڃڻ - ٿورو مڃڻ - مهرباني مڃڻ.
- شُڪْرانَهُ : ذ. احسان - مِنّت - ٿورو. ڪنهن ڪم جو عيوضو.
- شُڪْرُ بَجا آڻَڻُ ؛ احسان مڃڻ - ٿورو مڃڻ.
- شُڪْرَ جو سَجدُو بَجا آڻَڻُ : ڏاڍي تعاليٰ جا لکين شڪر ڪرڻ. مصيبت تي وڃڻ تي خوشيءَ جو اظهار ڪرڻ - پنهنجي ڪاميابيءَ تي خوش ٿيڻ.
- شُڪْرُ ڪَرَڻُ : احسان مڃڻ - شڪرانو ڪرڻ.
- شُڪْرُ گُذارُ ۽ شُڪْرُ گُذارَ : ذ. صفت. احسانمند - ٿورائتو - ممنون احسان - شاڪر. نمازمند. حق شناس. نمڪ حلال.
- شُڪْرُ گُذارِي ۽ شُڪْرُ گُذارِيُونُ : ث. احسانمنديُ - ڏنيءَ واد - نمازمنديُ - ممنونيتَ. حق شناسيُ. نمڪ حلاليُ.

● شُڪّرُ ۽ شُڪّرَ : ذ. (سن. شُڪْلا=روشني) هڪ روشن گره جو ٿالو - هڪ گرهه جو ٿالو - وينس - زُهرو. ستن ڏينهن مان هڪ جو ٿالو - جمعو.
- شُڪْرُ وارُ ۽ شُڪْرَ وارَ ؛ ذ. جمع جو ڏينهن - آدينهن.
● شَڪَرَ ٽُوتِي : ذ. پڪيءَ جو هڪ قسم.
● شَڪَرُ خورُو ؛ اسم خاص. پڪيءَ جو هڪ قسم (هي پڪي سپني ڪان ننڍڙو پڪي جو ڏينهو يا چيلاڻي ڪان گهٽو وڏو ٿئي. هن جي ڪنهن ۾ ڪيترائي رنگ گڏيل آهن، جهڙوڪ ڳاڙهو، سائو، پيلو، هي پڪي رڳو آمريڪا ۾ ٿو ۽ سندس ڪنب زيورن واسطي ڪم اچن ٿا).
● شِڪِرُو ۽ شِڪرا : ذ. پڪيءَ جو هڪ قسم - باز جو هڪ قسم - باشو (چڪ باز جي مادي).
● شُڪْرُ وارُ : (سن. شڪر وار=شڪر ديوتا جو ڏينهن) جمعي جو ڏينهن - آدينهن.
● شِڪَسْتَ ۽ شِڪَسْتَيُونُ : ث. (ف. شِڪَسْتَ > شِڪَسْتَن=ٽُٽڻ) پورَ - پَچَ - ٽوٽ - پَڪَ. هارَ - مات - شڪست. زيان - ڪوٽ - نقصان.
- شِڪَسْتَ ٽِيَڻُ : هارجڻ - هارائڻ. پڇڻ - پور ٽيڻ - ٽُٽڻ.
- شِڪَسْتَ حالُ ۽ شِڪَسْتَ حالَ ؛ ذ. صفت. خراب حالُ - پريشان حال - بدحال - مصيبت زده.
- شِڪَسْتَ حالِيُ ۽ شِڪَسْتَ حالِيُونُ ؛ ث. پريشاليُ - بدحالي - خراب حال.
- شِڪَسْتَ ڏِيَڻُ : جيتڻ - هرائڻ - مات ڏيڻ - شڪست ڏيڻ. نااميد ڪرڻ. پڇائڻ - مغلوب ڪرڻ.
- شِڪَسْتَ فاشُ : ث. (ف. شڪست+فاش=ڪليل) سخت هارَ - وڏي هارَ. ڪليل شڪست. اهڙي شڪست جنهن ۾ وري ڪنڊ نه ڪڍي سگهي.
- شِڪَسْتَ ڪائِيُ : هارائڻ - نااميد ٿيڻ.
- شِڪَسْتِيگِيُ ۽ شِڪَسْتِيگِيُونُ : ث. پَچَ پُورَ - پَڪَ ٽوٽ - ٽوڙ ٽوڙ. هار - شِڪَسْتَ.

Gulhayat Institute

= شِڪَسْتو ۽ شِڪَسْتا: ذ. پڳل - ٽٽل. هارايل. مات کاڏل.
= شِڪَسْتَهَ: ث. پڳل - ٽٽل.
= شِڪَسْتَهَ حالُ ۽ شِڪَسْتَهَ حالَ: ذ. دُکي - پريشان حال - مصيبت زده - آفت جو ماريل - تنگ - ڪَنگاڏُ - خَسته حال.
= شِڪَسْتَهَ حاليُ ۽ شِڪَسْتَهَ حاليُون: ث. خَسته حالي - پريشاني حالت - آفت - مصيبت - تباهي.
= شِڪَسْتَهَ خاطِرُ: ث. رَنجيده - غمگين.
= شِڪَسْتَهَ دِلِ: ذ. صفت. ٽٽل دِل - پڳل دل - نااميد.
= شِڪَسْتِيُ ۽ شِڪَسْتِيُ: ذ. صفت. پڳل - ٽٽل - نااميد - مايوس - غمگين - مَلولُ. جيئن: "شِڪَسْتِي سيڊ چي، چيهان ڪرٽو پوء" (شاهه).
● شَڪَلِ ۽ شَڪِيلِيُون: ث. (ع. شَڪل = جهڙو ٿيڻ - وانگيان هئڻ) صورت - مهانڊو - چهرو - روپ - مُنهن. نوع - ڊنگ - ڊول - طور - طريقو - قسم - نمونو - ٻيهڪ. مورتي - تصوير - مورت. ڏيک. آڪارُ - حالت - ڪَٽ.
= شَڪِلائِيُ: مصدر. صورت ۾ مشابهت رکڻ - هڪجهڙائي ڏيکارڻ.
= شَڪِلِ ناهِيُ: مُنهن ناهڻ. وهس ڏارڻ. تصوير ناهڻ.
= شَڪِلِ شِيشا پَڇَنُ: بَدشڪلو هُڻڻ.
= شَڪِلِ ڪَيڏَنُ: آهاڙ ڪرڻ - اُٽل ڪرڻ. مورت ڪيڏڻ.
= شَڪِلِ کان بيزارُ ٿِيَنُ: ڪنهن جي صورت کان نفرت ڪرڻ.
= شَڪَلُ وَ شَمائِلِ: ث. صورت و سيرت. رنگ روپ.
● شَڪَلِ پَڪَشُ: ذ. (سن). مهيني جو چالڊوڪيء وارو حصو - سُهاڻي وارو اڏ مهينو - سهاڻو پَکُ.
● شِڪَمُ ۽ شِڪَمَ: ذ. (ف). ٻيٽ - ڍِيءُ - اوجهه - بطن - ڍِيلُ. ڏولهه. ويڪرائي - موڪرائي - جوڙائي. پاسو. پَرُ.
= شِڪَمُ پَرَسْتُ: ذ. (ف. شڪم + پرست < پرستادن = پوجا ڪرڻ) ٻيٽ جو پوجيندڙ - ٻڌي - ٻيٽير - ٻيٽ لَٽُ - مالين ٽوڙ - هَيجي. خوش خوراڪ.
= شِڪَمُ پَرُوَرُ ۽ شِڪَمُ پَرُوَرَ: ذ. صفت. (ف شڪم + پرور < پروردن = پالڻ) ٻيٽ پال - ڪاڏي جو طالبو - ٻٽوڙي - ٻڌي - هيجي - ڪائٽو - هائٽو. خوش خوراڪ.
= شِڪَمُ پَرُوَرِيُ ۽ شِڪَمُ پَرُوَرِيُون: ث. ٻيٽ پوڃا - ڪاڏي جي تات - ٻيٽ جي ڀُٽي.
= شِڪَمُ پُورِيُ (ت): ث. شِڪَمُ پَرُوريُ.
= شَڪَمُ مادر: ذ. (ف شڪم + مادر = ماءُ) ماءُ جو ٻيٽ.
= شِڪَمِيُ ۽ شِڪَمِيُ: ذ. صفت. ٻيٽ جو. جنم جو - مادر زاد - پيدائشي. اندروني. ٻٽوڙِيُ.
● شِڪَنُ: ذ. (ف. شِڪَنُ < شڪستن = ٽُٽَنُ) وَرُ - وَڪَرُ - ٻيچُ - ڳهڻجُ - سَرُ - وَٽُ.
= شِڪَنَ پَوَنُ: وَرَ پَوَنُ - سَرَ پَوَنُ - ڳهڻجُ پَوَنُ.
● شِڪَنُ ۽ شِڪَنَ: ذ. صفت. (ف. شڪن < شكستن = ٽُٽڻ) ڀڃندڙ - ٽوڙيندڙ.
= شِڪَنِيُ ۽ شِڪَنِيُون: ث. ڀڃڻ جي حالت - ٽوڙڻ جي حالت - ڀڃي - ٽوڙي.
● شُڪَنُ ۽ شُڪَنَ: ذ. (سن. شُڪَنُ = سُڪُنُ) سوڻ - سگُڻ. پيرَمُ - سَنسو - وهم - آجايو خيال.
● شَڪَنْتَلا: اسم خاص. سنسڪرت هوليء ۾ ڪاليداس ڪَوِيء جي ناهيل هڪ ناٽڪ جو نالو. شڪنتلا ناٽڪ جي سورميء جو نالو.
● شِڪَنْجَبِيُ: (ف). شربت جو هڪ قسم - ليمي جي رس (ڪنڌ يا ماکي سان). سرڪو.
= شِڪَنْجِ بِينُ: ذ. شِڪَنْجَبِيُ.

Gul Hayat Institute

● شِکَنْجو ۽ شِکَنْجا: ذ. (ف. شِکَنْجَہ) ڏوهارين کي سزا ڏيڻ لاءِ هڪ ڪَلَ جو نالو. جلد سازن وٽ ڪتابن کي چِپَڻ لاءِ هڪ اوزار جو نالو. (ڪپڙن جو) گهوڙو. سخت - عذاب. دکُ - سزا.
= شِکَنْجا چاڙَهَڻُ: سخت تڪليف ڏيڻ - عذاب ڏيڻ - سزا ڏيڻ.
● شِکَنْجِبِي: ذ. (ف). شربت جو هڪ قسم - ليمن جو شربت. ليمي جي رَس (ماکيءَ يا ڪنڊ سان ملايل). سرڪو.
● شَکَنَ: مصدر. (ع. شَکٌ: مذ. شَکّا = شَکّ) وهم آڻڻ شڪ آڻڻ - گمانجڻ.
● شُکَيِبِي ۽ شُکَيِبِيُونْ (ڪ): ث. سنهي لڪڻي. لَکَڻُ - چَهو - شرتاڪ.
● شِکُوهْ: ذ. (ف) شڪايت - گِلا - ڏوراهو.
● شِکُوهْ: ذ. (ف). رعب - داب - شان - شوڪت. ڏار ڏوم - دَبْدَبو - ٺاٽُ - چوچُ - آدمبر - تومان - پَيْڪو - حَشْمَت - هرتاب - تجمل. مرتبو - وڏگِي.
● شِکِيبْ ۽ شِکِيبَ: ذ. (ف). صبر - ماڻ - تحمل - آرام.
= شِکِيبائِي ۽ شِکِيبائِيُونْ: ث. صبر واري حالت - صبر پائي - بُردباري - مانائي.
● شَکِيلْ ۽ شَکِيلَ: ذ. صفت. (ع. شکيل > شَکْلَ = جهڙو ٽيڻ) صورت وارو - صورت وَنڊُ - خوبصورت - ٺاهوڪو - حسين - سوپياوان - سهڻو - سوچارو - اوکهو - وِينگس - زيبائتو - ڏَجُ منج جهڙو - پريمان - خوش وضع.
● شَکِيلُو ۽ شَکِيلاَ: ذ. هٿيار جو هڪ قسم. تلوار - ترار - شمشير - سکيلو - سقيلو (جنهن جو منهن ۽ پڻيءَ جو چوٽون حصو تيز ٽيندو آهي) درياهه جي ويڙهءَ جو هڪ اوزار.
● شِکِيرُو ۽ شِکِيرا: ذ. باز جو هڪ قسم - شِکرو.
● شَکِيُ ۽ شَکِيِ (لس): ذ. صفت. (ع. سَخِيءَ جو بگڙيل لفظ) سَخِيُ.

● شِکافُ ۽ شِکاف: ذ. (ف. شگاف > شگفتن = ڦُٽڻُ - ٽِرَڻُ) چيرُ - وَيُ - قوتِ - سِيرَ - ڏار - ڦوڙ - ڏاڙ.
= شِکافَ ڏِيَڻُ: ٽُڪو ڏِيَڻُ - چهڪ ڏيڻ - وَيُ ڏيڻ - چِير ڏيڻ.
● شَکّانُ ۽ شَکّانَ (ڪ): ذ. (ف). شِکاف = چيرُ) چيرُ - ٽُڪو - وَيُ - چهڪ. طعنو - ٽُهڪو - اوپالو - مهڻو. ٽوڪَ - چَٽَر.
● شَکَبِگ: ذ. وسوسو - وهم - ڳڻتي.
"شَکَبِگ آهِر سرتيون دم دم ڏينهان رات" (آدم).
● شِگِفْتَ ۽ شِگِفْتُونْ: ث. (ف. شگفت = تعجب) تعجب - حيراني.
● شِگُفْتْ ۽ شِگَفْتَ: ذ. صفت. (ف). ٽڙيل - ڪُليل (گل وغيره جو). شاداب - سائو - تازو - آباد.
= شِگُفْتِگِي ۽ شِگُفْتِگِيُونْ: ث. گل جي ٽڙڻ جي حالت. خوشي - فرحت. سرسبزي - شادابي.
= شِگُفْتَہ: صفت. ٽڙيل - ڪُليل. شاداب - سائو - تازو - آباد.
= شِگُفْتَہ خاطِرْ: ذ. صفت. (ف. شگفته + خاطر = دل) خوش دل - خوش مزاجُ.
= شِگُفْتَہ رُو: ذ. صفت. (ف. شگفته + رو = منهن) ڪِلمڪ - خنده پيشاني.
= شِگُفْتَہ رُوئِي: ث. ڪِلمڪائي.
● شَگُنْ ۽ شَگُنَ: ذ. (ف. من. شَگُنْ = سُڻي خبر آئيندڙ) نيڪ فال - سُڻو سوڻ
● شُگُوفو ۽ شُگُوفا: ذ. (ف. شُگُوفَہ) ان ٽڙيل گل - ڪري - ڪلي. گل - ڦل - پُشپ. ڪنهن عجيب ڳالهه جو ظهورو - آڦواه.
● شُگُونْ ۽ شُگُونَ: ذ. (ف. من. شَگُنْ = سُڻي خبر آئيندڙ) نيڪ فال - نيڪ - خبر - سوڻ - سڳڻ - سَوڻ.
● شَلْ: ذ. صفت. (من. شَلّ = ٽڪجي هَوَڻ) هٿ پير جو ڪهڻي ڪر ڪرڻ سبب بيڪار ٿيڻ جي حالت - ٽڪاوٽ - ٺاڪيڙو. (صفت). سُست -

Gul Hayat Institute

تَڪَلُ - چُورُ - وِرتَلُ - ڪُهيو - مالدو. عاجز - جڏو. پڳهريل - شَرُ.
= شَلّ ٹِيءُ ہَوَنُ: ٹڪجي ٻوڻ - ساٿو ٽي ٻوڻ - ٻڳهر ۾ شِرُ ٹيڻ. ٽنگون ٽيڙي سمهڻ - ڏ ڳهو ٽي ٻوڻ.
= شلّ ٹِيڻُ: هٿن پيرن جو ڳهٽي ڪم ڪرڻ سبب ماندو ٽيڻ - ٻڳهر ۾ ٽُهنار ٽيڻ - ٻڳهرجڻ. ٹڪجڻ - ماندو ٽيڻ.
● شَلارَ: اسم خاص. پرت جو هڪ قسم.
● شلٹاڪُ ۽ شَلٹاڪَ (ت): ذ. فريب. فَنُ.
● شَلَڙُ ۽ شَلَڙَ: ذ. (سن. شَلّ = ٹڪجي ٻوڻ) سُستُ - ڪاهل - ڍِرو - ڍِرلو - ڍرڙو - (پکيءَ لاءِ).
● شَلُڪو ۽ شَلُڪا (ل): ظرف. خيرڪو - ڪوڙ - نہ.
● شَلَنگُ ۽ شَلَنگَ (ڪ): ذ. ٽُڪر ٽُڪر ٿي ميڻهن جو وسڪارو (جيئن هيٺي ميڻهن وسي وري ميل ٻڏ ٿي وسي).
= شَلَنگَ ڪَرڻُ: ميڻهن جو وسڪارا ڪرڻ.
● شِلِنگُ ۽ شِلِنگَ: ذ. (انگ). هڪ انگريزي سڪي جو ڏاڙو - پائونڊ جو ويهون حصو.
● شَلُوارَ ۽ شَلُوارونُ: ث. (سن. شَلُوارَ > ف. شَلوارَ > زند. سروار. ع. سَراويل) ٻهڑ جو هڪ قسم - چيلهه کان پيرن تائين پاتل ڪپڙو - سَلُوارَ - سُٿڻ - ڪانڇَ - گودواڙ.
= شَلُوارَ بَنَدُ ۽ شَلُوار بَنَدَ: ذ. صفت. (ف. شلوار + بند > بستن = ٻڌڻ) اڇڻ - ناڙو - ازار بند.
● شَلُواڻِيُ: اسم خاص. ٻڪڙي بلوچن جو هڪ قبيلو (ت. بلوچستان).
● شَلُوڪُ ۽ شَلُوڪَ: ذ. (سن. سلوک = سارهه جو گيت) ڪَلِيُ - انتروُ - ٻَدُ - بيت جي سِتَ - مصرع. چئن پَدَن جو سنسڪرت ٻوليءَ ۾ شعر - بيت - سَلُوڪُ.
● شُلِيُ ۽ شُلِيونُ: ث. ڪَنَ جو هڪ ڏيڏو قسم - ارت - اولو.
● شَرَ ۽ شَمُونُ: ث. (ع شَمْعَ = ٻتي) ٻتيءَ جو هڪ قسم - موم بتي - شمع بتي - ميڻ. اتفاق - ناهه - ايڪتا - ملت - ميل - ميٽ - محبت - سلوڪ.
● شُمارَنُ: مصدر. (ف. شمردن = ڳڻڻ) هڪ هڪ ڪري ڳڻڻ - تعداد ڪرڻ - تخمينو ڪرڻ. انگ ڳڻڻ. ڳڻپ ڪرڻ - حساب ڪرڻ - ليکو ڪرڻ - وِرنن ڪرڻ. اندازو ڪرڻ - جاچ ڪرڻ - ڪَتَ ڪرڻ.
= شُمارُ ۽ شُمارَ: ذ. ڳڻپ - ڳاڻيٽو - حساب - ليکو - تعداد. اندازو - جاچ - تخمينو - انڪل روءِ ڪَتَ. جملو - رقم - راس.
= شُمارُ ڪَرَنُ: حساب ڪرڻ - اندازو ڪرڻ - ڳڻڻ - ليکو ڪرڻ.
= شُمارَ ڪانُ ٻاهَرُ: ظرف. بي حساب - بي انت - تمام گهڻا - بي انداز.
= شُمارَ ڪانُ زيادَهُ: ظرف. شُمار ڪان ٻاهر.
= شُمارِيُ ۽ شُمارِيونُ: ث. ڳاڻيٽو - وَرنن - بيان مجمل - واڃنا.
= شُمارِيُ عَدَدُ: ذ. مفرد عدد - اصلي عدد.
● شِمالُ: ذ. (ع) هڪ طرف جو نالو - آتر.
= شِمالِيُ: ذ. صفت. آتر جو - آتريون - آتر وارو - آتراڏي. سَرُ آلهندي جو واءُ (هوائون).
● شَمُبانِيُ: اسم خاص. ٻڪڙي بلوچن جو هڪ قبيلو (هنن کي ريساڙي به چولدا آهن ت. بلوچستان).
● شَمُسُپِيرُ: اسم خاص. (شَمْس پير جو مخفف) ڪراچيءَ کان ۱۱ ميل ٻڏ تي ماريپور ۾ هڪ پيٽ جو نالو (جتي شَمْس پير جي تربت آهي).
● شِمرُ: اسم خاص. (ع). حضرت امام حسين عليه السلام جن جي قاتل جو نالو - يزيدَ جي هڪ سهه سالار جو نالو. (ذ. صفت). مَردُودُ - بد ذات - ظالم.
● شِمرُو ۽ شِمرا: ذ. صفت. شيرين اکين وارو - شيرو.
● شَمْسُ ۽ شَمَسَ: ذ. (ع). سِچُ - سورج - سوريه - آفتاب - آڏت.

Gul Hayat Institute

= شَمْسُ الضُّحيٰ: ذ. (ع. شمش + ضحيٰ = منجهند) چمكندڙ سيج.

= شَمْسِيُ ۽ شَمْسِيُ: ذ. صفت. سڄ جو- سڄ وارو- آفتابي- سنكرانتي.

= شَمْسِيُ حَرْفُ ۽ شَمْسِيُ حَرْفَ: ذ. صفت. شَمْسُ يا سڄ سان واسطو رکندڙ حرف (ڏندن جي مدد ۽ زبان جي چوٽيء کان لکرندڙ آواز وارا اکر، جهڙوڪ: "ت، ث، د، ذ، ط، ظ، ل، ن، ر، ز، س، ش، ص، ض"). هنن اکرن ۾ لام لکي ويندو آهي.

= شَمْسِيُ قَمَرِيُ: ذ. صفت. سڄ ۽ چند جو.

● شَمْسُو ۽ شَمْسا: ذ. ڦٻي يا کلس جي مٿان لڳايل سونهري چمڪ. تسبيح ۾ داڻن کي ڌڻ حصن ۾ ورهاست کندڙ خاص داڻا.

● شَمْشادُ: ذ. (ف). وڻ جو هڪ قسم (سهڻي ڊگهي قدَ جو).

● شَمْشانَ ۽ شَمْشانَ: ذ. (سن. شَمْشانُ = مَسانُ) هندو مُردن جي ساڙڻ جي جاءِ- مسان- شَمْشان يومي.

= شَمْشانُ يُومِيُ: ذ. هندو مُردن جي جلائڻ جي جاءِ- مسان.

= شَمْشان واسِيُ ۽ شَمْشان واسِيُ: ذ. صفت. مسان ۾ رهندڙ.

● شَمْشُ چَهْرِيُ: اسم خاص. تعلقي اباوڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● شَمْشِير ۽ شَمْشِيرُنُ: ث. (ف. شُمْ = پُڇ + شمر = شينهن) شينهن جي پڇ جهڙي هڪ هٿيار جو نالو- تلوار- تراڙ- تراز- سيف- تيغ- شكيلو- سكيلو- سقيلو.

= شَمْشِيرباز ۽ شَمْشِيرباز: ذ. صفت. (ف. شمشير + باز < باختن = كيڏڻ) تلوار وارو- تراريو. سپاهي- جوڌو- جنگي جوان.

● شَمْعَ ۽ شَمْعُونُ: ث. (ع). چربي ۽ مين مان ٺهل بتي- ميڻ جي بتي- موم بتي.

= شَمْع دانُ ۽ شَمْعَ دان: ذ. صفت. (ع. شمع + ف. دان = رکڻ جي شيءِ) بتيءِ رکڻ جي جاءِ- فانُوسُ- فانُوش- روشن دان. بتي. گاڏيءِ ۾ بتيءِ جهلڻ جي گهوڙي.

= شَمْعُ رُو: ذ. صفت. (ع. شمع + ف. رُو = منهن) شمع وانگر هرندڙ منهن وارو- سهڻو- حسين.

= شَمْعُ سَحَرِيُ: ذ. (ع. شمع + سحر = صبح) صبح جو ڏيو- جلد فنا ٿيڻ واري شيءِ.

● شَمَّكُ: ث. جانورن جي بيماريءِ جو هڪ قسم- هڏڙي جي بيماري. (اوئين گوڏن ۾ ٿيندڙ بيماري). (جانورن جي طب. ص ١٣٥).

● شَمْلُو ۽ شَمْلا: ذ. (ف. شمله > شملة > شَمَلَ = ويڙهڻ) کُلهن تي رکڻ جي شالَ (لُنگيءِ جهڙو ڪپڙو، جو درباري اميرِ چيلهه سان ٻڌندا هٿا ۽ سندس پلالد لٽکائي ڇڏيندا هٿا. هن وقت اهڙي ٻڪي کي شملو چئجي ٿو، جنهن جو هڪ ٻلو پٺيان چيلهه تي لٽکائي ڇڏيو آهي) ٻڪو- مولهيو- پڳ.

= شَمْلُو بَدَنُ (ت): جوڙجڪ. بدڻ. تهمت ذَرَنُ- الزام هڻڻ.

● شَمْناوَرُ ۽ شَمْناوَرَ: ذ. (ف. شَناور = تَارُو) تاروُنُ- تاروُ- تيراڪ- سناوَرُ.

● شَمَنُ گُذْرِيُ ۽ شَمَنُ گُذْرِيُونُ (ت): ث. بلڪل حسين- نازڪ بدن- سهڻي- سوڀياوان.

● شَمَنُ گُڏو (ت): ذ. سهڻو- حسين- نازڪ.

● شِمَّهُ: ث. (ع). ٿوري خوشبوءِ- بوءِ. ٿورو- ذرو.

● شَمِيمُ: ث. (ع). خوشبو- سڱند- سرهاڻ- نڪهت- مهڪ.

● شَناخْتَ ۽ شَناخْتُونُ: ث. (ف. شناختن = سڃاڻڻ) سڃاڻپ- جاڻ- پَروڙ- پڇاڻ- شناسائي. واقفيت- خبر- پَتو- سَمجهه- ڪَلَ- گر- سماءُ- سُڌ- سَمَڪَ. وِدِيا- علم- گيان. حِس- حواس- اندري گيان. عقل- چيتو- هوش- خيال.

= شَناخْتَ كَرَنُ: سڃاڻپ ڪرڻ- واقفيت ڪرڻ- سماءُ سُڌ ڪرڻ- عقل ڪرڻ- هوش ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

= شَناسُ ۽ شَناسَ: ذ. صفت. (ف). سڃاڻو - سڃاڻو. مهاڪڙو - واقف. سڃاڻندڙ - محسوس ڪندڙ - سمجهي ڪندڙ. مرڪبات ۾ ڪم ايندڙ، جيئن: "مرد شناس، حق شناس" وغيره.

= شَناسا: ذ. صفت. سڃاڻندڙ - سڃاڻندڙ - واقف ڪار - پرکيندڙ.

= شَناسائيُ ۽ شَناسائيونُ: ث. جاڻ پڇاڻ - سڃاڻ - سڃاڻپ - واقفيت - ڏيٺ.

= شَناسيُ ۽ شَناسيونُ: ث. واقفيت - سڃاڻپ - واقف ڪاري - ڏيٺ - مهاڪڙائي.

● شَنانُ ۽ شَنانَ: ذ. (سن. سَنانُ = وهنجڻ) بت تي هاٿي وجهڻ جي حالت - وهنجڻ - تڙڻ - غسل - جهيلو - سَنانُ - آشنانُ.

● شَناورُ ۽ شَناورَ: ذ. صفت. (ف. شِنا = ترڻ) تارو - ترندڙ (هاٿي ۾) - تيراڪ - تارون - سَناورُ - شَمْناورُ.

● شَنْباٿيُ (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو ڪالو.

● شَنْبَهُ: ذ. (ف). هڪ ڏينهن جو ڪالو - چَنڇر - سنيچر. (هڪ شَنْبَهُ = آچر، دو شَنْبَهُ = سومر، سہ شنبه = اڱارو، چار شَنْبَهُ = اربع، پنج شَنْبَهُ = خميس).

● شَنْبهاٿيُ: اسم خاص. ڪڇي بلوچن جو هڪ قبيلو (ت. بلوچستان).

● شَنْبُ ۽ شَنْبَ (ت): ذ. تلاءُ - حوض.

● شَنْپَتيُ ۽ شَنْپَتيُ: ذ. صفت. (سن). ڇج ويد واري زماڻي ۾ هڪ سَؤ ڪوٽن جو رئيس يا سردار (هندن جي تاريخ ص ۱۷).

● شَنْجَرَفُ: ذ. (ع). هڪ دوا جو ڪالو - شنگرف.

● شنجور: ذ. گهوڙي ڪي ٽيندڙ هڪ عيب.

● شَنَدُ ۽ شَنْدَ (ت): ذ. (سن. چَنْدُ) مَڪَرُ - ميڪرُ - چَنْدُ - فريبُ - چَل.

● طَرِيقَتْ = طَرِيقَتُونْ: ث. (ع). راهه ـ رستو ـ وات ـ طريق. مذهب ـ پنٿ. ساوڪ جو رستو. صوفين جي طريقي ۾ تصوف جو ٻيو درجو. (شريعت جو مدار، شريعت جو مدار ظاهر تي ۽ طريقت باطن تي آهي، هن درجي تي فقيراڻو طريقو اختيار ڪري، تارڪ ٿيو آهي).

ـ طَرِيقَتْ تُورَنْ: طريقت جي حالت وزن ڪرڻ.

● طَرِيقُو = طَرِيقا: ذ. (ع). راهه ـ رستو ـ وات. قاعدو ـ قانون ـ دستور. ڏنگ ـ لموٽو ـ ترڪيب.

ـ طَرِيقُو ٻُڌائِينْ: رستو ٻڌائڻ. ڪنهن کي ڪرڻ جو ڏنگ ٻڌائڻ. هدايت ڪرڻ.

● طَسِ: ذ. (ع). قرآن شريف جي سورة نمل جو ٻهريون لفظ.

● طَشْتْ = طَشْتَ: ذ. (ع). وڏو طباخ ـ ٿالهي ـ ٿالهه ـ رڪابي.

ـ طَشْتْ آزْبامْ: ظاهر ـ عيان ـ آشڪار ـ مشهور ـ عام.

ـ طَشْتْ آزْبامْ ٿِيڻْ: ظاهر ٿيڻ. مشهور ٿيڻ. رسوا ٿيڻ ـ بدنام ٿيڻ. پيد کلڻ ـ رازفاش ٿيڻ.

ـ طَشْتَرِي = طَشْتَرِيُونْ: ث. ننڍي ٿالهي ـ ٿالهڙي.

Gul Hayat Institute

● طعامُ ۽ طعامَ : ذ. (ع. طعَمَ = کائڻ) اناج جو هڪ قسم - کڻڪ. کائڻ جي شيء - کاڌو - غذا - خوراڪ - کانو - پوجن.
- طعامُو ۽ طعاما : ذ. طعام - کاڌو - خوراڪ.
● طعَنُ : ذ. (ع. طعَنَ = پالي سان زخم ڪرڻ) پالي هڻڻ جي حالت. عيب جوئي - طعنو - ٽنز - مهڻو - ملامت - اوپالو.
- طعَنَ تشنِيعَ : ث. طعنو مهڻو - ڦٽ لعنت - لعنت ملامت.
● طعنُو ۽ طعنا : ذ. (ع. طعَنُ) مهڻو - اوپالو - تنڪو - ڏوراپو - هاراهو.
- طعَنُو آچلنُ : مهڻو ڏيڻ - ڏوراپو ڏيڻ - گلا ڪرڻ - شڪايت ڪرڻ.
- طعنُو تنڪو ۽ طعنا تنڪا : طعنومهڻو - ڏک ڏوراپو - ڦٽ لعنت.
- طعنُو ڏيَنُ : ملامت ڪرڻ - مهڻو ڏيڻ.
- طعنُو مِهڻو ۽ طعنا مِهڻا : ذ. لعنت‌ملامت - ڦٽ لعنت.
- طعنُو هنڻنُ : مهڻو ڏيڻ - اوپالو ڏيڻ.
- طعنَہ زَنُ ۽ طعنَہ زَنَ : ذ. صفت. (ع. طعن + ف. زن > زدن = هڻڻ) طعنو هڻندڙ - مهڻو ڏيندڙ.
- طعنَہ زَلِي ۽ طعنَہ زنِيونُ : ث. عيب جوئي. طعني ڏيڻ جي حالت.
● طغرَلُ : اسم خاص. (ترڪي) سلجوق خاندان جي پهرئين بادشاهه جو نالو.
● طغرُو ۽ طغرا : ذ. (ترڪي) پيچيده لکيت - شاهي فرمان - متان لکيل تحرير.
● طغيانُ ۽ طغيانَ : ذ. (ع. طغيان + طغو > طغي = واجبي حد کان ٽپي وڃڻ) درياءَ جو چاڙهه - اٿل - ٻوڏ - سيلاب. سرڪشي - بغاوت. گهٽائي - زيادتي - واڌارو.
- طغيانِي ۽ طغيانيونُ : ث. (ع). سرڪشي - بغاوت. زيادتي - گهٽائي - واڌارو. درياهه جو چاڙهه - اٿل - ٻوڏ - سيلاب.

● طِفلُ ۽ طِفلَ : ذ. (ع. طِفل) ٻار - ٻالڪ - ٻچو. (صفت). ڪير ٻياڪ - نادان - ناسمجهه - معصوم.
- طِفلُ شِيرُ خوارُ : ذ. صفت. (ع. طفل + ف. شير = ڪير + خوار > خوردن = کائڻ) ڪير ٻياڪ.
- طِفلِ مَکتَبُ : ذ. صفت. مڪتب جو ٻار - طالب علم - شاگرد - متعلم. مبتدي - ناتجربه ڪار - اڻ آزمودڪار. سيکڙات - نوآموز - نوَل.
- طِفِلِيُ : ث. ٻالپڻ - ٻالپڻو - نندپڻ - ڪمسني - نادانيءَ - بي سمجهي.
● طفُولِيتُ : ث. (ع). ٻالپڻ - طفلي. نادانيءَ.
● طفَيلُ : ذ. (ع). ذريعو - وسيلو.
- طفَيل : ظرف. ذريعي - معرفت - صدقي - محابي - بدولت - عوض.
● طفَيلَنُ (ت) : مصدر. خراب ڪرڻ. لتاڙڻ.
● طِلا : ث. (ف). ڳاڙهو سون - زر - ڪندن - ڪنچن. ملمعو - گلٽ. ليپ - پلستر - لائڻ جي دوا.
- طِلا جَلَقَ : ث. مشت زني جي دوا - لهيپ.
- طِلاکارُ ۽ طِلاکارَ : ذ. صفت. (ف. طلا + کار > کردن = ڪرڻ) سون جو ڪم ڪندڙ - سونارو. چاندي ۽ جي زيورن تي سون جو پاڻي چاڙهيندڙ - ملمعي سازُ.
- طِلاکارِي ۽ طِلاکارِيونُ : ث. سوني پاڻي چاڙهڻ جو ڪم - ملمعي سازي.
- طِلائِيُ ۽ طِلائِيَ : ذ. صفت. سون جو - سون وارو - سونو - سونهري - زرّين. سون وارو.
- طِلائِيُ وَرَقُ ۽ طِلائِيُ وَرَقَ : ذ. سون جو پن - سون جو پردو - سون جو پتو - سون جو سنهڙو ڪاغذ.
● طِلاسُ ۽ طِلاسَ : ذ. آبخورو - جام - پيالو - وٹو.
● طلاقَ ۽ طلاقُونُ : ث. (ع. طلَقَ = آزاد ڪرڻ) عورت کي ڇڏڻ جي حالت - آزاد گي - عورت کي شريعت موجب ڇڏي ڏيڻ جي حالت - نڪاح کان آزاد گي.

Gulhayat Institute

ـ طَلاَقَ ڈِيڻُ: زال کي چڈي ڈيڻ ـ مذهبي قانون موجب قطع تعلقات ڪرڻ.
ـ طَلاَقُ نامُو ۽ طَلاَقُ ناما: ذ. طَلاَق ڈيڻ جو دستاويز ـ طَلاَق جي لکيت.
ـ طَلاَقَڻ ۽ طلا قَڻيُونُ: ث. طلاق ڈنل عورت ـ طلاقيل زال.
ـ طَلا قَ وَڻڻُ: مڙس کان آزادي حاصل ڪرڻ. مڙس کي چڈي ڈيڻ.
● طَلَبُ: مصدر. (ع. طَلَبَ = ڳولڻ. خواهش ڪرڻ) ڳهرڻ ـ منگڻ. خواهش ڪرڻ ـ لهڻ ـ وٺڻ ـ وصول ڪرڻ.
ـ طَلَبَ ۽ طَلَبُونُ: ث. تلاش ـ جستجو ـ ڳولا. خواهش ـ ضرورت. گهر ـ مانگ. درخواست ـ التجا. آرزو ـ تمنا. ڪاڍي ـ ڪوٽ ـ نيندي. لهڻو ـ رهت ـ پگهار ـ مزوري.
ـ طَلَبَ ٿِيڻُ: ضرورت پوڻ ـ گهرج ٿيڻ.
ـ طَلَبْدارُ ۽ طَلَبْدارَ: ذ. صفت. (ع. طلب + ف. دار > داشتن = رکڻ) خواهشمند ـ گهرجائو ـ طالبو ـ ڳولائو.
ـ طَلَبَ ڪَرَڻُ: گهرڻ ـ گهر ڪرڻ ـ دعويٰ ڪرڻ. گهرائڻ ـ سڏڻ.
ـ طَلَبْڪارُ ۽ طَلَبْڪارَ ذ. صفت. ڳولائو. خواهشمند ـ گهرجائو ـ ضرورتمند ـ لهڻيدار. پگهاردار ـ مزدور.
ـ طَلَبْنامُو ۽ طَلَبْناما: ذ. گهرَ جو ڪاغذ ـ سَمَنُ ـ گهرج ـ خواهش.
ـ طَلَبِيُ ۽ طَلَبِيُونُ: ث. گهرَ ـ ڪوٽَ ـ سڏُ ـ ڪاڍي. گهرج ـ ضرورت.
● طِلِسْمُ ۽ طِلِسْمَ: ذ. (يوناني. ع.) وهمي خيالاتن سان ناهيل يا پيدا ڪيل ٻتلو ـ جادوءَ جو عجيب و غريب تماشو. جادوءَ سان ناهيل ڊيزائنڊ شڪل (جا ڪنهن خاص شيءِ جي حفاظت لاءِ ناهجي). عجيب و غريب ڪاريگري ـ حيرت ۾ وجهندڙ ڪاريگري ـ حرفت ـ اٽڪل ـ مڪر ـ فريب. وهمن کي عجيب و غريب شڪل ۾ آڻيندڙ علم.
ـ طِلِسْماتَ: طلسم جو جمع. جادو.
ـ طِلِسْماتِيُ ۽ طِلِسْماتِيُ: صفت. جادوءَ جو ـ جادوءَ وارو ـ عجيب.
ـ طِلِسْمُ بَنْدَڻ: ڪا عجيب و غريب ڪاريگري ڪرڻ ـ جادو ڪرڻ.
ـ طِلِسْمِيُ ۽ طِلِسْمِيُ: صفت. جادوءَ جو ـ جادوءَ وارو ـ جادوئي. جادو ڪندڙ ـ جادوگر. حرفتي ـ ٺڳ ـ فريبي ـ مڪريل ـ دغاباز.
● طَلْعَتَ: ث. (ع. طلعت > طَلَعَ = ظاهر ٿيڻ) نظاره ـ ديدار ـ ڏيکَ ـ درشن. رخ ـ صورت ـ شڪل ـ چهرو. جيئن "مور طلعت، ماه طلعت" وغيره.
● طِلو ۽ طِلاَ: ذ. ڪپڙي جو هڪ قسم ـ ڏماڪ ـ ڪمخواب ـ زربفت. جُنيءَ تي پريل گُلُ يا ٻوٽو.
ـ طِلِيدارُ ۽ طِلِيدار: ذ. ڪپڙي جو هڪ قسم ـ سونهري ڪناري سان ڪپڙو.
● طُلُوعُ: ذ. (ع. طلوع > طلع = اپرڻ) سج يا چنڊ جي اپرڻ جي حالت ـ اوپارو.
ـ طُلُوعُ ٿِيڻُ: اپرڻ ـ نڪرڻ. سج چنڊ يا ڪنهن تاري جو ظاهر ٿيڻ.
● طَمانْچُو ۽ طَمانْچا: ذ. (ف. تپانچه = ٿپڙ) ٿڦڙ ـ چماٽ ـ لپاٽ ـ ٿڦ.
● طَمانِيَتْ: ث. (ع. طمانيت > اطمينان = ماڻ هر رهڻ) اطمينان ـ تسلي ـ خاطري ـ دل جمعي ـ ڏيڍو.
● طُمْطَراقُ: ذ. (ف. طُمْ = بلند + طراق = خوشي) خوشي. شان ـ ڪر ـ شوڪت ـ دٻدٻو ـ ڏوم ڌام ـ ايلبر ـ ڊانڊيس. وڏائي ـ هٽ ـ ايمان ـ جبر ـ ڏاڏائي.
● طَمَعَ ۽ طَمَعُونُ: ث. (ع. طَمَعَ = لالچ رکڻ) لوڀ ـ لالچ ـ حرص. خواهش ـ چاهه ـ گهرج ـ ضرورت. اميد.
ـ طَمَعْدارُ ۽ طَمَعْدارَ: ذ. صفت. (ع. طمع + ف. دار > داشتن = رکڻ) طمع رکندڙ ـ لالچي ـ لوڀي.

ـ طَمَعِي ۽ طَمَعِي: ذ. صفت. طمع وارو ـ طمعو ـ طاماعو ـ لالچي.

● طَمَنچو ۽ طمنچا: ذ. (ف) ننڍڙي بندوق ـ پستول ـ تپاچو.

● طَنَابَ ۽ طَنابُون: ث. (ع. طُنُب ۽ طناب = تنبوءَ جي رسي) تنبوءَ جي رسي. زمين ماپڻ جي رسي. بازيگرن جي لوڙي. ڏوري ـ رسي ـ نوڙي ـ ڏور.

ـ طَنابِي ۽ طَنابِي، طنابيُون: ذ. ث. صفت. رسي سان زمين وغيره جي ماپ ڪندڙ ـ طنابُ ـ تورينڌڙ. طنبور جي تُنبي. طول جي ماپ ـ رويئو جي ماپ.

● طَنبُو ۽ طَنبُو: ذ. تنبو ـ خيمو.

● طَنبُورُ ۽ طَنبُورَ: (ع). ساز جو هڪ قسم ـ تنبورُ ـ تنبورو.

● طَنبُورو ۽ طَنبُورا: ذ. (ع). ساز جو هڪ قسم (يڪتارو ـ تيتارو ـ چئو تارو) دَنبورو ـ تنبورو.

● طَنَزَ ۽ طَنَزُون: ث. (ع). ناز نخري سان ڳالهـ ڪرڻ جي حالت. طعنو ـ مهڻو ـ اوپالو. اهل ـ ويچارا ـ ٺنول ـ مسخري ـ ٽوڪ ـ چٽر.

ـ طَنَزُ ڪَرڻُ: طعنا هڻڻ. ويچارا ڏيڻ ـ ٺنول ڪرڻ.

● طَوافُ ۽ طَوافَ: ذ. (ع. طواف > طَوف = چوڌاري ڦرڻ) چوڌاري ڦرڻ جي حالت ـ ڦيرو ـ گهمرو. ڪعبةاللّٰه جي چوڌاري ڦرڻ جي حالت.

ـ طوافُ ڪَرَنُ: چوڌاري ڦرڻ ـ ڦيرو ڪرڻ. ڪعبي جي چوڌاري ڦرڻ.

● طَوالَتُ ۽ طَوالَتُون: ث. (ع. طوالت > طول = ڏکهو ٿيڻ) ڊيگهـ ـ طول ـ لنبائي ـ واڌ ـ درازي. زيادتي ـ واڌارو ـ گهٽائي.

● طَوائِفُ: ذه (ع). طائفه جو جمع ـ گروهَ ـ ٽوليون (ث). ڪيڙي ـ رنڊي ـ ڪسبيائي ـ نچڻي ـ گائڻي.

ـ طَوائِفُ الْمُلُوكُ: ذ. بادشاهن جون اهي جماعتون جن جي نااتفاقي سبب نه ته ڪا حڪومت ٿي سگهي يا ٿي رهي نه رعايا کي ٿي آرام حاصل ٿئي ـ بادشاهه گردي.

ـ طَوائِفُ الْمُلُوكِي ۽ طَوائِفُ الْمُلُوكِيُون: ث. بادشاهه گردي ـ بدانتظامي ـ گڙبڙ ـ انديرـ ظلم. هلچل ـ غدر ـ بغاوت.

● طُوبيٰ: ذ. (ع). تمام خوشبودار ـ بهشت جي هڪ وڻ جو نالو (جنهن جون ڏاريون هر هڪ جنتي جي جاءِ تي چانيل هونديون).

● طُوتَكُ: اسم خاص. هڪ جبل جو نالو.

● طَوَرُ: ذ. (ع) هڪ پيرو. طرز ـ روش ـ ڍنگ ـ نمونو ـ نوع. ريت ـ هلت چلت. (ظرف). وانگر ـ طرح ـ مثل.

ـ طَوَرُ طَرِيقُ ۽ طَوَرُ طَرِيقَ: ذ. رنگ ڍنگ ـ هلت چلت ـ چال چلت ـ رويّ ـ برتاءُ.

● طُورُ: اسم خاص. (ع). جبل سينا ـ (هڪ مقدس پهاڙ جو نالو جو عربستان جي اتر اولهـ ۾ آهي جنهن تي يهودين جي پيغمبر حضرت موسيٰ اللّٰه سان هم ڪلام ٿيو. قديم سنڌ جي هڪ شهر جو نالو (سمن جي حڪومت ۾).

ـ طُورِ سِينا: اسم خاص. طُور جبل.

● طُوس: ث. پشم جو هڪ قسم (ڪاراڻ، اڇاڻ يا ڳاڙهاڻ ڏانهن مائل پوري رنگ جي).

● طُوس: اسم خاص. (ع). خراسان جي هڪ شهر جو نالو ـ فردوسي شاعر جو وطن.

ـ طُوسِي ۽ طُوسِيُ: ذ. صفت. طوس شهر جو رهاڪو. ڪپڙي جو هڪ قسم ـ خاڪي ڪپڙو.

● طُوطُو ۽ طُوطا: ذ. (ف. طوطي = طوطو) هڪ مشهور پکي جو نالو ـ مينو ـ چتون ـ طوطو ـ هلو ـ هوپت.

ـ طُوطا چَشمُ ۽ طُوطا چَشمَ: ذ. صفت. (ف. طوطي + چشم = اک) بي مروّت ـ بيوفا ـ اکين ڊک.

ـ طوطيءَ کي حقّ اللّٰه يادءَ نه رَهڻ: بيان ڪرڻ جي طاقت نه رهڻ. زبان تي ڳاڙي پاڻي هڻڻ. ساهه نڪرڻ تي اچڻ ـ سخت مصيبت ۾ ڦاسجڻ. تمام گهڻي گرمي ٿيڻ.

Gul Hayat Institute

● طُوطِيو ≈ طُوطِيا: ذ. (ف). پسارڪي وڪر جو هڪ قسم - زهريلي پٽر جو هڪ قسم - توتيو.

● طَوْعاً: ظرف. (ع. طَوعٌ = رضامندي) پنهنجي رضا ۽ خوشيءَ سان - رضامندي سان.

- طَوْعاً وَ كَرَهاً: ظرف. خوشي يا ناخوشي. لاچار - ناچار. نفرت سان. زوري - خواهه مخواهه - جبراً.

● طُوفانُ ≈ طُوفانَ: ذ. (ع. طوفان > طوف = وڪوڙڻ - چوڌاري ڦرڻ) طوفان - زور واري هوا. پوڙيندڙ پاڻيءَ جي آڏل - سيلاب - ٻوڏ. سڄي ملڪ يا عالم ڪي گهيرينڊ يا تباهه ڪندڙ پاڻي سخت هوا - زور واري هوا - ڇوهو - آندي - جهڪ. غُل - هُل - شور. فساد - بلوو - هنگامه - لڙائي. مصيبت - آفت. اورِيڪ. (اهل تاريخ ٽن وڏن طوفانن جو احوال ڏين ٿا، پهريون جو حضرت آدم ڪان اڳ آيو هو، ٻيو حضرت نوح جي وقت ۾ آيو، جو سڄيءَ دنيا ۾ پکڙيو ۽ ٽيو جو خاص مصر ۾ آيو ۽ آتي جي سڄي خلق ٻڏي ويئي).

- طُوفانَ اُتارَنُ: تمام گهٽي گِلا ڪرڻ. بُهتان مڙهڻ.

- طُوفانُ اچڻُ: سخت هوا لڳڻ - آندي اچڻ.

- طُوفانُ بَرْهَا كَرَنُ: فتنه فساد جاڳائڻ - هنگامو ڪرڻ. جهڳڙو مچائڻ. مانڊاڻ مچائڻ.

- طُوفانُ كَرَوُ كَرَنُ: مصيبت پيدا ڪرڻ. فساد ڪرڻو ڪرڻ. تڪليف پهچائڻ لاءِ سخت ڪوشش ڪرڻ. بدنام ڪرڻ.

- طُوفانُ مَتِيُلُ: ذ. تمام تڪي هلندڙ گاڏي.

- طُوفانِ نُوحُ: ذ. حضرت نوح جي زماني ۾ خدا جي خلق کي تباهه ڪندڙ طوفان.

- طُوفانِيُ ≈ طُوفانِيُ: ذ. صفت. طوفان جو - طوفان وارو. هوادار. زوردار - زبردست. تيکو - تکڙو - جلدي.

● طَوقُ ≈ طَوقَ: ذ. (ع. طوق = برداشت ڪرڻ) ڪڇيءَ ۾ ٻڌڻ جو پٽو - گردن بند - ڪنڈي - ڪنڈ. ڪڇيءَ ۾ بيل ڳرو زنجير - ڦاهي. زيور جو هڪ قسم - ڪڇيءَ ۾ پائڻ جو ڳٻهه - هارُ - هَسُ.

- طَوْقُ پُسْتُلُو ≈ طَوْقُ پُسْتُلا: ذ. صفت. ڪڇيءَ جو ڳانو. محبوب - دلبر.

- طَوقُ پُسْتُلُو هُنُنُ: تمام ڪهڙو پيار هڻڻ.

● طُولَ ≈ طُولُونُ: ث. پسترائي - رضائي - گاديلو.

● طُولُ ≈ طُولَ (ت): ذ. (ع. طُول = ڏکهو ٿيڻ) ڏيکهه - ڏکهائي - لمبائي - درازي - وڏائي.

- طُولُ ڏيَنُ: ڏيکهه ڏيڻ - وڏائڻ - درازڪرڻ. ڏکهو ڪرڻ - چڪڻ.

- طُولُ طَوِيلُ: ذ. صفت. تمام ڏکهو - تمام وڏو - لنبو - وڏو.

● طُولانُ ≈ طُولانَ: ذ. سازو سامان - مال ملڪيت. دهدهو - شان - شوڪت. هٽُ - وڏائي.

● طُومارُ ≈ طُومارَ: ذ. (ع. طومار > طمر = ويڙهڻ) خط - تمام وڏو خط. ڪاغذن جو بندل - دفتر - ڪتاب. ڊير - ڍڳ - ڍڙو - اٽالو.

- طُومارُ بَڌَنُ: ننڍي ڳالهه کي وڏو ڪري بيان ڪرڻ - ڏکهو قصو ڇيڙڻ. نوڙيءَ سان نانگ ڪرڻ.

● طَوِيلُ ≈ طَوِيلَ: ذ. صفت. (ع. طويل > طول = ڏکهو ٿيڻ) ڏکهو - لمبو - دراز - وڏو. مشڪل. علم عروض جي آٺويهن بحرن مان هڪ بحر جو نالو.

● طَوِيلُو ≈ طَوِيلا: ذ. (ع). گهوڙن ٻڌڻ جي جاءِ - طبيلو - ڪڙهه - اصطبل. ٿانُ - ٺاهه.

● طَهارَتُ ≈ طَهارَتُونُ: ث. (ع. طهارت > طَهَر = صاف ٿيڻ) پاڻيءَ سان ڏوئڻ جي حالت - پاڪائي - صفائي. پاخاني بعد پاڻيءَ سان ڏوئڻ جي حالت - استنجا - مَسْحو - وضو.

- طَهارَتُ ڪَرَنُ: پاڪائي ڪرڻ. هٽ ڏوئڻ - استنجا ڪرڻ - ڪُتي ڏوئڻ.

● طَهُرَتُ ≈ طَهُرَتُونُ (ڪ): ث. طهارت.

Gul Hayat Institute

● طُهْرَنْ: مصدر. (ع. طُهرٌ > طَهَرَ = صاف ٿيڻ) طُهر ڪرڻ - ختنو ڪرڻ - سنت ڪرڻ. لقصان پهچائڻ (ت).
= طُهْرَ ۽ طُهْرُونْ: ث. ختنو - سُنّت.
= طُهْرَ و هارَنْ: ختنو ڪرائڻ - سنّت وهاوڻ.
● طَهْرِي ۽ طَهْرِيُونْ: ث. ڪُنڊ پيل رڍ ل چانورن جو قسم - ڪُنڊ جي چاشني - تاهري - مينو پَتُ.
● طَهورْ ۽ طَهورُونْ: ث. (ع. طُهْرَ) ختنه - سُنّت - طهر.
● طَهُورْ: ذ. صفت. (ع). پاڪ - پوتر - صاف.
● طَهُورا: ذ. (ع). بهشت جو پاڻي. بهشت جو پاڪ شراب. جيئن:
"ڏي طهورا تن ڪي، جي سگن لاءِ شراب"
(شاهه).
● طَيّ: ث. (ع). وڙهڻ يا لپيٽڻ جي حالت - وڙهه - لپيٽ. مسافريءَ جو خاتمو - خاتمو - پورائي - انجام. (صفت). گهٽ - مختصر - ڪوتاهه. ختم - پورو - تمام.
= طَيْ ٿيڻ: پهچاڻي ٿيڻ - پورو ٿيڻ. ختم ٿيڻ. برباد ٿيڻ.
= طَيْ ڪَرَنْ: وڙهڻ - لپيٽڻ - تهه ڪرڻ. بيباڪ ڪرڻ - فيصلو ڪرڻ.

● طَبّارْ: ذ. (صفت). (ع. طيار > طَيَر = آڏامڻ) تمام تيکو آڏامندڙ. (ف. تيار = آماده) آماده - مستعد - تيار. سنيريل.
= طَيّارَهْ ۽ طَيّارا: ذ. آڏامندڙ (جهاز) هوائي جهاز.
● طَيّبْ ۽ طَيّبَ: ذ. صفت. (ع). پاڪ. صاف. سنو. حلال. خوشگوار. لفيس.
● طَيْرْ ۽ طَيْرَ: ذ. (ع). آڏامندڙ ساهوارو - پکي - پرندو. (جمع. طُيور). جيئن:
"طُيُورن تنوارئسو، ڪنهون پچاڻاءِ"
(شاهه).
● طَيَشْ ۽ طَيْشَ: ذ. (ع. طيش = هلکو ٿيڻ) جلدائي. ڪاوڙ - غصو - ڏمر - جوش - ڪروڌ - عتاب. (ف). گرميءَ سبب ٿيل بيآرامي - گرمي - حدّت.
= طَيْشْ ڏِيارَنْ: جوش ڏيارڻ - پڙڪائڻ - ڪاوڙ ڏيارڻ.
= طَيْشَ ۾ اچَنْ: ڪاوڙ ۾ پرجڻ - ڪاوڙ ۾ اچڻ - جوش ۾ اچڻ - غضبناڪ ٿيڻ - غصي ۾ اچڻ.
● طَيْنَتْ: ث. (ع). پيدائش - سرشت - خلقت - اصل - طبيعت. خصلت - عادت - خو - سڀاءُ.
● طَيُورْ: ذ. (ع). جمع طَيْر جو - پکي - پرندا.

ظ

Gul Hayat Institute

ظ: ث. عربيءَ جو سترهون، فارسيءَ جو ويهون ۽ سنڌيءَ جو ٽيٽيهون اکر - ابجد جي حساب موجب عدد (۹۰۰).
● ظالِمْ ۽ ظالِمَ: ذ. صفت. (ظالم > ظَلَمَ = پُڌو ڪر ڪرڻ. ستم ڪرڻ) ظلم ڪندڙ - ستمگر - ستمي - بغدادي - ڏوڏي - پاپي - الرٽي - بي رحم - بي قياس - لرد ٽي - سنگدل - آزار يندڙ - راڄ ويڙڪ. لاحق ڪندڙ - بي انصاف - بيداد گر - انوائي. زبردست - زور آور.
● ظاهِرْ ۽ ظاهِرَ: ذ. صفت. (ع. ظاهر > ظَهَرَ = ڏسڻ ۾ اچڻ) ڪليل - ڦٽيل - آڻيل - عيان - چٽو - ڦڙو - ليروار. آشڪار - مشهور -

هليل - برسڌ - نشالبر . ساکيات - صاف - ويڪت . ٻاهريون - ڏيکاڏتو . صريح - روشن - واضح . باطل جو ضِدُ .

- ظاهِرُ بِيِّنٌ ۽ ظاهِرُ بِيِّنَ ؛ ذ. صفت. (ع . ظاهر + ف. بين > ديدن = ڏسڻ) ظاهري حالت تي هلندڙ - ابن الوقت .

- ظاهِرُ ٿِيَنُ ؛ ڪلڻ - ڌرو ٿيڻ . لمودار ٿيڻ . مشهور ٿيڻ .

- ظاهِرُ ثابِتِي ۽ ظاهِرُ ثابِتِيُونُ ؛ ث. ڪليل ثبوت - پرماڻ .

- ظاهِرُ پَرَسْتُ ۽ ظاهِرُ پَرَسْتَ : ذ. صفت. (ع . ظاهر + ف. پرست > پرستيدن = پوڄا ڪرڻ) ظاهري حالت تي نظر رکندڙ - ظاهر کي پوڄيندڙ . ظاهردار - دلياڊار .

- ظاهِرُدارُ ۽ ظاهِرُدارَ : ذ. صفت. (ع . ظاهر + ف. دار > داشتن = رکڻ) ڏيکائي وارو - ڏيکارو ڪندڙ .

- ظاهِرُدارِي ۽ ظاهِرُدارِيُونُ ؛ ث. ڏيکاءُ - ٻاهريون نظارو .

- ظاهِرُ ظُهُورُ ؛ ظرف. ڪليو ڪلايو - ڌري پَٽ - صاف صاف - عالم آشڪار - مشهور .

- ظاهِرُ ڪَرْنُ ؛ ڪولڻ - افشا ڪرڻ - آگهاڙو ڪرڻ - ڌرو ڪرڻ . مشهور ڪرڻ - اشتهار ڏيڻ . وضاحت ڪرڻ .

- ظاهِرُ ۾ : ظرف. ڪليو - ڌرو .

- ظاهِرُ وَ باطِنُ ؛ ظرف. (ع. ظاهر + باطن = ڪجهه) الدر ٻاهر .

- ظاهِرِي ۽ ظاهِرِيُونُ ؛ ث. مشهوري - شهرت . شنيد - آگهت . ڌرڙ - پرڪاش - ڌرائي - عالم آشڪاري - ظهور - ويڪتي - ڏيکاري .

- ظاهِرِي ۽ ظاهِرِيُ : ذ. صفت. ڪليو - ڌرو - صاف - ٻهريون .

● ظَرافَتُ ۽ ظَرافَتُونُ : ث. (ع . ظرافت > ظَرَف = سمجهدار) هوشياري - چترائي - ڏاهپ - دانائي . خوش طبعي - خوش مزاجي - مزاح - ڪل - مسخري - چرچو - ڪهو .

● ظَرْفُ ۽ ظَرُفَ ؛ ذ. (ع). هوشياري - فهم - دانائي - سمجهه . ٽانءُ - برتن - ڀانڊو - باسڻ . الدر - دل . گرامر جي اصطلاح ۾ فعل، صفت يا ٻئي ظرف سان لاڳو ٿي، اُن جي ريت، قدر، الداز، وقت، جاءِ يا طرف ڏيکاريندڙ لفظ .

- ظَرْفُ تَمْيِيزُ ؛ ذ. ريت، دستور، قدر يا انداز ڄاڻائيندڙ لفظ .

- ظَرْفُ زَمانُ : ذ. وقت جي حالت ڏيکاريندڙ لفظ .

- ظَرْفُ مَڪانُ ؛ جاءِ جي معنيٰ ڏيکاريندڙ لفظ .

● ظَرِيفُ ۽ ظَرِيفَ ؛ ذ. صفت. (ع . ظريف > ظَرَف = سمجهدار هڻڻ) سمجهو - سياڻو - داناءُ - فهم - تيز فهم - حوصلائتو - حاضر جواب . خوش طبع - خوش مزاج - چرچائي - مسخرو - پوڪائي .

● ظَفَرُ ؛ ث. (ع . ظفر = ڪامياب ٿيڻ) سوپ - فتح - جيت - نصرت - فتحمندي - ڪاميابي .

- ظَفَرُ تَڪِيوُ ۽ ظَفَرُ تَڪِيا ؛ ذ. ڪائيءَ جو ساڏن جي سماڏيءَ جو تڪيه - وبراڳڻ - ٻراڳڻ .

- ظَفَرُ جَنَگُ ؛ ذ. جنگ جي فتح . هڪ فوجي خطاب .

- ظَفَرُ مَوجُ ۽ ظَفَرُ مَوجَ : ذ. صفت. فتح مند - ڪامياب .

● ظِلُّ ؛ ذ. (ع . ظِلّ = ڇاو ڪرڻ) ڇاو - ڇايو . سايو - ڇاءُ . دهو - عَڪْسُ - اولڙو . پناهه - اوٽ - حفاظت - پناهو - ڇهو - سَرَن - رکيا - اڙَ - بچاءُ - حمايت .

- ظِلُّ اللّٰهِ ؛ ذ. خدا جو ڇاو . بادشاهه .

● ظُلْمُ ۽ ظُلْمَ : ذ. (ع . ظُلْم = ستم ڪرڻ) انڌير - ستم - جور - جفا - دوڏ - بغداد - انرٽ - پاپ . بي انصافي - بيداد - انڌ ڏلڙ . راج هَٽُ - فرعونيت - سختي - زبردستي - ڏاڍ - جبر . غضب - قهر . تعدي - وَڍُ - غربيان مار . بي رحمي - هتيا .

- ظُلْما ظُلْمِي ؛ ظرف . ڏاڍ سان - ظلم سان - زوران زوري - زبردستي - جبراً .

- ظُلْمُ جوُ ڏَکَرُ هُشَنُ : ڏاڍو ظالم هڻڻ .

= ظُلْمَ جِي گهاڻِي ۾ ڀيڙجڻُ (ت) : سختيون سهڻ - ظلم سهڻ - ڏاڍُ سهڻ.

= ظُلْمُ رَسِيدَهُ : ذ. صفت. (ع. ظلم + ف. رسيده > رسيدن = پهچڻ) ظلم هيٺ آيل - مظلوم.

= ظُلْمُ كَرَنُ : ستم كرڻ - الله ڀر كرڻ. سختي كرڻ. وَيلُ كرڻ.

= ظُلْمِيُ ۽ ظُلْمِيُ : ذ. صفت. ظلم كندڙ - ظالم - قهار - بغدادي - ستمگر - ڏوڏي - پاپي. انيائي. بي رحم - سخت - كٹور - سنگدل.

● ظُلُمَاتَ : ث. (ع). ظلمت جو جمع - اولداهيون - الڏبريون - تاريكون. آب حيات جي چشمي واري اونداهي. بحر اوقيانوس جو نالو.

● ظُلُمَتُ ۽ ظُلُمَتُونُ : ث. (ع). اونداهي - تاريكي - سياهي.

= ظُلُمَتُ كَدَهُ : ذ. اونداهي جاءِ - كاراڻ وارو هنڌ.

● ظَنُّ ۽ ظَنَّ : ذ. (ع. ظَنٌّ = گمان كرڻ) شَكُّ - شُبهو - گُمان - خيال. وهم - ڀرم - وسواس - الوسان - سنسو - سنسكار - وسوسو. انديشو - خيال - ڏكو - انڪل - تَكَ. اثر - تاثير بهتان - راءِ.

● ظُهُرُ : ث. (ع). زوال جو وقت - سج لڙئي مهل. ٻن ٻهرن لڙئي جي مهل. ٽيون پهر. اڳينءَ جي نماز.

● ظُهُورُ ۽ ظُهُورَ : ذ. (ع. ظَهَرَ = ٻڌو ٿيڻ) اظهار - پڌرائي - ظاهرائي - پرڪاش - ويڪتي - ڏيکاري. وقوع - الڪشاف. اعلان. صورت - شڪل - ڏيک.

= ظُهُورُ ٿيڻُ : ظاهر ٿيڻ.

= ظُهُورَ ۾ اچڻُ : ظاهر ٿيڻ - لمايان ٿيڻ - پڌرو ٿيڻ.

= ظُهُورو ۽ ظُهُورا : ذ. اظهار - پڌرائي. جلوه - ڏيکاءُ - ڏيکارو.

= ظُهُورو ٻَسائِڻُ : ديدار كرائڻ.

● ظَهِيرُ ۽ ظَهِيرَ : ذ. صفت. (ع). اپرو - ناتوان - كمزور - ڏپرو - ضعيف - هيٺو. مجبور - لاچار - بي وس.

= ظَهِيرِيُ ۽ ظَهِيرِيُونُ : ث. اپرائي - ضعيفائي - ناتواني - كمزوري. لاچاري - مجبوري.

ع

ع : ث. (ع). سنڌي الف، ب جو چوٿيهون، عربيءَ جو اوڻهون ۽ فارسيءَ جو چوويهون اکر. آچار "عَيْنَ". ابجد جي حساب موجب عدد ستر. "عيسوي" سن لاءِ نشان طور ڪم اينڊ. جئن "۱۹۵۲ع".

● عابِدُ ۽ عابِدَ : ذ. صفت. (ع. عَبَدَ = هن بندگي ڪئي) عبادت ڪنڊ - بندگي ڪندڙ - رياضت ڪندڙ - پوجاري - لمازي - آهستڪُ (خدا) پَرستُ - ڏرمِشٹُ - مُتقي - ديندار - ڏرمارٿ - دينيائِتو - شپوڪُ - دامن - پڪٽ. پرهيزگار - ليڪ.

● عَابِداڻِيُ : امر خاص. هڪ ذات جو نالو.

● عَاجُ ۽ عَاجَ : ذ. (ع). هڪ مشهور جانور (هاٿيءَ) جو وات جي ٻر وارو هڏو - هاٿيءَ ڏندُ.

= عَاجُ بَنْدُ ۽ عَاجُ بَنْدَ : ذ. عاج سان جڙيل - عاج وارو - عاج ٻيل - عاجكو - عاج جو ڪم ڪندڙ.

= عَاجُكُو ۽ عَاجُكَا : ذ. صفت. عاج جو - عاج وارو - عاج بَيَلُ - عاجُ بَنْدُ.

= عاجُگيرُ ۽ عَاجُگيرَ : ذ. صفت. عاج جو ڪم ڪندڙ.

Gul Hayat Institute

● عَاجِزُ ۞ عاجِزَ ؛ ذ. (ع. عَجِزَ = كمزور ٹيو > اسم فاعل. عاجِزٌ.) كمزور- استو- هيڻو- بي وس- بي بهچ ٌ- لاتوان ٌ- لاچار- مجبور ٌ- معذور ٌ- ويچارو. ٽڪل ٌ - مانڊو - پريشان ٌ- مايوس- نماڻو. خفي - ڪ- هلاڪ ٌ - وڇوڙيل ٌ. غمگين- رنجُ ٌ- ڏ ٌ ڪي- د ٌ ڪيي- ستتايل. غريب- مسڪين- محتاج. ڪليپل- چڙيل- ڪاوڙيل- ڏهليل. آزاريل - ويڙايل - عذابيل - ستتاپل.

= عَاجِزُ آڻڻ ٌ ٽيڻ ٌ ؛ ذ. لاچار ٽيڻ- بيوس ٽيڻ - "عاجز اچي ويو عنصري الخ" (عوس). مجبور ٽيڻ. ڪ ٌ ٽيڻ- ٽڪجڻ.

= عَاجِزُ ڪرڻ ٌ ؛ تنگ ڪرڻ- مجبور ڪرڻ- لاچار ڪرڻ. ڪ ٌ ڪرڻ- هلاڪ ٌ ڪرڻ- دق ڪرڻ. ڇڙائڻ- رنجُ ڪرڻ- ستائڻ.

= عَاجِزِي ٌ ۞ عاجِزِيُّونُ ٌ ؛ ث. هيڻائي- نهستائي- ڪمزوري. ٽڪاوٽ- ماندگي- ماندڪائي. پريشاني. لماڻائي- لهنتائي- هيڻاهين. وينتي- إلتجا- منٽ - منٽ - ليلڑائي - عرض- آزي نيازي- ليزاري- زاري. لاچاري- مجبوري- آئسرندي.

= عَاجِزِي ڪرڻ ؛ منٽ ڪرڻ- منٽ ڪرڻ- ليلاڻڻ- وينتي ڪرڻ- سماجت ڪرڻ- إلتجا ڪرڻ- آزي نيازي ڪرڻ. هٿ ٌ ٻڌڻ- خوشامد ڪرڻ.

= عَاجِزَه ؛ ث. (ع. عَجُوزٌ > عَاجِزَه ٌ). عورت- ناري- زال (ل- ت). ڪنيا- ڪنجا- ايڱنگري- چوکري- چهڑي- ليائي.

● عَادٌ ؛ اسم خاص. قديم زمالي ۾ هڪ قوم جو نالو- (جنهن تي حضرت هود عليه السلام پيغمبر مقرر ٿيو- اها قوم عاد بن سام بن نوح سان تعلق رکي ٿي، هيءَ قوم خدا تعالي جي نافرماني سبب سخت طوفان ۾ تباهه ۽ برباد ٿي وئي).

● عَادَتَ ۞ عَادتون ؛ ث. خصلت- سڀاءُ- خوءُ- طبيعت- خاصيت. چال- چلت- هلت- روش- رويو- لڇڻ- افعال- آرڪان. هيرَ- لت- پاندان- غذا- عِلّت. ريت- نمونو- ٻَرِ- رسم- ڏ ٌ لڳ ٌ- نيم-

دستور- شيوو- رواج. استعمال- عملاً- اپياس- ساڌنا- مشق.

= عَادتًا (عَادتن) ؛ ظرف. عادت ڪان- عادت جي ڪري- علت جي ڪري- هيرَ جي ڪري.

= عَادت پوڻ: هيرَ پوڻ- علت پوڻ- غذا پوڻ- عادي ٽيڻ- پالڏاڻ ٌ پوڻ.

● عَادتي ۞ عادتي ؛ ذ. صفت. عادت وارو- علتي- پالڏاڻي- هيراڪ ٌ- هيرائتو- هيريل ٌ.

● عادَتي ٌ ڪنهڪار ٌ ۞ عادتي ٌ ڪنهڪار ٌ ؛ ذ. صفت. عادتي گناهن ڪرڻ وارو- گناهه ڪرڻ جو عادي- گناهه جو هيراڪ.

● عَادِلُ ۞ عادِلَ : ذ. صفت. (ع. عدل = هن انصاف ڪيو) عدل ڪندڙ- انصاف ڪندڙ- آچاري- نياڪاري- منصف- جج- قاضي. حقي فيصلو ڪندڙ- انصاف پسند- حق ۽ ناحق ڏار ڪندڙ.

● عَادِلَ پُورُ : اسم خاص تعلقي گهوٽڪي ۾ هڪ ديهه ۽ ڪوٽ جو نالو.

● عَادِي ۞ عَادِي ٌ : صفت. هرهڪ عادت ڪي چهٽي پوڻ وارو- سخت عِلّتي ٌ- عادتي- علتي- پالڏاڻي- هيراڪ.

= عَادِي ٌ ٽيڻ ٌ ؛ عادتي ٽيڻ- علتي ٽيڻ- هيراڪ ٽيڻ.

● عَارٌ ۞ عَارَ ؛ ذ. (ع. عري ٌ = آ ڳهاڙو) شرم- حياءُ- لج- ليهه- سَرمُ ٌ- ڪائي- حجاب- شرمندگي- شرم جي ڳالهه. بد ناميو- بد ناموسي. ڪنر- غيرت- نڪ نماس- هيتو- حئيف. آپسمان- اهجس ٌ- هتڪ عزت- هتڪ حرمت. ننگ- عيب- وڌ- برائي.

= عَارُ آڻڻ ٌ : شرم اچڻ- لج اچڻ- حجاب ٽيڻ.

= عَارُ ڪرَڻ ٌ : حياءُ ڪرڻ- شرم ڪرڻ- لج ڪرڻ. عيب سمجهڻ- ننگ معلوم ڪرڻ.

● عَارَبَ ٌ : اسم خاص. ماڻهوءَ جو نالو.

● عاربائي ٌ : اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر حيد رآباد ۽ آنر سنڌ ۾). تعلقي ڪوت ڏيجي (رياست خيرپور) ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● عارَبِي ٌ ؛ اسم خاص. تعلقي سيوهڻ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

Gul Hayat Institute

● عارضُ ع عارِضَ: ذ. گل- گيتو- رُخسارُ. فوج جي تخميني لڳائڻ وارو. لاحق هڻڻ وارو- پيش اچڻ وارو.

● عارضُ هُڻڻُ: پيش اچڻ. پيدا ٿيڻ- نمودار ٿيڻ- ظاهر ٿيڻ.

● عارضو ع عارِضا: ذ. صفت. (ع. عَرَضَ = لاحق ٿيڻ) بيماري- مرض- روگ- رنج- ڏک- تڪليف.

● عارضي ع عارِضيُ: ذ. صفت. ٿوري وقت لاءِ- ڏينهن لاءِ- وقتي- اتفاقي. شرطي. جڙتو- مصنوعي.

● عارفُ ع عارِفَ: ذ. صفت. (ع. عَرَفَ = سڃاڻڻ) سڃاڻندڙ- واقف- جاڻندڙ- جاڻو. خدا کي سڃاڻندڙ- معرفت وارو- وَلي- گياني- رشي- درويش. سياڻو- عقلمند- داناءُ- سمجهو- هوشيار- اکابر- ڏاهو- عقل وارو- فهميدو- هوش وند- زيرڪ- سُوجهُ- سڏ پَرو- پهچاڻ.

● عاري ع عاريُ: حياءُ ڪندڙ- عار ڪندڙ- شرم ڪندڙ- هري پچندڙ- بيزار. غير واقف. خالي. جيئن: "علم کان عاري" وغيره. اڪهاڙو- لنگو. عاجز- لاچار- مجبور. آدارو ورتل.

● عازمُ ع عازِمَ: ذ. صفت. (ع. عَزْمٌ = ارادو ڪرڻ) ارادو ڪندڙ- قصد ڪندڙ. ڪنهن شيءِ تي دل لڳائيندڙ- چاهيندڙ- گهرندڙ.

● عاشقُ ع عاشِقَ: ذ. صفت. (ع. عِشق = محبت ڪرڻ) عشق ڪندڙ- حد کان وڌيڪ پيار ڪندڙ- حد کان وڌيڪ محبت ڪندڙ- پيار جو طالب- مُحِبّ- پريتم- پريمي- مفتون- فريفته- شيدائي- نشار- ليهي. آشنا. خدا جو محبتي- حق جو گولائو- محبت الاهيءَ ۾ غرق- عارف- ڪامل.

ـ عاشقانهُ: ذ. صفت. عاشق جهڙو- عاشق جي رانگ وارو- عاشق جي مزاج مطابق.

ـ عاشقاڻو ع عاشقاڻا: ذ. صفت. عاشق جو- عاشق جهڙو.

ـ عاشقُ ٿيڻُ: پيار وارو ٿيڻ- محبت وارو ٿيڻ- چاهيندڙ ٿيڻ. اکيون لڙائڻ- دل لڳائڻ- دل ڏيڻ- محبت ڪرڻ. مفتون ٿيڻ- فريفته ٿيڻ- فدا ٿيڻ- نثار ٿيڻ- قربان ٿيڻ.

ـ عاشق مزاجُ ع عاشقِ مِزاجَ: ذ. صفت. عاشقاڻي طبيعت وارو- حُسن پرست. رنگيلو.

ـ عاشقُ مَعْشُوقُ ع عاشقَ مَعْشُوقَ: ذ. ث. هڪٻئي سان عشق ڪندڙ- پريتم ۽ پريما- سجَنُ ۽ سجِنِي- مُحِبُّ ۽ مَحبُوب.

ـ عاشقيُ ع عاشقِيّونُ: ث. عشق- محبت- پيار- قرب- پريم.

● عاشورو ع عاشُورا: ذ. (ع. عاشُورَهُ < عَشَرَ = ڏَهَ) مُحرّم مهيني جي ڏهين تاريخ حضرت امام حسين جي شهادت جو ڏينهن.

● عاصيُ ع عاصِيُ: ذ. (ع. عَصِي = هن بي فرماني ڪئي) ڪنهگار- مُجرم- خطاڪار- ڏوهاري- گناهي- خطاوار- قصوروار- تقصيروار- بدڪار- پاپي- ڪُڪرمي. حڪم عدول. فسادي- ياڪي- باغي- نافرمان- ڦريلُ.

● عاطِفَتَ: ث. (ع. عطف = مهرباني) مهرباني- لطف- عنايت- شفقت- لوازش- پاڇهه- ڪرم.

● عافيتَ ع عافيتُونُ: ث. (عفا = هو آرامي ۽ صحت مند ٿيو) صحت- تندرستي- چڱيلائي- چاقائي- نرويائي. آرام- راحت- خوشي- فرحت- سرهائي. سلامتي- خيريت- خير- ڪلياڻ- خير خوبي- امن امان.

ـ عافيتَ تنگ ڪرَنُ: ڪنهن جي عيش آرام ۾ دخل ڏيڻ- آرام ڦٽائڻ- آرام سان وهڻ نه ڏيڻ.

● عاقَ ع عاقَ: ذ. صفت. (ع). ماءُ- پيءُ کان نافرمان- بي چيو- ڪپوت- ناصالح- وَرُتي کان خارج. خراب. بي مُحابو. نيٽر.

"عُمَرَ آوءِ لَ عاقَ، ڏکيا جيرِ ڏکوئين"
(سر مارئي- شاهه).

● عاقيُ ع عاقِيُ: ذ. صفت. نافرمان- بي چيو. هٺيلو- باغي- نيٽر- هوڏي- اٿوٿو- شِدّتي- نَجِس- قدي- نرجو- اهنڌ.

● عاقبتُ ع عاقِبَتونُ: ث. (ع. عَقَب = هو پٺيان آيو) پڇاڙي- آخر- انجام- نوڙ- ڇيهه-

Gul Hayat Institute

لتيجو. ايندڙ زمانو - آئنده - اڳ - استقبال - مستقبل.
ـ پٺ - پرتيت - ويساهه. قيامت جو ڏينهن - آخرت.
ـ عَاقِبَتَ آنْدِيشُ: آڳو ٻيڇو جاچيندڙ - اڳيون جو ويچار ڪندڙ - آخرت ڳولينڊڙ. دوراندیش - عاقل - هوشيار - داناءُ.
ـ عَاقِبَتَ آنْدِيشي: ث. آڳي ٻيڇي جي جاچ - دوراندیشي - ڊگهي نظر. سياڻپ - عقلمندي.
● عَاقِرِ قَرحُو: ذ (ع. عاقر قرحا) پساريڪي وڪر جو هڪ قسم - ڏندن جي درد لاءِ هڪ مفيد دوا - هڪ ٻوٽيءَ جو قسم.
● عَاقِلِ: اسم خاص. تعلقي لاڙڪاڻي ۾ هڪ ديهه ۽ ڳوٺ جو نالو.
عَاقِلُ ≠ عَاقِلَ: ذ. صفت. (ع. عقل = سمجهه) عقل وارو - عقل ولد - ٻڌوان - سمجهو - فهميندو - هوشائتو - سياڻو - ڏاهو - داناءُ - هوشيار - اڪابر - سوجهه - دوراندیش - چتر - گياڻي - ذي هوش - دانشمند. (ث. عاقله). (اسم خاص). تعلقي ٽنڈي باگي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● عَاقِلاڻي: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر حيدرآباد ۽ ڪراچي ۾).
● عَاقِلُ ٻُورُ: اسم خاص. تعلقي جيڪب آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● عَاقِلُ هَكڙُو: اسم خاص. تعلقي رتيديري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● عَاقُوبَتَ ≠ عَاقِبَتُونْ: ث. (ع. عاقبت) عاقبت - ايڙي جٽ - تعدي.
● عَالَمُ ≠ عَالَرَ: ذ. (ع). دنيا - جهان - جڳ - سنسار - جڳت. ٻرٿوي - زمين. مخلوق - آدم - لوڪ - خلق - جنتا - اسم ذات. رعيت. زمانو - وقت - دور - سمو - عهد. طور - طريق - ڍنگ - دوش - چال - حال - احوال - حالت - صورت.
ـ عَالَمُ آرا ≠ عَالَمِ آرا: صفت. دنيا کي ٽاهڻ وارو - جهان کي سينگارڻ وارو.
ـ عَالَمُ آشِكارُ ≠ عَالَمِ آشكارَ: ظرف. دنيا ۾ ظاهر - جهان ۾ ظاهر - مشهور - هاڪارو - ناليرو - عام - واضح. کليل.
ـ عَالَمُ آشِكارُ هُنْ: ظاهر هڻ - پڌرو هڻ - مشهور هڻ - هاڪارو هڻ - ناليرو هڻ.
ـ عَالَمُ آرْوَاحُ ≠ عَالَمِ آرْوَاحَ: ذ. روحن جو جهان - روحن جي دنيا.
ـ عَالَمِ اسْبَابُ: ذ. دنيا جو سازو سامان.
= عَالَمُ آصْغَرُ: ذ. ننڍي دنيا - هي جهان. بقا جي جهان جو ضد - فاني جهان.
ـ عَالَمُ آكْبَرُ: وڏو جهان - هوءَ دنيا. بقا جو جهان - آخرت.
ـ عَالَمُ آفْرُوزُ: صفت. دنيا کي روشن ڪرڻ وارو - سج - شمس - سورج.
ـ عَالَمِ الْاَرْوَاحِ: روحن جو جهان. روحن جي دنيا.
ـ عَالَمُ بَالَا: مٿاهين دنيا - آسماني جهان - ٻيو جهان - پرلوڪ. آسمان - عرش. بهشت. جنت - فردوس - سورگ.
ـ عَالَمُ بَرْزَخُ: ذ. روحن جي گڏ ٿيڻ جي جاءِ (جتي روح قيامت تائين محفوظ هوندا).
ـ عَالَمُ پَنَاهُ ≠ عَالَمُ پَنَاهَ: ذ. جهان جو آجهو - دنيا جو آجهو. شهر جي پناهه لاءِ پٽ - ماڻهن جي بچاءَ لاءِ قلعو - ڪوٽ. اهو شخص جنهن وٽ مخلوق کي امن ملي. بادشاهه.
ـ عَالَمُ جَاوِيدُ: ذ. آخري دنيا - فنا نه ٿيندڙ جهان - باقي جهان - بقا جو جهان - هميشه رهندڙ جهان.
= عَالَمُ جِنَّاتُ: جنن ٻوتن جي دنيا. ٻوتن ۽ پرين جي دنيا.
ـ عَالَمُ ڈيكارُ: دنيا ڏيکارڻ - جهان ڏيکارڻ. جوائي ڏيکارڻ - انداز ڏيکارڻ. رونق ڏيکارڻ.
ـ عَالَمُ سِفْلِيُ: ذ. دنيا - جهان - عالم - پرٿي. زمين. خاڪ - مٽي.
ـ عَالَمِ صَغِيرُ: ذ. انسان ۽ انسان جو جسم - جامه انساني لڪل جهان.
ـ عَالَمِ غَيْبُ ≠ عَالَمِ غَيْبَ: ذ. لڪل جهان. ٻيو جهان - پي دنيا - پوشيده دنيا.
ـ عَالَمِ كَبِيرُ: ذ. دنيا - جهان - سنسار. قدرت. طاقت.

Gul Hayat Institute

ـ عَالَمَ گِيرُ: صفت. جهان کي فتح ڪرڻ وارو- دليا تي چانيل - جيئن "عالم گير ڏاڙ عالم گير جهڙ وغيره." عظيم الشان بادشاه. (اسم خاص). تيموري خاندان جي هڪ مشهور بادشاه (اورنگزيب) جو لقب.

ـ عَالَمِ نَاسُوتِ: ذ. فاني دنيا.

عَالِمُ ۽ عَالِمَ: ذ. صفت. (ع. عِلْمٌ = جاڻڻ) جاڻندڙ- جاڻو. علم وارو - پڙهيل - ودوان - فاضل - گياني. سجاڻ - سمجهو- زيرڪ - چَتُرُ- سَتيمَانُ- سنوهرو. سياڻو- ڏاهو- هوشيار-داناءُ سالڪ - عارف- هنڌت. ويدانتي - مذهبي پيشوا - مولوي.

ـ عَالِمُ الغَيبِ: ذ. صفت. (ع. گجهه جو جاڻو) غيب جون گالهيون جاڻندڙ - دانا بينا.

● عَالَمُ آرائي: اسم خاص. تعلقي اباوڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● عَالِمَاڻِيُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي حيدرآباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● عَالِمُ آباد: اسم خاص. تعلقي ڪنڊڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● عَالِمَاڻِيُ جَتَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● عَالِمُ زَئِيُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. (پٺان).

● عَالِيُ ۽ عَالِيَ: ذ. صفت. (ع. علا = هو مٿانهون ٿيو) مٿي ڪيل- بلندي ڏنل- بلند- مٿانهون- بالا- رفيع - اعليٰ- برتر- اوچو- وڏو- عظيم- ڪلان (عزت)- چڙهيل - درجي چڙهيل- سرفراز- ترقي يافته - ممتاز. عزت وارو- مانوارو- قابل عزت - مقدس- پاڪ - پوتر. نالياورو- نامور- نامياورو- مشهور.

ـ عَالِيُ تَبَارُ ۽ عَالِيُ تَبَارَ: ذ. صفت. وڏي اصل ۽ نسل وارو- پيڙهائتو - بنيادي - خالداني. حضرت.

ـ عَالِيُ جَاهُ: صفت. وڏي مرتبي وارو- وڏي عزت وارو- بلند شان وارو- عالي مرتبه - بلندپايه.

ـ عَالِيُ جَنَابُ: صفت. وڏي مرتبي وارو- مٿانهين شان وارو - وڏي اصل ۽ نسل وارو. عزت جو هڪ لقب.

ـ عَالِيُ حَضُرَتُ: ذ. صفت. وڏي مرتبي ۽ عزت وارو.

ـ عَالِيُ خَانْدَانُ: ذ. صفت. وڏي گهراڻي وارو- وڏي خاندان وارو- وڏي گهر جو- اميرزاده- شريف زادو.

ـ عَالِيُ دِمَاغُ: صفت. وڏي دماغ وارو- روشن دماغ. بلڪل خبردار- تمام هوشيار- داناءُ- عقلمند. اوچن خيالن وارو.

ـ عَالِيُ شَانُ ۽ عَالِيُ شَانَ: ذ. صفت. وڏي شان وارو- مهاپرش - وڏي عزت وارو- شالدار. تمام سنو- عمده- رونق وارو- آباڻتو- شاڻائتو- جلويدار- پيڪو رکندڙ- سوپيا وان. تمام وڏو- شاهي - بلند- شاهاڻو- فلڪي.

ـ عَالِيُ قَدُرُ: ذ. صفت. وڏي مرتبي وارو- وڏي عزت وارو- عظيم الشان - عالي مرتبه.

ـ عَالِيُ هِمَّتُ: صفت. وڏي همت وارو - وڏي دل وارو- صاحب جرأت - دليرو- سورهيه. بلندنظريه - بلند خيالات وارو. سخي - فياض.

● عَالِيُ سَمُونُ: اسم خاص. تعلقي شاهبندر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● عَالِيُ سُومِيرُو: اسم خاص. تعلقي ٽڻي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● عَالِيُ كِيهَرُ: اسم خاص. تعلقي شاهبندر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● عَامُ ۽ عَامَ: صفت. (ع. عَمَّ = عام ٿيو) پکڙيل - ڦهليل. مشهور - پڌرو - ظاهر - آشڪار. معمولي - رواجي - رسمي - هالوچالو - رائج سادو - بازاري - هلڪو - گهٽ - ادليٰ - نيچ. سڀ جو- وچ جو - سمان - هڪجهڙو - ساڌارڻ. سڀ- ڪل - عامُ جامُ - ريل چيل - گهڻو. (ذ). عام ماڻهو - خدا جي خلق - مخلوق. صوفين جي اصطلاح ۾ صوفي طريقي کان غير واقف، عام يا رواجي ماڻهو (سر ڪلياڻ - گر). علم منطق جي اصطلاح ۾ سچي مبتدا جو اثبات يا نفي ۾ خبر ڏيڪاريندڙ جملو. جيئن: "سڀ ماڻهو مرڻا آهن، کو به مٽو وري جيئرو نه ٿيو آهي" وغيره.

Gul Hayat Institute

● عامُ خاصُ: صفت. گهٽ وڌ ـ ننڍو وڏو ـ اعليٰ ادنيٰ ـ هيٺاهون مٿاهون.
ـ عام راءِ: ث. سڀني ماڻهن جي راءِ ـ سڀ جو خيالُ.
ـ عامُ فهمُ: صفت. هر ڪنهن جي سمجهه ۾ اچڻ وارو (مضمون يا ڪتاب يا گفتگو) آسان ـ سليس ـ سوکيو ـ سولو.
ـ عامُ مُختارُ ۽ عامُ مُختارَ: ذ. صفت. ڏنيءَ جي پاران عام ڪمن ڪرڻ جي اجازت ملهيل ملازم ـ نائب ـ ڪم هلائيندڙ ـ وڪيلُ ـ مختار. ڪمداشتو.
ـ عامُ مُعافيُ ۽ عامُ مُعافيُونُ: ث. رواجي معافي ـ سڀني لاءِ معافي ـ عام خلق لاءِ معافي.
ـ عامُ مهيڙُ ۽ عامُ مهيڙَ: ذ. عام جي مجلس ـ عام سڀا ـ عام مجلس.
● عاميُ ۽ عاميُ: ذ. صفت. عام ماڻهو. ٻاليرو ـ مشهور ـ نام ڪٽيو ـ هاڪارو ـ ناميارو. ٻڌرو. عام جاهل. اڻ ڄاڻ ـ جاهل ـ بيوقوف.
● عامِرُ: اسم خاص. تعلقي ميرپورخاص ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● عامِراڻيُ: اسم خاص. تعلقي جاتيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● عامَرُجيُ: اسم خاص. تعلقي موري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● عامَرِنڙارُ: اسم خاص. تعلقي ٽنڊي باگي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● عامِرِيُ: اسم خاص. سنڌ ۾ لکيءَ جي وچ ۾ هڪ ڏيڙ ڪوٽ جو نالو.
● عامِڙاُ: اسم خاص. تعلقي ميرپوربٺوري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● عامِلَ: اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو.
● عامِلُ ۽ عاملَ: ذ. (ع. عَمَل = هن ڪيو) عمل ڪندڙ ـ عملدارُ ـ حاڪم ـ آفيسر. شاهي عهدي وارو. سرڪاري نوڪر. هندن جو هڪ فرقو (جو ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي زمانيِ ڪان وٺي سرڪاري نوڪري ڪندا رهيا آهن) (صفت). چالاڪ ـ هوشيار. تجويز وارو ـ انتظامي. علم نجوم موجب عمل ڪندڙ ـ منترجنتر ڪندڙ.
ـ عامِليُ: ث. عامل جو ڏنڊو ـ عاملن جو پيشو. ظاهري اقرار. تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● عائِدُ: صفت. (ع. عَوْدُ = موٽڻ) روڪ ـ رڪاوٽ ـ بندش.
ـ عائِدُ ڪرَڻُ: مٿان مڙهڻ ـ مسلط ڪرڻ.
● عِبادَتَ ۽ عِبادَتُونُ: ث. (ع. عَبْدَ = هن بندگي ڪئي) اطاعت (خدا جي) ـ بندگي ـ پوڄا ـ پرارٿنا ـ نماز ـ سجدو ـ تسبيح ـ آڌاسنا ـ پرستش ـ طاعت ـ پڪتي (خدا جي).
ـ عِبادَتُ خانوُ ۽ عِبادتُ خانا: ذ. بندگيءَ جي جاءِ ـ مسجد ـ عبادت گاهه. پوڄا جي جاءِ ـ پڪتي لاءِ مڪان ـ مندر ـ ٽيڪاڻو ـ ديول.
ـ عِبادَتگاهُ ۽ عِبادَتگاهَ: ذ. صفت. عبادت جي جاءِ ـ عبادت خانو ـ مسجد ـ پرستش گاهه ـ مٺعبد ـ خاص ڪعبي مندر ـ ٽيڪاڻو. ديول.
ـ عِبادَتِيُ ۽ عِبادَتيُ: ذ. صفت. عبادت ڪندڙ ـ عابدُ ـ پوڄاري ـ شيوڪ ـ آڌاسڪ (خدا) پرست. مذهبي ماڻهو. ڏرمشٽ ـ مٺقي ـ ديندار ـ ديانتو ـ خدا ترس.
● عِبارَتَ ۽ عِبارَتُونُ: ث. بيان ـ مضمون. لکيت ـ تحرير. لکيت جو لهوٽو ـ لکڻ جي طرز ـ بيان جو ڍنگ ـ لکڻي ـ انشا. ڪِلڪَ ـ انبو. خط ونڊڙ جو عهدو. خط جي ايڊريس ـ سرنامو.
● عبّاسُ: ذ. (ع). حضرت محمد مصطفيٰ (صلعم) جن جي چاچي جو نالو. حضرت علي ڪرمالله وجه جن جي فرزند جو نالو (جو ڪربلا جي ميدان ۾ شهيد ٿيو). هڪ ٻوٽيءَ جو نالو (گل عباس).
ـ عَبّاسيُ ۽ عَبّاسيُ: صفت. حضرت محمد صلعم جن جي چاچي حضرت عباس جي خاندان جو لقب. ڏور عباسي جو ڪارو رنگ (خلفاءِ عباسيه جو پسنديده رنگ) جو انهن پنهنجي لباس ڪي

Gul Hayat Institute

ڏياريو). گل جو هڪ قسم. ٻٽر جو هڪ قسم- (آمريڪا جي پيرو ملڪ جو سنگمرمر). (اسم خاص). هڪ ذات جو نالو. هڪ سکي جو نالو.

● عبّاسيءُ گُلُ: ذ. هڪ ٻوٽيءَ جو نالو (پن زيتون جي ٻن جهڙا، ننڍا، ساوا، نرم، گل خيري وانگر گاڙهاڻ ۽ اچاڻ تي مائل، قَدُ بادام جيڏو ۽ ڪاري رنگ تي ٻج ۽ ڪانيون دوائن جي ڪم اچن.

● عَبَثُ: صفت. (ع. عَبَث = هن اجايو ڪم ڪيو) اجايو- بي فائدو- ناحق- مفت- خالي پيلي- جاڙ- وڙڻ- اجايو- فضول- لاحاصل. بيڪار- نڪمون- نڪارُ.

"عَبَثُ آگاهين وڃڻو جو ڪين ڪائڻ کي" (شاه سر آبري)

سبب کان سواءِ- ناحق- هروپرو- خواه مخواه.

● عَبْدُ ۽ عَبْدَ: صفت. (ع. عَبد = هن بندگي ڪئي) غلام- ٻانهون- گولو- بندو- ٻازي- داس- تابعدار- مطيع. نوڪر- نفر- چاڪر- ملازم. خدمتگار- ٽهليو- پيلي.

- عَبْدِيّت: ث. غلامي- ٻانهپ- گولپ- بندگي- تابعداري.

● عَبيدالُ: اسم خاص. تعلقي شڪارپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● عَبْدُالْمُطّلِب: اسم خاص. (ع). حضرت محمد صلعم جن جي ڏاڏي جو نالو.

● عَبْدُالرَّحْمٰن: اسم خاص. (ع). حضرت محمد صلعم جن جي پڙڏاڏي جو نالو.

● عَبْدُاللّٰهِ: اسم خاص. حضرت محمد صلعم جن جي والد جو نالو.

عَبْدُاللّٰهِ دِڪَنُ: اسم خاص. تعلقي جيڪب آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● عَبْدُاللّٰهِ جَڪِراڻيُ: اسم خاص. تعلقي ٽل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● عَبْدُاللّٰهِ مَهَرُ: اسم خاص. تعلقي گڙهي خيري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● عَبْدُلا ٽيُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. مزاري بلوچن جو هڪ قبيلو. (رستماڻين جي شاخ).

● عَبْدُوُ جاگيرُ: اسم خاص. تعلقي سڪر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● عَبْدُوُ مَٺهنُ: اسم خاص. تعلقي ڪوٽي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● عِبْرَاليُ ۽ عِبْرَانيُ: ذ. (ع). يهودي. (ث). يهودين جي ٻولي. (صفت). يهودين جو.

● عِبْرَتَ ۽ عِبْرَتُنُ: ث. (ع). اندیشو- عجب- حيرت- تعجب- اچرج- آچنبو- تپرس. اطلاع- چتاءُ- تاکيد- آگاهي- اڳ خبر- هيبت- خوف. سبق.

ٻئي جي مثال مان حاصل ڪيل نصيحت- تاکيد- عبرت حاصل ڪرڻ- سڃاڻي پرائڻ.

- عِبْرَتَ جي ماڳ ۾ اچنُ: عبرت حاصل ڪرڻ- سڃاڻي پرائڻ.

- عِبْرَتَ گاهُ ۽ عِبْرَتَ گاهَ: ذ. حيرت جي جاءِ.

- عِبْرَتَ ۾ پَوَنُ: حيرت ۾ ٻوڙ.

- عِبْرَتَ وَنُنُ: اچرج لڳڻ- تعجب لڳڻ- عجب وڻڻ- عجب ۾ ٻوڙ- حيرت وڻڻ- حيران ٿيڻ- متحير ٿيڻ. الڪشت بدلدان ٿيڻ. ٻئي جو حال ڏسي نصيحت هٿ ڪرڻ- نتيجن کي ڏسي خبردار ٿيڻ.

● عُبُودِيّتُ: ث. (ع. عبد = هن بندگي ڪئي) غلامي- ٻانهپ- بندگي- عبادت- پڄتي- پوڄا ٻاڻ. شيوا. عبديت.

● عُبُورُ: ذ. (ع. عَبَرَ = هو گذري ويو) درياه يا رستي جي هڪ طرف کان ٻئي طرف لنگهي وڃڻ واري حالت. گذر- گذارو- آڪاوو- لنگهه. جيئن "هُن ٻل تان عبور جي سخت منع آهي" (جملو). پهچ- پهچندي- وسعت- دسترس. جيئن "فلاڻي ماڻهوءَ جو مطالعي تي ڪوبه عبور ڪونهي" (جملو).

● عُبُورِ ڪَرَنُ: هڪ ٻاسي کان ٻئي ٻاسي ڏانهن وڃڻ. درياه پار ڪرڻ. ڪنهن رستي تان پار وڃڻ- رستي تان لنگهڻ- گذرڻ- آڪرڻ.

● عَنبيرُ ۽ عَنبيرَ: ذ. (س. انْبَرَ. ف. عَنْبَرَ = آسمان) ڪڙي جو هڪ قسم (آسماني رنگ تي)- خوشبوءِ دار شيءِ (گاجرا).

● عِتابُ ۽ عِتابَ: ذ. (ع. عَتَبَ = هو کاوڙ ٻو) بيزاري ۽ خفگيءَ جو اظهار- ملامت. جهڪ - چَنڊَ - ڏهنامو. مهڻو - ڏوراپو - طعنو - ٽوڪ - شڪايت - چاٽڪ - ٽُنڪو - وِيڻ - دِيار- آلاپو. ڪاوڙ - چِڙ - غضب - قهر - طيش - جوش - غصو - لندا.

● عِتْرَتَ: ذ. (ع). اولاد - نسل.

● عَجائِبُ ۽ عَجائِبَ: ذ. (ع. عَجَبَ = هو عجب ۾ ٻيو) جمع عجب جو. عجب وارو - اچرج جهڙو - عجب جو - عجب جهڙو - عجيب - عجبائتو - حيرت انگيز - حيرتي. خاص - عجيب وَ غريب - غير واجبي - ناڏُنيد و - اتائي - اتاهي - اجُنَبِي.

● عَجائِبُ: هڪ گل جو قسم (Hibicus).

= عَجائِبُ‌خانو ۽ عَجائِبُ‌خانا: ذ. ڏسڻ لاءِ (قديم يا جديد زماني جي) عجيب عجيب شين رکڻ جي جاءِ - عبرت پِرائڻ جو گهر - عجائب گهر - ميوزم.

= عَجائِبُ وَ غَرائِبُ هُنَرُ: عجب جهڙو هُنر. حيرت جهڙو هُنر.

● عَجائِبُ‌پُور: اسم خاص. تعلقي ڳوٺ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● عَجَبَ ۽ عَجَبَ: ذ. (ع). اچرج - حيرت - اچنبو - تعجب - تپرس - حيراني. (صفت). اچرج جهڙو - حيرت انگيز - حيرتي - عجيب - عجبائتو. ٽئين نموني جو - نه ڏٺو نه ٻڌو - نرالو - خاص. اڳ نه ڏٺل - نادِرُ - ٽئون - عجيب و غريب. (ل). پرت جو هڪ قسم. فراسيءَ جي گُلڪاريءَ جو هڪ نمونو (لغت مهيري).

= عَجَبَ إسْرارُ ۽ عَجَبُ إسْرارَ: ذ. ڏاڍي حيرت - اچرج - اچنبو. عجب رنگ - رنگ ڪمال. عجب جهڙي شيءِ.

= عَجَبائِتو ۽ عَجُبائِتا: ذ. صفت. حيرت انگيز - عجب جهڙو - عجيب - عجبائتو - اوپرو - نرالو.

= عَجَبَ جَهيڙو ۽ عَجَب جَهيڙا: ذ. صفت. حيرت جهڙو - عجيب - حيرت انگيز. صفت. اڳ نه ڏٺل - نادِرُ.

= عَجَبُ رَنگُ ۽ عَجَبَ رَنگَ: ذ. عجيب ڪر- اچرج سان ڀريل ڪر. حيرت پيدا ڪندڙ نظارو - حيرت جهڙو تماشو.

= عَجَبِيڙِيُ ۽ عَجَبِيڙِيُون (ل): ث. فراسيءَ جي چَٽن جو هڪ قسم (مهيري).

● عِجزُ ۽ عِجزَ: ذ. (ع. عَجَزَ = هيٺو ٽيو) نهٽائي - نمرتا - نياز - هيٺاهين - نِوڙَت - نيازي. مسڪيني - غُربت. ڪمزوري. عاجزي - زاري - ليزاري - تَوڪّل - اڌينتا - تَسليم (پرمانند).

● عِجلَتُ ۽ عِجلَتُون: ث. (ع. عَجَلَ = هن تڪڙ ڪئي) جلدائي - تڪڙائي - ڦڙتائي - تيزي - سُرعَتَ - شتابي. پهلواني.

● عَجَمُ: اسم خاص. هڪ مُلڪ جو نالو - ايران - فارس - پارس. عرب کان سواءِ ٻيو ملڪ. جيئن: "عَرَب و عَجَمُ" ۾ ظاهر آهي.

● عَجُوبُ: ذ. صفت. (ع). نهايت عجيب - حيرت پريو.

● عَجُوزُ ۽ عَجُوزَ: (ع. عَجَزَ = هو عاجز ٽيو) عاجز ماڻهو. ڪراڙي زال.

● عَجِيبُ ۽ عَجِيبَ: ذ. صفت. (عَجَبُ = عبرت) عجب جهڙو - اچرج جهڙو - اچرج وارو - حيرت انگيز - تعجب خيز - عجبائتو - اچنبي - اوپرو. بي مثال - لاثاني - اتائي - اتاهي - نياروَ - انوکو - يَڪانو - مُفرد - فَردُ - خاص - نيڃ. (صفت). دوست - يارُ - رفيق - سنگتي. پيار ڪندڙ - پرين - محبوب - معشوق - سپرين - ساجن - مُحب - منڌار - پريتَم - دلبر - جانب - پياروَ. چَڪهُ - يارُ - سيڌو.

= عَجِيبَائِيُ ۽ عَجِيبُائِيُون: ث. عجب واري حالت - عجب يا اچرج جو سبب.

= عَجِيبُ وَ غَرِيبُ ۽ عَجِيبُ وَ غَرِيبَ: ذ. صفت. عجيب عجيب - عجيب قسمن جهڙا.

● عَدالَتَ ۽ عَدالَتُونُ: ث. (ع. عَدلُ = إنصافُ) انصاف - نيائ - دادُ - آچارُ - عَدلُ. نيهرو - نچيڙو - فيصلو. انصاف ڪرڻ جي جاءِ - انصاف گهر - عدالت گهر - ڪورٽ - ڪچهري - نيائ گهر.

Gul Hayat Institute

= عدالت ڪرڻ: انصاف ڪرڻ - داد ڪرڻ - نياءُ ڪرڻ - فيصلو ڪرڻ - نبيرو ڪرڻ.

= عدالتي ۽ عدالتيه: ذ. صفت. عدالت جو - ڪچهريءَ جو - انصاف جو - قانوني - شرعي.

= عدالتي ڪم ڪرڻ: انصاف جو ڪم ڪرڻ - عدالت جو ڪم ڪرڻ. قانوني ڪم ڪرڻ. شرعي ڪم ڪرڻ. شرعي لموليءَ هلڻ.

= عدالتي متحڪمو ۽ عدالتي متحڪما: ذ. انصاف ڪندڙ ڪاتو - قانوني ڪاتو - عدالتي ڪاتو - انصاف جي جاءِ - انصاف گهر.

● عداوت ۽ عداوتون: ث. (ع. عدو). ويـر - دشمنو - دشمني - وروڌ. ڪلفت - ڪينو - ڪهت - بغض - بدخواهي - پيائتي. معاملو - جهڳڙو - جنگ.

= عداوتي ۽ عداوتيه: ذ صفت. ويري دشمن - برخلاف - بدخواه - مخالف. دشمن جو - دشمنائو.

= عدت: ث. (ع. عدة). تعداد - شمار - ڳاڻيٽو - عدد - عرصو - مدت - ميعاد. (اهو عرصو جنهن ۾ طلاق ڏنل يا وڏوا عورت ٻيو نڪاح نه ڪري جو وفات بعد چار مهينا ۽ ڏهه ڏينهن ٿئي).

● عدد ۽ عدد: ذ. (ع. عدة = ڳڻيو) ڳاڻائو - تعداد - شمار - ڳڻپ - ٽوٽل - حساب - ليکو - حساب ڪتاب. الڳ - لکيو - قسمت. (ع. عدت = عرصو) عرصو - ميعاد (اهو عرصو جنهن ۾ عورت، مڙس جي مرڻ ڪان پوءِ شرعي طور شادي ڪرڻ ڪان محروم رهي) قسمت.

= عددي تقسيمي: ذ. علم رياضي موجب تقسيم يا وچ جي معنيٰ ڏيڪارينڊڙ عدد - جيئن "هر هڪ چوڪرو، چار چار چوڪرا - پنج پنج چوڪريون وغيره".

= عدد جمع: صفت. علم رياضي موجب هڪ کان وڌيڪ تعداد ڏيڪارينڊڙ عدد. ڳهٽا عدد - ڳهٽا الڳ - ڳهٽيون شيون. "جيئن ڏهه چوڪرا، ست ڪتڙ، پنج ڳهوڙا وغيره". گرامر ۾ ڳهٽين شين ڏيکارڻ لاءِ ڪم اينڊڙ لفظ.

= عدد شماري ۽ عدد شماريون: ث. انگن جي ڳڻپ جو ڪم - انگن جي ڳڻپ - ڳاڻيٽو - نمبر شماري.

= عدد قطاري: سلسلي وار هڪ ٻئي جي پٺيان اينڊڙ الڳ - باترتيب الڳ - جيئن "پهريون، ٻيون، ٽيون وغيره".

= عدد مبهم: ذ. ڇڙيءَ طرح انداز نه ڄاڻائينڊڙ الڳ - غير مقرر الڳ. جيئن "سڀ، مڙيوئي، سمورو، وغيره".

= عدد مرڪب: ذ. ڳڏيل الڳ. علم رياضي موجب جزن ۾ تقسيم ٿينڊڙ الڳ.

= عدد مڪرر: ذ. اڪيلو الڳ - ڇڙو الڳ. علم رياضي موجب جزن ۾ تقسيم نه ٿينڊڙ الڳ.

= عدد نطاقي: ذ. صفت. ڇڙو الڳ.

= عدد واحد: ذ. واحد عدد - اڪيلو عدد - هڪ الڳ. هڪ شي. گرامر ۾ هڪ شي ڏيکارڻ لاءِ ڪم اينڊڙ لفظ.

= عددي ۽ عددي: صفت. عدد جو - عدد وارو - تعدادي - شماري.

● عدل ۽ عدل: ذ. (عدل = هن الصاف ڪو) برابري - مساوات - هڪجهڙائي انصاف - داد - نياءُ - آچار. حقي فيصلو - بي رياءُ فيصلو - حق ناحق جو نبيرو.

= عدل ڪرڻ: انصاف ڪرڻ - نياءُ ڪرڻ - داد ڪرڻ - حق ۽ ناحق ڪي ڌار ڪرڻ.

= عدل وارو ۽ عدل وارا: ذ. صفت. انصاف وارو - انصافي - آچاري. حقي فيصلا ڪرڻ وارو.

● عدم: صفت. (ع عدم = هو ڪم ٿيو) معدوم - ناپيدا - آپاڻ - غير موجود - بي وجود. ناهود - ليست - فنا - فالي - ناشتي. (ذ. ث). نه هئڻ جي حالت - ليستي - ناهودي - معدومي. فنا جوملڪ. هوجهان آخرت.

= عدم بجاوري ۽ عدم بجاوريون: ث. حڪم نه مڃڻ جي حالت - حڪم جي عدولي.

= عدم پيدا: ظرف. نه پيدا - گم - ان لئب - غير حاضر - غير موجود - ناپيه. نه هٿ آيل - نه لڌل - نه گوليل - روپوش - ايڪل.

Gul Hayat Institute

= عدمُ پيدا هُنڌُ: نا پيدا هئڻ - نه ٿيڻ - غير حاضر هئڻ.
= عدمُ داخلا ۽ عدمُ داخلائُنُ: ث. نه داخل - داخل نه ٿيڻ - داخلا گُم - اڻ داخل.
= عدمُ موجودِ گيُ ۽ عدمُ موجودِ گيُنُ: ث. حاضر نه هئڻ جي حالت - عدم حاضري - غير موجود گي - غير حاضري. واردات واري جاءِ تي نه هئڻ جي حالت.
● عدنُ: اسم خاص. (ع. عدنُ = رهڻ) بهشت - جنّت - فردوس. بهشتي باغ - جنتي باغ. ڏکڻ عربستان جي هڪ بندر ۽ شهر جو نالو (جتان سنڌ ۾ سان موتي لهندا آهن). شايد سنسڪرت جي آديان لفظ سان لاڳاپو اٿس. سن. آديان = باغ).
● عدوُ ۽ عدوَ: ذ. صفت. (ع. عدوّ = دشمن) دشمن - ويري - بدخواهه - مخالف - اڻ سهڻو.
= عدوُ لِيلُ ۽ عدوِ ليلَ: ذ. صفت. دشمن - ويري - برخلاف - مخالف.
● عدوُلنُ: مصدر. نه مڃڻ - نڪرائڻ - عدول ڪرڻ - نافرماني ڪرڻ.
= عدوُلُ ۽ عدوُلَ: ذ. نه مڃڻ جي حالت - نافرماني.
= عدوُلِجنُ: مصدر. بي فرمان ٿيڻ. ناقبول ٿيڻ.
= عدوُلِ حُڪمُ: ذ. صفت. حڪم جي نافرماني ڪندڙ - منحرف - نافرمان.
= عدوُلِ حُڪمِي ۽ عدوُلِ حُڪمِيُنُ: ث. حڪم کي نه مڃڻ جي حالت - قانوني ڪارروائيءَ ۾ گُس گُساءُ.
= عدوُلِ حُڪمِيُ ڪرنُ: حڪم جي نافرماني ڪرڻ.
= عدوُلِيُ ۽ عدوُلِيُنُ: ث. بي فرماني.
● عدِيمُ: صفت. (ع. عدِم = هن وجايو) ڪم - ناپيدا. ڪِلّي - ڪُجهو.
= عدِيمُ النُفرُصتُ: ذ. صفت. ڪم ۾ مشغول - گهڻ ڪمو. اهو جنهن کي واڌ ڪائي نه هجي.
● عذابُ ۽ عذابَ: ذ. (ع). نه سهڻ جهڙو سُور - ايذاءُ - پيڙا - درد - دُک - ڏُک - سُورُ - اذيّت - سختي. آزار - ويدن - هيبت. ڪشالو - جاکوڙ - سڌتاپُ - سزا.
= عذابِ قبرُ: ذ. قبر جو عذاب - قبر جي سختي. اسلامي عقيدي موجب مري ويل گنهگار ماڻهوءَ کي قبر جي پيڙ سبب اچل تڪليف.
● عِذارُ ۽ عِذارَ: ذ. صفت. گِلُ - رُخسارُ - چهرو - صورت. منهن - رُخ. مرڪبات ۾ ڪم ايندڙ لفظ. جيئن: "عِذار گُل" وغيره.
● عُذرُ ۽ عُذرَ: ذه (ع. عُذر) معافي - معذرت. اعتراض - ٽهڪ ٽپڻي - حُجّت - جرح - انڪار. بهانو - سبب - ٽال مٽول - لٽاءُ. ڪنهن جي مرڻ تي اظهار غم - پرچاڻي.
= عُذرُ خُواهِيُ ۽ عُذرُ خُواهِيُنُ: ث. معافي. ڪنهن جي مرڻ جو اظهار غم - اعزا پُرسي - پرچاڻي - منهن ڪاڻ - تعزيت - سياپو. آخري ليازي. جيئن:
"عذر خواهيون عاجز يون، سسئي ڪينهن مَ سَلّ"
(آبري - شاهه).
= عُذرُ خُواهِيُ ڪرنُ: ڪنهن جي موت تي اڻ جي عزيزن سان همدرديءَ جا ٻه - چار الفاظ چوڻ - اعزا پُرسي ڪرڻ - پرچاڻي ڪرڻ - منهن ڪاڻ ڪرڻ.
= عُذرُ دارِيُ ۽ عُذرُ دارِيُنُ: ث. اعتراض - دليل - دعوا - حُجّت.
= عُذرُ هُنڌُ: ڪنهن ويجهي عزيز جي موت ڪري ڏهرايل وقت تائين دڪ ۾ رهڻ ۽ خوشيءَ جهڙي ڪم ۾ شريڪ نه ٿيڻ.
● عذرا: ث. (ع). ڪنواري ڇوڪري. (اسم خاص). هڪ مشهور عاشق واسق جي معشوق جو نالو.
● عِراقُ: اسم خاص. (ع. عِراق = ڪنارو = لب دريا) دجلي ۽ فرات ڏين جي ڪنارن وارو ملڪ. هڪ ملڪ جو نالو (جو ايران ۽ عربستان جي

Gul Hayat Institute

وچ ۾ آهي سڀ کان ايراني لار تائين ڦهليل آهي، منجهائونس، دجلہ ۽ فرات نديون وهن ٿيون، فرات لڏي جي ڪناري وارو ملڪ عراق عرب سڏبو آهي، جنهن ۾ بغداد اچي ويجي ٿو. ۽ دجلہ نديء جي پي ڪناري وارو ملڪ عراق عجم سڏجي ٿو ان ۾ خراسان ۽ اصفهان بہ اچي وڃن ٿا). فارسي راڳ جي پارهن نغمن مان پنا سرن مان ستين جو نالو (ن - ب). ڪهوڙي جو هڪ قسم - عربي ڪهوڙو.

● عِراقِيُ ٢ عِراقِيٌ: ذ. صفت. عراق ملڪ جو - عراق وارو - عراق جو رهاڪو - عراق واسي. (ذ). ڪهوڙي جو هڪ قسم - عراق جو ڪهوڙو - تازي.

● عَرْبَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر حيدرآباد ۽ ڪراچيء ۾).

● عَرْبُ: اسم خاص. (ع). ايشيا ڪنڊ جي هڪ ملڪ جو نالو. مسلمانن جو پاڪ ملڪ (جنهن ۾ ڪعبة الله شريف ۽ مڪ معظم ۽ مدينہ منوره آهن، حضور اڪرم (صلعم) جن جي ولادت باسعادت ۽ لاڏاڻي جو ملڪ). (ذ. صفت). عرب ملڪ جو رهاڪو - عربي.

= عَرْبِسْتانُ: اسم خاص. عربن جي رهڻ جو هنڌ - عربن جو ملڪ - عرب.

- عَرْبُ عَجَمُ: ذ سجو جهان - سارو جهان (ل.ق).

- عَرْبِيُ: ث. عرب ملڪ جي ٻولي.

- عَرَبِيُ ٢ عَرَبِيٌ: صفت. عربستان جو عرب. (ذ) عربي ڪهوڙا - تازي.

● عُرْسُ ٢ عُرْسَ: ذ. (ع. عُرْس = شاديء جو ڪاڏو). ڪنهن اولياء يا بزرگ جي ٿالي ڪيل ڪاڏو - ڪنهن پير يا وليء جي ياد ۾ سندس مماتيء وارو ملهايل ڏينهن (مجازاً. ڪنهن درويش جو هن فاني دنيا مان وصال ڪرڻ، باعث خوشي آهي). ماه ربيع الاول ۾ تاريخ ١٢ تي (حضور رسول مقبول صلعم جي ياد ۾، مذڪور تاريخ حضورجن جي وصال ۽ ولادت جي آهي) ڪيل لڏر لياز. عام اصطلاح ۾ ماه ربيع الاول جو ٿالو.

● عَرْشُ ٢ عَرْشَ: ذ. (ع. عَرْشَ = ڇت) ڇت. تخت - گادي - اورنگ. تخت الاهي - حق تعالىٰ جي ڪرسي. (جنهن جو ذڪر ڪرڻ شرعاً جائز نہ آهي). آسمان - آڪاس. مٿانهون آسمان - انون آسمان.

- عَرْشَ تي چَڙهَنُ ۽ وڏو درجو ڏيڻ. تمام گهڻي ساراهہ ڪرڻ.

- عَرْشَ تي چڙهَنُ: مٿانهين درجي کي اهڃڻ. تمام عزت وڌڻ. نهايت خوشامد ٿيڻ ڪري مغرور ٿيڻ.

- عَرْشُ ڪُرْسِيُ: ستن آسمانن کان مٿي جا درجا.

● عَرَصاتُ: ث. (ع). عَرَصہ جو جمع. قيامت جو ميدان. (سنڌي ٻوليء ۾ واحد طور مستعمل).

● عَرَصو ٢ عَرَصا: ذ. (ع. عَرَصہ = وقت). وقت - ڏينهن. مدت. زمانو - سمو - دور. ميعاد. گهڙو وقت - دير. ٿورو وقت - وچوتي - وٿي - ويجي - چيٽي - ناغو - مهلت.

- عَرَصو لَڳائڻُ: وقت لڳائڻ - دير ڪرڻ - توقف ڪرڻ.

● عَرَضُ: ث. (ع). پي شيء جي وجود تي مدار رکندڙ عارضي خاصيت.

عَرَضُ ٢ عَرَضَ: ذ. (ع). سوال - گهر. وينتي - التجا - منت - منٿ - آرداس - درخواست - عريضي - گذارش - التماس. سوڪرائي - پيٽ - ويڪر (ڪپڙي وغيره جي). علم جغرافيہ موجب ڪنهن هنڌ ۾ خط استوا جي وچ وارو مفاصلو.

عَرَضُدارُ ٢ عَرَضُدارَ: ذ. صفت. عرض ڪندڙ - سوال ڪندڙ - وينتي ڪندڙ - درخواست ڪندڙ.

- عَرَضداشتُ ٢ عَرَضداشتُونُ: ث. لکيل عرض - عريضي - درخواست - لکيت - گذارش.

- عَرَضُ مَعَرُوضُ: ذ. درخواست - گذارش - منٿ.

- عَرَضِيُ ٢ عَرَضِيٌ: ذ. صفت. عرض ڪندڙ - منٿائو - سوالي.

- عَرْضِيَ ۽ عرضيون: ث. درخواست - گذارش- عريضي- التجا- ارداس- منٽ.
- عَرْضِيَاتِي ۽ عَرْضِيَاتِيُون: ث. عرضدارڻ - سوالي عورت.
- عرضي نَوِيس ۽ عرضي نَوِيسَ: ذ. صفت. درخواستون لکندڙ.
● عَرْضِيَ پِيٽو: اسم خاص. تعلقي ميرو خان هر هڪ گوٺ ۾ ديهه جو نالو.
● عَرَف: ظرف. (ع). يا- ٻيءَ طرح- ٻيءَ طرح ٿي نموني. ٻئي نالي سان. عالم آشڪار- مشهور، معروف. (ف). علم نحو جي اصطلاح موجب اسم معرفه جو هڪ قسم- ڪنهن ماڻهوءَ جو لاڏ جو نالو- ڪنيت- لقب- تخلص. (جنهن سان هو اڪثر سڏبو هجي).
● عَرَفَات: اسم خاص. (ع). مڪي شريف جي ويجهو هڪ ميدان جو نالو (جنهن تي حج جي ڏينهن حاجي گڏ ٿي ظهر ۽ عصر جي نماز پڙهن).
● عِرْفَان: ذ. (ع. عَرَفَ) واقفيت- سڃاڻپ- پڇاڻ. خدا شناسي- معرفت حق تعالىٰ.
● عِرْق ۽ عَرَق: ذ. (ع). انسان جي بدن مان گرميءَ جي حالت ۾ نڪتل رطوبت- پگهر- پسينو. چڪائڻ رستي کيڏل پاڻي- مقطر. دوائن جي ڀاڪ مان ٺهيل پاڻي. جيئن: "عرق گلاب، عرق بنفشه" وغيره. نچوڙيل پاڻي- نچوڙ- رَس- تت- جوهر- ارڪ- سندءِ سار. ارگهه. شراب.
- عَرْق رِيزِي ۽ عَرَق رِيزِيُون: ث. پگهر ڪيڏڙ- سخت محنت ڪرڻ جي حالت- جانفشاني- گهڻي محنت- زحمت.
- عَرَق رِيزِي ڪَرَن: سخت محنت ڪرڻ- جانفشاني ڪرڻ.
- عَرْقْنَاكَ ۽ عَرَقْنَاكَ: ذ. صفت. پگهردار.
● عِرْق النِّسَاءَ: ذ. هڪ رڳ جو نالو. بيماريءَ جو هڪ قسم- ٽنگن ۾ سور ٿيڻ جي بيماري.

● عُرُوج ۽ عُرُوجَ: ذ. (ع. عَرَجَ = هو مٿي ويو) بلندي- آچائي- مٿانهين- چاڙهي- چاڙهه- چڙهتي- ترقي- ارتقاء. ڪنهن وڏي درجي ڪي پهچڻ واري حالت. اقبال.
● عُرُوس: ث. (ع). نئين پرڻيل عورت- ولي- بنيري- بنيي- لال بنيي- دلهن.
● عَرُوض: ذ. (ع). مڪي معظمه جو نالو- بيت الله- ڪعبت الله- ڪعبه. شعر جي وزن ۽ بحر معلوم ڪرڻ جو علم (جيئن ته خليل بن احمد کي ڪعبت الله ۾ انهيءَ علم جو الهام ٿيو هو، انهيءَ ڪري تبرڪاً اهو نالو رکيو ويو).
● عُرْيَان: صفت. (ع. عريٰ: خالي ٿيو) اگهاڙو- ننگو- برهنه. بي پرده- ظاهر- صاف- لروار- پڌرو.
- عُرْيَانِي ۽ عُرْيَانِيُون: ث. اگهاڙپ- اوگهڙ- ننگائي- برهنگي.
● عَرِيضَه ۽ عَرِيضَا: ذ. صفت. (ع. عريضه) عرض معروض. (ذ). عرضي- درخواست- گذارش- التماس.
- عَرِيضِي ۽ عَرِيضِيُون: ث. درخواست- عريضو. التجا- منٽ- سوال- گهرَ.
- عَرِيضِي نَوِيس ۽ عَرِيضِي نَوِيسَ: ذ. صفت. عريضي لکندڙ. درخواست لکڻ جو ڪم ڪندڙ.
- عَرِيضِيَاتِي ۽ عَرِيضِيَاتِيُون: ث. صفت. عرض ڪندڙ- التجا ڪندڙ- درخواست ڪندڙ (عورت).
● عِزّ: صفت. (ع). عزت- مان- شان. وڏائي- بزرگي- شرف- عظمت. ارجمندي. وڏو عهدو- اقبال- مرتبو- درجو. شوڪت- حشمت- رعب- ڏاڪو- دٻدٻو- مَلَكَ- جَسّ. جَلال- پرتاب- تيج- تجمّل. نُور- رونق- تجلّو. سهما آستيي- حشمت- واڪاڻ- ساراهه. (صفت). غالب ٿيل- غالب- جاهل.
- عَزَّ و جَلَّ: ذ. صفت. غالب ٿيو ۽ وڏو ٿيو. جاهل- قادر. وڏائيءَ جو لائق- جليل- اعظم-

Gul Hayat Institute

آءُلي. شان وارو- تيجوان - تيجي. ساراهه جوگو. (ث). الله تعاليٰ جي هڪ صفت.

● عزا ؛ ذ. (ع). مصيبت جي وقت ۾ ڪيل صبر. ماتم پرسي - سياپو - پرچائي.

- عزادار ۽ عزادارَ ؛ ذ. صفت. مري ويل جو غم ڪندڙ - ماتمدار - سوگوار - ماتمي.

● عزازت ۽ عزاز تُون : ث. (ع). ميني مائيٽي - سڳائي - ميناچاري - عزيزي. سڳيٽائي - سڳاوتي - برادري. ناتو. ڳانڍاپو - لاڳاپو - وراڪو - سنبنڌ - تعلق - نسبت.

● عزازيل ؛ اسم خاص. (ع. عزل = جدا ڪرڻ) شيطان جو نالو (جنهن کي، حضرت آدم کي سجدي نه ڪرڻ جي حالت ۾ بهشت مان تڙيو ويو). ابليس - شيطان - خنّاس. لفس. جيٽن ؛

"اوڏي عزازيل کي ويجهي تان مرَ وج"
(شاهه سر آبري)

● عزّت ۽ عزّتُون ؛ ث. (ع. عز = غالب ٿيو) شان - مان - مٿت - آدر - سنمان - آب - آبرو - حرمت - وقر - وقار. وڏائي - عظمت - اوزڪي - شرف. درجو - وقعت. ساک - پت - ڪار - معتبري - ڀڄ - ناموس - لڄ - پرم - سيل. ستر - ست. عصمت (عورت جو). لحاظ - نيازَ - آداب - خيال - ڏيان. دٻدٻو - حشمت - رعب - ڏاکو.

- عزّت تان هٿ کڻڻ ؛ آبرو ڪان ناميد ٿيڻ. بي عزت ٿيڻ. لاهي ڇاهي ٻيهڻ.

- عزّت پائيڻ : مان حاصل ڪرڻ - آبرو ميلڻ. ناموري حاصل ڪرڻ.

- عزّت پيدا ڪرڻ ؛ عزّت پائيڻ. ناموري حاصل ڪرڻ. نالو ڪيڻ.

- عزّت خراب ٿيڻ : بي عزّتي ٿيڻ - آبرو منجهه ۾ ملڻ. شان وڃڻ.

- عزِت ڏيڻ ؛ مان ڏيڻ - آبرو ڏيڻ - آب ڏيڻ - ادب ڪرڻ - لحاظ ڪرڻ - خيال ڪرڻ.

- عزّت رکڻ ؛ آبرو رکڻ - مان رکڻ - آبرو کي قائم رکڻ. نالي کي برقرار رکڻ - ڳالهه نباهڻ. لحاظ رکڻ.

- عزّت مان پيهڻ آچڻ : مان شان سان پوش اچڻ - خاطر تواضع سان پيش اچڻ.

- عزّت گهٽائيڻ ؛ رتبو گهٽ ڪرڻ. بي عزت ڪرڻ - ذليل ڪرڻ - رسوا ڪرڻ.

- عزّت لهڻ : مان پائڻ - شان حاصل ڪرڻ - عزت وارو ٿيڻ.

- عزّت ميڙجي وڃڻ : بي عزتي ٿيڻ - آبرو وڃڻ - شان مان جو وڃڻ. نالي کي داغ لڳڻ.

- عزّت وارو ۽ عزّت وارا : ذ. صفت. شان وارو - مان وارو - عزت جولائق - مانائتو - آبرو وارو - معزز - اشراف - سڪر. مُعزز.

- عزّت و ڌَنَ : بي عزتي ڪرڻ - اپمان ڪرڻ. ارمان ڪرڻ - عقوبت ڪرڻ. ذليل ڪرڻ - خوار ڪرڻ. عصمت وٺڻ (ڪنهن عورت جي). آبرو حاصل ڪرڻ - شان ميلڻ.

- عزّت وڃڻ : ات نه رهڻ - ساک وڃڻ - بي عزتي ٿيڻ.

- عزّت وڪڻڻ : عزت لهرائڻ جهڙو ڪم ڪرڻ - ذليل ٿيڻ. بي غيرتو ٿيڻ.

- عزّت هٿڻ : آبرو هٿڻ - مان هٿڻ. رتبو وڃڻ. تعريف هٿڻ.

● عزّت خان : اسم خاص. تعلقي رتي ديري ۾ ۽ تعلقي نوشهري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● عزّت واري : اسم خاص. تعلقي ميرپور ماٽيلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● عزرائيل ؛ اسم خاص. (ع). هڪ فرشتو جو نالو (جيڪو برگزيده فرشتن مان هڪ فرشتو) ساهه ڪيڏڻ فرشتو - موت جو ملائڪ - فرشتو قضا - ملڪ الموت - قابض الارواح.

● عزم ۽ عزمَ : ذ. (ع. عزمَ = هن ارادو ڪيو) ارادو - خواهش - قصد - نيت - آماد گي - تهيه. سعيو - ڪوشش.

- عزم بالجزم ؛ ذ. پڪو ارادو - مصمم ارادو - يقيني ارادو.

- عزم ڪرڻ ؛ ارادو ڪرڻ - قصد ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

● عزم ناهيڻ: ڪوڙا سبب ناهڻ ـ ڪوڙا بهانا ناهڻ ـ ڪوڙا ناهه ناهڻ.

● عزيل: ذ. (ع). عربستان جي هڪ بٽ جو نالو (جو وڻ جي شڪل وانگر هو، جنهن کي خالد بن وليد جلائي ڇڏيو هو). لات ۽ عزيل مان هڪ بٽ جو نالو.

● عزيز ۽ عزيزَ: ذ. صفت. (ع. عزّ = پيارو ٿيو). پيارو ـ محبوب ـ دلارو ـ سڃاڻي ـ سڃڻ عزيز ـ مائٽ ـ رشتيدار ـ پهنجو ـ ويجهو قريب. لاڳاپيل ـ ڳانڍاپيل. دوست ـ يار. وٽندڙ ـ مرغوب ـ دلپسند. عزت وارو ـ مانوارو ـ معزز ـ معتبر. (اسم خاص). مصر جي بادشاه جو لقب. خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.

ـ عزيزُ مانُ جزيزُ ٿيئُ (ت): دوست مان دشمن ٿيڻ ـ سڃڻ مان ويري ٿيڻ.

ـ عزيزي: ث. ڳانڍاپو ـ ناتو ـ تعلق ـ نسبت. سڳائي ـ مائٽي ـ رشتيداري ـ عزازت.

۽ عزيمت: ث. (ع). عزم.

● عسرت: ث. (ع. عسرَ: ڏکيو ٿيو). دقت ـ دشواري ـ تڪليف ـ سختي ـ مصيبت. تنگي ـ مفلسي ـ ڪٽلائي ـ ناداري.

● عسڪر: ذ. (ع). لشڪر ـ فوج ـ سپاه ـ ڪٽڪ ـ سينا.

● عسل: ذ. (ع). ماکي ـ شهد ـ مڌ ـ انگبين.

● عشا: ث. (ع). رات جي اونداهي ـ سوهڻي جو وقت ـ سومهڻي.

● عشاق: ذ. (ع). عاشق جو جمع. پيار ڪندڙ ـ محبتي ـ پيارا.

● عشبو ۽ عشبا: ذ. (ع. عشبه). پساريڪي وکر جو هڪ قسم (رت صفا ڪرڻ واري هڪ دوا) سينٽرل امريڪا مان لهندڙ، پيشاب وڌائيندڙ دوا.

۽ عشر: صفت. (ع). هڪ تعداد جو نالو ـ ڏهه ـ دهه.

● عشر: صفت. (ع). ڏهون. ڏهون حصو.

ـ عشرعشير: صف. ڏهين حصي جو، ڏهون حصو ـ سوين پتي، تمام ٿورو ـ ذرو.

● عشرت ۽ عشرتَ ٿون: ث. (ع). گڏجاڻي ـ ميلاپ ـ وصل. گڏجي مزي سان رهڻ جي حالت. خوشي ـ مسرت ـ خرمي ـ آنند. مزو ـ فرحت ـ لطف ـ عيش ـ انشاط ـ رنگ ـ رس ـ موج ـ بهاري ـ ڪيفيت. نفساني لذت ـ پوڳ بلاس ـ عيش وعشرت ـ سنجوڳ.

ـ عشرت خانو ۽ عشرت خانا: ذ. عيش وعشرت ڪرڻ جي جاءِ ـ عشرت گاه ـ نشاط خانو.

● عشق ۽ عشقَ: ذ. (ع). تمام گهڻو پيار ـ پيار ـ محبت ـ الفت ـ پريت ـ پريت ـ پريٿو ـ پريم ـ حب ـ موهه ـ قرب ـ نيهن. خواهش. تمنا ـ چاه ـ شوق ـ رغبت ـ دل ـ عادت ـ چسڪو ـ هير.

ـ عشق آندو آهي: جملو. محبت اندي آهي. عشق هڪ عقل گم ٿي ويندو آهي.

ـ عشق بازُ ۽ عشق بازَ: ذ. صفت. عشق ڪندڙ ـ محبت ڪندڙ ـ پريم ڪندڙ ـ نيهن لائيندڙ عاشق. عاشق مزاج ـ حسن پرست ـ عاشق جيڏو ـ عياش ـ رنبي باز ـ رنگيلو ـ اوباش ـ لانبارو.

ـ عشق بازي ۽ عشق بازيون: ث. عشق ڪمائڻ واري حالت ـ نيهن لائڻ واري حالت ـ عاشقي ـ پريٿو. عاشق مزاجي ـ حسن پرستي ـ عياشي ـ لانبارائي.

ـ عشق پيچ: هڪ ول جو قسم جا وڻ کي ويڙهي ويندي آهي.

ـ عشق حقيقي: ذ. سچي محبت ـ سچو قرب ـ سچي پريت (الله تعاليٰ سان) ـ خدا جي محبت ـ بقادار عشق ـ پڪتي. صوفين جي اصطلاح ۾ عشق جي هڪ منزل.

ـ عشق زورآور: ذ. صفت. پهنجي ۾ تي هلڻ وارو ـ عجيب دوست.

ـ عشق ڪمائي: ڪنهن سان محبت ڪرڻ ـ پئي سان محبت ڪرڻ.

ـ عشق مجازي: ذ. دنيوي عشق ـ ڪوڙو عشق. ٿورو وقت هلندڙ پيار (ڪنهن مائهوءَ سان).

ـ عشق هر گهاري پوڻ: عشق هر لمحي پوڻ ـ پيار هر اڻ هوڻ. ٽيندڙ ڪر هر او چتو رڪنو پوڻ.

Gul Hayat Institute

= عِشْقِيُ ۽ عِشْقِيُ ؛ ذ. صفت. محبت ۾ قائل - عشق وارو - عشق جو - عشقيه.
= عَشْقِيئن: نداءِ واهه واهه - آفرين.
● عِشْقُ پيچُ ۽ عِشْق پيچَ: ذ. ياسمين ۽ چنبيليءَ سان مشابهت رکندڙ، آمريڪا ۾ ٿيندڙ گل جو هڪ قسم (ف - ج).
● عِشْقُهُ ؛ ول جو هڪ قسم (جا ون تي چڙهي ون کي سُڪائي ڇڏي).
= عِشوهُ ؛ ذ. (ع). ناز - انگل - نخرو - ماڻو. فريب - مڪر.
= عِشْوَهُ سازُ: ذ. صفت. معشوق.
= عِشْوَهُ گرُ ؛ ذ. صفت. عِشْوَهُ سازُ.
● عَصا ۽ عَصائُونْ ؛ ث. (ع. عَصا = لٺ) لَڪُڙُ - سونٽي - لٺ - ڏنڊو. هٿ جو لڪڙ - ڇڙي.
= عَصايُ مُوسيٰ: ث. حضرت موسيٰ عليه السلام جي هٿ جي لٺ (جا جادوگرن سان مقابلي وقت ٽائنگ ٿي هئي ۽ ڪيترن وقتن تي عجيب ڪرشما ڏيکاريا هئائين).
● عَصَبِيَّت ؛ ث. (ع). عزازت - ٻنهنجائي - مائٽي - رشتي داري. طرفداري - ٻاسخاطري - لحاظ - رياءڪاري.
● عَصْرُ ؛ ذ. (ع. عَصْرُ = وقت) وقت - ٽاڏو - سَمون - زمالو - جُڳُ. جيئن "هم عصر، اديب العصر، وغيره" آرجا - اوسٿا. عُمير - جمار. ڏينهن جو آخر حصو - چوٿون حصو (جنهن ۾ وچين يا عصر نماز جو وقت).
● عِصْمَتُ ۽ عِصْمَتُونْ ؛ (ع عصر = گناهه ڪان بچيو) گناهه ڪان بچاءُ - پرهيزگاري - پاڪائي - پاڪدامنيُ - ستُر - ستَ - پارسائي - سيمُ - پرهيز. لڄُ - شرم - عزت - پيرم. (ڪنايَةً). ابتدا ڪان انتها تائين گناهن ڪان روڪي رهيل.
● عِصْيانُ ؛ ذ. (ع). گناهه - پاپُ - ڏوهه - دوش - جرم - خطا - قصور.
● عُضْوُ ۽ عُضْوا ؛ ذ. بدن جو هڪ پاڳو - لڳ - آنگ.
= عُضْوا اَکْڙَنْ: هيٺ ٿيڻ - ضعيف ٿيڻ - ڪمزور ٿيڻ - جان ۾ طاقت نه رهڻ - بيدو جهور ٿيڻ. بخار واري حالت ٿيڻ.
= عُضْوُ تَناسُلُ ؛ ذ. اولاد پيدا ڪرڻ جو عضوو - نسل پيدا ڪرڻ جو عضوو - عضوو مخصوص - آلت.
= عُضْوُو عُضْوُ اَکيڙَنْ ؛ بدن جو حصو حصي ڪان نڪرڻ - سنڈ سنڈ هلائڻ. هر هڪ عضوي کي ڌوءُ ڪرڻ. جهانجهولڻ.
= عُضْوُ مُخَصُّوصُ ؛ ذ. جسم جو خاص عضوو (مردانو يا زنالو).
● عَطا ۽ عَطائُونْ: ث. (ع. عطا = ڏئي ٿو) ڏاتُ - بخشيش - انعام - ڏانُ - سخا - عنايت - امدادُ. دانُ - خيرات. تحفو. سوغات - سوڪڙي - عَطيئو. نذرانو - ڀوڻو - پيٽا - ڏالي. خدا جي طرفان ملهل ڇوڪارو - معافي (ل - ق).
= عَطا جو هَتُ رَکنُ: مهرباني جو هٿُ رکڻ - ڪرم فرمائي ڪرڻ - احسان ڪرڻ - اجهو ۽ آسرو ڏيڻ.
= عَطا کَرَنُ ؛ بخشش ڪرڻ - امداد ڪرڻ - بخشڻ. انعام ڏيڻ - دانُ ڏيڻ. منظور ڪرڻ - قبول ڪرڻ.
● عَطارُ ۽ عَطارَ ؛ ذ. صفت. (ع. عِطْرُ) عطر وارو. عطر ٺاهيندڙ. عطر وڪڻندڙ - عِطْر فروش - عِطْري - قليلي. پساوي - دوا سازُ.
● عَطارُدُ: ذ. (ع) هڪ گرهه جونالو - ٻُڌ - وهائُو.
● عَطائِيُ ۽ عَطائِيُ ؛ ذ. صفت. (ع). عطا ڪهرندڙ - بخشش ڪهرندڙ - سوالي - فقير - منگتوُ. ڪُشادي دل وارو (عطا ڪندڙ). قدرتي عقل وارو - ذات وارو. قدرتي طرح ڪنهن فن ۾ هوشيار. راڪيندڙ - ڳائڻو. (اسم خاص). تعلقي جيڪب آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● عَطْرُ ۽ عَتْرُ ؛ ذ. (ع. عِطْرُ = سرهاڻ) گلن ۽ يا ٻين شين جو جوهرُ - جوهَرُ - رُوحُ - عرق. گلن جو رَسُ. سَرهاڻ - سُڳنڌ - قليلُ - خوشبوءِ.

Gul Hayat Institute

= عَطْرُ پَاشِي ٽِيَنْ: جاءِ ۾ خوشبوءِ هارڻ - عطر ڇڪارڻ. محفل کي سينگارڻ.
= عَطْرُدَانْ ۽ عَطْرُدَانَ: ذ. عطر رکڻ جي ڊبي يا بوتل. عطر جي رکڻ جو ٺانءُ.
= عَطْرُداني ۽ عَطْرُدانِيُونْ: ث. عطر رکڻ جي شيشي. سرهاڻ واري شيشي.
● عَطَشْ: ث. (ع). آج - اياس - تشنگي.
● عَطِيَّهْ ۽ عَطِيَّتَا: ذ. (ع). ڏاڻ شي - سوکڙي - تحفو - ڏاکر - بخشش. مهرباني - نوازش - عنايت - ايڇپو - ان گيره - ٽورو - احساس.
● عَظَمَتْ ۽ عَظَمَتُونْ: ث. (ع). وڏائي - بزرگي - برتري - بلندي - مٿالهين. شان وشوکت - قدر ومنزلت. (اسم خاص). تعلقي ڏکڻڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● عَظَمَتْ آباد: اسم خاص. تعلقي ڳڙهي خيري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● عَظَمَتْ جَا گِيرَ: اسم خاص. تعلقي سکر ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● عَظَمَتْ كَچُوْ: اسم خاص. تعلقي ڏني عاقل ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● عَظَمَتِي: ث. صفت. (ع. عَظَم = هو بزرگ هو) بزرگ - وڏو - اوچو - مها - آتم - اعظم. عالي - بلند - اعلىٰ. بيحد - گهڻو - اتيت. شانوارو - مانوارو - عالیشان. خدا تعالىٰ جو هڪ صفاتي نالو.
● عَظِيمُ الشَّانِ: ذ. صفت. وڏي شان وارو - وڏي عزت وارو - مانوارو. ڏهڻي وارو - حشمت وارو - رعب وجلال وارو.
● عَظِيمُ آبَادْ: اسم خاص. تعلقي سکر ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● عِفَّتْ: ث. (ع. عَصِيرَ = هو پاڪ ٿيو). عصمت - پاکدامني - ستر - ستڻو. پرهيزگاري - پاکائي - پارسائي.
● عَفْوَ: ث. (ع. عَفَوَ = لاهڻ، ڪرڻ) معافي - کميا - اسراڻ - بخشش - مرحمت. معاف - بخش.
= عَفْوَ كَرَنْ: معاف ڪرڻ - کميا ڪرڻ - درگذر ڪرڻ. نجات ڏيڻ - بخشڻ.
● عَفْسُونَتْ ۽ عَفْسُونَتُونْ: ث. (ع). گندي بانس - درگندڙ - ڏڪوءِ - ڏپ بانس.
● عُقَابْ ۽ عُقَابَ: ذ. (ع). پکيءَ جو هڪ قسم. ڪاري رنگ جو هڪ وڏو پکي (جو ننڍيون ريڍون، پکرون، ۽ ننڍڙا پار بَرَ لاماري سان ڪٽي وڃي سگهي ٿو). ڏهنجو شڪار نه ڪري پئي پکيءَ کان شڪار کسي ويندڙ پکي - پرمار - شڪاري پکي - باز. (اسم خاص). روس، جرمني، آمريڪا وغيره جي قومي نشان جو نالو.
= عُقَابِيلْ ۽ عُقَابِيلَ: ذ. عُقاب پکيءَ جو پَرُ. تير - گز - پاڻ. آگاڻي وقت جو تير جهن جي پوئين چوڻي ۾ عقاب جا کنب پوري وزن ٻيهڪ خاطر لڳل ٿيندا آهن.
"عُقابيل اکين ۾ تير تِکَا تو ڪي".
(شاهه - سر ڪليان).
● عَقَائِدْ ۽ عَقَائِدَ: ذ. (عَقِيدَهْ > عقد: هن ڪنڊ ڏني). عقيده جو جمع - عقيدا.
● عَقَبْ: ذ. (ع. عَقَبَ = پويان آيو) پٺ - پڇاڙي - پس.
● عُقُبَتَ ۽ عُقُبَتُونْ: ث. (ع). سزا - سيکت. عذاب - ايذاءُ - تڪليف.
● عُقُبَىٰ: ذ. (ع). آخرت - پڇاڙي. قيامت. عاقبت.
● عَقَدْ ۽ عَقَدَ: ذ. (عَقَدَ = هن لاڪاپو ڪنديو). ڳنڍ - ڳانڍاپو - لاڳاپو. بندڻ. ماڻهوءِ جو لاڳاپو - نڪاح. پول - قول - انجام - اقرار - عهد - پيمان - اقرار.
= عَقْدْ پَڑَهَنْ: ٻن کي ڳنڍڻ. نڪاح پڙهي ملائڻ - نڪاح پڙهڻ.
= عَقْدْ كَرَنْ: ڳنڍجڻ لاءِ قول ڪرڻ. نڪاح ڪرڻ. شادي ڪرڻ. حڪمن جي اصطلاح ۾ ياري کي قابو ڪرڻ.
= عَقْدْ نِكَاحْ: ذ. نڪاح جي ڳنڍ - ڪهوت ۽ ڪنوار جو نڪاح رستي ڳانڍاپو.
= عَقْدُونْ: ذ. شاديءَ ۾ نڪاح جو عقد. (خاص ڪري وهاريل زال يا سريت سان نڪاح وقت وعدو. "هرمانڊ").

Gul Hayat Institute

● عَقْدو ۽ عَقْدا: ذ. (ع). گنڍيل. مسئلو - مشڪل گالهه - گجهارت (پرمانند). معمو - گجهه - راز - پيد - انت (پرمانند).

● عَقده: ري موڪل آبادي - ري موڪل دخل بابت ڪيل ڪارروائي جو فارم.

- عَقْدهٔ ڪُشا: ذ. صفت. گنڍيل ڪولينڊڙ. مشڪل گالهه حل ڪنڊڙ - حل ڪنڊڙ مشڪل ڪسي. مشڪل ڪشا.

● عَقْرَبْ: ذ. (ع). زهري جيت جو هڪ قسم - وڇون - پنڇون. هڪ برج جو نالو - وِرشچڪ.

● عَقْرَقَرحو: ذ. (ع). پساريڪي وڪر جو هڪ قسم - ڏندن جي سُور جي هڪ دوا - عاقرقرحو.

● عَقْلَ ۽ عَقْلَ: ذ. (ع). ٻُڌِ - چاڻپ - سمجهه - پرجهه - اروڙ - فَهم - خِرد - شعُورُ - ادراڪ - درڪ. فراست - وتوف - ڏاهپ - چترائي - دانائي - هوشياري - زيرڪي. ذهن - اَڪَت - ڏُڪاءُ - آرُ - دماغ - هوش - وِگيان - دوراندیشي. حڪماءَ جي اصطلاح ۾ ڏهن فرشتن مان هڪ جو نالو.

- عَقْلُ آجهَنُ: ٻُڌِ مُنجهَنُ - سَتيون سُنجهڻ - سمجهه ۾ نه رهڻ - هوش نه رهڻ. وائڙو ٿيڻ.

- عَقْلُ ڏجڻو ٿيڻ (ت): حوصلا خطا ٿيڻ - بي خبر ٿيڻ - نامعلوم ٿيڻ.

- عَقْلائيتو ۽ عَقْلائِتا: ذ. صفت. عقل جو - عقل وارو. سمجهه وارو - هوشائتو - سياڻو - عقلاڻو - سمجهو - عَقْلي - ناطق - اڪاهَرُ - ڏاهو - داناءُ - هوشيار - سُبُدّ - عاقل - سوجهه - زيرڪ - چتر - وگياني - ٻُڌوان - هوشونَدُ - سڏهو - ڀهڃاڻ - فهميدو - جهان ديدو - دوراندیش. (ظرف). عقل سان - عَقْل.

- عَقْل تي پَٿَرَ پَوَنْ: سمجهه ڪان نڪرڻ - موگو ٿيڻ - بيوقوف ٿيڻ - بي سمجهه ٿيڻ.

- عَقْلُ تي پَردو پَوَنْ: عقل مارجڻ - عقل وڃڻ - مت مارجڻ. سمجهه نه رهڻ. سمجهه ۾ نه وِهڻ (ڪا گالهه).

- عَقْلُ جا ڪهوڙا ڊوڙائِڻ: خيال ڪي وري وري هلائڻ - آونهو عقل هلائڻ. دليل پيش ڪرڻ. خيالي پُلاءُ پچائڻ.

- عَقْلُ جو دُشمَنَ ۽ عَقْلُ جا دُشمَنَ: ذ. صفت. عقل جو وبري - بيوقوف - مَورڪ.

- عَقْلُ جو وِيرُ هُئَنْ: عقل جو گهٽ هڻ - ڪم عقل هڻ.

- عَقْلُ جِي مارَ: ث. سمجهه جي هيٺائي - عقل جي ڪوتاهي - ڪُند ذهني - ڪم فهمي.

- عَقْلُ چَرُخُ ٿِيَنْ: عجب ۾ پوڻ - حيران ٿيڻ - اچرج ۾ پوڻ - تعجب ۾ پوڻ. منجهي پوڻ.

- عَقْلُ حَيَوانِي: ذ. حيوان جي فطرت ۾ داخل ٿيل سمجهه (جنهن جي وسيلي ڪي جمڻ سان تري ٿي، پڪي بنا سيکارڻ جي پولي ۽ آکيرو ناهي ۽ آدامي ٿو) - جِبِلّت.

- عَقْلُ ڏِيئَنْ: سمجهه ڏيڻ - مت ڏيڻ. صلاح ڏيڻ - رٽ ڏيڻ.

- عَقْلُ سَلِيمُ: ذ. پورو عقل - صحيح عقل.

- عَقْلُ ڪَمُ نَتوُ ڪَري: جملو. سمجهه ۾ نٿو اچي.

- عَقْلُمَنْدُ ۽ عَقْلُمَنْدَ: ذ. صفت. عقل وارو - سمجهه وارو - عاقل - عَقْلائيتو - عَقْلي - سياڻو - داناءُ - سُجاڻ - ڏاهو - هوشيار - چتر.

- عَقْلُمَنْدي ۽ عَقْلُمَنْدِيُونْ: ث. ڏاهپ - سياڻپ - هوشياري - دانائي - چترائي - فراست.

- عَقْلُ وارو ۽ عَقْلُ وارا: ذ. صفت. عقلمند - عقلائتو - سمجهو - عَقْلي - ٻُڌوان - داناءُ - سياڻو.

- عَقْلُ وَجَنْ: هوش وڃڻ - سمجهه وڃڻ. حواس گم ٿيڻ.

- عَقْلُ وَنْدُ ۽ عَقْلُ وَنْدَ: ذ. صفت. عقل وارو - سمجهو - ڏاهو - سياڻو - داناءُ - عقلي. عاقل.

- عَقْلُ ويڙهائِنْ: دماغ هلائڻ - عقل ڊوڙائڻ - ويچار ڪرڻ - سوچڻ. سمجهه جي ڪوشش ڪرڻ. ڪا عقل واري ڪيڏ ڪيڏڻ. سياڻپ ڪرڻ.

- عَقْلِيُ ۽ عَقْلِي: ذ. صفت. عقل جو - عقل وارو - سمجهه جو. سمجهه پريل. ذهني.

Gul Hayat Institute

● عَقُوبَتَ ۽ عَقُوبَتُونَ: ث. (ع). تڪليف- ايذاءُ- عَذابُ. جَٽ- سيڪت. سزا- تعدي- گوشمالي. هَلاڪِيُ- هَلاڪيُ- دِقّت. ضَرر- هاجو- هَرَجُ.

● عَقِيدَتَ ۽ عَقِيدَتُونَ: ث. (ع عَقَدَ= هن لاڳاپو ڪنديو) ڪنهن ڳالهه ڪي ٽيڪ ۽ صحيح سمجهي دل تي وهارڻ جي حالت- ارادت- دل جو پروسو- اعتقاد. ڪنهن مذهب ۾ شامل ٿيڻ لاءِ آن جي اصولن تي آندل يقين- ايمان.

- عَقِيدَتَ مَنَدُ: ذ. صفت. ارادتمند- معتقد.

● عَقِيدُو ۽ عَقِيدا: ذ. (ع. عَقَدَ= هن لاڳاپو ڪنديو) دل ۾ جمايل اصول- دل جو پروسو- يقين- اعتبار- وِشواسُ- اعتقادُ. مذهبي يقين- ايمانُ.

● عَقِيقُ ۽ عَقِيقَ: ذ. (ع). جبل جي پٿر جو هڪ قسم- ڳاڙهو پٿر (جو منڊين ۾ نگ طور ڪم اچي). گل جو هڪ قسم (شربت).

- عَقِيقُ الْبَحْرِ ۽ عَقِيقُ الْبَحْرَ: ذ. صفت. سمنڊ مان لڌندڙ عقيق- مرجان.

- عَقِيقُ سُلَيْمَانِيُ: ذ. عقيق جو هڪ قسم- ڪاراڻ تي مائل ڳاڙهو عقيق.

- عَقِيقُ شَجَرِيُ: ذ. عقيق جو هڪ قسم- وڻ جي شڪل وارو عقيق.

- عَقِيقُ مِصْرِيُ: ذ. عقيق جو هڪ قسم- پيلاهي رنگ جو عقيق.

- عَقِيقُ يَمَنِيُ: ذ. عقيق جو هڪ قسم- هلڪي ڳاڙهي رنگ جو عقيق.

● عَقِيقُو ۽ عَقِيقا: ذ. (ع). لغوي معنيٰ ۾ ماءُ جي پيٽ ۾ ٻار کي چاول وارَ. مسلمانن جي هڪ رسم- ٻار جمڻ کان پوءِ ڇهرٽين ڏينهن مٺو ڪوڙائڻ جي حالت- جهنڊو.

● عَقِيلِيُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● عَقِيمُ: ث. صفت. (ع). ٻار نه ڄڻندڙ عورت- سَنڊِ- وانجهه.

● عَكْسُ ۽ عَكْسَ: ذ. (ع. عَكَسَ= هن اونڌو ڪيو) آهٽو ڪرڻ جي حالت- آٽلَ- آلتَ. آلت ٻُلت- آٽلَ ٻُٽلَ- آوُنڌَ سَوُنڌَ- تَغَلِّيبَ. انقلابُ- تَحْرِيفُ. ڀاڄ ۽ آرسيءَ ۾ ڪنهن شيءِ جي نظر ايندڙ شڪل. تصوير- مورت- شبيهه- سُرُوپُ. آس ۾ ٽيل پاڇو- پاڇولو- سايه- پرڇائين- چايا. اولڙو- تڙڪو- پَرْتَوَ- روشنائي. دُشمني- ويهر- بد خواهيُ- اپرڪا- خصومت- ڪينو- بُغضُ- ڪوِنسَ- ضِد- دُوِيشُ- وڪالڊ- مارُ- تَعَصُّب- تهسبو- خار.

- عَكْسَانُ عَكْسُ: ظرف. وِرُوڌ سمان- دشمنيءَ ڪان- بدانديشي ڪري- خار وچان- بُغض وچان- بدخواهي ڪري.

- عَكْسَانُ عَكْسِيُ: ظرف عَكْسَان عَكْسُ.

- عَكْسِجَنَ: مصدر. ويهرُ رکڻ- دشمني رکڻ.

- عَكْسُ رَكَنَ: ضد رکڻ- ويهر رکڻ- دشمني وجهڻ.

- عَكْسِيُ ۽ عَكْسِيَ: ذ. صفت. پاڇي وارو- عڪس انداز- پرتَبِمبِيُ. ويهرُ رکندڙ- دشمن- بدخواهه.

- عَكْسِيُ تَصْوِيرَ ۽ عَكْسِيُ تَصْوِيرُونَ: ث. تصوير (جا روشنيءَ جي زور تي نڪري)- ڇاپا چٽَر. ڪميرا مان نڪتل تصوير- فوٽو.

- عَكْسِيُ كُنْدُونَ: ث. ڪنڊ جو هڪ قسم- ۱۸۰ درجن ڪان وڌيڪ درجن واري ڪنڊ.

● عَلا: ظرف. صفت. (ع. علي) مٿي وارو- مٿانهون- مٿي.

● عَلَيٰ: ظرف. (ع. عليٰ) مٿانهون- مٿي- بلند- اوچو. (حرف جر). تي- آتي- ۾- لاءِ- لڳ- وٽ- ويجهو- پَر ۾- سان.

- عَلَي الْحِسَابِ: ظرف. حساب ڪان سواءِ- بي حساب- ٿُلهي ليکي- تخميناً- حساب ۾.

- عَلَي الْحِسَابِ ڏِيئُ: بنا حساب ڏيڻ- بنا ڳاڻاٽي جي ڏيڻ. ٿلهي ليکي ڏيڻ- اڳواٽ ڏيڻ.

- عَلَي الْخُصُوصِ: ذ. صفت. خاص لاءِ- خاص ڪري- خصوصاً.

- عَلَي الصَّبَاحِ: ظرف. صبح جو- فجر جو- اسرَ جو- پنهرڪي جو. صبح جو سوير.

Gul Hayat Institute

ـ عَلَيٰ هٰذَا الْقِيَاس: ظرف. وڃڻ جي ضروري ڪيرڦار سان ـ فروعات جي بدل سدل سان.

● عِلاجُ ۽ عِلاجَ: ذ. (ع. عَلَاجَ = هُن ڇُٽايو) بيماري ڇُٽائڻ جو اُپاءُ ـ چارو ـ تدبير. دَوا ـ دَرمل ـ داروُن.

ـ عِلاجُ ڪَرَنُ: دوا درمل ڪرڻ ـ دوا داروُن ڪرڻ ـ سُٽي ٺڪي ڪرڻ. اُپاءُ ڪرڻ ـ تدبير ڪرڻ.

● عَلاحِدو ۽ عَلاحِدا: ذ. صفت. (ع. عَلَاحِدَهٗ) جُدا ـ الڳ ـ ٻَنُ ـ وِڪيرو ـ آڌاڙو ـ خلاصو ـ علحدو ـ وٿيرڪو ـ نيارو ـ ڏار ـ نيجو.

● عِلائِقو ۽ عِلائِقا: ذ. (ع. عَلَقَ = هن ڪنڌيو) تعلق ـ لاڳاپو ـ ڳالهاپو ـ واسطو ـ لڳ ـ ڪنڌ ـ رَبطُ ـ سَنجوڳُ ـ سَنبَنڌ. ڄاڻ پڇاڻ ـ واقفيت ـ مُٺاڪڙو ـ ڏيٺ ـ سيهيو. ڪنهن مُلڪ جو حصو ـ ضلعو ـ تعلقو ـ صوبو ـ هڙڪڙو ـ ورائت ـ علائقو.

● عَلالَتَ ۽ عَلالَتُونُ: ث. (ع. عِلَّت) بيماري ـ مرض ـ اڪهائي ـ لاچاڪائي ـ روگ.

● عَلامَ ۽ عَلامَرَ: ذ. (ع. عَلَمَ = هن ڄاڻو) تمام گهڻو ڄاڻندڙ ـ وڏو وِدوانُ ـ عالِمُ ـ فاضل ـ ماهِرُ.

● عَلامَتَ ۽ عَلامَتُونُ: ث. (ع. عَلَمَ = هُن ڄاڻو) سڃاڻپ جو نشان ـ نشان ـ نشاني ـ آهج ـ آهڃاڻ ـ آثار. اشارو ـ چنهه ـ سامَ. پَتو ـ ائڊريس ـ سرنامو. مرض ـ بيماري.

● عَلامّهٗ: صفت. (ع. عَلِيمَ = هُن ڄاڻو) نهايت گهڻو ڄاڻندڙ ـ عالِم ـ فاضل ـ گياني.

● عَلالِيهَ: ظرف. (ع). ڪُلي طرح ـ ڪُليو ـ ظاهر ـ هڏ رو ـ آشڪار. عام ماڻهن ۾ ـ سِڌي جي سامهون.

● عَلاؤالدِّيٰنِ: اسم خاص. (ع). سمي گهراڻي جي هڪ بادشاهه جو نالو.

● عِلاوَهٗ: ظرف. (ع). ان کان سواءِ ـ کان سواءِ ـ سواءِ. ٻيو ٻه ـ وڌيڪ ـ مٿان ـ زياده.

● عِلائِقو ۽ عِلائِقا: ذ. (ع. عَلَقَ = هو ڇڏيو) هڙڪڙو ـ صوبو ـ زمين جو ڪو ٽُڪر. ضلعو. تعلقو. علاقو.

● عِلّتَ ۽ عِلّتُونُ: ث. (ع). بيماري ـ مرض ـ روگ ـ اڪهائي. عادت ـ هِير ـ پاڻڌاڻ ـ خصلت. خراب عادت ـ خراب چال ـ خراب هِيرَ ـ ڪِنيِ خُوءِ ـ ڪِنيِ پَرَ. عيب ـ نقص ـ وِڏَ.

ـ عِلّتِيُ ۽ عِلّتِي: ذ. صفت. بيمار ـ روگي ـ مريض ـ عليل. علت وارو ـ خراب عادت وارو ـ عادتي ـ هيراڪُ. بڇڙين عادتن وارو ـ خراب چال وارو.

ـ عِلّتِيُ ٿِيڻُ: عادتي ٿيڻ ـ هيراڪ ٿيڻ.

● عَلٰحِدَهٗ ۽ عَلٰحِدا: صفت. (ع. عَلٰحِدَهٗ) جو مخففُ) جدا ـ الڳ ـ ڏار ـ نيارو ـ خلاصو ـ وِڪرو.

ـ عَلٰحِدَگِيُ ۽ عَلٰحِدَگِيُونُ: ث. جُدائي ـ آڌاڙي ـ وِڪرائي ـ آڇاتَ. ٻيرَ ـ وڇوڙو ـ فِراقَ ـ ڦوڙائو. خلاصو حق ـ ٻيڻا شرڪت ڪِنيِ.

● عَلَمُ ۽ عَلَمَ: ذ. جهنڊو ـ بانڊو ـ نيزو. ٻيرَڪَ ـ جهنڊيُ. ڏڃ. نشان. فوج جو نشان (جهنڊو). الڳاس. علم نحو جي اصطلاح موجب اسم معرفه جو هڪ قسم. ڪنهن ماڻهو يا ٻيءَ شيءَ جو خاص نالو.

ـ عَلَمبَردارُ ۽ عَلَمبَردارَ: ذ. صفت. جهنڊو ڪڍندڙ.

ـ عَلَمدارُ ۽ عَلَمدارَ: ذ. صفت. عَلَمَ وارو. جهنڊو ڪڍندڙ ـ اڳوان ـ سردار.

ـ عَلَمُ طَوقُ ۽ عَلَمِ طَوقَ: ذ. جهنڊي جي لٺ جي چوٽي (پرمانند). ڪَلَسُ.

● عِلمُ ۽ عِلمَ: ذ. (عَلِيمَ = هن ڄاڻو) ڄاڻ ـ ڄاڻپ ـ واقفيت ـ آگاهي ـ دانش ـ دانست. وِديا ـ وِگيان ـ تعليم. سمجهه ـ سُڌ ـ ڪَلَ ـ خَبَر ـ گَمَ ـ سَماءُ ـ سَمَڪَ ـ هَروڙ. معرفت ـ علميّت ـ قابليّت. هُنر ـ فن ـ جوهرُ ـ گُنُ ـ ڪُنُ. (عربيءَ ۾ بنيادي ۱۹ علوم آهن، جن جون ٻيون ٻه

Gul Hayat Institute

ڪيترين ئي شاخون آهن: علم صَرف، علم نَحْو، علم لغت، علم مَعاني، علم بيان، علم قيافه، علم عروض، علم اِنشاء، علم رسم الخط، علم مُعَمّاء، علم مناظرو، علم قرأت، علم حديث، علم تفسير، علم فقه، علم فرائض، علم اصول، علم ڪلام، علم منطق. علم حڪمت، علم هيئت، علم هندسو، علم رياضي، علم عدد، علم طب، علم فلاحت، علم ڪيميا، علم نجوم، علم موسيقي، علم جبر و مقابلو، علم جرثقيل، علم رمل، علم جفر، علم طلسم، علم مساحت، علم اصطرلاب، علم محاضرات (لطيفه گوئي ۽ حاضر جوابي) علم تعبير، علم تعويذ، علم تصوف، علم اخلاق، علم تاريخ، علم جغرافيه، علم مُدن وغيره وغيره. سنسڪرت ۾ وري ۱۴ عُلوم آهن: چار ويد: سام ويد، يجر ويد، رگ ويد، اٿر ويد). ويدن جا ڇهه انگ (تفسير: صرف، نحو، قرأت، ڪلام، عروض، نجوم)، علم اِلاهي، پُراڻ (جي ۱۸ آهن)، لياء (منطق)، ڏرم شاستر (فقه) انهن علمن جون ٻيون ٻه شاخون آهن).

= عِلْمُ آبْ: ذ. ڀاڻيءَ جو علم - جَل وديا يا (خاص ڪري آها وديا جنهن جو مکيه سڌانت اهو آهي ته هڪ جاءِ تي ٻيئل ڪاٻ ٻڌي شي سيني طرفن هڪ جيترو ڏاڪ لڳائي ٿي ۽ سڀ مٽاچرا جيڪي منجهس آهن تن جهي هڪ هڪ ذري تهي هڪ جيترو زور لڳائي ٿي).

= عِلْمُ آوازْ: ذ. آواز جو علم - آواز جي اصولن جي جاڻ - سُر وديا - شَبْدَ وديا. (خاص ڪري اُن جو اهو پاسو جنهن سان ٻڌو ٿو ته ٻڌاڙو ڪيئن ٻڌا ٿئي ۽ ڪيئن ان کي روڪجي، مندرن، محلن وغيره جوڙائڻ وقت هي وديا ڏاڍي ڪارائتي ٿئي ٿي).

= عِلْمُ اَخْلاقَ: ذ. اَخْلاق وِديا - آچار شاستريُ - نيتيُ سڪيا.

= عِلْمُ اِلٰهيْ: ذ. اِلٰهي علم اصول سيکارينڌڙ علم - ايشور وديا - برهم وديا - ڏرم شاستر. علم معرفت.

= عِلْمُ آدَبْ: ذ. اِنشا ۽ اخلاق - علم معاني - علم بيان - بديع - صرف و نحوَ - انشا پردازي.

= عِلْمُ اليَقينْ: ذ. يقين جو علم - دَليلَن ذريعي حاصل ٿيل ڄاڻ.

= عِلْمُ اِنْشا: ذ. مضمون لکهڻ ۽ انهن جي اظهار ڪرڻ جو علم.

= عِلْمائيتو ۽ عِلْمائيتا: صفت. علم سان لاڳاپو رکندڙ - علمي - شاستري - وگيانڪ - ازروءِ عِلم - وِڄائتو.

= عِلْمُ بَلاغَتْ: ذ. اهو علم جنهن ۾ موقع محل ۽ وقت موجب مناسب گفتگو ڪرڻ جو رستو بڌايل هجي.

= عِلْمُ بَيانْ: ذ. بيان ڪرڻ جو عِلم - ڳالهائڻ جو علم. گفتگو ڪرڻ جو علم - علم فصاحت - علم ڪلام.

= عِلْمُ تَشْرِيحْ: ذ. بدن جي بناوت جو علم (جنهن جي وسيلي انسان جي بدن جي رڳن، مُشڪن وغيره جي بناوت اندرين پاهرين معلوم ٿئي) - شرير رچنا - وديا انگ - چيدن وديا - علم جَرّاحي.

= عِلْمُ تَصَوُّفْ: ذ. روحانيت جي ڄاڻ ڏيندڙ علم - روحاني علم - معرفت جو علم - برهم وديا - آتم وديا.

= عِلْمُ تَمَدُّنْ: ذ. شهري انتظام جو علم - راج نيتي جو علم.

= عِلْمُ تَواريخْ: ث. گذريل واقعاتن جي ڄاڻ جو علم. بادشاهن جي واقعاتن جو علم.

= عِلْمُ ہِيْ وَجَنْ: وديا سيکهو سکڻ.

= عِلْمُ جَبْر و مُقابِلَهْ: ذ. الڳن جي پيچ ڪڍڻ جو علم. علم رياضيءَ جو هڪ حصو.

= عِلْمُ جَرّ ثَقيلْ: ذ. ڳرين شين جي آساني سان لاهڻ چاڙهڻ يا ٻئي هنڌ ڪڍي وڃڻ جو علم.

= عِلْمُ جَفَرْ: لڪل ڳالهين جي ظاهر ڪرڻ جو علم (جو حضرت امام جعفر صادق رضي الله عنه ڏانهن منسوب ڪيو وڃي ٿو).

Gul Hayat Institute

= عِلْمُ جَمادات: ذ. زمين مان کوٽي کيديل شين جي قسمن ۽ جدا ڪرڻ جو علم - علم معدنيات- ڏات وديا.

= عِلْمُ حَدِيْث: حديث جو علم - (اهو علم جنهن ۾ حضور رسول مقبول صلعم جن جي افعال "آڻ ويهن" ۽ گفتگو تي بحث ڪيل هجي).

= عِلْمُ حِساب: ذ. انگن يا ڪنهن شيءَ جي شمار ڪرڻ يا گهٽ وڌ ڪرڻ جو علم - علم رياضي- علم عدد - ڳڻت وديا.

= عِلْمُ حِيكْمَتَ: ذ. موجودات خارج (شين) جي احوال (۽ جيستائين انسان جي طاقت هلي سگهي) انهن جي تحقيق جو علم - علم فلسفو - گيان وديا (هن ۾ علم طبعي، علم رياضي ۽ علم الٰهي شامل آهن).

= عِلْمُ حيوانات: ذ. حيوانن جو علم (جنهن ۾ حيوانن جي قسم، سڃاڻپ ۽ عادتن وغيره جو بيان هجي) جيئو وِدِيا - پراڻي وِدِيا - جنٽُو شاستر - جينٽُو وِدِيا.

= عِلْمُ دَسْتُورُالْمَعاش: ذ. گذران جي ذريعن وارو علم، (جنهن ۾ ڏن جي پيدائش، آن جي ورڇ ۽ سنڀاسڻا جي جاڻ هجي) ارٿ شاستر.

= عِلْمُ دِيْن: ذ. مذهب ۽ ملت جي اصولن جو علم - ڌرم وِدِيا.

= عِلْمُ رَمَل: فال ۽ زائچي ۾ قرعه اندازي ذريعي غيب جو حال معلوم ڪرڻ جو علم (هي علم حضرت دانيال پيغمبر عليه‌السلام ڏانهن منسوب ڪيو وڃي ٿو).

= عِلْمُ رِياضِي: مختلف عددن، مقدارن ۽ ٽولهه جي درميانو تعلق کي ظاهر ڪندڙ علم - حساب جو علم - ڳڻت وديا - الگ وديا.

= عِلْمُ زِبانَ: ذ. ڪنهن زبان جي اصليت، محاورن ۽ اصطلاحن جي تحقيق جو علم (هن ۾ علم عروض، علم فصاحت، علم تاريخ ۽ علم ادب اچي وڃن ٿا).

= عِلْمُ زِنْدَگِي: زندگيءَ جو علم - جيون وديا - علم حيات (هيءُ هڪ وڏي وديا آهي، جنهن ۾ علم نباتات، علم حيوانات، عالم ارتقا وغيره اچي وڃن ٿا).

= عِلْمُ طَبَعِي: ذ. ڪائنات جي جاڻ جو علم - قدرتي علم - سياويڪ علم - پرتڪي.

= عِلْمُ عَرُوْض: ذ. موزون شعر جي بناوت جو علم - چَنْدَ و ويچار - پِنگَل.

= عِلْمُ غَيْب: ذ. غيب جي احوال جاڻڻ جو علم - ڳڻت وديا (هن ۾ نجوم، جوتش ۽ رمل وغيره اچي وڃن ٿا).

= عِلْمُ فِقْه: ذ. شريعت جي حڪمن جو علم - علم دينيات - ديني قاعدن جي جاڻ.

= عِلْمُ فَلاحَت: ذ. ٻَني ٻاري ڪرڻ لاءِ طريقن يا اصولن جو علم - پوک ڪرڻ جو علم.

= عِلْمُ فَلْسَفَه: ذ. علم حڪمت (هن ۾ طبعي، رياضي ۽ الاهي ٽيئي علم اچي وڃن ٿا).

= عِلْمُ قَدامَت: ذ. پُراڻو تنتو شاستر - پراچين وِسْتو وديا (اهو علم جو اڳئين زمانن جي انهي شين سان لاڳاپو رکي ٿو، جيڪي پٿر جيان ڪي ويون ۽ بعد ۾ کوٽائيءَ مان هٿ آيون).

= عِلْمُ قِيافَه: ذ. ڪنهن ماڻهوءَ جون حالتون، ان جي جسماني نشانين مان جاڻڻ جو علم.

= عِلْمُ كَلام: ذ. فصاحت ۽ بلاغت جي جاڻ. رنگين بولين جي جاڻ - النڪار - خوش بياني - بوليءَ رس.

= عِلْمُ كِيمِيا: ذ. سون چاندي ٺاهڻ جو علم - رَسائين وِدِيا (هاڻي) شين جي جُڙن کي ٻاڻ ۾ ملائڻ يا جدا ڪرڻ جو علم.

= عِلْمُ لَدُنِي: ذ. خدا تعاليٰ جي طرفان مليل علم.

= عِلْمُ لُغَت: ث. ٻوليءَ جي لفظن جي تحقيقات جو علم.

= عِلْمُ مُدُن: ذ. شهري انتظام يا حڪومت جي هلائڻ جو علم - امور رياست جو علم - راج نيتي.

= عِلْمُ مِساحَت: ذ. ماپ وديا - علم پيمائش. (اهو علم جو شين جي ڏيکهه، ويڪراڻي،

Gul Hayat Institute

اوڀهائي ۽ گهاٽائي جي ماپ ۽ الهن جي لاڳاپن جي قاعدن جو بيان ڪري).

= عِلْمُ مَعْدِنِيات: ذ. زمين مان لڌرندڙ شين جو علم.

= عِلْمُ مُناظَر: ذ. اکين جو علم - روشني وديا - علم نظر - پرڪاش شاستر (اهو علم جنهن جو واسطو روشنائي، ان جي ڦهلاءُ، مُڙڻ، پَڇڻ، ڪرڻ، اڇڻ ۽ سندس لاڳاپن سان آهي) بحث مباحثي ڪرڻ جو علم - واڪيو - واڪ وديا.

= عِلْمُ مَنْطِق: ذ. صحيح ۽ باقاعدي خيالن جو علم - گفتگو سان نتيجي ڪڍڻ جو علم هن ۾ تصوّرات ۽ تصديقات جو بحث ڪيو ويندو آهي).

= عِلْمُ موسِيقي: ذ. ڳائڻ وڄائڻ جي قاعدن، سُرن جي اصولن ۽ آواز جي سلسلي معلوم ڪرڻ جو علم (سرياني لغت ۾ موسيقي جي معنيٰ مُطْلَق لَحَنٌ آهي ۽ اصطلاح ۾ سُر ۽ لَو آواز. هن علم جي ابتدا بقول امام فخرالدين رازي جي، حضرت سُليمان عليه السلام جي شاگرد حڪيم فيثاغورث کان ٿي، ڪن جي خيالن ۾ هن علم جو موجد حضرت دائود عليه السلام آهي. ار ڪن محققن جي بيان موجب هڪ مشهور خوش اِلْحان يڪي "قُقنس" جي آواز مان هي علم ورتو ويو آهي ۽ ڏاهَن ان کي آسمان جي پارهن برجن موجب تقسيم ڪيو. مولانا روم جي شعر مان معلوم ٿو ٿئي تہ هي علم گردش افلاڪ مان حاصل ڪيل آهي. جيئن:

"خوش حڪيمان گفت الدايين لَحْنَها
گردوار چرخ بگرفتيم ما."

= عِلْمُ نَبَاتَات: ذ. نباتات جو علم - بنسپتي شاستر. وڻ، ٻوٽن، ولن، "جڙي ٻوٽي" جي قسمن ۽ سندن بناوت ۽ سندن واڌاري ۽ حياتيءَ بابت علم - بناسپتي شاستر.

= عِلْمُ نُجُوم: ذ. تارن ۽ سيارن جي ٻيهڪ، جسامت، لهڻ آپرڻ، گردش ۽ گرهن وغيره جو علم - علم هيئت - آڪاس - نيروار - جوتش وديا. تارن ۽ سيارن جو ماڻهوءَ يا موسمن تي ٻيل اثرات بابت علم.

= عِلْمُ هِنْدَسَه: ذ. جسم جي ٽولهه، سطح ۽ پيمائش جاڻائيندڙ علم. شڪلين ۽ نقشن جي (پڪيڙ) جاڻ جو علم.

= عِلْمُ هَوَا: ذ. هوا جو علم - وايو شاستر. (اهو علم جيڪو هوا جي ڏاڻ وغيره جو بيان ڪري).

= عِلْمُ هيئت: ذ. آڪاس نيروار - ڌرتي جوتش - ڪچول وديا - علم نجوم.

= عِلْمِي ۽ عِلْمِيّ: صفت. علم وارو - علم جو - علمائتو - وگيانڪ. قياسي - خيالي - انومانيي - نظري - ماليڪ - سُوتر آتيڪ.

= عِلْمِيّات: ث. جاڻپ - وِديا - سِکيا - تعليم - علم. ڪَل - سڌ - سماءُ - معرفت - پروڙ، قابليت - هوشياريءَ.

● عُلَمَا: ذ. صفت. (ع. عالِم > عُلَمِاءُ = هن جاتو) عالم جو جمع. وڏهيل - وِدوان - عالِم - فاضل - سڌ پُرُ - جاڻو - ڏاهو - سياڻو. بزرگ - مالِڪ - رشي.

● عُلَنْ بور: اسم خاص. تعلقي ڪُڙهي خيري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● عُلُوّ: ذ. (ع. عُلُوّ = اوچو) وڏائي - بُلَنْدي - اوچائي. برتري. مرتبہ - عزت - جاهُ.

= عُلْوِي ۽ عُلُوِي: ذ. آعْلَيٰ درجي جو - مٿانهون - بلند. آسماني - فلڪي. ذ. فرشتہ - مَلَڪ. تارو ڪوڪب - نجم.

● عَلَّاوداٽِي: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● عُلُوفو ۽ عُلُوفَا: (ع. عُلُوفَه) ڪاڏي جي شي - ڪاڏو - طعام - خوراڪ. راتِب. ايندڻن - وظيفو.

● عُلُوم: ذ. (ع. عِلْم = هن جاتو) علم جو جمع - ڪهڙا علم - وِديائون. هُنر - فَن.

= عُلُومِ جَدِيدَه: ذ. هلندڙ وقت جي ايجادن جو علم (جهڙوڪ فوٽوگرافي، سئنيما وغيره).

● عُلُومِ مُتعارِفَه: ذ. مُتهم سِڌِ سڌانت - ورڪيل سچائي - ظاهر ظهور اصول - ظاهر ٿاڀتي - ورتڪش پرمان.

Gulhiyat Institute

ـ عُلُوم، مُشْرَقِيٌ: ذ. اُپرلنڊي مُلڪن جا علم "جهڙوڪ عربي، سنسڪرت، فارسي، وغيره."

● عَلُوِيٌ: ذ. صفت. حضرت علي ڪَرَّمَ اللّٰهُ وَجْهَهُ جن جو اَوْلاد. (اسم خاص). هڪ ذات جو نالو.

● عَلِيٌ: صفت. مٿانهون ـ بلند ـ اوچو ـ اَعليٰ. (اسم خاص). حضور مقبول صلعم جن جي ناڻيءَ سندن يار، سوٽ ۽ خلافت راشده جي هڪ خليفي جو نالو.

● عَلِيءِ جو مَيْدانٌ: ذ. حضرت عليءَ جن جو خاص ڪُنڊ ـ فقر ۽ فاقو. حضرت عليءَ جو خاص رستو ـ حضرت علي جن جي هيروي ـ بُک ۽ ڏُکَ جي سهڻ جي حالت.

● عَلِيٌ آباد: اسم خاص. تعلقي ٽنڊي باگي ۽ تعلقي سکر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● عَلِيانٌ ۽ عَلْيانٌ (ت): ذ. تکن ڏندن وارو لغام. (جو ڏنگي ۽ مَسْتُ گهوڙي کي ڏجي).

● عَلِيانْوٌ: اسم خاص. تعلقي ڏگهڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● عَلِيانِيٌ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● عَلِيٌ بَحَرٌ: اسم خاص. تعلقي واره، تعلقي شڪارپور، تعلقي جيهمس آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● عَلِيٌ پُورٌ: اسم خاص. تعلقي جيڪب آباد، تعلقي ديري محبت ۽ تعلقي گوني ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● عَلِيٌ خانٌ: اسم خاص. تعلقي ٽُل ۽ تعلقي ڪَڙهي ياسين ۾ هڪ ديهه جو نالو. قنبر جي پر ۾ هڪ شهر جو نالو.

● عَلَيْكِ سَلَيْكِ: ث. (ع. عَلَيْكُمُ سَلَامٌ جو مُخفف) سلام عليڪي جو رستو. مُنهن لڳ ـ واقفيت ـ سچاڻپ ـ دوستي ـ سنگت ـ ياري.

● عَلَيْكَ چَوَنْ: سلام جو جواب ڏيڻ ـ السلامُ عليڪم چوڻ ـ سلام ورائڻ ـ وعليڪم السلام چَوَنْ.

● عَلِيلٌ: صفت. (ع). ضَعيف ـ ڪمزور ـ هيٺو ـ نِستو. پَوئو ـ ليٻَلُ ـ بي سَتو ـ بي سکهو ـ بي حال ـ بي قُوّتو ـ ٻَل هيڻ ـ دُرٻَلُ ـ بيزورو (پرمالند). بيمار ـ اڳهو ـ ناچاق ـ روگي ـ مريضُ ـ زَچُ ـ بي سوي ـ سُڪالو ـ اٽڪيلُ ـ ناخوش (پرمالند). جيئن:

"اُٿي ڏي عَلِيلَ کي، معجونون موچار"
(سر آبري ـ شاهه).

خفي ـ ڪَڪُ ـ بيزار (پرمالند). سَڪُ ـ الُوت ـ مَسْتُ (پرمالند). چريو ـ عاشق.

● عَلِيمٌ: صفت. (ع). علم وارو ـ جاڻندڙ. ڏاهو ـ سياڻو. (اسم خاص). خدا تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.

● عَلِيمُواهِنْ: اسم خاص. تعلقي سکر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● عَلَيْهِ: ظرف. (ع). اُن تي ـ اُن جي مٿان.

ـ عَلَيْهِ الرَّحْمَتَ: جملو. خدا جي اُن تي رحمت هجي.

ـ عَلَيْهِ السَّلامُ: جملو. خدا هُن کي سلامت رکي! ـ شال هُو سلامت رهي!.

● عَلِيٌ مَتِيرِ: اسم خاص. تعلقي گهوٽڪي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

ـ عَمرٌ زادَهْ: ذ. پيءُ جي پاءُ جو پُٽ ـ چاچي جو پُٽُ ـ سَوٽُ.

● عِمارَتَ ۽ عِمارَتُونْ: ث. (ع. عَمَرَ = هُن مرمت ڪئي) جاءِ ـ جڳهه ـ گهر ـ مڪان ـ اڏاوت. محل ـ بنگلو.

ـ عِمارَتَ سازٌ ۽ عِمارَتَ سازَ: ذ. صفت. عمارت ٺاهيندڙ ـ پيونُ لرساتا ـ راڄو ـ اُستو ـ ڪاريگر ـ معمار. جاين جون رٽون رڪيندڙ.

ـ عِمارَتَ سازِيٌ ۽ عِمارَتَ سازِ پُونْ: ث. جاءِ ٺاهڻ جو ڪر ـ مَعماري ـ اڏاوت ـ پون نرمائ.

ـ عِمارَتِيٌ ۽ عِمارِتِيٌ: صفت. عمارت جو ـ عمارت لاءِ ـ عمارت جي ڪر جو.

● عَمارِيٌ ۽ عَمارِيُونْ: ث. (ع). هاٿيءَ تي رکڻ جي ڏولي ـ پالکي ـ هَردو ـ هوڏو ـ هَٿيارِي (عَماري ٺاهڻ جو مُوجد عَمار هو، اُن کري عَماري سڏجي ٿي).

Sufi Hayat Institute

● عَمالِيُونْ كَرَنْ (ت): مؤجون ماڻڻ.
● عِمامَهْ: ذ. (ع). پٽڪو ـ پگڙي ـ ڪينٽو. دستار.
● عَمْدْ: ذ. (ع. عَمَدَ = هڻ ڪڙي ڪئي) اختيار سان ڪم ڪرڻ جي نيت ـ قصد ـ ارادو ـ آهنگ ـ نيٽ ـ منشاء ـ عزم.
ـ عَمْداً: ظرف. ارادي سان ـ قصداً ـ ارادتاً ـ جاڻي واڻي ـ دانسته.
● عَمْداڻِيْ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي گونسي ۽ تعلقي ٽنڊي باگي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● عَمْدو ۽ عَمْدا: ذ. صفت. (ع. عَمْدَهْ) مٿيون ـ آڇو ـ بالا ـ وڏو ـ اعليٰ ـ اڳم ـ چوڪو ـ اَتَرُ. بهتر ـ چڱو ـ خاصو ـ فائق ـ نهايت سٺو ـ سريشٽ ـ سڻي ۾ سڻو ـ اڳ ـ اڳرو. اول درجي جو ـ بيش ـ برتر ـ افضل. قيمتي ـ بي بها. خوبصورت ـ سهڻو ـ نفيس.
ـ عَمْداڻِيْ ۽ عَمْداڻِيُونْ: ث. چڱائي ـ سڻائي. سهڻائي ـ خوبصورتي ـ حُسن. پلائي. خوبي ـ خاصيت ـ گڻ ـ جوهَرُ. فضيلت ـ فوقيت ـ آڇائي ـ بالادستي ـ سرسي ـ آڇاڻ ـ وڏائي ـ اَتَرُ ـ اَتَمتا ـ شرفُ ـ پرڪاشُ ـ سَبقَت.
ـ عَمْدَگِيْ ۽ عَمْدَگِيُونْ: ث. عمداڻِي.
● عَمْرْ ۽ عُمْرِيُونْ: ث. (ع). جمڻ ڪاڻ وڃي مرڻ تائين حياتيءَ جو وقت ـ جَمار ـ اوستا ـ آورجا ـ آيُوڪال. جيڻ ـ جياپو. حياتي ـ زندگي. زمانو ـ سَمو ـ وقت ـ دور. جيڻ: "اسان جي عمر ۾ اهو واقعو نه ٿيو هو". جڳ ـ قرن.
ـ عُمْرِ بَسَرْ كَرَنْ: حياتيءَ جا ڏينهن گذارڻ ـ زندگي گذارڻ ـ حياتي ڪاڻ.
ـ عُمْرِ پَرَ: ظرف. ساري عمر لاءِ ـ ساري جمار لاءِ. حياتيءَ تائين ـ پوڄاڙيءَ تائين ـ آخر تائين.
ـ عُمْرِ دَرازْ: ذ. صفت. وڏي عمر ولو ـ وڏي جمار وارو. ڏکي جمار ـ وڏي عمر.
ـ عُمْرِ رسيدَهْ: ذ. صفت. (وڏيءَ) عمر کي پهتل ـ وڏي عمر جو ـ پوڙهو ـ سُمعُمْر ـ طبعي عمر کي پهتل ـ پيرسن ـ پيو.
ـ عُمْرِ رَوانَهْ: ذ. صفت. ويل عمر جو ـ پوڙهو ـ پيرسن (ديوان واصف).
ـ عُمْرُ نُوحْ: ذ. صفت. حضرت نوح۴ پيغمبر وانگر وڏيءَ عمر جو.
● عُمَرْ: اسم خاص. (ع). اسلام جي ٻئي خليفي راشد حضرت عمر رضي الله عنه جو نالو. سومره خاندان جي هڪ بادشاهه جو نالو (مارئي عُمر جي تمثيل وارو).
● عُمْراڻِيْ: اسم خاص. بلوچن جي هڪ ذات جو نالو. (جنهن جا نَوَ پاڙا آهن: ۱. عمراڻي ۲. دلاور زئي ۳. بهاراڻي ۴. جدواڻي ۵. جروار عمراڻي ۶. جونڪاڻي ۷. ملغاڻي ۸. دليلاڻي ۹. نونڪاڻي).
● عُمْراڻِيْ پُورْ: اسم خاص. تعلقي جهڪب آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● عُمَرْ جُوانْ: اسم خاص. تعلقي شاهه بندر ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● عُمَرِ كَسَرْ: اسم خاص. تعلقي روهڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● عُمَرْ كوٽ (ل ـ ڪ): ذ. پرت جو هڪ قسم. (اسم خاص). تعلقي عمر ڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو. هڪ شهر جو نالو.
● عُمَرِ مَرِ كِياڻِيْ: اسم خاص. تعلقي ڪڙهي ياسين ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● عُمْرُوْ: ذ. (ع. عُمْرَهْ) هڪ مذهبي رسم جو نالو. (حج ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن موقعي تي احرام ٻڌي، جيئن تنعيم جاءِ ۾ (جو ڪعبة الله شريف کان ٽن ميل تي آهي) وڃي ڪجهه رڪعتون نفل ادا ڪري، احرام ٻڌي، ٻوءِ اچي ڪعبة الله شريف جو طواف ڪرڻ ۽ مٿي کوڙائڻ يا ڪترائڻ جي رسم).
● عُمَقْ ۽ عُمَقَ: ذ. (ع). اونهائي ـ اچائي ـ آتاهين ـ آپائي ـ اونهاڻ. کوڙهاڻ ـ گهراڻ.
● عَمَلْ ۽ عَمَلَ: ذ. (ع. عَمَلَ = هن ڪم ڪيو) ڪَمْ ـ فعل ـ ڪار ـ ڪِرت. ميڙ يا

Gul Hayat Institute

بجا آڻڻ جي حالت ـ تعميل ـ پوڻواري ـ بجا آوري.
عادت ـ هير ـ چال. دستور ـ ليهر ـ قاعدو ـ قانون ـ سرشتو. حڪومت جو داڙو (پرمالند). اختيار ـ انتظام ـ حڪماني ـ حڪومت ـ راج ـ صاحبي. شڌ ـ اڻلائي ـ دؤره. تجربو ـ آزمودو. اثر ـ تاثير ـ ڳڻ ـ رَدِ عَمل. ڏينهن جو وقت (پرمالند). وقت ـ تاثير ـ جيئن "چئن جو عمل هو تہ آءٌ باهر لڪتو هوس" (جملو).

ـ عَمَلَ كَرَنُ: عَمَلَ ۾ آڻڻ ـ ڪم واري ڪرڻ ـ تعميل ڪرڻ ـ پورائي ڪرڻ. ڪارواڻي ڪرڻ. چئي موجب ڪرڻ. مڃڻ ڪرڻ ـ (ڀاڻ ڪي) هيرڻ ـ سکڻ ـ (وڪالت يا طبابت) ڪرڻ.

ـ عَمَلُ كَري آڻَنُ: حشمت ۽ زور سان آڻڻ.

ـ عَمَلي ۽ عَمَلي: صفت. عمل جو ـ عمل وارو. ڪم جو ـ ڪم وارو ـ ڪارگر. آهو جنهن تي عمل ڪري سگهجي ـ جيڪو عمل ۾ آڻي سگهجي ـ عملائتو ـ استعمالي.

ـ عَمَلِي سُڌْيانُ: ذ. جاميٽري جو اهو سڌيان جنهن ۾ ڪجهه ناهٽو هوي.

● عَمَلدارُ ۽ عملدار: ذ. صفت. (ع. عَمَلُ + ف. دارُ = رکندڙ) تعميل ڪندڙ ـ پوڻواري ڪندڙ. انتظام رکندڙ. حڪم هلائيندڙ. عهدو دار ـ ڪاموري ـ آفيسر.

ـ عَمَلْداري ۽ عَمَلْداريُونُ: ث. عملدار جو ڪمُ. انتظام. حڪومت هلائڻ جي حالت ـ حڪماني ـ حڪومت.

● عَمَلُو ۽ عَمَلا: ذ. (ع. عَمَلُهُ) ڪم ڪندڙ ماڻهن جو مجموعو ـ ملازم. آفيس ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهو ـ زبردست اڻالو. نوڪر چاڪر ـ چاڪر چوڪر ـ ڏنبلو ـ اڻالو. ڪنجڪ لڪ سواري ـ ٻيڙو. ابوهُ ـ خلق ـ ڪٽڪُ ـ پينڊ. ڳوهر ـ دعوىٰ ـ طلب ـ مقدمو ـ فرياد.

● عُمُودُ ۽ عُمُودَ: ذ. (ع. عَمَدَ = هن ڪڙو ڪيو) پيٽ. ٽنبيو. تنبوءَ جي آڌي ڪاٺي.

گڙز. هڪ سٽين ليڪ تي ٻي ٻيل آڌي ليڪ ـ خطِ عمود ـ پايو. جاميٽري موجب آها سٽين ليڪ جا ٻيءَ سٽين ليڪ تي اهڙي طرح ٻوي جو پرواريون ڪنڊون گونيون ٿهن.

ـ عُمُودِي: صفت. آڏو ـ سڌو.

ـ عُمُودِي سَرُكَرُ: ذ. ٽڪنڊي جي الدر جتي سامهون آڌي ليڪ اچي ملي، ڏنل ٽڪو (گاجرا).

● عَمُومَ: ص. (ع). ساڌارڻ ـ عام ـ رواجي ـ معمولي ـ هڪجهڙو ـ سمان.

ـ عَمُوماً: ظرف. عام طرح ـ اڪثر ـ گهڻو ڪري ـ ساڌارڻ ريت ـ گهڻُ ڪُرو ـ سراسري. معمولي ـ هڪجهڙو ـ رواجي ـ سمان.

● عَمِيقُ: صفت. (ع. عَمَقَ = اونهو ٿيو) تمام هيٺ ـ اونهو ـ آٿاهُ ـ تارُ ـ گهرُو. ذ. اونهو سمنڊ ـ بحر. مجازي معنيٰ ۾ وحدت جو درياءُ يا مطلق هستي (سهڻي ـ گُر). جيئن: "جن کي عِشقِ عَمِيقُ جو سي خلوت خيالي" (سر سهڻي ـ شاهه).

● عِنا: ث. (ع). محنت ـ مشقت. تڪليف ـ ڏاڪڙو ـ اهنج. ڏُکُ ـ رَنجُ ـ آزار ـ مصيبت.

● عُنابُ ۽ عُنابَ: ذ. (ع). هڪ ڪي وڪر جو هڪ قسم ـ ٻيرُ (جبل جو) ـ ولايتي ڪاري رنگ جو ٻيرُ.

ـ عُنابِي ۽ عُنابِيُ: صفت. ڳاڙهو. لالُ.

● عِنادُ: ذ. (ع. عند = مقابلو ڪرڻ) دشمني ـ ويرُ ـ ضد ـ بُغضُ ـ عداوتَ ـ لِفاقُ ـ ڪينو. سِينہ زوري ـ سرڪشيُ ـ آرهُ. زوراوري ـ جهڪڙو ـ لڙائي ـ فساد.

● عَنَاصِرُ: ذ. (جمع عُنصُر جو) تتَ ـ جڙا. (هندي عالمن جي خيال موجب پنج تتَ، آڪاش، وايو، اگني، جل، پرٿوي. آهن ۽ عربي عالمن جي خيال موجب چار عنصر، هوا، باهه، پاڻي، مٽي آهن.

● عِنانُ: ث. (ع). واڳ ـ لگامُ ـ لتامُ.

● عِنايَتَ ۽ عِنايتُونُ: ث. (ع. عَنَيَ = هن اراد و ڪيو) مهرباني ـ احسان ـ ٿورو ـ لائق ـ

پلائي ـ وَڏُ ـ نوازش ـ ڪرپا. دَيا ـ پاڇو ـ ميهر. بخشش ـ لطف ـ شفقت. لحاظ ـ پاسخاطري.

● عِنايَتَ پُورُ: اسم خاص. تعلقي شاهندر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● عَنْبَرُ ۽ عَنْبَرَ: ذ. (ع). پساركي وڪر جو هڪ قسم (ڪن جي چوڻ موجب رنگ جو ڪارو ۽ خاڪي ٽئي، جو هڪ مانگر مڇ جي پيٽ مان لڪي (ڪاڇرا). ۽ ڪن جي چوڻ موجب هڪ قسم جي جهنگلي ڏڪي جو چيڙو (ڪاڇرا). ۽ ڪن جي چوڻ موجب ميڻ ٽئي).

ـ عَنْبَرِ سارا: ذ. خالص عنبر ـ ليچُ عنبر. عَمّان جي ڪناري تي هڪ شهر جو نالو.

ـ عَنْبَرِ شَميمُ: ذ. خوشبودار عنبر.

● عَنْبِيرُ ۽ عَنْبِيرَ: ذ. (ع). پساركي وڪر جو هڪ قسم (اٿي وانگر ڪاڙهي رنگ تي خوشبودار، ملر ٿاهڻ جي ۾ ڪم اچي "ف ج") زعفران. هوليءَ ۾ ڪم ايندڙ خوشبوءَ ۽ ملاوت ٽيل پائوڊر (پرمانند).

● عِنْدِ: ظرف (ع). ويجهو ـ نزديڪ ـ پرسان ـ قريب ـ متصل ـ لاڪو.

● عَنْدَليبُ: ذ. (ع). پکيءَ جو هڪ قسم ـ بُلبُل ـ بَربُل ـ پوري.

● عُنْصُرُ ۽ عَناصِرَ: ذ. (ع). اصلي جزو ـ تت (ڏسو عَناصر).

ـ عُنْصَري: ذ. اوائلي ـ ابتدائي ـ شروعاتي.

● عُنْقا ۽ عُنْقاءُ: ذ. (ع). هڪ خيالي پکيءَ جو نالو ـ راج هَنَس ـ سيمُرغ (جنهن بابت اهو خيال آهي ته ساري دنيا ۾ رکيو هڪ ئي ٽئي ۽ وڏي عمر جو ٽئي، پاڻ کي ساڙي ڇڏي، بعد ۾ ان جي رَکَ مان پيو پيدا ٽئي).

ـ عُنْقا جوُ شِڪارُ كَرَنْ: ڪا شيءِ ڏکي هٿ اچڻ ـ ناممڪن گهالهـ ٽيڙ جي ڪوشش ڪرڻ.

● عَنْقَريبْ: ظرف. (ع). نزديڪ ـ ويجهو ـ اوري ـ پرسان. تمام جلد ـ تُرت ـ فوراً ـ هينئر ـ جلدئي.

● عَنْكَبُوتُ: ذ. (ع). هڪ جيت جو نالو ـ ڪوريڙو.

● عُنْوانُ ۽ عُنْوانَ: ذ. (ع. عَنَنَ = هن سرخي ڏني) ڪنهن بـ شيءِ جو مُنڊ ـ اول ـ آغاز ـ شروعات ـ مُنڊ. ڪنهن لکيل مواد جو نالو (جهڙوڪ ڪتاب، ناول، مضمون، آڪاڻي، افسانو وغيره) ـ موضوع ـ سُرخي ـ هيڊنگ. طريقو ـ ڍنگ ـ طرز ـ انداز ـ نمونو.

● عَوامُ: ذ. (ع). عام جو جمع ـ عام ماڻهو ـ عام خلق ـ عام پبلڪ ـ خلقِ خُدا ـ رعيت ـ پرجا ـ مخلوق. (ضد. خاص).

ـ عَوامُ النّاسِ: ذ. عام ماڻهو ـ سڀ ماڻهو ـ خلق ـ مخلوق ـ رعيت ـ پرجا.

● عُوُدُ: ذ. (ف). خوشبودار ڪاڻيءَ جو هڪ قسم ـ خوشبوءِ دار ڪاڻي (ڏکڻ آفريڪا جو هڪ سبز سَرهو ٻوٽو). اگَرُ (پرمانند). (ع). واپسي ـ موٽ ـ بازگشت ـ مراجعت.

● عُوُدِ ۽ عُوُدِ: ذ. صفت. ڪارسيرو ـ ڪاريرو (رنگ). هلڪو واڱڻائي رنگ، عَوُدو عَيْشي "چا جهمڻي ڏي جلوا" (رمضان ڪنپر).

● عُوُدِيُ: اسم خاص. تعلقي ٽل ۾ هڪ ڳوٺ ۽ ديهه جو نالو.

● عَوْرَتَ ۽ عَوْرَتُونُ: ث. (ع). زال ـ اِستري ـ نار ـ ناري ـ زالڻان ـ ميهري. گهر واري ـ زال ـ جوءِ ـ زن ـ نيساءَ. تتهلي ـ دامي ـ نفرياڻي.

ـ عَوْرَتَ ذاتِ ۽ عَوْرَت ذاتِ: ث. زال جو قسم. عورت جي جنس. جيئن: "عورت قابل رحم يا زبردست ذات آهي".

● عِوَضُ: ذ. (ع). ڪنهن شيءِ جو بدلو ـ بَدَل ـ بَدو ـ عِوَضو ـ مُعاوضو. اجرُ. انتقام. (ظرف). بدلي ۾ ـ بدران ـ پاران ـ بجاءِ.

ـ عِوَضُ وَٽَنُ: بدلو وٺڻ ـ عيوضو وٺڻ. انتقام وٺڻ.

ـ عيوَضِيُ ۽ عيوَضِيُ: ذ. صفت. ڪنهن جي بدران ڪم ڪندڙ ـ انچارج ـ قائم مقام. سَفيرُ ـ ايلچي.

● عَوَلُ: ذ. آگسٽين دستور موجب فاتح بادشاهه يا حاڪم مخالف ذر جا خاص ماڻهو ضامن طور نظربند ڪري وڃي ويندا هٿا ـ اول ـ يان.

Sur Hayat Institute

● عَهْدُ ۴ عَهْدَ ؛ ذ. (ع). انجامُ - اِقرار - وعدو - وَچَن - بول - پرتگيا - کَٹُ - زبان - شَرط - قَوْل - سُخن - پَيمان - ذَمّ پَتَ - پرن زمانو - وقت - سَمو - ٹائيم - جُگ - عرصو - دَور - وارو - ايّامُ. راج - بادشاهي - حکومت.

- عَهْدنَيمانُ ؛ ذ. صلح جا شرط (گاجرا). قول قرار - انجام اقرار.

- عَهْدُ شِکَنِي ۴ عَهْدُ شِکَنِيُونُ ؛ ث. قول جي پڇڙي - وعدي خلافي - انجام شکني - بي وفائي.

- عَهْدِ حُکُومَتُ ؛ ذ. حکومت جو وقت - بادشاهيءَ جو زمانو.

- عَهْدُنامُو ۴ عَهْدَنامَا ؛ ذ. کنهن انجام لاءِ لکيل کاغذ - تحريري معاهدو. صُلح جي شرطن جو لکيل کاغذ - قبوليت نامو - اقرار نامو - سنڌي پَتر - ناهه نامو.

- عَهْدَ وَ پَيمانُ ۴ عَهْدُ وَ پَيمانَ ؛ ذ. اقرارنامي يا قبوليت نامي جا شرط - انجام و اقرار.

● عُهْدُو ۴ عُهْدا ؛ ذ. (ع). کَمّ - فرض. نوڪري - چاڪري - ملازمت. ڏيڏو - ڪرت. درجو - مرتبو. لقب - ڪوبه سرڪاري خطاب.

- عَهْدي ؛ ذ. صفت. بهادر (جو جنگ تي چڙهي).

- عُهْدِيدارُ ۴ عُهْدِيدارَ ؛ ذ. صفت. ڪم جو مالڪ. عهدي وارو - عملدار - آفيسر - ڪاموروَ. دفتردار - لقب وارو.

- عَئِلِي عَئِلِي ! ؛ ندا. (ع. عَلِي عَلِي جو بگڙيل) اي علي ! اي علي. نعري هڻڻ جو هڪ آواز (چاڪاڻ ته حضرت علي ڪرم الله وجهه جن بهادر هئا).

- عَئِلِيُ عَئِلِيُ کَرَنُ ؛ دانهون ڪرڻ - رڙيون ڪرڻ.

● عِيادَتَ ۴ عِيادَتُونُ ؛ ث. (ع). بيمار کان کيل پڇا - بيمار پُرسي. اکهي سان همدردي.

● عيّارُ ۴ عَيّارَ ؛ ذ. صفت. (ع). مَکّارُ - ٹَکُ - فريبي - دغاباز. چالاک - فطرتي چال باز - هوشيار.

- عَيّارِيُ ۴ عَيّارِيُونُ ؛ ث. دغابازي - مَکّاري - ڏوکيبازي - دغا - فريب - ٹَکي. حرفت - چالاکي - هوشياري.

● عَيّاشُ ۴ عَيّاشَ ؛ ذ. صفت. (ع. عَيْش = خوشي) عيش ڪندڙ - عياشي - عيشي - پوڪي - ڪامي. شهوت پرست - نفس پرست - شهوتي - زناڪار - رنڈي باز. آرام سان حياتي بسر ڪندڙ - آرام پسند. بيڪار.

- عَيّاشِيُ ۴ عَيّاشِيُونُ ؛ ث. عيش و عشرت - نفس پرستي. (ذ. صفت). عيش ڪندڙ - عياشُ - نفس پرست.

● عَيَال ۴ عَيَالَ ؛ ذ. (ع). ڪُٹنب - ڪُٹڙم - آڪهه - ڪُٹنبو - خاندان - گهراڻو - ڪُل. آل اولاد - پارڇا - گهر پار - ٹبر.

- عَيالْدارُ ۴ عَيالْدارَ ؛ ذ. صفت. پَڇڙو والُ - اولادي - عَيالي.

- عَيالْدارِيُ ۴ عَيالْدارِيُونُ ؛ ث. پڇڙوال هڻڻ جي حالت - ٹهرداري.

- عَيالِيُ ۴ عَيالِيُ ؛ ذ. صفت. آل اولاد وارو - پار پڇن وارو - ڪُٹنب وارو - گهر پار وارو - آکهه وارو.

● عَيانُ ؛ صفت. (ع. عَيَنَ = اک) ڏسڻ ۾ ايندڙ - ڏسجندڙ - ڪليو - پَڌرو - ظاهر - واضح - آشڪار - نشانبَرُ - ويڪت - پرسڌ - بَرملا - نمودار - روشن - چٽو - صاف - مشهور.

- عَيْبُ ۴ عَيْبَ ؛ ذ. (ع). کهٹائي - اوڻائي - نُقص - ڪَسَر - ڪَمي - سُقمَ - قصور. کوٽ - خرابي - اوڪَٹ - خامي - آڻ چُٹ. نقصان - چيهو - ٹوٽ. وِيڪَ - وَنڪَ - وِڏَ - جيءَ - آلَ. پَلَ - چوڪ. خطا - ڏوهُ - گناهُ. مَيارَ - حرف. داغ - ڪلنڪُ - ٹيڪو.

- عَيْبائيتُو ۴ عَيْبائيتا ؛ ذ. صفت. عَيب وارو - عَيبدارُ - اٽپورو - ان سالم - ٹيڪمو - کهٽ.

- عَيْبُ پوشُ ۴ عَيْبُ پوشَ ؛ ذ. صفت. عيبن تي پوش ڏيندڙ - عيب ڍڪيندڙ.

Gul Hayat Institute

ـ عَيْبُ پوشي ۽ عَيْبُ پوشيون: ث. عيبن کي پوش ڏيڻ واري حالت ـ چشم پوشي.
ـ عَيْبُ جُو: ذ. صفت. عيب ڪيندڙ ـ عيب گولهيندڙ ـ وِيڪر ـ وِڏائي ـ وِڏائتو.
ـ عَيْبُدارُ ۽ عَيْبُدارَ: ذ. صفت. عيبن وارو ـ اڻ سالم ـ اڻپورو ـ عَيْبائتو.
ـ عَيْبُ لائيڻُ: ٽيڪو لائڻ. الزام مڑهڻ.
ـ عَيْبِي ۽ عَيْبِيُ: ذ. صفت. عيب وارو ـ عيبدار. داغي ـ ناقص. مريض ـ روگي ـ بيمار.
● عِيدَ ۽ عيدُون: ث. (ع). خوشي ـ راحت. (مسلمانن جي خوشيءَ جو ڏينهن ـ هارنهن ماهو ڏينهن ـ وڏو ڏينهن ـ ڏِڻ ـ پرب ـ تهاڙو ـ ڏينهن. (عيد الفطر، عيد البقر، عيد ميلاد، عيد براة، عيد الضحيٰ).
ـ عيدَ آڪڙيُ ۽ عيد آڪڙيُون: ث. اويل سويل جو آڻڻ ـ ميڙهڻ وسنديءَ جو ٽپڙ ـ آڏيءَ ڪٽيءَ جو وسيلو (آنند).
ـ عيد آڪڙيُ پائيڻُ: سنو ويسُ پائڻ ـ مانائتا ڪپڙا پائڻ.
ـ عِيدُ الضُّحيٰ: ث. صبح جي عيد. قرباني ڪرڻ واري عيد (۱۰ ذوالحج تي ٿئي) عيد البقر ـ عيد قرباني ـ ٻاڪري عِيدَ ـ ٻڪراس جي عيد.
ـ عِيدُ الفِطْر: ث. فطري ڏيڻ واري عيد ـ رمضان جي ختم ٿيڻ واري عيد ـ شوال جي پهرين تاريخ واري عيد ـ عيد رمضان ـ مٺي عيد.
ـ عِيدُاڻُو ۽ عِيدُاڻا: ذ. صفت. وڏي ڏينهن جو ـ عيد جو (پلاءُ وغيره).
ـ عِيدُ بَرات: ث. شعبان مهيني جي ۱۵ تاريخ واري عيدَ ـ سڀري سالي واريءَ عيد (بَراتُ ـ پاڳو. چوڻ ۾ اچي ٿو ته الهي تاريخ تي ملائڪ خدا جي بندن جي رزق ۽ عمر جو حساب لکائين ٿا، ان ڪري انهيءَ تاريخ کي ملهايو ٿو وڃي).
ـ عِيدَ ڪَرَنُ: خوشي ڪرڻ ـ تهاري ڪرڻ.
ـ عِيدُ گاهُ ۽ عِيدَ گاهَ: ذ. ث. عيد جي نماز پڙهڻ جي جاءِ يا ميدان.
ـ عِيدُڙِيُ: ث. عيد جي ڏينهن ڏنل طعام ـ عيد جي سوڪڙي.
● عِيدَ لُجِيُ: اسم خاص. تعلقي جيمس آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● عِيدُ نُ جَرُوارُ: اسم خاص. تعلقي شهدادڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● عِيدُ نُ شاهُ (ت): ذ. ث. ڪجيءَ جو هڪ قسم (جنهن جي چڙِيُ ٽلهي ٽئي، جنهن مان ٻارا ۽ ڪاهر سخت ٽين. ڏونڪو وانگڻائي ۽ ڪارڪ ڪاري ۽ ٽلهي ٽئي).
● عِيدُ نُ شاهِيُ ڪُپڙا: ذ. عيدن شاه ڪجيءَ جو ڪارڪون.
● عِيدُ ناٿِيُ: اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو.
● عِيسيٰ: اسم خاص. هڪ نبي سڳوري جو نالو. (يهودين ۾ پيدا ٿيو هو، ۽ عيسائي قوم جو ٻاني هو. لقب "رُوحُ اللّٰه").
ـ عِيسائيُ ۽ عِيسائيُ: ذ. صفت. حضرت عيسيٰ عليه السلام جو پيرو. عيسائي مذهب جا پوئلڳ ـ ڪِرسچن ـ مَسيحي ـ نصراني ـ نصاريٰ.
ـ عِيسَوِيُ: صفت. حضرت عيسيٰ عليه السلام جو ـ حضرت عيسيٰ سان لاڳاپو رکندڙ. ذ. حضرت عيسيٰ جي جمڻ کان شروع ٿيل سَنُ ـ مَسيحي سن.
ـ عِيسَوِيُ دَمُ: ذ. حضرت عيسيٰ عليه السلام جو ڪلام ۽ ڦيٿو (ديوان ـ واصف).
● عِيسانائيُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (مري بلوچن جو هڪ ڀاڙو).
● عِيسانُ هُوُتُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر حيدرآباد ۾).
● عِيسائيُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر حيدرآباد ۾).
● عِيسائِينُ: ذه هڪ ذات جو نالو (مزاري بلوچن جو هڪ ڀاڙو).
● عِيسائيُ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● عِيسُوُ: اسم خاص. تعلقي ڪنبر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

Gul Hayat Institute

● عِيسُو ماڇيءُ: اسم خاص. تعلقي ڪَڪَڙَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● عِيسُوءُ نارِيجوءُ: اسم خاص. تعلقي دادو ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● عِيسُهي وارِيءُ: اسم خاص. تعلقي گهوٽڪيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● عَيْشُ ۽ عَيْشَ: ذ. (ع). خوشي - لطف - راحت - موج - فرحت. خوشيءَ سان حياتي گذارڻ جي حالت - آسودگي - آرام - چين - سُک. نفساني يا جسماني لذت. عيش و عشرت - پوڳ بلاس - جماع.

- عَيْشُ آسُرَنُ: آرام هليو وڃڻ - خوشي باقي نه رهڻ - بيآرامي پيدا ٿيڻ. جيئن

"رنجُ ريزالن رقيبن جي ڪنان،
عَيش آسر يو ٿيو اِڪراه خط"

(فاضل شاهه).

- عَيْشَ جوءُ بَنْدوءُ ۽ عَيْشَ جا بَنْدا: ذ. آرام طلب. موجي جيوڙو - نفس پرست. عياش.

- عَيْشُ عِشْرَتُ ۽ عَيْشَ عِشْرَتُونُ: ث. نفساني خوشي - رنگ روپ - رلڳ رس. پوڳ ولاس.

- عَيْشِي ۽ عَيْشِيءُ: صفت. عيش جو - عيش وارو - عيش عشرت ڪندڙ - عيش پرست - نفس پرست - شهوت پرست - ڪامي - پوڳي.

- عَيْشِيءُ جِيئَڙوءُ ۽ عَيْشِيءُ جِيئَڙا: ذ. صفت. عيش پسند - خوش مزاج - چهيلو - زنده دل - ڪيل مُڪَ.

● عِيلَ ۽ عِيلُونُ (ت): توبهه - بانُ.

- عِيلَ ڪَرَنُ: توبهه ڪرڻ - بَس ڪرڻ - بانُ ڪرڻ.

● عِيلاز ۽ عِيلازَ (ت): ذ. (ع). علاج جي بگڙيل صورت). منت - آزِي - عِلاج.

● عِينَ ۽ عِيْنُونُ (ت): ث. انڪل - تجويز - رِتَ - حِيلو - نَلَ. معرفت - نڱي - چالاڪي.

- عَيْنِيازُ ۽ عَيْنِيازَ: ذ. صفت. انڪل باز - انڪلي. نڱُ - فريبي. چالاڪ.

- عَيْنُونُ ڪَرَنُ: انڪلون ڪرڻ - حِيلا هلائڻ - تجويزون ڪرڻ.

● عَيْنُ ۽ عَيْنُونُ: ذ. (ع). هڪ عضوي جو نالو - اک - چشم - نيٽُ - نيْنُ - چَمُ (ڪ). پاڻيءَ جو چشمو (علم نحو). (ڪنهن شيءِ جي) خاصيت - گُڻ - جوهر - روحُ - تت. (ڪنهن شيءِ جي) اصليت - حقيقت (ا - س). چڱائي - نيڪي - خير - خيريت (ا - س). الف ب جو هڪ اکر. گوڏي جي ڏڪيءَ وارو هڏو. سردار. (ضمير) پنهنجو پاڻ - جِسند - خود - پِسنڊ (سر ڪليان - گر). (صفت). محض - فقط - رڳو - بلڪل. خالص - نج. نسورو - سڀ - ڪُل. معلوم - ظاهر - پڌرو - چِٽو - وڇُ يا خاص (علم نحو).

"سوئي عَين عذاب، سوئي راحت روح جي،
ڪوئي قربين جو عين تڙڻ آهِ".

هُوبهُو - سُڌ پُڌ.

- عَيْنُ آمهون سامهُونُ: ظوف. بلڪل آڏو - مخالف - منهن سمهون.

- عَيْنُ الْمَالِ: ذ. موڙي. صافي پيل نفعو - صافي فائدو. زمين جي ڏَل. (ذ. صفت). مُڪي - وڏو - شاه - پرڌان (پرمانند).

- عَيْنُ الْيَقِينُ: ذ. ڏني شاهدي سان حاصل ڄاڻ. پورو يا سچو يقين.

- عَيْنَ بِيْنُ: صفت. بلڪل ساڳيو - سُڌ پُڌ - هوبهو - ان جهڙو - آهوئي.

- عَيْنُ ٿِيَنُ: معلوم ٿيڻ - ظاهر ٿيڻ - پڌرو ٿيڻ.

- عَيْنُ قَرارُ لَهَنُ: مَٽ ٿيڻ - برابر ٿيڻ - پِهْچِجِي آچَنُ - لِعْمُ الْبَدَلُ بَٽِيجَنُ.

- عَيْنَڪَ ۽ عَيْنَڪُونُ: ث. ڏسڻ جو شيشو - چشمو.

- عَيْنَ لَهَرُ ۽ عَيْنَ لَهَرَ: ذ. صفت. پاڻيءَ جي اک. جواهر جو هڪ قسم (جنهن کي، گنبذي نمولي ۽ وڏو تر پاڻيءَ جي اک جيان ٻيو ڏسبو).

Gul Hayat Institute

ـ عَيَنُ وَقْتُ: ظرف. تڙ وقت ـ اوکهيءَ گهڙيءَ ـ نازڪ وقت. پوري وقت. ٺيڪ وقت ـ آوَسَرُ ـ مهلائتو.

ـ عَيْنُ وقْتَ تهي پهڇُ: نازڪ وقت تي پُهڇُ ـ تڙ وقت تي پهڇ ـ پوري مهل تي پهڇ. ٺهرايل وقت تي مس مس پهڇ.

ـ عَيْنِي: ذ. صفت. اکَ جو ـ اکَ وارو. اکين ڏنل.

● عَيْنَڪَ ≈ عَيْنَڪُون: ث. (ع). نظر وڌائڻ لاءِ فريم ۾ پيل شيشي جو جوڙو ـ چشمو.

● عَيْنُلْهَرَ ≈ عَيْنُلْهَرَ: ذ. (عَيْنُ=اکَ + لَهَرُ) پليءَ جي اکَ. هيري جو هڪ قسم ـ ساوڻ تي مائل هيرو (جنهن کي گنبذي نموني ۾ وڌيو ته پليءَ جي اکَ جيان ٻيو پاسو).

● عيهوَضُ ≈ عيهوضَ: ذ. (ع.عِوَضُ) عِوَضُ. بدلي ۾ ڏنل شيءِ ـ بَدَرُ ـ بَدَلُ ـ سائيو ـ پرتينڊي. معاوضو ـ اجورو. مٽ سٽ ـ ڏي وٺ. جزا ـ ڪيٽو ـ نتيجو ـ پرتي قَلُ. هاران ڪم ڪندڙ ـ مختار ـ وڪيل. گماشتو. سفيرُ ـ ايلچيُ (پرمانند).

ـ عيهوضو ≈ عيهوضا: ذ. عوضو ـ بَدَرُ ـ بَدلو ـ ساٽو. آجورو. جزا ـ ڪيٽو.

ـ عيهوضِي ≈ عيهوَضِي: ذ. صفت. بدران ڪم ڪندڙ ـ ايلچيُ ـ قائم مقام ـ نائب ـ گماشتو.

غ

غ: ث. (ع). عربي الف ب جو اوٽيهون ۽ فارسي الف ب جو ٻاويهون اکر. سندي الف ب جو ٻنجٽيهون اکر. سندس آچار "غَيْن". ابجد جي حساب موجب عدد هزار (۱۰۰۰).

● غارَ ≈ غارُون > غارَ: ذ. ث. (ع). جبل جي سرلڳهه ـ چڙَ ـ غفا ـ گڦا ـ سرنگهه. جانورن جي رهڻ جو اونهون کڏو ـ بِرُ ـ ڏَرُ. (ظرف). غرق ـ ٻڏل. جيئن: "فلاڻو درياءَ ۾ غار ٿي ويو" (جملو). (صفت). چِتُ ـ ناس ـ نابود ـ تباهه. "فلاڻا شَل غار ٿئين!" (جملو).

ـ غارُ ٿِيڻُ: ڪڏ پوڻ ـ اوڙاهه ٿيڻ ـ اوڙاهه ۾ وڃڻ. ٻُڏڻ ـ غرق ٿيڻ (ٻاڻيءَ ۾). (د ل) هُمامَڻ. (اکيون) ڏرا ڏيڻ. (بيمار جو) ڍرڪڻ ـ ڍُلڪڻ. (گپ ۾). گپڻ ـ گهي پوڻ ـ ڪَرَنُ. غائب ٿيڻ ـ الپ ٿيڻ ـ گم ٿيڻ ـ هِرُت ٿيڻ ـ عدم پيدا ٿيڻ. تباهه ٿيڻ ـ برباد ٿيڻ ـ ستياناس ٿيڻ ـ هڏ موڙي ٻڏي وڃڻ.

ـ غارُ ڪَرَنُ: غرق ڪرڻ ـ غائب ڪرڻ ـ الپ ڪرڻ. نابود ڪرڻ ـ ناس ڪرڻ ـ فنا ڪرڻ.

● غارِ حِرا: اسم خاص. (ع). مڪي شريف جي ڀاڪران هڪ جبل ۾ مشهور غار آهي (جتي حضرت جبرئيل نبوت کان اڳ اچي ويهندا ۽ عبادت ڪندا هئا).

● غارَتَ ≈ غارَتُون: ث. (ع). دشمن جي ملڪ جي قيدين ۽ غنيمت جي واسطي ڪيل حملو. مال غنيمت. لُٽَ ـ قُرَ. (ظرف). تباهه ـ برباد ـ ناس ـ فنا ـ آجڙ ـ ويران.

ـ غارَتَ ٿِيڻُ: آجڙ ٿيڻ ـ ناس ٿيڻ ـ فنا ٿيڻ ـ برباد ٿيڻ ـ تباهه ٿيڻ.

ـ غارَتِگَرَ ≈ غارَتِگَرَ: ذ. صفت. لٽيندڙ ـ لٽيرو ـ قُورو ـ لوٽُو. تباهه ڪندڙ ـ برباد ڪندڙ.

ـ غارَتگِري: ث. لُٽَ ـ قُرَ. تباهي ـ بربادي.

● غارِ يُبو ≈ غارِ يا: صفت. غريباڻو ـ غريبن جو. گهٽ قسم جو ـ عام.

Gul Hayat Institute

● غارِيُقُونُ: ذ. (ف). هوئي جو هڪ قسم (مينهن ڪانءِ ڪنيون وانگر زمين مان خود بخود اپرندڙ). پساركي وكر جو هڪ قسم - جلاب طور ڪم ايندڙ هڪ دوا.

● غازاڻِيُ: اسم خاص. بلوچ قوم جي هڪ قبيلي جو نالو.

● غازوُ: ذ. (ف. غازَهُ) خوبصورتي لاءِ منهن جي رنگ اڇي ۽ صاف ڪرڻ لاءِ هڪ خوشبوئدار اڇو پائوڈر.

" دامن كان رشك گل جي آڏي باغ ۾ جو خاڪ
بنجي وئي سا غازو عروس بهار جو "
(نامعلوم).

● غازَهُ: ذ. (ف). چپن يا گلن کي گاڙهي ڪرڻ جو روغن - لالي - سرخي.

● غازِيُ ۽ غازِيُ: ذ. صفت. (ع. غزا = لشكر جو حملو ڪرڻ) ڪافرن کي جنگ ۾ قتل ڪرڻ وارو " پاڻ مري تہ شهيد ۽ ماري تہ غازي ". جهاد ڪندڙ - مجاهد. شجاع - بهادر - سورمو - سور ويڑ - نايڪ - پهلوان - جوڌو - دليرو - قوي - همٿ وارو - بلوان - بَلِيُ - بَلِيار. بانڪو. فتح مند - سوپارو - ڪامياب - ظفرياب. (ذ). مسلمان حاڪمن جو خطاب " غازي مصطفيٰ ڪمال پاشا وغيره ".

● غاسِلُ ۽ غاسِلَ: ذ. (ع). ميّت کي وهنجار يندڙ - مُردي کي غسل ڏيندڙ - غسال.

● غاشوُ ۽ غاشا: ذ. ع. غاشيَة. گهوڙي جي زين - گاشو (آ ۽ گهوڙي جو). هني جو پوش.

● غاصِبُ ۽ غاصِبَ: ذ. صفت. (ع). ٻراڻو حق غصب ڪندڙ - ٻئي جو مال هڙپ ڪندڙ - ڦرندڙ - ڦورو.

● غاضِبُ ۽ غاضِبَ: ذ. صفت. (ع). ڪاوڙ ڪندڙ - ظلم ڪندڙ - ظالم - ظلمي.

● غافِلُ ۽ غافِلَ: ذ. صفت. (ع. غفلت = مدهوش ٿيڻ) غفلت ڪندڙ - بي ٻرواهه. ويسريو - نسياڻ. ڪهيلو - اوبسلو - ڪاهل - ڍرو - سُست - ڍوڻي. الغرضو - لاغرض - ڏنڊم. ايسڪيپسٽ - بي ڌيان - بي سرت - بي سانگو. بي سوچ - بي فڪر - بي احتياط.

= غافِلاڻوُ ۽ غافِلاڻا: ذ. صفت. بي ٻرواهيءَ جو - بي فڪريءَ جو - ڪهيلاڻي جو - غافل جو. غفلت وارو.

= غافِلاڻِيُ ۽ غافِلاڻِيُونُ: ث. غفلت. ويسر - نسياڻي. ڪهيلائي - ان آدَرُ - بي ٻرواهي - سستي - ڍرائي. لاغرضائي - الغرضائي. بي ڌيانائي - بي سُرتي - بي احتياطي. بي خيالي - بي فڪري.

= غافِلِيُ: ث. سستي - غفلت - بي ڌيانائي - ڪهيلائي - ڍرائي. لاغرضائي. لاپرواهي - غفلت.

● غافِلاڻِيڻُ: مصدر. غافل ٿيڻ - غفلت ڪرڻ. لاپرواهه ٿيڻ - بي فڪر ٿيڻ - ڪاهلي ڏيکارڻ - الغرضائي ڪرڻ - بي ڌيانو رهڻ.

● غالِبُ ۽ غالِبَ: ذ. صفت. (ع. غَلَبَ = هن سوپ ڪئي) غلبو ڪرڻ وارو - زور ٻولندڙ - قابض - مسلط - حاوي. ماري مات ڪندڙ. فاتح - فتحياب - جيتيندڙ - ڪٽهار - سوپارو. غلبو ڪندڙ - قبضو ڪندڙ - ڪٽيات - جمت ڪندڙ. اثرائتو - اثر وارو.

= غالِبُ پَوَنُ: جيتڻ - جوهڻ - غلبو ڪرڻ - ڪٽڻ - سوپ پائڻ - فتح ڪرڻ. سوپارو ٿيڻ - ماري مات ڪرڻ - ساري مڃائڻ. قابض ٻوڻ - قبضو ڪرڻ.

● غالِباً: ظرف. (ع. غَلَبَ = غالب ٿيو) گهڻو ڪري - اڪثر ڪري - ضرور - يقيناً. شايد - گمان آهي.

● غالِيچوُ ۽ غالِيچا: ذ. (ف). آن يا پشم مان ٺهيل ڪلڪاريءَ سان وڇاڻو - قالين.

● غامَرِكِيُ: اسم خاص. تعلقي گونيءَ هڪ ديهه جو نالو.

● غائِبُ ۽ غائِبَ: ظرف. (ع). غير موجود - غير حاضر - عدم موجود - گم - الوپ - لڪل - پوشيده - مخفي. لاديدي - انتر ڌيان - ادَرش. وڃايل. روپوش. ويل - اڻس - چٽ - ختم - ارباد - سُڃ.

ـ غائبانہ: صفت. غير حاضريءَ وارو ـ غير موجود گيءَ وارو. ڪجهو ـ لڪل.
ـ غائب ٿيڻ: نظر کان لڪڻ ـ گم ٿيڻ ـ الوپ ٿيڻ ـ لڪي وڃڻ. رفو چکر ٿي وڃڻ ـ ڪک پن ٿي وڃڻ. غير حاضر ٿيڻ. روپوش ٿيڻ. لاپتو ٿيڻ.
● غايت: ظرف. (ع). ازحد ـ بي حد ـ گهڻو ـ بيشمار ـ بي حساب.
● غايت: ث. (ع). پڇاڙي ـ انتها ـ انجام. غرض ـ مقصد ـ مطلب.
● غبار: ذ. (ع. غبر = مٽيءَ جي رنگ جهڙو ٿيو) مٽيءَ ۾ مليل هوا. ڏوڙ جا ذرا. مٽي ـ گرد ـ ڏوڙ ـ ڏڪڙ. ڏنڊ ـ لڙات ـ جات ـ لڙ. اونداهي ـ اڻ چٽائي. ڏلڪ ڪار ـ ڪوهيڙو ـ ڏوڪڙ. دل تي بار ـ چاتيءَ تي گوراڻ. رنج ـ ڪدورت ـ ملال. ڪلفت ـ عداوت ـ ڪٽر ـ بغض.
ـ غبار آلود: صفت. مٽيءَ سان پريل ـ ڏوڙ سان پريل ـ رڪ سان پريل ـ خاڪ سان پريل. رنج سان پريل ـ ڪدورت سان پريل.
ـ غبار ڪڍڻ: ڪينو ڪڍڻ ـ ويرڪڍڻ ـ دشمني ڪڍڻ ـ ڪدورت ڪڍڻ ـ رنج ڪڍڻ.
● غباروٺ: غبارا: ذ. (ع). ٻر گولو. ڦوڪڻو. آتشبازيءَ جو هڪ قسم. اڏڻ ڪٽولي ـ بلون.
ـ غبار چي: غبار چيي: ذ. صفت. ٻر گولي کي هاڻ ڏيندڙ ـ سوڙي ڪائيندڙ. توپچي ـ گلنداز ـ توپزن.
● غبغب: ث. (ع). ڪاڏيءَ هيڻان لٽڪيل گوشت (جو خوبصورتي ڏيکاري). ڪاڏيءَ جي ڪنڌ (ديوان واصف). (اسم خاص). ميڙا ۾ هڪ ٽڪريءَ جو نالو.
● غبن: ذ. (ع). امانت ۾ ڪيل ڇڪجي ـ خيانت ـ گهوبي. پلّ ـ چوڪ ـ غلطي.
ـ غبن ڪرڻ: خيانت ڪرڻ ـ ڇڪجي ڪرڻ.

● غبي ٿ غبيي: ذ. صفت. (ع). ڪنڊ ذهن ـ بي عقل ـ مورک ـ نادان ـ احمق. چريٽ ـ پورڙو ـ البيلو ـ گهيلو ـ موگو ـ ڪٽڙيل.
● غپ ٿ غپون (ت): ث. گفتگو ـ ڳالهه. من گهڙت ڳالهه ـ اجائي ٻکوات ـ ڏاڙ ـ ٻڙاڪ ـ لاف.
ـ غپ شپ ٿ غپون شپون: ث. ڪوڙي سچي ڳالهه. هيڏانهن هوڏانهن جي ڳالهه. ٻڙاڪ ستاڪ ـ ڏاڙ لٻاڙ.
ـ غپي ٿ غپيي: ذ. صفت. گهڙو ڳالهائيندڙ ـ اجايو ڳالهائيندڙ. لٻاڙيو ـ ٻڙاڪي ـ ڦاڙي ـ لافيو ـ ڊينگر.
● غدار ٿ غدار: ذ. صفت. (ع. غدر = هو دغاباز ٿيو) وڏو بلوو ڪندڙ ـ بلوائي ـ فسادي ـ فتنائي ـ سرڪش. ڦريل ـ باغي ـ ورڀرو ـ راج دوهو. ٺڳ ـ دغاباز ـ مڪار.
● غدر ٿ غدر: ذ. (ع). بي وفائي ـ عهد شڪني ـ بدعهدي. بغاوت ـ بلوو ـ هنگامو ـ فتنو. سرڪشي ـ هلچل.
ـ غدر ڪرڻ: هنگامو برپا ڪرڻ ـ فساد ڪرڻ ـ فتنو برپا ڪرڻ. سرڪشي ڪرڻ ـ باغي ٿيڻ.
● غدود ٿ غدد: ذ. (ع). ماس جو گوڙهو. چربي دار آماس ـ سٽيو گوڙهو (ماس جو) ـ گدود ـ خلط.
● غذا ٿ غذائون: ث. (ع). ڪاڇ ـ ڪاڏو ـ ڪائڻ ـ ڪيڻ ـ طعام ـ آهار ـ خوراڪ ـ قوت ـ گذران ـ خورش ـ چوگو ـ چولو ـ چوڳ. ڪيريءَ جو ڪاڏو ـ بيماريءَ جو طعام. عادت ـ چال ـ هير ـ ورد ـ علت. ريت ـ پرَ ـ خُوءِ ـ روش ـ شيوو ـ خصلت.
ـ غذا ٿي وڃڻ: عادت ٿي وڃڻ ـ هير ٿي وڃڻ. ورد ٿي وڃڻ. ڏلڪو ٿي وڃڻ. ريت ٿي وڃڻ ـ ڊلگ ٿي وڃڻ.
ـ غذائي لطيف: ث. هلڪي خوراڪ ـ سادي خوراڪ ـ هضم ڪاڏو.

Gul Hayat Institute

● غُرابُ ۞ غُرابَ: ذ. (ع). ٻيڙيءَ جو هڪ قسم - وڏو ٻيڙو - واڻ. جهاز - غوراب. ٻڪيءَ جو هڪ قسم - ڪانءُ - ڪالنگ.

● غَرارو ۞ غَرارا: ذ. ٻڙي جو هڪ قسم - گراڙو.

● غَرّانُ ۞ غَرّانَ: ذ. (ف). گوڙ ڪرڻ وارو - ڏاڍيان آواز ڪيڻ وارو - رڙيون ڪندڙ.

● غُرْبُ: ذ. وڻ جو هڪ قسم.

● غُرْبا: ذ. (ع). غريب جو جمع. غير ملڪي ماڻهو - اجنبي - مسافر - پرديسي. غريب - مسڪين - محتاج - مفلس - ڪنگال - نادار (بعضي واحد ۾ ڪم اچي "غريب غربو" وغيره).

● غُرْبَتُ ۞ غُرْبَتُون: ث. (ع). مسافرت - مسافري - سياحت. ڪمي - گهٽتائي - اوٽائي - ڪوتاهي. غريبي - مسڪيني - مفلسي - تنگدستي - افلاس - محتاجي - اڻ هولد - ڪنگالپڻو - وڻجهائي. ليمرتا - لهنائي - نماڻائي - هيڻاهين - لياز - نڪڙت - عجز - اهنسا. ماڻ - صبر. انهنجي گهرج - ڪم - خود غرضي - مطلب.

● غَرْضَ ۞ غَرْضُون: ث. (ع). گهرج. پرواهه. غرض.

● غَرْضُ ۞ غَرْضَ: ذ. (ع). مقصد - ارادو - نيت - منشا - قصد. مطلب - مدعا - معني - سَنْوَرٽ - ارٿ - ورجن. ڪارڻ - سبب - ترغيب - وجهه - تحريڪ. ضرورت - ڪَمُ - گهرج - ڪاڻ - حاجت - گهٽي - لوڙ - احتياج - محتاجي - سوڙه. اڻ هولد - سڃائي - ڪوت. چاهه. خواهش - مرضي - ذوق - دلچسپي - شوق. فڪر - ڪٻٽي - پرواهه.

▬ غَرْضائِتو ۞ غَرْضائِتا: ذ. صفت. گهرجائتو - حاجتمند - احتياجي - ضرورتمند. فائدي لاءِ ڪم ڪندڙ - لفعي لاءِ ڪم ڪندڙ - خود غرض.

▬ غَرْضائُو ۞ غَرْضائُو: ذ. صفت. گهرج وارو - گهرجائو - ضرورت وارو - ضرورتمند - حاجتمند - محتاج - غرضمند - غرضائي - غرضائتو. مطلبي. واسطيدار. ڪمائتو. دلچسپي رکندڙ.

▬ غَرْضائِي ۞ غَرْضائِي: ذ. صفت. غرضائتو - غرضائو - غرضمند.

▬ غَرْضُ تہ: حرف جملو. تنهن لاءِ - تنهن واسطي.

▬ غَرْضُ پَوَنُ: گهرج ٿيڻ - ضرورت پوڻ. مطلب پوڻ. واسطو پوڻ.

▬ غَرْضُ رَکَنُ: مطلب رکڻ. اميد رکڻ - آرزو رکڻ. تمنا رکڻ - آسرو رکڻ.

▬ غَرْضُمَنْدُ ۞ غَرْضُمَنْدَ: ذ. صفت. غرض وارو - غرضائو - غرضائتا - غرضائي - گهرجائو - حاجتمند. خواهشمند - خواهان. شوق وارو - ذوق وارو - چاهه وارو. مطلبي.

▬ غَرْضِي ۞ غَرْضِيُ: ذ. صفت. گهرجائو - حاجتمند - ضرورتمند.

● غَرْغَرو ۞ غَرْغَرا: ذ. (ع). ٻاڻي وات ۾ وجهي، ڏيڑي صاف ڪري ٻاهر ڪيڻ جي حالت - گرڙ ي.

● غُرْغُو ۞ غُرْغُا (ت): ٽنگڙو جاءِ ۾. روشنائي لاءِ ڪيل سوراخ - گڙڪو.

● غَرْقُ: صفت. (ع. غَرَقَ). سن. ڪرت = ٻُڏڻ) ٻاڻيءَ ۾ الدر ويل - ٻُڏل - ٽٻيل. گم - غائب - لڪل. غلطان - محو - ٽٻيءَ ۾ ويل - ويچار ۾ گم. نشي ۾ چُور - مخمور. گهٽو مشغول - بي حال. ناس - تباهه - چٽ - برباد.

▬ غَرْقاب: ذ. صفت. اونهو (ٻاڻي) - ٻوڙيندڙ (ٻاڻي) - تار. ٻُڏل - غرق.

▬ غَرْقابِي (ت): ث. ٻاڻيءَ هيٺ اچي وڃڻ جي حالت - ٻوڙ ٻوڙاڻ. ٻوڏ - سيلاب.

▬ غَرْقُ ٽِيڻُ: ٻڏڻ. گم ٽيڻ - غائب ٽيڻ. مري وڃڻ - تباهه ٽيڻ - برباد ٽيڻ.

▬ غَرْقِيجَنُ: مصدر. ٻاڻيءَ ۾ الدر گهڙي وڃڻ - ڪنهن خيال ۾ غلطان هجڻ - ٽٻيءَ ۾ هجڻ. آلائڻ جي ڪري زخمجڻ.

ـ قَدُ بَتَنُ: هوڏ بڏڻ. بحث ڪرڻ. سينو ساهڻ ـ حُجت هلائڻ ـ سرڪشي ڪرڻ.

"قَه بَڏي تون ڪين ٻهچندءِ ٻُنهونءِ سين" (شاهه ـ سُر آبري).

Gul Hayat Institute

ـ قدُ وَ قامَتَ: ث. قد ـ ڈيل ـ اوپڙ. جسم جي بيهڪ ـ بدن جي بناوٽ.

ـ قدامُ ≈ قدامَ: ذ. (ع). بادشاهه. سردار. بزرگ. هميشگي. جهولائي (ل ـ ق). قدم ـ پرالڪهون (ل ـ ق).

● قُدامُ: ذ. صفت. (ع). ديريندڙ ـ ڪهنو. (ذ). پيشالي ـ لڙاڙ (سر معذوري ـ گر).

● قدامَتَ ≈ قدامتُونُ: ث. (ع). گذريل وقت ـ اڳوڻو وقت ـ اڳيون زمانو ـ جهونائي ـ ديرينائي ـ پراچينتا. پيدائي ـ ڄڙهائي ـ ڪُراڙائي ـ جهُوراڻي. ٻُراڻائي ـ ڪهنائي ـ پُٽائي.

● قدحُ ≈ قدَحَ: ذ. (ع). وڏو پيالو ـ جام ـ ساغر ـ پيمالو. وڏو وڻو ـ جنگو (ل). ڏاهورو ـ ڏاهر.

● قدُرُ ≈ قدَرَ: ذ. (ع. قدُرَ = هو طاقت ور هو) طاقت ـ توانائي ـ قدرت ـ پجندي. قضا ـ تقدير (ل ـ ق). ڪنهن شيءَ جو وزن ـ انداز ـ مقدار. مُلهه ـ قيمت ـ بها ـ ناڻو ـ پاءُ ـ لياقت ـ ڪل ـ لائق. ڪَل ـ جوهر ـ خوبي. درجو ـ رتبو ـ پدوي. مان ـ عزت ـ آبرو. لحاظ ـ خيال. پاڳو ـ انس ـ ٽُڪر. جزو. پاڄ ـ ڪَنائبُ. حصو ـ ٻُخرو.

ـ قدُرائيتوُ ≈ قدُرائيتا: ذ. صفت. قدر وارو ـ قدر ڪندڙ. ٻئي جو قدر سڃاڻندڙ. ٻئي ڪي عزت ڏيندڙ. لائق ـ جوڳو ـ جوڳائتو ـ جوڳ ـ واجب. وڙائتو ـ لائق پريو ـ ڪٽونت ـ روڙو ـ الائتو ـ شايان. معقول ـ مناسب ـ واجب ـ آڇيت. (ظرف). لائقي سان ـ جوڳي ريت ـ بخوبي. شاڪر. احسانمند ـ شڪر گذار ـ شڪرمند ـ مشڪور ـ ممنون.

ـ قدُرِ دانُ ≈ قدُرِ دانَ: صفت. قدر ڪندڙ ـ قدر وارو. قدرشناس ـ قدر سڃاڻندڙ. قدر جاڻندڙ. مان ڏيڻڙ. قيمت جاڻندڙ. ٻئي جو هنر جاڻندڙ. جوهر شناس.

ـ قدُرِ دانيِ ≈ قدُرِ دانيُونُ: ث. قدر سڃاڻ واري حالت. قدر شناسي. جوهر شناسي.

ـ قدُرِ دانيُ ڪرَنُ: هنر سبب عزت بخشڻ. جوهر سبب رتبو بخشڻ. هنر جو داد ڏيڻ.

ـ قدُرَ سَارُوُ: ظرف. سراسري ـ معتدل ـ پاڳيرو ـ پاڳاڻتو ـ حصي روءِ ـ ٽوري انداز ۾ ـ قدري ـ رواجي.

ـ قدُرَ سَارُوُ: ظرف. سراسري ـ معتدل ـ پاڳيرو ـ پاڳاڻتو ـ ٽوري انداز ۾ ـ قدري ـ رواجي.

ـ قدُرَ ڪرَنُ: عزت ڪرڻ. ڪڍ ڪاڍڻ.

ـ قدُرُ شناسُ: ذ. صفت. قدرسڃاڻندڙ. قدر ڪندڙ.

ـ قدُرِي: ظرف. حصي ۾ ـ پاڳي ۾ ـ پتيءَ ۾ ـ قدر سارو. ٽورو ڪهڙ ـ قليل ـ ڪجهه ڪجهه.

ـ قدُرَت ≈ قدُرتُونُ: ث. (ع. قدرَ = هو طاقت ور هو) الاهي طاقت ـ خدائي قوت ـ طاقت ـ سمرٿي ـ توانائي ـ زور ـ شڪتي ـ قوت ـ سگهه ـ حوصلو ـ بَل ـ وت ـ زور ـ توفيق. وس ـ پهچ ـ پهنچ ـ دسترس ـ وسعت. دڳو ـ اختياري ـ هلندي. شان باري ـ عظمت الاهي ـ شان الاهي. خدا جي ڪاريگري. رچنا ـ اتپتي ـ جوڙ ـ دنيا ـ پيدائش ـ ڪائنات ـ عالم ـ خلقت ـ سارو جهان ـ وِس ـ ترلوڪ ـ سرشٽي ـ جڳت ـ وِشوَ ـ برهمانڊ ـ سرِشٽُ ـ سنسار. فطرت.

ـ قدُرَتِي ≈ قدُرَتِيُ: صفت. قدرت جو ـ الاهي ـ خدائي ـ رحماني ـ ايشوري. لهايت عمدو ـ افضل ـ برتر ـ اعليٰ ـ متاهون. سياويڪ ـ فطرتي ـ طبعي ـ سهج ـ پراڪرت ـ ذاتي ـ خيلقيُ ـ اصلي.

● قدُسُ: صفت. (ع). متبرڪ ـ پاڪ ـ پوتر ـ مقدس ـ اطهر.

ـ قدُسِيُ: صفت. پاڪ ـ پاڪيزوُ ـ متبرڪ ـ پوتر ـ اطهر.

● قدَمُ ≈ قدَمَ: ذ. (ع. قدَمَ = هو اڳيان ويو) پنڌ ۾ پهري پير جي وچ وارو مفاصلو ـ پ ـ وڪوڻ. پرانگهه ـ پرانگ ـ پلانگهه. پير ـ پڳ ـ چرَن. پير جو نشان ـ چالو ـ گام ـ رفتار. پنڌ ـ ٽور ـ روش ـ هلڻي ـ چلڻي. گهوڙي جي پنڌ جو هڪ قسم. چالو منزل جو راهي وارو هنڌ.

ـ قدَمَ اڪڙُنُ: پير اڪڙڻ. شڪست کائڻ. پاڇ کائڻ.

ـ قدَمُ بَرُ قدَمُ هلَنُ: نقش قدم تي هلڻ ـ پيروي ڪرڻ ـ ڪنهن جي اصولن موجب هلڻ ـ تقليد ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

- قَدَمُ هوسِي ۽ قَدَمُ بوسِيُونُ: ث. پيرن چمڻ جي حالت - پيرچُمَ (ڪنهن وڏي ماڻهوءَ جي) - پابوسي. نوڙت. ڏنڊوت - پرنام. ڪُرنشي.
- قَدَمُ بوسِي ڪَرَنُ: پيرين پَوَڻ- پير چمڻ. بندگي ڪرڻ.
- قَدَمَ چُمَنُ: پير چمڻ - پيرين پوڻ.
- قَدَمُ رَكَنُ: پير رکڻ - پير ڏرڻ.
- قَدَمُ رَنجُ فرمائيُ: (ڪنهن جي گهر تائين) وڃڻ جي تڪليف ڪرڻ - تشريف آڻڻ - مهرباني ڪري اچڻ.
- قَدَمُ كَتَنُ: ڪو رستو يا طريقو اختيار ڪرڻ.
- قَدَمُ گَروُ ٿيَنُ: ڪنهن شخص جي لحوست جو ٻئي تي اثر ٿيڻ.
- قَدَمُ هَلَنُ: هلڻ - پنڌ ڪرڻ. گهمڻ - ڦرڻ - قرڻ - جنگهون ساهڻ - گهمڻ گهٽڻ - ٽورو قرڻ - تَهيلَنُ. قدم رنجه فرمائڻ. هلڻ چلڻ - وَرتڻ - رَوَش وڻڻ. وڪون پَري هلڻ. ٻيرانگهن تي هلڻ. ٽور هلڻ (گهوڙي جو).

● قُدوُرِيُ: اسم خاص. شريعت جي احڪامن جو هڪ ڪتاب (هن جو اصلي نالو مختصر قدوري آهي، اختصار سبب قدوري سڏجي ٿو).

● قُدُّوسُ: صفت. (ع). تمام پاڪ. (اسم خاص). خدا جي صفاتي نالن مان هڪ نالو.

● قَدِيرُ ۽ قَدِيرَ: ذ. صفت. (ع. قدر) قدرت وارو - صاحب قدرت - قادر - طاقت وارو - سگهارو - سگهائتو - سٽاڻو - زوردار - زور پريو - قرارو - زبردست - پلوان - پراڪرمي - جبرو - پُڄتياتُ - پهچ وارو - شهه زور - پٽي - پلياڙو - دلير - پهلوان. (اسم خاص). اللّٰه تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو - قادر مطلق - سَرَوَشڪتيوان.

● قَدِيمُ: صفت. (ع. قدم = هوا ڳچي ٿيو) اڳين زمالي جو - آڳاٽو - اڳيون - اڳوڻو - ديرينو - پُراڻو - پراچين. جهولو - پُٽو - ڪهنو. ازلي. آباڻي - موروثي - جدي - ابوءُ ڏاڏي جو. (اسم خاص). اللّٰه تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.
- قَدِيمي: صفت. همیشه جو. پراڻو - مدامي.

● قَرابَتَ ۽ قَرابَتُونُ: ث. (ع. قَرَبَ = هو ويجهو ٿيو) ويجهي ٿيڻ جي حالت - ويجهڙائي - ويجهائي - لزديڪي - قربت. رشتيداري - مائٽي - عزازت. لاڳاپو - ناتو.

● قَرابَتِيُ: ذ. صفت. ويجهو - لزديڪ. رشتي جو - ناتي جو. عزيز - مٽ مائٽ - رشتيدار.

● قَرابُ ۽ قَرابَا: ذ. شراب لاءِ وڏي شيشي جي بوتل (ارمانند).

● قَرابِينُ ۽ قَرابِينَ: ذ. بندوق جو هڪ قسم - ننڍي بندوق.

● قِرأت ۽ قِرائتُونُ: ث. (ع). پڙهڻ جو ڪم - پڙهٽي - پڙهائي. پڙهڻ ۾ اکرن جا آچار صحيح لهولي سان پڙهڻ جي حالت.

● قرارُ: ذ. (ع. قرّ = فرحت ڪرڻ) ٻيهڪ - ٺهر - سُڪون - قيام. ڪانهر - ڪاپرج - صبر - تحمل. آرام - فرحت - وسرام - چَينُ - آسائش. ساهي - فرصت. ڏاپو - ليڪاڏو. سُک - آسودگي. آسودائي. انجام - ٻول - قول - وعدو - اقرار - وچن - شرط - پرتگيا - ٻَڌن - سخن. ناهه - ميل. ڇيهه - دنگ - آخر - التها - پڇاڙي. (ذ. صفت). زور وارو - ڪَراڙو - زبردست - غالب (ل - ق).
- قَرارُ اچَنُ: آرام اچڻ - ماڻ اچڻ - صبر اچڻ - تحمل اچڻ - اطمينان اچڻ.
- قَرارجَنُ: مصدر. آرام ڪرڻ - قرار ڪرڻ.
- قَرارُدادُ ۽ قَرارُدادُونُ: ث. عهد پڄمان - وعدو - قول - قرار - اقرار - انجام - وچن. سُنهن - ساک. شرط - هوڏ. فيصلو - نبيرو. تجويز. ناهه - پرچاءُ - ارچاڻي - صلح - صلحنامو - معاهدو.
- قَرارُ ڏِيَنُ: انجام ڏيڻ - اقرار ڪرڻ - وعدو ڪرڻ - عهد ڪرڻ.
- قَرارُ كَرَنُ: آرام ڪرڻ - فرحت وٺڻ - راحت ڪرڻ - درد نارڻ. ويهڻ - وهڻ - ساهي کڻڻ. اقرار ڪرڻ - انجام ڪرڻ - عهد ڪرڻ. جاءِ ضرور وڃڻ - قضا حاجت ڪرڻ - ڪاڪوس جي خيال کان وڃڻ.

Gul Hayat Institute

ـ قَرارو ۽ قَرارا: ذ. صفت. ظرف. سُک سان ـ سهولت سان ـ فرحت ۾ ـ آرامي ـ قراري. مضبوط ـ جاڏو ـ جبرو ـ هلياروـ هلَيُ ـ هَرُ هَلُ ـ ڪَراڙو ـ ڪڙاڪڙي ـ سگهارو ـ سگهو ـ سَٽُرو ـ سگهائتو ـ سَهَرُ ـ زورائتو ـ سڳتو ـ زور پريو ـ ڏوتي ـ سڳتي ـ متائيو ـ توانو ـ متاڻو ـ زبردست ـ پراکرمي ـ ڇٽيات ـ ڇڄ وارو ـ ڇڄ وار ـ شهہ زور. ٻڪو ـ ٻڌتو ـ ڏاڍو ـ قابو ـ سو گهو ـ اچَلُ ـ برقرار ـ ڪُپ ڪوڙ. اسٽَرُ ـ ثابت قدم.

ـ قَرارو ٽيهَنُ: آرامي ٽيڻ ـ قرار ونڻ. رهڻ. مهمان ٽيڻ. آسائش ونڻ.

ـ قَرارُ وَنَنُ: حمل جو قائم ٽيڻ ـ حمل بيهڻ.

ـ قَرارِيُ ۽ قَرارِيُ: صفت. آرامي ـ آسائشي ـ وسرامي ـ سُکي ـ فرحتي ـ آسائشو ـ ويسانهونُ ـ و هڙو ـ جاهائتو ـ ٽاليڪو. ثابت قدمي ـ ٻڪائي ـ اچلتا ـ ٻختائي ـ ڏيرج. قرارو. (ث). سهولت ـ سهنجائي. فرحت ـ آرام ـ قرار ـ سُک. سانت ـ سان ـ آرام ـ سانتيڪائي ـ چُپ ـ خاموشي ـ ٺانهر ـ فرحت ـ چپ چپات.

● قَرارَنُ: مصدر. (ع. قَرار < قَرَّ) آرامي ٽيڻ "مون کي ڏَنءِ ڏيئي وڃي ڊولو ڊَتَ قَرارئو" (سر مومل راڻو ـ گر ـ شاهہ)

● قُرآنُ: اسم خاص. (ع). مسلمانن جو پاڪ مذهبي ڪتاب ـ حضرت محمد رسول الله صلعم جن تي الله تعالي طرفان نازل ٿيل ڪتاب ـ ڪلام الله ـ فرقان مجيد. (هن ۾ ۱۱۴ سورتون، ٦٦٦٦ آيتون، ۵۴۰ رکوع آهن ۽ هڪ هزار مثال، هڪ هزار وعدا، هڪ هزار سزائون، هڪ هزار حڪم ۽ هڪ هزار منع ڪيا آهن. باقي پنج سؤ آيتون حلال ۽ حرام بابت، هڪ سؤ دعائون آهن).

ـ قُرآن بخشائڻ: قرآن پڙهڻ جي عيوض ڪجهہ مُلي ڪي ڏيڻ. قرآن شريف پڙهي ان جو فوتيءَ کي بخشڻ.

ـ قُرآن تي هَٿُ رَکَنُ: قرآن شريف هٿ ۾ ڪٽي يا جهلي قسم کڻڻ.

ـ قُرآن پَڙهَنُ: ڪلام الله جي تلاوت ڪرڻ. قرآن مجيد پڙهي ڪنهن مُئل جي روح کي ثواب بخشڻ.

ـ قُرآن جو سُنُهَنُ: قرآن شريف جو قسم.

ـ قُرآن شَريفُ شَرُطُ ڪَرَنُ (ت): قرآن بخشائڻ.

ـ قُرآنُ ڪَٽائِنُ: قرآن مجيد کڻائڻ ـ قسم کڻائڻ.

ـ قُرآن ڪَٽَنُ: قسم کڻڻ ـ قرآن مجيد هٿ ۾ جهلي قسم کڻڻ.

ـ قرآن مجيد: اسم خاص. قرآن شريف.

ـ قُرآنيُ ۽ قرآنِيُ: ذ. صفت. قرآن وارو ـ قرآن جو. قرآن جا ڪوڙا قسم ڪٽندڙ ـ ڪوڙو.

● قُرُبَ ۽ قُرُبَ: ذ. (ع. قَرَبَ = هو ويجهو هو). ويجهڙائي ـ نزديڪي ـ ويجهي ٽيڻ جي حالت.

"ڪسرت آهي قرب ۾ إدغام ۾ اعراب"
(سر سهڻي ـ شاهہ).

پيار ـ پريت ـ لينهن ـ موه ـ محبت. عزت جو برتاءُ ـ تعظيم ـ مانُ ـ مَهت. منهن لڳڻي ـ اچ وچ ـ سُٻَنڊُ ـ ناتو ـ رشتو. پسندي جهڙو ڪم (ل ـ ق). عادت (ل ـ ق).

ـ قُرُبا: ظرف. قرب ۾ ـ محبت ۾ (ل ـ ق). قربدار.

ـ قُرُبائتوُ ۽ قُرُبائيتا: ذ. صفت. ظرف. قرب وارو. قرب ڏيندڙ ـ قرب ڪندڙ ـ پيار ڪندڙ ـ محبتي. پيار وارو ـ محب.

ـ قُرُبَتَ ۽ قُرُبَتُونُ: ث. ويجهڙائي ـ نزديڪي. رشتو ـ قرابت. قرب ـ پيار ـ محبت.

"ڪٽي قربت ڪمال جي ڪٽي لال لبيس"
(راڄن شاهہ).

ـ قُرُبُدارُ ۽ قُرُبُدارَ: ذ. صفت. قرب يا محبت سان پريل. پيار ڪندڙ ـ محبتي ـ پريمي ـ قربائتو ـ قرب وارو. پياروـ

ـ قُرب كاريُ ۽ قُرب كارِيُونُ (ل): ث. قرباري ـ اثرائتي محبت ـ پوري پوري محبت.

"امين سند و عشق سالم صحيح،
ڪيئن ڪرڻ قرب ڪاري غلط"
(فاضل شاهہ).

Gul Hayat Institute

ـ قُرْب کَهَنْ: لاتو ٹوڑڻ. پياري ڇڏڻ ـ دوستيءَ کان باز اچڻ.
ـ قُرْبَ کَرَنْ: پيار ڪرڻ. دوستي رکڻ. احسان ڪرڻ ـ مهرباني ڪرڻ ـ ٿورو ڪرڻ.
ـ قُرْبَنْ پِتَرِيو ۽ قُرْبَنْ پِتَرِيَا: ذ. صفت. قربائتو ـ قرب والد.
ـ قُرْبُ وَنَڊْ: محبت وندڻ.
ـ قُرْبِ وَنَڊَ ۽ قُرْبِ وَنَڊَ: ذ. صفت. قرب وارو ـ قربائتو. معشوق ـ پريتم ـ محبوب ـ دلدار ـ پيارو.
ـ قُرْبِيَتَ: ث. قرب ـ پيار ـ پريت ـ موه ـ چاهت ـ محبت.
● قُرْبَانَ ۽ قُرْبَانَ: ذ: خدا کي نزديڪ ٿيڻ لاءِ خدا جي راهه ۾ صدقي ٿيڻ واري حالت ـ گهور ـ بلهار ـ فدا ـ نثار. قرباني ـ بلدان ـ صدقو ـ ميڙ ـ پَل ـ پَلي ـ خيرات ـ بَڪ. نذرانو ـ پيتا ـ دان ـ ڏڻ. هرج ـ نقصان (پرمانند).
ـ قُرْبَانَ ٿِيَنْ: صدقي وڃڻ ـ نثار ٿيڻ ـ گهوري وڃڻ ـ بلهار ٿيڻ.
ـ قُرْبَان گاهَ ۽ قُرْبَان گاهُونْ / قُرْبَان گاهَ: ث. ذ. قرباليءَ جي جاءِ ـ صدقي جي جاءِ ـ پل چاڑهڻ واري جڳهه ـ اڈي ـ مذبح ـ مقتل.
ـ قُرْبَانْ وَڃَنْ: ڪنهن جي لاءِ پنهنجي حياتي ڏيڻ لاءِ تيار رهڻ. صدقو ٿيڻ ـ بلدان ٿيڻ ـ فدا ٿيڻ ـ جان نثار ڪرڻ ـ نثار وڃڻ ـ قربان وڃڻ ـ بلهار ٿيڻ ـ پل چاڑهڻ.
ـ قُرْبَانِي ۽ قُرْبَانِيُونْ: ث. صدقو ـ بلدان ـ ميڙ ـ پَل ـ بَڪ ـ گهور ـ بلهار. قتل ـ ذبح ـ حلال. عيدالضحيٰ تي جانورن جي قرباني ۽ ڪوس. نذرانو ـ پيتا. خيرات ـ دان.
ـ قُرْبَالِي کَرَنْ: خدا جي راهه ۾ حلال شيءِ کي ڪهڻ ـ ذبح ڪرڻ ـ حلال ڪرڻ ـ شرع موجب چيري وهائڻ.
● قُرْبَنْ: مصدر. (ع. قرب) قرب ڪرڻ ـ قرب ڏيڻ ـ قرب ۾ قابو رکڻ.

"قريبس تو نہ قريب ٿو ڈئين ڈوراپا ڈک جا" (راڄن شاهه).

احسان ڪرڻ ـ نوازڻ.
● قُرْص ۽ قُرْصَ: ذ. (ع). گرد و ـ گهيرو ـ منڊل ـ گول. گول ڇڪيي يا ٽڪي (دوا يا مٺائي وغيره جي). سج يا چنڊ جي ٽڪي (ل ـ ق).
● قُرْضْ ۽ قَرْضَ: (ع. قرض = ڪترڻ) اوڏر ـ ڏڻڻو ـ آڌار ـ لهڻو ـ ڪٽ. گهريل رقم ـ پيٽ (گاڄرا).
ـ قَرْضْ هِکو ۽ قَرْضَ هِکَا: ذ. پيسن جو لهڻو ـ ڏيڻي ليڻي ـ آڌارسڌار.
ـ قَرْضْ خَواهَ ۽ قَرْضْ خَواهَ: ذ. صفت. قرض ونڊڻ ـ قرض گهرندڙ ـ لهڻيات ـ لهڻيدار ـ لهڻدڙ ـ قرضي.
ـ قَرْضْدَارْ ۽ قَرْضْدَارَ: ذ. قرض ڪندڙ ـ تليدو ـ ڪٽي ـ آڌارو ونڊڻ ـ مقروض ـ قرضي.
ـ قَرْضْدَارِيْ ۽ قَرْضْدَارِيُونْ: ث. اوڏر ـ آڌار ـ لهڻو ـ ڪٽ. احسالمندي ـ شڪر گذاري ـ احساني ـ ممنوني.
ـ قَرْضْ ڈِيَنْ: آڌار ڏيڻ ـ ڪنڊ و ڪٽائڻ.
ـ قَرْضْ کَٹَنْ: آڌار ونڻ.
ـ قَرْضْ کَٹِيْ کَنَڪَنْ هَٹِيَنْ: وِتَ ڪان ٻاهر هلڻ.
ـ قَرْضْ لاهِيَنْ: آڌار ڪنهل رقم واپس ڪرڻ.
ـ قَرْضَ ۾ ڀِڏَنْ: تمام گهڻو قرض ڪٽڻ.
ـ قَرْضَ ۾ وَهَنْ: بنا ڪنهن آجوري جي ڪم ڪرڻ ـ بيگر وهڻ ـ چيڙ وهڻ ـ ونگار وهڻ ـ بنا معاوضي جي ڪم ڪرڻ. مشاڇرو ڪم ڪرڻ.
ـ قَرْضْ وَڏُو مَرْضْ هُئَنْ: قرض جهڙي ٻي ڪابه ڇڙي شيءِ نه هجڻ ـ قرض ڪٽ سان تمام گهڻو نقصان هجڻ. قرض جي ڪٽي جهڙي ٻي ڪابه ڪٽي نه هجڻ.
ـ قَرْضِي ۽ قَرْضِيْ: ذ. صفت. قرضدار ـ ڏڻڌات ـ ڏيبو ـ تليدو ـ ڪٽي. ڪاٽيارو ـ ڪاڙل ـ رٽي. احسالمند ـ ممنون ـ شڪر گذار.

Gul Hayat Institute

● قِرْطاسُ ۽ قِرْطاسَ: ذ. (ع). ڪاغذ- پنو.
- قِرْطاسُ ابْيَضُ: ذ. اڇو ڪاغذ. ڪنهن خاص بيان جي پڌرائيءَ لاءِ جاري ڪيل ڪاغذ- اڊ رلامو.

● قَرْعُو ۽ قُرْعَا: ذ. (ع). ڏارو - داڻو - چڪو - گردي - داءُ - گهوڙي. ڏاري جي آچل - ڏاري جي ڪيڊ - چتڪي جي راند. صورتي - لاڙي (ورمانند). فال.

● قَرِقَلُ: (ع). قرنفل. (هي اصلي يوناني لفظ آهي "قرن فول" جو عربيءَ ۾ "قرنفل" ٿيو آهي (ل - ق).

● قِرْمِچِي ۽ قِرْمِجِي: ذ. (ع. قِرْمِز= ڳاڙهي شيءِ) رنگ جو هڪ قسم. واڳڻائي مائل ڳاڙهو رنگ - گلابي - قرمو. ذ. صفت. ڳاڙهو- رلڪدار - رتول. (ذ). جيت جو هڪ قسم (جنهن مان ڳاڙهو رنگ لڪري).

● قِرْمِزُ ۽ قِرْمِزَ: ذ. (ع). رنگ جو هڪ قسم - قرمزي - قرمچي. جيت جو هڪ قسم (جنهن مان ڳاڙهو رنگ ڪري).
- قِرْمِزِي ۽ قِرْمِزِيُ: ذ. ڪوڙهو ڳاڙهو- رتول - گل انار - لال - قرمچي.

● قُرْمُسْتاقُ ۽ قُرْمُسْتاقَ: ذ. صفت. بدمعاش- شاهي - لچو - چرٽو - لچ - اڏوڙي - چٽيهو. پڙوو - دَلو.

● قَرَنُ ۽ قَرَنَ: ذ. (ع) ستارن جو ميلاپ - سيارن جو سنجوڳ. پارهن، ٽيهن، اسي يا ۱۲۰ ورهين جو زمانو. ڏکيو وقت - مدت مديد - عرصو دراز. زمانو - وقت - عرصو. جنگ - پنگ - سنگ.

● قِرْناءُ ۽ قَرْناءُ: ث. وڇائڻ جو سنگ - سڱوڙي - قرنائي. لرسنگهو - رڻ سنگهو. ڪُري - شرنائي - شرناءُ - توتاري.

● قرنا، قرنو: گل جو قسم.
- قَرْنائي ۽ قَرْناءِيُونُ: ث. وڇائڻ جو سنگ - قرناءُ.
- قَرْنايو ۽ قَرْنايَا: ذ. صفت. قرنائي و جائيندڙ- ڪُري و جائيندڙ - شرنائي و جائيندڙ - شرنايو.

● قَرْنُفَلُ ۽ قرنفل: ذ. (ع). مصالح طور يا دوا طور ڪم اينڊ ۾ سارڪي وڪر جو هڪ قسم- لونگ. ۾ سار جي سامان مان عرق ڪيڻ لاءِ هڪ ڪاٺ - قرنفل.

● قَرْنُفُلُ ۽ قَرْنُفَلَ: ذ. قرنفل.

● قَرْنُلو ۽ قَرْنُلَا: ذ. گل جو هڪ قسم (ورمانند).

● قَرِيْبُ ۽ قَرِيْبَ: ظرف. (ع. قَرُبَ= ويجهو ٿيو). ويجهو - نزديڪ - اوري - اوڏو. اورالهون. ويجهڙو - پرسان - پير. (ذ - صفت). ويجهو مائٽ - عزيز - رشتيدار - ميٽ - خويش - سڱو - سڱيو - شريڪ - سيڀال. گهاڻو دوست - سنگتي - يار - ساٿي. ورين - سجڻ - محبوب.
"قريبس تو نه قريب، وريو ڏئين ڏوراها ڏڪ جا"
(راجن شاهه).
(ظرف). ڪنن - تخمينًا - انڪل - تقريباً - لڳ پڳ- ڏري گهٽ - ڏري ڏڪ.
- قَرِيْبُ الْمَرَگْ: صفت. مرڻ ڪي ويجهو- سڪرات ۾.
- قَرِيْبُ الْمَوْتْ: صفت. مرڻ ڪي ويجهو- قريب المرگ - مرٽينگ - مرڻ ڪليءَ - آخرين گهڙي.
- قَرِيْبَاتُو ۽ قَرِيْبَاتَا: ذ. صفت. عزيز جو- رشتيدار جو - مائٽ جو - سڱو - سڱو.
- قَرِيْبِيُ: صفت. ويجهائي - نزديڪي - نزديڪائي - متاچاري - سڱائي - مائٽي - عزيزي - رشتيداري - سڱائي - عزازت - شريڪت- شراڪت. لاڳاپو - ناتو - ڳانڍاپو - سنهڙ تعلق - نسبت.

● قَرِيْنُو ۽ قَرِيْنَا: ذ. (ع. قَرِيْنَهُ) هڪ شيءِ جي بيءِ شي سان ايوستگي - الحاق. ان شين جي وچ ۾ ظاهري مناسبت مشابهت - سمستا- هڪ جهڙائي - نسبت. ڪن به شين جي رکڻ جي ٺاپ - طرز - انداز - روش - طور - طريقو. رهت - دستور - طرح - وضع. انتظام - قواعد - ضابطو. قاعدو- سرشتو - قانون - نيم. ويجهائي - نزديڪي (ل - ق). هيار - پريت - محبت (ل - ق). عزازت - قرابت (ل - ورمانند). وڙ - احسان - پلائي - ٽورو (ل - ق).

Gulshan Hayat Institute

ـ قَرِيٰنِي بَڌو ۽ ذ. صفت. ضابطي ۾ رکيل ـ قواعد ۾ ـ التظامي ـ پورو ـ سنئون ـ سڌو ـ قاعدي بڌو ـ ٺهرايل ـ ڪٽاتو ـ نيمائتو ـ باقاعدي.

● قُرَيشُ ۽ اسم خاص. (ع). عربستان جي هڪ مشهور ۽ عزت واري قبيلي جو نالو ـ هڪ ذات جو نالو.

ـ قُرَيشِي ۽ صفت. قريش قبيلي جو. (اسم خاص). هڪ ذات جو نالو. تعلقي ڪنڊ ڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

ـ قُرَيشِيُ هاشِمِي ۽ اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. جنهن ۾ پيغمبر عليه السلام پيدا ٿيو.

● قريه ۽ ذ. (ع). ڳوٺ ـ شهر ـ بستي.

ـ قريي ۽ ظرف. قريي ۾ ـ ڳوٺ ۾ ـ شهر ۾.

● قَزَاقَ ۽ اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. (اڪثر نواب شاهه ۽ حيدرآباد سنڌ ۾).

● قَزَاقُ ۽ قَزَاقَ ۽ ذ. (ع. ترڪي). ڏاڙيل ـ رهزن ـ ڊاڪو ـ لٽيرو ـ ڦورو. دربا هي ڏاڙيل.

ـ قَزَاقِيُ ۽ قَزَاقِيُونُ ۽ ث. غارتگري ـ ڦرلٽ ـ رهزني.

ـ قَزَاقِيُ بَوَنُ (ت) ۽ مجرم ٿيڻ ـ ڏوهه ڪرڻ ـ الزام اچڻ.

● قزاکَ ۽ قَزَاکُونُ (لس) ۽ ث. (ع. قز = ڪچي سلڪ، بَتُ). پٽ جي چادر ـ پٽ جي جهل (آٽ) ڪهوڙي واسطي).

"هيٺ قزاکون، متن پاڻون، رخ رکيائون راه".
(گل محمد ڪاچيلو).

"آن (آٽ) تي قزاکون ڪارو چٽي،
سونهن هيءَ ڏاڳهن ڏول".
(ڪارو ڪاچيلو).

● قَزِلْبَاشُ ۽ قَزِلْبَاشَ ۽ ذ. (قَزِل = ڳاڙهو + باش = متو). ڳاڙهي ٽوپي وارو مغل سپاهي (شاهه اسماعيل رضوي جنهنجي فوج جي سپاهين کي ڳاڙهي ٽوپي ڏاريل هئي). سپاهي لشڪري. (اسم خاص). هڪ ذات جو نالو.

● قَسْطُ ۽ قَسْطَ ۽ ذ. (ع). بيداد ـ ظلم ـ الڌار. ڪاوڙ ـ جوش. جلهه ـ حملو. زور. (ع. قَحْطُ جو بگڙيل). مهالڪائيءَ جو زمانو ـ قحط ـ ڏڪار ـ ڪال (ت). آولو وقت (ت).

ـ قَسْطُ ڪالَنُ (ت) ۽ قحط ڪالڻ ـ تڪليفون ڏسڻ ـ قحط ۾ گذارڻ.

● قِسْطَ ۽ قِسْطُونُ ۽ ث. (ع). پاڻو ـ حصو ـ ٽڪرو ـ جزو ـ بخرو. حصن رستي ڏنل پيسا ـ حصن ۾ ڏنل رقم. محصول زمين ـ مال گذاري.

ـ قِسْطَ بَنْدِيُ ۽ قِسْطَ بَنْدِيُونُ ۽ ث. قسطن پيارڻ جي مقرر ڪيل تاريخ (پرمانند).

ـ قِسْطُوَارَ ۽ قِسْطُوَارَ: ذ. صفت. مقرر ڪيل قسط ـ قسطن ۾ ـ آهستي آهستي.

ـ قِسْطُونُ ڪَرِي آچَنُ ۽ ساهيون ڪري اچڻ.

● قَسَمُ ۽ قَسَمَ: ذ. (ع). سُنهُنُ ـ ڏوهي ـ سوگنڌ ـ سوڳنڌ ـ سوڪن ـ ويساهه ـ خدا کي وچ ۾ ڏيئي ڪيل عهد ۽ ايمان ـ حلف ـ ساک ـ پت ـ اعتبار.

ـ قَسَمُ ٽُوڙَنُ ۽ عهد جي خلاف ڪم ڪرڻ ـ انجام پچڻ ـ عهد شڪني ڪرڻ.

ـ قَسَمُ ڪَامُو ۽ قَسَمِ ڪَامَا ۽ ذ. لکيل قسم ـ لکيل ساک. قسم تي ڏنل يا لکيل بيان.

● قِسْمُ ۽ قِسْمَ ۽ ذ. (ع. قَسَمَ = هن ورهايو). ورهايل حصو ـ پاڳو. جنس ـ پائت ـ ذات ـ وه ـ وڙ. نمونو ـ ڍنگ ـ طرز.

ـ قِسْمِيهِنُ قِسْمِيهِنُ: ظرف. نموني نموني ـ طرحين طرحين ـ پائت پائت ـ جنس جنس.

● قِسْمَتَ ۽ قِسْمَتُونُ ۽ ث. (ع). ورهاست ـ ورهاگو ـ تقسيم ـ ونڊ ـ ورچ. ورهاست جو حصو. حصو ـ بخرو ـ پاگو ـ پاڳ. تقدير ـ نصيب ـ لکيو ـ پاوي ـ مقدر ـ طالع ـ بخت. لراڙ ـ لوح قلم. خدا جي گهر ـ خدا جي مرضي.

= قِسْمَتُ جُونَ مُهَارُونُ چِيڪَجَنُ: ڪنهن ماسي وڃڻ لاءِ چڪ ٿيڻ ـ دائي ماڻي جي ڪشش ٿيڻ ـ مسافريءَ لاءِ تيار ٿيڻ.

= قِسْمَتَ سَانگي آچَنُ ۽ اتفاق سان اچڻ.

ـ قِسْمَتَ ڪَلَنُ ۽ پاڻ جاڳڻ ـ نصيبدار ٿيڻ.

ـ قِسْمَتَ ڪي خِيزَانُ وَڻَنُ ۽ نصيب ٻگڙڻ ـ ليڀ وڻڻ.

Gul Hayat Institute

"آهي اهڙو اچي آخر ۾ قسمت کي خوان ورتو،
چمن جو سير ڪيو مون ٿي ته مرغانِ چمن بگڙيا"
(سانگي).

= قِسمَتَ وَارو = قِسمَتَ وارا: صفت. خوش نصيب - اقبال وارو - نصيبدار - نيڪ طالع.

● قِسڪُو = قِسڪَا: ذ. (ف). نراڙ تي نڪتل لٽان - ٻندي - ٽڪو - تلڪ - سندر جو نڪتل ليکو.

● قَصّابَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● قَصّاب = قَصّابَ ذ. صفت. (ع. قَصَبَ = ٽڪرن کي ڪپندڙ) گوشت ڪپندڙ. گوشت جو ڪم ڪندڙ - ڪوس ڪندڙ - ڪاساڻي.

● قِصاصَ = قِصاصَ: ذ. (ع). جان جي عيوض جان ۽ خون جي عيوض خون - مقتول جي عيوض قاتل جو خون. سزا جو هڪ لموٽو (جنهن ۾ قتل ڪندڙ مقتول جي عيوض خون ڪيو وڃي يا ماريو وڃي). عيوض - بدلو - سزا - انتقام - جزا - مڪافات. چٽي - ڏنڊ (ل - ق).

= قِصَصُ وَٽَنُ: خون جو عيوضو وٺڻ - بدلو وٺڻ - انتقام وٺڻ.

● قَصّائِي: اسم خاص. ڪاساڻي، هڪ ذات جو نالو.

● قَصْبُو = قَصْبَا: ذ. (ع. قَصْبَه) وڏو ڳوٺ - لنڊو شهر. گام - ڳوٺ - ننڍري - واهڻ. (اسم خاص). تعلقي جو هڪ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● قَصَدَ = قَصَدَ: ذ. (ع. قَصَدَ = ارادو ڪرڻ) هڪ ارادو - عزم بالجزم - اٽل ارادو - هڪي منشا - مستقل ارادو. آهنگ - نيت - مراد - منسورتُ - مطلب - عزم - منشا - مقصد. خواهش - اڇا - آرزو - چاه - سَنڪَلپُ - واسنا. منصوبو. سعي - ڪوشش. جُهَدُ. اقدام - پيش قدمي. لياقو - سنيهو - پيغام (ت).

= قَصْدُ ڪَرَنُ: ارادو ڪرڻ. منصوبو رچڻ.

● قَصْرَ = قَصْرُون: ث. (ع. قَصَرَ = هو گهٽ ٿيو). ڪمي - ڪوتاهي - گهٽتائي - اختصار. عاليشان عمارت - محل - ڪرشڪ. محلسراء - دولت خانو - مڪان - حويلي. راج پون - بارگاه. "ايڪ قصر" در لنڪُ ڪوڙين ڪٽس ڳڙ ڪيُون" (شاهه، سر ڪليان)

● قِصو = قِصا: ذ. (ع. قِصَّهَ > قصّ = هن بيان ڪيو). ڪهاڻي - ڳالهه - آکاڻي - ڪَهَتَ - ڪهاڻ - ڪٿا - ڪَوَتَ. لقمل - فسالو - افسانو - حڪايت - ساکي - داستان - افسانو - بيان - وَرُتانت - ذڪر - تذڪرو. ابو بحر - ڪوڙ - زٽ - لڙائي - جهڳڙو - ٽنٽو - بکيڙو.

= قِصا ڪَٽَنُ: ڳالهيون ڪرڻ - ڪهاڻيون ڪرڻ - گپ شپ هڻڻ. پٽ شٽ هڻڻ. يڪي هڻڻ - اجائي بڪ بڪ ڪرڻ. بي مطلب دگهيون ڳالهيون ڪرڻ - سَوَر بکڻ.

= قِصّائِي = قِصّائِيُ: ذ. صفت. گهڻيون ۽ دگهيون ڳالهيون ڪندڙ - حڪايتي - ڳالهير - ناقل - ڪٽڪ - قصيرُ - زٽلي - ڪوڙو - نقلي - ابوبحري.

= قِصيرُ = قِصيرَ: ذ. قصا ڪندڙ - قصائي.

= قِصو ڪَرَنُ: بيان ڪرڻ - آکاڻي ڪرڻ. جهڳڙو ڪرڻ - جهيڙو ڪرڻ - بکيڙو ڪرڻ.

= قِصو ڪوتاه: ظرف مطلب ته - الغرض - الحاصل - حاصل ڪلام - ٽونڪي ۾ - مختصر - ٽوري ۾ - آخرڪار - ٽوري ڳالهه - في الجمله. پوء - فقط. بس.

= قِصو وَڌائِنُ: ڳالهه کي دگهو ڪرڻ - ڏيگهه ڏيڻ - ڳالهه انگهائڻ.

● قُصُورُ = قُصُورَ: ذ. (ع. قَصَرَ) ڪمي - ڪوتاهي - گهٽتائي - ڪس. نقص - عيب - سقم. پُل - خطا - ڏوه - تقصير - گناه. چوڪ - غلطي - سهوَ. مت - پرُم - پرانت. غفلت. قصورُ جو جمع. گهڻيون ماڙيون محلات.

= قُصُورُ وارُ = قُصُورُ وارَ: ذ. صفت. خطا وار - ڏهاري - ڏوهي - گنهگار - عيبدار.

● قَصُورِي: ذ. راڳ جي هڪ سر جو نالو. (سچل ص ۹۴).

● قَصيدُو = قَصيدا: قَصائد (ع. قَصيدَه) شعر جو هڪ قسم - ڪنهن جي تعريف ۾ چيل هڪ سؤ بيتن کان وڌيڪ بيتن ۾ چيل قصو.

Gul Hayat Institute

● قضا ۽ قضائون: ث. (ع). حڪم ـ فرمان ـ امر. امر الٰهي ـ حڪم الٰهي. مخلوق جي حق ۾ خدا تعالیٰ جو ڪل حڪم. فرض جي پورائي. تڪميل ـ خاتمو ـ انجام ـ بجا آوري. پيدائش ـ خلقت. بخت ـ پاڻ ـ قسمت ـ لکيو. ذڪر ـ بيان ـ عبادت جو ڇڏيل وقت. ڪو ڇڏيل روزو. فتويٰ ـ فيصلو ـ لياءُ.

"سين آهين تون، قضا ڪندين ڪن سين"
(شاهه سر آبري).

موت ـ ڪال. اوچتو واقعو ـ حادثو ـ اتفاق.

ـ قضا ٿيڻ: فوت ٿيڻ ـ مري وڃڻ ـ گذرڻ. ضايع ٿيڻ. وري نه موٽڻ. روزي يا نماز جو وقت ادا نه ڪرڻ. ڪسڻ. ناغو پوڻ. پڇي پوڻ.

ـ قضا جو فرشتو: ذ. موت جو فرشتو ـ ملڪ الموت ـ عزرائيل.

ـ قضارا: ظرف. اتفاقاً ـ اتفاقيه ـ اتفاق سان ـ اوچتو.

ـ قضا سان: ظرف. قضارا.

ـ قضا قضا نه ٿيڻ: لکيو نه ٿرڻ.

ـ قضا ڪرڻ: شرعي حڪم بجا آڻڻ. نه پڙهيل نماز وري پئي دفعي پڙهڻ. فيصلو ڪرڻ.

ـ قضاڻي: ظرف. قضا سان ـ قسمت سان ـ اتفاق سان ـ اتفاقي ـ اوچتو ـ عارضي ـ اهاڪ. ڪڏهن ڪڏهن.

ـ قضاؤ قدر: ذ. الله تعالیٰ جا ڪل ڪائنات بابت لکايل حڪم احڪام.

ـ قضائي: ظرف. اتفاق سان. ڪڏهن ڪڏهن ـ ڪنهن مهل ـ قضاڻي.

● قضات: ذ. (ع). قاضيءَ جو جمع.

● قضيو ۽ قضيا: ذ. (ع. قضيه) موت ـ مرتيو ـ ڪال ـ اجل ـ مرڻو ـ وفات ـ وفاتي ـ انتقال. واقعو ـ واردات ـ ڇڪي ٿي گذريو (ل ـ ق). جهيڙو ـ ٽنٽو ـ رگڙو ـ ڪاوڙهه ـ ڪرنهن ـ وروڪ ـ معاملو ـ تڪرار ـ جهگڙو.

ـ قضيو ٿيڻ: موت ٿيڻ ـ انتقال ٿيڻ ـ وفات ٿيڻ.

● قط ۽ قطا: ذ. (ع). قلم جي ويڀل ڇهب. قلم جي نوڪ کي وڏل ويڀ.

ـ قطڙن ۽ قطڙنا: ذ. عاج. ڪاٺ يا لوهه جو ٽڪر (جنهن تي قلم رکي قط وڃهجي).

ـ قط و جهن: قلم جي ڇهب ويڀ. قلم جو منهن ڪيڻ. ڪنهن ڳالهه جو خاتمون ڪرڻ. وجهن ـ لڳ ڪرڻ. ڏنب وغيره جو نشان ڪرڻ. جاچي ڇڏڻ. هڏرو ڪرڻ.

● قطار: مصدر. صف ۾ ڪرڻ ـ قطار ۾ ٻيهارڻ ـ لائين ڪرڻ ـ سلسلي ۾ ٻيهارڻ ـ ڪنهن کي گڏي هڏڻ ـ ڪاهي هلڻ.

● قطار ۽ قطارون: ث. (ع). گهٽ ۾ گهٽ ڏهن ڪنهن جو سلسلو. صف ـ لائين ـ لار. سات ـ قافلو. هڪ پٺي ٻئي سلسلي ۾ رکيل شيون. زنجير. سلسلو ـ ترتيب.

ـ قطار هڏڻ: صف هڏڻ ـ لائين ڪرڻ.

ـ قطار ٿهڻ: صف ٿهڻ ـ هڪ پٺي ٻي ڪنهن برابريءَ ۾ بيهڻ.

ـ قطارجڻ: مصدر. صف ٿاهي بيهڻ ـ هڪ پٺي ٻيو ڪنهن بيهڻ.

ـ قطار ۾ هڻڻ: سلسلي ۾ هڻڻ. هڪ جهڙو هڻڻ.

● قطارن: مصدر. صف ۾ ڪرڻ ـ لائين ڪرڻ ـ سلسلي ۾ ٻيهارڻ. ڪنهن کي گڏي هڏڻ ـ قطار هڏڻ.

● قطاع ۽ قطاعا: ذ. صفت. (ع. قطع = ٽڪر ڪرڻ) قطع ڪندڙ ـ ويندڙ ـ اڏواڻ ڪندڙ (هرمانند).

● قطب ۽ قطبا: ذ. (ع). جنڊ جو وچون ڪيلو (جنهن تي جنڊ جو مٿيون پڙ ڦري). علم جغرافيه موجب زمين جو ڪنهن ٻه ڏاڪڻون حصو يا نقطو (جنهن جي وچ مان محور لنگهي ٿو جنهن جي مرڪز تي ڌرتي ڦري). زمين جي محور جي اتر يا ڏکڻ وارو ٻنو (جو محور جي اڌر هيٺ هجي، اهي ٻه ٻنا آهن اتر قطب ۽ ڏکڻ قطب). قوم جو سردار ـ سڀ ساڻ. افضل ماڻهو (جنهن تي ڪنهن جو مدار هجي) ـ بزرگ شخص. ولي. غوث. رهبر ـ هادي ـ سونهون ـ پيشوا.

Gul Hayat Institute

- قُطْبُ تَارو: (اسم خاص). آتر قطب مٿان ٻيئل هڪ تارو - ڏرو تارو.
- قُطْبُ مُنَارُ: اسم خاص. دهليءَ ۾ قطب الدين بادشاهه جو ٺهرايل منارو.
- قُطْبُ نُما ۽ قُطْبَ نُما: ذ. قطب کي سچائڻ جي اوزار جو نالو - قبلہ نما.
- قُطْبِي ۽ قُطْبِيُ: ذ. صفت. قطب جو - قطب وارو. قطب وٽ. مقناطيسي. هڪ ٻئي جي مخالف (ٻرمانند).
- قُطْبُ شاهُ: اسم خاص. تعلقي ميرپورخاص ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- قُطبُ كُنُو: اسم خاص. تعلقي شڪارپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- قُطرُ: ذ. ذرڙا ذرڙا. ٿُهن ڪڍيل داڻا.
"قطر چُٽيو ڪُڙِ پرٽين پول پجهندين هنجهه" (شاهه - كارايل).
- قُطرُ چُٽڻُ: ڪنو ڪاڏو ڪائڻ. بد پيشو اختيار ڪرڻ.
- قُطرُ ۽ قُطرَ: ذ. (ع. قُطر) ڪنارو. ڪول جي هڪ پاسي کان نڪري مرڪز مان لنگهي ٻئي پاسي تائين وڃي ڪول جا ٻوريا ٻ. ڪندڙ ليڪ. (ذ. صفت) چوڻي وِ ڪَ وارو - تيز هلندڙ (لس ٻيلا). وسڪارو.
- قُطرَ لنگڻُ: اليڪ ٽيڙ - ڪهڙو ٽيڙ - بي شمار ٽيڙ - بي الداز ٽيڙ - حد کان باهر لسڪڻ (ٻرمانند).
- قَطرُو ۽ قَطرا: ذ. (ع. قَطر = پاڻيءَ جو ڦڙو) - ڦڙو ڦڙي - بولد - ٽيپو - ڳاڙو - چٻاڪو. ڦنگ. چندو. شراب جو چٽڪو.
- قَطرَ ِيا: اسم خاص. تعلقي شهداد ڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- قَطعَ: ذ. (ع. ان ڪيو) ڪٽ جي حالت - ڪَٽ - ڪات - وَڍَ - ٽڪ - تراش. حصو - ٽڪرو - پاڳو - جزو. طور - طريق - وضع - ڍنگ - طرز - الداز - ڍول - روپ. شعر جو هڪ قسم.
- قَطعاً: ظرف. هرگز - اصل - بلڪل - ماڳهين.
- قَطعَ بُسرِيدَ: ث. وڍ ٽڪ - ڪٽ وڍ ٻُڌَ.
- قَطعُ تَعلُقُ كَرَنُ: تعلقات ڇڏي ڏيڻ - لاتو ٽوڙڻ - وهنوار نہ رکڻ.
- قَطعُ دائِرو ۽ قَطعَ دائِرا: ذ. گولي جو حصو - گول جو پاڳو.
- قَطعُ كَرَنُ: وڍڻ - ڪَپَڻُ - ڪٽرڻ - ڪائڻ - الڳ ڪرڻ - چينڻ - ٽوڙڻ. نيڊو ڪرڻ. پورو ڪرڻ - چيهه ڪرڻ. ختم ڪرڻ - پوري ڪرڻ (ڀالهه). نبيرڻ - فيصلو ڪرڻ.
- قطعِي ۽ قَطعِيُ: ظرف. ضرور - شرطي - يقيني - واقعي. ٻويون - آخرين - ٻچاڙيءَ جو - انٽر. پڪو. ڪامل - پورو ٻورو. حقيقت ۾ - درحقيقت - بيشڪ - سچ.
- قطِيعو ۽ قَطِيعا: ذ. (ع. قطعه) ٽڪرو - حصو - پاڪ - بخرو. ملڪ جو حصو - خيٽو. ديار - ملڪ - ديس. ٽڪرو زمين جو. شعر جو هڪ قسم - ٻن مصرعن وارو شعر.
- قَطِيفُو ۽ قَطِيفا: ذ. (ع. قَطِيفَه) ڪپڙي جو هڪ قسم. ريشمي ڪپڙو. مخمل - بخمل - اطلس - ريشم.
- قَطِيفائِي: صفت. مخملي - اطلسي - ريشمي.
- قَطِيفِي ۽ قَطِيفِيُون: ث. عمدي ڪپڙي جو هڪ قسم - اطلس - بخمل (ل - ق).
- قِطمِيرُ: اسم خاص. (ع). اصحاب ڪهف جي ڪتي جو نالو.
- قَعبُ ۽ قَعبَ: ذ. شش پهلو. ڪعب - ڪهن - ٽين سڪهه. هڪ جهڙي ٻي برابر. ڏيکهه، ويڪر ۽ اوچائي واري ڇهه پاسي شيءِ (ڪاجرا).
- قَعدَهُ: (ع). غار ۾ ويهڻ، غار ۾ ويهڻ واري حالت. قاعدو - قانون (ڪاجرا).
- قَعُودُ: ذ. هيٺ وهڪ - هيٺ وهڻي - ٻهڪ (ٻرمانند).
- قَفَسُ ۽ قَفَسَ: ذ. (ع. ف). پکين جو پنجرو - قيد - بند - بنه ڦ.

Gul Hayat Institute

● قُفْلُ ۽ قُفْلَ ؛ ذ. (ع). ڪرف ـ ڪاف ـ تالو ـ جندڙو ـ تاڙي.
ـ قُفْلُ هَٽَڻُ ؛ قلفڻ ـ قلف هڻڻ ـ تالي ۾ رکڻ. بند ڪرڻ ـ بندي ڇڏڻ ـ پورڻ ـ قابو ڪرڻ. سانڍڻ ـ سانڍي رکڻ.
● قُقْنَسُ ۽ قُقْنَسَ ؛ ذ. (يونانسي. مخفف؛ قُقْنُوسُ). هڪ لهايت سهڻو ۽ راڳيندڙ پکي (هن جي چهپ ۾ ۳۶۰ سوراخ آهن هرهڪ مان جدا جدا راڳ آلاپيندو آهي هزار ورهيه کان پوءِ ديپڪ راڳ گائي جلي خاڪ ٿي ويندو آهي).
"مڃن ٻاڻي ۾ پچي منجهه هوا،
وهتن وڻ مٿا ڪري قُقنس ڪاوڙ ٻاهه".
(گرهوڙي).
● قُلْ ؛ امر. (ع). ڳالهه ڪر ـ چئو ـ ڳالهاءِ. (ذ). قُل هُوَ اللّٰه احد جو مخفف ـ قرآن شريف جي سورة اخلاص جو نالو.
ـ قُلْ پڙهڻُ ؛ قُل هُوَ اللّٰه (قرآن شريف جي سوره) پڙهڻ ـ سورة اخلاص پڙهڻ.
ـ قُلاَبُ : ذ. (ع). زنجير جي ڪڙي ـ ڪُنڊو.
ـ قُلاَبُو ۽ قُلاَبَا ؛ ذ. (ع). قُلاَبُ.
ـ قُلاَبَا ميلاَئيڻُ ؛ بن شين کي ڳنڍڻ ـ آرا ملائڻ. ڳالهه لاهي مبالغو ڪري ٻڌائڻ.
● قَلاَتُ ؛ اسم خاص. بلوچستان علائقي جي هڪ رياست جو نالو (بلوچستان جي سڀ کان وڏي رياست جو مکيه شهر، جنهن ۾ رياست جو والي "خان" رهي ٿو).
● قَلاَشُ ؛ ذ. صفت. (ف). مفلس. لچو ـ بدمعاش.
● قَلْبُ ۽ قَلْبَ ؛ صفت. (ع). اوندو ٿنگيل ـ اولڏو ـ اٻتو ـ (ذ). دل ـ هنيون ـ من ـ هردو. روح. ضمير ـ چيتو ـ چت. الدر. فوج جو وچيون حصو. هرشيءِ جو وچ. ٻيتو ـ مغز ـ ڪب. دماغ ـ عقل. ڪوٽو سڪو ـ مٽو ڏوکڙ.
ـ قَلْبُ تَانُ ڪَنْ لَهڻُ ؛ دل صاف ٿيڻ ـ من جي ميراڻي لهڻ ـ الدر اجرو ٿيڻ ـ حقيقت حاصل ٿيڻ ـ اکيون روشن ٿيڻ ـ ٻيائيءَ جو ٻج پٽجڻ ـ سچو صوفي بنجڻ.
ـ قَلْبَ ۾ ڪَچ ڪَڏَڻُ ؛ ڪوڙ سان دل هڻڻ.
ـ قَلْبِيُ ۽ قَلْبِيَ ؛ ذ. صفت. قلب جو ـ قلب وارو ـ دلي. قرب وارو ـ حب وارو ـ حُبي. جڙتو ـ ڪوڙو ـ ڪوٽو ـ جعلي ـ تقليدي ـ مصنوعي ـ هٿراڏو (پرمانند).
● قَلْبَيَان ؛ ظرف. (ع. قربان جو بگڙيل لفظ). ڏسو قربان.
ـ قَلْبَيَانُ وَڃَڻُ : قربان وڃڻ ـ صدقي وڃڻ ـ کهوري وڃڻ.
● قَلْبَڪُ : ذ. لشڪر جو وچون پاڪو (ڪاجرا).
● قِلَّتَ ۽ قِلَّتُونُ ؛ ث. (ع). گهٽتائي ـ ڪمي ـ ٿوراڻي ـ اڻ لسياڻي ـ ڪوٽ ـ ڪَٺَيائي. دقت ـ مشڪل ـ دشواري.
● قَلْزَمُ ۽ قَلْزَمَ ؛ ذ. (ع). سمنڊ ـ سمولڊ ـ ڪارو. عربستان ۽ مصر جي وچواري سمنڊ. وڏو درياءُ.
● قِلعوُ ۽ قِلعَا ؛ ذ. (ع). ڪوٽ ـ ڪَنڊ ـ ڪوٽ. تمام وڏي ۽ آٽاهين، مضبوط، چوڦير قري ايندڙ ديوار (جنهن ۾ بادشاهه ۽ سندس لشڪر محفوظ رهي) ـ حصار.
ـ قِلعوُ فَتح ڪَرَڻُ ؛ تمام مشڪل ڪم ڪري ڏيکارڻ ـ ڏکن ڏاکڙن مان ٽپي پار ٿيڻ ـ ڪنهن زبردست شيءِ جو مقابلو ڪرڻ ـ ڏاڍي کي هيسائي هيٺ ڪرڻ ـ ڏاڍين تڪليفن کان پوءِ ڪامياب ٿيڻ.
ـ قِلعوُ قَبُولُ ڪَرَڻُ ؛ جنگ قبولڻ ۽ پيش ڪرڻ.
"قلعو قبول نه ڪن، سر نه بامن سهرين".
(راڄن شاهه).
ـ قِلِعِيهِدَارُ ۽ قِلِعِيهِدَارَ ؛ ذ. صفت. قلعو سنياليندڙ. فوجي يا جنگي عملدار.
● قَلَعِيُ ۽ قَلَعِيَ > قَلَعِيُونُ ؛ ث. ڏاتوءِ جو هڪ قسم (جنهن جو استر ٽالون تي چاڙهجي).
ـ قَلَعِيُ ڪَرَڻُ ؛ ٽالون کي قلعي جو پوچو ڏيڻ. ڪَلَهڻ.

Gul Hayat Institute

ـ قَلَمِيءُ كوُلَنُ: ڪنهن جو ڪجهه ظاهر ڪرڻ يا سچي حقيقت بيان ڪرڻ ـ افعال هڏرا ڪرڻ.
ـ قَلَمِيڪرُ ۽ قَلَمِيڪَرَ: ذ. صفت. قلعي جو ڪم ڪندڙ ـ ٽالون ڪي قلعي ڪندڙ.
● قُلُفُ ۽ قُلُفَ: ذ. (ع. قفل) تالو ـ جندرو ـ ڪلف ـ قفل.
● قُلُفِي ۽ قُلُفِيُون: ث. برف ۽ کير وغيره مان ٺهيل ٺڏي مٺائي جو هڪ قسم ـ ڪُلفي.
● قَلَمُ ۽ قَلَمَ: ذ. (ع). لکڻ لاءِ ويڙهيل ڪاٺو
"قلم جني هٿ ۾ جي وَري ٻيو ليکن"
(شاهه، سهڻي).
ڪِلڪَ ـ ليکَڻ ـ لکڻي:
"لکيو جو نيراڙ سو آنگُ ڪياڙي نه ٿئي"
(شاهه، سهڻي).
لوهي ڪاڪ ـ اسٽيل. لولڙين وارا هيڻيان ڪت يا خط. لولڙين وارا وار. هو ڪن لاءِ ويڙهيل ڪاريءَ جو ٽڪر. هڪ جي ٻني ون ۾ لڳايل شاخ (جا ڦٽڻ بعد ٿون وڻ تيار ڪري). حڪيمن جي اصطلاح ۾ ڪنهن جوهر جو ڪيميائي طريقي سان ٽاهيل تيليون. قاعدي جو دفعو ـ قالون جو صيغو. فقرو ـ واڪيہ.
ـ قَلَمُ تَازوُ: ذ. ڪاٻه ڳالهه ٻوري ڪري وري هيڻان لکيل ڳالهه جو ٽڪرو ـ تَتَمّه خطُ.
ـ قَلَمَ تَراشُ ۽ قَلَمَ تَراشَ: ذ. قلم گهڙڻ جو ڪپ ـ چاقو ـ چاقو.
ـ قَلَمَ تَراشَنُ: قَلَمَ گهڙڻ.
ـ قَلَمَجَنُ: مصدر. قلمي ٽيڻ ـ لکجي وڃڻ. قلم قلم ٽيڻ (ڪنهن دوا جو). قلم جو لڳڻ (ڪنهن وڻ جي).
ـ قَلَمَ جوُ وهيُ وَڃَنُ: جو لکڻو هجي سو لکجي وڃڻ. ازل جو انگ لکجي وڃڻ ـ قسمت جو فيصلو ٿي وڃڻ.
ـ قَلَمَ جيِ زُبانَ جَلَنُ: درد پريو داستان لکڻ ـ وڏي مصيبت جو ذڪر لکڻ.
ـ قَلَمَ جيِ ڪانيُ: ذ. قضا جو قلم (سهڻي، گر).
ـ قَلَمُدانُ ۽ قَلَمُدانَ: ذ. صفت. قلم رکڻ جي جاءِ ـ ڪاڪ رکڻي. اسٽيل رکڻ جو خانو. مس قلم رکڻ لاءِ ٺهيل هڪ ننڍي پيتي. آڏاڻي جي هيٺ ڪي بند ڪرڻ ۽ گهٽڪن ڪي قابو جهلڻ لاءِ ڪاٺ جا فوٽ ڪن ڏڪها ڏي الڄ ويڪرا ٽڪرا.
ـ قَلَمَ ڪَيِ چَنَڻُ: لڳ ڪرڻ جو ٺهراءُ ڪرڻ ـ رواج بند ڪرڻ. الجام ڏيڻ.
ـ قَلَمُ ڪَرَنُ: چالڪڻ ـ چالڻ. وڍڻ ـ ڪٽڻ ـ ڪائڻ. قتل ڪرڻ ـ مارڻ ـ گهات ڪرڻ. هورو ڪرڻ.
ـ قَلَمُ لڳَائِنُ: ڪنهن ڏوهه سان قالون جو دفعو يا صيغو لڳائڻ. قلم هڻڻ.
ـ قَلَمَن جي قَدُمن ۾ هَامَسَال ٽيهَنُ: اڪرن ۾ اڙڻ. لڪير جو فقير ٻڌڻ. ڪنهن جي تقليد ڪرڻ. علم جي باريڪين ڪان ٻي خبر رهڻ.
ـ قَلَمَ وَهَنُ: قلم وَهيُ وڃڻ ـ الڳ لکجي وڃڻ. ڪم هورو ٿي وڃڻ.
ـ قَلَمُ وَهيُ وَجَنُ: حڪم ٿي وَجَنُ ـ ٿيڻي ٿي وڃڻ.
ـ قَلَمُ هَنَنُ: هوڻي جي سائي ويڙهيل ڪائي هوڪڻ لاءِ زمين ۾ هڻڻ ـ قلم لڳائڻ.
ـ قَلَمِيُ ۽ قَلَمِيَ: صفت. هٿ جو لکيل ـ تحريري ـ نئو شُڪتہ ـ دستي. قلم ٽيل ـ ويڙهيل.
ـ قَلَمِيُ ٻَاڻِيُ: ذ. ٻاڻيءَ جي هڪ ڪيميائي حالت.
ـ قَلَمِيُ شوُرُ ۽ قَلَمِيُ شوُرا: ذ. صفا ٽيل شورو، جو قلمن جي صورت ۾ هجي.
ـ قَلَمِيُ ڪَرَنُ: وڻ وڍڻ.
ـ قَلَمِيُ ڪَشالوُ: ذ. لکڻ پڙهڻ جي تڪليف.
● قَلَمِيُ ۽ قَلَمِيُون: ث. ٻهڙيءَ جو مڙهه. بيرق.
● قَلَمِيُ شوُرُ: ذ. (ع). ٻسارڪي وکر جو هڪ قسم ـ صفا ٽيل شورو.
● قَلَنُدَرُ ۽ قَلَنُدَرَ: ذ. صفت. (ع). فقير. درويش ـ الهه اوڪ فقير. دنيا کي ترڪ ڏيندڙ. مست.

Gul Hayat Institute

ـ قَلَنَدَرُ شَهَبَازُ: اسم خاص. حضرت عثمان مرندي جو لقب (جنهن جي درگاهه سيوهڻ ۾ آهي).

ـ قَلَنَدَرِي ۽ قَلَنَدَرِيُ: ذ. صفت. قلندر جو ـ قلندر وارو. قلندري اصولن تي هلندڙ. فقيرن جو هڪ قسم.

● قَلَنَدَرَائِي: اسم خاص. بروهي بلوچن جو هڪ قبيلو.

● قَلَنَدَرَپُورُ: اسم خاص. تعلقي ٽل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● قَلُوبُ ۽ قُلُوبَ: ذ. قَلْبَ جو جمع ـ دليون.

● قَلُوتَ (ت): ذ. خبر ـ چوري ٽيل شيء جي خبر ـ پتو ـ جاچ ـ وڪڙ.

● قَلِيَّهْ: ذ. (ع. قَلْيَ = ٽئي ۾ ڪنهن شيء کي پڪڻ) ٻوڙ ـ پڪل ٻوڙ ـ پڪو.

● قَلِيُ ۽ قَلِيُونُ: ث. حقي جو هڪ قسم ـ لنڊو حقو (پرمانند).

● قُلِيُ ۽ قُلِيُ: ذ. صفت. (ع). مزدور ـ مزور ـ حمال ـ غلام.

● قَلِيَانُ ۽ قَلِيَانَ: ذ. (ع). قليان ـ سرڪليان. حقو (آصفيه).

● قَلِيچُ: ث. (ترڪي) تلوار ـ تلوار. (اسم خاص). مرزا قليچ بيگ جو تخلص.

● قَلِيلُ: صفت. (ع). ٿورو ـ گهٽ ـ قدري ـ ذرو. نسبي ـ لاڻو ـ لاڙو ـ چوڻو. اڻ پورو. ڪوڙو. ڪُڇ ـ جزوي ـ چڀو ـ ورلي ـ چٽو ـ ڪي. "وحدت جي وادي ۾ ڪوڙڻين کي ڪليل". خسيس ـ تُڇ. ڪُڏو ـ گهٽ قسم جو ـ ڪمينو.

● قَلِيوُ ۽ قَلِيبا: ذ. صفت. (ع. قَلِيَّهْ > قَلِيُ = ٽئي ۾ ڪا شيء پڪڻ) آپاڙيل ـ ٽهڪايل. مصالح ڏنل (گوشت وغيره) (گاجرا).

● قَمَرُ: امر. (ع. قامَرَ جو امر) آ ٿ. (اسم خاص). اصفهان جي ويجهو هڪ شهر جو نالو.

ـ قَمَرُ بِاذْنِيُ: جملو. آٿي منهنجي حڪم سان.

ـ قَمَرُ تَيِيَنُ: آٿي تيار ٿيڻ.

● قِمارُ ۽ قِمارَ: ذ. (ع). بازي يا شرط واري رانه (جنهن ۾ رهڻ جي ڏي وٺ هجي) ـ جُوا جي راند ـ جُوا.

ـ قِمارُبازُ ۽ قِمارَبازَ: ذ. صفت. جُوا جي راند ڪندڙ ـ جُواري.

ـ قِمارَخانوُ ۽ قِمارَخالا: ذ. جُوا جي رهڻ جي جاءِ ـ ٻڪري.

● قَماشُ ۽ قَماشَ: ذ. (ف). ريشمي ڪپڙو.

● قُماشُ ۽ قُماشَ: ذ. (ف). گهر جو سامان ـ اسباب.

● قَمْبَرُ: اسم خاص. لاڙڪاڻي ضلعي جو هڪ تعلقو ۽ شهر، دادو شهر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● قَمْبِرَائِيُ: اسم خاص. قلات جي بروهين جو هڪ قبيلو ـ هڪڙي روايت موجب قمبراڻي حضرت علي عليه‌السلام جي غلام قمبر جو اولاد آهن).

● قَمَرُ ۽ قَمَرَ: ذ. (ع). چنڊ ـ چندر ـ چندرما ـ ماه ـ ماهتاب ـ مَهه.

"قمر پاڙي ڪير، شمس سپرين سين"
(شاهه ڪنيات)

ـ قَمَرِيُ ۽ قَمَرِيُ: ذ. صفت. چنڊ وارو ـ چنڊ جو ـ چانداڻو ـ ماهتابي ـ چنداڻو. چنڊ سان واسطو رکندڙ "قمري مهينو، قمري سال وغيره". چنڊ جي تاريخن جي ڳاڻيٽي وارا مهينا يا سال. علم لحو موجب شفويه (چپن سان نڪرندڙ آواز) ۽ لهويه (تارون ۽ تي زبان رکڻ سان نڪرندڙ آواز) ۽ حلقيه (نڙيءَ سان نڪرندڙ آواز) اکر.

● قَمَرُائِيُ (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● قَمَرُ هَاڙُ: اسم خاص. تعلقي چاچري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● قُمْرِيُ ۽ قُمْرِيُونُ: ث. پکيءَ جو هڪ قسم (ڪبوتر يا پاريل جهڙو، غريب ۽ نرم سڀاءُ، اکيون نمائيون، پولي مٽي، ڇڇيءَ تي ڳالو يا ٻني والگر ليکو جنهن کي طوق چون).

● قَمْقُمُو ۽ قَمْقُمَا: ذ. (ع). ڪوزو ـ ڪونرو. ڪونري جي شڪل جهڙو برقي گولو ـ بَلْبُ.

Gul Hayat Institute

● قَمِيصَ ۽ قَمِيصُونُ؛ ث. (ع). خميس. چواڻ - ڪڙتو - اهراڻ. ٻانهن وارو ڊگهو چولو. وڏو ڪُرتو.

● قَنَاتَ ۽ قَنَاتُونُ؛ ث. (ع). ٻاسو - پَر. تنبوءَ جو هڪ ٻاسو. تنبوءَ جي پٽ. تنبوءَ جيءُ (چوڌاري ڏنل) ڪپڙي جي پٽ. تنبوءَ جو پردو (ل - ق).

● قَنَادائِيءُ؛ اسم خاص. تعلقي گونيءَ ۾ هڪ ڏيهه جو ڏاڙو.

● قِنَارُو ۽ قِنَارا: ذ. ٽڪُندو - ٽڪندهارو - ٽرڪُونُ - ٽڪورو - ٽپاس - ٽپاسو. گوشت ٽنگڻ لاءِ ٽي ڪاٽيون. ڪينارو - ڪميلو. ڪوس - ڪوس گهر (پرماننڊ).

● قَنَاصِرا (ت): اسم خاص. هڪ ذات جو ڏاڙو تعلقي ڪوٽ ڏيجي (رياست خيرپور) ۾ هڪ ڏيهه ۽ ڳوٺ جو ڏاڙو.

● قِنَاعِيتَ ۽ قِنَاعِيتُونُ؛ ث. (ع). ٿوري تي راضي رهڻ واري حالت. ڪفايت - ٿور خرچي - ٿور خرچائي - سانگ صرفو - صرفو - جُڪُتَ - پرستا - سنتوش.

● قِنَاعتِ ٻِهِشَهْ: ذ. صفت. ڪفايت جي ڏنڊي وارو - ڪفايتي - قناعتي.

- قِنَاعتَ جِيءُ ڪمَرِ بَڌُنُ؛ قناعت تي پڪائي سان قائم رهڻ - سچي دل سان سانگ صرفو ڪرڻ.

- قِنَاعِتِي ۽ قِنَاعِتِي؛ ذ. صفت. ٿورو خرچ ڪندڙ - صرفو ڪندڙ - ڪفايتي.

● قَنَاوِيزَ ۽ قَنَاوِيزَ: ذ. (ترڪي). ريشمي ڪپڙي جو هڪ قسم - بخاري ملڪ جي سِلڪ.

● قَنْبَرَ؛ اسم خاص. (ع). حضرت علي عليه السلام جن جي غلام جو ڏاڙو. لاڙڪاڻي ضلعي ۾ هڪ شهر جو ڏاڙو.

● قَنْبِرانِيءُ؛ اسم خاص. هڪ ذات جو ڏاڙو. حضرت علي عليه السلام جن جي غلام قنبر شيديءَ جو اولاد (جنهنڪري شيدي به ٻاڻ کي قنبراڻي سڏائيندا آهن). تعلقي ۽ گهوڙيءَ ۾ هڪ ڏيهه جو ڏاڙو.

● قَنْبَرَ جاگِيرَ؛ اسم خاص. تعلقي ڪَڪڙ ۾ هڪ ڏيهه جو ڏاڙو.

● قَنْدُ؛ ذ. (ع). کنڊ - شڪر. مصري. گڙ. نبات.

● قُنْدَاقُ ۽ قُنْدَاقَ؛ ذ. (ع). بندوق جو هڪ حصو - ڪُنڊو - قُنْدُوُ.

● قَنْدَقَ؛ ذ. (ف. هندق). ٻارکي وکر جو هڪ قسم (بادامي جيڏا ٽين، اُن جو مغز ۽ مغز جو تيل دوائن طور ڪم اچي)

● قُنْدُوُ ۽ قُنْدا؛ ذ. (ع). بندوق جو هڪ حصو - قُنداقُ.

● قَنْدِيلُ ۽ قَنْدِيلَ: ذ. (ع) شمعن ٻارڻ لاءِ شيشي جي رلڪين ٻالن وارو شمعدان - جهاڙ. فقيرن جو ٻيالو. ڪِشتو - ڪچڪول - ڪشڪول - زنبيلُ (ل - ق).

● قَنْدَارُ: اسم خاص. (سن. گنڌار) افغانستان جي هڪ علائقي جو ڏاڙو.

- قَنْدَارِيُ ڏاڙُهُونُ؛ ذ. ڏاڙهون جو هڪ قسم. قندار جو ڏاڙهون (هي وڏو ۽ ڳاڙهن داڻن سان ٿئي).

● قَنْدَاراڻِيءُ؛ اسم خاص. هڪ ذات جو ڏاڙو (آڏواڻي هندن جو هڪ ڏاڙو).

● قَنْطَارُ ۽ قَنْطَارَ: ذ. سِڪي جو هڪ قسم (پرمالنڊ).

● قَنَفُ؛ ث. ڪُهه جو هڪ قسم - ڪن ۾ ٻاڌل جو هڪ ڪُهه (ڪول ۽ سنهيءَ چوٽيءَ سان ٿئي جنهن جو ڪِن ڪَن جي ٽوپيل ڪڙڪ يا نسبيءَ سان لنگهي ٻيهي.

● قُنُوطُ؛ ث. (ع. قنطَ). نا اميد - لواسل - مايوس.

- قُنُوطِيُ ۽ قُنُوطِيُ؛ ذ. صفت. نا اميد - نراس.

- قُنُوطِيتُ؛ ث. نا اميدي - مايوسي.

● قَوَاعِدُ ۽ قَوَاعِدَ: ذ. (ع). قاعدي جو جمع - قانون - قاعدا - سرشتا. وهاڪيائڻ جا قاعدا. فوج جي ورزش - ورزش - ڪسرت.

Gul Hayat Institute

- قَوَاعِدُ كُلِّيَّهْ: فوج جو ورزش كرڻ- پريڈ كرڻ.

● قَوَّالُ ¦ قَوَّالَ: ذ. صفت. (ع). قوالي چوندڙ. راڳيندڙ- ڳائيندڙ- ڳائڻو- ڳائڪ- راڳي- ڪنڪ- ڪلاونت- مطرب- ڪوئيو- ڪويه- مغني- لغمه سرا. بزرگن جا قول ڳائيندڙ. ڳهڻو ڳالهائيندڙ. ڳهڻ ڳالهائو.

- قَوَّالِيْ ¦ قَوَّالِيُّوْنْ: ث. ڳائڻ جو هڪ قسم. قوالن جو ڳائڻ. راڳ- ڳانو.

● قَوَامْ: ذ. (ع). گهاڻي پاڻيٽ- لار ڪري وهندڙ پاڻيٽ- چاش- گهاڻي پَٽ.

● قَوَانِيْنْ: ذ. (ع). قانون جو جمع- قاعده.

● قُوْتْ ¦ قُوْتَ: ذ. (ع). ڪاڇ- ڪاڏو- خوراڪ- طعام- پوڄن- ڪائڻ- ڪيڻ- آهار- غذا- خورش- چوڪ- چوڪو- روزي- رزق- آذقو- توشو- رسد. آجيوڪا- گذران- ڪاڏو پيتو- هر هڪ گهوپي يا چولي جي ڳڻ ٻوڻ وارو سوراخ- ڪوٽ (ل).

● قُوَّتْ ¦ قُوَّتُوْنْ: ث. (ع). زور- بل- طاقت- سگهه- سڪهت- شڪتي- تيج- ست- توفيق- سامرٿي. مجال- تاب. پڄت- پڄندي- وس- پهچ- وسعت- دسترسي. ڏاڍائي- مضبوطي- پختائي- پختگي- تقويت. ڏَيڙ- آڌار- آسرو- سهارو. دڳو- اختياري- هلندي- پراڪرم- استرڪي- شهزوري.

- قُوَّتَ بَاهَهْ: ث. ڪام تربيتي جي شڪتي- زور مجامعت- شهوت- مڙسي.

- قُوَّتَ حَافِظَهْ: ث. ياددداشت جي طاقت- يادگيري جي طاقت.

- قُوَّتَ جَاذِبَهْ: ث. جذب ڪرڻ واري حالت. سڪائيندڙ قوت- چوسيندڙ قوت.

- قُوَّتَ جِسْمَانِيْ: ث. بدني طاقت.

- قُوَّتَ نما: ذ. حساب ۾ ضرب ظاهر ڪندڙ الڳ (ڳاجرا).

- قُوَّتَ هَارِبَهْ: ث. تيزي- تيز رفتاري- تڪ- چوه- ويڪ. رفتار- رفتاري جو حساب (پرمالند).

- قُوَّتِيْ ¦ قُوَّتِيْ: ذ. صفت. قوت وارو- مضبوط- جاڏو- جبرو- بلياروـ پاڻي- پرهل- ڪراڙو- سگهو- سڙو- سگهاروـ سگهائتو- سپر- زورائتو- زور پريو- سڳتو- ستائتو- قراروـ توالو- ستاڻو.

● قُوْتِيْ: پيتي جو هڪ قسم- لنڊي ڪاٺ جي پيتي (جنهن ۾ افغانستان مان انگور اچن).

● قُوْدَدْ ¦ قُوْدَهْ: ذ. چولي جي ڳچيءَ ۾ وڪل ڏاري پٽي جا هيڻان ڳڻيل پرت پرجي).

● قُورْمَهْ ¦ قُورْمَا: ذ. (ع. قورمه). طعام جو هڪ قسم- گهٽي گهه ۾ گوشت.

● قُوْسْ: ث. (ع). ڪمان- ڪمانـ ڏَڪش- ڏَنڪ. گهيري جو ٽڪر. آسماني برج جو ٽالو- ڏَنَ.

● قُوْسِ قُزَحْ: ث. مينهن جي وقت آسمان تي ڏسجڻ ۾ اينڊ رنگا رنگي ڪمان- البدلث- الدرلث- الدر ڏنش.

● قَوْلْ ¦ قَوْلَ: ذ. (ع. قَوْل = چوڻ). ڳالهه ٻولهه- گفتار- گفتگو- چَوَڪَ- ٻهاڪو- چوٽي- مثال- واڪيه- مقولو. انجام- وعدو- اقرار- ٻول- پرتگيا- پرن- سخن. اقرار نامو- قبوليت. پيٽ جو سور.

- (أَوْلْ) قَوْلْ بَكَنْ: واهيات گفتگو ڪرڻ- گارگند ڪرڻ.

- قَوْلَ جُوْ سَچُوْ: ذ. صفت. قول جو پورو- انجام جو پڪو.

- قَوْلْ قَرَارْ: ذ. عهد و پيمان- انجام اقرار.

- قَوْلْ كَرَنْ: انجام ڏيڻ- پرن ڪرڻ- سخن ڏيڻ- وعدو ڪرڻ- اقرار ڪرڻ- عهد ڪرڻ. پڪ ڏيڻ. اميد ڏيڻ- دلاسو ڏيڻ- آسرو ڏيڻ.

- قَوْلِيْنَامُوْ ¦ قَوْلِيْنَامَا: ذ. انجام نامو- اقرار نامو- قبوليت نامو.

- قَوْلْ وَنَنْ: انجام ونڻ- اقرارونڻ- عهد ونڻ.

- قَوْلْ وفِعْلْ: ذ. چولي ۽ ڪرڻي- چوڻ ۽ ڪرڻ- گفتن و ڪردن.

● قَوْلَابُوْ ¦ قَوْلَابَا: ذ. ٻيڙي ٻيهارڻ جو ڪنڊيو- لاتاري (پرمالند).

Gul Hayat Institute

● قَوْلَنَجْ: ذ. (ع). بيماريءَ جو هڪ قسم- آندي جي خرابي ڪري پيٽ ۾ پولڊڙ سخت سُورُ (آصفيه).

● قَوْمَ ۽ قَوْمُونْ: ث. (ع). فرقو- جاتي. قبيلو. ذات- جات- ورڻ. ڪُل- ونس- خاندان- گهراڻو- نَسْل- آڪهه. ماڻهن جو ٽولو- جماعت- جٿو- پاڻاري- ميڙ- سَٽُ- ٽولي. پوئلڳ جماعت- پيروڪار جماعت (ع. قومَهْ) نماز ۾ رڪوع کان پوءِ سڌون ٿي بيهڻ جي حالت- قيام (ل- ق).

- قَوْمَ پَرَسْتْ: ذ. صفت. پنهنجي قوم جو خيرخواه- قوم جو مفاد خواهان- قوم جو پلو گهرندڙ. قوم جو طرفدار. قوم سان پيار رکندڙ.

- قَوْمِي ۽ قَوْمِيْ: صفت. قوم جو- راشٽريه- جاتيه- جاتي.

- قَوْمِيَتْ: ث. قوم جو پيار (ڪاجرا). قوم جي ايڪتا. قوم- فرقو.

- قَوْمِي ڈَرالُو: ذ. قومي گيت.

● قَوْمِيڇارو: اسم خاص. تعلقي ڪڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● قَوِي ۽ قَوِيْ: ذ. صفت. (ع). توت وارو- طاقتور- پهلوان- بلياڻ- پلي- پرپل- ڪراڙو- سگهو- سٽرو- سگهارو- سگهائتو- سبر- زوائتو- زور پريو- سڳتو- قوّتي- ستائتو- هلوان- پراڪرمي- هڇيات. مضبوط- جاڏو- جبرو- قرارو- تسوالو- سٽاڻو- مستحڪم.

● قَهَّارُ ۽ قَهَّارْ: ذ. صفت. (ع. قهر) قهر ڪندڙ- غضب ڪندڙ. ڪاوڙ ڪندڙ- غصو ڪندڙ. غالب- جبار. ظلم ڪندڙ- ظالم- قهري. زبردست- زور وارو- زور پريو (ل- ق). ويري- دشمن- ڏُجڻُ (پرماننڊ). (اسم خاص). الله تعاليٰ جو هڪ صفاتي نالو.

- قَهَّارِيْ: ذ. صفت. قهر جو- سخت- ظلم جهڙو. ظلم ڪندڙ- ظلمي- ظالم.

● قَهَرَ: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر حيدرآباد ۽ سکر ۾).

● قَهَرُ ۽ قَهَرَ: ذ. (ع). غضب- چڙ- ڪاوڙ- غصو- ڪروڌ- ڪوپ- ڏمر. زبردستي- زوري- ڏاڍ- ظلم- بيداد- الڏير- روڌ- بغداد. الياءُ- بي انصافي- ڪُنياءُ. جوش- ٽيڪ- زور. جذبو. چتائي- الڏ ڏلڏ. دڪ- مصيبت- وِپتَ- آپدا- مازِران. ڪمبختي- لياڳ- شامت- بدبختي- لياڳائي- برائي- چنڊائي.

- قَهَرُ إلاهِيْ: ذ. خدا جو غضب. آسماني آفت.

- قَهَرُ پَارَنَ: ظلم ڪرڻ- الڏير ڪرڻ. ظلم مچائڻ. مصيبت پيدا ڪرڻ.

- قَهَرُ كَرَنُ: غضب ڪرڻ- بيداد ڪرڻ. زوري ڪرڻ- زبردستي ڪرڻ.

- قَهْرِيْ ۽ قَهْرِيْ: ذ. صفت. قهر جو- قهر وارو. قهر ڪندڙ- قهار- ظالم. زبردست ويري- دشمن- ڏُجڻ- (ڪنايةً). دل جي مصيبت پيدا ڪندڙ- حسين- سهڻو. معشوق (ل- ق).

- قَهْرِيْ ڪَكَرُ چَڙَهَنْ: مصيبت جو وسڻ- گوندر جو گهيرو ٿيڻ- پهاڙ ڪنڊ تي اچي ڪرڻ- هزارن غمن ۾ گرفتار ٿيڻ- خوشيءَ جي ڪا اميد باقي نه رهڻ.

● قَهْقَهُ ۽ قَهْقَهَا: ذ. (ع. قَهْقَهَهْ). ڏاڍيان ڪلڻ واري حالت- ٺهڪ. ڪل- مسخري- ٺوٺ.

● قَهوُ (قَهْوَهْ): ذ. (ف). بيج جو هڪ قسم (جو ڪاڙهي پيجي)- ڪافي.

- قَهوِي خَانُو ۽ قَهْوِي خَانَا: ذ. ڪافي گهر. هوٽل.

● قَهوِي دَانُ ۽ قَهوِي دَانَ: ذ. ڪافي ٻيڻ جو پيالو. ڪافي ڪاڑهڻ جو ٽانڪو.

● قهيري: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● قَيءْ: ث. (ع). ڪاڌل ڪاڌو وري وات رستي باهر نڪرڻ جي حالت- اُلٽي- ڪي- آچر- اوڪ- اوڪارو- اوچارو- منهن خال- منهن ڪال- منهن چنڊ.

- قَيْ آڻڻ: اُلٽي اچڻ- آچر اچڻ- اوڪ اچڻ. ڪراهت اچڻ- نفرت ٿيڻ- بچان ٿيڻ.

Gul Hayat Institute

ـ قَيُ كَرَنُ: آلتي كرڻ ـ اوكارو كرڻ ـ اوكڻ ـ اوچارڻ ـ كيڏڻ ـ اوگهڻ ـ مهان وارڻ ـ چنڊ كرڻ.

● قِيَادَتَ ع قِيَادتُونُ ث. (ع). رهبري ـ پيشوائي ـ اڳواڻي. صلاح مصلحت.

● قياسَ ع قِياسَ: ذ. (ع). اندازو ـ كتَ ـ تَكَ ـ تخمينو. ڪنهن شين جي وچ ۾ كيل تخمينو. ڪنهن ڳالهه كي ويچار سان پي ڳالهه سان برابر كرڻ جي حالت. ويچار جي طاقت. ڳٽ ـ انومان ـ اندیشو ـ گمان. انسنو ـ هم تم ـ سوچ ـ ويچار ـ خيال ـ غور ـ خوض ـ ڳٽتي. جاچ ـ ڏيان. ذهن ـ عقل ـ سمجهه. دانست ـ جان. راء ـ صلاح ـ رٽ. ٻين لاء خيال ـ ساجهه ـ لحاظ. مهرباني ـ مهر ـ پلائي ـ احسان. ٿورو ـ وَڏُ. ڀاجهه ـ رحم ـ دَيا ـ كَرم ـ ترس. علم نحو موجب دليل جي منطقي شكل ـ انومان واكيه ـ قياقو ـ نيايَتهَ (پرمانند).

ـ قياساً: ظرف. قياس سان ـ قياس موجب ـ اندازي سارو ـ تكتي ـ اٽكل سان ـ اٽكل روء ـ ٽل تي ـ انوماني.

ـ قِياسُ پَوَنُ: رحم پوڻ ـ ڀاجهه ٿيڻ ـ هيٺون كُرڪڻ ـ هڏ ڪڪڻ.

ـ قِياسُ كَاذِبُ: ذ. كوڙو دليل ـ كوڙو سبب. پر ۾ ٻيدا كندڙ يُكتي ـ هيتُ آياسُ (گاجرا).

ـ قِياسُ كَرَنُ: الداز كرڻ ـ جانچڻ ـ انومان كرڻ ـ اٽكل كرڻ ـ تورڻ ـ تكڻ. رحم كرڻ ـ ڀاجهه كرڻ. ترس كائڻ.

ـ قِياسِيُ ع قِياسِيُ: ذ. صفت. قياس وارو ـ ويچار وان ـ وِيچاري ـ ڪائٽو ـ خيالي ـ ڪٽو ـ ڦڪري ـ ڪرمند ـ وچارسيل ـ دوُر الديش. ساجهه وارو. مهربان ـ رحمدل ـ قياس وند ـ رحمي ـ ديالو ـ ڀاجهارو ـ دياوان. ڪَلپَنا جو ـ ڪَلپَنا وارو. انومان ـ فرضي. سانسڪ نظري ـ سُوتر آتمڪ ـ غير عملي ـ صاحب قياس.

● قِيافُ ع قِيافا: ذ. (ع. قِيافَهُ) شكل ڏسي نياڪ سياڪ يا چڱائي مدائي وغيره جي علامتن معاوم كرڻ جو علم. شگون ـ سَڳُنُ ـ حال.

● قِيامَ ع قِيامُونُ: ث. (ع. قيامت جو مخفف) بيهڪ. بيهڻ جو ڏينهن (چاكاڻ ته ماڻهو قيامت ڏينهن پيرن پر بيهي پنهنجي اعمالن جو حساب كتاب ڏيندا "سر كنيات ـ گر") ـ قيامت ـ حشر. مصيبت ـ آپدا ـ آفت ـ غضب (ظرف). ٻني ـ مُور ـ كڏهن ـ هر گز ـ اصل ـ بلكل.

ـ قِيامُ كَرَنُ: مقام كرڻ ـ ترسڻ ـ ٽيكاءُ كرڻ ـ بيهڪ كرڻ. آڻڻ ـ كڍائي كرڻ.

● قِيامَتَ ع قِيامَتُونُ: ث. (ع). قائم ٿيڻ جي حالت ـ آڻڻ جي حالت. بيهڻ جي حالت. سيني مُردن جي آڻڻ جو ڏينهن ـ روزمحشر ـ قيام. سخت مصيبت ـ آپدا.

● قِيامَتَ اچَنُ: مصيبت اچڻ ـ ظلم سچڻ ـ الدير ٿيڻ.

ـ قِيامَتَ خِيرامُ: صفت. ناز سان هلندڙ.

ـ قِيامَتَ كَرَنُ: حشر كرڻ ـ ظلم كرڻ ـ الدير كرڻ. عجيب و غريب كم كرڻ. ڪنهن كم كرڻ ۾ حد كان وڌيڪ زور لائڻ.

ـ قِيامَتَ لائِي ڏِيَنُ: ظلم مچائڻ ـ حشر هارڻ. رڙ مٺان رڙ لائي ڏيڻ ـ مات نه كرڻ.

ـ قِيامَتَ مَچائِنُ: ظلم كرڻ ـ ناحق كرڻ ـ بي انصافي كرڻ. گوڙ كرڻ. رڙ مٺان رڙ لائي ڏيڻ.

● قيُبَتَرُ: ذ. تير.

"مڙڪان محب ديان قيبٹر كاري"

(سچل).

منهنجي خيال ۾ "قيبٹر" لفظ غلط آهي، غالباً اهو لفظ "تير" جي معنيٰ آهي. هڪ قسم جي سياه (كارو) روغن جو ٿالو، جو ڪوئنر وانگر چنبڙندڙ آهي، جهازن يا بيڙي جي درزن پرڻ ۾ كم اچي، جيئن انهن وٽين سان پاڻي لنگهي نه اچي). جيئن ته اهو روغن تمام كاري رنگ جو ٿئي ٿو، ان كري شايد "سچل سائين" محبوب جا مڙڪان كاري روغن "تير" سان مشابهه كري ٿو (مرتب).

Gul Hayat Institute

● قَيْدُ ۽ قَيْدَ: ذ. (ع). بند- روک- بندش. بَنْدُ. پَکڙ- وٽ- جهلڻ- گرفت. گرفتاري. بند ڪرڻ جي جاءِ- جيل- لاکب- ترنگ- ترنگ. (صفت). بند ٿيل- روکيل- بنديل. بڌل. پکڙيل- گرفتار. (ظرف). جيل ۾- لاکب ۾- ترنگ ۾.

- قَيْدُ الْمَاءِ: ذ. پاڻيءَ جو قيد (جتي داڻو پاڻي لڪيل هجي) (سر ساڻي- گر). نصيب- قسمت- تقدير (ن- ب).

- قَيْدُ خانو ۽ قَيْدَ خَانَا: ذ. بديخانو- جيلخالو- زندان- جيل لاکب- ترنگ- ڪاٺ.

● قَيْدُ كَرَنُ: بند ڪرڻ- روکڻ. جيل ۾ وجهڻ- لاکب ڪرڻ- زلدان ۾ وجهڻ.

- قَيْدُ كٹيُنُ: شرط قبول ڪرڻ (د- واصف).

- قَيْدِي ۽ قَيْدِيُ: ذ. صفت. قيد ڪيل- باندي- جيلي- اسير- مُقَيَّدُ- گرفتار- پکڙيل- جهليل. مجرم- ڏوهاري- سزا يافته.

● قيراطُ: ذ. (ع). وزن جو هڪ قسم. چٹن جون جي تور جو وزن- اڌ دانگ.

● قَيْسُ: اسم خاص. عربستان جي هڪ مشهور (عاشق "قيس" پيدا ٿيو). ليلي جو عاشق- مجنون (ل- ق).

● قَيْصَرُ ۽ قَيْصَرَ: ذ. (رومي). ماڻهو جي مري وڃڻ سبب آن جي پوٽ مان چيري ڪيڊل پار (روم جو بادشاهه اغسطوس انهيءَ طرح پيدا ٿيو هو. ان بعد هر هڪ بادشاهه ڪي قيصر سڏيو ويندو هو). بادشاهن جو بادشاهه- شهنشاهه- سمرات. جانورن جو بادشاهه- شينهن- شير (ل- ق).

- قَيْصَرُ هِنْدُ: ذ. هندستان جو شهنشاهه (١٨٧٧ع ۾ مهاراڻي وڪتوريا اهو لقب اختيار ڪيو هو جو انگريزن جي وقت ۾ ١٩٤٧ع تائين هندستان جي شهنشاهه لاءِ ڪم ايندو هو).

● قَيْصَرَ آبَادُ: اسم خاص. تعلقي جيڪب آباد ۾ هڪ ديهه جو ناڻو.

● قَيْصَرَاڻِيُ: اسم خاص. مزاري بلوچن جو هڪ قبيلو (رستمانين جي شاخ آهي).

● قَيْصَرِ پُوٹَہ: اسم خاص. هڪ ذات جو ناڻو (اڪثر حيدرآباد ۾).

● قَيْصَرِ خَانُ مَرِيُ: اسم خاص. تعلقي ڪنڊياري ۾ هڪ ديهه جو ناڻو.

● قَيْصَرِ راجَڙَ: اسم خاص. تعلقي ميرپورخاص ۾ هڪ ديهه جو ناڻو.

● قَيْضُ ۽ قَيْضَ: ذ. چير- ڦوٽ. ڦهٽائي- ڪاراڻ- عيب. وڏ- سقم ڪوٽائي- خامي- خرابي رپٽي وغيره ۾ (برمانند).

- قَيْضِيُ: ذ. ڪوٽو رهيو- خراب رهيو. (اسم خاص). تعلقي جاتيءَ ۾ هڪ ديهه جو ناڻو.

● قَيْطُوُنُ ۽ قَيْطُوُنَ: ذ. ث. (ترڪي. قَيْطُوُنُ= ڏوري). ڪنهن ڪپڙي وغيره کي سونهن خاطر هٿ لاءِ زريءَ واري پٽي- مقيس جي پٽي پرت پريل پٽي. پٽامڪَ- پانڪَ- ڏوري- پٽي- ڦيٽ. ريشم جي پٽي- ربين- ڪناري- وَٽِ- آنڊِيُ.

● قَيْفُ ۽ قَيْفَ > قَيْفُونُ: ذ. ث. (ع). مخروطي شڪل جي لوهي ٽُڻ سان ڀيالي (جنهن جي وسيلي ڪنهن سوڙهي منهن واري ڊاڻءَ ۾ پاڻيٽ وجهجي)- ڪِيمِيُ- ڪِيفُ. دولهين جو نيڪال- بخارو- بخاري- چمني.

● قِيلُ: ذ. (ع). لفظ. ڳالهائڻ- گفتگو. ڳالهه- پولهه. مخفف قيل قال جو.

- قِيلَ مَقَالَ: ث. گفتگو. ڳالهه پولهه- بات چيت- ريجهه رهاڻ. واد وِوادُ- وادُ جُٹِ- حرف زني- ٽيڪاٿٹي- ردڪَدُ- بحث.

- قِيلُ وَ قَالُ: ذ. ث. قيل مقال.

● قَيْلُولَا: ذ. (ع. قَيْلُولَہ) ٻن اهرن جي لنبي- منجهند جو آرام. نندڙي- ڏڻواڪو- سوپو- سوپڙو- ڪهيرٽ- جهٽڪو.

● قِيمَتَ ۽ قِيمَتُونُ: ث. (ع). مُلهه- بها- دام- مول- نرخ- اگهه- ڪرٽ- ڪٽ- لاڻو. مرتبو. قدر.

- قِيمْتِي ۽ قِيمَتِيُ: ذ. صفت. ڪهڙي قيمت وارو. ملهائتو- اسلهه- اموڪ- اصل ۽ گران.

Gul Hayat Institute

چوڪمي مال. زيورات. قابل قدر. ناياب - بلڪل ڪمائتو. عمدو - لفيس - سهڻو.

● قيمت آباد: اسم خاص. تعلقي گڙهي ياسين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● قيمڪاٽي: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● قيمو ۽ قيما: ذ. (ع. قيمه). ذرا ذرا ٽيل گوشت - ڪٽريل گوشت - سنهون ٽيل گوشت.

- قيمائي ۽ قيمائي: ذ. صفت. قيمو وڪڻندڙ.

- قيمو ڪرڻ: ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ - ذرا ذرا ڪرڻ - تمام سنهون ڪرڻ. چٽڻ.

● قينچي ۽ قينچيون: ث. (ترڪي). ڪپڙو وغيره ڪٽڻ جو مشهور اوزار - ڪينچي - مقراض - ڪتر.

- قينچيءَ تي ناهيڻ: حجامن جي اصطلاح ۾ هنيان ڦٽي جهلي قينچيءَ سان وارن کي ڪٽڻ.

● قيور: ذ. صفت. (ع). قائم ڪندڙ - برپا ڪيل - ڪٽايل - جمايل. ڪڍو ڪيل - اپو ڪيل - قائم. ٺاهيل (ڪنهن عهدي تي ملازم يا ميمبر وغيره) - مقرر ڪيل. پڪو - پختو - ڏاڍو - مضبوط - قاهو - سوڳهو. اسم خاص. خدا تعالىٰ جو هڪ صفاتي نالو.

ڪ

ڪ: سنڌي الف، ب جو ۳۹، عربي جو ۲۲ ۽ فارسيءَ جو ۲۵ اکر - ابجد موجب سندس عدد ۲۰ (آچار ڪاف).

● ڪ: حرف جملو يا جيئن "هي ڪ هو" (علم نحو) ۾ "ڪو بلو ويٽي ڪبوٽي ڪوا ڪ؟" (ث).

● ڪِ: حرف جملو. "ڪي" جو مخفف - سوالي مصرع، جو جملو پورو ڪندڙ حرف - يا - ته جيئن "هوءَ ڪِ هيءَ اچي". (صفت). ڪو - ڪجهه. ڪِين - ڇا.

"ڪِ ڪي ڪڙها پير ڪِ ڪڙيو ڪيچ ڏئين لاءِ"
(شاهه - آبري).

● ڪ: ذ. صفت. گرامر ۾ ٻئي لفظ اڳيان لڳندڙ حرف. خراب - ڪينو - گندو - بڇڙو - ردي. (جيئن "ڪسٽمڪ" وغيره). بيمار - اڪهو - لڏو - ناڇڪو. بي - ڪانسواءِ - ري - ٻيا. جيئن "ڪمهل، ڪپاٽ، ڪپتيو وغيره" (ضد. س = ڇڪو).

- ڪٻٽ: ث. بي ادبي - گستاخي - بد تميزي - بد تهذيبي - بد اخلاقي - بد ڪرداري.

- ڪٻٽا ۽ ڪٻٽائون: ث. بي ايماني - ڪٻت - ٺڳي - دولاب - دغا - فريب - دوکو - دوکيبازي - تبرڪت.

- ڪٻر ۽ ڪٻرو: ذ. صفت. بي طاقت - بي زورو - بي سگهو - لِسٽو - ڪسٽ - هيٺو - ايرو - ضعيف - ناتوان.

- ڪٻٽڊي (ث): ث. اجائي ڳالهه. بد ارادو - بد تميزي - بد اخلاقي - بد تهذيبي - بد ڪرداري.

- ڪٻيلياڻي ۽ ڪٻيلياڻيون: ث. ڇڪي مدد گار ڪانسواءِ - بي سهاري.

"ڪٻيلياڻي ڪيچ ڏي حج نه هلائج"
(شاهه).

- ڪٻ ۽ ڪٻو: ذ. صفت. ٽپاڳ يا به بختي آئيندڙ شيءِ - بدبخت - ڪم بخت - ڪم نصيب - ڪرم هيڻ - نامراد - ندورو - ادورو - نسياڳو - چنڊو. دڪ - مصيبت - آفدا - وپت - شامت - اوستر - ڪم نصيبي. خراب - بڇڙو - مندو.

ـ کُتڑُ ۽ کُتڑَ ؛ ذ. خراب تڙ واري جاءِ ـ گند و گھيڙ ـ خراب تڙ.
ـ کُتِياتيرُ ۽ کُتِياتيرَ ؛ ذ. صفت. نالائق ـ کُتِياڻُ ـ اجوگ ـ آپاتر ـ ناخلف ـ نااهل (اولاد). بي اعتبار ـ بي وساهو ـ کپتيو ـ د غاباز ـ ٺڳ ـ ٺوڳي. لوپي ـ لاچي. هرو ـ ڀڙو. ارڏو ـ شرير ـ ڏ لگو.
ـ کُتِياڻُ ۽ کُتِياڻَ : ذ. صفت. بدخصلت ـ ناصالح ـ کريل ـ نالائق ـ کَپُوتُ ـ نا اهل (اولاد). ڏسو "کُتِياتيرُ."
ـ کُتِيارُ ۽ کُتِيارَ (ت) ؛ ذ. صفت. بي وفا.
ـ کُتِياسِ (ت) : ث. بي لحاظ ـ بي مُروّث.
ـ کُتِيتُ ۽ کُتِيتَ ؛ ذ. صفت. خراب لڇڻ وارو پت ـ کُپُوتُ ـ کَپُوتُ ـ نالائق ـ بگڙيل ـ کريل ـ نا سالم (پت). بي ڊ نگو ـ بد فضيلتو ـ اڊ نگو ـ بد تميز.
ـ کُتِيتِيُ ۽ کُتِيتِي ؛ ذ. صفت. دولابي ـ فريبي ـ د غاباز ـ ٺڳ.
ـ کُتِيتِ ۽ کُتِيتُونُ : ث. خراب پت ـ ٺڳي ـ دولاب ـ فريبُ ـ خيالت.
ـ کُتِيتِيو ۽ کُتِيتِيا ؛ ث. صفت. خراب پت وارو ـ خيانتي ـ بي وساهو ـ بي اعتبارُ ـ بي هتيو.
ـ کُتِيجو ۽ کُتِيجا ؛ ذ. صفت. کينو يا ڀڙو ماڻهو.
ـ کُتِيچ ۽ کُتِيچُونُ ؛ ث. کِڻائي ـ خرابي ـ ڀڃڙائي.
ـ کُتِيرِ ۽ کُتِيرُونُ ؛ ث. اڊ نگي هلت ـ ڀڃڙي عادت ـ اجائي هَرَ ـ خراب رسم ـ بي دستوري ـ کريتِ ـ بدرواج ـ خراب چال ـ بدعت ـ خراب لمونو ـ غلط رستو. ناحق ـ ظلم ـ مصيبت (ل).
ـ کُتِيُوتُ ۽ کُتِيُوتَ ؛ ذ. صفت. ڏسو کُتِيتُ.
ـ کُتِيُوتِيُ ۽ کُتِيُوتِيُونُ ؛ ث. بگاڙ ـ درگتي ـ خرابي.
ـ کُتِيُوتُ ۽ کُتِيُوتَ : ذ. صفت. ناصالح پت ـ ناخلف ـ ليا گو ـ بدنصيب ـ بي فرمان ـ کَپُوت ـ کُتِيتُ. (ضد. سُپُوتُ).
ـ کَتِيُوکَ ۽ کَتِيُوکُونُ ؛ ث. صفت. ردي يا خراب ٿوڪ.
ـ کَتِيهرُ ۽ کَتِيهرَ ؛ ذ. صفت. بدنصيب ـ بدبخت ـ چنڊو ـ کلڇٽو ـ ليا گو ـ اڊنگو ـ بي راهه.
ـ کَتِيهرائِيُ ۽ کَتِيهرائِيُونُ ؛ ث. بدنصيبي ـ بدبختي ـ چنڊائي.
ـ کَتِيهرو ۽ کَتِيهرا ؛ ذ. صفت. بدنصيب ـ نياگو ـ بدبخت ـ چنڊو ـ کلڇٽو ـ بي راهه ـ اڊنگو. شوم.
ـ کَتِيهرِيُ ۽ کَتِيهرِيُونُ : ث. صفت. خراب چال واري عورت ـ کلڇٽي ـ باهر ڀيري. ڀيراهي ـ گمراهي ـ غلطي.
ـ کَتِيهرِيو ۽ کَتِيهرِيا : ذ. صفت. کَتِيهر بي راهو.
ـ کُجاتِ ۽ کُجاتُونُ ؛ ث. صفت. کم ذات ـ گهٽ ذات ـ ملڇ ـ نيچ ـ ڪڏو ـ اڇوت.
ـ کُجاتِيو ۽ کُجاتِيا : ذ. گهٽ ذات وارو ـ ملڇ ـ نيچ ـ کم ظرف.
ـ کُجَتُ ۽ کُجَتَ : ذ. صفت. بدنيت ـ بُري طبع وارو ماڻهو ـ کوڙو ـ تنگ دل ـ ڏ لگو. بيڪار.
ـ کُجَتُ ۽ کُجَتَ : ذ. صفت. بيوقوف (انسان) ـ کم ذهن ـ بي عقل ـ مورک ـ مت هيڻ ـ گهيلو ـ ڏَڏُ ـ مڏُ ـ پوڏنڊو. مٽي قريل. لوڏُ. مرچوٽ ـ شوم ـ ڪنجوس ـ مکي چوس ـ چچي مار. ڀڙو ـ بدشڪل ـ قبيح. گندو ـ ميرو ـ غليظ ـ ڪينو.
ـ کُجَسُو ۽ کُجَسَا : ذ. صفت. خراب جسم ـ خراب بدن.
ـ کُجَسَائِيُ ۽ کُجَسَائِيُونُ ؛ ث. خرابي ـ گدلائي ـ ميرائي ـ غليظائي ـ ڀڃڙائي.
ـ کُجَاڻو ۽ کُجَاڻا ؛ ذ. صفت. اڻ ڄاول (ڪير).
ـ کُجِتُ ۽ کُجِتَ : ذ. صفت. لچ ـ بدمعاش. ظالم. ڏسو کُجَتُ.
ـ کُجھڙُ ۽ کُجھڙَ ؛ ذ. اڙالگو ڀيڙو يا وات ـ اوجهڙ ـ مولجهارو ـ آوا گهر.

Gul Hayat Institute

= كُچَال ۴ كُچَالُون ؛ ث. بد چال - خراب هلت - كنو رستو - اينگي روش.
= كُچَر ۴ كُچِر ؛ د. صفت. گهٹ چَراند ڙ - ڈچر. بي همت.
= كُچَن ۴ كُچَنَ ؛ ذ. صفت. خراب اجهو يا ناهه - خراب جاه. لاچار - بيوس - بنا مرضي (ضد. چَنَ)
"چن ا چچي هيٹ كُچَن آهيان كوت ۾".
(شاهه - مارئي).
= كُدَا تُورو ۴ كُدَا تُورَا ؛ ذ. صفت. (ك = خراب + ڈاتو + بنياد). خراب بڻ وارو - بي بنيادو - بڻ بچڙو - بد نسل - بد بنياد - بي بڻو. كلچٹو - ايلكو - بد چال - كميٹو - بد خصلت - بي حيا - بدتهذيب - بداخلاق - بد كردار - بي ارڪالو. كينو. بي چيو - لئر. (ضد. سُڈا تورو).
= كُدَن ۴ كُدَنَ ؛ ذ. صفت. خراب ڈَن (اكثر گڏهن تي اطلاق).
= كُدُول ۴ كُدُولَ ؛ ذ. صفت. خراب لمولو. بد شكل - بد زيب - بد صورت - بچڙو - خراب. (ضد. سُدُول).
= كُدَولو ۴ كُدَولا ؛ ذ. صفت. بي ڈولو - بد شكل - قبيح - ڈول مول - دوڙ موڙ - كروپ - كُديهو - بد ريبو - بد صورت - روپ هيڻ - چيبلو - كجت. اينگو - بي ڈلگو.
= كُدَيهَائي ۴ كُدَيهَائِيُون ؛ ث. بد شكلي - بد زيبي - كُروپي - روپ هيڻائي - بي ڈولائي. بد اخلاقي - بد فضيلتائي - بي ادبي - كلچٹائي. بدتدبيري (ت).
= كُدَيهو ۴ كُدَيهَا ؛ ذ. صفت. بي ڈولو - دوڙ موڙ - كروپ - كُدولو - بچڙو - بد زيبو - بد شكل - بد صورت - روپ هيڻ - قبيح شكل - كجت. اينگو - بي الو - بي كرو - بي ڈيهو - وليلو. بي فضيلتو - بي ادب - بد اخلاق - كلچٹو.
= كُدَيهَائي ۴ كُدَيهَائِيُون ؛ ث. ڈسو كُدَيهائي.
= كُدَيهو ۴ كُدَيهَا ؛ ث. ڈسو كُدَيهو.
= كُدَيلَگائي ۴ كُدَيلَگائِيُون ؛ ث. اينگائي - خراب هلت - بد عادت - كڈائي - بد معاشي - شونهائي - لچائي - شرارت - كمينپ - بد اخلاقي.
= كُدَيلَگو ۴ كُدَيلَگا ؛ ذ. صفت. اينگو - وليلو - بي ادب - بد فضيلت - بد اخلاق - بدتهذيب - كلچٹو - بد تميز. بي بنياد و - خراب نسل وارو. كسنگ - لچو - بدمعاش - لوفر.
= كُڈات ۴ كُڈَاتِيُون ؛ ث. كميٹائي - ليچپن - كڈائي - اوچ - اوچائي - بسورائي - بچڙائي. گهٹ ذات - نيچ - كميتو - كڈاتيو.
= كُڈَاتيو ۴ كُڈَاتِيَا ؛ ذ. صفت. گهٹ ذات - كين جهڙو - اوچو - گهٹ ذات - كميٹو - كڈو - ملڇ.
= كُرَاهَ ۴ كُرَاهُون ؛ ث. اوجهڙ - خراب رستو - ڈنگي وات.
= كُرَسُو ۴ كُرَسَا ؛ ذ. صفت. (سن. ك = خراب + رَس = سَواد). بي سواد - بي لطف - بي ذائقو - ڦكو. اڻ سجلائتو - اڻاڻو - بي شعور. بي مانو - بدنام - بدنامي جهڙو. (اها شيء يا ڳاله) جنهن ۾ كجهه ٿورو تجلو سوانهن يا چگي نالي كيڏ واري خوبي هجي.
= كُرَسِي ۴ كُرَسِيُون ؛ ث. صفت. ونجوگ - لجوگ - بدسلوكي - اڻ ٽاهه - اڻ پولد - آئيٽ - تكرار - رسامو - معاملو. ناڪاس وغيره ٿيڻ كري ٿيل بدنامي - خواري - ڦڪڙ.
= كُرَنگَ ۴ كُرَنگَ ؛ صفت. بچڙو رنگ - خراب رلگ.
= كُرُوپ ۴ كُرُوپَ ؛ ذ. صفت. بچڙو - بد شكل - كوجهو - بد صورت - بدزيبو - روپ هيڻ - كُجَتُ - دوڙ موڙ - چيلو - كُروپي - ڈول مول - كينو - قبيح شكل.
= كُرُوپِي ۴ كُرُوپِيُ ؛ ذ. صفت. بچڙو - بد شكل - كوجهو - بد صورت - بد زيبو - روپ هيڻ - كُجَتُ - دوڙ موڙ - چيلو - كروپ - ڈول مول - كينو - قبيح شكل.
= كُرِيتِ ۴ كُرِيتُون ؛ ث. خراب ريت - بچڙي رسم - اينگو رواج - كني رسم - كني عادت -

Gul Hayat Institute

بد چالي - خراب ٻَر - بڇڙي پرويز - كُپَر - ايڏ لگو طريقو - خراب ڪم - نا مناسب دستور. بي وفائي.

= كُرِپْتِ كَرَڻُ: خراب رسم يا روش ڪرڻ.

= كُرِپْتُ ۽ كُرِپْتَ: ذ. اختلاف.

= كُرِپْتو ۽ كُرِپْتا: ذ. صفت. خراب ريت وارو - ناجائز طريقي سان - اجائي طرح. بي ڪيرو - ڪڌاتورو - ڪاڇٽو - ايڏنگو - بد چال - بي فضيلتو - ڪنوار - ٽٽنگ.

= كُسَاكُ ۽ كُسَاكُنُ: ث. ڪوڙو قسم - ڪوڙو سولهن - ڪوڙي ساک.

= كُسَاک كَرَڻُ: ڪوڙ ڪرڻ.

= كُسَاكُ ۽ كُسَاكَ: ذ. صفت. ڪوڙو - بناڪي - قسمي - لچو.

= كُسَاكو ۽ كُسَاكا: ذ. صفت. ڪوڙو - ڪوڙو قسم ڪندڙ - بي ويساهو - بي اعتبار.

= كُسَاكيُ ۽ كُسَاكِيُ: ذ. صفت. ڪوڙ ڳالهائيندڙ - بي ويساهه - بي اعتبار - ڪوڙو - قسمي - ڪوڙيون ساڪون ڏيندڙ.

= كُسَاكِيو ۽ كُسَاكِيَا: ذ. صفت. ڪوڙي ساک ڏيندڙ - قسمي ڪوڙو - بي اعتبار - بي ويساهه - رهزن.

= كُسپ ۽ كُسِپ: ذ. (ك. خراب + سُپ = سوڻ). خراب سوڻ - بدسوڻ.

= كُسَتُ ۽ كُسَتَ: ذ. بي طاقت - بي زور - لست - بي هٿ. ڪوڙ.

= كُسَتِيُ ۽ كُسَتِي: ذ. صفت. ڪوڙو - بي ايمان - بي هٿيو - دغا باز - فريبي - ڪوٽو - تقليدي - ٽڪ - جوٽو جڙٽو. رهزن.

= كُسَجهُ ۽ كُسَجهَ ذ. سهولت ڪان سواءِ - بنا وجهه.

= كُسَجِهِيُ ۽ كُسَجِهِيُ: ث. بي سهولتي - بي وجهي.

= كُسَرُ ۽ كُسَرَ: ذ. صفت. خراب سَرُ - ڪنو ڪانو. خراب ڪڳ. ڪني هاڻيءَ جي ڏينهه. بي چيو (ث).

= كُسَرو ۽ كُسَرَا (ك): ذ. صفت. بي سَرو - بي تارو.

= كُسَنگُ ۽ كُسَنگَ: ذ. صفت. خراب صحبت - بري سنگت - بڇڙن جو ميل ملاپ - ڪني دوستي. خراب رستو. بي اتفاق - بد دوست.

= كُسَنگِيُ ۽ كُسَنگِيُ: ذ. صفت. خراب سنگت وارو - بڇڙن جي صحبت ۾ رهندڙ - بري صحبت وارو. ڪريل - بي چيو - ايڏنگو - ٻڌيل - ڪريو - لوفر.

= كُسَولتِيُ (ك): ذ. بدصورت - ڪشاهينگ.

= كُسُهَاتو (ث): ذ. ان وڻندڙ.

= كُشَاهِيڱُ ۽ كُشَاهِيڱَ: ذ. صفت. (ك = خراب + شاهيگ = سهڻو). بدشڪل - بدصورت - ڪروپ.

= كُشَرَا ۽ كُشَرَائُونُ > كُشَرَايُون: ث. خراب هلت - بي انصافي.

= كُشَرَايُونُ كَرَڻُ: خراب هلت ڪرڻ - بي انصافي ڪرڻ.

= كُشَرِيُ ۽ كُشَرَيُونُ: ث. بي انصافي - خراب هلت.

= كُشَرِيُ (ك): ث. (سن. ك = خراب + ع). شرع = شَرَا = فيصلو). خراب فيصلو - بي انصافي - ڪنهياءُ.

= كُكُرَمَ ۽ كُكُرَمَ: ذ. صفت. (ك = خراب + كرم = ڪم). خراب ڪم - بڇڙو فعل - ايڏنگي هلت - بداعمال - بدهيشي - خراب هلت. ظلم - ناحق. گناهه - ڏوهه. بيراهه - بي ديني. خراب سنون. بڇڙائي - ٽيڙاڻي.

= كُكُرَمِيُ ۽ كُكُرَمِي: ذ. صفت. خراب ڪم ڪندڙ - شرير - بد - نجس - بڇڙو - خراب - بدڪار. پاپي - زاني. ظالم.

= كُكَاجُ ۽ كُكَاجَ: ذ. صفت. نه ڪاٽڻ جهڙو ڪاڏو.

= كُكَهَرِيُ (ث): ث. گهٽ گهر مان آندل - نيچ گهر جي.

= كُلاه (ك): ظرف. چالاڪ - چاجي لاءِ.

Gul Hayat Institute

= كُلَچَنْ ۽ كُلَچَنَ ؛ ذ. خراب لچڻ - بد عادتون - خراب چال - بد چال - اوگڻ - بي ڪري - بد ڪرداري - بد اخلاقي - بد تهذيبي.
= كُلَچَٽُو ۽ كُلَچَٽا ؛ ذ. صفت. بد اطوار - بد ڪردار - بد اخلاق - بد لچٽو - بد عادت بد تهذيب.
بد ڪار - ڪُڌا تورو - بي ڪرو - ڪريل - لٽ - ڪُڌو. منحوس - لڇس.
= كُلَكَنْ ۽ كُلَكَنْ ؛ ذ. كلچڻ - بد عادت - بد اخلاقي - بد خلقي - اوگڻ - خراب لچڻ. بد نصيبي.
= كُسارِگْ ۽ كُسارِگْ ؛ ذ. (ڪ = خراب + سارگ = رستو) خراب رستو - اڻنگي ريت - ڪنو رواج.
= كُساڙِهُو ۽ كُساڙِهُو ؛ ذ. صفت. نامراد - ڪماڻهو - ڪانئر - آپرش - ڪنو - ڪرتن - ڪُڌو.
= كَمَتِ ۽ كَمَتُوْنْ ؛ ث. (ڪ = خراب + مت = سمجهه) اڃايا خيال - وهم. ايائپ - بي عقلي - بي وقوفي - حماقت - چريائي - مورڪائي. خراب صلاح - ڪنهي نصيحت.
= كَمَتِيْ ۽ كَمَتِيْ ؛ ذ. صفت. اجاهن خيالن وارو - بد نيت. خراب نصيحت ڪندڙ - ڪاريندڙ. دشمن - نقصانڪار.
= كَمَنْدائِتُوْ ۽ كَمَنْدائِتا ؛ ذ. صفت. ڪَمَنْدو - بي مندائتو - بنا موسم جي - اڻ مُندو - موسم ڪانسواءِ - بي موقعي - بي مهل - ڪَمَهلو.
= كَمَنْدُوْ ۽ كَمَنْدا ؛ ذ. صفت. بي مُندو - بي مهلو - ڪَمهلو - بي موقعي - اڻ مُندو - موسم ڪانسواءِ.
= كَمُهاڙُوْ ۽ كَمُهاڙا ؛ ذ. صفت. ڪماڻهو - اپرش - ڪانئر - بي همت - نامرد - ڪانڊو - ڪيدي.
= كَمُهاڻُوْ ۽ كَمُهاڻا ؛ ذ. صفت. ڪَمهاڙو - اپرش - ڪانئر - بي همت - نامرد - ڪانڊو - ڪيدي.
= كَمُهَرِيْ ۽ كَمُهَرِيُوْنْ ؛ ث. مهر ڪانسواءِ - تڪليف - ڏک - ڏاڪڙو. وقت سر ڪيرڻ ڏيندڙ مال (ڪا). (ضد. سُمَهَرِي).
= كَمُهَلُوْ ۽ كَمُهَلا ؛ ظرف. بي وقتو - بي مهلو - ڪُويلو - ديرائتو - اوپلو - چرڪو - ري مُندو - بي موسمون - بي موقعي - ڪَوقتو. مهل نه ڪندڙ - ڪر نه ڪندڙ.
= كَمُهَلائِيْ ۽ كَمُهَلائِيُوْنْ ؛ ث. ڪُويلائي - بي وقتائي - بي موسمي.
= كَنِياءُ ۽ كَنِياءَ ؛ ذ. بي انصافي - ظلم - بيداد - ناحق - انڙٺ - ستم - ڪلُورُ.
= كَنِيائِيْ ۽ كَنِيائِيُوْنْ ؛ ث. بي انصافي - ظلم - ڪَنِياءُ (ذ. صفت). بي انصاف - ظالم - ستمگر.
= كَنِيَتَ ۽ كَنِيَتَوُنْ ؛ ث. بچڑائي - بد فعلي - لانڪ چوٽائي - بد ڪرداري - بد خيالي - غلط فهمي. بي ترتيبي - اڻ ريت - بي ضابطگي. لاغو - وڻي. ساهي.
= كَنِيَتُوْ ۽ كَنِيَتا ؛ ذ. صفت. دُراچاري - ڪلچٽو - بد اخلاق - بد ڪردار - بچڑو. بي ڪاڏو - ڪينو. اڻ ڪٽيو - وقت تي غير حاضر.
= كَنِيمُرْ ۽ كَنِيمُرَ ؛ ذ. صفت. نالائق (ت).
= كَنِيمُوْ ۽ كَنِيمُا ؛ ذ. صفت. بي ڪاڏو - وقت تي غير حاضر - اڻ ڪٽيو - بي ترتيب - بي ضابطگي - بي قاعدي - بي اصول. بي ڊوڙ.
= كَوَڙائِيْ ۽ كَوَڙائِيُوْنْ ؛ بي وڙائي - بي شرمائي - بي حيائي - نالائقي.
= كَوَڙُوْ ۽ كَوَڙا ؛ ذ. صفت. بي وڙو - اڻ مهاڏيندو - اڻهتو - ناشائستو - خراب طبيعت وارو - بي مروت - بي لحاظو - بي شرم - بي حيا. نالائق. عيبدار.
= كَوَڙِيْ ۽ كَوَڙِيُوْنْ ؛ ث. صفت. بچڑن وڙن واري - نالائق. ڪميني - بد افعال - نااهل.
= كَوَقْتُوْ ۽ كَوَقْتا ؛ ظرف. ڪويلو - ڪَمهلو - بي وقتو - اوپلو - چرڪو - بي مهلو - بي موسمون - ري مندو.

Gul Hayat Institute

ـ ڪُوَلُ ۽ ڪُوَلَ : ذ. صفت. بيوقوف ـ نادان ـ گهيلو ـ جاهِلُ ـ اڻاسو ـ موڳو ـ موڙهل ـ ڪم ذهن ـ بي‌عقل ـ مورک ـ مت هيڻ ـ پَڪُو ـ آناڙي. اوڏُ. بي ڍولو ـ بدصورت. بدلڇڻ ـ بداڇال ـ بدخيال.

ـ ڪُوَٽِيتِ ۽ ڪُوَٽيتُونُ : ث. اٽڪٻٽ ـ ڏيڍڙو ـ ڏڍاڳُ.

ـ ڪُوبُڇ ۽ ڪُوبُڇَ : ذ. صفت. (ڪ = خراب + (سن) وٽيدم = حڪيم) نيم طبيب ـ نادان ڊاڪٽر ـ بيوقوف حڪيم ـ اڻ ڄاڻ ـ ڏڏ.

ـ ڪُوپهرَ ۽ ڪُوپهرونُ : اوپهر ـ ديپهر ـ بيوقت. بي‌مهل ـ ڪُويل ـ ڪُمهل.

ـ ڪُوپهرو ۽ ڪُوپهرا : ظرف. ڪمهلو ـ ڪُوهلو ـ اويرو ـ چرڪو.

ـ ڪُويساهُ ۽ ڪُويساهَ : ذ. صفت. بي اعتبار. بي ويساهه ـ ل. وسهندڙ ـ اڻ ويسهو ـ آوشواسي. بيدين ـ ڪافر.

ـ ڪُوهِلَ ۽ ڪُوهِلُونُ : ظرف. ڪُوپهرَ ـ ڪُمهلَ ـ ديپهر ـ اوپهر ـ بي وقت. خراب وقت ـ ڪنهِ مهل ـ نياڳو وقت.

ـ ڪُوهِلائِيُ ۽ ڪُوهِلائِيُونُ : ظرف. بي موسمي ـ ڪمهلائي ـ بي منداڻي ـ بي وقتي.

ـ ڪُوهِلو ۽ ڪُوهِلا : ذ. ظرف. بي‌مهلو ـ اڻ منداڻتو چرڪو ـ اوهِلو ـ بي وقتو ـ ڪُمهلو.

● ڪُنَا : ث. ضمير. "ڪو" ضمير جو مؤنث ـ ڪهڙي ـ ڪهڙ.

ـ ڪُنَابِ : ث. ڪهڙي ٻ ـ ڪهڙ ٻ.

ـ ڪُنَا ٻَرواهَ نه هُجڻُ : ڪا ٻڌي نه هڻڻ ـ ڪا ٻ چنتا نه هجڻ ـ بي‌خوفائي هڻڻ ـ بي آڏ ڪائي هجڻ.

ـ ڪانَڪُ ۽ ڪانَڪَ : ذ. ڪڪيءَ جو هڪ قسمُ.

ـ ڪانَبُلُ : اسم خاص. هڪ ملڪ جو نالو (افغانستان جي گاديءَ جو هنڌ).

ـ ڪانَبُورا : اسم خاص. هڪ شهر جو نالو ـ ڪابلُ.

ـ ڪانَبُولِيُ : ذ. ڪابل جو ـ ڪابل سان تعلق رکندڙ ٻهر جي وڻ جو هڪ قسم. (اسم خاص). هڪ ذات جو نالو (اڪثر حيدرآباد ۾).

ـ ڪابولي ٻَهُرُ ۽ ڪابولي ٻَهُرَ (ت) : ذ. ٻهر جو هڪ قسم ـ ملڪو سنئون ٻهر ـ ديارِي (ل).

ـ ڪَابُولِيُ ڪِڪِرُ ۽ ڪَابُولِيُ ڪِڪِرَ : ذ. ڪابولي ٻَهُرُ ـ ديارِي (ل).

ـ ڪَابُولِيُ هَرِ يڙَ ۽ ڪَابُولِيُ هَرِيڙُونُ : ث. پسارڪي وڪر جو هڪ قسم ـ وڏي هَر يڙَ.

● ڪَابِينُ : ذ. (ع) مڙس جي زال کي نڪاح وقت ڏنل رقم ـ حق مهر ـ استري ڏَنُ ـ ڪابينو.

● ڪَابِينُو ۽ ڪَابِينَا : ذ. ڪابينُ ـ حق مهر. جماعت ـ سڀا ـ انجمن ـ پارٽي. اجلاس ـ جلسو ـ مجلس ـ محفل ـ ڪچهري.

● ڪَابِ ۽ ڪَابُونُ (ث) : ث. اٽڪل ـ تجويز ـ رَٽَ.

● ڪَابَارَ ۽ ڪَابَارُونُ : ث. (سن. ڪَبالَ = مٽان ڏيندڙ). سن نهن جي ڪم ايندڙ ناريل جون ڏندون ـ ڪاهارو ـ ڪاهارُ. ساماڻ ـ ساجُ ـ شيءِ شڪل. اوزارُ ـ آلات.

● ڪَابَارُ ۽ ڪَابَار : ذ. ڪجي يا ناريل جي ڏندن مان ٺهيل رسو ـ ڪَابارَ ـ ڪاهور ـ نوڙي ـ واڇهُ.

ـ ڪَابَارو ۽ ڪَابَارا : ذ. ڪجي يا ناريل جو جارو، جنهن مان رسا ۽ نوڙيون ٺهن ـ ڪابارُ. جابلو جانور جو هڪ قسم (ڪ).

ـ ڪَابَارو ناريلُ ۽ ڪَابَارا ناريلَ : ذ. ڪل ۽ ٻُجرن ۾ ويڙهيل ناريل ـ ڪل سميت ناريل ـ ڏاندورن سميت ناريل.

● ڪَاهارو ۽ ڪَاهَارا : ذ. ڪنهن معاهدي جو دستاويز ـ عهدنامو ـ برادري ۾ ٿيندڙ رواجن بابت لکيل ڪاغذ ـ قبالو ـ ڪاهارو ـ اڳريمينٽ (انگ). ليکو چوکو. عمل نامو. معاملو ـ جهيڙو ـ فساد. جنگ

"بي عقل سين بات ڪهيو ته ڪاهارو ٿيو" (جام بجار).

ڪاهارو ـ ڪهي ـ ڪلڪل ـ ڪٽ ڪٽ ـ خرخسو. (اسم خاص). هڪ شهر جو نالو.

Gul Hayat Institute

● كَاپَاڙو ۽ كَاپَاڙا: ذ. (ع. قبالہ). قبوليت- سَنَدَ - دستاويز - كاپاو - كاپالو.

● كَاپَالو ۽ كَاپَالاَ: ذ. كيل معاهدي جي شرطن جو پنسو - قبالو - قبض - سَنَدَ - پَٽو - پروانو - بيع نامو (پرنامو).

● كَاپَتَ ۽ كَاپَتَ: ث. صفت. قلت - اڻاٽ- گهٽتائي - كَمي - ٿوائي - تنگي - كوٽ - كاپَتَ.

● كَاپَتَ ۽ كَاپَتُونَ: ث. صفت. كاپَتَ (ل - ث).

● كَاپَرَ ۽ كَاپَرَ: ذ. ناريل يا كجور جي گَرِ مٽان چڑهيل قدرتي پردو - ناريل يا كجور جي كَتل.

- كَاپَرَ كَنُو ۽ كَاپَرَ كَنا: ذ. تارون ٽاهيندڙ (ت).

● كَاپُو ۽ كَاپا (ت): ذ. بنا مطلب جي وچ ۾ گالهائيندڙ - وچَ كانگڙيو.

● كَاپَهَ (ت): (اسم خاص). گاهه جو هڪ قسم.

● كَاتَ ۽ كَاتَ: ذ. (سن. كرتن > كَرتَرِ كا. ع. قاطع > قطع = وڍڻ) چُرو- چُري - وڏي كاتي - خنجر - وڏو كَنپَ. سون چاندي كپڙ لاءِ لوهه جي اٻُوري. هٿيار جو هڪ قسم. كتابن وغيره جا پاسا وغيره كترينڊڙ هڪ قسم جو اوزار. (ث. كاتي ۽ كاتيُونَ).

- كَاتَ كَيدَنَ: تهائڻ - تنگ كرڻ - لاچار كرڻ - سوڙهو گهٽڻ - مجبور كرڻ.

- كَاتَ كَهاڙا كَٽَنَ: كنهن جي هوبان لاهي ٻاهي دشمني وجهڻ - كهن جي ٻانهن ٻاهه پاڻ - سخت مصيبت ۾ مبتلا كرڻ.

- كَاتِي ۽ كَاتِيُونَ: ث. وَيَ كُٽَ جي كم ايندڙ هڪ تيكو اوزار - چُري - وڏو چاقو- ٻالو - هڪ لهندڙ - كٽاري - كَتارَ. سون چاندي وڍڻ لاءِ سوناركو اوزار - انبوري - كاتَ.

- كَاتِي ٻَائيَ: سِر تي كاتي وهائڻ. مصيبت ۾ منهن وجهڻ - سِر جو سانگو لاهيڻ. پنهنجي خودي لاس كرڻ - پاڻ مارڻ - پنهنجو هٿ وڃائڻ.

- كَاتِي سِرُ هيٺَ رَكَڻَ: ڏک قبول كرڻ - رنج ۽ مصيبت ۾ راضي رهڻ - سپ تكليفون سر تي سهڻ - كنهن مشكل كان لاءِ گهبرائڻ - مصيبت ۾ منهن وجهڻ.

- كَاتِي كَنِي وِهَنَ: ڪُرٽو مارڻ - هوڏ كري وِهَنَ - كُپَ كوڙي وهَنَ.

- كَاتِيَنَ كَنُو ۽ كَاتِيَنَ كَنا: ذ. صفت. ضدي - نيٺر - ڊِنِرَ - هوڏي - اڻوٽو - شيدَتي.

- كَاتِيُنَ كُهاڙيهن ٽيڻَ: سخت دشمني ركڻ - ضد ركڻ - ساڙ ڏارڻ - وهري هُجَنَ - خاري هجڻ - هڪ ٻئي جي جان جو دشمن هجڻ.

- كَاتِيهن كُهاڙيهن هُجَنَ: دشمن هجڻ - وڙهيل هجڻ - ضدي هجڻ - خاري هجڻ.

- كَاتِيءَ وَيِهُ (ت): گوشت - طاقت جهڙيون شيون، ميوا وغيره. حلال شيون - جائز شيون - روا شيون.

- كَاتِيءَ وَيِهُ كَائڻَ: گوشت كائڻ - طاقت جهڙيون شيون كائڻ - ميوا وغيره كائڻ. حلال كائڻ - جائز كائڻ.

● كَاتَارِ ۽ كَاتَارُونَ > كَاتَارِيُونَ: ث. (سن. كَرتَنَ = كَتَنَ) سُٽ كتيندڙ عورت - كتڻ واري. اڻ پرٽيل زال - كنواري.

● كَاتَارَ ۽ كَاتَارَ: ذ. كتڻ وارو - پنچارو - تنبيندڙ. كتڻو - اٽ - چرخو. جيت جو هڪ قسم - كورينڙو.

- كَاتَارُو ۽ كَاتَارا: ذ. كَتَڻ وارو - كتيندڙ - كاتارُ.

● كَاتِبَ ۽ كَاتِبَ: ذ. (ع. كَتَبَ = هن لكيو) نقل لويس - تحرير كندڙ - لكندڙ - سُحرر - منشي - راقم - ليكڪ - ليكاري - فقيهُ - صحاف - خوش لويسُ - نويسُ.

● كَاتِرِ ۽ كَاتِرُونَ: ث. تلوار وانگي وريل ۽ گهڙيل كاڻي - شكار ۾ كم ايندڙ

كولهين جو هك اوزار. ڏاس كترڻ جي (پراڻي زماني واري) كٽينچي - چاتي - كتر. وارن جي كٽائي (ك). ذرڙا - ٽڪيرَ "سوهارين جي كاتر كڻي اچ".

= كاتر°چي°: ذ. كاتيرو - كترينڊڙ.

- كاتر°و & كاتر°و: ذ. صفت. اَنَ يا ڏاسَ كترينڊڙ - وڍينڊڙ - ٽڪينڊڙ - كاترچي.

● كاتر: ث. دل - قلب - گهٽ° - هردو - هينئون° - من - روح - چت. مانارٿ - عزت - مان - آبرو - قدر - تعظيم - ادب - اورانپو - هاءُ پاءُ - سَنمان°. ڌيان° - خيال. جَس° - لحاظ - مروّت - لياقت. لهار - پرواه - سالگو - رکڻي - رَکَ. (حرف جر) جي واسطي - لاءِ - كارڻ - جي كري - خاطر.

● كاتر° & كاتر: ذ. ڊڇڻو - هينئان هور° - ٻَڙدل° - كهمت - جَرپُوک°.

● كاتر: اسم خاص. هك ذات جو نالو (ت).

● كاتيرو & كاتيرا (ث): ذ. سالوڻ جي موسم م پيدا ٿيندڙ جيت جو هك قسم - كانتيرو - كاليرو. سيڙه°. (اسم خاص). هك ذات جو نالو.

● كاتيريا: اسم خاص. هك ذات جو نالو.

● كاتيريو & كاتيريا: ذ. ڏاڙهي مُڇون - كلن جا وار - پلي وغيره جو مُڇون. مڇن جا وَ وَ يل وار.

● كاتك° (ت): ذ. ٻوڙ ٻاڙي - تيون تڙو.

● كاتو & كاتا: ذ. ٽلهي كيڪَ يا مالي جو هك قسم. كٽڻ جي مزوري. كتن°.

● كاتهين°: ظرف. منجهه - كهڙي پاسي - كڍي - كهڙي طرف - كاڏهين - كاٿهين - كاتئين°.

● كاتئين°: ظرف. كاڏهين°.

● كاڏي: ظرف. كٿي - كاڏي - كهڙي پاسي.

● كاتيار: اسم خاص. تعلقي كولي م هك ديهه جو نالو.

● كاتيرو & كاتيرا: ذ. (سن. كرْتن = كٽڻ°) كترڻ جو هك اوزار° - كٽينچي° - كاتيو.

- كاتيئو & كاتيئا (ث): ذ. لوهه جي پٽ كترڻ لاءِ كٽينچي - كاتيرو.

● كاتان°: ظرف. (سن. كُنه = كيتان) كاڏانهون - كيتان° - كاٿهين - كاٿون - كيڏي - كاٿهن° - كهڙي هنڌان - كهڙي جڳهه. كان - كهڙي پاسي كان. كيڏانهين؟ - كيتان°؟ - كيڏانهون؟

- كاڏانهين°: ظرف كاڏنهين°؟ كٿي؟ - كيڏانهن؟ - كهڙي هنڌ؟ - كڏان؟ - كاٿهون؟ - كيڏاهون؟ - كيڏاهين؟. كهڙي پاسي كان - كنهن پاسي. كڏهن. كٿي ڏ كٿي.

- كاڏنهن°: ظرف. كيڏان - كاٿهون - كاڏان.

- كاڏون°: ظرف. كيڏان - كاٿهون - كاڏان.

- كاڏنهين°: ظرف. كاڏي - كاڏون - كاڏانهين.

- كاڏنئين°: ظرف. كاڏي - كاڏون - كاڏانهين.

- كاڏي: ظرف. كاڏون° - كاڏين.

● كاڏيروت° & كاڏيروت (ث): ذ. ٺڳ جي ٽالهي - طباخ - هانوڙو - ڦيلهي° - هات.

● كاڏو & كاڏا: ذ. صفت. كٽ - شمار° - اندازَ - ڪٻ - ڪاڏيو - تخمينو - حساب - ليكو - جملو - ڪاڏو. جيهه - حد - دلگ - چيڙو - اچاڙي - آخر. ملهه - اٽكل روءِ - اندازَ. پڪي ڪالهه - پروسو - اعتبار - يقين - نسيڃي - پڪ. وڏي ڪالهه. وچار - خيال - قياس آرائي - ڳڻ ڳوت (ت). ديكهه - وستار - راساڙو - ليسو - كهت - كايا - كهات - پسارو - ٿاڙ.

- كاڏوئي (ت): ليكو - ڪٻ - شمار - كاڏو.

● كاڏال: اسم خاص. ٿنڍي باگي م هك ديهه جو نالو.

● كاڏال جاگيرَ: اسم خاص. تعلقي ٿنڍي باگي م هك ديهه جو نالو.

● كاڏاڻو: اسم خاص. ٿر م هك تڙ جو نالو.

● كاڏيكو & كاڏكو: ذ. صفت. چورَ - رَهزن - ڏاڙيل° - ڊاكو. بدنام (چور). نالي

Gul Hayat Institute

وڏهيو - نامي گرامي - مشهور - نامیو - نام ڪڍيو - شهر ٻڌرهو. چورن جو سردار - ٻاٽاريدار (ت). هوشيار - چالاڪ - نپڻ - افلاطون. (اسم). ٻساريڪي وکر جو هڪ قسم - اٽيل اکين ۽ وجهڻ جو ڍنگ.

● ڪَانَلُ: اسم خاص. تعلقي ناري (رياست خيرپور) ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڪَانَلُ مِيلَ ۽ ڪَانَلُ مِيلُون: ث (انگ). ڪپهه ڪاٽڻ جو ڪارخانو - ڪپهه جي فيڪٽري.

● ڪَانَڻُ: مصدر. (سن. ڪرْتَنَ). لپاڻ - گذارڻ - وهاڻ - هورو ڪرڻ - ساڻ - گهارڻ (وقت). وڍڻ - ڪپڻ - ڪٽڻ - چانڻ - وڍ ڪٽ ڪرڻ - ڪاٽ ڪرڻ - وڍ ڪرڻ - ٽڪڻ - جدا ڪرڻ - ڪٽ ڪرڻ - وضع ڪرڻ. (حساب) لاهڻ. روڪي ڇڏڻ (ڪا رقم) - ليک ۾ ائي رد ڪرڻ - خارج ڪرڻ. ترڪ ڪرڻ. ڪهٽ ڪرڻ - گهٽائڻ - ڪفايت ڪرڻ - تخفيف ڪرڻ (خرچ وغيره). تاس جي پتن مان ڪجهه پتا لاهي رکڻ - تاپي لاهڻ - ڪاٽ لاهڻ.

- ڪَاتَ ۽ ڪَاتُون: ث. ڪٽ - وضع - تخفيف - لاٽ. وڍڪٽ. نتيجو - الومان.

- ڪَاتَنَا: ث. لغڙ جي ڪٽ جي وڃڻ واري حالت - ڪتو - ڪات - ڪٽ.

- ڪَاتَنَا ٽِيَنَ: لغڙ جو ڪهجي وڃڻ.

- ڪَاتَنَائِيَنَ: مصدر. ڪَاتَ ڪرائڻ - ڪٽائڻ - لهرائڻ.

- ڪَاتِجَنَ: مصدر. ڪٽ ٽيڻ - ڪهٽ ٽيڻ. ڪم ٽيڻ.

- ڪَاتَ ڪَتَرَ ڪري ڪُڌارَنَ: ڪسي ڪوري وقت گذارڻ - ڏکيا ڏينهن گذارڻ يا ڪاڻ - ڇيڻ ٽيڻ ڪري هورائو ڪرڻ - ٽوري هٿسي مان سپ ڪم ٽپائڻ - ڪفايت سان هلڻ - ٽوري خرچ مان هورائو ڪرڻ.

- ڪَاتَ ڪَرَنَ: وضع ڪرڻ - لاهڻ - ڪاڻ - ڪٽڻ - پڇي ڏيڻ - لاهي ڏيڻ. تاس جي پتن مان لاپ لاهڻ - ڪجهه پتا بدل مان لاهي هوء ورهائڻ - ڪٽ ڪرڻ.

- ڪَاتَ ڪُوتَ: ث. حساب ڪتاب جي جاچ ڪري اعتراض جوڳا پاڳا ڪڍي ڇڏڻ.

- ڪَاتَ ڪُوتَ صاحب: ذ. حساب ڪتاب جي پڙتال ڪري اعتراض جوڳا پاڳا ڪڍي ڇڏيندڙ عملدار - ماٿهن جي نالن، مان ملڪيت ۽ حيثيت وغيره جي داخلا ڪندڙ آفيسر - ٽپال جي خطن وغيره تي نظرداري ڪندڙ عملدار - ڪٽ ڪوٽ عملدار.

- ڪَاتَ ڪُوتَ كَرَنَ: چند چاڻ ڪرڻ - تخفيف ڪرڻ - گهٽائڻ - پيچ گهڙ ڪرڻ. ڪتاب مان ڪي ٽڪرا ڪڍي ڇڏڻ.

- ڪَاتِنُون ۽ ڪَاتِنُڻَان: ذ. وياج جو هڪ قسم - هلندڙ ليکي تي انهي جمع ۽ واصل جي رقمن تي هردفعي ڪٽيل وياج. (اڪين جي) ڊپ جو هڪ قسم - ڪاٽيڪو. (صفت). ڪٽ وارو - ڪٽ ڪندڙ - ڪٽيندڙ.

- ڪَاتُو: ذ. ڪَتَ جي نشاني - (-) جي نشاني. (واڌوءَ جو ضد).

- ڪَاتِيُون ۽ ڪَاتِيڻَانَ: ذ. ڪَاتِينُون.

● ڪَاتُو ۽ ڪَاتَا: ذ. (سن. ڪَنْتَكَ). ڪارخانو - ٻڻي.

"جي اٽي سڪ سرڪ جي تہ ونءُ ڪلاڙن ڪاتي". (شاهه).

تور جو اوزار - ڪانتو - ساهمي - تارازي.

- ڪَاتِي: ڪاٽي تي - ٻڻيءَ تي - ڪارخاني تي.

● ڪَاتُولُو ۽ ڪَاتُولَ (ڪ): ذ. جهنگلي ڦل جو هڪ قسم - منڪهو (ڪ).

● ڪَاتِيوَنَ هَابَ ٽِيَنَ: خوار ٽيڻ - خراب ٽيڻ - بدنام ٽيڻ - رسوا ٽيڻ - ذليل ٽيڻ. ڪڪ ٽيڻ - بيزار ٽيڻ - دق ٽيڻ - هلاڪ ٽيڻ - خفا ٽيڻ.

● ڪَاتِيلو ۽ ڪَاتِيلَا: ذ. تنبي يا ڪدوءَ جو هڪ قسم.

● ڪَاتِيلُو ۽ ڪَاتِيلَا: ذ. تنبوءَ جو هڪ قسم - رائتي. تنبي يا ڪدوءَ جو هڪ قسم.

● ڪَاتُ ۽ ڪَاتَ: ذ. (سن. ڪاشت). لڪڙو - بند - عمارتي ڪاٺ - ٽلهي ڪاٺي - وڏي

Gul Hayat Institute

ڪائي - ڪم - داسو - لڙهو .. دوڪ - دوڪي - چوب - پير - ٽڙ - سزا جو هڪ قسم - قيديءَ جي هٿ ۾ ڪڙ لاءِ ڪاٺ جو ٽڪر - بند. (صفت). سخت - مشڪل - ڪٺن - ڏاڍو - اٽوٽ - الوڪو - آڙ - مٽر - دشوار - لڙندڙ. روڪ - روڪي.

- ڪٺاڻُ ٽي ٻيهڻ؛ جواب نه ڏيڻ - لڙ ڇڏڻ لڙ پڙڻ. حيرت ۾ غرق ٿي وڃڻ - عجب ۾ وانڍو ٿيڻ - حيران ٿي وڃڻ - وسُڌيءَ ۾ ٻُڌي وڃڻ.

- ڪٺاڻُ ٻَڌڻُ: قيد ۾ پوڻ - قيد ٿيڻ - بند ۾ پوڻ - بند ٿيڻ - سزا اڇڻ - لڙ ٻڌ ٿيڻ. قابو ٿيڻ - سوگهو ٿيڻ - مضبوط ٿيڻ.

- ڪٺاڻَ جو ٻُڌو؛ ڪوڙو دلاسو - دم - ڏڻو - لڙ - ٽلهو آسرو.

- ڪٺاڻَ جو ٻُڌو ڏيڻُ؛ ڪوڙو دلاسو ڏيڻ - خوش ڪرڻ - دلبسي ۾ رکڻ - آسري ۾ رکڻ - ڏڻو ڏيڻ - ٻهلا ڪرڻ - ڪوڙي اميد ۾ رکڻ.

- ڪٺاڻَ جو ٻُٽلو هُجڻُ؛ فقط ٽالي ماتر هڻ - رڳو ٻيتُ جو چتُ هڻ - فقط شيءِ جو ماڻهو هڻ. ٻين جي چوڻ تي هلڻ - ٻين جي هٿن ۾ راندڪو ٿيڻ - ڪنهن جو ڪم جو نه هڻ - بيڪار هجڻ - لڪار هجڻ - نڪمو هُجڻُ.

- ڪٺاڻَ جي ٽُڪَ جو ڪَمُ؛ ڪاٺ تي آڪَرَ جو ڪم - رنبي سان ڪاٺ تي ڪيل ڪلڪاري - نقشبندي - چتسالي - ٽُڪَ.

- ڪٺاڻ جي ڪوليا؛ جاءِ جي چٽي ياسن کي سڌي ڪرڻ لاءِ ڪولي ڪُنڊ وانگر ڪم اينڊڙ هڪ اوزار جو ٽالو - ڪوليا.

- ڪٺاڻَ جيءُ ٻاڻيءُ؛ ث. سخت پورهيو - ڏکيو ڏاڍو - دشوار ٻيشو يا ڪم - جاکوڙو - جانفشاليءَ - محنت.

- ڪٺاڻَ چٻَڻُ: خراب حال هڻ - تڪليف ۾ اچڻ - نقصان هيٺ اچڻ - تمام تڪليف ۾ هجڻ.

- ڪٺاڻِرُ ۽ ڪٺاڻِرَ؛ لڙيو - چوبدار - چڙيدار. ڪائيون ڪري وڪڻندڙ - ڪاٺيرَ.

- ڪٺاڻَ رَسُ؛ ذ. ڪائيءَ جو رس - ڪوڙ.

- ڪٺاڻَ سُونهڻُ ۽ ڪٺاڻَ سُونهڻُون؛ ث. ڪاٺ ڪي لسي ڪرڻ جي روات - ڪوري.

- ڪٺاڻَ سهڙهيُ (ث)؛ ث. سخت ٽڻن واري ٻڪري.

- ڪٺاڻَ ڪٺُو ۽ ڪاٺ ڪٺا؛ ذ. هڪ ٻڪيءَ جو ٽالو - ڪاٺ ڪيندڙ ٻڪي - ڊڪڻ ٻڪي - هڏ هڏ ٻڪي. هڪ جيت جو ٽالو - ڪاٺ ڪٽيو.

- ڪٺاڻ ڪٽيُ ۽ ڪٺاڻَ ڪٽيُون؛ ث. جهنگلي ٻڪيءَ جو هڪ قسم.

- ڪٺاڻَ ڪُلهي تي ڪٽائيڻُ: اڪيلو طور ڪم ڪرائڻ - ڏڻو ڏيئي ڪم ڪرائڻ - ڪشي تي ڪم ڪيائڻ - آسري ۾ ڪم ڪرائڻ.

- ڪٺاڻَ ڪٺُو ۽ ڪاٺ ڪٺا؛ ث. وادڪي اوزار جو هڪ قسم - ڪوليا جو قسم.

- ڪٺاڻَ ڪهاڙا ڪٽيُ لڳڻُ: هٿ ڏوڻي ٻنيان ٻوڙ - دشمني وجهڻ - ڪنهن کي برباد ڪرڻ لاءِ ڪم ڪشي ٻيهڻ. اوچ تي لڳڻ - لاهي ٻاهي ٻنيان ٻوڙ.

- ڪٺاڻَ ڪوڙيُون (ڪ)؛ ڪاٺ جي سڌائي وڻڻ لاءِ وادڪو هڪ اوزار.

- ڪٺاڻگڙهَ ۽ ڪٺاڻگڙهَ؛ ذ. (ڪاٺ+گڙهه = ڪاٺ جو ڪوٽ). ڪاٺ جو ڇورو - ويڙهو. ڪاٺ جو سامان - فرنيچر. ڪاٺ تي ٽيل ڪم جو جنسار - چتسالي - ٽُڪَ - آڪَرَ - چتَ ڪَلَ.

- (ان گهڙيو) ڪٺاڻُ هُجڻُ: ورڪ هڻڻ - نادان هڻڻ - بي عقل هڻڻ. مچو هڻڻ.

- ڪٺاڻِرُ ۽ ڪٺاڻِرَ؛ ذ. ڪائيون ڪندڙ - ڪائيرَ - ڪائِرُ.

- ڪائيُ ۽ ڪائيُون؛ ث. ڪاٺ جو مؤنث - لڪڻ - لٺ - ڇينو - ڇڙهه - ڇڙهي - ٻالڻ - سؤنٽي - ڏڪي - ڪاڙي - ڦينجهو - لڪڙي - ٻُڌي. هاڻي - جسم - قدُ - بدن - هاڻي - اڏاوت - بناوت - ڏيلُ - بدن جي ٻيهڪ. ٻوڪن جي وچ واري زمين (ث).

- ڪائياروَ ۽ ڪائيهاراَ؛ ذ. ڪاٺ وڪڻندڙ - ڪاٺ جو واپاري - ڏل وارو. ڪائيون وڍيندڙ - ڪائيون ڪٽندڙ - ڪائيرَ - ڪائِرُ.

Gul Hayat Institute

- كائيٚ پانگوٚ ۽ كائيٚ پانگا؛ ذ. پارڻ جون كائيون- كاٽ جو چوڏو.
- كائيٚ پٽجَنٚ؛ ٽانگ يا ٻانهن ڏنگجڻ- كاڇڻ يا ڪڪيڇڻ.
- كائيٚ پڳيٚ هٿَنٚ؛ ٻانهن ڏنگجڻ- ڪڪيڇڻ.
- كائيٚ تي كائيٚ پٽجَنٚ: ضد هاڙڻ- د شمني كرڻ- ويرٚ وڌهڻ.
- كائيرَٚ ۽ كائيٽرَ؛ ذ. كاٽ وڪندڙ- ٽالوار- كاٽ جو واپاري- كائيارو. كائيون وڏيندڙ- كائيٽر- كائيرٚ. پورَ ٽاهيندڙ- اڪرَ ڪدڙ.
- كائيٚ سوٚرَنٚ؛ ث. باهه ۾ كائي ٽاهي وڌهڻ- باهه سڃاڻڻ- جهيڙو شروع كرڻ- فساد جو بنياد وڌهڻ- سَمڙٚ سڃاڻڻ.
- كائيٚ كَرَنٚ: باهه ڏيڻ. ڏڪارڻ- نفرت كرڻ- بڇان كرڻ- كراهت آڻڻ.
- كائيٚ لڳنٚ: ٽانگ جو چڪٚ پائڻ- ڪڪيڇڻ- ٽانگ كان ڏنگجڻ.
- كائيونٚ كَرَنٚ: لڪڙيون گڏ كرڻ- كائيون ميڙڻ.
● كاٽ پانيٚنٚ: اسم خاص. هڪ ذات جو ٽالو- فقيرن جو هڪ قسم.
● كاٽَ پانيٚنٚ جاڪيٽرَ؛ اسم خاص. تعلقي گونيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● كاٽَ تَورِيٚ ۽ كاٽَ تَورِيونٚ؛ ث. پاڇيءَ جو هڪ قسم- پينديءَ جو هڪ قسم.
● كاٽَ پالَ؛ اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو.
● كاٽ پٽَنِيٚ: اسم خاص. ڪيرٿر جبل ۾ هڪ مڪان جو نالو.
● كاٽ چيٽرٚ ۽ كاٽَ چيٽرَ (ڪچ)؛ ذ. ميوي جو هڪ قسم- پَپيهو- كاٽ گيدرو.
● كاڙوٚ ۽ كاڙيڙا؛ ذ. گالي بجائي جو ڊنگ- گهاٽ وڃائڻ جو طريقو- ساز جو ٽمونو.
● كانيڙِيٚ: اسم خاص. حيدرآباد ڌنڊ واهيار ۾ ميرپورخاص تعلقن ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● كاٽٚ شوٚرَ وارٚ؛ اسم خاص. ٻارڻ جي اولهه طرف هڪ جبل جو نالو.
● كاٽ كٽُوٚ ۽ كاٽ كٽُا؛ ذ. پڪيءَ جو هڪ قسم، ڇڻ ڏڪهو، خوراڪ. اڪ ڏڙا، ماڪڙ، ڪيڙيون ۽ ڇوڪون ۽ انگور؛ گوشت خراب اٽس.
● كاٽ كيٚ؛ اسم خاص. تعلقي ميرپور ساڪري ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● كاٽ گيدِروٚ ۽ كاٽَ گيدرا: ذ. ميوي جو هڪ قسم- پَپيهو- پَپيهو- كاٽَ چيٽرٚ.
● كاٽَ گيڙَهٚ؛ اسم خاص. تعلقي ڪشمور ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● كاٽَ گيڙهيٚ؛ اسم خاص. حب كان اوريان هڪ جبل جو نالو.
● كاٽَ گهڙِيٚ؛ اسم خاص. هڪ لڪَ جو نالو.
● كانڙو: ذ. چار جي تندن ٽانڪڻ لاءِ هڪ قسم جو كاٽ جو سوٽو- سٽَ ويڙهڻ جي ڪني (ت). ديڳ رڌڻ لاءِ كاٽ جو ڪنگير- ڪڪير- آنيي- هنيي (ل)- وڏي ڏوئي (ث). پاڪڙي يا پلال جو كاٽ جو چوڻڪٚ- هنو (ث). ڪڻين جو ٽالهه (ت).
● كانڙٚو؛ اسم خاص. لس هيلي طرف هڪ ڳوٺ جو نالو.
● كانڙوڙٚ؛ اسم خاص. گولي ۽ ديري سجهه تعلقن ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● كانڙوڙِ ۽ كانڙوڙٚونٚ؛ ث. پوڪ واري خشڪ زمين. ڪڇيون كائيون (ت). (اسم خاص). شاهه بندر، ميرپور ساڪري، گهوڙا پاڙي تعلقن ۾ هڪ ديهه جو نالو. هڪ مڪان جو نالو (ڪ).
● كانڙوڙٚ ۽ كانڙوڙَ؛ ذ. هني يا پاڪڙي يا پلال جو كاٽ مان ٺهيل فريم- چوڻڪٚ- كاٽ مان ٺهيل هنو- كاڙوڙو- كانو- پاڪڙو. شيشن ركڻ جو جارو. كاٽ جو ٽالهه- خومچو- پاڙوڙو- پاڙو- كومچو- پاٽ. (وٽ تي) ڪنڊ-

Gul Hayat Institute

ڙوڙي - آجورو. ٽڙ يا ڪاٺ جو سطح. (اسم خاص). تعلقي ناري (خيرپور رياست) تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● كانڊوڙا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● كانڊوڙو ۽ كانڊوڙ: ذ. ڏسو كانڊوڙ - كانو. تاجي آڻڻ لاءِ كورين جو هڪ ڪاٺ جو فريم - ڪڙي آڻڻ جو هڪ اوزار. وايڻ جو هڪ اوزار - رندو. ڪاري جي وڏي ٻيڙي (وانڍ) جو مائهن جي وهڻ وارو پاڳو - دڪاني - فالڪي (ڪ).

= كانڊوڙي ۽ كانڊوڙ ٻوٽ: ث. ڪاٺ مان ٺهيل سامان - فرنيچر. ڪاٺ - لڪڙي - عمارتي ڪاٺ. گهوڙي جو هنو، ۳ قسم: (پتل، چر ۽ لوهه جو).

● كانڊيرو ۽ كانڊيهرا (ت): ذ. ڪاٺ ڪٽو - ڪٽڻ ڇڪي.

● كانڊي: ث. مڙهي جو وچ - سري.

● كانڊيا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● كانڊيا هارانيِ: اسم خاص. تعلقي جوهي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● كانڊيا بازار: اسم خاص. تعلقي واره ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● كانڊياواڙي: اسم خاص. كانڊاڙوار جو رهاڪو. سنهڙي ڇڇي ۽ وڏن ڪنن واري گهوڙي جو هڪ قسم.

● كانبيِ لڪيِ: اسم خاص. سنڌ جي اولهه ۾ ٽڪر جو نالو.

● كاپَ ۽ كاپُون: ث. فوج جي رهڻ جو هنڌ - لشڪر گاهه - چانوٽي.

= كاپَ ڪرڻ (ڪوپ ڪرڻ): سختي ڪرڻ. ڪٽپ ڪرڻ - اڏو كوڙڻ - بٽڪ ڪرڻ - ڪُپَ كوڙڻ - ڌاهو ڪرڻ.

● كاپُ ۽ كاپَ: ذ. ڪَپُ - ڪاتي - چاقو - چرو - خنجر.

" ٻاهران جاپَ ٻوءِ الدران كاپَ ٻوءِ"
(گل قند ۳۸).

● كاپاتيِ ۽ كاپاتيُون: ث. ڪپهه ڪتڻ واري ڪاتار - كاپاڻي - ڪتيندڙ - پورهيو ڪندڙ. اڻ پرٽيل زال - ڪُنوارِي.

● كاپاڻيو ۽ كاپاڻيا (ت): ذ. روئندڙ.

● كاپارَ: اسم خاص. بلوچستان جي جهالاوان علاقي ۾ هڪ ضلعي جو نالو.

● كاپارُ ۽ كاپارَ: ذ. (سن. ڪَپال = كاپار) ڪوهيري، جر مٽيون حصو - چوٽي - ڪَنڇُ - ڪيپرائي - ڏوڪڙ - ٽپٽ - سَٽَڙُ - مٽو - سير - ليراڙُ (ت). ڪَنڊُ. آسمان جو، اسان جي سير جي پورو يا سيڊو مٽان بيٺل ٽڪو - كاپارُ - سُمتِ آلراسِ - اوڄ فلڪ. (اسم خاص). بلوچستان جي هڪ ضلعي جو نالو.

= كاپارَ تي چڙهڻُ: شنگهه ٽيڙ - مغرور ٽيڙ - آڪڙجڻ - سيٽ ڪرڻ - وڌائي ڪرڻ - هاڻ ڪرڻ - ضد ڪرڻُ.

= كاپارَ جو ڏَڪُ آڇڻُ: سخت چوٽ اچڻ - وڏو نقصان پهچڻ - شديد صدمو رسڻ.

= كاپاريُ ۽ كاپاريِ: ذ. كاپار وارو - چوٽيءَ جو - مٽي وارو. سَمتِ آلراسِ وارو. عمودي. سخت.

= كاپاريِ ڏَڪُ: تمام وڏو نقصان - شديد صدمو.

= كاپاريُ ڏَڪُ لڳڻُ سير كي چوٽ اچڻ. سخت نقصان رسڻ - وڏو صدمو پهچڻ.

● كاپاهو: اسم خاص. تعلقي ٽنڊي الهيار ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● كاپاهيِ ۽ كاپاهيُ: ذ. (سن. ڪَرپاس = ڪپهه). ڪپهه وڪڻندڙ.

● كاپائيتو ۽ كاپائيتا: ذ. صفت. محبت ڪندڙ - محنتي - جفاڪش.

● كاپائيتيِ ۽ كاپائيتيُون: ث. (سن. ڪرپاس = ڪپهه). ڪپهه ڪتيندڙ. ڪاپو يا پورهيو ڪندڙ.

● كاپائتُ ۽ كاهتَ: ذ. (سن. ڪَرپَتَ). فقيرن جو هڪ قسم - پڪٽ يا پوجاري - عابد - زاهد - عبادت گذار - پرهيزگار - عباد تي - متقي.

Gul Hayat Institute

ويل. جاول. (ت). (اسم خاص). جوڳي فقيرن جي هڪ ذات جو نالو.

● ڪاهُرِسُ ۽ ڪاهُرِسَ: ذ. صفت. داناءُ - سياڻو - ڏاهو - عقلمند - اڪابر - هوشيار - پڙهُ (ت). پَتارُ - وَرُ - مڙس - شوهر - پتي - گهروارو (ل).

● ڪاپڙِيُ: اسم خاص. (سن. ڪارپٽڪاه ڪارپٽهه = ٽڪڙي + شڪ > ڪَلُپَنتَرَ = ڪپڙ > ڪارنڪ = جاڻي) دنيا جا لڳ لاڳاپا ڪپي ويل جوڳي فقيرن جي هڪ ذات. (اصل لفظ (ڪاهو = محنت) ڪان ٻوءِ ڪاپيو > ڪاپڙيو ، ڪاپڙي = جنهن کي آرام جي ڳڻتي نه هجي) - سياسي - جوڳي. مسافر. سهرين.

"اوٿَرَ اولو آءٌ جيئن گُر کي گڏيا ڪاپڙي" (شاهه).

(سن. ڪَرُپَتَ = ڪپڙو) ڪپڙي وارو - ڪپڙو وڪڻندڙ.

● ڪاپوُ ۽ ڪاپا: ذ. (سن. ڪاپن = ڪپڙ) وَڏَ ڪُٽَ - ڪاپَ - ڪَٽَ - مُڇَ (ل). ڪٽڻ جو ڪم. پورهيو - لايو لڳايو - محنت - مزوري. ڏُکُ - تڪليف. اورچائي - جفاڪشي - اَدَرُ. بي فائدو ڪم. ڪفايت - صرفو (ت). نيرَ جي هوڪَ. ٽڪندي زمين ۾ رهيل حصو يا ٽڪر (ت).

- ڪاپا ڪَيڻُ: سِڏائي ڪرڻ - سنوت وٺڻ.

- ڪاپوُ ڪَيڻُ: ثابت قدمي سان هلڻ - جدوجهد ڪرڻ - پورهيو ڪرڻ - ڪشالا ڪيڻ - اورچ ٿيڻ - ان ٽڪ هٽڻ. شدت ڪرڻ - ضد ڪرڻ - هوڏ ڪرڻ. ڪَتَنُ.

- ڪاپوُ ڪَرَنُ: پورهيو ڪرڻ. محنت ڪرڻ - تڪليف ڪرڻ. (نير جو) لاهارو وجهڻ يا لڻڻ. ڪٽڻ جو ڪم ڪرڻ. ڪفايت ڪرڻ (ت). ڪاپو ڪيڻ. ٻيڙيءَ جو درياءُ جي وچ سان وهڪري جي زور تي ٻاڦي ڪناري تي اچڻ (ت).

- ڪاپوُ ڪوڙَنُ: اڏو ڪوڙڻ - بينڪ ڪرڻ - ڪُپَ ڪوڙڻ - ڪُٽيڻي ڪوڙڻ - اڏو لڳائڻ (ڪوپ ڪوڙڻ).

● ڪاپوُڙو ۽ ڪاپوُڙا (ت): ڪپڙي جو ننڍو ٽڪر.

● ڪاپيُ ۽ ڪاپيُون: ث. ڪاغذ جو ڪچو نوٽبوڪ. ٻني ٽان ڏسڻ واري حالت (اسڪولي ڪن ۾) - نقل. ڪَانپَ - ڪَنپي. ٽانڪ جو هڪ قسم. "ڪاپي ڪارايل ٻاڻ ۾ متي دَرَ د ڙين" (شاهه).

● ڪاجُ ۽ ڪاجَ: ذ. (سن. ڪر > ڪاري = ڪر) ڪر - ڪَنڊو - ڪرت. شادي - وِهاءُ - ڪاجُ. جُڙُ - شادي ۽ جي مالي - دعوت. ڪاجُ - ڪالو. خوشي. احوال. قميص وغيره ۾ ٻيڙي ٻاڻ جي جاءِ يا سوراخ - ڪازُ - ڪاجُ.

- ڪاجُ سِڌُ ٿيڻُ: ڪم ٿهڻ - مطلب حاصل ٿيڻ - ڪم پورو ٿيڻ.

● ڪاجَنُ ۽ ڪاجَنَ (ت): ذ. ڪچرو - گند - ٻُهَرُ - ميڙُ - ميڙ.

● ڪاجَلُ ۽ ڪاجَلَ (ت): ذ. (سن). ڪاري ليڪَ. دولهين جي لاتَ سان ناهيل اکين ۾ وجهڻ لاءِ خَميرو - ڪَجَلُ.

- ڪاجِلِ ٻائيُ: نيري رنگ واري شيءِ - ڪاراڻ - ڪاراڻ.

● ڪاجوُ ڪَرُ (ت): ذ. ڪاجا - ٻوٽيچٽڻا - مُڪَتَ ڪَرِ يُ.

● ڪاجُ ۽ ڪاجَ: ذ. (سن. ڪاريَ = ڪر) ڪر - ڪار - ڪَنڊو - ٻيشو - ڪرت - ڏاري - ڪسَبُ - ڪارگذاري - ڪاجُ. خوشيءَ جي هڪ رسم - شادي - جشن - منگل آچارُ. شاديءَ جي موقعي تي ڪيل ڪالو. مجلس - محفل - ڪچهري - رهاڻ - مارڪو. فوتي جي ختمي وغيره تي ڪيل ماني. (ڏيجهو ، ڏهو ، چاليهو ، بارهو). "چا ماڻهو چا ڪاجُ". آميد - مراد - مطلب - آسرو. خميس جي ٻڙن وجهڻ جو ٽنڪ.

- ڪاجُ ڪَرَنُ: شاديءَ جو پَتُ ڪرڻ. مٽي جي ماني ڪرڻ.

- ڪاجهيتوُ ۽ ڪاجهيتا: ذ. ڪاجُ ڪندڙ - شادي وارو - ڪاج وارو.

Gul Hayat Institute

● ڪاڇوءُ (ت): ذ. ڦَلُ ـ ڦَرُ ـ ميوو.

● ڪاڇهرَ ۽ اسم خاص. حيدرآباد ۽ نوشهري تعلقن ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڪاڇهر ي ۽ اسم خاص. تعلقي ميرپور ساڪري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڪاڇيَرَ: اسم خاص. تعلقي نوشهري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڪاڇيڑِ ۽ ڪاڇيڑوءُنءُ (ت)؛ ث. ڪاڇن، جنهن ۾ مڪڙو پوي.

● ڪاڇيَنءُ ۽ ڪاڇڻُونءُ: ث. ٻاڦِ چرخ يا تار وغيره جي مٿي آڻي ويندڙ ڪاٺي ـ ڏِکهي ۽ ڦُلهي ڪائي ـ شهتير واري ڪائي. ڪامَ ـ داسو ـ ڏَنبءُ ـ ڏنيو. ٻاڦِ چرخ جو محصول يا ڏَلَ. ٻَڌيءَ جي ڪُنڊَ (ڪ. (صفت). ڏِکهو ـ لمبو ـ قداوَرُ. "ميڙس تہ ڪاڇي لڳو پيو آهي" (جملو).

● ڪاڇَ ۽ ڪاڇُونءُ؛ (ڪ)؛ ث. ڪانڇَ ـ سُٿَنَ ـ شلوارَ ـ سلوار.

● ڪاڇُ ۽ ڪاڇ ۽ ذ (سن. ڪاچَ > ڪانڇَ = شيشو) ڏاتوءِ جو هڪ قسم ـ ڪانڌو ـ شيشو ـ ڪانڇُ ـ ڪَنڇُ. قميص جي ٻيڙن وڃهڻ لاءِ ڪيبل ٽنگ ـ ڪاڇُ ـ ڪاڙُ (ت).

● ڪاڇَرَ ۽ ڪاڇَروءُنءُ؛ ث. ڪُمي ـ ڪَڇَنُونءُ.

● ڪاڇيٽيو ۽ ڪاڇيٽيَا (ت)؛ ذ. ڪچڙو ـ نڊيو ڦَرُ ـ ڪيڙو.

● ڪاڇاڻو ۽ ڪاڇاڻا؛ ذ. صفت. (سن. ڪَڇُڇ = درياهه يا سرحد جي ويجهو زمين) ڪَڇ جو.

● ڪاڇاٻِي ۽ ڪاڇاٻِيُونءُ؛ ث. ٻَڪريءَ جو هڪ قسم ـ ڪاڇيلن.

● ڪاڇَنءُ؛ مصدر. ماپڻ ـ ڪچڻ ـ مڻ.

● ڪاڇِنِ ۽ ڪاڇِنُونءُ؛ ت. ٻَڪريءَ جو هڪ قسم. ڏِڳِيءَ جو هڪ قسم. بلوچستان جي ڪجي علائقي ۾ ٻيدا ٿيندڙ جوئر جو هڪ قسم.

● ڪاڇُو ۽ ڪاڇا؛ ذ. (سن. ڪَنڇُڪ > ڪَڇُڇ = درياهه يا سرحد جي ويجهو زمين) درياهه جي پر واري ويجهي زمين ـ ڪچو. جبلن جي پر وارو ميدان (باجاري ۽ ٽنڈي رحيم خان کان ونڊي آتر سنڌ جي سرحد تائين). سنڌ جي دادو ضلعي وارو حصو ـ جبل جو ڪچُ. هڪ مڪان جو نالو. ڪَڇو ـ لنگوٽ ـ جهانگيرُو ـ گوڏ جو ڪپڙو ـ لُنڪ ـ لُنگ جو ڪپڙو. ماپَ ـ قدَ ـ ماپو. مقدارُ ـ ماڻَ ـ ڪَڇَ ـ پَمائش ـ پَمالو ـ آڪارُ ـ ڊِيلُ ـ پَمودو ـ سائيز (انگ).

= ڪاڇُو ۽ ڪاڇا؛ ذ. صفت. ڪچ ڪندڙ ـ ماپيندڙ ـ پَمائش ڪندڙ ـ ماپَ وارو ـ ماڻ وارو ـ ضابطُ ـ (زمين) سروي ڪندڙ.

= ڪاڇُو ڪَرَنءُ؛ ماپَ ڪرڻ ـ ڪچڻ ـ ماپڻ ـ پَمائش ڪرڻ.

= ڪاڇُو ونَنءُ: ٻَرن جي ماپَ ونڻ ـ ڪاڇو ڪرڻ.

● ڪاڇُونِيءُ ۽ ڪاڇونِيُونءُ: ث. (سن. ڪچو ٽيڪا > ڪڪشڻي = لانگوٽي). نندڙو اوکهڙ ڍڪڻ جو ڪپڙو ـ ڪچو ـ لانگوٽي ـ لُنگءُ ـ چوتو ـ لنگوٽُ ـ نندڙي گوڏ. گودڙي ـ گبري ـ بکري.

"ڪيئن ڪاڇوٽي وڌر جوڪ جتن لاءِ" (شاهه).

● ڪاڇُونِيءُ ۽ ڪاڇُونِيُونءُ (ت): ث. ڪفني ـ يڪو چولو.

● ڪاڇُوڙُو ۽ ڪاڇُوڙا: ذ. ڪچ ملڪ جو رهاڪو ـ ڪاڇي ـ ڪچي ـ ڪاڇيلو ـ ڪاڇيڙو.

● ڪاڇِيءُ ۽ ڪاڇيءُ: ذ. (سن. ڪَڇَ = درياهه يا سرحد جي ويجهي زمين) ڪچ ملڪ جو رهاڪو ـ ڪچي ـ ڪاڇيلو ـ ڪاڇيڙو ـ ڪاڇوڙو. جبل جي ڪنڊيءَ جو. ڪاڇي جي آڻَ جو هڪ قسم. لاڙيجو سهڻو آڻُ. (اسم خاص) هڪ ذات جو نالو. تعلقي ڪوٽڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

= ڪاڇِيڙو ۽ ڪاڇِيڙا؛ ذ. ڪچ پرڳڻي جو رهاڪو ـ ڪچ ملڪ وارو ـ ڪچي ـ ڪاڇيڙو.

● ڪاڇيلُ ۽ ڪاڇيلَ؛ ذ. لاڙ وارو پاڻو ـ ڍڪڻ وارو حِصو ـ ڪاڇو.

= ڪاڇيلانءُ (ڪ)؛ ڍڪڻ کان ـ ڏاڪيڻان.

Gul Hayat Institute

● كاچيلا: اسم خاص. تعلقي جيمس آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● كاخ ۽ كاخَ: ذ. (ع). بُلند عمارت - محل - ماڙي - قصر.

● كاڏ ۽ كاڏَ: ذ. (سن. كاشْتَكَا = لنڊي سنهي كاٺي). ككڙ - كڏو.

● كاڏانهن: ظرف. (سن. كُتْرَ). كيڏي - كهڙي پاسي - كيڏانهن - كاڏهون - كڏهن - كڏانهين - كيڏان - كاڏ نهن.

= كاڏانهون: ظرف. ڏسو كاڏانهن.

= كاڏانهين: ظرف. ڏسو كاڏانهن.

= كاڏ الڻن: ظرف. ڏسو كاڏانهن.

= كاڏ نڻون: ظرف. ڏسو كاڏانهن.

= كاڏ نهن: ظرف. كيڏانهن؟ كهڙي طرف؟ - كڏانهن؟ - كٿي؟ - كهڙي هنڌ؟ - كهڙي طرفان؟ - كٿان؟ - كٿانهين؟ - كٿاهون؟ - كاڏنئين - كاڏنئون.

= كاڏنهون: ظرف. كاڏانهن - كاڏنئن - كاڏنئون - كهڙي پاسي - كهڙي طرف كان - كٿي.

= كاڏي: ظرف كيڏانهن؟ - كٿي؟ - كائي؟ - كهڙي طرف؟ - كهڙي هنڌ؟ - كهڙي پاسي؟ - كٿي ڀ كٿي.

= كاڏي مُنهن: مَريَم جو كاڏي آدو آلهيار: ناموافقت - بي جوڙائي - اڻٽر - آلٽائي - بي لاڳاپائي.

● كاڏيَ ۽ كاڏيون: ث. ليسو - راساڙو - وستار - ڏيکهه - گهل - ٻتار - ونڊ - ونڊاءُ - ٻسارو - راساڙو - كهڻ - كهات - كفتگو يا تقرير جي ڏيکهه - ڏات. مرضي - خواهش - اڇا - منشا - سڌ - كامنا - چاهه - دل - رڄي - لاڙو - خيال - تمنا - چاهت.

= كاڏيارو ۽ كاڏيارا: ذ. ڏسو كاڏيَ. گهٽ - وڌڪو - مست - ڏرو.

● كاڏيِ ۽ كاڏيون (ت): ث. كوهه مان رسي سان ڇڪي پاڻي ڪڍڻ جي حالت. گهٽ ٻڌڻ - دور دراز - ڏکيو ٻڌڻ - ڏيکهه - وڏي مسافري. ڇڪتاڻ - گهل گينداڙ.

= كاڏيارو ۽ كاڏيارا: ذ. تند كيڏڙ - تاجي كندڙ. ڏکو. ڏري (ت). ڇاڙيءَ وارو (ت). ٿورو - گهٽو گهٽ.

= كاڏيِ تي هُجَنْ: اونهو هجڻ - ڏکيو هجڻ.

= كاڏيِ كيڏَنْ: كوهه مان رسي تي پاڻي ڪڍڻ. تكليف سهڻ - مشكلات ڏسڻ.

= كاڏيِ يارو: بلكل گهٽ - تمام ٿورو.

● كاڏيارا: ذ. تكليفون - سختيون - مشكلاتون. جيئن.

"كيڏي كاڏيارا ڏئي آڌارا". (شاهه).

● كاڏيارو ۽ كاڏيارا (ت): ذ. صدقو - قربالي - ٻليدان - كاڏاڻو.

● كاڏاڻو ۽ كاڏاڻا: ذ. صدقو - قربالي - ٻليدان - كاڏارو.

● كاڏيڙ ۽ كاڏيڙَ: ذ. صفت. بيكار - خراب. نكمو - ناڪاڻو - گوسڙو. بدپيشه عورت (ت).

● كاڏيو ۽ كاڏيا: ذ. (سن. كرْشَ). آكنڊ - خواهش - چاهه - مرضي - دل - رڄي - سڌ - تمنا - چاهت - اڇا - كامنا - منشا - آشا - مراد - رخ - لاڙو - ليٽ - خيال - چاڻي - چِڪَ - سڪَ - كشش - حب - تالكهه - آكير - محبت - قربكاڏ - كاڏارو - راساڙو - ليسو - ڏيکهه - وستار - كهات - كهڻ - ٻسارو - تقرير يا گفتگو جي ڏيکهه. پكيڙ - ايراضي. كفگير - ڏوئلو - هنبي (ت). ڪنهڙي - ڪنهوڙ - ڪنهاڙي (شادين ۾ حجامن كي ڪم ايندڙ) (ل). ان جو ماڻهو (گهٽ ۾ گهٽ ٥ سير) (ڪ). درد. مسافري. قاصد (ت).

= كاڏو كيڏَنْ: كنهن بيمار لاءِ كو صدقو ڏيڻ - سر جو صدقو ڪيڻ. تكليف وڻڻ يا ڪرڻ يا سهڻ.

● كاڏوڙ ۽ كاڏوڙون: ث. (عورت). ليچ - كريل - چڊيل - طلاق ڏنل - كريل - بدپيشه - بدچال. رذيل - بدمعاش. (ذ. كاڏوڙ ۽ كاڏوڙ).

= كاڏوڙي ۽ كاڏوڙيون: ث. طلاق ڏنل عورت - طلاقيل - كاڏوكڙ - كاڏوڙ.

Gul Hayat Institute

ـ كاڏوكڙ ۽ كاڏوكڙوڻ: ث. طلاق ڏيل گهر کان نڪالي مليل ـ کڊيل ـ کڊيل ـ طلاقيل ـ کاڏوڙي.

● كَاذِبُ ۽ كَاذِبَ: ذ. صفت. (ع). کوڙو ـ مڪار ـ جولو ـ دغاباز ـ ڏوکيباز ـ ٺڳ ـ فريبي. (ضد. صادق).

● كَارَ ۽ كَارُونُ: ث. کاري رنگ تي مائل ـ کاراڻ ـ اونڌ انڊوکار ـ جهڙ ـ ميگهه ملار.

● كارائِجَنُ: مصدر. کارو ٿيڻ ـ دولهاڻجڻ ـ کارو ٿي وڃڻ ـ لوسائجڻ. اگهه ڪِرڻ ـ بي ملهو ٿيڻ.

● كاراجِيرُي: ث. دوا طور ڪم ايندڙ هڪ پسارکو وکر ـ پلاءَ جيري جو هڪ قسم ـ کاري جيري.

ـ كَارَ اجهو ۽ كَارَاجهَا: ذ. صفت. کارانجهڙو ـ کاريڙو ـ کارسرو ـ کارو ـ کارانجهو ـ کاراڻ تي ـ کاري رنگ تي ـ مالوزو. شيدي.

ـ كارا زِيُوي: ث. کارا جيري ـ کاري جيري.

ـ كاراش (ث): ث. کارٽ ـ کاراڻ ـ کارنهن. ڇڙائي ـ بدي ـ مدي.

ـ كارانجهڙو ۽ كارانجهڙا: ذ. ڏسو کارانجهو

ـ كَارَ انْجِهڙِيُ ۽ كَارَ انْجِهڙِيُونُ: ث. کاراڻ تي مائل ـ کارسري. منهن اولداهي ـ سڄ لڳي مهل ـ سڏ يا ـ سنڌ يا راڳ ـ شفق ـ لماشام مهل ـ ٻوياڙي ـ ٻوجاڙي.

ـ كاراڻِ ۽ كاراڻِيُونُ > كاراڻُونُ: ث. کارنهن ـ منهن اولداهي ـ انڌ وکار ـ کار ـ اونداه ـ کاراڻ ـ سياهي ـ کاراڻي.

ـ كَارَاڻِيتا: کاراڻيا. کاراڻ منجهان ـ کاراڻ مان.

ـ كاراڻِيڻ: مصدر. کارو کراڻ يا ڪرڻ ـ کارو ٿيڻ ـ کاراڻ ٿيڻ. (ث). کارلهن ـ کاراڻ تي مائل ـ اڻ لکو کارو ـ انڌ وکار ـ اونداه.

ـ كاراڻي ۽ كاراڻِيُونُ: ث. کاراڻ ـ کاراٽ ـ کارلهن ـ سياهي.

ـ كَارَتُهو ۽ كَارَتُهَا: ذ. کاري ٽهه واري جوڙ جو هڪ قسم.

ـ كَارَتُهِيُ: ث. کاري ٽهه واري جوڙ جو هڪ قسم.

ـ كَارَتُ ۽ كَارَتُونُ: ث. صفت. تشي يا دالڻگي جي ڪارلهن ـ کاراٽ ـ کاراڻ.

ـ كَارَتَ جو ٽِڪَرُ: کارلهن جو داغ ـ بدنامي ـ شهرت ـ بدناموسي ـ گلا ـ نندا ـ عيب ـ گهٽتائي ـ وڌ.

ـ كَارَجِيُو ۽ كَارَجِيَا: ذ. صفت. کاري زبان وارو ـ زبان جو گندو ـ کارزبانو ـ نظرينڊڙ ـ ناظرو. نياکو ـ آشُبُ ـ بدسگهن ـ گهاتي ـ نياڳ آڏيندڙ ـ خراب قسمت آڏيندڙ ـ بدبخت ـ لدورو چندو ـ نحس ـ منحوس.

● كَارَ زِبَالُو ۽ كَارَ زِبَانَا: ذ. صفت. کارجيو.

ـ كَارَسِرو ۽ كَارَسِرَا: ذ. پراڻو يا جهولو پَرَ کار مٿو ـ کاريڙو.

ـ كَارُكَ ۽ كَارُكُونُ: ث. کاري ٻڪري (ت).

ـ كَارَكُچو ۽ كَارَكُچَا (ت): ذ. صفت. نوجوان ـ ڪپرو.

ـ كَارَكِيُ ۽ كَارَكِيُونُ (ث): ث. رلڳ جي کاري.

ـ كَارَ مُنْهَائِيُ كَرَنُ: بيماني ڪرڻ ـ ويساهه گهاتي ڪرڻ ـ ٺڳي ڪرڻ. بروکر ڪرڻ ـ چرايي ڪرڻ ـ زنا کاري ڪرڻ.

ـ كَارَ مُنْهُونُ ۽ كَارَ مُنْهَانُ: ذ. صفت. بَدشڪلو ـ بيڇڙو. خراب ـ بد ـ بُرو ـ مَندو. شيطان ـ اندر جو پليت ـ دغاباز. بي مانو ـ بي غيرت ـ بي شرم ـ بي حيا ـ رَذيلُ ـ ذَليلُ.

ـ كَارَ نَرِيُو ۽ كَارَ نَرِيا: ذ. صفت. گهوڙي جو هڪ قسم (کاربن ٽنگن وارو).

ـ كَارَنْهُنُ: ذ. کارو رنگ.

ـ كَارِيُ زِيُرِيُ: ث. کاري جيري.

● كارِ ۽ كارُونُ > كارِيُونُ: ث. (سن. کرم. ف. کار = کر > کرڻ) ڪر ـ ڏنڊو ـ کارج ـ ڏاڙي ـ شغل ـ کَسَبُ ـ روزگار ـ

روزي ـ كرت ـ هاج ـ پيشو . مشغولي ـ هنر . كارپٽ ـ آبرو ـ ساک ـ ايمانداري ـ اعتبار ـ ويساهه ـ ساکپت ـ رهائي ـ راهي ٻوکي . بي عزتي ـ بي مائي ـ نِردار ـ جُٹ ـ تعدي ـ ملامت ـ قُبَ ـ بي آبروئي . شادي ـ کاج . خيرات . روا ـ ٹيک ـ بَجا ـ واجب ـ درست ـ برابر ـ ٹيک ـ صحيح . "پاري مان ٻاهر لکري ڏَکُ هٹن کار ناهي" (جملو) .

■ کارِ آمدُ ۽ کارِ آمدَ ؛ ذ . ک م ايندڙ ـ کمائتو ـ ک م وند ـ کارائتو ـ کتبائتو ـ مفيد ـ فائد يمند ـ مطلب وارو ـ سجايو ـ سود مند ـ سڏلو ـ سکياڻو ـ سُکمو ـ سارٹک ـ ک م جو . معاون ـ مددگار ـ واهرو ـ حمايتي ـ سهايَکُ ـ ٻُڌيرو .

■ کاراوَتَ ۽ کاراوَتُونُ ؛ ث . کارائي جو ڈنڈو يا ک م (ان وغيره جي سنيال) ـ کاراوٹ ـ رکوائي ـ رکهالي ـ حفاظت ـ سنيال .

■ کاراهوُ ۽ کاراهاَ ؛ ذ . زميندار وت هارين جي نظرداري وغيره لاءِ ک م کنڈڙ ماڻهو ـ کمدار ـ ٹُوهو ـ راکو ـ کارائو ـ رکهال .

■ کارائِتَنُ ؛ کارائي جو ڈنڈو ـ کاراوَت ـ رکوالي ـ رکهالي ـ سنيال .

■ کارائتوُ ۽ کارائتاَ ؛ ذ . صفت . ک م ايندڙ ـ کارآمد ـ کمائتو ـ ک م ولد ـ ک م جو ـ کارگر ـ سُکمو ـ سکياڻو ـ سارٹک ـ کتبائتو ـ سڏلو . فائدي وارو ـ فائد يمند ـ مفيد ـ سجايو . چڱيءَ طرح .

■ کارائوُ ۽ کارائاَ ؛ ذ . زمين جي سنيال لاءِ مقرر ڪيل ماڻهو ـ کاراهو ـ راکو ـ ٹُوهو ـ کمدار ـ لڪهبان ـ رکوال ـ رکهال ـ چوڪيدارُ (فصل وغيره جو) .

■ کارُبارُ ۽ کارُبارَ > کاروُنُ باروُنُ ؛ ذ . ث . ڈنڈو ـ ک م کار ـ کاروبار ـ وهنوار ـ هاج ـ معاملو ـ پيشو . مشغولي ـ کرت ـ کار ـ ک م . بندوبست ـ انتظام ـ جوڙجڪ ـ ناهه ٹوهه .

■ کاربارِيُ ۽ کاربارِيُ ؛ ذ . ک م وارو ماڻهو ـ کاروباري ـ ڈنڈائي . بنه وبست ڪندڙ ـ التظام ڪندڙ ـ ک م هلائيندڙ ـ جوڙجڪ ڪندڙ .

■ کاربَنْدُ ۽ کاربَنْدَ ؛ ذ . صفت . (ف) . تعميل ڪرڻ وارو ـ عمل م آڻيندڙ . فرمانبردار ـ چئيوان ـ چياکُر .

■ کارِپَرِيوُ ۽ کارِپَرِياَ ؛ ذ . کارائتو ـ کمائتو ـ ک م وارو ـ سجايو ـ مفيد ـ سڏلو .

■ کارِپَتِ ۽ کارِپَتُونُ ؛ ث . کار ـ کاروهنوار ـ ايمانداري ـ پرتيت ـ پَتِ ـ سُهپتيائي . پرم ـ ويساهه ـ ساک ـ پُنج ـ معتبري . لهٹو ـ رکت ـ اوڏر . چڱو ناالو ـ ناموس ـ ليکنامي .

■ کارِپُردازُ ۽ کارِپُردازَ ؛ ذ . ک م وارو ـ ک م کنڈڙ ـ منيب ـ کاردارُ ـ کارڪُن ـ مُهتمُ ـ مُنْتَظِم . پلاوٹو ـ گماشتو . کامورو .

■ کارِپُردازِيُ ۽ کارِپُردازِيُونُ ؛ ث . ک م هلائڻ واري حالت ـ انتظام ـ بندوبست ـ جوڙجڪ ـ ناهه ٹوهه . وصيلو ـ ذريعو ـ معرفت .

■ کارخانوُ ۽ کارخاناَ ؛ ذ . ک م ڪرڻ جي جاءِ ـ هنري دڪان ـ وڏو دڪان ـ ڪوٹي ـ ورڪشاپ ـ دُڪانُ . واپاري گهر . توبخانو ـ باروت خانو ـ سلاح خانو . زنانو ڳجهو عضوو .

■ کارخالِيدارُ ۽ کارخالِيدارَ : ذ . کارخالي جو مالڪ ـ ڪوٹيدار .

● کارخِدمَتَ ۽ کارخِدمَتُونُ : ث . خدمت ـ ٹهل ٹڪور ـ چاڪري ـ شيوا ـ خدمتگذاري ـ خادمي ـ ٻيلپ ـ نوڪري .

■ کارخَيرُ ؛ ذ . پلائي جو ڪمُ ـ ثواب جو ک م ـ چڱو ک م ـ ليکيءَ جو ک م .

■ کارِدارُ ۽ کارِدارَ : ذ . (ف . کار = ک م + داشتن = رکڻ) . ک م وارو ـ عهديدارُ ـ مُهلت دارُ ـ عاملُ . مختيارڪارُ ـ تعلقي آفيسرُ . بادشاهه جي اڳيان ک م ڪنڈڙ ـ وزير ـ منتري . لڪهبانُ ـ راکو ـ محافظ ـ سنيال ڪندڙ .

■ کارِدارِيُ ۽ کارِدارِيُونُ ؛ ث . کاردار جي ڪچهري ـ تعلقي جي آفيس ـ دفتر ـ مختيارڪاري ـ لڪهباني ـ سنيال ـ محافظي ـ لڪهداشت .

Gul Hayat Institute

ـ كارِ دانُ ۽ كارِ دانَ ؛ ذ. (ف. كار كر + دانستن = ڄاڻڻ) ڪر جو ڄاڻو ـ كاردارُ ـ باليكارُ. حاذق ـ ماهرُ ـ پڙُ ـ هوشيارُ ـ تجربيڪرُ ـ پڪو ـ كاريگر ـ استاد ـ گوهرُ ـ ڄاڻو.

ـ كارِ رَوائِيُ ۽ كارِ روائِيُونُ ؛ ث. كارگذاري ـ كارستاني. ڪورٽ جي روبڪاري. چوراهو ـ هڻ ٽڻ. ڪمَ. ڪر جي هلت ـ رفتار ـ گهمرو ـ وارو ـ دوڙو ـ دوُرُ ـ سرشتو. انتظام ـ تدبير ـ حيلو ـ جوڙجڪ.

ـ كارِ زارِ ؛ ث. (ف). لڙائي ـ جنگ ـ جدل ـ جهيڙو ـ وڙهه ـ جنڊ ـ پنڊَ.

ـ كارِ سازُ ۽ كارِ سازَ ؛ ذ. (ف). ڪر جو اهينڊ ـ جوڙينڊ ـ بنائيندڙ ـ ڪندڙ ـ ڪرتا ـ ڪرڻوارو ـ ڪارڻي ـ فاعِلُ. سڌارينڊ ـ سنڀالينڊ ـ درست ڪندڙ ـ اصلاح ڪندڙ. صانع ـ قادر مطلق. فائديوارو ـ گڻ وارو ـ فائدمند ـ لاڀائتو ـ ڪامل. (اسم خاص). الله تعالىٰ جو هڪ صفاتي نالو.

ـ كارِ سازِيُ ۽ كارِ سازِيُونُ ؛ ث. ڪر ـ ڪار ـ هرڀنڊ ـ ڏندو ـ ڪرت ـ هاج ـ مشغولي ـ ڪاج. جوڙجڪ ـ ربط ـ ضبط ـ ڪر جي هوڻاري ـ ڪر جي هوڻواري ـ بندوبست ـ انتظام ـ ڪر جو ٺاهُ. سنوارُ ـ صفائي ـ سڌارُ ـ اصلاح. نبيرو ـ چيڙو ـ ڇاڻي ـ آخرت ـ ڇيهُ. فرمانُ ـ حُڪم ـ آردرُ ـ آ ڳيا.

ـ كارِ سانَ كَرَنُ (ڪ) ؛ تياري ڪرڻ ـ خيال ڪرڻ ـ سنبهت ڪرڻ ـ سانباهو ڪرڻ. "وڙهڻ جا كارَ سانَ هيو ڪرين" (جملو).

ـ كارِ سُتانُ ۽ كارِ سُتانَ ؛ ذ. صفت. چالاڪ ـ هوشيار ـ عيارُ ـ آستاد ـ نٽهڻُ ـ گوهر ـ پڙُ. وڏو ڪر ڪندڙ ـ ڪيپ ڪنندڙ ـ سَهڻُ سَر انجام ڪندڙ. بهادُري جو ڪر ڪندڙ ـ دليرـ و ٻرُ ـ سُورهيه ـ سورمو ـ جوڌو ـ بالڪو ـ بهادرُ. غيرواجبي فائدو حاصل ڪندڙ ـ مطلبي ـ لالچي.

ـ كارِ سُتالِيُ ۽ كارِ سُتانِيُونُ ؛ ث. چالاڪي ـ عياري ـ سازش ـ مڪاري ـ ٺڳي. استادي ـ ڪماليت ـ هوشياري ـ كاريگري ـ تدبير ـ آهاءُ. سَهڻُ ـ ڏَهڻُ. غيرواجبي فائدو ـ مطلب ـ لالچ ـ ذاتي فائدو. ساهس جو ڪر.

ـ كارِ سُوارُ ۽ كارِ سُوارَ ؛ ذ. صفت. كارِ سُتارُ ـ هوشيار سُوارُ.

ـ كارِ سُوارِيُ ۽ كارِ سُوارِيُونُ ؛ ث. كارِ سُتارِيُونُ ؛ ث. كارِ سُتاري ـ گهوڙهسُواري. گهوڙهسواري ـ گهوڙي سُوارُ ـ هوشيارُ سُوار ـ تازيدارُ ـ كار سُوارُ. ڏوهائي. گهوڙن جو سوداگرُ.

ـ كارِ سُتارِيُ ۽ كارِ سُتارِيُونُ ؛ ث. گهوڙي سُوارِي ـ تازيداري ـ كار سُوارِي. گهوڙن جي دلالي.

ـ كارِ شناسَ ۽ كارِ شناسَ ؛ ذ. صفت. (ف. كار = ڪر + شناختن = سڃاڻڻ) آزمودڪار ـ هٿ هيرِ بَلُ ـ اڪابرُ ـ پڙُ ـ ڪر مان واقف ـ كارداںُ ـ جهان ديدو ـ تجربيڪار ـ ماهرُ.

ـ كارَكُ ۽ كارَكَ : ذ. ڪر ڪندڙ ـ فاعل. (گرامر ۾). فعل مان لڪندڙ اسم. (صفت). مؤثرُ ـ مُجَرِبُ ـ اثرائتو ـ ڪر وارو ـ تاثير وارو.

ـ كارِ كَرِتو ۽ كارِ كَرِتا ؛ ڪر جهڙو ـ كارائتو ـ ڪمائتو ـ كارِ كَرِدو.

ـ كارِ كَرِدو ۽ كارِ كَرِدا ؛ ذ. كارائتو ـ ڪمائتو ـ ڪر جهڙو ـ كاركَرِتو.

ـ كارِ كَرَنُ ؛ بي عزتي ڪرڻ ـ سزا ڏيڻ. واجب ڪرڻ ـ مناسب ڪرڻ.

ـ كارِ كُنُ ۽ كارِ كُنَ ؛ ذ. ڪر ڪندڙ ـ ڪمدار ـ كاردار ـ مختيار. وزير ـ اهلڪار. منشي ـ ڪامورو ـ ڪلارڪ. نوڪر.

ـ كارِ كِيئُنُ م اڇ (ل) ؛ ڪنهنجي هٿ ڪر جو نتيجو لوڙڻ ـ ڪيئي جو ڪيتو لوڙڻ ـ سزا پوڳڻ ـ جزا جي سزا ملڻ.

ـ كارِ كِيئُونُ ڪائِنُ (ث) ؛ لوڪ مَرُيادا جو ليڪو لنگهي وڃڻ ـ بي شرم ٿي ٻيهڻ ـ بي حيا ٿيڻ ـ ماس ٻتو پوڙي چڏڻ.

ـ كارِ گُذارُ ۽ كارِ گُذارَ ؛ ذ. (ف). ـ ڪاريگر ـ كاردان ـ پڙ ـ ماهر ـ استاد ـ نٽهڻ ـ

گوهر- چرب دست- كم كندڑ- كاردار- مهتر- لوكر- ٻالهو- خدمتگار- ٻيلي- چاكر.
= كارِ گُذارِيُ ۽ كارِ گُذارِيُونُ: ث. روزنامو- روزنامچو- ڊائري- روزمره جي حالات- پوتاميل. فرض جي پورائي. كم كار جو آكلاءُ- تعميل- نچوڙو- چڙ چوت. فرمانبرداري- خدمت- ملازمت- نوكري- خدمت گذاري- چاكري- ٽهل ٽكورَ.
= كارِ گرُ ۽ كارِ گرَ: ذ. كارائتو- اثرائتو- مجرب- مفيد- اثر وارو- موثر. فائدمند- سودمند. كمائتو- كم جو- كم وٺ- كم وارو.
= كارِ وائيُ ۽ كارِ وائِيُونُ: ث. (ف). كارگذاري.
= كارِ وائِيُ كرَنُ: كارگذاري كرڻ. تعميل كرڻ- عمل كرڻ. فرض پورو كرڻ- ڊيوٽي ٻجا آڻڻ- حكم جي ٻجا آوري كرڻ.
= كاروٻارُ ۽ كاروٻارَ: ذ. (ف). كاروبار- كم كار- ڌنڌو ڌاڙي- كيرت- هاڃ- پورهيو- كسب. سود و سلف- واپار- ڏي وَٺ. اڌارو- ڊَلبُ- ڊَنبلو.
= كارِيُ ۽ كارِيُ: ذ. اسم جي نهان كم اچي، فاعل ڏيكاريندڙ لفظ. جيئن ته "لاڀكاري، اهاڪاري وغيره". (سن. كرِ = كرڻ). كم جو- كارجو- كارائتو- كارگر- مفيد- كمائتو. اثرائتو- اڻ كٽُ- موتمار.
= كارِيگرُ ۽ كارِيگرَ: ذ. كم جو جاڻو- هُنرمند.
= كارِيگرُكوُ: ذ. صفت. كاريگرانو- كاريگر جو- سنو.
= كارِيگِرِيُ: ث. كم جي جاڻ- هُنر- هوشياري.
= كارِيندَڑُ ۽ كارِيندَڑَ: ذ. گٺائتو- مهربان- وڙائتو- آڪاري (السان).
● كارا: اسر خاص. هڪ ذات جو ٻالو. چانڊين بلوچن جا ۾ مشهور ٻاڙا آهن. هڪ كارا ۽ ٻيو گورا (پورا).
● كاراتِير: اسر خاص. هڪ ديهه جو ٻالو.
● كاراڻيُ: اسر خاص. هڪ ذات جو ٻالو. تعلقي ڏوكري، ۽ هڪ ديهه جو ٻالو.
● كاراهيُ (ت): ث. كاٺ جي ٻيالي (جنهن سان ڪٺڪ يا سارين جي واڙ ڪجي).
● كارائِيُ ۽ كارائِيُونُ: ث. كاٺ وغيره كي چيرڻ لاءِ لوهه جو تڪن ڏندن وارو هڪ واڍڪو اوزار- آرو. ان صاف كرڻ لاءِ كاٺ جو ٻاڇي والكر هڪ اوزار- سُپُ- چَجُ- گاگڙو. هٿ ۾ نوليٽ جي وچ وارو حصو- كرائي- وِٻيي.
= كارائِيُ مانُ كَيَنُ: ان صاف كرڻ. چيرڻ- ۾ اڏ كرڻ- وَڍَڻ- ڪٽڻُ.
= كارائِيُ هٽَنُ: ان كي واڙڻ- صاف كرڻ. وڍڻ- ڪٽڻ- چيرڻ- ۾ اڏ كرڻ. كجهه لكائڻ- كتر وڇوٽ- تكائڻ- ڇپائڻ.
● كارائِيُ تِيتَرُ: اسر خاص. ٻكيءَ جو هڪ قسم.
● كارائِلُ ۽ كارائِلَ: ذ. (سن. كلاهي = سورُ). سورُ. ڪٽي تي ركيل ٻيار جو هڪ ٻالو. ڪائڻ جو دستور. (اسم خاص). سُر يا راڳڻيءَ جو ٻالو.
● كارَبُ ۽ كارَبَ: ذ. (ع. قالب. ف. گالبد = مانچو) قالب- ٿوپو- فريم- فرمون- ماپو- كارَبُ (ت). كورين جي اوزار جو هڪ قسم. ڍلهه جي ٻكين جي ڦاسائڻ جو هڪ طريقو- دَليبو "كارِبَ جو شكار".
● كارِبَانُ: اسم خاص. (الگ. Carbon) هڪ گئس جو ٻالو- كوئلي يا شيهي مان پيدا ٿيل گئس.
● كارِباڑِيُ: اسم خاص. هڪ ذات جو ٻالو.
● كارِبُ ۽ كارِبَ (ت): ذ. كارَبُ.
● كارِبَكهوُ ۽ كارِبَكها (ت): ذ. پاڻي، جي ٻكيءَ جو هڪ قسم.
● كارِتُوسُ ۽ كارِتُوسَ: ذ. چيرن ۾ دارون سان پريل بندوق ۾ وجهي هٽڻ لاءِ دَهِيي- بندوق جو ڏَڪُ. مرد جو مخصوص عضوو.

Gul Hayat Institute

● كارَپ ۽ كارَهُنُ (ث): ث. پلي هوڪ.
● كارَ پَكڙو ۽ كارَپَكڙا: ذ. منگر مڇي جو هڪ قسم.
● كارج ۽ كارِجَ: ذ. (من. كاريه = ڪرڻ) ڪر ـ شغل ـ ڏنڊو ـ هاج ـ ڪِرتَ مراد ـ مطلب ـ ارٿ ـ غرض ـ مقصد ـ هاردُ ئي ـ منورٿ. شادي ۽ جي موقعي تي خوشيءَ جي رسم ـ ڪاجُ ـ ڪاجُ ـ شاد ماالو ـ مجلس ـ ڪالو ـ منگل آچار ـ جُنُجُ ـ ماني ـ جشن ـ ڪاڄڙو. ڏڙو ـ رگڙو ـ فساد ـ معاملو ـ ڪيروڌ ـ جهيڙو.
= كارجُ سِدْهُ ٿيڻُ: مطلب جو سرانجام ٿيڻ ـ مراد ڪي رسڻ ـ ڪر جو راس ٿيڻ ـ مطلب حاصل ٿيڻ ـ مقصد پورو ٿيڻ.
= كارجُ مَنڌَلُ: ذ. شادماليءَ يا خوشي جو موقعو ـ خوشيءَ جو وڏو ڏينهن.
= كارجُ مَنڌَلُ ٿيڻُ: لنيو وڏو ڏينهن ٿيڻ ـ شادي غمي ٿيڻ ـ هاوڻي يا دعوت ٿيڻ.
= كارجُ ڪرتا: ذ. صفت. ڪر ڪندڙ.
= كارِ جُوَانُتُ ۽ كارِ جُوَنْتَ: ذ. صفت. ڪر وارو.
● كارچوبُ ۽ كارِچوبَ: ذ. (ف. كار = ڪر + چوب = ڪاٺي) زريءَ جي پَرت پرڻ لاءِ ڪاٺ جو اڏو ـ فريم ـ چوڪو. اڪثر آٺن جو اوزارُ ـ كارچوبُ چڪدوزي جو ڪر ڪندڙ ـ زريءَ جو پرت پريندڙ ـ زربافي ڪندڙ ـ زردوزُ ـ پرت جو ڪر ڪندڙ.
= كارچوبيُ: ذ. صفت. كارچوب وارو. گلاڪاري ـ زريءَ جو ڪم ـ زردوزي ـ ڪشيده ڪاري.
● كارِچوبُ ۽ كارِچَوبَ: ذ. كارِچوبُ.
● كاردار: ذ. ڪوٽ جو چگو مڙس يا امين (جو ٻنين جي داڻ بندي ڪندو آهي).
● كارِڏو ۽ كارِڏا: د. شينهن جو هڪ ٻالو ـ شيبر.
● كارِدُ ۽ كارِدِ: ذ. (انگ. Card). خط ـ چٺي ملاقات ڪندڙ جي عبارت جيئن ڪيئن. پتو ـ نشانُ.
● كارڙا: اسم خاص. هڪ ذات جو ٻالو. ڏوڪري ۽ ميري خاڻ تعلق ۾ هڪ ديهه جو ٻالو.
● كارڙو ۽ كاروڙا (ك ـ ل): ذ. (سن. كالَ = كارو > ف. كيك) چڪُ هٿندڙ ننڍڙي جيت جو هڪ قسم. ٻَسون (ك). ٻاڻ مان پيدا ٿيندڙ جيت جو هڪ قسم (ت). تيتر جو هڪ قسم ـ كارڙو شڪاري تيترُ.
● كارڙو تيترُ: اسم خاص. ڪاري رنگ جي شڪاري تتر جو هڪ قسم.
= كارِڙو جهيڙُ: اسم خاص. ڏاڙهياري جبل ۾ هڪ ڏوريءَ جو ٻالو.
● كارِڙِيُ ۽ كارِڙِيُونُ: ث. جؤار جو هڪ قسم يا جنس ـ كارتُهيُ.
● كارِساڻُ ۽ كارِساڻَ (ك): ذ. جهيڙي جو پيغام ـ دڙڪو.
= كارِساڻُ ڪرِي موڪلڻُ: دڙڪو چوائي موڪلڻ.
● كارسر: اسم خاص. ٿر ۾ هڪ جبل جو ٻالو.
● كارَسِرِيُ ۽ كارَسِرِيُونُ: ث. پڪيءَ جو هڪ قسم. پوريءَ جو هڪ قسم (ت).
● كارَكٽِچِيُ ۽ كارَكَٽِچِيُونُ: ث. هڪ پڪيءَ جو ٻالو ـ كالَڪٽِچي.
● كارَكِينْجِيُ: ث. ڪينچي ميل ٻچ وارو كاري رانگ جو هڪ پڪي.
● كارِكو ۽ كارِكَيا (ت): ذ. مرڻي جي خبر رسائيندڙ ـ قاصد.
● كارُگُلُ ۽ كارَگُلَ: ذ. ڪو نيڪيءَ وارو ڪيل ڪمُ ـ سُاڇائي ـ سَدوراڻي.
● كارليس: اسم خاص. سنڌ جي واهار تي مفصل بيان ڏيندڙ هڪ انگريزي مورخ جو ٻالو.
● كارلامُو ۽ كارِلاما: ذ. (ع). كارستاني ـ مهر ـ عظيم الشان ڪم. كاريگري ـ هوشياري ـ ڏاهپ ـ سياڻپ ـ كيڏ. جنگ لامو ـ رزم لاسو. تواريخ. حڪومت يا رياست جي قانون جو ڪتابُ ـ دستور العمل.
● كارِنْجُ ۽ كارِنْجَ: ذ. منگر مڇي جو هڪ قسم.

Gulf Hayat Institute

ـ کارِ لُڳهوُ ۽ کارِ لُڳها: ذ. بدن جو هڪ عضوو ـ ڏولڳو ـ ڪَرلڳهو. دونهين ڪيڻ لاءِ لڙو ـ بخارو ـ ڪيفَ ـ بُخاري ـ چمني.

● کارَ لُڇهنُ: ث. (سن. کالما) کارَتَ ـ کارنئين ـ کارو رنگ ـ کاراڻ. داغ ـ عيب ـ ڪلنڪُ ـ وِڏَ ـ گهٽتائي.

ـ کارَ لُڇهينُ جوُ نِڪوُ لائنُ: بدنام ٿيڻ ـ خوار خراب ٿيڻ ذليل ٿيڻ ـ رُسوا ٿيڻ. عيبدار ٿيڻ ـ ڪلنڪ لڳائڻ.

ـ کارَ لُڇهينُ جوُ لِڪَرَ پَڄَنُ: بدناميءَ جو اڇڻ ـ خواري خرابي ٿيڻ ـ ذلت ۽ پرڄڻ ـ رُسوائي ٿيڻ. عيبدار ٿيڻ ـ ڪلنڪ جو داغ اڇڻ.

ـ کارَ لُڇهين جوُ ڪوپُ اڇَنُ: بدنام ٿيڻ ـ خواري مڇڻ ـ خوار خراب ٿيڻ ـ ذليل ٿيڻ ـ رُسوا ٿيڻ ـ کارلهن جو لِڪر پَڄڻُ.

ـ کارَ لُڇهينُ ڪٽڻُ: خواري ڪٽڻ ـ بدناميءَ ڪٽڻ ـ رسوائي ڪٽڻ ـ ذلالت ڪٽڻ.

● کارَ لُڇُنُ: ث. صفت. کارو رنگ ـ کاراڻ ـ کارَ لُڇهينُ ـ کاراڻ.

● کارَنُ ۽ کارَنَ: ذ. سبب ـ ذريعو ـ باعث ـ ڀهالو ـ وَجهُ. هوشُ ـ ذِهانُ ـ خيالُ ـ عقل ـ سمجهه. راستي ـ انصاف ـ سچائي. سُول ـ ستو ـ موقعو. جادو. دوا ـ علاج. مدافعت ـ حيلو (ت). (حرف جر) جي لاءِ ـ جي ڪري ـ لڳ ـ واسطي ـ خاطر ـ سالڳي ـ ڪاڻِ ـ جيڪر ـ تنهن ڪري ـ تنهن لاءِ ـ صدقي ـ لئي ـ نِمت ـ پاڻين ـ آرِ ٽ (جي لحاظ).

ـ کارَنُ ڪَبابُ ٿيڻُ: ڪباب ٿيڻ واسطي تيار ٿيڻ ـ مرڻ لاءِ تيار رهڻ.

"فنا وجهي فَرَ ۾ ڪارڻ ٿي ڪَبابُ"
(شاهه).

ـ کارَنُ ڪَرَنُ: سحر جو اثر هلائڻ ـ ٽوٽو ڦيرو ڪرڻ ـ سِحو ڪُل ڪرڻ ـ دعا تعويذ ڪرڻ.

● کارِ ٽيُ ۽ کارِ ٽيُ: ذ. صفت. فاعل ـ ڪرڻ وارو ـ ڪرتا ـ ڪندڙ (ڪر). نائب ـ ڪماشتو ـ پَٽاوٽو. يوراج ـ ولي عهد ـ وارث ـ سنپالينڌڙ ـ مقاديرِ ـ ڪاردارُ. عالمِ مختار ـ نڳهبان ـ رکنڪ ـ راکو ـ مدد گار ـ حامي ـ سرپرست ـ ڪرلاهو ـ ڪانڊي. ڪاوڙي ـ وصي ـ سام ـ پرجهلو. امين ـ والي وارث ـ ڏڻي ڏاوڙي. وسيلو ـ ذريعو ـ آڌار. شفيع ـ ڪارساز. شفاعت ڪندڙ ـ شافِعُ.

● کارو ۽ کارا: ذ. صفت. (سن. کالا < کال = کالڪ. ترڪي: قار = کارو). هڪ رنگ جو نالو ـ اولداهو رنگ ـ سياهه ـ پنيو ـ ٻوهه. (ضد اڇو). سالورو ـ سالولو. (پٽن ۾) ڪدو. ٻيهَر ـ وَيهَر ـ ڪاريهل ـ ڪاريهر ـ واسينگ ـ اصيل (نالڳ). زالي ـ بدفعلي ڪندڙ ـ ڪناهن سائ پيرهور. الدو جو پليت ـ ڪٽهو ـ ليت ڪولو ـ بي ايمان. خوفناڪ ـ پوائتو ـ ڏپائتو ـ خوفائتو. صاف نه ٻيهل پاڻي. (ث. کارِيُ ۽ کارِ يُونُ).

جيت جو هڪ قسم ـ ڪارڙو. الب جو هڪ قسم (ڪ). لَڙ ڪڪڙ جو هڪ قسم ـ ڏالڊ جو هڪ قسم (ت). (اسم خاص). ڪرشن مهراج جو لقب ـ شيام ـ سريندر ـ ڪنهيهوُ. تعلقي ساماري ۾ هڪ ڏيهه جو نالو. حَبَ جي اوريان هڪ جبل جو نالو.

ـ کارا ٽُوتَ: ٽوٽڻ جي هڪ جنس ـ لنڊا ۽ ڪٽا ٽُوت ـ شَهَرِ ٽُوت.

ـ کارا ڪَڪَرَ چانئِجَنُ: تڪليف جو آڏو اڇڻ ـ مصيبت جو نازل ٿيڻ ـ آفت ۾ ڦاسڻ ـ مصيبت ۾ مبتلا ٿيڻ.

ـ کاروُ ابلَقُ: ذ. گهوڙي جو هڪ قسم.

ـ کاروُ اکَرُ: ذ. صفت. بدمزاج ـ بي حيا ـ بي شرم. بدمعاش ـ لُچُ.

ـ کاروُ ٽيهَنُ: بدنام ٿيڻ ـ خوار خراب ٿيڻ ـ ذليل ٿيڻ ـ رسوا ٿيڻ.

ـ کاروُ ٻاڻيُ: سمند جو ٻاڻي. جنهن ٽيپ وارن قيد ين کي سزا طور موڪلن جو هنڌ (هوورٽ بليئر، الدمان، نڪوبار). جلاوطني ـ ملڪ بدر ـ ڏيهه نيڪالي.

ـ کاروُ پَٽَرَ: ڪليل ميدان ـ هوٻو.

ـ کاروُ جاڻوُ: ڪارن ۽ ڦيڪن ڪنهين وارو ڪڪڙ.

Gul Hayat Institute

ـ ڪارو ڇوڙ: ذ. وڏو چور ـ ڪاڪو ـ لاسي گراسي ـ رهزن. اڻ واقف ـ اڻ سيندو ـ الاجي ڪير ـ اڻ ڄاڻ.

ـ ڪارو ڏاتورو: ذ. ڏاتوري جو هڪ قسم ـ هڪ زهريلو ٻوٽو.

ـ ڪارو ڏتورو: ذ. ڪارو ڏاتورو.

ـ ڪارو عِلْمُ: جادو ـ منتر ـ ٽوٽڪو ٽيٽو ـ منڊ.

ـ ڪارو ڪاڪيرو: زلفي سٽ جي ڪپڙي جو هڪ قسم.

ـ ڪارو ڪرڻ: گلارو ڪرڻ ـ بچڙو ڪرڻ ـ خوار ڪرڻ ـ رسوا ڪرڻ ـ ذليل ڪرڻ ـ بدنام ڪرڻ. ٽڪو ڏيڻ ـ داغ لڳائڻ ـ عيبدار ڪرڻ.

ـ ڪارو ڪمرو ۽ چندڻ: سپني کي ڏوهي ٺهرائڻ ـ سڀ کي عيبدار ڪرڻ.

ـ ڪارو ڪنو ۽ ڪارا ڪنا: ذ. بدنام ـ گلارو ـ خوار ـ رسوا ـ ذليل.

ـ ڪارو ڪنو ۽ هٿن: ڪٽل هٿ ـ ڪنگال هڄڻ ـ غريب هڄڻ ـ نادار هڄڻ.

ـ ڪارو منهن لاهڻ: جيئن ڏيئن ڪري ڪم پورو ڪرڻ ـ بيگار لاهڻ.

ـ ڪارو ميرچ: مرچن جو هڪ قسم ـ ميري.

ـ ڪارو منهن ڪرڻ: بي عزتو ڪرڻ ـ بي مانو ڪرڻ ـ بي آبرو ڪرڻ ـ رسوا ڪرڻ عيب لڳائڻ ـ ٽيڪو لائڻ ـ خوار ڪرڻ. بچڙو ڪم ڪرڻ ـ ستر ٽوڙڻ ـ زنا ڪرڻ ـ برو فعل ڪرڻ ـ خرابي ڪرڻ.

ـ ڪارو منهن ليرا ليرا: بلڪل بچڙو ـ ٻنهين بدنام ـ تمام رسوا. ليڪار ـ ڪين جهڙو ـ بيڪار ـ لڇ ٽيو.

ـ ڪاروڻون (ث): ڀاراڻي جو لفظ ـ ڪارو منهن. ڪم نه لاڏيدي.

ـ ڪارو نالنگ: ذ. لانگ جو هڪ قسم ـ واسينگ ـ وسيهر ـ ڪاريهر ـ ڪاريهل ـ بسيهر. جيت جو هڪ قسم (ث).

ـ ڪارونيار: ذ. (سن. ڪال=ڪاراڻ + يار=ياڳو) پنب اوندهه ـ تمام اوندهه ـ ڪارو ٻاڏ. اونداهو ڪهاڙ ـ اونداهي. هيبت ناڪ ـ خطرناڪ ـ ڀوائتو ـ خوفائتو ـ خوفناڪ ـ ڊهائتو. درياء جو زور شور ـ زمر ـ ڏمر. مينهن وارن ڪرن جي لهه چڙهه ـ تمام گهٽو مينهن آڏيندڙ ڪڪر.

ـ ڪارونيپر (ڪ): ذ. ڪنڪر ۽ سمنڊ جي اولهه ـ ڪارونيار.

ـ ڪارو واءُ: ذ. چوماڻي مال جي بيمارين مان هڪ خطرناڪ بيماري ـ ٽڙڪٽي ـ ڏڪٽي ـ ڏڪي.

ـ ڪاري ۽ ڪاريون: ث. صفت. ڪاري جو مؤنث. هڪ رنگ جو قسم ـ ڪاراڻ لڇل. ڪناهن ڀريل ـ زاني عورت ـ بدفعلي ڪندڙ عورت. ڏوهارڻ. زور ـ ڏاڍ ـ سهراڻي ـ زوراوري ـ جبر ـ ڏاڍاڻي ـ دست درازي ـ ڪهڻي ٻوسات ـ دهڙڏونس ـ زبردستي ـ غضب ـ زور زبر ـ قهر ـ تعدي ـ الڏير ـ ظلم ـ الرت ـ تشدد ـ غريبان مار ـ لاحق. ڏڪ ـ صدمو ـ ڪيڪ ـ وار ـ ضرب ـ ڦيٽ ـ ٽوڪ ـ چوٽ ـ چاڙپ ـ ڏونشو. ڪهائيندڙ ـ خوفناڪ ـ ڪروڙ ـ مؤثمار. دهماڻي ـ ظالم ـ تهار ـ ستم گر ـ ڏوڏي. هوت ـ سڄڻ ـ ٻرين ـ ٻيارو. ڪراڻي. تيز آس ـ تکي آس ـ ڪاڙهو (ت).

ـ ڪاري بازَ ۽ ڪاري بازَ: ذ. صفت. ويڙهه جو مضبوط ـ پهلوان ـ ڏاڍو ـ جبرو. ڪڙهه باز ـ ويڙهو ڪڙ.

ـ ڪاري بَري: ث. بَري پکريء جو هڪ قسم.

ـ ڪاري بور: ث. گهوڙي جي رنگ جو هڪ قسم، منهن ۽ بالو، چارئي پير آڇا.

ـ ڪاري هولاهي (ث): ث. ڏالڊي پکيء جو هڪ قسم.

ـ ڪاري ٽيڪڙي: ث. پکريء جو هڪ قسم.

ـ ڪاري چڙي ۽ ڪاريون چڙيون: ث. پکيء جو هڪ قسم ـ ڪاري جهرڪي. ڪالڪ ديوي ـ ڪالي ـ پواڻي ـ ڪالڪا (ث).

Gul Hayat Institute

ـ ڪاري ڏوليري: ث. ڏڳيءَ جو هڪ قسم. ڪاري مگر اڇن پٽَنَ سان.
ـ ڪاري ڏاڪَ: ث. سڪل سيوي جو هڪ قسم.
ـ ڪاريپرڙو ۽ ڪاربپرڙا: ذ. صفت. ڪاريرو- ڪارانجهو - ڪارالجهڙو - ڪاراڻ تي مائل - ڪاربرڙو.
ـ ڪاريپرو ۽ ڪاريپرَا: ذ. صفت. ڪاراڻ تي مائل - ٿورو ڪارو - ڪاريرڙو.
ـ ڪاربپڑو ۽ ڪاربپڑا: ذ. صفت. ڪاريرڙو- ڪاريرو.
ـ ڪاري ڪَٻُري: ث. ٻڪريءَ جو هڪ قسم.
ـ ڪاري ڪيرڙي (ث): ث. سرندڙ جيت جو هڪ قسم - ڪاري رنگ جي چڙي.
ـ ڪاري ڪَرَڻُ (ڪ): عورت کي ڏاڍي مرد سان بدفعلي ڪندي جهلڻ - بدنام ڪرڻ.
ـ ڪاري ڪَڙُمي: ث. (چوپائي) سڄي ڪاري فقط منڊي تي ٿورو اڇو داغ.
ـ ڪاري ڪڪرَ: جنگ جي ميدان ۾ ماڻهن ۽ گهوڙن ڏوڙڻ ڪري ڏوڙ جا ٽهيل ڪارا ڪڪر- غبار.
ـ ڪاري ڪٽار: ث. لاڻي مان ٽاهيل هڪ قسم جي ڪار.
ـ ڪاري ڪهلهي: ث. ٻڪريءَ جو هڪ قسم.
ـ ڪاري ڪڙي (ت): ث. ٻڪريءَ جو هڪ قسم.
ـ ڪاري ڪڙي (ت): ث. ٻڪريءَ جو هڪ قسم.
ـ ڪاريُن ڪاڻَ: ذ. صفت. صفا ڪراڙو گهوڙو- ٻوڙهو گهوڙو. اصل به معاش- ڪمينو- ڪمذات - بي حيا - بي شرم. لسه مڇيندڙ- بي ڇهو- نافرمان. ڏنڀُ- لٻڙ- هوڏي - ضدي - ڪج بحث.
● كنڱا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● كنڱال ۽ كنڱالَ: ڏ. صفت. (سن. كنڱال = كنڱال). غريب - مسڪين - دَرُ دَرِي - لدَرُ - تيهي دَست - ڪنڊ - آهاڄ - پينگيو - مفلس - آباسو - آتابو - بي هڇ - نرڏلي - محتاج - جو ڪو - سچو - سڪيٽو - ڏُرڙ - ڪَرُ ڪ - نادار - تنگدست - تنگ حال - فقير. قرضي.
- كنڱالائي ۽ كنڱالائيون: ث. آڻ هولد - ڪُنڊالائي - محتاجي - غربت - غريبي - مسڪيني - ناداري - مفلسي - سچائي - جو ڪائي - پينگ - پينگيائي - پينگيائيءَ - كنڱالپڻ - ولهائي - كنڱالپڻو.
- كنڱالپڻو ۽ كنڱالپڻا: ڏ. كنڱالپڻ - سچائي - محتاجي - غربت - غريبي - مسڪيني - پينگيائي - كنڱالائي - آڻ هولد - ولهائي - ناداري. ڪمبختي - برو حال - گرو دُڪ - ڏولاڻو - آهاڄاڻو - شامت - بَراڻي.
- كنڱالِيَ: ث. سچي - پينگي - مسڪين - ڪنڊ - غريب - هيٺي - اهاڄ.
● كنڱائيٽ: اسم خاص. چالگ بلوچن جي هڪ قبيلي جو نالو.
● كنڱڪ هنيٽ: اسم خاص. تعلقي شهدادپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- كنڱ ٻيرُ: اسم خاص. ڪنڊي باڪي ۽ ڏکوڙي تعلقن ۾ هڪ ديهه جو نالو.
● كنڱكرِ ۽ كنڱكروڻ (ث): ث. گهوڙي يا گڏهه جي ڪنڌ مٿان وارن جي قطار - بُرُ - بشڪون.
● كنڱكرُ ۽ كنڱكِرَ: ڏ. ڪُڪر جو لوٿو (ناڙ يا هَرلي ۾ ٻڌجي). (ث. كنڱكِري ۽ كنڱكِرِيون).
● كنڱكرُ ۽ كنڱكرَ: ڏ. صفت. (سن. كنڱكَر). بهروپي - ڏانهي - ڪپٽي - ٻاڪنڊي - وسيام ڪهاڻي - ٺڳ. دغا باز - مڪرياڙ - رياڪار - مُنافِق، آفواهه اڌارينڊ - ڪوڙو - بغاوتي.
● كنڱكِرائڻ (ت): مصدر. آڻن لاهڻ جو خيال ڪرڻ (كنڱكرائيو - كنڱكرائيندو - كنڱكرائيل).
● كنڱكِراهيٽ: اسم خاص. موي بلوچن جو هڪ قبيلو.
● كنڱكرو ۽ كنڱكرا: ڏ. (سن. شِڪر = چوٽيَ). ڪولڪري - ڪلغي - ڪلنگي - ليل - اٽي - ڪلس - چوٽي - ڏار - ڪنگٽي - برج - مناروَ. ڪنارو - ڪور - حاشيو - ڪني - لب - چپ - حد. پرت جو هڪ قسم. (ث. كنڱكِري ۽ كنڱكرِيون).
● كِنڱكِرِي ۽ كِنڱكِرِيون: ث. ڏاڙهي جي مڇيءَ مار پکيءَ جو هڪ قسم - ابرهاڙو - ڪِليڙ (رنگ گاڙهو ۽ اڇو). لنڊِيٽ لونِيٽ - ڏکي - ٽيٽ.
● كنڱكرِي ۽ كنڱكرِيون: ث. سازجو هڪ قسم - سُرندي جو قسم. "ٽي وڄي ڪنڪري ڪرتار جي." (سامي). پرت جو هڪ قسم - ڪپڙي تي سبيل هڪ سنهي ڏاندائين ٽنيَ. (اسم خاص). تعلقي روهڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- كنڱكِرِيون هٽڻ: سنهين ٽڪندي چوڻين سان ڪپڙي تي ٽنيَ هڻڻ.
● كنڱكڻ ۽ كنڱكنَ: ڏ (سن. كنڱكَن = كنڱكڻ) ڪرائي ۾ ٻانڌ جي زيور جو هڪ قسم - چوڙو - ڪڙي. شادي جي موقعي تي ٻانهن جي ڪرائي ۾ ٻڌل ڪُلهن سان ڏاڪو. (ث. كنڱكِڻي ۽ كنڱكِيون).
- كنڱكڻ ٻڌڻ: شاديءَ جي موقعي تي ڪهنبو ڏاڪو ٻانهن ۾ ٻڌڻ.
- كنڱكڻ كيڙي وڃڻ: ڪُنبل ٽيڻ - ڏيوالو كيڙڻ - ڪتي وڃڻ - كنگال ٿيڻ - سڄو ٿيڻ. ٻُسڻ ڏيڻ ڪان جواب ڏيڻ - قرض ڏيڻ ڪان ناهري وارڻ. انڪار ڪرڻ - ناڪار ڪرڻ.
- كنڱكِيٽي ۽ كنڱكِيٽيون: ث. ٻانهن جي چوڙي. ڏيڪڙي جو ڪنو. عورت جي ويڙهيل وارن جي چوٽيءَ ۾ ٻڌل چالديءَ جا ڪنگرين سان گول ڦل - چوٽي ڦل.

Gul Hayat Institute

● ڪنڪڻ ڪارَ: ث. (سن. ڪنڪشڪار). (ديهه ڏيڻ لاءِ) معدلي ذاتوءِ جو هڪ قسم- ڪنڪٿهار- سڌاڪو.

● ڪنڪڻ هارُ: ذ. ڪنڪڻ ڪار (لوشادر ۽ عورو ملاءِ).

● ڪنڪيٽيُ: ذ. (سن. ڪنڪ). سادن ۽الورن جو هڪ قسم- ڪنالس. ڪرنگ جو هڪ قسم. زنالي سٽ جي ڪپڙي جو هڪ قسم (آڏواڏ رنگ ٻولدا اٿس).

● ڪنڪو ۽ ڪنڪا: ذ. (سن. ڪنيڪنت). وارن سنوارڻ لاءِ ڪنگي- ڪنگو. ڪاري جي ڇيءِ جو هڪ قسم (۽ گهي چهنب واري ڪپڙي وانگر). تمام ڇڊي ڪيل لسي- ٻنگو- چاچ (ت). (ث. ڪنڪيٽيُ ۽ ڪنڪيٽيونُ). ـ ڪنڪوليڙو: ذ. ڇڊي لسي- ٻنگو.

● ڪنڪو ۽ ڪنڪا: ذ. (سن. ڪنڪرُ= گاڙهو). رنگ جو هڪ قسم (ٻالڻ جي تلڪ ۾ ڪم اينڊ) - سيندور- سيندرُ. لئي جي وڻ جو گاڙهو ڪوليج (ل- ت). لئي جو ڪلا ٻي ڪل يا ٻُور (ڪ). ڪچي لئي (ل). گهوڙن ۽ گڏهن جي اکين ٽنگن ۾ ٿيندڙ مرض جو هڪ قسم ۽ ان مرض جي مَڪ.

ـ ڪنڪو ٽارو (ت): ذ. هڪ قسم جو گاڙهو ڳل- ڳل سُرخ.

ـ ڪنڪوءَ رَتا ڪپڙا: سنياسين جا گيڙوءَ رتا ڪپڙا.

ـ ڪنڪوءَ ربڙُ ۽ ڪنڪوءَ ربڙَ (ل): ذ. ڪنڪو جو اسم تصغير- لئي جي گاڙهي ٻولگو. "ڪنڙها ڪنڪوءَ ربڙ تي ڪئين سوين لڪ چرن".

سنهي ڪڪري ٻا رائي جي ڏاڻي.

ـ ڪنڪنيُ ٽارو ۽ ڪنڪنيُ ٽارا: ذ. آسري لئي جي وڻ جو گل.

● ڪنڪورُ ۽ ڪنڪورَ: ذ. سَر جهڙو گاهه جو هڪ قسم (جنهن مان لڙَ ۽ بالسربون اهن). سبجي جو هڪ قسم (ل).

● ڪنڪورُ ٻُوٽيُ: ث. دوا طور ڪم اينڊڙ هڪ ٻساريڪي وکر جو ٽالو- ٻاڦ جي ۽ر تي گاهه ۽ ٿيندڙ هڪ ٻوٽي جو ٽالو (ڪل گاڙهو، چٽي جيڏو، رنگ ڪارو).

● ڪنڪوروُ: اسم خاص. تعلقي ڏکڙي ۾ هڪ ديهه جو ٽالو.

● ڪنڪوسُ ۽ ڪنڪوسَ: ذ. ڪهڪاءُ- ايذاءُ- هوسرات- ڏڪبيُ.

● ڪنڪولُ ۽ ڪنڪولَ: ذ. (ل. ڪنڪره). ڪنڪري- ڪنڪي- ليهل- بُرج- ڪنڌي. طوق- حلقو. ڪنڪڻ. سَر جهڙي ٻوٽي جو هڪ قسم- ڪنڪور (ت).

● ڪنڪولو ۽ ڪنڪولا: (سن. ڪنڪڻ= ڪنڪڻ). ٻهراڙي جي عورتن جو ٻانهن ۾ ٻاڦ جي ڪنڪڻ ٻا چوڙي جو هڪ قسم- دستي- ٻانهن رکي.

● ڪنڪوليوا: ذ. لئي جي وڻ جو ٻور.

● ڪنڪيُ ۽ ڪنڪيونُ: ث. ڪاري جي ڇيءِ جو هڪ قسم (سنهن چلرن سان، منهن وڏان سنهي چهنب ۱- ۲ انچ، ٻيٽ اڇو، ٻُٽ سائي، قد ۴- ۵ انچ تائين).

● ڪنڪيُ ۽ ڪنڪيونُ (ل): ث. بدن جي گاوينڊ ۽ بيماريءِ جو هڪ قسم- گهٽي ڪاٽڻ سان سڪي سنهو ٿيڻ ۽ ٻيٽ لڪڻ جي بيماري.

ـ ڪنڪيُ ڪٽادَلُ: ذ. صفت. بيمار. اپرو- ضعيف- هيڏو- لونجهه جهڙو- ليهل- ڪمزور.

● ڪنڪهلُ: اسم خاص. تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهه جو ٽالو.

● ڪنڪهيلَ: اسم خاص. تعلقي لوشهري ۾ هڪ ديهه جو ٽالو.

● ڪنڪهو ۽ ڪنڪهٽا (ت): ذ. ڪنڪو- ڦٽي- ڦوٽو.

● ڪنڪهوُ ۽ ڪنڪهٽا (ت): ذ. ڦٽ جو ٻاڦ- پون- سُٽ- ڪنڊ. تمام ڇڊڙو- ٻڙو. جيئن "ڏاڏا رکو ڪنڪهو ٻاڦي رکيو آهي". (جملو).

Gul Hayat Institute

ـ ڪينگهو ٻاڻي: جڏي لنسي ۽ ٻا ڏڻ ـ هينگو ـ چاچ.

● ڪينگهي ۽ ڪينگهيون (ل): ث. ٻندرو ۽ وڏي ٻيٽ سان وهت.

● ڪنڌين گاڏي: اسم خاص. تعلقي ميرپور بٹوري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڪنو ۽ ڪنڌا: ذ. (من. ڪن=ڪنو). (ارتن وغيره جي) ڪنار ـ ٻاسو ـ گهيرَ ـ (واهه، کوه وغيره جو) ڪپ ـ پير ـ ڪنڌي ـ ڪپر ـ ڪنارو ـ (ڪوڙي وغيره جي) ڪناري ـ حاشيه ـ وَٽ ـ آنڊي ـ (ترارَ جي) ڏارَ ـ رَڌ ـ (عينڪ جو) چلو ـ (ٻيڙيءَ جو) اڏو. (مالڪيءَ جو) ٽڪر ـ پورَ ـ گيو.

ـ ڪنو جهلڻ: ٻاسو ونڻ ـ پَرِ ونڻ ـ پرسان ڏيڻ.

ـ ڪنو ڪيڻ: (ماڻهوءَ کي) سڏو ڪرڻ. کالب ٻڌي وهڻ.

● ڪنو ۽ ڪنڌا: ذ. صفت. (من. لِڪرشٽ=لِيڇ>من. ڪِلوشر=بيمار ي). خراب ـ غليظ ـ ميرو ـ ديولڻ ـ کوجهو ـ فاحش ـ گندو ـ ڇڙو ـ بدُ ـ سڏو ـ بُرو ـ بالسي ـ باسي ـ سڙيل (ميوو وغيره). ڪيني ڏَپَ وارو ـ ڪيڪو ـ چٽارو ـ لَرڪ. (ث. ڪيني ۽ ڪينون).

● ڪنو ۽ ڪنڌا: ذ. (من. ڪنڊي=ڪنو). رڌ ڇڏڻ جي ڪري اينڊ ٽڪر جو ديڳڙو ـ ديگرو. ڏڌ ولوڙڻ لاءِ چاڏو ـ مانو. ميرن ڪپڙن کي ٽهڪائڻ لاءِ ٽين جو دَهو ـ ٽيڻ. ث. (ڪيني ۽ ڪنيون).

ـ ڪنا کارا ڪرڻ: کجهه به نه ڪرڻ ـ اڪارا ڪرڻ ـ بيڪار وهڻ ـ لڪار هڻڻ.

ـ ڪنو چاڙهڻ: ڪپڙن کي ٽهڪائڻ ـ ڪپڙا ڏوئڻ ـ ڪار سان ستڻ.

● ڪنوات ۽ ڪنواتَ: (من. ڪرَپ=آڻ+ت=انڊو). ان سان جي چمار وارو آڻ ـ دَوَ ڪو آڻ ـ گوبرو ـ تودو ـ ٻالڪهڙو (ث). (صفت). نوجوان ـ گپرو ـ ڪولڙ ـ وَهيءَ دار ـ بالغ.

● ڪنوالي ۽ ڪنوالين: ث. (سن. ڪنمٿ=ٻالس جي لکڙي ۽ ٻاڻيءَ جو ڏلو). ٻاڻي پرڻ لاءِ ڏنل ڪٽڻ لاءِ نهي ٻاسن کان رسا يا زنجير ٻيل ڪاٺي ـ ڪالوالي.

● ڪنوار ۽ ڪنوارون: ث. (ٻرا ڪماري. من. ڪمارَ=ان پرڻيل چوڪري) ان پرڻيل بالغ چوڪري ـ دوشيزه. تازي شادي ڪيل عورت جو لقب ـ تازي پرڻيل چوڪري ـ عُروس.

ـ ڪنوار پڻ: ڪنواري هجڻ واري حالت ـ ڪنوارَپ ـ ڪنوارِپو ـ ڪنوارِهو.

ـ ڪنوارَپڻو: ڪنوار پڻ ـ ڪنوارِپو ـ ڪنوارَپ.

ـ ڪنوارِپو ۽ ڪنوارپا: ذ. ڪنوارپڻ ـ ڪنوارپڻو ـ ڪنوارائي.

ـ ڪنوارل ۽ ڪنوارَل: ڪنوارو.

ـ ڪنوارو ۽ ڪنوارا: ذ. ان پرڻيل ـ شادي ل ـ ڪيل ـ چڙهو ـ واهيو ـ نوجوان چوڪرو غيرشادي شده. (ث. ڪنواري ۽ ڪنوار يون).

ـ ڪنواري ۽ ڪنوار يون: ث. (سن. ڪمار ي=چوڪري) ان پرڻيل چوڪري.

ـ ڪنوار ي پالڻي (ث): ٽورن ڪان اڳ ڪنوار يتن طرفان ڪوٽيتن کي ڏنل ڪاڪ ـ ڪنوارپتو ويهلو.

ـ ڪنوارپتو ۽ ڪنواريتا: ذ. ڪنوارَ جي طرف جو ماڻهو. (ضد: ڪوٽيتو).

● ڪنوار پُوتي: ث. دوا طور ڪم اينڊ هڪ ٻسار کي وڪم جو نالو ـ ٻوٽي جو هڪ قسم ـ ايريال.

● ڪنوارڻ: مصدر. ڪهت وڌ ڪالهائڻ ـ ڪلا ڪرڻ ـ لنڊا ڪرڻ. (ڪنوار يو ـ ڪنواريندو ـ ڪنوار يل).

● ڪنوتڙي ۽ ڪنوتڙيون: ث. عورتن جي ڪن جي ٻاڙيءَ ۾ وجهڻ جي والي. گهوڙي جي ڪنَ جي ڇنيبَ.

● ڪنوتلڻ (ت): مصدر. هڪ گهوڙي تي چڙهي ٻيو گهوڙو ڊورڻ ـ ٻئي گهوڙي کي

Gul Hayat Institute

انعام کان وڌي ڇڪڻ. (ڪنوتلو- ڪنوتلندو- ڪنوتيلل٘).

- ڪنوتل٘ ۽ ڪنوتل (ت)؛ ذ. ڏور ٻل٘ گھوڙو- واڳ کان وڌي هلايل گھوڙو- ٻنڪل٘ گھوڙو.

● ڪنو٘تي٘ ۽ ڪنو٘تيون٘ ث. (سن. ڪرن٘ = ڪن٘). گھوڙي جو ڪنڌ ڍو ڪن- گھوڙي جو آھو ڪن- ڪنوتي٘- گھوڙي جي ڪن جي ڇنبڙي. ڪن جي والي- ٻرڪي- دوپھجو. ڇڏو- ڪل- ڪلڙو- ڇلاکو (ت).

● ڪنو٘ٽي٘ ۽ ڪنو٘ٽيون٘؛ ث. ڪنوتي. مرکي- ڪيوٽي- والي- دڙ٘ (ت).

● ڪنو٘ٽي٘ ۽ ڪنو٘ٽيون٘؛ ث. ڪنوڪن- ستروبدڙ٘- بدلو- متاسٽا- ڦيرڪير- ادل بدل. نسبت- برابري.

● ڪنو٘ٽيو ۽ ڪنو٘ٽيا؛ ذ. ٽوپيل ڪنن سان فقيرن جو ھڪ قسم- ڪنن ويڙيل جوڪي- ڪاڙي- ڪن ڦاڙ فقير.

● ڪنو٘ڇو ۽ ڪنو٘ڇا؛ ذ. دوا طور ڪم آيندڙ ھڪ قسم جو ڇ- ساروکو وڪر.

● ڪنو٘ر٘ ۽ ڪنو٘ر؛ ذ. (سن. ڪنو٘ر٘ = شاھزادو). راجا جو پٽ- شھزادو- راج پٽر- ملڪ زاده- راج دلار- ڪمار- بادشاھزادو- راج ڪمار- راج ڪنور- ولي عهد. (صفت). حسين- سھڻو- خوبصورت. ڪوٽ- پھلوان- بھادر- بالڪو- جوڌو- دلير. (سن. ڪنمل٘ = ڪنول هڪ قسم). ٻاڦ جي ڳل جو هڪ قسم. مکڙي (ت). غلاف- ڍڪ- پوش- ڪور (ت). موتي- ٻاڦ- مٽڪو (ڪ). (اسم خاص). هڪ هندو ڳٻٽ جو نالو "ڪنور ڳٻٽ". تعلقي تمبر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڪنو٘رو ۽ ڪنو٘را (ت)؛ ذ. ڪڇي مٽي جي ٽالون ٽپڻ لاءِ اندران ڏنل مٽيءَ جو ٻڪل ڳوڙهو.

● ڪنوري٘؛ اسم خاص. تعلقي ڏوکريءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڪنورڙو ۽ ڪنورڙ؛ ذ. حرف علت- ھ ٽپو- ۽ سرو.

● ڪنو٘ڙي٘ ۽ ڪنو٘ڙيون٘ (ت)؛ ث. ڪوھ جي ولنگ کان ٣ ھٿ مٿي جو انداز.

● ڪنو٘س٘ ۽ ڪنو٘س٘؛ ذ. جبل ۾ پيدا ٿيندڙ هڪ ٻوٽي جو نالو (تپ واري کي ڪھوٽي ٻارجي).

● ڪنو٘ل٘ ۽ ڪنو٘ل؛ ذ. (ٻيرا. ڪنو٘لو. سن. ڪنمل٘ = نيلوفر). ٻاڦ جي گل جو هڪ قسم- ٻوٽيءَ جو گل- نيلوفر- ڪوٽي جو گل- ٻيڙ جو گل- گل بنفشه. ٻدم.

- ڪنو٘ل٘ چرن٘ ۽ ڪنو٘ل چرن٘؛ ذ. (سن. ڪنمل٘ + چرن٘ = پير٘). ڏنيد سان نگرندڙ هڪ قسم جي ٻاجي طور ڪم آيندڙ ول جي پاڙ- ٻھڻ- ٻيڙ جي پاڙ.

- ڪنو٘ل٘ ڦيرن٘؛ چريو ڦي ٻوڙ- مست ٽيڙ- ڪل ٽڙڻ- متوالو ٽيڙ- ديوانو ٽيڙ- ٻاگل ٽيڙ- ڪيپو ٽيڙ- چتو ٽيڙ.

● ڪنو٘ن٘؛ حرف جر. ڪان- وڻان- جي رستي- جي ڪري- سان- ۾- ٻاسان- طرفان.

● ڪنو٘و٘ڏيي٘ ۽ ڪنو٘و٘ڏيون٘؛ ث. (سن. ڪرن٘ = ڪن٘). هڪ جھڙي متاسٽا- برابر ڏي وڻ- ادل بدل- مٽ سٽ- دوبدو- سروبدر. سڳ تي سڳ- بدو.

- ڪنو٘و٘ڏيي٘ ڪرن٘؛ مٽ سٽ ڪرڻ- ادل بدل ڪرڻ- دوبدهٔ ڪرڻ- متاسٽا ڪرڻ- سڳ تي سڳ ڪرڻ- ڏي وڻ ڪرڻ (مٽي مائٽي ۾)- سروبدر ڪرڻ.

● ڪنھٽ ۽ ڪنھون٘ (ت)؛ ث. قبا جي سيبل وٽ- ڪنھي٘- ڏور- ڦاڪو.

● ڪنھ ۽ ڪنھون٘ (ل)؛ ث. لوھارکي اوزار جو هڪ نالو- ڏاڻن جي ڏندن جو اوزار- ڏندڻي- ڪکرڻي- ڪوري- سونھن- رواتي- روات (ت). ڏاروڻ جو ڳن (ل).

● ڪنھاڙ٘ ۽ ڪنھاڙ٘؛ ذ. ٻلي جي منھن وارو حصو- ٻلي جي ڪچيءَ وارو پاڳو- ڪين، ڪلين ۽ وات وارو حصو- ڪنھڙ.

Gul Hayat Institute

- ڪنهڙ ۽ ڪنهڙ : ڪنهڙ.

● ڪنهڙ ۽ ڪنهڙ (ت): ذ. صفت. تمام خراب - ڇڙو - ڪينو - گندو - ٻدڻ.

● ڪنهين : ضمير مبهم. (سن. ڪنسيٽ = ڪنهن جو). ڪير - ڪوڙو - ڪو.

- ڪنهين تي ڪلمون پڙهڻ : ڪنهن جو نهايت مطيع ٿيڻ - ڪنهن جو معتقد ٿيڻ - ڪنهن کي پنهنجو پيشوا ڪري سمجهڻ - ڪنهن جو مريد ٿيڻ.

- ڪنهين تي هٿ رکڻ : ڪنهن کي دلاسو ڏيڻ - تسلي ڏيڻ - آٽ ڏيڻ - تسڪين ڏيڻ - خاطري ڏيڻ. حامي ٿيڻ - مدد گار ٿيڻ - واهيرو ٿيڻ - واهيڙ ٿيڻ - ٻيهراڻي ڪرڻ - سهائتا ڪرڻ.

- ڪنهين جو ٻالڊ خالي نه ڪرڻ : سوالي کي خالي نه وراڻڻ - سڀ ڪنهن سان سخا ڪرڻ - هر هڪ فقير کي خيرات ڏيڻ - سڀ ڪنهن جي من جون مرادون پڄائڻ - دلهردان ڏيڻ - تمام گهڻي سخا ڪرڻ.

- ڪنهين جو ڪارو ڪنهن کي ڪرڻ : بدنام ڪرڻ - بڇڙو ڪرڻ - خوار ڪرڻ - بدفعلي ڪرڻ.

- ڪنهين جي حال تي روئڻ : ڪنهن جي حالت تي رحم کائڻ - ترس اچڻ - خوف خدا ٿيڻ - افسوس ٿيڻ - ڏک ٿيڻ - درد ٿيڻ.

- ڪنهين جي خون جو پياسي ٿيڻ : جان جو دشمن ٿيڻ.

- ڪنهين جي ڏي وٺ ۾ نه هجڻ : ڪنهن سان به ڪو مطلب نه رکڻ - سڀ لاڳاپا ٽوڙي ڇڏڻ.

- ڪنهين جي ڪنوار کي ڪرڻ : ڪنهن جي بيوقوف بنائڻ - ڪنهن جو منٿو ڪوڙڻ - برغلائي مطلب سڌ ڪرڻ.

- ڪنهن جي منهن تي چڙهڻ : ڪنهن جي مقابل ٿيڻ - روبرو ٿيڻ - آمهون سامهون ٿيڻ - دوبدو ٿيڻ - منهن مقابل ٿيڻ - منهيدا اچڻ.

- ڪنهين سان الٽ ڪرڻ : ڪنهن جي ڀائي ڪٽڻ - ڪنهن سان حد ڪري ڇڏڻ - ڪنهن کي سخت تڪليف ڏيڻ - ڪنهن سان دشمني رکڻ.

- ڪنهين سان الٽ هٿڻ : ڪنهن سان بي حد ظلم ٿيڻ - ڪنهن جي بنهه برباد ٿيڻ - ڪنهن سان لسورو وڻيل هجڻ.

- ڪنهين قضائي (ت) : ذ. ڪنهن قضائي - اتفاقا - وراسي - ڪڏهن ڪڏهن - ڪاهي گاهي - اوچتو.

- ڪنهين قضائي : ذ سو ڪنهن قدائي.

- ڪنهين ڪهي مٽائڻ : سخت سزا ڏيڻ - تمام گهڻي مار ڏيڻ. ڏاڍي ڏيهه ڪيڻ.

- ڪنهين ڳالهه تي ڪنڌ ٻڌي وهڻ : فقط ها واهه مطلب سمجهي ڪجهه به نه ڪرڻ - هڪ ڳالهه تي راضي رهڻ. هروپرو ضد ڪرڻ - بحث ڪري ويهي رهڻ - هڪڙي ٽي ڳالهه تي زور ڏيئي ويهي رهڻ.

● ڪنهين ۽ ڪنهيون : ث. ڏاڻي وغيره ڪي تڪي ڪرڻ جو هڪ لوهارڪو اوزار - روات (ٽيڪنڊي) - راڻي - سولهن - ٽيڪر - ڪانس - ڪرٽي - ڏنڊي - ڪنهه (ل).

● ڪنهينباز (ڪ) : ث. ٻگري جي رنگ جو هڪ قسم.

● ڪنهون ۽ ڪنهان (ت) : ث. ڪوهن ٻڌل جو ڏاڪو - ڪهي - سڪو - ڏور.

● ڪنهيرو (ڪ) : اسم خاص. هڪ وڻ جو نالو.

● ڪنهين ۽ ڪنهنيون : ث. ٻوڻ وغيره ٻڌل جو ڏاڪو - ڪهي - ڪشو - سڪو. ڦيٽ - ٻني. جوڙ - ڳنڍ - سنڌ و.

● ڪنڌار ۽ ڪنڌارون : ث. (سن. ڪمار = چوڪر) تازي شادي ڪيل چوڪري - ولي - ٻني - ٻنسري - لاڙي - عروس - لٽين لوبلي - دلهن.

- ڪنڌارائي ۽ ڪنڌارائيون : ث. ڪنڌارهائي - ڪنڌارپڻو - ڪنوارپو - چيروبند.

- ڪنڌارپڻو : ث. ڪنوارپو - ڪنڌارائي.

- ڪنڌارپو : ث. ڪنڌارائي - ڪنڌارپڻو.

- ڪنڌارڪو ۽ ڪنڌارڪا : ذ. ڪنڌار جو - آڇيتو - سنبل - پرسيان - وشان. ڪنڌاري مان (جمع).

Gul Hayat Institute

= ڪنڌارو٠ ۽ ڪنڌارا ؛ ذ. اڻ پرڻيل - ڇڙهو ڇالب - ستو جتو - واڍو.

= ڪنڌاري٠ ۽ ڪنڌاريون٠ ؛ ث. اڻ پرڻيل چوڪري - ڪماري - ڪنجا - لينگري - ڪنيا - سنبل٠ - پرسيان٠.

= ڪنڌاريتو٠ ۽ ڪنڌاريتا ؛ ذ. صفت. ڪنوار جي طرف جو - ڪنڌار وارو - ڪنڌار جي مائڻن جو - ڪهوٽ جو ساهراٽو ياسو - سيڻن وارو طرف.

● ڪنڌاڙ ۽ ڪنڌاڙون ؛ ث. ڪنڌون٠ - چوٽ٠ - چيت - ٽيڏ. مغز ۾ اٺ٠ - وهر٠ - پور٠ - ٻڌ ٻڌو - ريڙهڪ٠ سوڏاءَ - گمان٠ - سنسو.

● ڪنڌورل٠ ؛ اسم خاص. تعلقي ڏيپلي ۾ هڪ ديهه جو ٻالو.

● ڪنڌرو ۽ ڪنڌرا ؛ ذ. صفت. (سن. ڪومل٠ = لوڻ٠). نرم - لاڙڪ٠ - ملائيم٠ - ٻنڌڙو - ڪومل٠ - هلڪو - جهيڻو - ٻندرو - مور جهڙو - راڄڙو.

= ڪنڌراڻ ۽ ڪنڌراڻون٠ ؛ ث. نرمي - نرمائي - هلڪائي - ڦلهڙائي - ڪومل پڻ - ملائمي٠ - ٻنڌڙائي.

= ڪنڌراڻي٠ ؛ مصدر. ڪنڌرو ڪرڻ ۽ اڇڻ - ارم ٿيڻ - نرمائڻ - ملائيمي٠ ڏيڪارڻ.

● ڪنڌلي٠ ۽ ڪنڌليون٠ ؛ ث. ننڍي جيت جو هڪ قسم - ڪيڙي - ڪيڙولي - ماکوڙي - ڪنڌلي٠.

● ڪنڌن٠ ڪنڌڻ٠ ؛ ذ. (آواز). ڪلر ڪتي جي پونڪ جو آواز - ٻهوڙ - پوڻڪ. (صفت). ٻڪ ٻڪ - يخي - ٽرٽو. ڪوڪڙ - گرٻڙ - لب لب - لڙ لڙ - رب - قسو - ٻڙ ٻڙ - ٻگواز - لاڙ - ونڊ - ٽر ڪو.

● ڪنڌون٠ ؛ ضمير. (الداز ۾). ڪهڙو - ڪالڻون٠ - ڪيترو - ڪجاڙو - ڪجا.

● ڪنڌون٠ ۽ ڪنڌان٠ ؛ ذ. (سن. ڪيت). آن ڪي ڪائيندڙ جوت جو هڪ قسم - چنڊو - ڪاڌ - ٽيڏ - ڪيڙو - سرو - ڪينڊون٠ - گندر.

= ڪنڌارو ۽ ڪنڌارا ؛ ذ. صفت. (سن. ڪيت = ڪينڊون٠). ڪيڙي وارو - ڪنڌ ڪاڌل٠ - ڪيڙو لڳل - ڪنڌرو - سرپل٠ - چنڊيل٠. ڦيڻو - هورو - الدران ڪاڌل٠.

= ڪنڌرو ۽ ڪنڌرا ؛ ذ. صفت. ڪيڙي وارو - ڪنڌارو - ڪنڌن ڪاڌل٠.

● ڪنهي ؛ حرف جر. ڏانهن - وٽ - ٻر - وهجهو - مان پرمان - سان - لاءِ - طرف - ڪنڌو - جٽ٠ - ٻٽ - لاءِ ٿيو.

● ڪنيءَ ۽ ڪنيون٠ ؛ ث. (سن. ڪن = ڪنارو). ٻڪ زو - ڪڙ - ذرو - ٻور - ڪڙو - پورو - ڪڙڙو - ڪپو (مالي وغيره جو). (ڪپڙي جي) وٽ - الدي - ڪنار - ڪناري٠ - ڪور - سنڀاڙ٠ - مغزي - نيوٽ - ڏوري٠ - سرڪ - تندي - ڏلدي - (ٻني جي) حاشي. سج جي ايڙ ولت ان جي لڳتل چوڻي - اوپر - تيرورو. (ندي وغيره جي) ڪنڌي - ڪڇر - ڪنارو - ڪنڍ٠. رلڳين ڪپڙي تي ليڪ. لغڙي جي هلڪي ياسي تي ٻال اڳڙي ۽ ڪڙ٠.

= ڪنيءَ ٻڌڻ٠ ؛ لغڙي جا ٻئي ياسا برابر ڪرڻ لاءِ هلڪي ياسي اڳڙي پور ٻڌڻ. لغڙي جو هڪ هٿ ڪ ٻڌي ٻيهڻ.

= ڪنيءَ تيءَ هڻجڻ٠ ؛ دور هڻجڻ - ياسي تي هڻجڻ - پر پرو هڻجڻ - ٿورو ٻري هڻجڻ.

= ڪنيءَ ڪيڏڻ٠ ؛ (سڄ جو) ٻارو ٿيڻ - ايڙڻ - ظاهر ٿيڻ - لروار ٿيڻ.

= ڪنيءَ ڪرڻ٠ ؛ ٻزار ٿيڻ - ڪڪ٠ ٿيڻ - ڇڻي ٿيڻ - ورڇڻ - ياسو ڪرڻ - ڪنارو ڪرڻ - ٻري ڇڏڻ.

= ڪنيءَ لاهيڻ٠ ؛ ڪپڙي جو وڌيل ياسو سنوت ۾ آڻي - ڪناري ڪٽڻ. چوڻي لاهيڻ.

= ڪنيءَ وڌائيڻ٠ ؛ آڻ ۾ ڪپڙي جو هڪڙو ياسو سنوت مان لڪي وڃڻ - تاڃي جو هڪ ياسو وڌي وڃڻ.

= ڪنيءَ هنڌ٠ ؛ لغڙ٠ جو هڪ ياسي تي لاڙو رکڻ - هڪ ياسي هٿ (لغڙي وغيره والڳي).

Gul Hayat Institute

● كنهي: ضمير. كين - كهڙن سانهن - كيرُ.
● كنيءِ ۽ كنيئونُ: ث. صفت. لڇ وڻ جهڙي - خراب - بُڇڙي - بند - بيڪار - آڳري - ۽ واڌ جهڙي.
= كنيءِ آڳرُ وَڌڻُ: خرابي کي لاس ڪرڻ - ڪنهي عادت کان باز اچڻ. ڳلا جهڙي ڪر کان آزاد ٿيڻ - بُڇڙائي دور ڪرڻ - بچڙاين کان ٻاسو ڪرڻ - بُرايون چڏي ڏيڻ.
= كنيءِ سَڇيءِ: خراب - بيجا چيزُ - ڏولڻ - ڪرڻ.
= كنيءِ سَڇيءِ هُنڌُ: لڇ ڪپڙ جهڙي شيءِ هڻڻ - خراب هڻڻ - بيڪار هڻڻ - بيجا چيز هڻڻ.
= كنيءِ ٻُوٽيءِ: ث. ڪني ٻالس واري گاهه جو هڪ قسم - آگرو گاهه.
= كنيءِ ڪاڻيءِ ۽ كنيئونُ ڪاڻيئونُ: ث. دوا طور ڪر ايندڙ هڪ ٻساريڪي وڪر جو نالو.
= كنيءِ ڪارِ (ت): ث. ڪپڙن کي ڪار جي ٻاڻيءِ ۾ منڻ مان باقي بچيل ڪار وارو ٻاڻي.
= كنيءِ مُرَ ۽ كنيئونُ مُرونُ: ث. دوا طور ڪر ايندڙ هڪ ٻساريڪي وڪر جو نالو - زردي رنگ تي هڪ قسم جي وڻ جو ڪوڙ - كنيءِ مَرَ.
● كنيءِ ۽ كنيئونُ: ث. (سن. كنڊي = كنو) رڌن لاءِ ڪر جو ديڳڙو يا ڪنو - چاڙي. ٻاسَ ٻاسيل ڪاوڙ - خيرات - يارهين - لذر لياز لاءِ رڌل ڪاوڙ. "پيرَ جي ڪنيءِ". (اسم خاص). هڪ جبل جو نالو.
= كنيئرَ (ت): ذ. ديگ جو مالڪ - ديگ وارو. ڪني ڪندڙ - ڪني ٻاسيندڙ.
= كنيءِ كرَنُ: ڪا دلي مراد پوري ٿين تي ڪاوڙ رڌي في سبيل الله ورهائڻ - يارهين وغيره ڪرڻ - لذر لياز وغيره ورهائڻ.
● كنيا ۽ كنيائونُ: ث. (سن). ڏهن ورهين کان گهٽ عمر واري چوڪري - معصوم - ابتهر. ڪنواري چوڪري - ٻاکيره - دوشيزه - ڪنيا - ڪماري - ڏيءِ - ڪملا - ڪنواري - نياڻي - ستي - گنگي گاءِ. تازي ورٽيل عورت - لاڏي - بتيي - عُروس - وٽي - ڪنوار. ڏائڻ. ڇهين راس - بُرج سنبله.
= كنيادانُ ۽ كنيادانَ: ذ. شاديءِ وقت نياڻيءِ کي ڏاج ۾ ڏنل ساماڻ - ڏيءِ کي ڏنل خيرات - جهيز - ڏاج - ڏاجو.
● كنيبا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
● كنيارِيءِ ۽ كنيارِيئونُ: ث. ڳچين جي مرض جو هڪ قسم (هن ۾ گوشت جا ٽڪر سُڄي پولدا آهن).
● كنيتَ ۽ كنيتَونُ: ث. (ع). آهو نالو جنهن جي اول ۾ لفظ (اب) يا (ام) يا (بنت) هجي. مثلاً "ابوالحسن، ابوبڪر، ام الخير، ابن واصف".
● كنيتَ ۽ كنيتَونُ: ث. ذات - ٻاڙو - خاندان - ڪنبو - ڪڙ - قبيلو. ڪنهن ماڻهوءِ کي چيڙائڻ لاءِ ان تي رڪيل خراب نالو - الَ - چيڙَ - آپنامُ.
● كنيرُ ۽ كنيرَ: (ذ. سن. كنج = چمڪڻ. سن. كالنج = شيشو). جواهرين جي موتين ۾ ڪڻ جو شيشو - لنڊڙو شيشو - خورد بين. عينڪ - چشمو. كنَ جي زيور ۾ پيل سونو مڙيو يا داڻو.
● كنهيرا: اسم خاص. ٿر ۾ مينگهواڙن جي هڪ ذات جو نالو.
● كنهيروُ ۽ كنهيرا: ذ. ڪني ڪاهڻ وقت ان کي نوريءِ شڪل ۾ ٽهي ٻاهرڻ لاءِ ڪر ايندڙ هڪ ڪنيارڪو اوزار. (صفت). ڪني وارو. (ث. كنهيرِي ۽ كنهيرِيونُ).
● كنيزَ ۽ كنيزونُ: ث. (ف). ٻانهي - نوڪرياڻي - ٻالدي - هورهيٽ - ٻوهاريدار - گولي - غلام چوڪري - داسي - كنيزڪَ - خادم - خدمتگارڻ. حرم - سُريت.
= كنيزَكَ ۽ كنيزَكونُ: ث. (ف). ڏسو كنيزَ.

Gul Hayat Institute

● ڪنيل ۽ ڪنيل: ذ. ٻنهن - شهير - ڪهڙ.
● ڪينو: ذ. ٻيڙيءَ جي تخت جي ڪنڌي ۽ ٻڌل جو هڪ اوزار.
● ڪينون ۽ ڪنيان: ذ. ڪينئون - ڪيڙو - جيت. ٻئون - ڳڏر.
- ڪينيارو ۽ ڪينيارا: ذ. ڪينين لڳل - مٿريل - ڪينئارو. ايرو - ضعيف.
- ڪينياري ۽ ڪينيارين: ث. ڪينين ڪاڏل - ڪيڙي لڳل. ايري - ضعيف - لرٻل. ڪمزور.
● ڪنيا: اسم خاص. ڪشپ رشي جي گوتر مان هندن جي هڪ ٽڪ يا ذات جو ٻالو (هندن جي تاريخ).
● ڪن ۽ ڪنون: ث. (سن. ڪٽهه = ڪٺو). (ٻست، ٽوٽي وغيره جو) ٻج. داڻ - خسخس. ڪنون - داڻ داڻ - ذرو - (چالورڻ جو) - ڏارو رهڻون. ڪنو - ٻڪو - چورو. شيشي کي وڌڻ جو اوزار. اندازو - تخمينو - الڪل روڙ. ننگ - شرم - غيرت (ت) (حرف جر). جي ويجهو - پرسان - ڏانهن - طرف - پاسي - وٽ.
● ڪنڌ ۽ ڪنڌ: ذ. (سن. ڪنڌ = داڻو). انڙ وغيره جو داڻو. ڪنڌو. چونڊ داڻو - ڏڙو مثلاً "چنڊ ڪوٺ". انڙ - الاج ذرو - پرزو - چٽنگ - ذراڪ - هنوڙ - ٽڪرو - ٽڪڙو. پاڳو - حصو - پتي - وڇ شگوفو - غنڇو - ڪنڌ - ڪنايي - ڪٽوپنڌ. طاقت - زور - ٻل - سٽ. (ضمير). ڪنهن (ت).
- ڪنڌ ٻڌڻ: ٻيلڻ هوڪ کي ڏسي ان مان نڪرندڙ انڙ جو اندازو لڳائڻ - تڪ ڪرڻ - الڪل روڙ تخمينو ڪرڻ (ت).
- ڪنڌ تي هٿڻ: رهڻ وغيره تي گذران ڪرڻ - جهنگلي ڏٺ وغيره تي گذارو ڪرڻ. "ڏر آهي ٽڻ تي، نه ڪن تي" (چوڻي).
- ڪنڌ ڇڏي ٽڪر ٻيڙڻ: چڱي شيءِ ڇڏي، خسيس شيءِ قبول ڪرڻ - بيهودي چوائيد ڪرڻ.
- ڪنڌار ۽ ڪنڌدار (ت): ذ. چونڊي يا ڪلنگي وارو - ڪلغي وارو.
- ڪنڌ سان (ت): غيرت سان - غيرتمند - غيرتي.
- ڪنڌڪيڙي ۽ ڪنڌڪيڙين: ث. (سن. ڪنڌه + ڪنڌ = دلو). ٻٽ جو ڏينو يا ڏوڏي.
- ڪنڌ ڪرڻ: سواري جي ڇاڙيءَ ۾ ڏينهن جو ڪجهه ٽيڪو ٽيڻ. سارين جو ڪجهه سوچارو ٽيڻ - سارين جو چگو ان جهلڻ.
- ڪنڌ ڪنڌ: ث. داڻ داڻ - ڪڻو ڪڻو - ٻرٻر. داڻو داڻو. ڇڙو ڇڙ.
- ڪنڌ ڪنڌ وارو: ڳالهه ڳالهه وارو - لنگ وڙ وارو - لنگائتو - وڙائتو.
- ڪنڌ وارو: ذ. صفت. غيرت مند - غيرتي - غيرت سان.
● ڪنڌ: حرف جر. ويجهو - پرسان - لاڳو - لوديڪ - اوري.
● ڪنڌ (ل): ذ. خراب ٽيل سخت ڪٽي لٽسي. ٽالوَن تي چڙهيل ڪنڌ - خراب تنهن - ڪنڌ (ڪاڇو - ث).
● ڪنڌاچ ۽ ڪنڌاچون (ل): ث دانهن - رڙ - واڪو - ڪوڪ - ٻاڪار - هاءِ گهوڙا.
● ڪنڌاڪ ۽ ڪنڌاڪون (ڪ): ث. ڳچگوڙ - هنڪل - ڏڙڪي - دانهن - رڙ - گوڙ.
● ڪنڌانگ ۽ ڪنڌانگ (ت): ذ. ڏکي قد سان ضعيف ماڻهو - ڏکهو ۽ ڏهرو ماڻهو.
● ڪنڌاڻيو ۽ ڪنڌاڻيا: ذ. ٻيڙيءَ چڪڻلاءِ چيلهه ۾ ٻڌل رسو.
● ڪنڌهه ۽ ڪنڌاهون: ث. گرو نانڪ شاهه جي يادگيريءَ ۾ ڪاٺ ٽاهيل مٽائيءَ جو هڪ قسم - ڪنڌاهو (ت) پرساد - ڏامو.
● ڪنڌاهه ۽ ڪنڌاهه: ذ. (سن. ڪنڌاهه = ڪنڌاهو). ڪاڏي وغيره تيار ڪرڻ لاءِ لوهه يا پتل مان ٽاهيل اونهو ۽ ويڪرو ڍانءُ - وڏي ٿنبي - ڪنڌاهو - ٽنڊو - ڪٽهي - لڳلام - ڪنڌو - ڪنڌاهي -

Gul Hayat Institute

ڪڙاهو- وڏو لڙهاڏو- وڏو ٻيلو. گهڻو ساڪ جي ٽالي سڪن جو ٽٽيءَ ۾ رڌي تيار ڪيل ڪاڏو.

- ڪٽاهوءَ ۽ ڪٽاهو: ذ. ڏسو ڪٽاهه- ڪٽيهي.

- ڪٽاهيءُ ۽ ڪٽاهيُونءُ: ث. ڪٽاهه- ڪٽيچي- ٽٽي- ڪٽهي- لغلام- ڪڙهي.

- ڪٽاهي ۾ ڪاڙهَنءُ (ت): تڪليف ڏيڻ- ڏکوئڻ- تنگ ڪرڻ- ايذاءُ ڏيڻ- رنجائڻ.

● ڪٽاهٽ ۽ ڪٽاهٽ: (ل): ترس- رحم- قياسُ- هاجتهه- ڪهل.

● ڪٽاءُ ۽ ڪٽاءِ: ذ. ڪرونانڪ صاحب جي ياد گيريءَ ۾ ڪيل سيرو وغيره- ڪٽاهه پرساد- ڏامو.

● ڪٽاءُ: گهنجاءِ. "مٺهن ۾ ڪٽاءُ".

● ڪٽيتو ۽ ڪٽيتا: ذ. واپارين جو خراب ٿيل شئي لاءِ رکيل مجرائي وغيره- لاٽ ڪٽتو- گهاٽو- گاس ٻيس- مجرائي. لاهياري کي لائسي جي حساب کان ڏنل وڌيڪ آنُ (ل). فصل جي وقت ۾ زميندارن کان لوهار ۽ واڻ ۽ حجامن کي مڙ جي ڀڻيان ملندڙ ڪجهه حصو (ل). ٻيٽل فصل جي آن جو ڪيل اندازو- اڻڪل روءِ- الدازاً (ت).

● ڪٽيتَ ۽ ڪٽيٽُونءُ: ث. ڪنهن ڪم ڪرڻ لاءِ چيلهه کي ٻڌل ڪپڙو- ڪاٻَ- سندرو. ڪوتَ جي ٿي- ڪمرٻند- ڪٻڊ.

● ڪٽيٽو ۽ ڪٽيٽا: ذ. جهاز جو ڪٽو- ڪٽو- (الڳ). ڊبڪُ.

● ڪٽيچُ ۽ ڪٽيچَ: ذ. (من. ڪٽڻ تڙ> ٻرا. ڪڙ چچ) ڪٽيءِ جو هڪ قسم- وڏو ٽٽو- ڪٽهو- ڪڙاهو- لڳ لڳو- ڪڙهي ٻان. ڏيڳڻ ۾ هلائڻ لاءِ هڪ قسم جي وڏي ڏوئي- ڏوٽلو- هنيي- آلپي (قترُ وڏو ۽ ڏولکهي سان).

● ڪٽيچَ ۽ ڪٽيچُونءُ: ث. ڪنڊ- پاسو- ڪُڙچَ- گوشو- ڪولو. "سنڌي ڪٽنبِ ڪڙچ- مان هون سلامت سهرين."

● ڪٽيچاريءُ: اسم خاص. تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڪٽيچو ۽ ڪٽيچا (ت): ذ. ڏکڻ ۽ ونڊيل ڪنن واري ٻکر جو هڪ قسم.

● ڪٽيچيُ ۽ ڪٽيچيُونءُ: ث. (من. ڪٽاهه= ڪٽيچي. ٻيرا: ڪڙ چچَ). ننڍي لوهي ٽٽي- ترٽي- ڪڙاهي- ڪٽهي- لغلامُ- ڪڙهي ٻانُ- فراءِ ٻين. (اسم خاص). ڪاري رلڪ جي ٻڪيءِ جو هڪ قسم- ڪالُ ڪٽيچي. تعلقي فيض گنج (رياست خيرپور) ۾ ديهه جو نالو.

● ڪٽيسَ ۽ ڪٽيسيُونءُ: ث. (من. ڪٽَونءُ= ٻُونءُ ٻُونءُ ڪترَنءُ) ٽورو ٻخارُ- ٻخار جي ڇهين- ٽوٽسَ- لڳن جي ڪوساڻ- ٻرو- تپ جي ٻوتَ- خفيفُ تپ- ڪاموٽ- لڳن جي ڀاڄَ- ٻت ۾ آرسُ.

● ڪٽيس: ضمير. ڪيس- هن کي. وَٽس- هن وٽ. لاڪمُ- هُنَ ڪانُ. ٽورو ٻخارُ- تپ- ٻرو (ت).

- ڪٽيسَ آڇنءُ: ٽورو تپ اڇڻ- ٻخار اهڻ- جسر ۾ ڇهين هڇڻ.

- ڪٽيسيجنءُ: مصدر. تپڻ- ٻرڻ- تونسڻ- ٻخار اڇڻ.

● ڪٽيسارو ۽ ڪٽيسارا (ت): ذ. ان رکيل لاءِ گندي والگر ٽاهيل سرن جو حوض يا جاءِ.

● ڪٽيسنَ (ڪ): مصدر. تپش سان چمڪڻ- سورج جو تيز ڪي وڇڻ- سيڄَ جو تپت ڪرڻ. ڪٽڪڻ- چنگهڻ- رلسڪڻ- رينگڻ- هري هري گوڙ ڪرڻ- ڪُرڪنءُ. (ڪٽيسيبو- ڪٽيسيبلُ).

● ڪٽيڪ ۽ ڪٽيڪُونءُ: ث. (ف. ڪنڊم. من. ڪٽيڪَ). رابر ۾ ٽينڊڙ الاج جو هڪ قسم- ڪندر- ڪيهُونءُ. (قيسمَ: ١- نوڙهي ٢- ٻنبڻ- ٣- ڪوجي ۴- تندر ۵- ڪوڏاڻو ۶- ڪهڙو ۷- ٻواسري ٨- رڙي ٩- خودلو ١٠- جٽو ١١- ڪوٽي). ٽواسي (سيبو) جو هڪ قسم- سنهو ٽوبو (ل).

Gul Hayat Institute

= ڪٽيڪَ رَنگو ۽ ڪٽيڪَ رنگا؛ ذ. صفت. ڪٽڪ جي رنگ تي مائل - سانورو- سالواڻو- هيڊاڻ مائل - ٽورو ڪورو (ماڻهو).

● ڪٽڪ ۽ ڪٽيڪُنُ؛ ث. هلڪي دالهن- چنگهَ - رنگ - ڪٽڪ - ڪنجهه . روڙ مهل آهستي پريل سڏڪو . رنپ - رڙهه - روج - رودن (ڪ). سور کان ڦٽڪار- لوچ لوچ - آڏل پڏل . ڏڪ - ڪاري - صدمو - ور - ڦيٽ - اوڪ - چوٽ - چاڙپ - ٽوڪر .

● ڪٽڪَ ۽ ڪٽيڪُنُ؛ ث. ڪنهن ا- ڳالهه جو ڪن تي ٻيل ٽورو وڃ - ٽوري خبر- علم - سُڌ - ڪُڙڪ - سُڌاءُ - ڀڙلاءُ - ڪٽڪ - سڏ - ٻڌو - ڪٽيڪَ .

● ڪٽيڪارَ ۽ ڪٽيڪارُونُ؛ ث. (من. ڪ = آواز ڪرڻ). ڪوئل جو آواز - ڪوهل ڪيءَ جي لات - ڪُوڪُو- ڪُنڪار.

● ڪٽيڪَڻُ؛ مصدر. (من. ڪُوَڻ = آواز ڪرڻ) ڇهڻو آواز ڪرڻ - ڪرڪڻ - ڪنجهڻ - چنگهڻ - رنگڻ- رينگڻ - رينگاٽ ڪرڻ - چنگهڪار ڪرڻ دل ۾ رڻ - هري هري رڻ - ڳرڻ - هڇڻ - جهڇڻ. واڪا ڪرڻ - رڙيون ڪرڻ. رليٽ - ڪوڪون ڪرڻ. دالهون ڪرڻ - روئي ڏيڻ - ڏاڍي رڻ - ٻڪو سڃاڻڻ - رون رون ڪرڻ - روج راڙو ڪرڻ - مالدو ٿيڻ - ساڻو ٿيڻ - ڏرڪڻ - هڇڻ - سُسڻ ڪوماڻڻ. ٽڪ ٽڪ ڪرڻ - ڪرڙات ڪرڻ ڪُر ڪُر ڪرڻ. (ڪٽيڪيو - ڪٽيڪنڊو - ڪٽيڪيل).

= ڪٽيڪيجيُ ٻوَڻُ (ت)؛ ايمار ٿي ٻوڻ - اکيو ٿي ٻوڻ .

● ڪٽيڪڻُ؛ مصدر. ڪسڪڻ - ترڪڻ - ٽڙڪڻ. (ڪٽيڪيو - ڪٽيڪنڊو - ڪٽيڪيل).

"رکي وار ڪٽيڪيو ماريس تهه گمان".
(سر مومل راڻو شاهه).

● ڪٽيڪَڻُ؛ مصدر. (من. ڪ = آواز ڪرڻ) ڇهڻو آواز ڪرڻ - چنگهڻ - رنگ ڪرڻ - رينگو ڪرڻ - چنگهڪار ڪرڻ - ڪنجهڻ - ڪنجهڪار ڪرڻ - ڪرڪڻ. سور کان آهستي آهستي دالهن ڪرڻ ڏک کان دل ۾ رڻ - هري هري رڻ - ڳرڻ - هڇڻ - جهڇڻ. ڪنڪڻ - ڪنڪار ڪرڻ - ڪوڪون ڪرڻ - ڪهلاڻ ڏ ڪوڙڻ ارمان ڪرڻ - فڪر ۾ رهڻ (ت). (ڪٽيڪيو - ڪٽڪندو - ڪٽڪيل).

= ڪٽڪَ ۽ ڪٽڪُنُ (ل)؛ ذ. درد کان ڪيل جهيڙو آواز - ڪنجهه . ڪنجهڪار - چنگهڪار ٽوڪر - ضرب - ڏڪ - ڏڪو.

● ڪٽيڪار ۽ ڪٽيڪارُونُ؛ ث. جهيڙو آواز - چنگهه - چيچلاٽ - چنگهڪار - ڪنجهڪار. دالهن - رڙ - ڪوڪ.

= ڪٽيڪَتَ ۽ ڪٽيڪتُونُ (ڪ)؛ ث. ڪٽڪ - ٽورو آواز - ٻڙڪ ڪٽڪار.

= ڪٽيڪَ ڏ ڪرڻُ؛ ڪجهه ڏ ڏ ڇوڻ - ڪاوڙ رڙ ڪوڪ نه ڪرڻ - ساڻ ۾ رهڻ - ٻڙڪ ٻ ڏ ڏيڻ.

= ڪٽڪو ۽ ڪٽيڪار؛ ذ. سنهو آواز - ڪنجهڪار - جهيڙو آواز - چنگهڪار - رنگ - ڪٽڪار - چنگهه. وهٽ جي هري هري ڏڪ - آهستي آهستي گوڙ (آٽ جي).

● ڪٽُ ڪٽَ (ث)؛ ڪيرَ ڪيرَ.

● ڪٽيڪو ۽ ڪٽيڪا؛ ذ. (من. ڪٽهه = ڪٽو) ٻج - آن - داڻا - الاج - ڪڻا. ڪنهو - ڳوڙهو (ث). (من. ڪٽيڪ) ڪٽڪ.

● ڪٽيڪو ۽ ڪٽيڪا؛ ذ. خدا ڪارڻ ياسيل ماڻيءَ جو ٽڪر - فقير سبيل الله ڪيل ڪاڌي ۾ ٽورو ڪره - ڪٽاهه پرشاد مان ٽورو ڏرو.

● ڪٽڪ ڪٽيڪُنُ (ڪ - ڪ)؛ ث. پرت جو هڪ قسم.

● ڪٽڪهو ۽ ڪٽڪها؛ (من. ڪٽرَڪ). ڪاڻيءَ وارو هڏو - ريڙهه - ڪاڻيءَ جو ڪنڊو - ڪرلڪهو - ڪنڊو - ڪنڪهو - ڦاڻي - لائن.

● ڪٽُر (ڪ)؛ ضمير. سون کي - لاڪُر - ڏ ڪي. "ڪٽُر ڪل ڪالهي کا ننگي نجيب، ڪُجاڙي ڪنا کاوڙهن توں فريب".

Gul Hayat Institute

ـ ڪٽڻ: آڻهن کي.
● ڪٽڻ ¦ (ڪ): گاهه جو هڪ قسم.
● ڪٽڻ (ڪ): مصدر. ڪوٽائي ـ ڪوٽڻ. (ڪٽيو ڪٽيندو ـ ڪٽيل).
● ڪٽو ¦ ڪٽا: ذ. (سن ڪٽهه = داڻو). الاڇ جو داڻو ـ ذرو. اَنُ ـ آناجُ. اِجُ.
ـ ڪٽا جاچڻ: مائٽي ڪرڻ وقت ڇوڪرءَ ڇوڪريءَ جي جاچ ڪرڻ
ـ ڪٽا ڳڻُ ¦ ڪٽا ڳڻَ (ت): ذ. بار بڪ لهڪو ڪندڙ. بخيل ـ ڪنجوسُ ـ شومُ ـ موذيُ
ـ ڪٽا ڳڻُ هڻڻُ: بخيل هجڻ ـ ڪنجوس هجڻ
ـ ڪٽو آکاسُ: ٿورو ذرو به قبول ڪرڻ.
ـ ڪٽو قرارُ هڻڻُ (ت): بخت همراهه ٿيڻ ـ قسمت زور ٿيڻ ـ خوش نصيب ٿيڻ ـ بخت جي ياوري ٿيڻ ـ ستارو زور ٿيڻ.
ـ ڪٽو ڪٽ ٿيڻُ: ڏار ڏار ٿيڻ ـ علحدو ٿيڻ ـ اتفاق ٽوڙڻ ـ وڙهڻ ـ جڙو جڙ ٿيڻ ـ ٽڙو ٽڙو ٿي وڃڻ ـ ٽيڙي پکڙي وڃڻ.
ـ ڪٽو ڪٽو: ڪٽو ڪٽو ـ جڙ وکڙ ـ واءِ وڪير ـ پکڙيل ـ علحدا ـ جدا جدا ـ تيتر وتر ـ اِستِ وِستِ ـ ڦلائيل ـ ٽيڙيل پکڙيل ـ ڪنڊر ڀل ـ لِفافُ پيل ـ هيڏانهن هوڏانهن ـ گهڻن طرفن ـ ڦواڦيُ.
ـ ڪٽو ¦ ڪَرُ: ذرو به لياقت نه ڏيکارڻ ـ ڪاب هوشياري نه هُجڻُ.
ـ ڪٽهي جي به ڪَسَرَ ڪَرَڻُ: ڪوشش ڪرڻ ـ سالگو صرفو ڪرڻ ـ ٿورو خرچي ڪرڻ ـ ڪفايت ڪرڻ
ـ ڪٽهي ڪهت ڪاسو: ٿورڙو ڪهت ـ البت ڪٿي ـ ڏاڍي ڪهت ـ ٿوري ڪهتائي ـ رَتيُ پرڪسو ـ ٿورو چونو.
ـ ڪٽهي ڪهت ڪاسو ٿيڻ: ٿوري تان ڪسي وڃڻ ـ هَوَ تان رمجي وڃڻ ـ ڏاڍي ڪهت ڇڏي وَڃڻُ.
● ڪٽو ¦ ڪٽا: ذ. (ع. قرع = ڪٽو). ٻڪو ـ فالَ ـ ڏارو.
ـ ڪٽو وڃهڻُ: ٻڪو وڃهڻ ـ فال وڃهڻُ.
● ڪٽهارُ ¦ ڪٽهارَ: ذ. مٽي يا موتين جو لهبل هارُ ـ هيرَنُ جو هارُ. مٽيو (جواهر آبدارُ ٧٩).
● ڪٽهو ¦ ڪٽها: ذ. ڇڙي جي ڇڪ لاءِ ميربحرن جي چيلهه جي ٻڌڻ لاءِ رَسو ـ ڪٽهُ (ت).
● ڪٽهيُ ¦ ڪٽهيُونُ: ث. ڏاڙهن ۾ ڪڻ لاءِ گول تَنَيُ ـ لوهه جي ڪاري.
● ڪٽڻُ: توکي.
● ڪٽٽيُ (ڪ) ضمير. توکي ـ ڪٽيُ.
● ڪٽي (ڪ): ضمير. توکي ـ ڪٽئي.
● ڪٽيُ ¦ ڪٽيُونُ: ث (پرا. ڪٽيڪا. ڪَنَ = پرزو). ذرو ـ پرزو ـ ٽڪرو ـ ٿورو پورُ ـ ٻُڪو ـ حصو ـ رَتيُ ـ هَوَ ـ مَڪَ ـ تيرسانتر ـ پڇڙي ـ لغارَ ـ پاڻو ـ ٻَڌيُ. چالور وغيره جو ٻڪل ٽڪر يا روحُ ـ الاڇ وغيره جو داڻو ـ ڪٽو ـ داڻو ـ (هيري جو) ذرڙو ـ مٽيو ـ موتيُ. طاقت جو جُزو. ڏاڍو يا نه رڌجڻ جهڙو اَنُ ـ رڙو. سينهن جو ڏڙو يا ڏڙي ـ ٻولندَ.
● ڪٽيارو ¦ ڪٽيارا (ل ـ ڪ): ذ. لغارُ ـ لڪارُ ـ واڪَ.
● ڪٽيانُس ¦ ظرف. هن وٽ ـ وَڻ.
ـ ڪٽيانُس ¦ ظرف. هُنَ وٽ ـ وَڻيُ.
● ڪٽهيُ ¦ ڪٽهيُونُ (ت): ث. چوهائي مال جي سڃاڻپ لاءِ ڪن ۾ ڪيل نشانُ ـ ڪَڪرُ ـ وَيُ ـ چيرُ.
ـ ڪٽهيُ ڪَرڻُ ¦ سڃاڻپ لاءِ نشان ڪرڻ ـ وَيَ وجهڻ يا ڪرڻ ـ ڪَڪَرُ وڃهڻُ.
● ڪوُ ¦ ظرف. ڪوُٽيُ هيڪڙو (جٿوُ) ـ هيڪڙو. ڪوبه.
● ڪُوُ (ت) ¦ ذ. ڪانگن هڪڙن جو آواز.
● ڪواڻا (ث) ¦ ذ. بيهوشي ـ ديوڪَرَ ـ ڏُکَ ـ وسار ـ ڳَهَر ـ غَشُودي.
● ڪُوات ¦ ڪُوالُونُ > ڪُوات: ث. ذ. (سن. ڪُ = خراب + وات = رستو). ٻنا رستي جي

جڳهه. خراب رستو - ڏُکي وات - اولو رستو - اڙالگو ويچرو - غلط وات - بي راهي - اوجهڙ - گمراهي. (صفت). ڪوانو - خراب رستي وارو - ڏُکي وات هلندڙ - اڙالگو - دُشوار - اوجهڙ وارو - گمراهه. بدعادتو - بي فضيلتو - ڪلچٽو - بي لچٽو - اڻلگو - گنوارُ.

● ڪُوانوُ ¦ ڪُوانا ¦ ذ. خراب وات وارو - اوجهڙ وارو - اڙالگو - الالگو - دُشوار - اهنجو.

● ڪُواجهوُ ¦ ڪُواجهَا (ت) ¦ ذ. بي هُنر - جَتُ - اڻ آزموده ڪار.

● ڪُوارَنُ ¦ مصدر. (من. ڪُ = خراب + وات = هَوا. پرا. ڪُ = خراب + وائارُ). ڪُوار ڪرڻ - هيجو ڪرڻ - ڪِلاڪرڻ. گهٽتائي ڪرڻ - شڪايت ڪرڻ - عيب لائڻ - ڪَلنڪ لائڻ - بدنام ڪرڻ - لائي چائي ڪرڻ - رُسوا ڪرڻ - لِنڊا ڪرڻ. بي مالو ڪرڻ - بي عزت ڪرڻ - ذليل ڪرڻ. لِيءُ لائڻ - بَدي رکڻ - الزام رکڻ - بُهتان رکڻ. پٽڻا ڀاراتا ڏيڻ - ويڙهڻ. طعنا ڏيڻ - مهڻا ڏيڻ. اڇايو سڃاپو ڳالهائڻ - ڪارڪند ڪرڻ. طُوفان آڏارڻ - فتنو چاڪائڻ - هنگامو مچائڻ - فساد برپا ڪرڻ. (ڪُوارپو - ڪُواريندو - ڪُواريَل).

- ڪُوارَ ¦ ڪُوارَنُ ¦ ث. ڪِلا - لِنڊا - شڪايت - لائي چائي - عيب ٽواڻَ - غيبت - چغلي چائي. خواري - بدنامي - ذلالت - گهٽتائي - لاڻ. طعنو - ميهڻو. ڀاراتو - ويڙ - پٽلو. به سخن - گار - بدشد. طُوفان - فِتنو - هنگامو - فساد.

● ڪِواڙُ ¦ ڪِواڙَ: ذ. (سن. ڪَپاٽ = دَرَ جو طاق). دَرَ - دروازو - لنگهڻ - پَنيو - گهٽُ. دروازي جو طاقُ.

● ڪُواڙِيُ ¦ ڪُواڙِيُونُ ¦ ث. پيڙيءَ جو هڪ عضوو - ڀاتاري جا خالَ - منن جي وچَ وارا خال - ڀاتاريءَ سان لڳو لڳ جهڙي جهليندڙ ڪائي.

● ڪَواڙُ ¦ ڪَواڙَ ¦ ذ. (ع. قواعد = پَريد) فوجي چپ راست - فوجي نقل و حرڪت - قواعد - (الگ). پريدَ. حرڪت - چَڙهَر. حرڪت - ڪيڏ - انگل بازي - چالبازي. (صفت). ڪميڻو - بي حيا - بي شرم - رذيلُ (ڪ).

● ڪُوازوُ ¦ ڪُوازا ¦ ذ. جاءِ جي پت جي او ساري ڪٽڻ وقت ڏاڪڻ والڳي اڏيل تختو. ڏاميءَ جو تختو - چِڪو.

● ڪَواڪِبُ ¦ (جَمعَ ڪُ). ڪوڪب (ع). تارا.

● ڪُواڪَنِيُ ¦ ث. پوڻيءَ جو هڪ قسم (هي پُوڻي خوشبوءه دار ٿيندي آهي، گل پوري رنگ جا، ان ڪُٽي جي ڪَنَ والڳر). دوا طور ڪم اينڊڙ هڪ ٻيارڪو وڪر.

● ڪُوالوُ ¦ ڪُوالا (ت) ¦ ذ. ڪُنڊُرو - ارمر - نازڪ - ٻڙو - نفيس - مُلايم - ڪُومَلُ.

● ڪُواءُ (ت): ذ. (ڪُ = واءُ = خراب هَوا) زمالي جي گردش. الياءُ - ظلمر - بي الصافي - الڏير - وَئيلُ - رِنُ.

● ڪُوائِيُ (ل) ¦ مصدر. ناهسند ڪرڻ - پسند نه ڪرڻ - نه وڻڻ - ناپسند ڪرڻ - قبول نه ڪرڻ. (ڪِوايو - ڪِوائيندو - ڪِوائِيَلُ).

● ڪُوائِيُ ¦ ڪُوائِيُونُ ث. (من. ڪُو+ وائي = خراب ڳالهه) خراب وائي - بيڙو سَوَنُ - بدشِگُونُ - بدفال.

● ڪوُبَنُ ¦ مصدر. ڏمڪ سان زمين کي سڌو ڪرڻ - کوپو ڪرڻ - کوپي سان ماپ ڪرڻ يا لهول وڻڻ. (کوپيو - کوپيندو - کوپيل).

- ڪوُپوُ ¦ ڪوُپا ¦ ذ. (ويدڪ. سن. ڪشپ = ڏَڪُ). فرش کي سڌي ڪرڻ جو اوزار - سيڻي پيڙ ۽ سنوارڻ جو هڪ اوزار - وڻوهڙُ - وڻوڙُ - ڏَمڪَ. (الگ). لهوَلَ.

- ڪوُپوُ ڪَرَنُ: ڏرتيءَ کي سنوت ۽ آڻڻ - زمين هموار ڪرڻ - پَٽ سڌو ڪرڻ.

● ڪوُپَ ¦ ڪوُپُونُ (ل) ¦ ث. سن. ڪوَپ = ڪنڊَ) زمين جو ڪاڏل الڏ رهيون حصو - کوهي الهڙ ڀاڻيءَ جي ڪيل ڪاڏ. اونداهي چَڙَ - ڏَرُ - کوپَرُ - کوپڙو - غارَ - ڪنڊَ - پير گهٽَلُ - پورُ. چيلن بند ڪرڻ لاءِ زمين ۾ کوٽيل ڪنڊَ (ت). ڪُٽي جي وهڻ لاءِ زمين ۾ کوٽيل ڪنڊَ (ت).

Gulbayat Institute

اوچي ڪناري ۾ ڪنڌ. اونڌ ۽ الڌرو. رڳو ۽ گرمي ۽ آبس ۽ اوماهي ۽ اڪيرس (ت). ڪنڊ ۽ ڪڙڇ.

۽ ڪوپر ۽ ڪوپر: ذ. ڪوپ. غار. رڳو.

● ڪوپر: اسم خاص. مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

● ڪوت ۽ ڪوتن: ث (سن. ڪوپڻا = گالهه) ڪٿاڻي ۽ ڪوتا ۽ لڦڙ ۽ نظير ۽ قصو ۽ بيان ۽ وارتا ۽ ڪٿا ۽ گالهه ۽ آکاڻي. شعر ۽ گاه ۽ غزل ۽ بيت ۽ ڪبيت.

● ڪوتا ۽ ڪوتائن: ث. (سن. ڪوِ > ڪوِتا = شاعر). غزل ۽ گيت ۽ شعر ۽ بيت ۽ نظم. شاعري ۽ شعر گوئي ۽ بيت بازي.

● ڪوٽ: ذ. چوليءَ جي وڇهڻ لاءِ هڏن جي هيئڻين پاڳي وارو سوراخ.

● ڪوتاهه ۽ ڪوتاهڙ: ذ. صفت. (ك. ڪوٽاهه = لنڊو). ڇوٽو ۽ لنڊو ۽ لاڙيرو ۽ الپ ۽ ٽوٽوري ۽ لاڇجهو. ڪنسو ۽ اوٽو ۽ هوٽو ۽ اڻ پورو ۽ زائل ۽ لرسو ۽ ڪٽيل ۽ ڪمر ۽ ڪمٽر ۽ ڪمٽي. (ڪپڙو) سوڙهو ۽ تنگ ۽ چست ۽ پوري ماپ جو نه. آپهڙو ۽ ٽورو ۽ قليل ۽ مختصر. (اسم). حساب ۾ چور ۽ ڪمر ۾ ڪوتاهي ڪندڙ.

۽ ڪوتاهي ۽ ڪوتاهيون: ث. لنڊائي ۽ ڇوٽائي ۽ لالائي ۽ لالجهائي ۽ هلڪائي ۽ گهٽتائي. ڪميءَ ۽ قلت ۽ اڻ پورت ۽ ڪوٽ. اوٽائي ۽ درڪار ۽ سوس ۽ تنگي ۽ ڪسر ۽ هٿيءَ ۽ ڪوٽي ۽ اڻاڻ ۽ ڪاهت (هائيءَ جي) ۽ لرسائي ۽ گهٽتي ۽ ٽورائي ۽ اختصار. چوڪ ۽ پل ۽ سهو ۽ غفلت.

۽ ڪوتاهي ڪرڻ: ڪمي ڪرڻ ۽ گهٽتائي ڪرڻ. دير ڪرڻ. لقص وڇهڻ ۽ وڌ ڪرڻ.

● ڪوترو: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر ڏاهاڪر سنڌ ۾)

● ڪوتري ۽ ڪوتري: ذ. صفت. (سن. ڪوتن = ڪٽيرڻ). ڪتر ڪندڙ ۽ گاهه ڪٽر ڪندڙ. ڪٽر رکندڙ يا وڪڻندڙ.

● ڪوتڪ ۽ ڪوتڪون: (سن. ڪٽوتڪر). آگري ٻالس وارو هڪ جهنگلي ٻوٽو ۽ (هي ٻوٽو زمين ني ول وانگر ٻکڙي، سندس ٻج خسخس جهڙو ٿئي، دوائن طور ڪم اچي، هن کي جانور کوڻ کائين). لنڊو ڪالي جو ٽڪر (ت). تماشو ۽ مزو.

● ڪوٽ ڪياه: اسم خاص. تعلقي ميرپور ٻٽوري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڪوتل ۽ ڪوتلن: ذ. (ف). سڌوار ڪان سواءِ گهوڙو ۽ ڪوٽلن ۽ خالي گهوڙو. ضرورت ڪان سواءِ گهوڙو ۽ خاص سواريءَ جو گهوڙو. بهشتي گهوڙو ۽ برّاق ۽ ڪيڪان (ڪ).

● ڪوتيميڙ ۽ ڪوتيميڙ: ذ. ڏاڻن جو سائو ٻوٽو ۽ ساوا ڏاڻا. خوشبودار پاڇيءَ جو هڪ قسم (دل ۽ دماغ کي فرحت ڏيندڙ) ۽ سائي سمالي جو هڪ قسم.

● ڪوٽو ۽ ڪوٽا (ث): ذ. صفت. ڇوٽو ۽ لنڊو ڪوتاهڙ ۽ ڪوتهڙ.

● ڪوٽهڙ ۽ ڪوٽهڙ: ذ. صفت. ڪوتاهه ۽ لنڊو ۽ الپ ۽ لاڙيرو ۽ لاڇجهو ۽ گهٽ ۽ ٽورو. سوڙهو ۽ تنگ ۽ ٽوٽوري (ڪپڙو) گهٽ ماپ جو ۽ ڪمر ۾ ڪٽل (پاڳو) ۽ لرسو ۽ زائل ۽ اڻ پورو ۽ ڪنسو ۽ گهٽ ۽ اولو ۽ ٽورو (عقل) ۽ آپهڙو. (اسم). حساب چور ۽ ڪمر ۾ ڪوتاهي ڪندڙ.

● ڪوتهڙ دميي ۽ ڪوتهڙ دميون: ث. ايماري جو هڪ قسم ۽ دم ڪٽي ۽ دم ۽ ساهڙ جي تڪليف ۽ آپو ساهڙ.

● ڪوٽي (ت): ث. لنڊي ۽ ڇوٽي. شڪاري ڪٽا چڪيندڙ (ت).

● ڪوتي ۽ ڪوتي: ذ. صفت. ڪوتي.

● ڪوتي لاڙي: ث. ڪوڙي ڪار. Salsola (Sp: Indet).

● ڪوٽ ۽ ڪوٽون: ث. (سن. ڪڪٽس = بدن جو ٻاسو > سن. ڪوشٽ = ٻيٽ). ڪمر جو هيٺيون حصو ۽ ڪڙهه ۽ ڪڪ ۽ ٻيٽ. گرپ ۽ اسٽان ۽ رحم ۽ بچه دالي. هڏ جي

Gul Hayat Institute

چولي پوڻ واري جاءِ کان هيٺ وارو ٽکر (ل).

● کوٽِرو ۽ کوٽرا (ک-ت)؛ ڏ. (سن. کوش = پردو). ڳوٽرو - ٽيلهو. ڳوڙ - ٻُجِکو - ڇپو.

● کوٽِرِي ۽ کوٽِرِيُون؛ ث. (سن. کوش = پردو). ڳوٽري - ٽيلهي - جهولي - ٿوڻي - ٻُجِکِي - ڇپي. کوهه - کڇکول.

● کوٽ ۽ کوٽ؛ د. (سن. کوٽ = ڳڙهه). شهر جي چوڌاري ڏنل ديوار - لشکر رکڻ جي جاءِ لاءِ ڏنل وڏي ڀِت - قِلعو - ڪوٽ - شهر پناه - شهر بند - چار ديواري. بادشاهن جي رهڻ جو وڏو محلات - قصر. پرت جو هڪ قسم بخيي ۽ قلعي واڪر هڪ ٻئي مٿان چاڙهي بهاريل ڪنڪريٽون (ٿ). ڪُوز پالو - ڏڦو. نيزو. ٻني رالد ۽ آهل لِنڊ - ٻاوَن - تيرهيو. (الگ) قصص جي مٿان ٻاڻ جو سيبل ڪپڙو - ڪڙو - گدلو. (سن. کوٽ) کبرو.

- کوٽائيُ ڪُنج ۽ کوٽائيُ ڪُنجَ (ٿ)؛ ڏ. ڪوري زالن جي ٻاڻ جو هڪ پرت پريل چولي جو هڪ قسم.

- کوٽ جهڙي ميٽيُ کوٽ ڪهي لڪڻ: مالڪ جي شيءِ واپس ڏي مالڪ کي مان - ٻنهنجي شيءِ ٻاڻ کي ڪر اڻ.

- کوٽڙو ۽ کوٽڙا؛ ڏ. لنڊيو قلعو - لنڊو ڪِيڙ.

- کوٽڙِي ۽ کوٽڙِيُون؛ ث. قلعو - ڪِيڙ - ڳڙهه - حصار.

- کوٽ ڪهيرائيڻ؛ قلعو ڍاهڻ. تمام ڏکئي ڪر ۾ ڪامياب ٿين - وڏي مصيبت کي منهن ڏيڻ.

- کوٽ ڪهي مٿو ڏيڻ؛ وڏو تڪليف وارو ڪم سرانجام ڪرڻ - ڪيپ کڻڻ.

- کوٽ هڻڻ؛ ٻني رالد ۽ سالده ستت يا تيوهين هٿ ڪٽي وڃڻ - لِنڊ ڏيڻ - آگ چاڙهڻ.

- کوٽيُ؛ ڏ. صفت. (سن. کوٽ = قلعو) کوٽ جو - کوٽ وارو. (سن. کوٽيُ = کروڙ) کروڙ (سن. کوٽهه = قسم) قسم - نمونو. (الگ؛ کوٽ = الگرڪو) زنالو چولي جي مٿان ٻَهڙ جو اڌ کوٽ - لئيو ڪُڙتو - ٻيٽي کوٽ.

● کوٽار ۽ کوٽارَ؛ ڏ. (سن. کوٽاره = کوٽ وارو شخص. سن. کوٽ + وار [وال]) ٽيدار جو ٻيوالو. نوڪر - سپاهي - خدمتگار. خادم - ٻيلي - چاڪر.

- کوٽار ڪڙا؛ ڏ. نوڪر چاڪر - خادم - ٻيوالا ٻڙا.

● کوٽ ٻاجُوُ؛ اسم خاص. تعلقي جوهيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● کوٽ ٻِجڙ؛ اسم خاص. تعلقي ڏنجهوري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● کوٽ ٻَهادُر؛ اسم خاص. تعلقي نوشهري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● کوٽ ٻارُوچو؛ اسم خاص. تعلقي سيوهڻ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● کوٽ ٻُرڙائيُ؛ اسم خاص. تعلقي ڏهڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● کوٽ جنگو؛ اسم خاص. تعلقي ٽنڊ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● کوٽ چانڊ ڪو؛ اسم خاص. تعلقي ڏوڪري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● کوٽ حَبِيبُ جاڪِيڙ؛ اسم خاص. تعلقي ڳڙهي ياسين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● کوٽ حَبِيبُ رَحِيمتيُ؛ اسم خاص. تعلقي ڳڙهي ياسين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● کوٽ حَبِيبُ سَهِير؛ اسم خاص. تعلقي سڪ نديءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● کوٽِرِيُ ۽ کوٽسِرِيُون (ٿ)؛ ث. اوطاق - مهمان خالو. کولڙي.

● کوٽڙِيُ؛ اسم خاص. ڳڙهي خيري، روهڙي، ڏنڊي باڪي، ڪنڊياري ۽ ڪرڙي تعلقن ۾ هڪ

Gul Hayat Institute

ديهه جو نالو. جيسلمير مارڪ هڪ ڪوٽ جو نالو (جتان ڪاڪ ٽئين ڪوري ٽي) پٽ شاهه ڪان پنج ميل پري هڪ شهر (جو هاڻي ڦٽي ويو آهي).

● ڪوٽيڙيا: اسم خاص. ڏر ۾ رهندڙ واڇوٽن جي هڪ ذات جو نالو.

● ڪوٽيڙي آلهه رکيو شاهه: اسم خاص. تعلقي ڪهوڙا هاري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڪوٽيڙي ڀراٽي: اسم خاص. تعلقي ٽنڊي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڪوٽيڙي جاگيرَ: اسم خاص. تعلقي ڪهوڙا هاري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڪوٽ ستاهو: اسم خاص. تعلقي موري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڪوٽ سُلطانُ: اسم خاص. تعلقي شڪارپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڪوٽ صادق شاهه: اسم خاص. تعلقي ٻني عاقل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڪوٽ عالمڻُ: اسم خاص. تعلقي سڪاول ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڪوٽ عَليءِ نَواز: اسم خاص. تعلقي ڳڙهي خيرو ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڪوٽ ڪارڙا: اسم خاص. تعلقي شهداد ڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڪوٽ ڪُلُ محمّد: اسم خاص. تعلقي ڪُل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڪوٽلو: اسم خاص. تعلقي ميرپور ماٽيلي ۾ تعلقي ڪوٽ ڏيجي (رياست خيرپور) ۾ هڪ ڳوٺ ۽ ديهه جو نالو.

● ڪوٽلو يوسفُ: اسم خاص. تعلقي اباوڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڪوٽ لَبيءِ بَخشُ: اسم خاص. تعلقي شهداد ڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڪوٽيوارُ ۽ ڪوٽيوارَ: ذ. ڪوتار- ٻيوالو- نوڪر- خادم- خدمتگار- چاڪرُ- ٻيلي.

● ڪوٽيوالُ ۽ ڪوٽيوالَ: ذ. (سن. ڪوٽ+ وال) شهر جي رکوالي ڪرڻ لاءِ رکيل پوليس جو عملدارُ- فوجدارُ. پهريدارُ- راکو- رکوالُ- چوڪيدارُ- پهريوارو. بادشاهي خاص نوڪر. ڪوتارُ- ڪوٽيوارُ.

- ڪوٽيوالي ۽ ڪوٽيواليُونُ: ث. ڪوٽوال جو دفتر- چوڪي لاءِ مقرر ڪيل پوليس ٽاڦو- ڪوٽواري- ڪوتاري ڪوٽوال جو ڏنڊو.

● ڪوٽيُ ۽ ڪوٽيُونُ (ٽ): ث آڻ جي پلاڻ جي پنيان لڳل ڪاٺي- آڻ- جهلَ- آڏ- چير. پڪريءَ جو هڪ قسم (ڪ).

● ڪوٽيُ آفيسرُ: ذ. آفيسر جو هڪ قسم- ساروڙ مان سڏڻ ۾ عمرڪوٽ رستي ايندڙ آفيسر.

● ڪوٽيا: ذ. ون جو هڪ قسم (قد ڏاڙا گول ساوا ٽڻن، چوڏا ۽ بج ان جو ڪڙهي گرڙبون ڪيبون ٿ نڙي جي سور ۽ وات جي ڦرڙين لاءِ فائدي وارو آهي). دوا طور ڪم ايندڙ هڪ پسارکو وڪر.

● ڪوٽيما (ڪ): ذ. خريف ۾ پيدا ٿيندڙ هڪ ول جو ميوو- چيڙ- ميتهرو.

● ڪوٽيسرُو: اسم خاص تعلقي ڪراچي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڪوٽيسُر: اسم خاص. لکپت جي ويجهو هندن جو هڪ تيرٿ. (لطيفي سير). ڪڇ ۾ هڪ ڳوٺ (سنڌ جو سيلاني)

● ڪوٽ يعقُوبُ: اسم خاص. تعلقي روهڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڪوٽيلي ۽ ڪوٽيليُونُ: ث. ڪالڪهاريُ آن.

● ڪوٽينڙُ ۽ ڪوٽينڙَ (ٽ): ذ. مٽ جيڏو وڏو چيڙ.

● ڪوٽيو ۽ ڪوٽيا: ذ. ٽان جو هڪ قسم. ٻتيهلو- ڍولڊيُ- سڄوڻو- لنڊي ٻيڙي.

● ڪونا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● ڪونارُ ۽ ڪونارَ: ذ. (سن ڪوشٽاگار). آها ڪونيُ جتي سيڏو رکجي- ڳندارُ- پانداروُ- گدارُ.

● ڪوٽاريُ ۽ ڪوٽارِيُونُ؛ ث. (سن. ڪوٽارِيڪا > ڪوشٽَ). سون يا چاندي پکهاڑ لاءِ ڏِني وانگر لهيل مٽيءَ جو ٽانءُ - سوارن جي سون ڪاڑڻ جي ڪٽوري - پيالي - وٽي. (ڏ). شاديءَ جي موقعي تي گهوت جو عيوضي (جنهن سان سات سڳڻ ٿين) - آهِنڙُ (ل). جَجَ ۾ ڪارڪن ورهائڻ وارو ماڻهو (ت). فقيرن جي سامان جو لڪهبان - سُنڪهو.

● ڪوٽيڙِيُ ۽ ڪوٽيڙِيُونُ؛ ث. (پرا. ڪوٽڙڪا). ننڍو صفو - ننڍڙو گهر - حُجرو - ڪمرو - انَ جو رکيل پالدو.

● ڪوٽيلوُ ۽ ڪوٽيلا؛ ذ. داڻن وجهڻ لاءِ مٽيءَ جي ٺهيل ڪُنڊي. ماني وغيره رکڻ جو ڪٻاٽ (ڪ).

● ڪوٽڻُ؛ مصدر. (سن. کرده = سَڏ ڪرڻ). سڏڻ - سڏ ڪرڻ - ڪوٽ ڪرڻ - ڪوٽي اڇڻ - ڪهرائڻ - ڪولائڻ (ڪوٽيو - ڪوٽيندو ڪوٽيل).

= ڪوٽَ ۽ ڪوٽُونُ؛ ث. سَڏ - دعوت - ڪاليَ - سڏو - ليندَ - شادي وغيره جو سَڏ. حاضري - شنوائي.

= ڪوٽاريُ ۽ ڪوٽاريُ؛ ذ. قاصد - لياهو آڻيندڙ - ريباري - سنيهو پهچائيندڙ.

= ڪوٽائڻُ؛ مصدر. سڏائڻ - ڪهرائڻ - ڪوٽ ڪرڻ - سڏڻ - دعوت ڪرڻ - ليندڙ ڏيڻ - صلاهڻ - سڏ ڏيڻ (ڪوٽائيو - ڪوٽائيندو - ڪوٽائيَلُ).

= ڪوٽائُو ۽ ڪوٽائُو؛ ذ. صفت. سڏڻ وارو - سڏ ڏيندڙ - قاصد - لياهو پهچائيندڙ - ڪوڻ وارو - نياهو آڻيندڙ - اِذني - سڏيندڙ - ڀالڏيڙو - ريباري. "ڪوٽائو ڪراهِ جو، آيو ٿهي ايران ڏي ميان" (سر مومل راڻو - شاهه).

= ڪوٽَ ٽيئنُ: سڏ ٿيڻ - دعوت ملڻ - لياهو اچڻ - ڪهرَ ٿيڻ - طلب ٿيڻ - يادگيري ٿيڻ.

= ڪوٽَ ڪرائيُ: سڏائڻ - دعوت ڏياري - ٻڌائڻ - ڪهرائڻ.

= ڪوٽَ ڪرڻُ: ڪاليَ ڪرڻ - ٻڌائڻ - سڏڻ - دعوت ڏيڻ.

= ڪوٽُو ۽ ڪوٽُو؛ ذ. صفت. ڪوٽائُو - ڪوٽيندڙ - سڏيندڙ - سڏ ڏيندڙ - قاصد - خاهرو.

● ڪوٽُوُ ۽ ڪوٽُا؛ ذ. (پرا. ڪوٽڪا. سن. ڪوٽا > ڪٽَنڪَ > ڪوشٽ). ڪشادو صفو يا ڪمرو - ماڙيءَ واري ڪوٺي - مٿيون طبقو - هالو - بار - بالا خالو - انَ رکڻ جو پاندو - ڪُنڊيُ - ڪُنڊيءَ نموني ٺهيل انُ رکڻ لاءِ ننڍڙو گهر. ڪُڏُ - سنگهُ - بادگيرُ. مٽيءَ جو ٺهيل ڪُندلو جنهن ۾ مالپوڻ وغيره رکندا آهن - ننڍي بکارَ. پنڊي. ڪُليل پَٽُ - هوٽو - ميدان (ڪ). شاديءَ وقت گهوت کي ڏالهه ڏسترو (سَوَڻ، پَٽراڻي ۽ وِهاڻو). سَڏُ - سڏو. (سن. ڪوشٽ. ڏ لکين ليکن جو جوڙو، جنهن منجهه ڪي لفظ يا حسابن ۾ ڪي الڳ سند هجن. ليکن سان نٿيل خالا.

● ڪوٽيُ ۽ ڪوٽيُونُ؛ ث. (پرا. ڪوٽيڪا. سن. ڪوٽِڪا > ڪوشٽِ. ڪوشٽ). گهر جو ننڍو حصو - جاءِ جو اڌيل ننڍو ٽُڪر - ننڍو ڪمرو - صفو - (الڪ) رَوَرُ. جاءِ - جڳهه - گهر - مڪانُ. سَراءِ - مسافرخانو. جاءِ جي ماسي ڪان مهمانن لاءِ ننڍو ڪمرو - اوطاق - بيٺڪ. واپاري جاءِ - ٻيڻي - ڪارخانو - دوڪان - انُ رکڻ جو پالدو - گدام جي ڪوٺي - گُدام - ڪنجينوُ - پالهلو - البارخانو - وکار - پاندو - مال گدام. پالهي يا شيشي جو هڪ قسم. ٻيڙيءَ جي پاڇيل ۾ سامان رکڻ جي جاءِ (ت). چمڙي جو گول ڏٻهو ٻَٽو (جو زين سان ڪيڏيل هوندو آهي ۽ ان ۾ هوله و آهي). (اسر خاص). لاڙڪاڻي، جاتي، شاهبندر ۽ ميهڙ تعلقن ۾ هڪ ديهه جو نالو.

= ڪوٽيُ چَڙَهَڻُ: پڌراڻي ڪرڻ - عالم آشڪاري ڪرڻ.

= ڪوٽيدارُ ۽ ڪوٽيدارَ؛ ذ. ٻڌي وکري جو واپاري - واپاري - سؤداگرُ - ڪارخاليدار.

= ڪوٽيدارِيُ؛ ث. صفت. ڪوٽيدار جو ڪم يا ڏندو.

Gul Hayat Institute

● ڪوئيءُ ڪوڪڙ : اسر خاص. تعلقي ميڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڪَوثرُ ؛ ذ. (ع. ڪَوْثَرٌ = هڪ بهشتي نالي ٻ). جنت جي هڪ نهر جو نالو ـ بهشت ۾ وهندڙ هڪ نهر جو نالو. (صفت). وڏو سخي ـ داتا ـ سخاوت جو صاحب ـ وڏو بخشيندڙ ـ فياض ـ مهربان ـ رحمدل ـ پاڻهارو.

● ڪوپ ۽ ڪوپُون (ڪ) ؛ ث. وڻ جي سنهين ڏارين ڪي وڍڻ جي حالت ـ چالنگ ـ وَڍ.

ـ ڪَوپَ ڪرڻ. ڪيل ڪلهين ڏارين مان گاهه واريون سنهڙيون ڏاريون ڪپڻ ـ وڍين ۽ ڪلهين تان مان گاهه چالڪڻ (مال جي چاري لاءِ).

● ڪوپ ۽ ڪوپ : ذ. (سن. ڪُنْپ. انگ. ڪَپ = پيالو). ڇانهه پيڻ جي ڪم ايندڙ ڪن سان لڏيو چيني يا ڪاڪر جو پيالو ـ (انگ) ڪپ. قهر ـ غضب ـ ظلم ـ الرٽ ـ ڪاور ـ ويل ـ عتاب ـ زبردستي ـ ڏاڏائي ـ الڏير ـ بغداد ـ اوچتي مصيبت ـ آفت ـ سختي. غصو ـ ڪروڌ ـ ڪاوڙ ـ جوش ـ جذبو ـ خشم ـ جُڪ ـ چنو ـ چتائي ـ چوپ. ظلم جو اڏو. ميڙ ـ ميڙاڪو ـ گوڙ ـ مجموعو ـ هُل ـ هنبس ـ ڪچر ـ مالڏاڻو (ل). ڪوهه (ت) ڪل جو هڪ قسم (پيلا). (اسر خاص). تعلقي فيض گنج (رياست خيرپور) ۾ هڪ ديهه جو نالو.

ـ ڪوپائيمانِ ؛ ڪاوڙيل ـ غصي ـ رنج.

ـ ڪوپ ٿيڻ : ڪاوڙجڻ ـ ناراض ٿيڻ ـ ڏمرجڻ ـ جوش ۾ اچڻ ـ غضب ۾ پرجي وڃڻ.

ـ ڪوپُ ٻَوَڻُ ؛ مشڪلات ۾ ٻوڙ ـ هرجو ٻوڙ ـ چٽي ٻوڙ (ت).

ـ ڪوپُ ڪَيڻُ ؛ مرضي موجب ڪم ڪرڻ ڪان سواءِ له وڃڻ ـ ڪالهه پڌي وهڻ ـ ڪروڙ ڪيڏي وهڻ.

ـ ڪوپُ ڪنهه ي دِهَڻُ ؛ مجبور ڪرڻ ـ ڪروڙ ڪيڏي وهڻ.

ـ ڪوپُ ڪرڻ. ڪاوڙ ڪرڻ.

ـ ڪوپُ ڪوڙڻ ؛ ظلم ڪرڻ.

ـ ڪوپيمانُ ۽ ڪوپيمانُ ؛ ذ. صفت. ڪوپ ـ ڪاوڙيل ـ ناراض ـ ڏمريل ـ غصي ـ رنج ـ وڏوڏو

● ڪوپاس (ڪ): ڪاري جي وڏي ٻيڙي (وان) کي هلائڻ لاءِ طرفن ۽ لنگرن جي رهنمائي ڪندڙ هڪ اوزار ـ ديرو ـ قطب نما.

● ڪوپَرُ ۽ ڪوپَرَ (ت) ؛ ذ. ڪوپري ـ ڪيپرائي ـ ڪوپري ـ ڪيپرائي ـ ٽيڻ.

● ڪوپَرو ؛ ذ. ڏاتو جو هڪ قسم.

● ڪوپرو ۽ ڪوپرَا : ذ. (سن. ڪَرْپَرٌ = سُڪل ناريل). سڪل ناريل ـ ڪوپرو ـ ناريل ـ ڏوڪڙي. ڪاٽي جي ڪم ايندڙ يا ٻڌي جي لاءِ تيل وجهڻ جي ڪم ايندڙ. ڪاري جي ڇيءَ جو هڪ قسم (ڏاند جهڙو، چلڻ سان، رنگ اڇو، ڏاڙهي ڦوٽ ڪان ڏيڍ ڦوٽ ڏاڙهي).

● ڪوپرِيُون ۽ ڪوپرِيُون ؛ ث. (سن. ڪَپال = ڪوپري). ڪوپري ـ ڪاپاڙ ـ مٿو ـ ڪيپرائي ـ ٽِڪي ـ ٽيپر ـ ڪنج ـ ڪيپرائي ـ مغز.

● ڪُوپو ۽ ڪوپَا ؛ ذ. صفت. (سن ڪُوپي). جوشيلو ـ غيرتمند. پهلوان ـ سورهيه ـ سُور و ٻرُ ـ نايڪ ـ ويرـ بهادر ـ جنگي جوان ـ جالنو ـ جوڌو ـ ڪوڌو ـ جوالمرد ـ پلوان ـ ٻلي ـ ويڙهو ـ غازي ـ پلياروـ دليرـ قوي ـ شيرمرد.

ـ ڪوپا ڪلبيُ ڪوڌ ٻَا ؛ ويڙهه جا شوقين ـ ويڙهو ـ جنگ جا شوقين جوڌا.

ـ ڪوپِيءُ (ت) ؛ ذ. صفت. ظالم ـ قهري ـ ظلمي ـ وڻل وَهائيندڙ.

● ڪُوپِيُن ۽ ڪُوپِيُنُون ؛ ث. فقيرن جي اوکهڙ ڍڪڻ لاءِ ڪپڙي جي سوڙهي پٽي ـ لانگوٽ ـ لانگوٽي ـ لنگوٽ ـ چوتو ـ ڪاچوٽي.

● ڪُوج ؛ ذ. ڪهيڙو ـ دلبو (ت).

● ڪُوجَرُ (ت): ذ. صفت. بزدل ـ ڊرپوڪ ـ ڪيڏي ـ ڊڄڻو ـ ڪم همت ـ بي همت. بخيل ـ ڪنجوس.

● ڪُوجهتَ ؛ ذ. گند ڪچرو ـ ٻُهر سُهر ـ ميڙ سيڙ.

Gurhayat Institute

● ڪوجهو ۽ ڪوجهڙ ذ. صفت. (سن. ڪُنڊ يڙ) بي ڍڱو - بدشڪل - بدذيبو - جهيلو بدصورت - روپ هين- ڪهڙ - ڪروپ - ڏوڙموڙ- بي شڪلو - خراب شڪل وارو - گول مول. خراب- ڍڱو - بد - ڪينو - گندو - گدلو - ميرو - ڪترين- گهٽ.

= ڪوجهائي ۽ ڪوجهائيون: ث. بدذيبائي- بي ڍڱو ائي عيب - گهٽائي - لانجهائي - وڏ- بدصورتي - بدشڪلائي - قباحت - ڪُب.

● ڪوڇ ۽ ذ. (سن. ڪوچ). لڙائي ۾ ڪن ڪان بچاءُ لاءِ جسم تي پهريل لوهي ڪڙتو - زرهه. گهوڙي جي هني اڳيان وڌيڪ ڇوٽيارو ڪاٺ جو ٻڌڻ (اڪثر هٿ وجهي چڙهڻ جي ڪم ايندڙ) - هني جو ٻُنبو (ت).

● ڪوچ ۽ ڪوچ ۽ ذ. (انگ. Coach). وهڻ لاءِ نرم گاديلي سان ڪرسي (جنهن ۾ اسپرنگ هوندا آهن) - صوفه - پيرٽو.

● ڪُوچ ۽ ڪُوچ ۽ ذ. (ف. ڪُوچ = روانگي). مسافري تي آسهڻ - روانگي. سنبت - تياري. مسافري - سفر. لاڏاڻو - چالاڻو - رحلت. طوفاني موسم ۾ لڏيءَ جو شور. آواز - هُل - گوڙ - غوغاءَ - ڪاوڙ - ڪجگوڙ (ک). ڪٽ. چُر چو ڪيسو (ت).

= ڪُوچ ڪرڻ: هلڻ - روانو ٿيڻ - آسهڻ - روانگي ڪرڻ - منزل ٿڻ - ڏاهو ڪٽڻ. مسافري ڪرڻ - سفر ڪرڻ سنبت ڪرڻ - تياري ڪرڻ. لاڏاڻو ڪرڻ - چالاڻو ڪرڻ - لڏڻ - رحلت ڪرڻ - لنگهي وڃڻ. موڙهو ٿي وهڻ (ڪ).

● ڪُوڇار ۽ اسم خاص. تعلقي ڇاتي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڪوڇاري: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

● ڪوڇپاڏارو ۽ ڪوڇپائڙ ارا ۽ ذ. صفت. بدصورت - بدشڪل - ڪوجهو. بڇڙو - بدذيبو.

● ڪُوڇپريا: اسم خاص. هڪ خالد بدوش قوم جو نالو.

● ڪُوڇڙ ۽ ڪُوڇڙ (ت): ذ. صفت. ڏڪ جو ڇوٽو - بندرو - ڍمڪو - ڍمني - ڍمڪڙو- ڍينبو - چنڪهو - رُکهني.

● ڪُوڇڙا ۽ اسم خاص. خالد بدوش قوم جو نالو. هندن جي هڪ ذات جو نالو (ک).

● ڪوڇڙيا ۽ اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو (سينسر ١٩٣١ع) (صفت). لنڊي ڏڪ وارا - پوربي (ت).

● ڪُوڇڪ ۽ ڪُوڇڪ ۽ ذ. صفت. لنڊو- ڇوٽو - صَغيرُ - آبهرُ (مالڪ). علم موسيقيءَ ۾ پارهون سر.

● ڪُوڇيلو: ذ. مالڻيءَ جو هڪ قسم (ت). وهڻ کي ڪارائڻ جي ڪم ايندڙ ڪاڙهنگ يا هنداڻي جي ڪل - چالهين جي ڪل (ت).

● ڪُوڇو ۽ ڪُوڇا ۽ ذ. (ف). گهٽي - گلي- گلي - ڪوهه. شهري سڙڪ - خاص واٽ. جهنگ- جهنگل - ٻيلو (ت).

= ڪوڇڪرُدُ: ذ. (ف). واٽ جي مٽي - رستي جي ڌڙ.

● ڪُوڇي ۽ ڪُوڇي ۽ ذ (سن. ڪُوڇ = ٻُرش) وارن جو ٿهيل برش.

● ڪوڇو ۽ ڪوڇا (ت) ۽ ذ (سن ڪوچر > گاهه جي چرڻ جي جاءِ. سن ۽ ڪَچْچ = گاهه). چانڻ وارن وٽن جو جهڳٽو وٽن ٽڻن ۽ گاهه وارو هنڌ - جانورن جي چرڻ لاءِ جهنگ - مال جي چارڻ لاءِ حدا هوڪيل زمين - ويڑهه - سائو جهنگ - چراگاهه. (ل). ڀن جبلن جي وچ وارو مفاصلو (ل). (صفت) گهنو ڪاڏيندڙ - ٻيتوڙي - هيڏي - ٻيڙي.

● ڪوداڙ ۽ اسم خاص. تعلقي ٽُل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڪودڻ: مصدر. اڇڻ - ٽپڻ - ٽپا ڏيڻ - ٽپ ڏيڻ - ڪَنڊڻ - چال ڏيڻ - ٽينگ ڏيڻ.

● ڪُوڍِ ۽ ڪُوڍِ ۽ ث. خراب مت - ڪَمَت - بي وقوفي - بي عقلائي - ڪم عقلي.

= ڪوڍُ ۽ ڪوڍَ ۽ ذ. صفت. (سن. ڪُنڊ = موڳو). ڪُنڊ - موڳو - بي عقل.

Gul Hayat Institute

● ڪوڏَ: اسم خاص. هڪ ذات جو ڪالو.

● ڪَوَڏَ (ل): ث حرص - سڏَ - مرضي - خواهش - چاهڻ - تمنا - دل - شوق - ذوق. خوشي - مرهائي - راحت - پَرسنتا - محبت - پيار. عيش - مزو. خوشبوء (صف). پهلوان - ٻلوانُ (حرف جر). لاءِ - واسطي - ڪاڻ.

● ڪوڏِ (ث): ث. سياڻي ۾ لنڊن چيلن کي پورڻ لاءِ زمين ۾ ڪوٽيل ڪڏَ (ظرف). خوشيءَ سان - مرضيءَ سان - پسنديءَ سان.

● ڪوڏَ ۽ ڪوڏَ: ذ. (سن. ڪپَرْدھ = ل خرمهره) سمنڊ جي جهت جو هڪ قسم (جي مرڻ کان پوءِ ڪوڏ ٿي سڏجي آهن). رنگ اڪثر اڇو ٿيندو اٿن - ڀائيءَ ۾ ٻيدا ٿيندڙ هڪ ساهه وارو ٻٽر). وڏي ڪوڏي. (سن. ڪُوڏ > ٻرا. ڪُدْ) خوشي - راحت - مرهائي - پرسنتا - موج. شوق ذوق چاهڻ - رُجي - مرضي - اڇا - تمنا - حرص - خواهش - سڏَ. لاڏ - هيج - ماڻو - ناز - لخرو - انگل. محبت - پيار - قربُ. (پرا. ڪوڏ > سن. گنْڌ = خوشبوء. (سن. گرّ = رکشا ڪرڻ) پهلوانُ.

- ڪوڏانُ: ڪوڏَ مان - لاڏ مان - چاهه مان - خوشيءَ مان.

- ڪوڏانُ: بنا مرضي - بغير خوشيءَ.

- ڪوڏائوُ: صفت. ڪُدَّ ڪري - خوشيءَ مان.

- ڪوڏائيتوُ ڪرَڻُ: چاڪلو ڪرڻ - لاڏ لو ڪرڻ - دادلو ڪرڻ - رِجالو ڪرڻ. خوشي وارو ڪرڻ. سَرهو ڪرڻ. خوش ڪرڻ.

- ڪوڏ ڪَهُورَ ۽ ڪوڏ ڪَهُورُنُ: ث. خوشي - جشن - هيجُ - مَنڊل - شادمالو - سُهڻَجُ - مَنگل آچار. شوق - ذوق - چاهڻ. لار لخرو - لاڏ ڪوڏ - ماڻو - انگلُ.

- ڪوڏي: خوش ٿي - راضي ٿي - سَرهو ٿي - خيالُ ٿي.

"ٻيا ٻهوت اڏاڻن ٻنگلا ڪاڻ ڪهڻا ڪوڏي" (ڪبر شاهه).

- ڪوڏ بَرُ ۽ ڪوڏِ بَرَ: ڏ. صفت. عياشُ - عيشي جهڙو.

● ڪوڏارَ ۽ ڪوڏارونُ: ث. (سن ڪُدال > ڪُدارَ = ڪوڏر) زمين وغيره کوٽڻ لاءِ ڪاٺ جي ڪَنَ سان هڪ لوهه جو اوزار - ڪوڏَرَ - ڪوڏاري - ٻاهوڙو.

- ڪوڏاريُ: اسم. ڪوڏَرَ - ڪاڏار.

- ڪَوَڏارِيوُ ۽ ڪَوَڏارِيا: ڏ. ڪوڏر وارو - ڪاڏر سان ڪم ڪندڙ. ڪاڻي ڪٽندڙ - ڪوٽائي ڪندڙ - ڪامڙيو.

● ڪوڏاروُ ۽ ڪوڏاءَ (ت): ذ. واڌن جو ڪاٺ جي گولائي وڻ لاءِ هڪ قسم جو اوزار - ڪاٺ مان ٺاهيل پارن جي راندڪي جو هڪ قسم.

● ڪوڏارِيوُ: اسم خاص. تعلقي گولي ۾ هڪ ديهه جو ڪالو.

● ڪوڏائنُ: مصدر. (سن. ڪوُدْ > پرا. ڪُدْ) لنڊڙي پار کي راند ڪرائڻ لاءِ هيٺ مٽي ڪرڻ - اڇائن ٽپائن - ڪوڏ ڪرائڻ و ڏرائڻ - راند ڪرائڻ شغل ڪرائڻ. ساراهه ڪرڻ - ٽهڪي ڪرڻ واکاڻ ڪرڻ - ساراهڻ - واکاڻڻ - تعريف ڪرڻ - وڏائي ڪرڻ - ٿا گهڻ (ت). هري هري ڪاڻ - داڻو داڻو ڪري ڪاڻ چونگارڻ. گهڻ (ت). لاڏ ڪرڻ - سالو ڪرڻ - نازلخرو ڪ ڻ - چاڪ ڪرڻ - انگل آرو ڪرڻ.

● ڪوڏ ر ۽ ڪوڏَروُنُ: ث (سن ڪُدال > ڪُدارَ = ڪوڏر). زمين کوٽڻ جي ڪم ايندڙ ڪاٺ جي ڪَنَ سان هڪ لوهه جو اوزار - ڪوڏار - ڪوڏاري - ڪوڏارو. (سن. ڪوڏرو) جهنگلي ڏٻ جو هڪ قسم.

- ڪوڏ رُ هٿَڙُ: سڌ - پورهيو ڪرڻ - محنت ڪرڻ - گهٽو ڪم ڪرڻ - تڪليف وڻڻ - جفاڪشي ڪرڻ - جان ماريءَ جو ڪم ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

- ڪوڏريو ۽ ڪوڏريا: ذ. ڪوڏروارو- ڪوڏر هٿندڙ. ڪامڙيو. محنتي- جفاڪش- پورهيت.

● ڪوڏڙي ۽ ڪوڏڙيون: ث. جوئر جو هڪ قسم (ان اڇو ۽ داڻو ڇٽرو). (ت). ٽري پرت جو هڪ قسم. لنڊي ڪوڏي.

● ڪوڏلائي: اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو مالو. (هندن جي تاريخ ص ١٨٠). تعلقي رتي ديري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● ڪوڏن ۽ ڪوڏن: ذ. صفت. شوقين.

● ڪوڏو ۽ ڪوڏا: ذ. (سن. ڪپرد = ڪوڏي سمنڊ جي هڪ پيدائش- وڏي ڪوڏي- سيپيڙو- ڪوڏ.

- ڪوڏو وڏو ۽ ڪودا وڏا: ذ. ڪوڏين جي قسم مان وڏي ۾ وڏي ڪوڏي (هن کي سنگ جراح سان گڏي ماري ڪائجي ته ڪنهن سلهه قڻن ۾ آلڊن جي قڻن کي فائدو ڪري).

● ڪوڏي ۽ ڪوڏيون: ث. (-ن. ڪاڪيٽي> ڪنپرد. ف. فرهنگ = ڪوڏي). سمنڊ يا درياء جي پيدائش جيت جو هڪ قسم- لنڊو ڪوڏ. آڪاڻي وقت جو هڪ ننڍو سکو- د سڙي- ڪوڙي. مينهن جو هڪ قسم- هڪڙي ڪنڊي مينهن (ت). ڀرپون پيٽ و پايل وهت- ڀرپائت (ت). پاڻاري جي ڪرهي مٿان لڳل ڪلي (ت). پاڻاريء جو وچ وارو حصو (ت) پاڻاريء جي مٿين ڪاليء تي سهڻائيء خاطر لڳل ڏڪندو ڪاليء جو ٽڪر (ت). والد جو هڪ قسم- ڪبدي راند- وٺ ڪبل يا وڏ ڪبل والد. ڪتي جو هڪ پيار وارو نالو (ت).

- ڪوڏيء چٽ: ڪوڏيء کي چٽيندڙ- نشان ا. ڪسائيندڙ- لشالہ بازٔ- چيٽو- تيلو- توڙچي (ت).

- ڪوڏي چٽ هٿن: بخيل هٿن- ڪنجوس هٿ.

- ڪوڏير ۽ ڪوڏر: ذ. ڪوڏا يا ڪوڏيا يا ڪوڏيون وڪيندڙ. ڪوڏين سان جڙيل ڪپڙو- ڪوڏين سان جڙيل زيور يا ڪوڏين جو ٺهيل زيور.

- ڪوڏي سچي ۽ ڪوڏ يون سچيون: ث. دوائن ۾ ڪم ايندڙ ڪوڏيء جو هڪ قسم- سچلي ڪوڏي.

- ڪوڏيء کان هيرو وڪٽن: خسيس ڪم لاء ٻهنجي عزت وڃائڻ- ٿوري لفعي جي لالچ ۾ وڏي ۾ وڏو نقصان ڪري وهڻ.

- ڪوڏي ڪوڙي ۽ ڪوڏيون ڪوڙيون: ث. ڪوڏيء جو هڪ قسم.

- ڪوڏيء سان ڪرڻ: بي عزتو ڪرڻ- عزت وڃائڻ- بي مالو ڪرڻ- ذليل ڪرڻ.

- ڪوڏيء سلهه ٿيهن: بي مالو ٿيڻ- بي عزت ٿيڻ- ذليل ٿيڻ- رسوا ٿيڻ- هڪڙي ٽڪي جو ٿيڻ.

- ڪوڏي سلهه ٻوڙن: بي مالو ٿيڻ- ڪوڏيء سلهه ٿيڻ.

- ڪوڏيٹر ۽ ڪوڏيٹرو: ذ. ڪوڏين وارو- ڪوڏيارو- ڪوڏيٹرو.

- ڪوڏيٹرو ۽ ڪوڏيٹرا: ذ. صفت. ڪوڏيٹر.

● ڪوڏياري بتلا: اسم خاص. بلا جو هڪ قسم (جا اڪثر ٿر ملڪ ۾ ٿئي).

● ڪوڏي والد ۽ ڪوڏي والدون: ث. والد جو هڪ قسم- وٺ ڪبل- وڏ ڪبل والد.

● ڪوڏيء والد ۽ ڪوڏيء والديون: ث. ڪوڏين جي والد.

● ڪوڏير ۽ ڪوڏيرو: ذ. صفت. ڪاڻي ڪندڙ- ڪوڏر هٿندڙ- ڪاميو- ڪاڻير- مزور.

● ڪوڏي ڪوڏي: ث. هڪ والد جو نالو- ڪبدي والد.

